عشق جو آواز

حُسين بن منصور حلاج ـــ سُرود

جميله هاشمي

لطيف اياز 'ابن حيات' پنهور

عشق جو آواز

حُسين بن منصور حلاج ـــــــ سُرود

جميل هاشمي

لطيف اياز "ابن حيات" پنهنور

سنڌ دوست پبلشرز
ڪراچي
2006ع



ڪتاب جو نالو: عشق جو آواز (حُسين بن منصور حلاج - هڪ سرُود)
ليکڪ: جميلہ هاشمي
سنڌيڪار: لطيف اياز "ابن حيات" پنهنور

ڇاپو پهريون: 2006ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
ڇپرائيندڙ: سنڌ دوست پبلشرز، ڪراچي، سنڌ

ISHQ JO AWAZ

by: **Jamila Hashmi**
Transleted by: **Latif Ayaz "Iben-e-Hayat" Panhwer**

Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Published by: Sindh Dost Publication, Karachi, Sindh
First Edition 2006

اسٽاڪسٽ

شاهہ لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد + سچل بوڪ سينٽر، ممتاز مارڪيٽ - حيدرآباد
پيٽائي ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتو - حيدرآباد + سڪندري بڪ ڊيپو - ڪپرو
ڪانياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي + رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعہ سينٽر - لاڙڪاڻو + نيشنل بڪ ڊيپو، بندر روڊ - لاڙڪاڻو
نوراني بڪ ڊيپو، بندر روڊ - لاڙڪاڻو + سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ - دادو
جنيد بوڪ ڊيپو - دادو + شاهہ لطيف ڪتاب گهر، ميهڙ + مرچو لال بوڪ ڊيپو - بدين
رحيم بڪ ڊيپو، بدين + عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر + الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز - سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس + تهذيب نيوز ايجنسي، پنج گل چوڪ - خيرپور ميرس
قاسميہ لائبريري - ڪنڊيارو + اشرف بڪ اسٽال، نوابشاهہ + مڪتبہ عزيزيہ، کهڙا
محمد يوسف ميمڻ نيوز پيپر ايجنٽ، مورو

انتساب

رگ ويد جي پُرش ديوتا ۽ يوناني پرروميٿيئس جهڙي ڪردار ۽

پنهنجي پياري پيءُ يار محمد ابنِ حيات پنهنور

جي هنن سٽن جي نانءُ:

"ڇاڪ جيسين نہ ٿيو آ، پردهءِ ماضي حجاب،
زندگيءِ اِنسان لئہ تيسين، هوندي مسلسل هڪ عذاب!

مترجم پاران

اندر جي اڪيلائيءَ منجهان هميشگيءَ سان هم آغوش صدا جو، زمانن کان هڪ سچ ۾ پاڇا ٻٽيل جواب: 'هُوند' هوندي ۾ لاحاصل! عالمِ حيات جون جبلتون اُڪُتِ زمانن جي متجڻ جو ئي نتيجو آهن- مَتجڻُ يا تبديل، زمانن جِي، جيوت جي ڪثير العَنوائيءَ جو ڪارڻ! انساني عالم ۾ هُن "ڪليمِ بي تجليءَ" مُونن ۾ مُنهن وڌو آهي، ڇاڪاڻ ته سندس مُونا نيٺ صدين جي سَتَ ۽ ساڃاهه سان طُورِسينا ٽيٽا آهن. انسانيت مائل فڪر جي پوئوارَ لينن چيو هو، "اسين [اِن معاملي ۾] اڃان ۾ هزار سال پوئتي آهيون."

سماجي ارتقا جي ابتدا کان هيل تائين جو سمورو انساني تهذيبي سَفر، جيتوڻيڪ، اڪثر تصوريت مائل هوندي ۾، اِها انسان جي جاوِدان جياپي جي اِڇا، جذبو، اُمنگ يا خواهش ئي آهي جا اِن راهه ۾ پاڻُ سَنياليو بيٺي آهي ۽ي صورت ۾ ته:

"سيني روشنين کي اُجهامڻو آهي - ها سيني کي!
۽ هر چرندڙ جي مٿان
هڪ زبردست طوفان جي طفيل
هڪ پردو پوڻو آهي
جيڪو دراصل ۾ گز ڪفن جو ٽڪرو آهي
۽ پوءِ سڀ بي نُور ۽ وساڻل مُهاندن وارا فرشتا اُٿي ٿا پون،
۽ اِهو پڌرو ڪندي ورجائين ٿا ته:
هن ناٽڪ جو نالو آهي 'انسان جو الميو'
۽ هن الميي جو هيرو ۾ پاڻ انسانُ ئي آهي:
ها، اُهو ئي فتحمند جيوڙو."

ڪالهوڻي نفسياتي جهنگليپڻي جي 'ماورائي مونجهارن' منجهان پلئه پيل نفسياتي ڇيڊُ: سُوجهين جي نرواڻ، ۽ اِڇا اڳتي جي اوُجهڙ؟- هِن پڙدا پڙدا ڏُنڌ ۾ پنهنجي سُڃاڻ آڳاهِين ته "پورهئي ۽ پيار، علم ۽ عمل جي آهنگ جي سراڻ مان ساڃاهجي، نفيءَ کي

ڇت لائي، هُو "ممنوع" (شجر الممنوع) منجهان ئي سرخروئي ماڻي ٿو! ۽ ان سڄي رُخ نما ڪٿا جي دلفريب تاڃي پيٽي جِي ڳُت ۾، تخليقي عملَ ۽ سنڌس اصل (Origin) جو ڇيڌ. جيتوڻيڪ 'بندي' جي منورتيءَ لاءِ مايا جو تصور اڄ به اَجهل ۽ اَمِٽ آهي، پر پوءِ به 2000ع جو نئون جهان، نَوان قدر، چاڪيءَ ڏاند فهم جي چڪر ڌارا مان نڪتل، اڪيين ڪوپا لتلَ فڪر اِها پرولڙ ٿو ڏي ته:

"توٽي جو ڏُک،
رڙ ڪري چوي ٿو:
"ائين ئي هلندو رهه!"
پر لذت حيات، تمنا ٿي ڪري -
اهڙي لافانيت جِي،
جنهن ۾ اَڻ مَٽي گهرائپ ۽
اَتل شدت آهي."

ماضيءَ جي ڏُنڌلڪي منجهان فرائڊ جي رڙ: "انساني دماغ سيڪجهه آهي!"- انساني دماغ، سُوجهين جي حاصلات جو مرڪز، شعور جو مرڪز، ۽ ان مرڪزيت جو سرچشمو: شجر حيات- جيڪو خواهش يا اُمنگ (Spirit) جي صورت ۾ زندگيءَ جي عمل کي جاوِدان رکڻ لاءِ: "جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، وڏا وَسُ ڪيام..." کان وٺي ساهه کڻڻ جي خود رو ۽ اَجهل عمل تائين جاري آهي- اِها خواهش يا اُمنگ ئي آهي - جيڪا، جڏهن پنهنجي وِجدانَ تي پڄي ٿي ته ان مقام تي طالبُ مطلوبُ، وصلُ هجرَ، هر شيءَ نيست ٿيو وڃي ۽ محبت جو معراج خود مُحب کي "لاشخص" بڻايو ڇڏي!- اِهائي آگاهي ماڻيندي لطيف ائين چيو هو:

نڪي ڄائو ڄام ڪيَ، نڪي ڄام وياءُ،
'لم يلد ولم يولد'، اِيءُ نجابت نِياءُ،
ڪبرُ ڪبريا، تخت تماچيءَ ڄام جو!

زندگيءَ جي تسلسل لاءِ، مقام مقصود جو اِهو احساس ئي نئين تخليق آهي - جنهن جي ابتدا ازلي مسرت سان ٿئي ٿي ۽ مسرت جي ان مقام تي، طالب مطلوب ۽ وصل ۽ هجر جي دوئي، خودشناسيءَ ۽ خود سپردگيءَ کان ٿيندي خدا شناسيءَ تائين پُرمسرت ڪيف سامهون ناس ٿيو وڃي-

زرتشت مَتَ جو "وِجود اوّل" پنهنجي "هئڻ" جي اِظهار جي تسڪين بعد: "ڪو ٻيو به هجي!" جي خواهش اظهاري ٿو، ۽ سِڪ وچان ٻاڻ ئي شَڪُ (به اَڌ) ٿيو پوي: بجاءِ پيار

جهڙي ڀاڻ اربيندڙ سگهاري فهم کي کنهن ٻئي شخصي يا انساني ڪردار جي استحصال لاءِ وقف ڪرڻ جي- جيئن رگ ويد جو مشهور ڀڄن "پرش شڪتا" (انساني سگهه جو گيت) ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته هيءَ ڪائنات "پُرش" نالي هڪ ديوتا جي جسم مان پيدا ٿي آهي، جنهن کي علم ۽ هنر جون ڳالهيون عام ڪرڻ جي ڏوهه ۾، جيڪي ٻين ديوتائن جي مفاد خلاف ته ڇا پر ڪين سندن ديوتائي برادريءَ خلاف موت جو پيغام ڏيندڙ عمل هئا، نتيجي طور سڄي ديوتائي برادري ڪيس ماري ڇڏڻ تي ئي متفق ٿي- جيئن ته "هاٿي جيئرو ته لک جو، مئو ته سوا لک جو!" سو هنن ڌرتيءَ جي ناخدائن "پُرش" کي قربان ڪري، سندس جسم کي ٽڪر ٽڪر ڪري، نهايت ئي حرفت سان "طبقاتي سماج" جوڙي ورتو. يعني انساني ٻَڌيءَ ۽ پيار، پورهئي ۽ علم کي ورهائڻ لاءِ "پُرش" کي ورهائي گويا انساني سماج جي مجموعي روپ کي وان- وکر ڪري ڇڏيو. اڳتي هلي ان ساري مت پيد کي جاري رکڻ لاءِ ٻين مذهبن وري "پرش" جي پاسراٽي تي ئي اڪتفا ڪندي هڪ بنيادي جنسي سَنڌو وِڌو، ۽ ان کي "بيئنل سماجي اخلاقيات" جي ڪوٽ ۾ قيد ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت، دنيا جي اڌ ڪان مٿيري (مَونث (مادي عوامي) سگهه، سِطحي اخلاق ۽ ثقافت جي سنگهرن ۾ واڙي وئي.

ان صورتحال جي اُبتڙ، شاهه جو مٿيون بيت ته: "...ايءَ نجابت نياءُ...!" انصاف جي هامِ يا هوڪو، باضمير سِڪ ۽ ڇڪ جي اَجهل سِرَ گهورَ جي ڪيفيت يا حالت ئي اُها سبيلُ آهي، جيڪا اُن ڪبريائي ڪِبرَ جي مقام تي پنهنجن پِٺُون ٿيل پيرن تي، مَرڪندي اَڏول ٿي بيهڻ تي، منش (ماڻهوءَ) کي "لعنتي" مان "لالُ" ڪيو ڇڏي. هستيءَ جي نيستيءَ ڏانهن، ۽ نيستيءَ جي هستيءَ ڏانهن تڪميل سان لاڳاپيل اِها سِڪ، اِها ڇڪ، جنون يا وَجدانُ، ڀاڻ مان "ڀاڻ" ڪيدي خود فنائي جي وَر چڙهندي، فَقطَ ۽ فَقط مقصديت کي مدنظر رکندي ئي ماڻهو تخليقي الوهيت يا آفاقيت جي مقام جِي رسائي ماڻي سگهي ٿو:

"پهريون پهريون
لفظ خدا جو:
"ڪُن فيڪون!"
شاعر، موسيقار، مصور-
سڀ ۾ ساڳيو
جوش جنون!
"ڪُن فيڪون!"
"ڪُن فيڪون!"

لطيف، حياتيءَ جي پيچاڙڪن پلن ۾، تي ڏينهن بند ڪمري جي اڪيلائين ۾ سازن جي "پاٽمراديءَ وڄت" واري لوڪ روايت جي آڙ ۾، جهان ڪان جسماني طور ڪهڙيءَ ريت جدا ٿيو هوندو؟- ها، "رڳون ٿين رباب، وڄن ويلَ سڀ ڪنهن..." واري سِٽَ ۾ وجوديت ۽ اُن جي مقصديت سان نباهہ لاءِ سِڪُ ۽ ڇڪُ جي ڪائي مامَ آهي، جنهن سنڌ جي هڪ روحَ (Spirit) ڪان سرَ تي ساهہ ڏياريو هو:

ڪِنين ڪِنين ماڙهين، پيئي ڪَلَ ڪائي،
رَسيا جي رَمزَ ڪي، تن پارِسي پائي،
"اَلاِنسَانُ سِرَي وَاَنَا سِدّر"، وَرتي اِيءَ وائي،
راجا راڳائي، هَرِ دوئي هيڪُ ٿيا.

هِيءَ اسان جو اياز ڇا پيو چوي؟:

"رب جو هانءَ ٿانءَ آ اُهو
پنهنجا ڳوڙها ڳڙي ڳڙي جنهن ۾
ٿا ڏين ڏيک چڻ تہ موتين جو!"

۽ ازلي حُسن سان ڪُلهي - گَسَ ڪندڙ لطيف چيو:

جتي عرش نہ اُپُ ڪو، زمين ناهہ ذرو،
نہ ڪو چاڙهائو چَنڊَ جو، نہ ڪو سورج سَرو،
اُتي آديسين جو، لڳو دَنگہ دَرو،
پَري پيِنِ پَرو، ناٿُ ڏنائون نانهن ۾!

مختلف الهامي توڙي غير الهامي ڪتابن جي منظوم سٽاءَ تي غور ڪرڻ سان "لڳي ائين ٿو تہ شاعري ابدالآباد ڪان آهي هر مذهب ڪان اڳ ان جي پيڙهہ پئي آهي. هر پيغمبر ڪان اڳ شاعر پيدا ٿيا هئا ۽ نہ رڳي انسانذات پر سموري ڪائنات کي شاعري جي آغوش ۾ آٿي ڇڏيون هئائون." ۽ هيءَ تہ اچا بہ وڌيڪ هڪ بنهہ ۽ قطعي فڪري صداقت يري واجبيت آهي تہ:

ذات وڏي شئي ناهي،
سَچُ وڏي شئي آهي!
۽ جو سَچُ مَچائي
سو مَچُ وڏي شئي آهي!

جيتوڻيڪ، بياني تخليقي اثر انگيزيءَ جي حوالي سان، جديد فڪر پنهنجا پاسا سُبتڙ ڪندي، ائين ٿو چئي تہ:

"شاعري ابتدا آهي،
نثر انتها آهي،
بشرطيڪ، نثر پويان شاعريءَ وارو جذبو ڪارفرما هجي!"

حسين بن منصور حلاج پنهنجو پاڻ کي خدا کان ڌار سمجهيو تي يا نه. بهرحال هُوءَ خدا (يا خوديءَ جي تڪميل ذات کان توسيع ذات تائين) سان پيارُ ائين رکندو هو جيئن پتنگ جي اُڏمي (جذبي) جو، شمع جي پڙکي يا تاءُ (شعلي) سان ٿئي ٿو. "ڪلاسڪ زماني" جي دائمي حقيقت جو پڙدو، ڪنهن به جِهتَ کان، تيستائين نه کُلندو، جيستائين هُو اُن لهس، پرسوز اَهنج، سدا حيات آڳ، (جيڪا انڌيارن ۾ روشن ٿيندي آهي.) منجهان گذرڻ جو پاڻ اهتمام نه ڪري. بهرحال، هن اَننت رُح جا ڪيئي حيرتڪدا، هِن ہِن ٽنگين تي ڪڙي تي بيهندڙ "سماجي حيوان"، پنهنجي "ڪجھ ڄاڻي" وٺڻ جي تجسس ۾ اُن جي جنون ۾ چيري ڦاڙي، حقيقت جو جلوو پَسي، عمل جي اُن ڪمال جي ڪرشميسازيءَ ڪي پروڙي نه ورتو، پر پروڙڻ پڄاڻان به، پنهنجي ان سچي ساريءَ اَهليت ڪي مافوق الفطرت جي غير فطري غيبيت جي وِرِ چاڙهيندي، اَيامَن جي وڌندڙ ورثي کان ٿيڙ ڪائي، عدم (ڪجھ به نه) جي خيالي احساسن جي هٿ- ٺوڪيءَ اُپت مان پنهنجي نفسياتي تسڪين ڪندي، پُولارن ۾ پاڻ ڏوڪيندو، اڳتي ۽ نت اڳتي ڪاهيندوئي ٿو وڃي.

اُتراهين زامزيبي جي سياهه فام ماڻهن جي هيءَ لوڪ ڪٿا، عدم (ڪجھ به نه) کان اُن ازلي لاتعلقي کي وڌيڪ واضع طور تي ظاهر ٿي ڪري:

"ابتدا ۾ نيامبي ڪيتريون ئي شيون تخليق ڪيون - هن حيوان، آبي جانور ۽ پکي ناهيا - ان وقت هو پنهنجي زال "ناسي ليل" (Nasilele) سان گڏ زمين تي رهندو هو - نيامبي جي خلقيل مخلوقات منجهان هڪ مخلوقَ سمورين شين کان مختلف هئي. سندس نالو "ڪامونو" (Kamono) هو. نيامبي جيڪي تي ڪيو، ڪامونو اُنجي نقالي تي ڪئي. جڏهن نيامبي جهنگ ۾ ڪم تي ڪيو، ته ڪامونو به جهنگ ۾ ڪم تي ڪيو - جڏهن نيامبي لوهه کي باهه ۾ تي وڌو ته ڪامونو به لوهه کي باهه ۾ تي وڌو-

ڪجھ عرصي کان پوءِ نيامبي ڪامونو کان ڊڄڻ لڳو!

پوءِ هڪ ڏينهن ڪامونو لوهه باهه ۾ وڌو ۽ نيزو تيار ڪري نرآهو کي مارڻ لڳو. نيامبي ان حرڪت تي سخت ناراض ٿيو.

هن ڪامونو کي چيو، "اي انسان، تون بڇڙو ڪم ڪري رهيو آهين. اهي تنهنجا ڀائر آهن ڪين نه مار-"

نيامبي ڪامونو کي هڪ ٻيءَ سرزمين ڏانهن (سزا طور) ڏِڪاري ڪڍيو پر ڪجھ ئي دير کان پوءِ ڪامونو موٽي آيو. نيامبي رهڻ جي اجازت ۽ پوکيءَ لاءِ ڪيس هڪ باغ ڏنو. (انسان جو زراعت ڏانهن راغب ٿيڻ).

پوءِ، ٽيو ائين جو، رات جو مينهون ڪامونو جي باغ ۾ اچي پيون ته هن انهن کي نيزي سان هڪاليو، ڪي زمين تي ڪري پيون ۽ هن هڪ کي ماري وڌو - ڪجهه دير کان پوءِ ڪامونو جو ڪتو مري ويو، پوءِ سندس ڏاڏو پڇي پيو ۽ پوءِ سندس پار مري ويو. جڏهن ڪامونو اهو واقعو ٻڌائڻ لاءِ نيامبي وٽ ويو ته ڪيس پنهنجو پار، ڪتو ۽ پڳل ڏاڏو مليا.

پوءِ ڪامونو نيامبي کي چيو: "مون تي (علم جي) عطا ڪريو ته جيئن آئون پاڻ محفوظ رکي سگهان." پر نيامبي ڪيس انڪار ڪري ڇڏيو. ان بعد نيامبي پنهنجن ٻن مُشيرن سان مليو ۽ چيو: "اسين ڪيئن تا ڪامونو کي پري رکي سگهون جڏهن ته هو وڌيڪ بهتر ڄاڻي ٿو ته هتي اچڻ جو رستو ڪهڙو آهي؟"

ڪامونو کي پڇاڙڻ لاءِ نيامبي ڪيترائي حِيلا اختيار ڪيا. هن پاڻ کي ۽ پنهنجي درٻار کي دريا پار هڪ ٻيٽ ڏانهن منتقل ڪيو- پر، ڪامونو بانسن جو ٻيڙو تيار ڪري، نيامبي جي ٻيٽ تي وڃي لٿو. تڏهن نيامبي هڪ وڏو جبل ٺاهيو ۽ اُن جي چوٽيءَ تي رهڻ لاءِ هليو ويو- پوءِ به نيامبي انسانن کان آجپو ماڻي نه سگهيو ۽ ڪامونو وري به هن تائين رسڻ جو رستو ٺاهي ورتو. ان دوران انسانن جو تعداد وڌي رهيو هو ۽ زمين تي هر طرف پکڙجي رهيو هو.

آخرڪار نيامبي پکين کي ديوتا جي علائقي لتوما ڏانهن پنهنجي رهڻ لاءِ ڪنهن خاص (محفوظ) جڳهه جي ڳولا لاءِ موڪليو. پر پکي اهڙيءَ جڳهه ڳولڻ ۾ ناڪام ٿيا. نيامبي پوءِ غيبدان کان صلاح گهري. غيبدان چيو: "تنهنجي زندگي جو انحصار ڪوريئڙي تي آهي." ڪوريئڙو ويو ۽ آسمان ۾ نيامبي ۽ سندس درٻار لاءِ اقامت گاهه ڳوليائين. تڏهن غيبدان نيامبي کي مشورو ڏنو ته 'هو.ڪوريئڙي جون اکيون ڪڍي ڇڏي ته جيئن هو آسمان ڏانهن رسائيءَ جو رستو ٻيهر نه ڏسي سگهي' نيامبي ائين ئي ڪيو.

نيامبي جي آسمان ۾ غائب ٿي وڃڻ بعد ڪامونو ڪجهه ماڻهن کي گڏ ڪيو ۽ چيو: "اچو ته بلند بُرج جي تعمير ڪريون ۽ نيامبي تائين پهچون." انهن وڻ ڪيرايا ۽ هڪٻئي مٿان مينار ٺاهي آسمان ڏانهن بلند کان بلند تر ٿيندا رهيا، پر "وزن ايتريقدر گهڻو" هو جو مينار ڍهي پيو ۽ اهڙيءَ طرح ڪامونو وري ڪڏهن نيامبي تائين رسي نه سگهيو! پر هر صبح، جڏهن سج اڀرندو هو، ته ڪامونو اهو چوندي سندس استقبال ڪندو هو: "هتي آهي اسان جو بادشاهه! هُو ظاهر ٿي چڪو آهي!" ۽ سڀ ماڻهو جوش وچان تاڙيون وڄائيندي سندس استقبال ڪندا آهن- دشتِ سُوس جو سنڌيءَ ۾ ترجمو "سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ هوند وڏي اوج" پر، جميلا جي هن سرود پريبي ماورائي تخيل ۾ رڇيل حسين بن منصور جي، اسراريت جي بَحر ۾ غوطه زنيءَ ۽ ماورائيت جي بي انت لقاءَ جي پُرشدت رولاڪين جي "ان ڪن پل" ۾ رُلندي، "هِن ڪِن پَل" جي وِٽ جي عمر جا ڪيئي زمانا "رفتن دي رفتن دي" ڪندي ائين نڪري ويا، جيئن آڱرين جي وٿين منجهان ڪُرڪ واريءَ وِهي وڃي ۽ مِٽوئي ماڳ ۽ مَسڪن پُر مٽيءَ تي وڃن-

تصوريت (Idealism) جتي: مذهب جِي شعوري آفاقيت جو پيش خيمو بڻي، اتي ان انساني نفسيات جي سرابن، ۾ خيالَ جي موج در موج وسعت، ۽ گڏوگڏ اُن جي ماورائيِ تخيلَ جي اپت ڪئي. صوفي شاعرن، تصوراتي شِدتن (Imagery of Intensity) ۾ پيهي، خيالي عالَمَ جوڙيا، جيڪي سندن ڳُوڙهيءَ شاعراڻي اُڏام جا سبب بڻيا، جيئن سچل چيو:

"مين تے کوئي خيال آن، ملسان نال خيال!"

۽ لطيف سائين سماجي ارتقا جي ماضيءَ ۽ حال جي فڪري ۽ ارتقائي تضاد جو هڪ سچ ۾ پاڇائون ڀنو مفهوم ساڃاهيندي چيو:

پڙاڏو سوئي سڏ، وَرُ وائي جو جي لَهين،
هٿا اڳهم گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻَه ٿيا.

اهڙي طرح، انساني فڪري ارتقا جو سفرُ، تصوريت جي نفسياتي آتتن جي تاجي پيٽي سان پيچ اڙائيندي گذريو. ارڙهين صدي عيسوي، ماضيءَ جي فڪر جي سمورين ميڙين چوندين کي پنهنجي گرپُ ۾ تاتيندي، صدين جو سچ ساڃاهيو، ۽ اقبال ٻه چئي ڏنو:

تو کليم بے تجلي، تو مسيح بي صليب
نيست پيغمبر و ليکن دربغل دارد کتاب

هن طرح جي، لاحد جي، سِڪ چِڪ ۽ پيار جي اُن ازلي پڪارئي اُهو تحرڪ آندو، جيڪو زمانن جي جيوت جو ڪارڻ بڻيو- جوزف ڪيمبل موجب، فارسي شاعريءَ منجهان ان سوالُ تہ اُها ڪهڙي قوت آهي، جيڪا عزازيل کي هيل تائين جياريندي اچي؟- جو جوابُ اهو ٿو ملي تہ محبوب جي اُها چڙپ تہ: 'تري وڃ!' اُن هِڪ چڙپ جي ياد کيس جياريندي اچي-

رجن جي رڙ اوهان آڏو آهي جنهن ۾ حيات جي واهوندن جا ڪيئي واڇوڙا، هر لحظي، هر پل سهيڙيل آهن - ادب ۾ تخليقي حوالي سان، هِيءُ غنائيي (نثري سُرود) جي صنف آهي، جيڪا شعور جي وجدان جي ڪيفيت آهي- شعور، جڏهن پنهنجن سمورين سوز (يا سُور) - سامانين سان تخليق جي پاتارن ۾ پيهي ٿو- جڏهن پاڻ - ولوڙ جو ڪاتو اَڪَتُ ٿئي ٿو. تڏهن، دشت سُوس جهڙيون تخليقون سرجن ٿيون. تخليقي، فڪري توڙي تاريخي حوالي سان هيءَ هڪ گهڻ- پاسائون بحث آهي، جيڪو فڪر جي ماضيءَ جي ان ڪندر ڏانهن آياري پيو، جنهن جي سُنسانين ۽ زمانن جي هوائن جو گُدر پاڻ سان گڏ، انساني تهذيبي زوال ڪان آجپي لاءِ هڪ نهايت بين السطور (Between the lines) (سنڌي) صوفياڻي رمز پري نيندِ ڪنيو اچي ٿو، (پراڻي دنيا Classic Age ۽ جديد دنيا Age of the Reasons

وچ ۾ ڳانداپو) ڀي صورت ۾ ساڳيو ئي "جُسو جوڙيل مِٽيءَ جو مَنهين سامهون آهي:

"... الأهي مذاق!
هي ڪيڏا قذاق!! -
ٻُلا، جهوم!
گهوم چرخڙا گهوم!"

زندگي جي ڪينواس جي تخليقي تسلسل لئہ، حيات جي ڪاروان لاءِ هيءَ ورجاءُ ئي آهي- اک کول تہ سچو پنڌ ساڳيو: ڪِي مِتجي تہ پيو پر مَتجي نٿو!

روسو چيو هو: "جيستائين دماغ نہ مَتبا، دنيا نہ متجندي!-." روسو يان ياڪ 17هين صديءَ ۾ انساني فڪري تبديليءَ جو اهم تاريخساز جملو چيو ۽ 19هين صديءَ جي ائٽمي دريافت، جتي سڄي دنيا کي سَهيڙي ڪيس حيرت انگيز طور سَهل بڻائي وڌو، اُتي، اُن جي برعڪس، اُن منفي سوچ، تاريخي، جاگرافيائي ۽ سماجي رشتن (رَوين) سان هٿ چُراند ڪندي، انساني معاشري ۾ هڪ اَبترُ ٻَرڌوڪ مچائيندي ڪيس ائٽمي ۽ نيوڪلائي هٿيارن جي ڍير تي ويهاري ڇڏيو آهي- صديون ٿيون، پر گوتم وارو "پورڻ پرش" ۽ لطيف وارو "ڪامل انسانُ" (يا Perfect mass يعني: بهتر ڪان بهتر) محنت - مار توڙي هٿان پاڙيتو سائنسي (اشتهاري علم) سياسي توڙي سماجي منفيت جي وَرُچڙهي چڪو آهي: رڙن جون رولاڪيون... ايان آڳاهون... ايان آڳاهون! بس، هڪ پورو دم يا ڏڪاءُ! اُن گڏري ويل پراهينءَ پار تائين، اُن توڙ (خالمي) تائين، جا سماجي ارتقاء جي تاريخ جي پيٽ ۾ ويڙهي وئي هئي تہ جيئن اڪين تي چوڙ چڙهيلُ هجن- ۽ هڪ هوش ڏياريندڙ مدهوشيءَ، اهي چوڙ لاهي: نئين شعور ۽ نئين اُتساهہ سان! اُهو، جو ويڙهجي گڏريو، سو وري وَرائيندي- تڏهن، ها تڏهن، جڏهن جيءُ ملندا ۽ وحدت يا هيڪڙائيءَ جو ازلي فهم اُجاگر ٿيندو ۽ ماروائي پُورالائيءَ جا سمورا دَنگَ، تحقيق تہ، ازلي حقيقت جي تخليقي وسيلن جي آگاهيءَ تي ئي پورا ٿيندا. پيٽ ۽ اُن جي پاتار جا اُبتڙ ڪيل، راهہ وڃايل مامرا، مٽيرا ٿِي، انساني فطري قدرن جي مطابقت سان سُبتڙُ ماڳُ ماڻيندا. ۽ فطرت جا بي بها ۽ لاتعداد تخليقي وسيلا، اجتماعي شعور سان آهنگُ ڏاري، اُن جي تابع ٿي، هڪ نئون جهانُ جنميندا- ۽ اهوئي حق آهي تہ فطرت جي تخليقي سرچشمن تي بندُ ٻڌندڙ، هاڃيڪارن کي اهائي وڪوڙي وڃي جنهن تي چٽرون ٻڌن ٿا! تہ پوءِ لازم آهي تہ اڄ جتي اسان منصور جي الاهي عشق کي سندس لاءِ سماجي ڦهرناڪي (جيڪا درحقيقت سياسي هئي) سمجهيو ويٺا آهيون- تهذيبن تي مذهبي تغلبن جي ان فتني حضرت عمر ڪان فارس جي فتح بعد اهو جملو چورايو هو: "ڪاش! اسان ۽ فارس وچ ۾ باهہ جو پهاڙ هجي ها!

نڪي هُو اسان تائين رسي سگهن ها نہ ئي اسان سندس ڏانهن-" تہ، منصور بقول لطيف:

"الله اورانهون ڇڏي، پرانهان پنڌ پيا."

ٿورائتو آهيان مانائتي دوست غلام حسين جمالي (جنهن ترجمي جو مسودو نقل ڪيو) ۽ محمد سليم چنا ليڪچرر، پروفيسر نواب راهو ۽ عزت لائق سائين محمد حسن پنهور (لائبريرين) ڪوٽڙي ڪاليج جو، جيڪي مون لاءِ ڪي قدر احساساتي ريت ساٿ رهيا آهن - نہ رڳي پاڻ لاءِ، آخر ۾ اجتماعي فڪري راهہ جي هر پانڌيءَ لاءِ اَڻ ڪُٽ آسِيس جهڙي پياري سائين محمد ابراهيم جويي جي لاءِ لطيف جي هي سٽ ارپيان ٿو:

"لٽو اونداهو، جوڳي سنديءَ جوت سان."

رُحن جي هيءَ رڙ، نهايت پيارن دوستن ڪامريڊ لطيف لغاري، مرحوم فيض علي شاهہ "فيض"، مرحوم رضا شاهين بخاريءَ ۽ پياري سِڪو عرف سڪندر علي شاهہ جي نانءِ، انہ اني اُتساهہ جي انهيءَ عظمت آڏار منصوب ٿو ڪريان تہ شل خودشناسيءَ ۽ خدا شناسيءَ جي ہہ - مُنهائين ڏارا جي وَرُ چڙهيلُ هيءَ "غلامن جو پيڙو" انهن ڪنارن سان لڳي، جي پَسڻُ جو "پاڻ" تمنائي آهي!

لطيف اياز "ابنِ حيات" پنهنور
مارچ 2004ع
گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج،
ڪوٽڙي - سنڌ
E-mail: Latifayaz713@yahoo.com

مهاڳ

”دشتِ سُوس“ حسين بن منصور حلاج تي لکيل هيءُ غِنائيو (سرود) اردو ادب جي حوالي سان جميلا هاشمي جي تخليقي سگهه جو فني ۽ فڪري معراج آهي. نثر ۾ هيءَ نغمگي تخليق جي آسمان جي تارن تائين رَسَڻ ۽ سانُن بَرُميچي بيهڻَ برابر آهي. اعليٰ تخليقڪار جي اِهائي اُها تخليقي نشاني آهي، جا هڪ ڇُهاءَ سان اندر جي هر تار کي تڙپائي ٿي وجهي. هي غِنائيو ترجمي جي صورت ۾ سنڌي ادب ۾ فڪري اظهار ۽ فني حاصلات جو هڪ اُهو واڌارو آهي، جيڪو بجا طور فخر جو باعث ٿي سگهي ٿو ۽ ڪافي اهم ۽ لاڀائتي بحث جو موضوع بڻجي ٿو سگهي.

فرائيڊ چيو هو: ”انساني دماغ سڀ ڪجهه آهي!“ خالق جو تصور ۽ خالق ۽ خلق جو سوال به اُن ئي انساني دماغ جي قديم ڪارستاني ۽ اُن فڪر جي ساگر جي بيقرار موجن.جي ئي پيداوار آهي ۽ اُن بيقراريءَ منجهان ڇاپيل جنون ئي خالق سان خلق جي آشنائي ۽ حلول جهڙا غير معمولي ۽ حيرتناڪ سوال اپاريندي بني آدم لاءِ معرفت ۽ محويت جا لقاءَ ڪڙا ڪيا آهن.

انسان جي جسماني ۽ فڪري اوسر جا مختلف مرحلا ۽ دور فڪري ارتقا جي تاريخ لاءِ سنگِ ميل رهيا آهن جن وسيلي انسانُ لوڪ ڏاهپ (Folk wisdom) کان وٺي، جديد سائنسي علم (Moderen Scientific Knowledge) تائين جو عظيم سفر طئه ڪندي، اڄ ماضيءَ جي اسرارن ۽ حال جي مشاهدن جي ميڙي چونديءَ سميت ايڪويهين صديءَ جي چائنٺ تي پيرُ رکڻ وارو آهي- ۽ پڻ ”سياڻي“ جي سوال جو جواب به مزيد اُن سندس ذهني بلند پروازيءَ (Mental ascension) تي ئي منحصر آهي.

حسن بن منصور حلاجُ اِن ظاهري سفر ۽ باطني اڏام جون مڙيئي رُجون اُڪرندي (جيئن لطيف به چيو - ”لُڇان لاحد ۾، هادي لهان مَ حد...“) حياتيءَ ۾ ته دنيا جي دل ۾ آباد نه ٿي سگهيو، پر پنهنجيءَ انوکيءَ قربانيءَ پڄاڻان زمان ۽ مڪان جي ماورا کان به ماورا ٿي ويو.

زماني جي عاقلن ۽ ڪاملن جي جَهلُن، الرُن، ڏڪارُن ۽ معرفت جي بي ڪنار ۽ بيقرار بحر جي اجهل موجن حسين بن منصور کي سبئي اُتي پڇايو جو نيٺ شيخ الوقت جنيد بغدادي (سندس قلتنامي تي صحيح ڪرڻ سان) ڪان حڪمت ۽ ڪاملتا جو لبادو ڇڏائجي ويو. سنڌ جي انسان دوست ۽ محب وطن شاعر لطيف، سو وڏي واڪ چئي ڏنو - "همه منصور هزار، ڪُهي ڪُهندا ڪيترا!" ۽ ائين چئي حسن ۽ عشق جي هن فاني روح کي انساني دنيا لاءِ ازلي بقا جو جامو پهرائي ڇڏيائين.

هُن جو پورو نالو "ابو عبدالله الحسين بن منصور بن محمي البيضوي الحلاج" هو. روايت موجب "حلاج" نالو سندس ڪپهه جي غير معمولي مقدار تُنبَڻ ڪري ڏانهنس منسوب ٿيو. اهو وڏاءِ درحقيقت سندس والد جي نسبت سان آهي جيڪو ڪپهه تاڻڻ جو ڪم ڪندو هو. پاڻ تقريباً 47 ڪتابن جو مصنف به رهيو. تاريخ جي حوالي سان ڏسجي ته سرمد ۽ منصور جي ته گرفت ٿي پر بايزيد بسطامي ۽ شمس تبريزيءَ جي ڪا گرفت نه ٿي. ان مان ثابت ٿو ٿئي ته سرمد ۽ منصور وقت جي اقتداري سياست ۽ مذهب جي سياسي تَغَلُبَ ۽ تعَصُبَ جو شڪار ٿيا. منصور ته اڳ ئي چيو هو -

"مون کي ماري ڇڏيو، منهنجا بااعتبار ساٿيو!
جو منهنجو قتل ئي منهنجي زندگي آهي،
منهنجي موت ۾ ئي منهنجي حيات آهي،
۽ منهنجي حيات منهنجي موت ۾ آهي،
منهنجي عقيدي ۾ پنهنجي وجود کي مٽائي وجهڻ
اعليٰ تر ڪارنامن منجهان سڀ کان مٿانهون آهي
۽ پنهنجي صفت سان گڏ بقا ابتر گناهه آهي."

وقت جي مختلف مڪتبهء فڪر جي مذهبي عالمن طرفان منصور جي قتل جي فتوا تي دستخط ڪرڻ جي عمل جي عدم مقبوليت سان گڏ منصور جي قربانيءَ جي قدر و منزلت به اڄ تائين زمان ۽ مڪان جي حدبندين کان ماورا وسعتن ۾ جاري ۽ ساري آهي، جيئن فيض چيو:

«لائو تو قتل نامه میرا، میں بھی دیکھه لوں
کس کس کی مهر ہے سر محضر لگی ہوئی!»

۽ اياز چيو:

"سوريءَ تي منصورُ ڏسي جي روئيندين بہ تہ ڇا!
هاڻي سچ جو ساٿ نہ ڏيندين،
پڇتائيندين، پاڻ پيو لوئيندين بہ تہ ڇا!
جي گوندر ۾ گل ڪوماڻا، اوءِ اياڻا!
ساراَ انهن جي سوئيندين بہ تہ ڇا!
ويل اِها آهي واهرَ جي، بادل پير جي روز نہ ايندا،
پوءِ ايندين بہ تہ ڇا!
روئيندين بہ تہ ڇا!

محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد - سنڌ

23-3-1999

صَداي سازُ

مسجد جو اڱڻ نمازين سان ڀريل هو. منارن تان ٻُڌندڙ سج جا پڇاڙڪا ڪِرڻا لالاڻ مائل روشنيءَمان دونهاتيل نيري انڌياري ۾ مَتجي رهيا هئا. پيش اِمام پنهنجي جڳهه سنڀالڻ لاءِ پهرئين ڏاڪي تي قدم رکيا، وضو ڪَسُڻ مان پاڻيءَ وهڻ جا آواز اُٿيا. قافلي جو اڳواڻ اُن کي بيهارڻ جو حڪم ڏئي، سَفَرَ جا ساٿي ساڻ ڪري، وڏن محرابن ۽ اوچين ڇتين سان ڍڪيل ورانڊن ۾ داخل ٿيو. ماڻهو درود ۽ سلام ۾ مصروف هئا. اذان جي آواز جو جلال آسمانن ۽ زمينن تي اُڀريو. وڏن وڏن ايوانن، سرسبز ماڻرين ۽ باغن منجهه وچڙيل هِن وسنديءَ ۾ هي سڳند واسيل آواز هوا سان گڏوگڏ پَستين ۽ اوچاين تي مسلسل بلند ٿيو ۽ پکڙبو رهيو.

درويشن جو هڪ ٽولو پنهنجن گيڙُو رَتَن جُبن کي سنڀاليندي هٿن ۾ عماما جهليو، هڪ عجيب مستاني انداز سان هلندو، پنهنجن سينن منجهه سمايل نعرن جي اُٿلون کائيندڙ سمنڊ کي پنهنجي من ۾ سانڍيندو، ڀِر واري خانقاهه مان نڪري، نمازين جي صفن ۾ شامل ٿي ويو. هي اڳ - پوءِ جي آدابن کان بيخبر، پنهنجي ڪيف ۽ سُرور ۾ مدهوش عجيب ماڻهو هئا جو جڏهن سجدي لاءِ جُهڪيا ٿي ته اُٿڻ جو هوش نه هئن ۽ جڏهن اُٿيا ٿي ته امام جي آواز جي باوجود بيٺا ئي ٿي رهيا.

هي ماڻهو ڪهڙيءَ نماز ۾ مدهوش هئا؟

نمازي اندر ئي اندر ۾ تاءُ کائي رهيا هئا- جڏهن ڪين نماز جو ڪو هوش ئي نه هو ته جماعت ۾ ڇو شامل ٿيا هئا؟ اڄ تائين اهڙيءَ ڪنهن جماعت ڪڏهن ٻه نماز ۾ شرڪت نه ڪئي هئي جيڪا امام پويان پنهنجيءَ ئي نماز ۾ مشغول هجي. خانقاه ۾ هي ڪٿان ڪان آيا هئا؟

نماز ختم ٿي ته ڪجهه ماڻهو اکيون بچائيندا انهن درويشن کان بچي نڪتا ۽ ڪي سندن ڇوڏاري ويهي رهيا ته جيئن ئي هُو پنهنجي مدهوشيءَ منجهان نڪرن ته ڪائن پُڇي سگهن ته ٻاڌائڻ ۽ روئڻ جي اها ڪهڙي ڪيفيت هئي جيڪا سندن سجدن کي طويل ۽ قيام کي طويل تر ڪري رهي هئي؟ ۽ دعا مان سندن هٿ ڇاتين تي ٻڌل هئا. هُو ڪنڌ - نميل هئا ۽ جَهڪي ٿيندڙ روشنيءَ ۾ سندن مُنهن ڳوڙهن ڀِنل هئا. عجز نياز، آه زاريءَ سبب هيئنر ٻ سندن اندرَ ايڏا بي چين ۽ ايذايَل ڇو هئا- سندن مسلڪ ڇا هو- عبادتن جو ههڙو عاجزاڻو طريقو هُنن ڪٿان سکيو هو؟

نهايت عاجزيءَ سان، اُنهن منجهان هڪَ، جنهن جا ڪُلها نِميَلَ هئا، ٻين ڪان قَدَ ۾ ڪجهه متيرو ۽ ڳچي ڊگهي هيس، هٿن سان آسمان ڏانهن اِشارو ڪيو ۽ چيو:

”عشقُ هڪ ڪيتي آهي گلاب جي
اُن جا پيچرا ۽ ٻَنا اُنهن لاءِ آهن
جيڪي عاشقن جي قبيلي منجهان آهن
عشق جون نشانيون، عنايتون ۽ حوصلا
اُنهن لاءِ منزل آهن.
اُن جون سختيون ۽ وِڇوڙا، سرد مهريون ۽ عذاب
اُن جو اَڪت سوز ۽ درد
اُن جو شان ۽ تحفا آهن.
اُن ڪان سواءِ باقي سڀ منزل ڪان گمراهي آهي
جهالت، اڪيلائپ ۽ وحشت
۽ اڻنگي آوارگي:
عشق زندگيءَ جي ڪيتي آهي.“

قافلي جي سردار آقا رازيءَ، پنهنجي پرسان ويٺل هڪ ڪلاه پوش جو ڪُلهو لوڏيندي چيو: ”هيءُ منُ مَندي وِجهندڙ آواز مون هِن ڪان اڳ ڪڏهن نہ ٻڌو. ڇا ڪلام آهي ڇا ادائگي!!، ڇا گيت آهي ۽ ڇا اندر وِگهرائي وِجهندڙ ٻولَ!“ هُن ويٺي ويٺي پنهنجين ٻنهي سَٿرنُ تي زور سان هٿ هنيا:

”اُن ڪان سواءِ باقي سڀ منزل ڪان گمراهي...!“

درويش ڏانهس منهن ڪندي آهستگيءَ سان چيو: ”ها! ان ڪان سواءِ باقي سڀ منزل ڪان گمراهي!“ شعبان جي مهيني جون اُهي شروعاتي راتيون هيون. جَهڪي جَهڪي گرم هوا، تارن سان گڏ باغن جي خوشبوئن تي لهي آئي هئي ۽ آسمانُ درويشن جي صدائن تي ائين جُهڪيل هو جيئن نفس ڪان پاڪ، مُونن ۾ منهن وِڌل ڪو جُهور صوفي درويش!

قافلن جي لنگهه واري شاهراهه جيڪا خُتن ڪان دمشق ڏانهن ويندي، هِن وَسنديءَ وٽان لنگهندي هئي ۽ هيءَ مسجد جيڪا هِن ڳوٺ جي ٻچاڙڪي ڇيڙي تي اڏيل هئي، نارنگيءَ جي گلن جي واس سان واسيل ۽ سدا مسافرن سان آباد رهندي هئي. ڇاڪاڻ تہ هتي پاڻي جاري هو ۽ ذڪر جون محفلون رات جي هَر پَهَر ۾ متل رهنديون هيون ۽ اُن جي ڳچين ۾ پاتل ٽَلين جا آواز ۽ اوٺارن جي هونگارَ اَٿهي پئي ٻُڌبي هئي. ڪڏهن تيز، جڏهن منزل پرانهين ٿي ٿِي تہ ويندڙن جي وِکن کي تيزيءَ جي ضرورت ٿي محسوس ٿي ۽ ڪڏهن نهايت ڌيرج سان، جڏهن منزل جي ويجهڙ جو احساس بي خوديءَ ۾ بدلجي وڃي!

آقا رازي دمشق کان خُتن وڃي رهيو هو. وڻج- واپار جي سامان سان سَٽيل اُٺ مسجد کان ٻاهر تيار بيٺا هئا. سندس قافلي کي صبح تائين هلندي رهڻو هو ۽ اڳتي ڪٿي ڪنهن ڳوٺ ۾ سندن داٻو ٿيڻو هو. جڏهن اڄ جو سج اُنهن ڪنڌرن تي اڀرندو، جيڪي ڪيترن ئي تهذيبن جي آغاز ۽ انجام تي شاهدن جيان انسانيت جي عدالت ۾ حاضر بيٺل هئا ۽ نصيحت ڀريل عبرت جي تصديق ڪرڻ لاءِ ته ڪيترن بهتر ۽ ڪيترين بهترين نسلن جي دفن ٿيل رواجن، مذهبن، سلطنتن جي نشانن ۽ سِڄَت تي گواهي تي ڏني ته ”سيني جو سفر، ڏکن سکن ۽ سختين سهولتن باوجود به جاري ئي رهڻو آهي، انهيءَ خيال کان بي نياز ته دنيا ۾ ڪير آهي!“

پر قافلي جي سردار پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو، ٻاهر نڪري ساٿين کي چيائين ته هو ويجهي سراءِ ۾ قيام ڪن. اُٺن کي پاڻي ۽ خوراڪ ڏين، سامان لاهين ۽ سفر جو ٿڪ لاهڻ لاءِ پنهنجين چيلهن تي ٻڌل سَندرا کولي ڇڏين. مسافر حيران ٿيا پر هُو هڪ سنو ساٿي ۽ مهربان سردار هو. دانشمند، اَهنج يا سَهنج ۾ شريڪ ٿيڻ وارو، بنا سبب جي راهه ۾ اٽڪڻ وارو نه هو، منزلن کي بي سبب ڊيگهه ڏيڻ وارو ۽ راهه ۾ رهجي وڃڻ وارو به نه- قافلي وارن بنان ڪنهن سوال ڪئي، سراءِ ڏانهن رُخ ڪيو ۽ آقا رازيءَ اُن ذڪر ڀريءَ محفل ۾ جنهن کي هڪُ درويشُ پنهنجي پُرسوز ڳانڊاپي جي مَنڊ ۾ مَنڊيو ويٺو هو، ٻيهر شرڪت ڪئي. آهستي آهستي آواز بلند ٿيو ۽ آواز جي موسيقيت تيز ٿيڻ لڳي. مسجد جي اڱڻ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٽڙيل پکڙيل مسافر ۽ نمازي ڇٽڪ هِڪ اڻ ڏٺي ناتي ۾ ٻڌجي، حلقو ٺاهي ويهندا ويا.

”ان کان سواءِ باقي سڀ منزل کان گمراهي...!“

جڏهن هڪ درويش ماٺ تي ڪئي، ته ٻئي:

’جهالت، اڪيلائپ، وحشت ۽ اَڏنگي آوارگيءَ...!‘ جو ذڪر شروع تي ڪيو. اُهي پنهنجي چوڌاري ڳڏ ٿيندڙ مجمعي کان بي پرواهه، ڪنڌ نوايو، پنهنجو پاڻ ۾ ئي مَگن هئا ايستائين جو سانجهيءَ جي نماز جي مهل تي وئي. نمازي ربِ جَليل پاران هوش ڏياريندڙ صدا ٻڌي وضو خانن ڏانهن ڊوڙيا، درويش وري اِمام پويان پنهنجي نماز قائم ڪرڻ لاءِ خاموشيءَ سان ويهي رهيا.

رات جو آسمانُ چوڏ منجهان تارن سان جُنجهيل جهَڪيءَ چانڊوڪيءَ ۾ ڏوتل پوتل ۽ ڀيلاڻ مائل هو. تارن جي قطار ڪروڙين زمين کان به وڌن سيارن سان سينگاريل، پنهنجيءَ خاڪساريءَ ۽ انڪساريءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ روشن هڪ وڏيءَ ڏارا ڏانهن اُفق تااُفق پنهنجي غبار ۾ ڍَڪي چاٽون هٽندي وڌي رهي هئي ۽ وَسنديءَ کان پريان ڪليل ريگستانُ واريءَ جي وِڪريل ويڻدن ۾ ويڙهيل هو. قافلا لاڳيتا شاهراه تان لنگهي ماهه شعبان جي آباد رايتن جي رونق ۾ اضافو ڪري رهيا هئا.

جڏهن درويشن جي نماز ڊگهي ٿي وئي ته آقا رازي پنهنجو چوغو سنڀاليندي اُٿيو ۽ سراءِ ڏانهن روانو ٿيو. انهيءَ کان اڳ به هو ان سراءِ ۾ قيام ڪري چڪو هو. هڪ زردشت مُتّقي ان جو مالڪ هو. هو ڏي - وٺ جو ايماندار هو. ڪيس مسافرن جي آرام جو خاص خيال رهندو هو. جڏهن سُوس جي بيابان ڄون برف جهڙيون سرد هوائون پريشان ڪنديون هيون ته سراءِ ۾ رهندڙ مسافرن لاءِ هٿ - سيڪَ ۽ ڪمرن کي گرم ڪرڻ جي اهتمام ۾ ان سڄي سارسنڀار جو هو اضافي اگهه به وصول نه ڪندو هو. ماڻهو چوندا هئا ته آتش پرست متقي پنهنجي آخرت سنوارڻ لاءِ ائين ڪندو آهي. پر هُو اِنهن ڳالهين کان بي پرواهه لڳندو هو. شديد گرميءَ ۾ جڏهن سج پنهنجي بي پناهه تپش ۾ هوندو هو ته ٿڌي پاڻيءَ جو بندوبست به هُو اهڙيءَ ئي ذميواريءَ سان ڪندو هو. هن جي سراءِ ۾ هڪ پاسي ڪنان تار پريل ڍڪيل حوض ۽ ٻئي پاسي وهنجڻ لاءِ الڳ پاڻي جاري رهندو هو. سندس طبيعت ۾ انڪساري ۽ خدا جو خوف هو جنهن جو اعلان هو ڪڏهن نه ڪندو هو. هو مسافرن سان جيڪي چوُپايا گڏ هوندا هئا تن جي سارسنڀار رکڻ تائين جي ذميواري پڻ کڻندو هو. ان لاءِ مهمان سراءِ ۾ الڳ جڳهه تي چانوَ ڏيندڙ وڻن هينان ٻڌڻ ۽ سندن خوراڪ جو پڻ پورو پورو خيال رکندو هو. هو اُنن ۽ خچرن جي ننڍين وڏين بيمارين جو پڻ علاج ڪري سگهندو هو. قافلي وارن منجهان جيڪڏهن ڪنهن جي طبيعت خراب ٿي پوي ته پريشان ٿي پوندو هو. ڳوٺ ۾ هڪ ڏاهو حڪيم هو جيڪو گهڻو ڪري سفر تي هوندو هو. پر محمّيءَ ڪجهه دوائن جي نالن ۽ بيمارين جي علاج بابت ڪانئس ڄاڻ ورتي هئي ۽ جڏهن به ڪنهن جي ٿوري به طبيعت خراب ٿي ته هن پنهنجي حافظي کان ڪم ٿي ورتو. آقا رازيءَ سان سندس گهري دوستيءَ جو ته نه پر هڪ ماٺيڪي معاهدي جهڙو رشتو هو، جڏهن به قافلو هِتان لنگهندو ته سندس سراءِ ۾ قيام ضرور ڪندو هو. هيل به ائين ئي معمول مطابق ٿيو هو، پر جڏهن ته هيءُ هلندي رهڻ جو وقت هو، قافلي جي قائدي ۽ اصولن پٽاندر ڪين سفر جاري رکڻ کپندو هو.

جڏهن ماڻهوءَ وِندر لاءِ قصو گهڙيندڙ وٽ ويهي چُڪا ۽ قصي گهڙيندڙ پراڻن بادشاهن جي نالن سان قصي جي شروعات ڪئي ته آقا رازي وڃي محمّيءَ وٽ ويٺو. سندس اندر ۾ ڏاڍي بي چيني ۽ آنڌ مانڌ متل هئي. هُن هيل تائين ڏاڍا سفر ڪيا هئا. اصل ۾ هُو هميشه قافلن سان گڏ جبلن ۽ ريگستانن جا رڻ جهاڳيندو رهيو هو. تيز وهڪرن وارن دريائن سان گڏوگڏ جبلن جي اُتاهين تان ماترين تي لهندڙ اٽانگن پيچرن تان هُن ڏاڍيءَ مهارت سان سيپيئي سفر پار ڪيا هئا- اکيون ڪليل رکيون هئائين ۽ ڪنن تي رسندڙ هر آواز تي ڌيان ڏريو هئائين. همٿ ۽ دانائيءَ سان هن گهڻو ڪجهه ڏٺو، ڪيترين ئي اڻ ڇيل ڳالهيون ٻڌائين ۽ گهڻو ڪجهه سَنائين. ٻاروتڻ کان هيل تائين هُن زمانو ڏٺو هو،... ها، زمانو ڏٺو هو ۽ اُن جا لاها - چاڙها، ڦير - گهير ڏٺي هئائين. هُن نَون فرقن ۽ نون مذهبن جا عروج ۽

زوال ڏنا هئا. نوان مهدي، جيڪي هن ساري ماڻدان جي آخرت جي گواهي ڏيڻ لاءِ پنهنجي امامت جو اعلان ڪندا هئا ۽ پوءِ ماريا ويندا هئا. نوان نبي، جيڪي عجيب و غريب شريعتون نافذ ڪندا ۽ پوءِ تياسن تي تنگيا ويندا هئا. دنيا نَين تفتيشن ۽ تحقيقن ڪان ڪڏهن به وانجهي ناهي رهي. سودائين ۽ ديوانن جي دماغن ۾ پلجندڙ نت نوان طوفان سندن دلين کي بيقرار ڪندا ۽ آخرڪار کين موت ڏانهن ڌوڪيندا آهن ۽ پوءِ وقت جيڪو اَجهل، مسلسل ۽ شڪست ڏيڻ وارو آهي، ڪڏهن نہ تہ رُڪجي ۽ انهن وَسندين ۽ اُنهن ۾ رهڻ وارن مٿان لنگهيو وڃي تہ جيئن اُهو جو اڳ تي گذريو آهي سو وسارجي سگهجي ۽ زمين نَون فتنن جو نشانو بڻجندي رهي، نَين رحمتن لاءِ پنهنجو پاڻ تيار ڪندي رهي.

”آقا رازي، ڏاڍو اوچتو اوهان پنهنجي سفر کي ملتوي ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي. اوهان جي سنگت مون لاءِ سُهڻد آهي. جيڪڏهن دل ۾ نہ ڪيو تہ آئون ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ هن تاخير جو سبب ڇا آهي!“ محمي گلم جي ڪناري جي پيڻ تي ويهندي ادب وچان ڪنڌ نوائيندي پڇيو. آقا رازي ڪُليل دريءَ ڏانهن ڏسندي چيو: ”پياءِ محمّي، جيڪا شيءِ مون لاءِ حيرت ۽ دلچسپيءَ جو باعث آهي اُن تي شايد اوهان جي نگاهہ ناهي. شام مسجد ۾ ڪجھ اهڙن درويشن کي ڏٺم، جيڪي پنهنجي نماز ۾ وڏاءُ ڪن ٿا ۽ پنهنجين پُرسوز ڪيفيتن سان دلين کي بيقرار ڪن ٿا، سندن آواز ۾ بي پناهہ سوز آهي، پر هُو آهن ڪير؟ اهو ڄاڻڻ به بيحد ضروري آهي، ڪٿي هُو ڪنهن نئين فتني کي اُپاري تہ نہ رهيا آهن!“

محمّي کِليو، ڏهيل ڏهيل مزيدار کِل-

”آقا رازي بس ايترڙي ڳالهہ؟! آخر اوهان ڪهڙي شيءِ کان پوائتي آهيو؟ ڇا اِهو ضروري آهي تہ هر شخص جنهن جو رستو الڳ ۽ جنهن جي مناجاتن جو طريقو مختلف هجي، سو ڇا لازم آهي تہ ڪنهن فتني جو آغاز هجي- ۽ پوءِ اِهڙن بيقرارن جي وجودن جو ڪو نالو بہ تہ ٿي سگهي ٿو. پر جيستائين منهنجي ڄاڻ ۾ آهي تہ اِهي شخص هيءُ سڄو سيارو هِن ئي خانقاہ ۾ رهيا آهن.“

”ڇا هر نماز مهل سندن بي خوديءَ جو اِهو حال ٿيندو آهي؟“

”نہ. پر ڪڏهن ڪڏهن جڏهن اِهي گهڻي جوش ۾ هوندا آهن تہ مسجد ۾ ايندا آهن نہ تہ گهڻو ڪري خانقاہ ۾ ئي مراقبي ۾ مَگن هوندا آهن. سندن گروہ کي ڪڏهن خانقاہ کان ٻاهر نڪرندي ناهي ڏٺو ويو.“

آقا رازي گهڻيءَ دير تائين ماٺ رهيو، ڪجھ سوچيندي ۽ گهڻو ڪجھ ياد ڪندي!

”ڇا اوهان پسند فرمائيندؤ جيڪڏهن آئون مقدس ٻاهہ کان مدد گهران تہ هي گروہ ملڪ لاءِ ڀلارو ٿيندو يا منحوس؟“ محمي ڏاڍي اِنڪساريءَ وچان چيو: ”اسان جي سدا حيات آڳ، جيڪا ڪڏهن بہ اُجهامي نٿي سگهي- جنهن کي سچ جو ڪرڻو بہ ڇُهي نٿو سگهي!“

"ڇا مطلب، سچ جي ڇُھي نه سگھڻ جو؟!" آقا رازي پڇيو.

"ھيءُ آڳ انڌيارن ۾ روشن ٿيندي آھي. زندگيءَ جي جياپي جو اُھڃاڻ! بيقراري ۽ ھميشگيءَ سان ھم - آغوش! دنياداريءَ ۾ ھڪ جاءِ پناھ. دنيا کي پاڪ ڪندڙ ۽ سدائين رھندڙ آڪاس ڏانھن اِشارو ڪندڙ آڳر جيان اُٿندڙ - ڀلائيءَ جي خواھشمند. ڀلائيءَ جو حصو، جيڪو اضافي ۽ ناحق آھي تنھن کان ڇوٽڪارو ڏياريندڙ. پاڪ ڪرڻ واري!"

آقا رازيءَ ڪنڌ ڌوڻيو.

پوءِ ٻئي ڄڻا اندروني ڪمري ڏانھن وڌيا جيڪو ته - خانو ھو ۽ باھ جي پوڄا جو ڪم ڏيندو ھو. ٻرندڙ ٻُنڊ تي خوشبودار ڪاٺي رکي محميءَ ان کي ھوا ڏني ته باھ ڀڙڪو کاڌو. پوءِ ھُن ڪاري رنگ جا ڪجھ ڪَٺا اُن باھ ۾ وڌا جن ھڪدم باھ جھٽي ٿي ورتي. تڙخ تڙخ جي آواز سان ننڍڙا ڀڙڪا وڏي ٻنيٽ ۾ سمائجي ويا- صرف ھڪ ڪَٺو الڳ رھيو ۽ پري ھئڻ سبب مٿس باھ جو ڪو اثر نه ٿيو. محمي اکيون بند ڪيو ڪجھ دعائون پڙھي رھيو ھو:

"برڪت ڏي اسان کي ۽ ڪرِ سچ جي تپش ۽ برف جي ٿڌڪار ۾
اسان کي ھميشه پنھنجي سڌاري جي راھ تي ھلاءِ.
تنھنجي ٻاريل باھ ۽ تنھنجو دين، اسان جي رھنمائي ڪري!"

ڪاري ڪَٺي کي ھڪ پاسي پيل ڏسي محميءَ پنھنجو ڪنڌ وڌيڪ نِوايو. ھُو دل ئي دل ۾ نه ڄاڻ ڇا ڇئي رھيو ھو. آقا رازي دلچسپيءَ سان باھ جي روشنيءَ ۾ اِھو سڀ ڪجھ ڏسي رھيو ھو. ھيءَ عبادت جنھن کي ھن پنھنجي زندگيءَ جي ھيل تائين جي مشاھدن ۾ اڳ ڪڏھن نه ڏٺو ھو-

"آقا رازي!" محميءَ ڏانھس ڏسندي چيو، "ھيءَ باھ جنھن کي مون اوھان لاءِ روشن ڪيو ھو، مون لاءِ فتنا ۽ مصيبتون کٽي ايندي، اھرمزد منھنجي مدد ڪري ۽ مون کي پنھنجي پناھ ۾ رکي!"

"ڇا ڪا خاص ڳالھ آھي ياءُ محمي!" آقا رازي ڳڻتيءَ منجھان چيو.

"نه پريشانيءَ جي ڪا ڳالھ ناھي، جيڪي ٿيڻو ھوندو سو ٿي ئي رھندو. مقدس باھ جنھن ڪٺي کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آھي سو منھنجي ئي حصي ۾ ھوندو. منھنجي ئي رت جي امانت وارو مون کان باغي ٿيندو ۽ مون کان مُنھن ڦيريندو- نه ڄاڻ اڃا تاريڪيءَ ۾ ڇا مخفي آھي!؟" پوءِ پنھنجي پوئين پاسي واري دروازي کي بند ڪندي ھن چيو، "پر آقا رازي، اوھان لاءِ ڳڻتيءَ جوڳي ڪا ڳالھ ناھي، نه ملڪ لاءِ نه حڪومت لاءِ. منھنجي مقدس باھ ڪڏھن به غلط ناھي ڏسيندي ۽ منھنجي اڳڪٿي ڪڏھن غلط ناھي ثابت ٿيندي!"

ٻئي ڄڻا وري ڪِلم تي اچي ويٺا. ٻاھر ھوا ۽ ڊوڙ سبب رات ڏُڙاٽجي وئي ھئي ۽ دشتِ سُوس تي چئوطرف مٽيءَ ۽ واريءَ مليل گاڏڙ واس پکيڙي رھي ھئي.

"پر هيل کان اڳ آئون انهن درويشن سان چو نہ ملي سگهيو آهيان؟" آقا رازيءَ چيو، "ڇا اوهان وٽ هتي ڪڏهن اهڙين ناهي ٿيو جو عبادت جي نئينءَ وات جا طريقا رائج ٿيا هجن. ڪنهن ماڻهوءَ هام هڻندي دعوي ڪئي هجي تہ هُو بين سيني کان وڏيڪ ڄاڻو آهي؟"

"اسان وٽ مقرر مهل تي هڪ سوشيات (رهنما) ايندو جيڪو سڏي وات ڏسندي دنيا کي بدڪارين کان بچائيندو. هُو ڪن جي خيال موجب بهراموز هوندو، دنيا کي بچائڻ وارو. جڏهن بديءَ جون قوتون زورآور ٿي وينديون ۽ چوڌس اوندهہ ڦهلجي ويندي تڏهن اهرمزد ۽ اهرمن وچ ۾ جنگ ٿيندي ۽ يزدان کٽي ويندو. بدي ختم ٿيندي، شڪست کائيندي ۽ امن و امان جو دور شروع ٿيندو." "هڪ صورت ۾ تہ هُو امام مهدي هوندو. اسان جي مذهب جو امام مهديءَ يا سوشيات يا بهراموز، جيڪو تون کيس نالو ڏين." آقارازيءَ ڏاڍو پُراُميد ٿيندي چيو.

محميءَ قالين تي ويٺي ويٺي جُهڪي پنهنجن گوڏن کي ڇُهيو.

"ها آقا، سُوشيات جتي بہ هوندو پيدا ٿي چڪو هوندو. هاڻ دنيا بدڪاريءَ ۽ گنهگاريءَ سان ڀرجي چُڪي آهي."

هُو چپ ٿيو تہ آقا رازيءَ چيو: "آئون ٿورو خانقاهہ ڏانهن وڃي رهيو آهيان تہ جيئن درويشن سان ٻي ملاقات ٿي سگهي، ٿي سگهي ٿو تہ مون کي انهن بابت ڪا وڌيڪ ڄاڻ ملي سگهي. سڀاڻي پوئين پَهرَ اسان جو قافلو هتان کان اُسهندو، تيستائين لاءِ اُميد اٿم تہ سفر جا سڀ انتظام بہ پورا ٿي سگهندا."

محميءَ ڪنڌ نوائي هائوڪار ڪئي.

آقارازي عمامو پنهنجي مٿي تي رکيو ۽ وڏي رومال سان ٻُت ٻڌي، سراءِ کان ٻاهر نڪري ويو.

قافلن جي لهڻ واري سراءِ ۾ عجيب رونق هئي. داستان ٻڌائڻ وارو ڪو هڪ راوي تہ نہ هو: مختلف گروهہ هئا جن جون الڳ الڳ ڳالهيون هيون. اڱڻ ۾ ٻنن جا ٻڙلاءِ، ڪنوڻ جا ڪجڪا، وکريل واريءَ ۽ لُڙاٽيل چانڊوڪيءَ سبب عجيب طلسماتي سمو هو- پوءِ گهوڙن جي هڻڪار، اُٺن جي اوڳر ۽ ڪنڌ لڏڻ سان ٽَلين جا آواز. گڏهن جو پوئين پَهر هينگڻ ۽ شاهراهہ تي هلندڙ قافلن جي مسلسل حرڪت ۽ اڳتي وڌڻ جو احساس-

"تو ٻڌو آهي؟" عثمان بن عمر ليٽندي چيو، "اوپر واري مُورت ڍَهي پئي آهي."

"مُورت جو ڪهڙو ذڪر ڪنيو اٿئي؟" سندس ساٿيءَ ايئن ئي پڇيو.

"اسان کان پوءِ جيڪو قافلو اچي رهيو آهي، اُهو اولهہ کان اچي رهيو آهي ۽ سندن خيال موجب قاهره ۾ ابن سعد جي مسجد ۽ شهر وچ ۾ هڪ منارو آهي جنهن تي بہ مُورتيون نهيل هيون. هڪ جو رُخ اوڀر پاسي ۽ ٻئي جو رُخ اولهہ پاسي. اولهہ واري مورت اڳ ئي ڍَهي

ڇُڪي هئي ۽ انهيءَ ڪري اوپر اولهہ تي قبضو ڪيو هو. هاڻ اوپر واري مورت ڊني آهي ۽ اولهہ جا ماڻهو ان علائقي تي قابض ٿي ويندا. ڇون تا تہ اِهي قيامت جي ويجهڙ جا آثار آهن.“

”پلا قيامت جا آثار ڪڏهن ظاهر ناهن ٿيا!“ سندس ساٿيءَ وري ڇيو، ”۽ پيو تہ قيامت اُن وقت تائين اچي نہ ٿي سگهي جيستائين امام مهدي آسمان منجهان چاليهہ هزار فرشتن سميت زمين تي نتو لهي، ۽ دنيا کي بُرائي ۽ مدائيءَ کان پاڪ ڪري متس حڪومت نہ ٿو ڪري. تون آرام سان باقي رات گذار ۽ غمگين نہ ٿي يار جاني قيامت ۾ اجا گهڻي دير پئي آهي ۽ هونئن بہ جيستائين اسين سڀ پنهنجن پنهنجن ديسن تائين نٿا پهچون امام مهديءَ جو ظهور ٿي نہ ٿو سگهي.“ هُن ڪلندي ڳالهہ ختم ڪرڻ لاءِ چيو.

”ڇا تون زندگيءَ ۽ موت تي قادر آهين؟“ عثمان اُٺي ويهندي چيو.

”هڪ طرح تہ آهيون جو اُميدن تي هلندا ٿا رهون، انهي اُميد تي تہ موٽي پنهنجن وطنن واپس رسنداسين ۽ جن کي پويان ڇڏيو اٿئون تن سان پيهر ملنداسون- خدا ايترو مهربان تہ آهي جو اسان کي مسافت ۾ بي آسري موت تہ ڏيندو. اسان کي سندس مهربانيءَ منجهان نااُميد نہ ٿيڻ کپي.“

”تنهنجو فلسفو زندگي ۽ اُميد جو آهي پر ايڏيون خوش فهم ڳالهيون هميشه سچ ٿين سو لازم ناهي. ڇاڻين ٿو موت پنهنجو ڦتڪو ڪنيو ڳولا ۾ رهندو آهي ۽ جيئن تہ انڌو آهي بنا سُجهہ ٻُجهہ جي اُن کي لهرائيندو آهي، ڪير سندس زد ۾ اچي سندس ڪاڄ بڻجي ٿو ڪيس کهڙي پرواهہ؟!“ هُن ٿڌو ساهہ پريندي چيو.

”تون اڄوڪي هن لمحي ايڏو اُداس آهين يا مزاج سبب هونئن ئي ملال پسند آهين.“ ساٿيءَ چيس.

رقص ڪندڙ درويشن جو نيم دائرو آهستي آهستي خانقاهہ جي اڱڻ ۾ تحرڪ ۾ هو، نغاري وڄائڻ وارو ذري گهٽ سُتل ۽ سڄو نغاري مٿان نِميو پيو هو. نغاري کي ڪنهن ڪنهن مهل هڪ سنهڙي لڪڻ سان بس ذرڙو ڇُهي ٿي ڇڏيائين ۽ پوءِ ان جي ڪنبڻيءَ سان پاڻ بہ مستيءَ ۾ اچي ٿي ويو. سندس خيال ۾ قدمن جي لاڳيتي پر نہ ٻڌجي سگهڻ واري ٽاپ پيدا ٿي رهي هئي. ڊگهن ۽ ويڪرن جُبن ۾ هوا ڀرجڻ سان ڪڏهن سندن گهير وڏا ٿي ويا ٿي تہ ڪڏهن سوس ٿي ڪاڏائون. آڌيءَ جو چنڊ روشن ۽ جهڪن تارن جي گهيري ۾ ڪڏهن وڌيڪ روشن ٿي ٿيو تہ ڪڏهن جَهڪو جَهڪو - هوا ڪڏهن هلڻ ٿي لڳي تہ ڪڏهن بيهي ٿي رهي. ڊگهي قد واري سفيد ريش جڏهن پنهنجي آڱر ڪٽي اشارو ٿي ڪيو تہ سڀ حرڪتون ساڪت ٿي ويون ٿي ڄڻ موت اچا بہ ويجهو ڪٿي ساهہ ڪٽي رهيو هجي. دائرو هڪدم سوڙهو ٿي ويو ٿي ۽ ڪنڌ هڪدم نِمي ٿي ويا پوءِ نغاري تي هڪ ڌڪ ٿي لڳو جيئن برفاني ٿڌين هوائن ۾ ڪوئي وڳر ڪان وڇڙي پوئتي رهجي وڃڻ وارو پکي يڪدم رڙيون

ڪرڻ لڳي. قدم آهستگيءَ سان کڄيا ٿي ۽ انهن تي آهُن جو گُمان ٿي ٿيو. هر درويش پنهنجي چوڳرد پنهنجي ئي دائري ۾ الڳ جهومي پنهنجي نماز عشق پنهنجي طور قائم ٿي ڪئي.

آقارازي حوض جي ڪناري تي ويهي سندن بيهي رهڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. پر هي رقص شايد اڻکُٽ هو جيڪو جاري هو ۽ ڪنهن به ريت ڪوئي به آثار رقص جي انجام تي رسڻ جو نه هو. نغارو وڄائڻ وارو شايد ننڊ ۾ هو ۽ رقص ڪرڻ وارا پنهنجي مستيءَ ۾ مگن هئا. جو ته سندن وڪون ۽ سندن خاڪي وجود سندس تمنائن جي دائري ۾ ناز ۽ انداز سان چال ۾ مَحوَ هئا- پوءِ جڏهن تارن جو قافلو اولهه ڏانهن لهڻ لڳو ۽ رات جي هوا آسماني سفر ۾ ٿڪجي هلڪي ٿيڻ لڳي ۽ صبح جي جاڳائيندڙ هير هلڻ شروع ڪيو- وڻن تي ويٺل پکي صبح جي روشنيءَ ۽ هِير سبب خوابن مان ڇرڪ پرڻ لڳا ته آقارازي جيڪو رات جي اوجاڳن جو هيراڪ هو, نغاري وڄائڻ واري ڏانهن وڌيو.

”تون به انهيءَ ڳولا ۾ آيو آهين ته جيئن هنن جو راز لهين!“ هُن نغاري کي هڪ پاسي رکندي پُڇيو.

آقارازيءَ ڪنڌ جي اشاري سان هائوڪار ڪئي.

”ته پوءِ ٻڌي ڇڏ!“ هُن آهستگيءَ سان چيو, ”هيءُ راز ائين ئي رهندو. هيءُ رڳو نماز پڙهڻ لاءِ مائيڪا تين ٿا ۽ وضو ڪرڻ لاءِ بيهن ٿا. رقص ۾ محويت واريءَ ڪيفيت ۾ ئي ننڊ ڪن ٿا. سندن جسماني حاجتون نالي ماتر ئي آهن ۽ سواءِ پنهنجي مناجاتن ۾ محويت جي هُو پاڻ ۾ به ناهن ڳالهائيندا. رڳو آه و زاريءَ جي ڪيفيت مهل ئي سندن آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.“

”اهي ڪڏهن کان هِن خانقاه ۾ آهن ۽ تون ڪڏهن کان سندن باري ۾ باخبر ٿيو آهين!“ آقارازي اُهڙيءَ ئي آهستگيءَ سان پڇيو.

”آئون سندن ساٿي ناهيان. منهنجو واسطو هِن خانقاه سان آهي. آئون هتي نغاري وڄائڻ تي مامُور آهيان - منهنجو مطلب آهي ته آئون زمانن کان هتي ئي آهيان!“

”پر تون هنن لاءِ نغارو وڄائڻ تي ڪيئن لڳي وئين؟“ رازيءَ ڪانئس ڪجهه وضاحت مان پڇيو.

”اها به هڪ الڳ ڪٿا آهي, هڪ ڀيري جڏهن سومهياڻي جي مهل آئون پاڻي پرڻ لاءِ اندرَ آيس ته مون هنن کي هتي رقص ڪندي ڏٺو. نغارو ڪٽي ائين ئي مٿس ڏڪ هنيم ته سندن رقص ۾ اهڙو ته وجد اچي ويو جيئن جابلو خشڪ دريا ۾ اوچتو پاڻيءَ جو ريلو اچي وڃي- تڏهن کان آئون به هتي آهيان ۽ عجيب ناتي ۾ مَنڊجي ويو آهيان جو نغارو ڇڏي وڃڻ چاهڻ جي باوجود به ان کي نه ٿو ڇڏي سگهان.“

”ماڻهن کي حيرت نه ٿي ٿئي, هو پُڇندا ته هوندا!“ رازيءَ پڇيو.

''پر ھُو جواب ڪنھن کان ٻڌندا ۽ انھن کان سواءِ ڪير جواب ڏيندو؟! مون کي ته انھيءَ ڪان وڏيڪ ڪا خبر ناھي جيڪا آئون توکي ٻڌائي چُڪو آھيان.''

''ھي ته شايد اسان جي ٻولي به نه ٿا ڄاڻن-'' ھُن آھستگيءَ سان چيو ۽ نغاري کي ڏڪ ھنيو.

پوءِ صبح جو عصر جي اذان لاءِ مؤذن ڏاڪڻ تي چڙھيو ۽ مُناري جي چوٽ تي پڳو. ھُن ماڻھن کي ننڊ مان جاڳائڻ لاءِ ڪين جنت جي آڇ ڪئي، ڪين ٻڌايو ته نماز ننڊ کان اعليٰ آھي. خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبه پوڄا لائق ناھي. اُھوئي ھر ڏس کان آئينو ۽ آئيني آڏو عڪس به پاڻ ۽ عڪس جي موت به پاڻ! پاڻ پنھنجيءَ عظمت تي شاھدي ڏيڻ وارو- ڄاڪاڻ ته سندس شاھديءَ ڏيڻ وارو ٻيو ڪير آھي؟ ڪيس سڃاڻڻ وارو ٻيو ڪير ٿي سگھي ٿو؟ ھو تخليق ڪرڻ وارو خالق به پاڻ ۽ مخلوق جي حياتين جو امانتدار به پاڻ! رُوحن کي پيدا ڪرڻ وارو به ۽ روحن جي جواب ''اَلَستُ بِرَبِّکُم'' ٻڌڻ وارو به - جڏھن ھُن چاھيو ته پنھنجو پاڻ کي ڏِسي ته ھُن دنيا ناھي. ھر شيءِ جو ڄاڻو به ۽ ھرھڪ ۾ پاڻ سمايل به. خبر ناھي جڏھن چوڏس ھُو پاڻ آھي ته ڳجھو ڪنھن کان آھي؟ سندس نرواڻ، سندس حُسن، ڪائنس سواءِ ڪير ڄاڻي سگھي ٿو؟! ماڻھوءَ کي پيدا ڪري سندس نامُرادين تي به ھُو پاڻ ئي ٿھڪ ڏيندڙ آھي- انسان جي ڪوشش کي ڪڏھن ھُو مڃتا جو شرف بخشي ٿو ۽ ڪڏھن رقص ۾ مَحو رکي ٿو- بس رقص ۾ مَحو رھڻ جو ست ڏيندو آھي ۽ ان کان اڳتي؟ جيستائين ھُو ھمت نه ڏئي، ڀلا ڪير آھي جيڪو ڪجھ بخشڻ جي لائق ھجي؟

اذان جي صدا ٻڌي درويشن جا قدم ٻيھي رھيا. ھڪ مخلوق وضو خانن ڏانھن وَڌي، چشمي جو پاڻي وھڻ شروع ٿيو. شفاف مِنو پاڻي جيڪو نُور جي ڌارا جيان فرحت بخش ھو. امام پويان ٻيھي آقارازيءَ نماز پڙھي ۽ سجدي ۾ انتھائي عاجزيءَ ۽ انڪساريءَ سان دنيا لاءِ، ڪائنات لاءِ، پنھنجن پيارن لاءِ، ھُن اُھي سيئي دعائون پڙھيون جيڪي ڪيس ياد ھيون. نه ڄاڻ گھڻيءَ دير تائين ھُو ڪائنات جي خالق آڏو ھٿ ڪنيو، نظرون جُھڪائي، اندر ۽ ٻاھر جي سموري عقيدي سان دعا گھرندو رھيو. ڳوڙھا سندس آڱرين، ھٿن جي ترين ۽ منھن تان مينھن جي پاڻيءَ جيان ڳڙي رھيا ھئا. سندس ڏک ۽ ملال کي، سندس نفس جي غلاظتن کي ڌوتو پئي ويو جيئن مينھن واءَ کي ڌوئي ھلڪو، نرم ۽ شفاف ڪري ڇڏيندو آھي-

جڏھن ملال جي وير لھي چڪي ۽ اندر کي آرام آيو ته ھُن ڏٺو ته درويشن جو ڪو پتو نه ھو. نغارو وڄائڻ وارو حوض جي پٽ مٿان سنل ھو. سندس ھٿ ۾ پيڳل ڏونڪو ھو جنھن سان ھُو نغاري کي ڏڪ ھڻي وڄائيندو ھو، گھڻيءَ دير تائين آقارازي اچرج ۾ گم اُتي ئي ويٺو رھيو. پوءِ ھُن سوچيو ته شايد خدا کي اڃا انھيءَ راز تان پڙدو ھٽائڻو ناھي. نه ڄاڻ ڇا راز آھي؟! آئون ڀلا انھيءَ جي ڪوجنا ڪيئن ٿو ڪري سگھان!- آئون جيڪو مسافر

آهيان ۽ رڳو اندر جي هرُ - ڪرُ خاطر مون هڪ رات وڄائي وڌي آهي- آئون جنهن مٿان سڄي قافلي جي ذميداري لاڳو ڪئي وئي آهي ۽ جنهن پنهنجيءَ ئي دل جي سڪون لاءِ اُنهي پردي پويان ليئو پائڻ چاهيو، جنهن تي منهنجو ڪوبه اختيار نه هو. مون سان ته صرف سفر جو ئي شرط لاڳو آهي، سفر جو- ۽ مون ذڪر ۽ حاضريءَ جي هيءَ رات وڃائي ڇڏي! مٿس حملي جيان مايوسيءَ ۽ ندامت جو اثر ٿيو. شعبان جون هي مبارڪ گهڙيون جيڪي ٻيهر موٽي نه اينديون، وقت جيڪو گهڙيءَ گهڙيءَ جو پاڇوڪڙ هو، گهٽجي رهيو هو ۽ جيڪو لمحي لمحي جي لاڳيتائي جي ماضيءَ جو حصو بڻجندو ٿي ويو. وقت جيڪو ازل کان آهي ۽ جاري رهندو- وقت، جيڪو ماڻهوءَ جي شڪست ۽ سندس پُراڻ - پٽو آهي. اَڄهل، مسلسل، جنهن کي ڪير به سمجهي نه سگهيو پر جيڪو انهن ڳوٺن، پٽن ۽ رهڻ وارن مٿان گذرندو ٿي رهيو.

دنيا بغاوتن سان ڀرجي چُڪي هئي. هميشه کان اِئين هئي. نوان فتنا پُراڻن رنگن جا لباس اوڍي ڪرَ ڪڍي اُٿندا هئا. قرمطي، زنديق ۽ صاحب الزنج، اسلام ۾ وار تان ڪل لاهيندا رهندا هئا ۽ دنيا جي محبت ۾ ديوانا هئا. انهن نيون شريعتون رواج ۾ آنديون هيون ۽ نوان فلسفا تعمير ڪيا هئا- هو عقل ۽ دانش جي حڪمتِ عمليءَ ذريعي دنيا تي مُسلط ٿي پوڻ جا خواب ڏسندا هئا ۽ مال ۽ دولت تي ساهه ڏيندا هئا. انهن نَون مذهبن جا بنياد رکيا هئا ۽ نوان ڪلما ايجاد ڪيا هئا. هُو قرآن جو جواب لکندا هئا ۽ خدا کي سندس ڪلام ۾ (نعوذ بالله) شڪست ڏيڻ چاهيندا هئا- اُنهن ٽوڻن ٽوٽڪن جي سحر جي زور تي پنهنجن طاقتن کي جِلا ڏني هئي ۽ ان جي ٻَلهه تي هُو دلير ٿي ويا هئا اهڙن گدڙن جيان، جيڪي شينهن جي کَلَ پَهري، جهنگ جي قانون کي پنهنجن هٿنِ ۾ کڻي وٺن. اُنهن خلقت ۾ فتنا ۽ فساد پيدا ڪيا هئا ۽ هزارين اهلِ دل انسانن جي گمراهيءَ ۽ موت جو ڪارڻ بڻيا هئا- انهن عالمن کي دليلن جي وِڳوڙن ۾ وچڙايو هو ۽ ابوجهن لاءِ سَستي، سَولي ۽ قابلِ حصول جنت جو واعدو ڪيو هو جنهن جي حاصلات جي وات ۾ بنان ڪنهن مصيبت ڪٽندي ۽ پاڻ ٿڪائيندي حاصل ڪري ٿي سگهيو ويو. هاروت ۽ ماروت جيان جيڪي جادو سکڻ جي چڪر ۾ چاهه بابل ۾ قيد ڪيا ويا هئا.

آقارازي نغاري وڄائڻ واري کي جاڳائڻ مناسب نه ڄاتو ۽ سراءِ ڏانهن موٽي سڄو واقعو محميءَ کي ٻڌايو ۽ پاڻ سمهڻ لاءِ ليٽيو ته جيئن، شايد ننڊ سندس اندر جي آنڌ مانڌ کي ڪجهه ماٺيڪو ڪري سگهي. لڳو ٿي ته هن خواب ڏٺو آهي.

"اُن کان سواءِ باقي سڀ منزل کان گمراهي آهي."

"عشق گلابن جي ڪيتي آهي."

"عشق زندگيءَ جي ڪيتي آهي."

رقص ڪندڙ درويش، سندن مٿن تي ڊگها ڪلاه ۽ سندن وڏا ۽ نهايت ويڪرا جُبا-

ڪوشش ڪري ذري گهٽ سڄي رات هُو سندن ويجهو ئي رهيو هو. پر سندن مُنهن ڪانئس ڳُجها ئي رهيا هئا. ڇا هُو سندس دل جو راز پَروڙي ويا هئا يا وري سندس نظر جو فريب هو! نماز جي جماعت ۾ هُو رُڪوع ۽ سجدن جي قيد کان آزاد هئا ۽ هُو پنهنجي پوريءَ ڪوشش باوجود به ڪين ڏسي نه سگهيو هو! ڇا هن ڪين ڏسڻ نه چاهيو هو؟

تِڪين روشنين وارو ڏينهن لهي چڪو هو- پاڇا ڊگها ٿي ڪُجھ ئَري چڪا هئا جڏهن محميءَ ڪيس ننڊ منجهان جاڳايو هُو خواب ڏسندو رهيو هو جن جو ڪپر بنان سمنڊ جيان ڪوئي ڪنارو نه هو. جنهن ۾ نه ڪائي شيءِ واضح هئي ۽ نه ئي لِڪل- ڦڪيءَ، بي مزي ۽ بي آرام ننڊ منجهان جاڳي هُن قافلي ڪي ڪُوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ڇو ته هاڻ ڪين سڄي رات سفر ڪرڻو هو ۽ ايندڙ صبح جو ئي ڪين ڪٿي ڏاہو ڪرڻو هو. هاڻ هُو راه ۾ رڳو نماز لاءِ بيهندا ۽ وري سفر جاري رکندا.

هَوا ۾ ماکيءَ جي مکين جي ڀُڻ ڀُڻ ۽ گُلن جو هڳاءُ هو- مکيون ايندڙ مُندن لاءِ ماکي تيار ڪرڻ ۾ مگن هيون ۽ قافلن جي لنگهه سبب ٿيڻ واري گوڙ ۽ اُٺن جي ٽلين جي آوازن کي به نظر انداز ٿي ڪيائون ۽ ڏاڍيءَ مصروفيت سان رَس گڏ ڪرڻ ۾ رُڌل هيون. اُٺ مند جي مستيءَ ۾ مٿن سٽيل بار کان بي نياز، هڪ ڊگهي قطار ۾ ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتا ۽ اُجايا چڪر هڻندي، ڇڻ نچڻ ۽ ڳالهائڻ چاهيندا هجن. گڏهه ۽ خچر مستيءَ ۾ ٿي آيا ته پُٺ تي ٻڌل بوجهه کان نجات ماڻڻ کان نامراديءَ سبب بي چين پئي ٿيا.

پاڻيءَ جي ساندارين ڪي حوضن مان ڀريو ويو هو ۽ ڳوٺ جا گهوڙيا قافلن جي ضرورت جون شيون وِڪڻڻ لاءِ هوڪا ڏئي رهيا هئا. گوڙ - گهمسان، سفر جو سامان ٻڌڻ ۽ قافلن جي مسافرن ڪي سڏڻ جا آواز- آهستي آهستي پاڇا ڊگها ٿيندا ويا. مسجدن مان اذان جا آواز بُلند ٿيا. اُٺن تي ويٺل هڪ ٻن ماڻهن بربط پنهنجي سامهون رکيا شايد هُنن رات جي ماٺ ۾، بهار جي من - منڊيندڙ هوا ۾، موسيقيءَ جي من موهيندڙ سُرن سان سفر جي صعوبتن ۾ پاڻ پرچائڻ ٿي چاهيو.

باغن ۾ بُلبلون ڳائي رهيون هيون جڏهن قافلو سُوس جي بيابان جي پيلاڻ ۽ ڳاڙهاڻ مائل واريءَ وٽان روانو ٿيو.

محمّيءَ موڪلائيندي چيو، ”تي سگهي ٿو ته ايندڙ ڏاہي ۾ اوهان جي ملاقات انهن درويشن سان ٿي پئي. نغاري وڄائڻ واري جو روح ته اڳ ئي سندن پويان ڳولا ۾ روانو ٿي چڪو آهي.“

آقارازي افسوس منجهان هُن جي موت تي 'اِنّاللهِ وَاِنّا اِلَيہِ رَاجِعُونَ' پڙهيو. خبر ناهي سفر ۾ سندس آڏو ڇا اچڻ وارو هو - ڇو ته هي به وڏيون ناڪاميون هيون جيڪي سندس اندر جو عذاب بڻجي چڪيون هيون ۽ ڄاڻندي، نه چاهڻ جي باوجود به، هن ٻنهي ۾ پنهنجو پاڻ

ڪي ڏوهاري ٿي سمجهيو. درويشن جو اهڙيءَ طرح اڪين ڪان اوجهل ٿي وڃڻ ۽ پوءِ نغاري واري جو موت-

شعبان جي مهيني ۾ قافلا خُتن ڪان دمشق ڏانهن تہ ويندا هئا پر ورلي ئي ڪو ئي قافلو خُتن ڏانهن ويندي هتان لنگهيو ٿي. ماڻهو هن مهيني جي احترام خاطر جلد وطن وَرندا هئا تہ جيئن رمضان جا ڏهاڙا گهرن ۾ سُک سان رهن. انهيءَ ڪري محمّيءَ تي هن هڪ قافلي جي وڃڻ بعد ڪم جو بار گهٽو نہ رهيو. هو هڪ آزاد خيال زردشت هو ۽ جنديساپور جي مدرسي ۾ فلسفہ لاهُوت جي درس و تدريس جو جيڪو ڪم ٿي رهيو هو اُن ۾ چڱي خاصي دلچسپي وٺندو هو. ڪيس معتزلہ فرقي جي عقيدن سان همدردي هئي. جهڙيءَ طرح هُنن عقل ۽ منطق وسيلي پنهنجن مخالفن کي هارائي متن فوقيت حاصل ڪئي هئي ان تي ڪيس اچرج ٿيندو هو. هُو علم الڪلام جو شاگرد هو ۽ جهڙيءَ طرح هڪ هوشيار وڪيل پنهنجي دليلن سان حاضر کي غائب ۽ غائب کي حاضر ثابت ڪرڻ ۾ قدرتي مهارت رکندو آهي، اهڙيءَ ئي طرح معتزل فرقو بہ پنهنجن عقيدن کي صحيح ثابت ڪري سگهندو هو ۽ هر مکتبہ فڪر جا استاد نسطوري عيسائين جي هن مدرسي ۾ اچي شامل ٿيندا هئا. يونان جو فلسفو خليفي منصور جي وقت کان ئي هِتي پڙهايو ويندو هو تہ جيئن انساني عقلي اوُسر ۾ وڌ کان وڌ واڌ اچي سگهي. جيتوڻيڪ معتزلہ زردشتن جا سخت ترين مخالف هئا پر اِها ڳالهہ محمّيءَ لاءِ حيرانگيءَ جو سبب هوندي هئي تہ هُو کهڙيءَ نہ خوش - اَسلوبيءَ سان پنهنجي هر مخالف کي منهن - ٽوڙ جواب ڏيڻ ۾ مهارت رکندا هئا. سندس پنهنجو پُٽ منصور پڻ انهي مدرسي جو شاگرد رهيو هو ۽ مجوسيت خلاف ڪيس بہ ايترو تہ قائل ڪري ڇڏيندو هو جو هُو باهہ جي پوڃا کي ڪُفر سمجهڻ لڳندو هو، جڏهن تہ هو ڏيڪاءَ ۽ هَٺ کان پري هو ۽ هو تہ رڳو زردشتي هو. بحث جي محفلن ۾ منصور کي هونءَ ئي شڪست ڏيڻ ناممڪن هو، پر هُن پنهنجو مذهب نہ مٽايو هو ۽ ڪيس پنهنجي زردشت هئڻ تي فخر بہ هو پر اُن ديوانگيءَ جي حد تائين محبت جيڪا عقيدن کي اَڏول بڻائي ڇڏيندي آهي ۽ ماڻهو اڻ ڏٺي سان وڙهي پوندو آهي، زندگيءَ جي پرواهہ ناهي ڪندو- انهيءَجي بهرحال پري پري تائين هُن ۾ پٽڪ بہ نہ هئي. چو تہ هيءُ علم الڪلام جي عام ٿيڻ جو زمانو هو ۽ فتنا بيدار ٿي رهيا هئا. انهن فتنن کان پري رهڻ لاءِ منصور پنهنجو پاڻ محمّيءَ سان گڏ سراءِ جي ڪاروبار ۾ نہ لڳايو هو ۽ هونئن بہ اِهو ڪم سندس مزاج مطابق نہ هو. هُو سُوس جي بيابان جي ڪناري تي ڪجهہ متيرائيءَ تي ٻڌل هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو، جتي تُوتن جي وڻن جا وڏا جهنگ هيا ۽ ريشم جا ڪيئنان پالڻ ۽ ريشم جي ڪپڙي اُڻڻ جو ڪم ٿيندو هو. پراڻي زماني ۾ هيءُ هُنر هتي جي ماڻهن چينين کان سکيو هو ۽ هن صديءَ جي شروعات ۾ ان جو هتي رواج پيو هو- هتي جي آبهوا تُوتن لاءِ موزون هئي ۽ ان سڄي عرصي ۾ انهي هنر جون

باقي سڀ فني باريڪيون سڪي هاڻ جيڪو ڪپڙو وڻن نهندو هو سو ڪنهن به طرح چيني ريشم کان گهٽ نه هو. وقت سان گڏوگڏ منجهس جيڪي نفاستون اچڻ ڪپن، ايراني مزاج جي جدت ۽ شدت، اُهي سڀ اُن ۾ سمائبيون پئي ويون.

اسلامي سلطنت هوئڻ به وڏي ويجهي رهي هئي. خودمختيار رياستن جو هڪ نيم دائرو هو جيڪو بغداد جي مرڪز جي چئني پاسي وجود ۾ آيو هو. هي اُهي حڪمران هئا جن پنهنجن پنهنجن صوبن ۾ پنهنجون خانداني حڪومتون ناهيون هيون. هُو عظيم الشان سلطنتن جا ناهيندڙ ڪرتا - ڏرتا هئا ۽ خلافت جي دربار ڏانهن ائين ڏسندا هئا جيئن پنهنجي گهر ۾ مطمئن اولاد پنهنجي ماءُ - پيءُ جي گهر ڏانهن ڏسي. فرمانبردار، احسانمند ۽ خودمختيار.

بغداد جي چوڌاري درباريون وڏي رهيون هيون جيڪي شان ۽ شوڪت ۾ ڪنهن به ريت بغداد کان گهٽ نه هيون پر سعادت منديءَ سببان اُن جي آڏو ڪنڌ جهڪائي رکنديون هيون-

هنرمند ماڻهو جيڪي سڄي عالم جي مقدس جڳهه بجاءِ خلافت جي دربار ۾ پهچ لاءِ سالن جا سال منتظر رهندا هئا سي هاڻ بين جڳهن ڏانهن به نهاري سگهندا هئا ۽ اِنهي جي ڪري اُنهن علائقن ۾ چيني ريشم ۽ چيني ڪپڙي جي گُهرج به وڏي وئي هئي. منصور پنهنجي ڪاروبار کي گهڻو وڌايو ته نه هو پر هو جيڪو ڪجهه به ناهيندو هو ان ۾ سندس مزاج جي منفرد عمدگيءَ ۽ جديد خيالي سبب عجيب خوبيون ۽ نزاڪتون موجود هونديون هيون. ماڻهو منصور جي نالي کي هڪ سَنَد يا ساک سمجهندا هئا. آقا رازيءَ جي وڃڻ کان پوءِ ڪيترن ئي ڏينهن جي گذرڻ باوجود به جڏهن محمّي ان ڳجهه کي لهي نه سگهيو ۽ انهن رقص ڪندڙ درويشن جو ڳجهه ڳجهه ئي رهيو ته هُن منصور وٽ وڃڻ جو ارادو ڪيو. ڪيس پنهنجي پوٽي حسين لاءِ ڏاڍو پيار هو ۽ هاڻ جڏهن هن منصور وٽ وڃڻ جو پڪو پَهه به ڪري ورتو هو ته هُو ڪيس اڃا به وڌيڪ ياد اچي رهيو هو. سندس ڳالهيون، سندس حرڪتون ۽ اُهي بي پناهه عجيب طلسم طاري ڪندڙ اکيون! - هو سندس نگاهن کان اڪثر گهبرائجي ويندو هو. ائين لڳندو هو جڻ اُهو ننڍڙو معصوم ٻارڙو سينن اندر تائين ڏسي رهيو آهي! مانيٽو، بس ڏسندو ئي رهندو. انهيءَ ڪيفيت ۾ ڪيس ڪِلائي وجهڻ جا ڪيڏا به جتن ڪجن پر معمولي مُرڪ به سندس مُک تي ظاهر نه ٿيندي، جڻ هُو دلين جا راز ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي! - ائين بس ڪڏهن ڪڏهن ئي ٿيندو هو نه ته اڱڻ ۾ ٻازوليون پائيندي ڪنهن مهل هُو ٻيهي رهندو ۽ آسمان ڏانهن ڏسڻ لڳندو، پوءِ زمين جي ڪنهن نقطي تي نگاهه جمائي ڇڏيندو- پوءِ ڊوڙندو، ڪِرندو، ماءُ ڏانهن ٻانهون ڊگهيريندو، ضد ڪندو، رڙيون ڪري روئندو ۽ ڪنهن ريت جهلئي نه جهلبو، ريجهائي نه ريجهندو. منصور اڪثر چوندو، ”سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته آخر هيءُ چاهي ڇا ٿو؟“ ۽ محمّي کي چوندو، ”ڪيڏو نه چڱو ٿئي جي اوهين ڪيس پاڻ سان گڏ وني وڃو ۽ سختيءَ سان سندس تربيت ڪريو.“

محمّي ڪلندو، ”تون هن ننڍڙي ٻار مان عاجز ٿي پوين ٿو. اسان به توکي ائين ئي پاليو هو. سڀ ٻار هڪجهڙا ئي هوندا آهن. هُو پنهنجي ماءُ پيءُ کي آگر کان وٺي ڦيرائڻ ڄاڻندا آهن.“ پوءِ هُو حسين کي هنج ۾ کڻي وٺندو هو.

محمّيءَ کي اُهي سڀ ڳالهيون ياد اچي رهيون هيون ۽ سندس دل وڏيڪ بيچين ٿي رهي هئي. هاڻ حسين جي حرڪتن ۾ اضافو آيو هوندو. هاڻ منصور وري ڪيس چوندو ته، ”هاڻ هن کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃو.“ ڇهن مهينن ۾ هُن ڪجهه قد ڪڍيو هوندو. سمجهدار ۽ پنهنجين طسماتي اکين وسيلي اهڙيءَ ئي ريت وري مون کي چرڪائي وجهندو - ڏسندو ئي ويندو. ڇاتين اندر ڪوجنا ڪندي هُو ڪِلندو به ڪونه. محمّي ڪجهه بيچين ٿي ويو جڻ ايڏو پريان کان هُو پنهنجي پوٽي جون نگاهون محسوس ڪري رهيو هجي- پوءِ هن پنهنجي ٻانهي کي (جيڪو حبشي نسل پر تورڙو ايراني هو ڇاڪاڻ ته هُو ايران ۾ پيدا ٿيو هو) خچر آڻڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ ڪاٺ جي گاڏيءَ کي احتياط سان ٻڌڻ لڳو جيڪا هُن هڪ هندستاني سوداگر کان خريد ڪئي هئي. هو سوچيندو رهيو، هيءُ ڪاٺ، جنهن وڻ منجهان وڍيو ويو هوندو نه ڄاڻ ڪتي اُسريو هوندو، ڪارن جهنگلن جي اگهور اونداهين ۾، مسلسل مينهن جي منڌيندڙن هڳاءُ ڦهلائيندڙ ريلن ۾ ۽ لاڳاپيل مددگار شين، اُسرڻ، وڌڻ ۽ ويجهڻ جي سيني مرحلن ۾ سندس نگهداشت ڪئي هوندي. هي باهه جيڪا ٻج اندر لڪل هوندي آهي ۽ حياتيءَ جي حرارت جي اُتساهه يا اُدمي جي صورت ۾ هر شيءِ اندر سرجندي سمائجندي ويندي آهي ۽ سندس وڌڻ، ويجهڻ جو سبب بڻجندي آهي- اهرمن ۽ يزدان جي هن ڪيڏ ۾ جنهن کي دنيا چون ٿا هڪ لاڳيتي ڊوڙ جاري هئي. زردشت جو قول هو ته، ”دنيا ۾ جيئجي ۽ پنهنجن هم جنسن سان گڏجي سڏجي زندگي گهارجي ۽ اولاد پيدا ڪجي ۽ آباديءَ ۾ اضافو ڪجي، حيوانن جي پرورش ڪجي ۽ غير آباد زمين کي آباد ڪجي.“ زردشت جو قول هو ته ”اهو ماڻهو جيڪو زمين کي ٻيجو ڏئي فصل اُپائي ٿو، اُهو اُن ماڻهوءَ کان هزار ڀيرا بهتر آهي جيڪو رڳو دُعائن تي ڀاڙي ٿو.“ ڪين ٻيا قول به ياد اچي رهيا هئا، ”اُهو گهر جنهن ۾ ٻار ٻچا هجن، ٻنيون ٻارا ڪرڻ وارا مرد هجن ۽ حفاظت ڪرڻ وارو ڪُتو هجي.“ هُن ۽ سندس پُٽ منصور ٻنيءَ ٻارو نه ڪيو هو. زمين سان سندن سنگ بس واجبي ئي هو پر زردشت جي وقت کان وٺي هيل تائين زندگيءَ گهڻا رنگ مٽايا هئا. مذهبي سلطنتون، اُمتون، ماڻهو، عبادتون ۽ بادشاهتون سڀ بدلجي ويون هيون- دنيا هڪ ئي ساڳي حالت ۾ ڪڏهن رهي آهي!

آقا رازيءَ جو قافلو ڪنهن ٻيءَ منزل ڏانهن رسي رهيو هوندو. هيءَ شاهراه جيڪا ختن تائين ويندي هئي ٻنان ڪنهن ڳٽنيءَ جي سفر لائق سمجهي ويندي هئي. ايشيا جي ڊيگهه ۽ ويڪر ۾ اسلام جي پکڙجڻ سان گڏوگڏ ماڻهن کي مذهبي آزادي به هئي ۽ خطرا به ختم ٿي

ٿي چڪا هئا. امن امان جو دؤر شروع هو. جنگيون سرحدن ڏانهن، مرڪز ڪان پري، ٿي رهيون هيون. جنگ ڪرڻ بہ ڏاڍو لازمي هو. هي مُلڪ - گيريءَ جي هوَس نہ پر هڪ پُراَمن سلطنت جي حفاظت جا انتظام هئا.

چين ڪان وٺي نِيل نديءَ جي ڪناري تائين قافلا ايندا ويندا هئا ۽ يهودين، عيسائين ۽ مجوسين سان ڪابہ مزاحمت نہ ڪندا هئا.

”ڇا رقص ڪندڙ درويش فقط خيالي تصور تہ نہ هئا؟“ محمّيءَ پنهنجو پاڻ ڪان پڇيو.

پوءِ اوچتو ڪيسّ خيال آيو تہ ڇو نہ منصور ڪان پڇيو وڃي؟ ٿي سگهي ٿو تہ ڪيس ڪنهن اهڙي فرقي جي باري ۾ خبر هجي ڇاڪاڻ تہ جنديساپور جي اُن مدرسي ۾ هندستان جا ماڻهو شامل ٿيندا هئا. هُو بين فلسفن ۽ مذهبن جو مطالعو ڪرڻ ايندا هئا. ٻُڌ ڌرم جا پوئلڳ جيڪي ڪاشان جبل ڪان وٺي اُتر ۽ پورب ۾ منگوليا جي ايراضيءَ تائين پکڙيل هئا. بيڪال ڍنڍ جي چؤگرد رهڻ وارن ڏورانهن قبيلن جو پڻ الڳ مذهب هو جيڪي آسماني ديوتا جي پوڄا ڪندا هئا ۽ جن جو فڪرِ حيات ۽ نقطئہ نظر پنهنجو هو.

آلِ علي لاءِ سندن بيوسيءَ کي محسوس ڪندي دلين رت جا ڳوڙها ڳاڙيا هئا ۽ انهن لاءِ نهايت عجيب ۽ غريب عقيدا ۽ مذهب ظاهري طور وجود ۾ آيا هئا. حُسين ابن عليءَ کي بچائي نہ سگهيو ويو. رسولِ خدا جي عاشقن ڪيس اُڃن، رُڃن، بُکن ۽ ويچارگيءَ جي حالت ۾ بيابانن ۾ گهيري قتل ڪري ڇڏيو.

زردشت جي ڪنهن انڪاريءَ کي بہ نقصان رسائڻ جو سوچي نہ ٿو سگهجي. اها ڪهڙي قسم جي قوم هئي جن پنهنجن پيارن جي رت سان هٿ رنگيا. ڇا اُن رت جو رنگ ڪڏهن سچ جي عدالت ۾ ڏوہجي سگهندو؟ پر هيءَ درويشن جو سلسلو خبر ناهي ڪهڙيءَ ريت آلِ عليءَ تائين رَسائي ماڻي سگهيو هوندو؟!

۽ منصور بہ خبر ناهي ڇو پنهنجي پُٽ جو نالو حُسين رکيو هو؟ ڇا ڪيس پَوَ نہ ٿيندو هو؟! هُو وهمي نہ هئڻ باوجود سوچيندو ضرور هو جيستائين سندس پهچ هئي.

محمّي جيئن تہ شخصي آزاديءَ جو گهٽگهرو هو ۽ پنهنجي اڪيلي ۽ سڪيلڌي پٽ جي معاملن ۾ نالي ماتر ئي دخل انداز ٿيندو هو. انهيءَ ڪري هُن منصور ڪان اِهو پُڇڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪانہ ڪئي هئي تہ هُن پنهنجي پُٽ جو نالو حُسين ڇو رکيو هو؟ ماڻهو حڪمرانن جي نقالي ڪرڻ جي شوق ۾ هونئن بہ ائين ڪندا هئا. بادشاهہ جو مزاج ملڪ جو مزاج بڻجي پوندو هو. عباسي خليفن جي دؤر ۾ انهي باوجود بہ جو اِهل بيتن سان اُهو سلوڪ روا نہ رکيو ويندو هو جنهن جا هو حقدار هئا. منصور جي پٽ جو نالو حسين هو- هو پاڻ چوندو هو، ”مانائتا بابا سائين! مون کي انهي نالي جو اختصار، سندس عظمت ۽ سندس مڪمل هئڻ وڻندو آهي. اوهان ڏسو نہ تہ لکڻ ۾ هيءَ ڪيترڙو نہ مختصر ۽ وسيع

معنيٰ رکڻ ۾ ڪيڏو لاجواب آهي ۽ وري سندس نسلي ڳانڍاپو ڪيڏو نه عظيم آهي- ڪوبه زردشتي نالو ڪيس نه ٿو پُڄي.“

محمّي ڪلندي ڪنڌ ڌوڻيندو هو.

”اوهين منهنجي ڳالهه دل سان نه پيا پڌو بابا سائين، پر ڏسو ته سهي.“ منصور ساڻس وضاحت ڪندي چوندو هو. محمّي هٿ جي اشاري سان ڪيس ماٺ ڪرائيندو هو. ”پيارا پٽ جيڪا ڳالهه توکي پسند آهي سا مون کي به پسند آهي ۽ ٻيو ته پلا نالن ۾ڇا رکيو آهي.“

”اهائي ڳالهه ته آئون ڪرڻ چاهيان ٿو ته نالو تمام اهم شيءِ آهي، نالو ئي سڃاڻپ آهي-“ منصور مختصر چوندو هو.

محمّي سندس ڳالهه جو جڏهن ڪوبه جواب نه ڏيندو هو ته لڳندو هو ڄڻ منصور لڄي ٿيو آهي ۽ پنهنجن دليلن ۽ وضاحتن تي نادم- پوءِ هو ٻيون ڳالهيون ڪرڻ لڳندو هو. ريشم جي نفاست ۽ سندس ملائميت ۽ آبهوا جي متاسنا جيڪا چيني دنيا ۾ ايراني ريشم جي مختلف نتيجن جو سبب آهي. اعليٰ ڪپڙو اُڻڻ وارن انهن ڪاپاٽين جو ذڪر جن جا وڏا چين کان هِتي اچي آباد ٿيا هئا. هندستاني ريشم جو ذڪر جيڪو آبهوا جي شدت سبب چيني ۽ ايراني ريشم کان گهٽو گهٽ هو پر هڪ ٻئي ڪپڙي جي ڏاڍي هاڪ هئي جيڪو نفاست ۽ نرميءَ ۾چيني ۽ ايراني ڪپڙي کان گهٽو متاهون هو. هِيءَ گهميل آبهوا ۽ شديد مينهن پوندڙ علائقن ۾ ٺهندڙ ململ هئي جيڪا سوداگر صرف خليفن لاءِ يا ٻين اميرن اُمرائن لاءِ آڻندا هئا جنهن جي قيمت جو ڪو ڪاٿو نه هو. پوءِ هندستاني مزاج جي نفاستن جو ذڪر هلندو ۽ محمّي ماٺ - ميٺ ۾ پر دلچسپيءَ سان سڀ ڳالهيون ٻُڌندو هو. ڪيس حيرت هئي ته سندس پٽ جيڪو علمي محفلن ۾ اٿندڙ ويهندڙ، عالمن جي صحبتن ۾ شرڪت ۽ درويشانه مزاج رکندڙ هو، پنهنجي پيشي ۾ به ڪيڏي نه وسيع مهارت رکندو هو، پر ڪيس ڪاروبار کي وڌائڻ ۽ ٻين ملڪن ۾ وڻج واپار ڪرڻ جو شوق نه هو.

”ڪيڏو نه چڱو ٿئي، جو تون به ڪنهن قافلي سان گڏ وڃين، ۽ دنيا جو سير ڪرين جائزو وٺين.“ محمّيءَ هڪ ڀيري ڪيس چيو. ”آئون اجايو سفر جا ڏاڪڙا ڪٽڻ جو قائل ناهيان. قناعت ماڻهوءَ لاءِ سڀ کان وڏي دولت آهي ۽ پوءِ منهنجي مختصر زندگيءَ جون ضرورتون به ڪيتريون آهن!“ منصور نهايت ادب سان جواب ڏيندو هو.

”ماڻهو رڳو ضرورتن لاءِ ئي جيئرو نه ٿو رهي جيڪڏهن ائين سوچيو وڃي ته ڪير به وَڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو نه سوچي. پيارا پٽ! تون ٻين کان ايترو مختلف ڇو آهين؟ آقا رازي، هو قافلي جو سردار، ڏاڍو جوان ماڻهو آهي. تنهنجو همعُمر ئي آهي، پر سال جا اڪثر مهينا هُو سفر ۾ رهندو آهي ۽ پوءِ ٻيا به ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي اوپر کان اولهه تائين، شام کان چين تائين، وَڻج واپار سانگي هميشه هلندا رهن ٿا.“

”هر ماڻهو هڪجهڙو نہ ٿو ٿئي بابا سائين، منهنجي خواهش تہ بس اِهائي آهي تہ علمي محفلن ۾ شريڪ رهان ۽ اِنهيءَ ڪري آئون حُسين کي پڻ جنديساپور جي مدرسي ۾ داخل ڪرڻ گهران ٿو.“

”پر تون پاڻ اُن مدرسي کان مطمئن ناهين رهيو. نسطوري عيسائين جو شديد مخالف آهين ۽ سندن وڏو نقاد پڻ. تون تہ شروع کان ئي ابن مريم جي اُن مختصر شعلي جهڙي زندگيءَ، صليب ۽ سندس حَوارين تي بحث ڪندو رهيو آهين. انهن استادن کي تو ڪيترائي ڀيرا عقلي دليلن جي بنياد تي مباحثن جي محفلن ۾ شڪست ڏني آهي. پوءِ جنديساپور تي توکي ايترو يقين ڪيئن ٿي ويو آهي؟! منهنجو خيال آهي تہ نعيبن ۾ جيڪو مدرسو آهي سو حُسين لاءِ بهتر رهندو.“

”تہ پوءِ آئون ڪيس ڪنهن عيسائي مدرسي ۾ موڪليندس ئي ڪونہ!“ منصور ٿَهہ پَهہ وراڻيو.

محمَّي نرميءَ سان چيو، ”منهنجو مطلب اِهو هرگز نہ هو. آئون ڄاڻان ٿو جيڪا شيءِ تنهنجي اندر ۾ آنڌ مانڌ تي اوتي ۽ بيچين ڪري ٿي ۽ جنهن جو تون قائل ناهين، جنهن مذهب ۽ ان جي درس کي تون پنهنجي روحاني سڪيا جي راهہ ۾ رنڊڪ سمجهين ٿو، تنهن کي حُسين لاءِ ڇو ٿو اختيار ڪرين پنهنجي لاءِ تہ تو اِهو پسند نہ ڪيو هو.“

”ها بابا سائين ۽ آئون چاهيان ٿو تہ اِهائي ڳالهہ حُسين ۾ بہ پيدا ٿئي. ڪيس اِهي درس اندر جي اُڻ تُڻ ۽ بيقراري ڏيندا تڏهن ئي تہ هو سچ جي ڳولا ۾ سرگردان رهندو - هو غلط کان صحيح ڏانهن پنهنجي ئي طور تي پنهنجو سفر جاري رکي سگهندو. ڪيس هِن اننت عالم ۾ واپاري قافلن ۽ دولت جي نہ پر اصل حقيقت جي حاصلات لاءِ سفر جا ڪشالا ڪڍڻا پوندا.“

”ڪهڙيون نہ عجيب ڳالهيون پيو ڪرين منصور!“ محمَّيءَ اچرج وچان چيو.

”اوهان کي هونئن تہ اهي ڳالهيون عجيب ئي لڳنديون پر مون کي بہ سمجهايو تہ جيڪڏهن آقارازي واپار جو سامان ڪٺي چين تائين جو سفر ڪري سگهي ٿو تہ پوءِ ڪوئي غريب، ڪنگال ۽ بظاهر دنياوي طرح بدحال ماڻهو سچ جي طلب لاءِ ڇو نٿو دنيا ۾ پير پائي سگهي؟!“

”پيارا پٽ، دولت جي حاصلات منهنجو بہ نقطئہ نظر ناهي. زندگيءَ جي حقيقت سون يا چانديءَ کان گهڻي مٺيري آهي پر حُسين لاءِ آئون بہ سوچڻ جو حق رکان ٿو، هُو منهنجو رَت آهي، سندس رڳن ۾ بہ اُهوئي آهي جيڪو منهنجي جسم اندر گردش ڪري ٿو. منهنجو خيال آهي تہ نعيبن ۾ ڪجهہ ڏينهن ڪيس شروعاتي تعليم ڏياري، پاڻ سان گڏ پنهنجي ڪم ۾ لڳاءِ. ريشم اُٺڻ ۽ ان ۾ انتهائي ڪاميابي ماڻڻ ڪو اهڙو خراب خيال بہ تہ ناهي. جيڪڏهن ماڻهو جوانيءَ ۾ئي ڪنهن دربار سان ڳانڍاپجي وڃي تہ بيشمار منافعا ۽ دنياوي ڪاميابيون حاصل تي سگهن ٿيون.“

"ڇا درٻارين جو حال اوهان کان ڳجهو آهي! ڇا زندگي ايتري اجائي ۽ ڪمتر شيءِ آهي جو ڪيس مالي منافعن جي لاءِ قربان ڪيو وڃي!؟" منصور ڏاڍي ڏڪاري لهجي ۾ چيو.

"تون مالي منافعن جو ايڏو مخالف آهين، اِها خبر مون کي اڄ ڪانه هئي." محمّيءَ چيو، "پر حُسين جي لاءِ ئي تون ائين ڇو ٿو سوچين. ڪيس عام ماڻهوءَ وانگر زندگيءَ لاءِ تيار ڪرِ اهو تنهنجو فرض آهي. هر شخص کي پنهنجي واٽ پاڻ چونڊڻ ۽ ان تي هلڻ جو حق آهي. تو سراءِ ۾ مون سان گڏ ڪم ڪرڻ نه چاهيو، ٺيڪ آهي، ۽ مون به توکي مجبور نه ڪيو پر تون ڪيئن پاڻ وٽ پنهنجي ٻچي لاءِ بربادي‌ءَ جون راهون هموار ڪرڻ جو حق ٿو رکين؟"

محمّيءَ کي هاڻ ڪاوڙ اچي رهي هئي.

پوءِ ذري گهٽ ڇهن مهينن تائين پيءُ- پٽ وچ ۾ ڪو به رابطو نه ٿيو ۽ هاڻ هُو دل هٿان مجبور ٿي وڃي رهيو هو. هُن دل ۾ سوچيو ٿي ته هُو پنهنجي پوٽي سان ملڻ وڃي رهيو آهي پر حقيقت ۾ سندس دل منصور لاءِ بي تاب هئي. هُو منصور ڏانهن رواني ٿيڻ جي وقت کي اينگهائي رهيو هو، پنهنجو پاڻ کي جهلڻ ٿي چاهيائين، ڇو ته انهن مهينن ۾ جيستائين هُن ڪا پاڻ وک نه کنئي هئي ته منصور به سندس ڪا سارسنڀار نه لڌي هئي. هيل شعبان تائين پيءُ پٽ وچ ۾ وڇوڙي جو هڪ زمانو لنگهي ويو هو. انسان پنهنجي سموري آزاد پسندي‌ءَ سان گڏوگڏ اولاد ۾ اُميدون رکندو آهي. هُو چاهيندو آهي ته ڪيس به چاهيو وڃي. پنهنجي عمر جي پڇاڙڪن پَهرن ۾ هُو اُن احسان جي موٽ گهرندو آهي جيڪو هُن اولاد جي نگهداشت، سنيءَ سکيا ۽ ڪامياب دنيادار بڻائڻ ۾ ڪيو هو. دل ئي دل ۾ هن پنهنجي فرض کي پوري ڪرڻ جي حقيقت کي تسليم ڪرڻ نه پئي گهريو. ناشڪر گذار اولاد جي لاءِ سندس دل منجهان دُعا نٿي نڪتي ۽ اِنهيءَ ڪري روانگيءَ جي آخري لمحن ۾ جڏهن سندس حبشي غلام خچر کي تيار ڪري ڇڏيو ۽ هُو مٿس سوار ٿيڻ وارو هو، سندس خيال هو ته ڪيس نه وڃڻ کپي!

ڪوهيڙي واري ڏنڌلڪي صبح ڀَر واريءَ مسجد ۾ ذڪر جي مجلس سبب ڏاڍي رونق هئي. اُها هڪ نهايت عمدي تعمير جي نادر نموني جي عبادتگاهه هئي جنهن کي هڪ وڏي سرمائي جي لاڳت سان هڪ رئيس ٺهرايو هو ۽ داخلي دروازي جي چانئٺ وٽ جتي جُتيون لاهبيون آهن اُن جڳهه تي هن پنهنجو نالو فرش تي اُڪيرايو هو. عاقبت سنوارڻ جو هيءُ هڪ سنو طريقو هو نه ته باقي ڏينهن ۾ هُو نهايت ئي هوڏي ۽ ڏاڍو بخيل مزاج شخص هو. ڏاڍيءَ آڪڙ ۽ ڦُونڊ منجهان هلندو هو ۽ مسجد ۾ نماز ڪو ورلي ئي پڙهڻ ايندو هو، ماڻهن خدا کي خوشي ڪرڻ ۽ ڳنهڻ جا ڪهڙا ڪهڙا نه طريقا ايجاد ڪيا هئا!

محمّيءَ جي ۽ سندس ملاقات ذري گهٽ ڪڏهن به ڪانه ٿي هئي. هُو عيدن جي موقعن تي ئي مسجد ۾ ايندو هو ته ساڻس گڏ هڪ گروه هوندو هو جيڪو رستو ٺاهيندو ۽ ماڻهن

ڪي ڪانئس پري رکڻ لاءِ ڏوڪيندو ويندو هو. خوشامدين ۽ چاپلوسين جي اُن گروه جي ڪري نماز جي پهرينءَ صف ۾ بيٺل اُن رئيس سان ملڻ ذري گهٽ ناممڪن ئي ٿي پوندو هو ۽ وري محميَ ۾ به هڪ بي نيازي هئي ۽ هو ڪنهن کي به شڪايت جو موقعو نه ڏيندو هو. هڪ ٻه ڀيرا اُن رئيس جي درٻارين کيس چيو به ته 'آقا محمد اوهان کي ياد پيو ڪري.' پر هو مصروفيت سبب وڃي نه سگهيو. هونئن به هُو اجائي ڪتراڳ کان سلامتيءَ ۽ پنهنجي حال ۾ئي رهڻ چاهيندو هو. کيس وڏيڪ منافعن جي لوڙ نه هئي.

سُوس جي بيابان جا ڪنڊر، پاڻيءَ ۽ واريءَ سان گڏوگڏ پري پري تائين پکڙيل هئا ۽ اوپر ڏانهن ڪجهه فاصلي تي اُها پل هئي جنهن کي پار ڪري اُنهن توتن جي جهنگلن ۾ داخل ٿبو هو جن جي پچاڙڪي ڇيڙي تي منصور جو ڳوٺ هو. شاهراه ڪٽي پاڻيءَ جي ڪناري تي جُهڪي ٿي ته جيئن جيڪڏهن ڪنهن مُند ۾ پاڻي گهٽو ٿئي ۽ لهرون ڪناري کي ڇُهن ته اُهي راهه کي به رڃائي سرسبز ڪري ڇڏين. چارين منجهان لياڪا پائيندڙ نيرو پاڻي سُڪون سان وَهندڙ- وَڻ پاڻيءَ جي آئيني مٿان جُهڪيل پنهنجو پاڻ تي قربان ٿيڻ لاءِ تيار- پيچرو ڪڏهن اُنهن لٽيل نشانن ۽ بارگاهن تان چڪر ڪاٽيندي لنگهيو ٿي، جن ايوانن ۾ رسائيءَ لاءِ نه ڄاڻ ڪير ڪير منتظر رهيو هوندو! ساساني بادشاهن جا محلات ۽ سندن بادشاهتون! ڪجهه به ته نه ٿو رهي!! صرف فنا کي ئي بقا آهي ۽ هيءُ درياءُ انهن زمانن ۾ به اهڙيءَ ريت ئي وهندو هوندو. هي هوائون جيڪي انهن ڪنڊرن ۾ رولاڪيون ڪن ٿيون، عاليشان بارگاهن جي حُجرن ۾ به پنهنجي مستيءَ ۾ ائين لهرائيندي گهميون هونديون.

انسان ڇا آهي جو هر گهڙيءَ، هر لمحي گذري ٿو ۽ پوءِ گذريل وقت کي جهلڻ چاهي ٿو. نسل، قومون، سلطنتون، سڀ اِنهيءَ ڏوڙ ۾ لتجيو وڃن ۽ پوءِ به دنيا جي محبت ۽ ديوانگيءَ تي رسيل چاهت ماڻهوءَ جي مَن کي بي چين رکي ٿي. هُو انهن سيني فاني شين سان دلي لڳاءَ سبب حيران ۽ پريشان به ٿئي ٿو. محميَ خچر جون واڳون ڍريون ڇڏيون. سج صبح جي آغاز کان ئي گرم هو ۽ اُس جي تپش ڏينهن جي پهرئين پهر ۾ئي تيزي ڏيکارڻ لڳي هئي. پاڻي وهندڙ چانديءَ جي متحرڪ چادر جيان هو ۽ اُن چَمڪ منجهان نڪرندڙ تجلين اکين کي لڳي ڪيرو ٿي ڪري وڌو. ڪنهن ڪنهن مهل پاڻيءَ جي تيز وهڪري سبب ڪناري جي ڪنهن چاپڙ پاڻيءَ ۾ ڪِري آواز ٿي پيدا ڪيو. ننڍڙيون ننڍڙيون پنيوريون پاڻيءَ جي مٿاڇري تي اُڏامي رهيون هيون. آباديون شايد پاڻيءَ ۽ دز جي ڪري اُتان پري هيون. پُراڻن زمانن ۾ ٻيڙين وسليي وڻج واپار جو سامان هِتان هُتان کان ايندو ويندو هو. هاڻ ان جو به ڪو نانءُ نشان نه هو ۽ سچي رستي تي ڪابه اِهڙي جڳهه نه هئي جتان ٻيڙيءَ وسيلي وڻج واپار ٿيندو هجي. ساساني جيڪي باهه جا پوڄاري هئا ۽ جن جي زماني ۾ رب النوع جي پوڄا گهر ۾ باهه هميشه ٻرندي رهندي هئي ۽ انهن ڪنڊرن ۾ پڻ اها باهه رهي هوندي. اهو قدرت جو

قانون هو ته هر شيءِ زوال جي زد ۾، فنا جي زد ۾ رهي ۽ ايندڙ نسلَ اُن منجهان عبرت حاصل ڪن- پر دنيا ته خوش ٿيڻ، جيئرو رهڻ، بهارن جي سڳنڌ ڀريل هوائن ۾ ساهه کڻڻ ۽ رقص منجهه مَحو رهڻ جو نالو آهي.

'رقص ڪندڙ درويشن جو ڪهڙو مذهب هو؟ اهو ڪهڙو فِرقو هو؟ منصور شايد ڄاڻندو هجي!' اُس ڪجهه جُهڙاٽيل ٿي ته محمّيءَ ڏنو ڪڪر جو هڪ ننڍڙو ٽڪرو سج آڏو مڪتب جي ڪنهن گستاخ ٻار جيان بيٺو هو- پوءِ هن پنهنجو پلئه لهرايو ته هَوائون قطارون ٻڌي سندس مدد لاءِ آيون- ڪنڊرن جي ڳاڙهسري مٽيءَ، جيڪا سِرن جي لاڳيتي پُراڻ - پَٽي جي ڪري هَوا جي رڳڙ سان اُن ۾ شامل رهندي آهي. جَهڪ تيزي اختيار ڪئي، هُو هڪ ڪروڌ ۾ آيل ملڪ جيان گرجندي، حڪم صادر ڪندي، پنهنجا پلئه ڇنڊيندي، ٻاڻ مچائڻ لاءِ پاڻيءَ ۽ دَز جي وهڪري جي تيزيءَ سان مقابلي ۾ جمي بيهي رهي.

ساساني عهد جي هيءَ ڇڳي موچاري ويڪري پُل هئي جنهن جي اُوچن محرابن هيٺيان وَهڪري جي تيزيءَ وارين مُندن جو پاڻي به آسانيءَ سان لنگهي ويندو هو. محمّي جڏهن اُن پُل تان لنگهي رهيو هو ته هڪ ماڻهوءَ جنهن جو جُبو تار تار ڦاٽل ۽ ڪُلاه ذري گهٽ ڦاٽو پيو هو. هُن خچر کي روڪيو.

"ياءِ چا تون مون کي ڳوٺ تائين وٺي هلندين؟"

"ڪهڙي ڳوٺ؟" محمّيءَ جي خچر زور زور سان ڪنڌ ڌوڻيو ڄڻ انڪاري هو.

"اُهو ڳوٺ، جتي ريشم جو ڪپڙو اُڻڻ وارا رهندا آهن، آئون ڏاڍو پرانهين پنڌ کان آيو آهيان ۽ مُنهنجا پير ڦٽيل آهن."

"پر تون هيستائين، هِن پُل تائين ڪيئن پهتو آهين؟" محمّي عجيب شڪ ۽ شُبهن ۾ مبتلا ٿي ويو.

"هَوا مون کي آڻي هِت اُڇليو آهي-" هن واڳ ڇڏي ڏني.

"هوش ۾ ته آهين ياءِ!" محمّيءَ خچر کي اڳيان وڌايو.

"توکي ڇو يقين ناهي ته هوا جيڪا جيئري، متحرڪ ۽ دنيائن جي ڪنارن تائين اچ وڃ رکي ٿي، گهڻو ڪري ائين ڪندي آهي."

"مون ته ڪڏهن نه ٻڌو ته ڪنهن ماڻهوءَ کي هَوا ڪنيو ۽ ڪنهن پرانهين ماڳ تي آڻي اُڇلايو هجي." محمّيءَ وري واڳون ڍليون ڇڏيون ته جيئن منزل ڏانهن وڌي.

"ته ٻُڌ! وقت، حرڪتون ۽ طاقتون سڀ هُن جي ئي تابع آهن!" هُن آسمان ڏانهن آڱر ڪئي- پوءِ رقص ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ اوچتو هڪ واچوڙي وانگر اکين کان اوجهل ٿي ويو.

محمّي حيرانگي ۽ پوءِ منجهان خچر کي ڊوڙائيندو پُل جي ٻي پَر لهي ويو. گهاٽن وڻن اندر نهيل پيچرا ڊوڙندڙ خچر جي ٽاپن سان ٻرڻ لڳا. دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي ۽

ڪيس يقين نہ ھو تہ جيڪو ھُن ڏٺو ھو سا حقيقت ھئي. شايد ھُن جاڳ ۾ خواب ڏٺو ھو!

منصور پيءُ کي ڏٺو تہ محبت جي شدت منجھان سندس اکين ۾ ڳوڙھا پرجي آيا. ھُن محمّيءَ آڏو جُھڪي سندس پير چُھيا. پنھنجي لبادي سان پيءُ جا پير اُگھيا ۽ زور زور سان حسين کي سڏڻ لڳو.

محمّي اجا تائين پُل تي تي گدريل اُن عجيب واقعي سبب پريشان ھو. اُن ڪري ھٿ جي اشاري سان ھُن منصور کي جھليو ۽ ماٺ رھڻ جو اشارو ڪيو.

ٻئي پيءُ - پٽ ويھڪ جي ان ڪمري ۾ خاموشيءَ سان ويٺا ھئا. منصور گوڏن ڀر ويھندي ادب مان پڇيو.

"ڇا ڳالھہ آھي بابا سائين، ڪو حادثو پيش آيو آھي ڇا؟"

"آئون اُن کي حادثو نہ چوندس." ھُن منصور کي سچو واقعو ٻڌائيندي چيو.

منصور ڪجھہ دير ماٺ رھيو، پوءِ چوڻ لڳو: "رقص ڪندڙ درويشن جو تہ مون ٻڌو آھي پر ڪنھن انسان جو ھَوا سان گڏ اُڏامي اچڻ ۽ ھوا ۾ کُھلي واچوڙي جيان گُم ٿي وڃڻ، سمجھہ ۾ نٿو اچي تہ ڪھڙو ڳجھہ ھو!"

محمّي چيو: "۽ خچر جو ايتري قدر بي چين ٿيڻ، جڏھن تہ طبيعت جو ھيءُ ڏاڍو غريب جانور آھي!"

"ھوا ۾ مافوق العقل ھَستيون ۽ روح جيڪي قرار نہ ماٽي سگھن ۽ جنّات ٿيندي آھي." منصور جواب ڏنو.

حُسين دروازي تي بيٺي چيو: "ڏاڍا سائين، اوھين حيران نہ ٿيو، عرش کان وٺي فرش تائين سمجھہ ۾ نہ اچڻ واريون طاقتون آھن!"

محمّي ۽ منصور ٻنھي ڏانھس ھڪ ئي مھل مڙي ڏٺو. ھو ڪينھوڙو ھٿ ۾ جھليو بيٺو ھو جيڪو گدريل ملاقات ۾ سندس ڏاڏي ڪيس آڻي ڏنو ھو. سندس اکيون چَمڪي رھيون ھيون چڻ سج جي روشني ڪنھن پُراسرار طريقي سان انھن ۾ سمائجي وئي ھجي يا آب دَز جي چمڪندڙ ڏارا اُتي روشن ھجي- پوءِ ھُو اندر آيو ۽ محمّي سان چنبڙي پيو ۽ سندس ڳلن، مُنھن ۽ اکين تي چُمين جو مينھن وَسائي ڇڏيائين.

عجيب ديوانگيءَ سان ڏاڏو ۽ پوٽو ھڪٻئي کي چنبڙيا پيا ھئا. منصور سوچيو تہ ھو ۽ پٽس ڪڏھن اِھڙيءَ ريت ناھن مليا، ڪڏھن اِھڙي بي خوديءَ منجھان پيار نہ ڪيو اٿن. ھميشہ ھڪ ديوار، سندس ۽ منھنجي وچ ۾ رھي. ڪجھہ نہ ڪجھہ ھو، ھڪ حجاب، ھڪ ھٻڪ، جنھن ٻنھي کي گڏ ھوندي بہ الڳ رکيو ھو چڻ دريا جا بہ ڪنارا ھجن، گڏ بہ ۽ الڳ بہ - فاصلا ڪوھيڙي جيان اسان وچ ۾ رھيا. شايد سڀ پيئر اولاد سان ائين ئي ڪندا آھن. پوءِ اولاد جي اولاد ۾ اُھي سڀ اڻ چيا جذبا، جابلو چشمي جيان ڪمزور سطح پَسي، پوري

زور ۽ شور سان اُڌمجي پوندا آهن ۽ تمنارن جي اُها ڪيفيت مدهوشيءَ جهڙي ٿيندي آهي.
حُسين ۽ سندس ڏاڏو اُن محل مدهوشيءَ جي اُن ڪيفيت سان تمنار هئا جڻ ٻاروتڻ ۽ ٻڍاپو هڪ ئي تصوير جا ٻه رُخ هجن.

"توکي ڪيئن خبر پئي ته رستي ۾ ڪو حادثو پيش آيو آهي؟" محمّيءَ پيار منجهان ڪيس پاڻ وٽ ويهاريندي چيو.

اِنهن ڇهن مهينن ۾ هُن چڱو خاصو قد ڪڍيو هو. سنجيدو، پُراعتماد ۽ وڏندڙ، بي نيازي ۽ پُروقاريءَ جهڙو - ڪارن وارن سان ڍڪيل مٿو ۽ گلابيءَ مائل رنگ.

حُسين ڪِليو، گهٽي ڪجھ ڇاٽندڙ پراسرار مُرڪ ۽ پنهنجين اکين ڏانهن اِشارو ڪندي هُن چيو: "مون ڪيس ڏٺو هو جڏهن هُن اوهان جي خچر جي واڳ جهلي هئي، اوهان جو رستو روڪيو ۽ پوءِ رقص ڪندي گُم ٿي ويو هو."

منصور پنهنجو ڪنڌ جُهڪائي ڇڏيو ڄڻ هو پنهنجي پٽ جي اِنهيءَ عادت کان سخت بيزار هجي.

"بابا سائين، هيءُ خوابن جي تاجي پيٽي ۾ گُم رهندو آهي ۽ آئون پريشان آهيان ڇو ته ڪير به سندس خوابن کي سچ ته نه سمجهندو اُٽلو ڪيس ماٺهو ديوانو سڏيندا."

حُسين پنهنجي ڪينهوڙي سان ڪيڏندو رهيو. پوءِ هن ڏاڏي جي جُبي کي مضبوطيءَ سان جهليو: "مون لاءِ اوهان ڇا آندو آهي؟"

"منصور، آئون ته ذري گهٽ وساري ويٺو هئس، خرزين ۾ هِن لاءِ هڪ گاڏي آهي."

"گاڏي!" چئي حُسين به منصور سان گڏئي ٻاهر ڏانهن ڊوڙيو. محمّي سندن غير موجودگيءَ ۾ ڏٺو ته ويهڪ جي ان ڪمري ۾ هڪ بَدنو رکيل هو ۽ ڪلام پاڪ به عمدي ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهيو ويجهو ئي رکيل هو. محمّي کي لڳو ڪمرو ڦري ويو آهي، اُن جا ٻاهر ڏانهن کُلندڙ ننڍڙا ننڍڙا ٻُڙڪا بند ٿي ويا آهن ۽ ڇت مٿانئس ڪِرڻ واري آهي. جنديساپور جي مدرسي ۾ پڙهڻ جو انجام اِهو ٿيو هو!

زردشت محمّيءَ کي رت، پنهنجين رڳن ۾ خاموش، دوڪيباز ۽ ڪوڙو ٿيندي محسوس ٿيو. سندس سيئي رشتا، ماضيءَ ۽ مقدس باهه ۽ عبادت گاهه سان گڏ هڪدم هارائجي ويا. مٿس اڪيلائيءَ جو احساس طاري ٿي ويو. ڄڻ مٿس ڪا ڪاري ڪڙڪندڙ بَلا ڪُجھ لمحا پنهنجو تسلط ڄمائي رهي هجي. سندس نڙيءَ ۾ ڪجھ گهٽجڻ ۽ گلو سُڪي ٽوٽ ٿيڻ لڳو. ڇاتيءَ تي ڪا اڻ ڏٺي آفت چنبو ڪوڙي اچي ويٺي. دماغ هڪدم ڦريو ۽ هُو پنهنجو پاڻ بچائڻ خاطر، پنهنجي پاڻ کي وِکرجڻ کان بچائڻ خاطر، جُهڪي ويو - هڪ ئي ڇال ۾ سندس روح سندس قيدخاني جي ڪمزور دروازن کي ٽوڙي، سندس جسم جي پيجري منجهان پرواز ڪري ويو.

(2)

سياري جون ٻهريون تاريخون هيون. ڪوه الوند تان برف وڳرڻ شروع ٿي چڪي هئي ۽ گھاٽن وڻن جي ڇانوَ ۾ بهار جي سڳنڌ محسوس پئي ٿي جڏهن حُسين ڪي وٺي منصور تُستر پهتو. هن پنهنجي پُٽ کي ڪيترن ئي مدرسن ۾ انهي اُميد تي داخل ڪرايو هو ته جيئن شايد هُو پنهنجين رڳن ۾ رَچيل رت جي امانتن کي ايمان سان روشن ڪري سگهي. باهه گلزار ٿي وڃي ۽ ابراهيمي امانتن کي نيڪي ۽ ڀلائي نصيب ٿئي-

حسين جو روح بيچين هو ڇاڪاڻ ته زاهد ۽ پارسا ڪيس پسند نه هئا. هر سبقن سان سندس جهيڙو ٿي پوندو هو. هُو استادن جون غلطيون جَهلڻ لڳندو هو ۽ دَرس لاءِ جيڪو ماحول ضروري آهي ان کي درهم برهم ڪري ڇڏيندو هو. محمّي ڪان پوءِ منصور خاندان سميت سراءِ ۾ اچي رهيو هو. هن سراءِ قافلن لاءِ بند ڪري ڇڏي هئي پر ايڪڙ ٻيڪڙ مسافر بنان ڪنهن احسان يا عيوضي جي اُتي رهي سگهندا هئا. هُو سندن آرام جو اُهڙيءَ ئي ريت خيال رکندو هو جهڙي طرح سندس پيءُ جي حياتيءَ ۾ سراءِ ۾ رهڻ وارن جي خدمت ڪئي ويندي هئي. هُن آتش ڪدي کي هڪ حجري ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو، جڏهن سخت سرد راتين ۾ ٻاهر طوفان ٿي اُٿيا ۽ برف ٿي ڪِري ۽ ريگستان ڪان هوا هلندي، وڻن کي جُهڪائيندي سرَرَ سرَرَ ڪندي بي چين ڪندي هئي ته اُتي ويهي ڪلام پاڪ پڙهيو ٿي ويو، اُن جي معنائن تي غور ڪيو ويندو هو ۽ هر لحظي حيرت وڌندي، حقيقت جي دريافت تَهه در تَهه ڳجهيون معنائون، نئون آواز ۽ ناممڪن البيان معجزو ٿي ٿيو. جنهن سان سندس اندر سرشار ٿي ٿيو: سندس دل نئين شوق ۽ ذوق ۾ مشغول پئي ٿي.

حُسين انهن ڏينهن ۾ اُنهيءَ آباديءَ جي خانقاه ۾ پڙهندو هو. اهڙين راتين ۾ جڏهن هوا هلڪي هلڪي هلندي هئي. استاد اڳڻ ۾ ٻاهه ٻاري ان جي چوڌاري ويهي درس ڏيندا هئا ته حسين درس ٻڌڻ بجاءِ ٻاهه جي ڄرڪندڙ اُلن ڪان پريان اگهور اونده ڏانهن ڏسندو ۽ گهوريندو رهندو هو. پوءِ پنهنجي منهن تي خوف ۽ ڀَوُ جون ڪيتريون ئي ڪيفيتون پيدا ڪندو ۽ ٻين شاگردن جي درس ڏانهن مَحويت ۾ مخل ٿيندو هو. هو عمر ۾ انهن سيني کان ننڍو هو: سندس اِنهي بي ڌيانيءَ سبب استاد مٿس ڪاوڙيا هئا. منصور کي ياد آيو ته جڏهن ڪيترائي ڀيرا درس ۽ تدريس مهل حسين ٻاران ائين ٿي چُڪو ته استاد ٻاهه منجهان ٻرندڙ ڪاٺي ڪڍي سندس پيشاني تي سزا طور ڏنيِ ڏنو، زخم گهرو هو ۽ زخم ڇٽڻ ۾ ڪيترائي مهينا لڳي ويا.

حُسين چوندو هو: ”منهنجي پيشانيءَ تي هيءُ داغ دلربائيءَ جو آهي!“

ها، هيءُ داغ دلبريءَ جو هو جنهن کي پنهنجي پيشانيءَ تي سينگاري منصور ۽ هُو تُستر ۾ داخل ٿيا هئا.

سهل بن عبدالله تُستريءَ جو هيءُ مڪتب تُستر جي باغن ۾ وڪوڙيل ماڙيءَ ۾ هڪ خاموش ۽ نويڪلي ڇيڙي تي هو. جبل جي هنج ۾ ماڙيءَ جي ڇيڙي تي، جتي آواز نالي ماتر ئي ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. جڏهن شام جا پاڇا ڏينهن جي زوال جو مظهر ٿي لڻا ٿي ته نيري دونهين جون وَنگ ڪائيندڙ لڪيرون مٽي تي اُٿيون ۽ ڊگها پاڇا مسجد ۽ عبادتگاهه ڏانهن ٿي وڌيا ۽ رات هڪدم چوڦاسي کان حملو ڪندي چانٺن تي رسي ٿي آئي. ڏيئڙن جي لِياڪا پائيندڙ روشني فاصلن کان ڏيکائيون ٿي ڏنيون ۽ مٿن تارن جو گمان ٿي ٿيو. ڪڏهن فرحت ۽ خوشيءَ جي محفل ۾ جڏهن نغارو وڄايو ٿي ويو ۽ رقص ڪندڙ مردن ۽ عورتن زور زور سان هائو هو ٿي ڪئي، ته انهن صدائن گونج پيدا ڪندي، پاڻ سان گڏ نغمگي ڀريل لهرن جهڙي ڪنبٽيءَ جي پڙاڏن کي آندو ٿي جيڪي دير تائين ٻڌڻ ۾ پئي آيا. ڄڻ خالي ڪمرن ۾ ڪوئي هو، جيڪو پنهنجيءَ ئي صدا کي ٻڌي، اُن جي اوسي پاسي حيرانگي ۽ پريشانيءَ جي عالم ۾ چڪر هڻي رهيو هو. مڪتب کان اوپر ڏانهن هڪ ٽڪريءَ جي ڇيڙي تي جتي جڳهه ڪُليل ۽ ڪشادي هئي، چشمو ۽ خانقاه هئا. مراقبي ۾ گم ۽ عبادتن ۾ مشغول هيڪلايون ونندڙن جي ذڪر سان فضا آباد هئي. ماڻهو ڏورانهين کان زيارت ڪرڻ ٿي آيا. دُعا جي قبوليت جي آٿت ۽ اطمينان سان گڏ، چاڪاڻ ته هتي جو حلقو راتين جي اوجاڳن سان اُتساهيل هو ۽ شوق سندن اندر کي بيقرار رکندو هو، سندن دل گرم، نگاهه پاڪ ۽ وجود بي تاب هئا، ۽ مشڪ ڪتوريءَ جي سڳند جيان سڄي عجم ۾ سندن سڳند پکڙيل هئي جيڪا دماغ ۽ حواسن کي معطر ڪندي هئي.

درس ۽ تدريس ۾ شريڪ شاگردن کي سخت جفاڪشي، نفس ڪشي، بکن ۽ راتين جي اوجاڳن جي مرحلن مان گذرڻو پوندو هو. وجود وڃائڻ پهرين منزل هئي. عام ماڻهوءَ لاءِ اهي جفاڪشيون سَهپ جوڳيون نه هيون. هتي پهچي حسين جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي، منصور حسين کي سهل بن عبدالله تُستريءَ جي آڏو پيش ڪيو. ”ڪلام پاڪ سان محبت هِن جي واحد ساک لائق ثابتي آهي، جيڪا جرئت ۽ عاجزيءَ سان اوهان آڏو حاضر ڪري سگهان ٿو.“

سهل ڪنڌ لوڏيندي مان ٿي ويو ۽ حسين سندن سکيا ۾ شريڪ ٿي ويو.

موڪلائڻ مهل منصور پٽ کي چيو، ”پيارا پٽ پنهنجو پاڻ کي هن سَچيءَ سکيا جو اهل ثابت ڪرڻ هاڻ تنهنجو ڪم آهي.“

”بابا سائين منهنجي خدا جيڪڏهن مون کي هيستائين رسايو آهي ته رهنمائي به اهوئي ڪندو“

منصور چيو، ”ساهه کان پيارا پٽ! آئون ڪپڙو اُڻڻ وارو هڪ گهٽ عقل ماڻهو آهيان. خدا ۽ ماڻهوءَ وچ ۾ ناتي جي پروڙ کان به اڻڄاڻ- پرهيزگاري ۽ نفس ڪشيءَ مان به

مون کي ڪو حصو نہ مليو پر منهنجا آدرش اُتاهان آهن: منهنجي دل تي چٽيل نہ تون انهن کي تڪميل ڏي. منهنجن خوابن جي تعبير تيءُ خواب، جن جي ڪُڙڪ بہ بابا سائينءَ جي حياتيءَ ۾ مون ڪنهن کي نہ ڏني. آئون نماز پڙهندو آهيان تہ پنهنجي طبيعت جي انتشار کي ترتيب ۾ رکڻ لاءِ: هونئن تہ بي حضوريءَ جي سجدن ۾ ڪا لذت ناهي. حضوريءَ جي سعادت منهنجي نصيب ۾ ڪٿي؟ پر حدا تو کي ڪنهن طوفان سان آشنا ڪري ڇڏي.“

حسين پيءُ کي پاڪر ۾ پريو ۽ ان سوڙهيءَ وٿيءَ منجهان هڪ لحظي لاءِ منصور پنهنجن نظرن سان گهٽو ڪجهہ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو ڇڻ هو خواب ڏسي رهيو هو. پٽ جي پيشانيءَ تي اُها چُمي ماڪيءَ لار هئي جنهن جي ميناج کي حسين ان کان پوءِ هميشہ پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪيو. اُهو هڪ املهہ سرمايو هو، اُهي سڀ محبتون پنهنجي پلئہ ۾ لڪائي جيڪي منصور کي هيل تائين نصيب ٿيون هُيون، هن چشمي جي نغمگيءَ جيان انهن حسين جي هوشمنديءَ جي ويتر آبياري ڪئي.

پوءِ منصور انهن سوڙهين ڏاڪڻين تان لٿو، پهاڙيءَ تان هيٺ لهي هُن مڙي مٿي ڏٺو. حسين جو هٿ ڪچيل هو جٽڪ اننت بحر ۾ ٻڏڻ وارو مدد لاءِ ٻاڏائڻ گهري. سندس دل عجيب طرح سان بيچين ٿي. هن چاهيو تہ واپس وڃي ۽ پُٽ کي وري پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي پر هُن بہ هٿ لوڏيو، پوءِ موڙ جي ڪري سيڪجهہ سندس اکين کان اوجهل ٿي ويو.

سِراءِ ۾ واپس پهچي منصور ڏاڍو مطمئن هو ڇڻ ڪنهن معتبر ۽ وڏي بوجهہ کان آجو ٿيو هجي. کيس ياد آيو تہ جڏهن آخري ڀيرو حسين کيس ڀاڪر ۾ ڀريو هو تہ هڪ نُور ڀري نديءَ کيس پنهنجي اندر ۾ آوارگي ڪندي محسوس ٿي. عرش جا ست ئي دروازا هڪدم کُلي ويا هئا، ڇڻ آسماني ڪنوڻ جي چمڪات سندس اکين کي کيرو ڪري وڌو هجي. هيءُ سڀ کيس پنهنجو وهم لڳو هو. سندس آدرش اُتاهان ۽ همت ڪوتاهہ هئي. هو تہ هڪ نهايت عام ماڻهو هو، ٻي پهچ! جنهن کي حق جي حضور مان بي تابي عطا ٿي هئي پر سندس پهچ ڪٿي بہ نہ هئي. هو عبادت گذار نہ هو، صرف نماز پڙهندو هو. ڪلام پاڪ سان سندس اندر جي بي تابي ويتر وڌي ٿي، ان سڪون کان بہ وڌيڪ پرلطف جيڪا کيس اُئين حاصل ٿيندي هئي. منجهس هڪ حيرت جوڳي ڪيفيت بہ اپرندي هئي تہ هو خدا سان همر ڪلام آهي. اُهو ناچيز معمولي ذرڙو سڌو سنئون ان خالق ڪائنات جي روبرو آهي، حاضر آهي، ان نگاهہ سان ڪڏهن ڇُهيو وڃيو آهي جيڪا ’ڪُنْ‘ آهي! سڄو ڏينهن هو عجيب بي خوديءَ جي عالم ۾ پنهنجن ڪمن ۾ لڳو ٿي رهيو، هڪ اکيون کيريون ڪري وڃهندڙ روشنيءَ سان سرشار، اُن لهردار ڏارا جي بي پناهيءَ ۾ غلطان-

”تير“ هلي چُڪو هو. جڏهن هڪ ٽولو سراءِ ۾ اچي رسيو- اُهي ڏاڍي پراسرار روايت جي بوجهہ کڻڻ جا حامل هئا ۽ بيچين هئا. انهن آرام لاءِ سندرا بہ نہ کوليا سندن خچرن جون خرزينون انهن تي اهڙيءَ طرح ئي پڌل رهيون.

"ڇا ڪائڻ لاءِ ڪجهہ ملي سگهندو؟" هنن منصور کان پڇيو. منصور ڪتاب تان نظرون هٽائي ڏاڍيءَ بي نيازيءَ مان چيو. "سراءِ بند ٿي چُڪي آهي."

"هو آتش پرست جيڪو سندس مالڪ هو سو ڪٿي آهي؟" انهن مان هڪ نهايت تيزيءَ مان پڇيو.

"اوهان کي ڇا کپي؟ آئون برادرانہ طور اوهان جي خدمت لاءِ تيار آهيان." منصور چيو.

"اسان وٽ وقت گهٽ آهي بلڪ نہ هئڻ برابر آهي. ڪجهہ بہ، جيڪي بہ ملي سگهي جنهن کي پاڻ سان گڏ کڻي وڃي سگهون."

"پاءِ گرمي ايتري قدر شديد آهي ۽ ٻپهريءَ جي مهل بہ اچي پڳي آهي، ڇا توهين آرام ڪرڻ نہ فرمائيندؤ؟ اندر تڏڪار بہ آهي ۽ ڇانوَ ۾ جانور ڪجهہ ساهہ پٽي وٺندا."

نهايت بي همتيءَ مان هڪ پنهنجي لبادي کي چوڏاري اوڍيندي چيو: "اسان وٽ تہ ڊنگ سان موت کي بہ پليڪار ڇوڻ جو وقت ناهي، رهڻ ۽ دعوت قبول ڪرڻ لاءِ وقت ڪٿان آڻينداسين؟"

منصور ڇوڻ واري ڏانهن گهريءَ نگاهہ سان ڏٺو. انهن سڀني جون ڏاڙهيون وڌيل ۽ لباس ميرا هئا. وار وکريل ۽ پريشان حال هئا. نَهن ۾ نيري رنگ جو مير ۽ اکيون اوجاڳن سبب ننڊاکڙيون، ميرانجهڙيون ۽ ڳاڙهسريون هيون. سندن ڇيلهن تي تلوارون بي ترتيبيءَ سان ٻڌل هيون ۽ انهن مڙي مڙي ٻاهرئين داخلي دروازي ڏانهن ڏٺو ٿي. خبر ناهي هي ڪير هئا؟ ڪٿان کان آيا هئا؟

منصور اوٻاريل گوشت ۽ خشڪ ماني حاضر ڪئي، کَلي پاڻيءَ سان پيري ڇڏي ۽ بي صبريءَ سان انتظار ڪرڻ وارا مهربانيءَ جو هڪ لفظ ڇوڻ سواءِ پنهنجن خچرن کي ذري گهٽ تيزيءَ سان ڊوڙائيندا ڏوڙ جي ڪڪرن ۾ غائب ٿي ويا. هُو آب ۽ دَز سان گڏوگڏ اوير ڏانهن سفر ڪرڻ وارا هئا - آثارن تہ اهوئي پئي ظاهر ڪيو.

منصور ڪتاب کوليو ۽ جهولن کان بچڻ لاءِ درين کي بند ڪيو. هي ڪهڙو فتنو هو؟ اسلامي سلطنت جون پکڙيل حدون ڪيترين قيامتن کي هوا ڏئي رهيون هيون- عجيب دين، عجيب ۽ غريب فرقا ۽ عقيدا پيدا ٿي رهيا هئا. پوءِ هن ڪتاب کڻي ورتو.

گهوڙن جي ٽاپن جي گوڙ کان اگڻ ٻرڻ لڳو. خبر ناهي هي سندن ساٿي هئا يا ڪي ٻيا ماڻهو هئا جيڪي پاڻيءَ ۽ ڪاڏي جي ڳولا ۾ آيا هئا پر هاڻ تہ ڪنهن جي خدمت ڪرڻ ذري گهٽ ناممڪن هو. گوشت ۽ ماني هو پهرين ئي پيش ڪري چُڪو هو ۽ هاڻي ڏيڻ لاءِ وٽس ڪجهہ باقي نہ هو. پوءِ تلوار جي نوڪ سندس ڇاتيءَ ۾ چُڀيندي هڪ فوجيءَ کانئس پڇيو.

"ڇا تو ڪِن زنديقن کي ڏٺو آهي؟ اسين سندن پيڇو ڪري رهيا آهيون."

منصور حيران ۽ پريشان سندن صورتن، ڍنگ ۽ طور طريقن مان شڪ ۾ مبتلا ٿي ويو. هن انڪار ۽ اقرار ڪجهہ بہ چوڻ نہ چاهيو هو.

"زنديق!" هن پڇيو، ۽ آهستگيءَ سان تلوار کي پري هٽائي ڇڏيائين. هو کائنئن پوائتو ٿيو نه ڪنبيو - هو صرف دلچسپيءَ سان کين ڏسي رهيو هو. هي ماڻهو افعالن ۾ ڪجهه ميرا ۽ ٿورڙا غليظ هئا، سندن اکيون ڳاڙهيون هيون ڇڻ شراب پيتل هجين. پر هو سخت ڪاوڙ ۾ هئا جيئن شڪار جي هٿان نڪري وڃڻ کان پوءِ شڪاري ڇتو ٿي پوي.

"منجهن هڪ ماڻهو آهي جنهن نبُوت جي دعويٰ ڪئي آهي." انهن وضاحت ڪئي، "۽ جيڪڏهن ان کي ٿياس تي نه ٽنگيو ويو ته وڏيڪ فتني جو سبب ٿيندو."

منصور ڪليو، "نبيءَ کي پڇڻ جي ضرورت؟"

"ها اُهو ۽ سندس ساٿي ڪوڙا آهن- ۽ ڇون ٿا ته خدا کيس پنهنجو جلوو ڏيکاريو آهي. مٿس وحي نازل ٿيندو آهي."

"هو پنهنجو پاڻ کي اهل بيتن مان سڏائيندو آهي نبوت جو دعويدار آهي." ٻئي وڏيڪ تفصيل سان ٻڌايو.

"اوهان ماڻهن سج ايرڻ سان گڏ ماڪ کي فنا ٿيندي ڏٺو هوندو."

هڪ ور ور ڪري ايندڙ وڏو ٻڙاڏو اوسي پاسي جي وٽن منجهان اُيريو، جيئن راڳ شروع ڪرڻ کان اڳ ساز کي سُرَ سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي رهي هجي. پوءِ سراءِ کان پرينءَ پَر واري وَسنديءَ جي باغن ۾ هڪ کان پوءِ هڪ، ڇڻ گواهي ڏيڻ وارا هجن- ڏوڙ ۽ انڌڪار ڀريو طوفان اوسي پاسي واچوڙن جيان گهميو. سُوس جي دشت جي پيلاڻ ۽ لالاڻ مائل رنگت واري واريءَ لهرن جيان مٿي اُيري ۽ هر شيءِ تي غالب پئجي وئي- ان ۾ ڏورانهن کنڊرنَ ۽ ويرانين جي ڏورانهن سخت جان ٻوٽن ۽ ٻنن جي سُڳنڌ هئي. زمانن کان هارايل شڪست ڪاڌل عمارتن جي خاڪ هئي. پاڻيءَ ۽ دز جي مٿان واري گهمر ۽ هوا هئي پر سڀ رستابند ٿي چڪا هئا.

هيءَ موتمار آفت جهڙي هوا هئي جنهن جي زهرناڪيءَ کان بچڻ لاءِ درين کي بند ڪرڻ ضروري هو، نه ته اُن جِي خشڪي ڪَل کي پنهنجي ناسوريت کان متاثر ڪندي آهي ۽ ڪَلَ ڦاٽي چلر چلر ٿي پوندي آهي. جنهن جو علاج انهن ڏينهن ۾ نه ٿي سگهندو هو. اُڃ اُجهائي نه اجهندي ۽ زبان سُڪي لڙڪي پوندي هئي البته جانورن تي ان جو ڪو اثر نه ٿيندو هو.

هُن گلمر تي ويهي کين چيو، "اوهين منهنجا مهمان آهيو ويهو، آئون اوهان لاءِ جيڪي ڪجهه ڪري سگهان ٿو سو اوهان جي شان لائق ته نه هوندو پر ان سان مون کي آٿت ضرور ملندو."

"پر اسين جنهن جي ڳولا ۾ آيا آهيون تنهن جو ڇا ٿيندو." انهن منجهان گهڻا گلمر تي ويهي رهيا.

"هيءَ هوا جيڪا دشت سُوس کان هلندي آهي فائديمند ناهي، جيڪڏهن ڪي اهڙين

حالتن ۾ ايذائنهن هوندا ته سندن بربادي جو يقين ڪري ڇڏيو.“ منصور اندرئين ڪمري ڏانهن وڌندي چيو.

”آخر ماڻهو خسيس تہ هامون ڇو ٿا هڻن. نبي هئڻ جي، خدا هئڻ جي، فطرت کان فائق هئڻ جي دعويٰ ئي ڇو؟“ مهمانن منجهان جيڪو سيني کان سنجيده هو تنهن باقين کان پڇيو.

”ماڻهن کي ڇرڪائڻ ۽ کين حيران ڪرڻ سندن غرض هوندو.“ ڪنهن چيو.

”رڳو اِهو ئي ناهي، وڏيڪ لوازمتن جو بندوبست بہ- ڪجهہ ڪرامتون، ڪجهہ ڳجها حال پنهنجي چوڌاري بيوقوفن کي گڏ ڪرڻ لاءِ.“

”ماڻهن جي تسليءَ لاءِ ڪا ڪرامت، ڪو آئت بہ تہ لازم آهي.“

”هيءُ نبي جنهن جي ڳولا ۾ اسين حيران ۽ پريشان آهيون ڪهڙي چَمڪ رکي ٿو؟“

”چوي ٿو مون تي وحي نازل ٿيندو آهي، آئون ذوالقرنين آهيان، نبي آهيان، عجيب تاويلن سان پنهنجن مطلبن جي وضاحت ڪندو آهي.“

”ڇا ان سان ڪڏهن پوڙهو ماڻهو ناهي؟ جيڪو چوندو آهي تہ هن پنهنجي هوش ۽ حواس جي حالت ۾ پنهنجين هنن فاني اکين سان وحي نازل ٿيندي ڏٺو آهي!“

”اِهي ڇا پڙهندا آهن! منهنجو مطلب آهي تہ ڪو ڪتاب ڪا شريعت؟“ منصور پڇيو.

”اهي سودائي ۽ وڳوڙي هوندا آهن، خيالن جي شدت ۽ ڪجهہ ڪري گذرڻ، پين کان پنهنجو پاڻ کي منفرد ڪرڻ جي تمنا کين اهڙي نازڪ موڙ تي وٺي ايندي آهي جتي کين خواب ڏيکائي ڏيندا آهن. عڪس ۽ خاڪا، ۽ مڃي وٺندا آهن تہ کين عام انسانن کان وڌيڪ طاقت عطا ڪئي ويئي آهي. متن وَحي لهندو آهي.“

”ڇا محمود بِن فرج پڻ اهائي دعويٰ ڪئي آهي؟“ منصور پڇيو.

ملازم دسترخوان وڇايو، بَدنو ڪٽي سيني جا هٿ ڌوئارايائين. پوءِ ڪبابن جو هڳاءُ گلن جي خوشبو وانگر اُڏامي اندر کي راحت سان سيراب ڪري ويو. سليقي سان پر تڪڙ منجهان سيڪيل شيخ ڪبابن ۾ عمدن مصالحن ۽ گيهہ جو هلڪو سٽپ هو. انهن ايراني ڪاڏن ۾ هندي پڪوانن جهڙي لذت بہ محسوس پئي ٿي. ڇاڪاڻ تہ هندستان پري نہ هو ۽ سوداگرن سان ملاقات ٿيندي رهندي هئي. سراءِ ۾ محمّيءَ جي زمانن ۾ زردشتي زيارت جي مقصد لاءِ اڪثر ڏورانهان سفر طئہ ڪري معبدان ۾ ايندا ۽ هِن ڌرتيءَ جي محبت ۾ گهٽو ڪري هتي ئي رهي پوندا هئا. ناهيد جي وڏي عبادتگاهہ جي غلامن ۾ گهڻا هندي ماڻهو هئا، جيڪي عالم ۽ ڏاڍا باڪمال هئا. ڪهاڻيون ٻڌائڻ ۾ سندن ڪو مقابل نہ هو، اُها آڪاڻين جي ڌرتيءَ جون ڪهاڻيون جنهن تي اڳين زمانن ۾ اوتار لهندا رهندا هئا.

”آئون اوهان جي دل گُهري خدمت نہ ڪري سگهيس!“ منصور چيو. دسترخوان ڪجي

چڪو هو ۽ ڏوڙ ۽ انڌڪار جو گوڙ هر لحظي وڌندو ئي ٿي ويو- آسمان ڏوڙ ۾ لڪل ۽ سج تنهن ڪان بہ ڏور هو-

ايران هڪ دنيا آهي هتي آبهوا هر طرح جي لڀي ٿي ۽ هر مذهب ۽ قوم جا ماڻهو ۽ اجا اُن ڪان بہ آڳاٽن ڪجهہ گمنام قبيلن ۽ ريگستانن جي پيءَ پر ڪان شديد مُندن جي دباءَ ۽ اُتاهن جبلن جي اوٽ ۾ رهڻ وارا خانہ بدوش جن خدا جي ذات تي يقين نٿي رکيو- هڪڙا پنهنجو پاڻ تي اَڏنگا نازان ۽ مغرور، پنهنجو پاڻ کي غير معمولي سمجهندي نبوت جي دعويٰ ڪرڻ وارا ماڻهو ۽ ٻيا سندن پويان لڳل، حيران ۽ پريشان سندن تعاقب ۾ پاڻ تي ننڊون ۽ آرام حرام ڪندڙ ماڻهو.

”نہ ياءِ، اوهان جنهن قرب سان اسان کي پنهنجي ذاتي مهمان خاني ۾ جڳهہ ڏني آهي ان جو ٿورو اسان لاهي نٿا سگهون.“ لاڳيتي اوچاڳي سبب بند ٿيندڙ اکين کي اوُڪائيءَ سان کوليندي قافلي جي سردار چيو.

”ياءِ ڇا اوهان محمود بن فرج کي سڃاڻو ٿا؟“ انهن منجهان هڪ منصور کان پڇيو.

”هِن پاسي اِها روايت دشت ڪبير کان آئي آهي. اتي محمود بن فرج پنهنجي نبي هئڻ جو اعلان ڪيو آهي. ڪجهہ ماڻهو ساڻس گڏ آهن ۽ هُو پنهنجي دين جي پرچار لاءِ عملي طور سرگرم آهي.“ منصور جواب ڏنو.

”اوهان ڪيس ڏٺو آهي؟“ پڇيو ويو.

”نہ. رڳي حڪايت ٻڌي اٿم. داستان جنهن کي وڌائي چڙهائي پراسرار بڻايو ويو آهي.“

”اسين جنهن نبيءَ جي تعاقب ۾ آهيون. اُهو ڪوڙو، بدڪار، ۽ ديوانو آهيٰ پر هو پنهنجو مؤقف رکي ٿو.“

”يعني سندس ڪلام جيڪو هُن تفسيرن، تاويلن ۽ اُن ۾ گهٽ وڌاءَ جي وضاحت سان گڏ پنهنجن قولن ۽ اعتقادن ۾ سهيڙيو آهي؟“ منصور پڇيو.

”هُو شاعر آهي. لفظن کي تڪي توري ترتيب سان ڳالهہ ڪرڻ وارو، چوي ٿو اها سندس شاعري آهي ۽ شاعري پيغمبري ٿيندي آهي.“

”ايران جي مني آبادي پيغمبريءَ جي دعويٰ ڪري سگهي ٿي.“ منصور کي اِهي ڳالهيون وڻيون. شايد پيغمبر بڻجڻ عام ماڻهو ٿيڻ کان وڌيڪ سولو هجي.

وينل ماڻهن زور زو سان ٽهڪ ڏنا ۽ متن ڪِل جي هڪ دوري جهڙو اثر ٿيو.

”'پاڻيءَ ڪناري، رات چانڊوڪي لاري' کو منهنجي انهي مصرع کي پورو ڪري ڇڏي.“ هاڻ هُو ائين ئي مستي ۾ اچي ويا هئا.

”ڇا باقي ڏينهن هتي وبهي وڃائڻ جو پَهہ پڇايو اَٿو.“ منجهائن هڪ ڪرڙوڊ پڇيو.

”اسان جي زندگي هلائڻ ۽ حلاڪتن سبب ننڊڙي تہ آهي ئي، پر هن زهريليءَ هوا ۾ وجود وڃائڻ جي بہ ڪهڙي ضرورت؟ طوفان بيهي وئي.“

هيءَ ڏرتي ڪڏهن ڪان فتنن جو نشانو بڻيل هئي. عباسين جي ڪمال جي اظهار آزادي. خيالن جي گستاخي ۽ بيباڪي، فلسفي جي نڪتہ چينين. انهن فتنن کي هوا ڏني هئي، اُنهن جي اُسرڻ ۽ نسرڻ لاءِ فضا کي مواقف بڻايو هئائون. يونان جي علمي خزانن ترجمن ذريعي جيئن جيئن عرب ۽ عجم ۾ پير پاتو، ڪين سمجهڻ ۽ انهن کي روزمره جي زندگيءَ جي معيار تي آزمائڻ لاءِ، پنهنجي مذهب کان منهن ڦيرڻ تہ نہ، پر ڪجھ جسارتون پڻ عام ٿي ويون. خليفو علم دوست هو، نَون نَون فنن جي سرپرستي ڪندو هو ۽ ماڻهو ڏورانهن ڏيهن کان اُن بي پناهہ دربار ڏانهن ڇڪبا هئا.

جڏهن خلقِ قرآن ۽ وصف خدا تعاليٰ جو هُل هُلاچو اُٿيو آهي تہ معتزلا جتي ٻين فرقن ۽ اسلام جي وچ ۾ هڪ لوهي پيت ثابت ٿيا، اُتي انهن هڪ وزني پٿر جيان عقيدن جي تَھ ۾ ويهڻ شروع ڪيو- پنهنجي ڪلام جي قوت سان هو هڪ خلقت جي بربادي‏ءَ جو سبب بڻجي ويا. شخصي آزاد رويءَ خيالن ۾ انقلاب پيدا ڪيو ۽ اهو معتزلن جي اثر رسوخ جو نتيجو هو جو معمولي ماڻهن نبي هئڻ جي دعويٰ ڪرڻ شروع ڪئي. محمود بن فرج جو پوڙهو ساٿي چاليھ ڦتڪا کائي تائب ٿي ويو ۽ محمود جو انجام بہ ڪو گهٽ نہ ٿيو. هُن سَوَ ڦتڪا کاڌا ۽ حياتيءَ تان هٿ کنيا پر خيال جي آزاديءَ سببان تاويلن جو جيڪو هڪ سلسلو هليو هو سو اڳتي هلي وڏيڪ فتنن جي پيدائش جو سبب بڻيو.

عيسائي ۽ يهودي پنهنجن بنيادي عقيدن سان گڏ جيڪي سندن رڳن ۾ رت سان شامل هئا، اسلام ۾ داخل ٿيا، تہ سندن خدا جو اهڙيءَ طرح صليب جي آڏارِ آسمانن ۽ زمين جي وچ ۾ ڪچيل ۽ دفنائي ويل، ابن مريم هئڻ ۽ روح ڦوڪيي وڃڻ جي مسئلن سببان ڪين پريشان ڪندا رهيا. هو اسلام تي پنهنجي سڄي من سان فدا ٿيڻ ۽ اُن کي قبول ڪرڻ ۽ باوصف سوالن ڪرڻ واري دماغ ۽ جواب ڳولڻ لاءِ حيران ۽ پريشان رهڻ واري ذهن کان جيڪو ڪين اونداهن غارن ۾ وٺي ويندو هو، پنهنجا پلئہ آجا نہ ڪري سگهيا. اسلام جي رواداريءَ ڪين سوال جي جرئت عطا ڪئي هئي پر ماضيءَ جي مونجهارن ۽ پڙلائن ٿي ورڻ وارين يادن باوجود وساري نہ سگهڻ وارين جسارتن اهڙيون پريشانيون ۽ مونجهارا پيدا ڪيا جيڪي ڏيک ۾ وڻندڙ ڏورڏس ۽ نڪتہ آفرين ڪيفيتون هيون پر اصل ۾ ڀتڪائيندڙ ۽ بيجا هيون ۽ ورهاڱن جو سبب بڻيون.

جڏهن طوفان ڏوڙ ۽ هوا سميت بيهي ڇڪو ۽ سڀ وڃي جُڪا تہ منصور شام لاءِ ڏيئن ۾ تيل وڌو ۽ غلام سان گڏجي وڻن جي خشڪ پنن کي هڪ جڳھ ڍير ڪري باھ ڏني، وڏن وڏن تارن کي جيڪي ٽٽي ڪِريا هئا، الڳ ڪري رکيو ۽ اڳڻ ۾ تيز پکيڙ تيل گاھ ۽ چاري کي بيهر آهرن ۾ وڌو. دشت سُوس جي ڳاڙهسري، ڪاري ۽ زرديءَ مائل واريءَ جا انبار ڳڙڪين آڏو گڏ ٿي ويا هئا جڻ ٽُڙڪائي ٽُڙڪائي ٽڪجي ماندا ٿي ويهي رهيا هجن. انهن کي

هتائڻ ۾ سندس غلامن ڏاڍي تيز عملي ۽ دلي آمادگي ڏيکاري. حوض جيڪي ڪکن ۽ گاهه سان پرجي ويا هئا. خالي ڪري ٻيهر تار ڀريا ويا. هُو ذري گهٽ انهن ڪمن کان واندا ٿي چڪا هئا جڏهن سانجهيءَ جي ٻانگ زندگي ۽ دنيا کي سڏڻ لاءِ رب قدير جي جاه ۽ جلال، سندس عظمت ۽ حرمت تي شاهدي ڏيندي، هَر ڏِس، هر شيءِ جي ظاهر ۽ باطن اونهائين ۾ ڪليل فضا ۾ اُڀري:

"جيڪو ڪوڙ آهي سو پاڻ ميٽجي ويندو.
"اي شام صبح جي رُخ ۾ اُڏامندڙ قاصدو.
"جيڪو ڪوڙ آهي سو پاڻ ميٽجي ويندو.
"۽ سچ ڇا آهي؟ اها بہ ڪنهن کي ڪهڙي خبر!
"ڇا سچ اُهو آهي جيڪو اوهان کي ڏيکاري ڏئي ٿو.
"۽ ڪوڙ اُهو آهي جيڪو ڏيکائي نٿو ڏئي.
"اهي مسئلا نہ تون سُلجهائي سگهندين ۽ نہ ئي آئون
"ڇو تہ جيڪو ڪوڙ آهي سو پاڻ ميٽجي ويندو.

جڏهن هو نماز پڙهي سراءِ ۾ ٻيهر داخل ٿيا ئي آهن تہ وڏي دروازي کان ٻاهر ڪوئي کهرو، سخت ۽ ذري گهٽ اَڻ وڻندڙ آواز تارن کان موٽ کائي ٻڌڻ ۾ تي آيو. پوئين صديءَ ۾ انهن گيتن کي نسطوري پادرين لکيو هو ۽ پنهنجي مذهب جي پرچار لاءِ سٺن سُرن، ڌنن ۽ بهترين سازن سان گڏ اِهي ڳايا ويندا ها. گرجائن ۾ باجن سان اِهي پڙهيا ويندا هئا. ڪيترن ئي آوازن گڏجي جڏهن اِهي ورجايا ٿي تہ پڙاڏو پيدا ٿيندو هو. سچ ۽ ڪوڙ ۽ لاهوت جا ڪيترا مسئلا هئا جيڪي روز جي ڪمن ۾ پيدا ٿيا ٿي، پر اُن لاءِ مِٽجي وڃڻ جو انتظار! منصور ڪِليو، هن ڳائڻ واري کي ڪجهہ دير ڏنو پوءِ ڪيسي منجهان هڪ دينار ڪڍيائين ۽ سندس پيرن وٽ رکي اندر گهڙيو.

تَستر کان اچڻ واري مسافر جڏهن آڌيءَ رات ويجهو سراءِ جو ڪڙو کُڙڪايو تہ منصور اجا ننڊاکڙيءَ حالت ۾ هو، ڪتاب سندس سامهون هو ۽ پنو اُن ئي جڳهہ تي ڪليل هو جتي هن پڙهندي اُهو کوليو هو ان بيان ۾ غلطان تہ "ولايت ڇا آهي."

"حُسين مون کي هيءُ خط ڏنو آهي ۽ جيئن تہ آئون اڳيئن منزل تي ڏينهڪ رهڻ گهران ٿو. هُن چيو هو تہ هيءُ خط اوهان تائين پهچائي ڇڏيان. هُو چڱو ڀلو ۽ خير سان آهي."

منصور چيو: "آڌيءَ رات جا تارا پيچرُ تاري کان پري جُهڪي ويا آهن ۽ وڏيڪ روشن آهن. صبح هاڻ بس هَوا ئي ٿو گُهري، منهنجي خوشي تہ اِهائي آهي تہ اوهان مون وٽ ترسو. اڳين منزل گهڻو پري بہ ناهي. صبح ڪافي موهيندڙ هوندو آهي ۽ اوهان ڏينهن گذارڻ لاءِ اُتي سولائيءَ سان رسي سگهندا." پوءِ هُن مسافر جي گهوڙي جي واڳ جهلي ورتي ۽ ڪيس

آهستي هلائيندو اُتي وٺي آيو جتي اُٺ ۽ ٻيا جانور ٻڌبا هئا.

ڦهوي جو پيالو ڪٽي گلم تي ويهندي اُن مسافر جنهن جو نالو صادق بن صديق هو، چيو ''اوهان جو پٽ حُسين غير معمولي طالب علم آهي. مڪتب ۾ منهنجو پٽ سندس هم سبق آهي پر سڀن درسن ۾ پنهنجي پوريءَ ڪوشش باوجود به هو حُسين جي ڊوڙ کي به نه ٿو رسي سگهي. اُن لاءِ آئون اوهان کي مبارڪ ٿو ڏيان.''

منصور ڪو جواب نه ڏنو.

صادق بن صديق وري چيو، ''سهل ڏاڍو سنو استاد آهي جيڪڏهن پاڻ بغداد ۾ هجن ته هوند نظاميا مدرسي • جي خوشقسمتي تي پوي. پر تُستر پڻ سندن ئي سبب ڪري آباد آهي ۽ ٻارن جي سعادت آهي جو اهڙي ڪامل بزرگ وٽ ڪنڌ ٽا نوائين.'' جڏهن منصور وري به ڪو جواب نه ڏنو ته هُن چيو، ''ڇا اوهين خوش ناهيو ٿيا.'' هو حيران هو.

''آئون انهيءَ ڳالهه ڪي ته پنهنجو ۽ حُسين جو ڀاڳ ٿو ڀانيان ته هُوءَ سهل جهڙي ڪامل استاد جي ڇانوَ ۾ درس وٺي رهيو آهي. پر سندس غير معمولي هجڻ مان آئون خوش ناهيان. زمانو اهڙيءَ ڪنهن به ڳالهه کي سهندو ناهي جيڪا غير معمولي هجي- ذهانت، يا رياضت يا فصاحت- بس عام هئڻ ۾ ئي انسان جي ڀلائي آهي.''

''اوهين به عجيب ڳالهيون ٿا ڪريو اَبو حسين!'' هن پيالو هڪ هٿ کان ٻي هٿ ۾ جهليو.

''آئون اِها هام ته نه ٿو هڻان ته آئون صحيح ڳالهائي رهيو آهيان، پر ڀاءُ اوهان کي تجربو ٿيو هوندو ته دنيا هر اُن شيءِ کي جيڪا سندس پيماني، اندازي ۽ عقل کان مٿيري هجي پسند ناهي ڪندي!'' منصور افسوس مان چيو.

''منهنجي خيال ۾ دنيا جو دَوام ئي سڀن غير معمولي ماڻهن سان آهي نه ته ٻاڏائڻ ۽ رُڃن جي رولاڪي جي حيثيت ئي ڪهڙي؟'' هُن ٿورو تيزيءَ مان چيو.

''زمانو ۽ دنيا به ڏاڍا مختلف قسم جا خيال آهن. گذرندڙ وقت ۽ ان سان گڏ جيڪي آهي سو دنيا آهي، ۽ ماڻهو زمانو آهن ۽ زمانو خدا آهي.'' منصور ڏاڍي نرميءَ سان چيو.

''آئون اوهان جون پُرمعنيٰ ڳالهيون سمجهي نه ٿو سگهان.'' صادق خالي ٿيل پيالو گلم جي ڪناري تي رکيو.

''شايد آئون ڪجهه ڏکي ٻولي استعمال ڪري رهيو آهيان، ڳُجهيءَ طرز واري گهڻ پاسائين ٻولي.'' منصور ويجهو تي ويهندي چيو- ٻاهر وڻ جي ٽارين منجهان رات ٻولڙيو زور سان رڙيو ۽ تيزيءَ سان پَرَ ڦڙڪائي پڙڪو ڪائي اُڏامي اُن ڪمري جي ڇت تي وينو. دريءَ مان سندس آواز ڏاڍو ويجهي ڪان آيو، ڄڻ ويرانن ۾ ڪو ڀٽڪندڙ روح رڙي پوي. صادق ۽

• نظاميا مدرسو: بغداد جي قديم يونيورسٽي جنهن ۾ تصوف جو هڪ سلسلو جيڪو حضرت نظام الدين اوليا سان منسوب آهي پڙهايو ويندو هو. (مترجم)

منصور ڏيان سان ٻيءَ رڻ جي انتظار ۾ رهيا، پوءِ ٻيهر اُڏامڻ ۽ پَرَ ڦڙڪائڻ مان خبر پئي ته هو ڇت تان اُڏامي ڪنهن ٻئي وڻ جي ٽارين ۾ وڃي مُندو آهي. هڪ پَل جي دير ۽ معنيٰ خيز ماٺ کان پوءِ ڪٿان پريان کان وڻن مان بلبل جي صدا ٻڌڻ ۾ آئي. صبح جون خوشخبريون ٻڌائيندڙ جهرڪيون وري ٻولڻ لڳيون. سج لاءِ منتظر ۽ اُڏام لاءِ پنهنجن پنهنجن آشيانن ۾ بي تاب ننڍ کان ٿَڪَل ڇهه ڇهه جي نغمگيءَ ڪي صبح جي هِير مدهوشيءَ مان ڪٽي آهستگيءَ سان جهونگاريندي ٿي هلي. دشتِ سُوس جي پريئن پَرَ سياڳي صبح جي آسمان تي گهاٽي ڪوهيڙي ۾ روشني جي هڪ مبهم لڪير ملي وئي ۽ واريءَ جي لهرين تي محبت ڀري تازي هوا پکڙبي پئي.

صادق گهوڙي تي سوار ٿيندي لغام جهلي چيو، ”ابو حسين! اوهان جي ڳالهين منجهان فڪر ۽ فهم جا نوان در کُليا آهن. پر شڪ ۽ شبهن جي هوا جيڪا انهن منجهان آئي آهي آئون پڻ سوچڻ لڳو آهيان ته ڪٿي اِهوئي سيڪجهه نه هجي.“

”نه، شڪن ۽ شبهن کان آجو ٿيڻ زندگيءَ لاءِ ڏاڍو ضروري آهي. نه ته جيئڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيو پوي. مون ڪا غير معمولي ڳالهه ناهي ڪئي، ڳالهه رڳي اِها آهي ته زمانو اهڙن ماڻهن کي معاف ناهي ڪندو جيڪي ڪانئس هڪ وک اڳتي جو سوچيندا هجن.“

”شايد.“ صادق ڏکيرو ٿيندي چيو، پوءِ هو سوار ٿي ويو ۽ شاهراه تي صبح جي تاري جي روشنيءَ ۾ سندس گهوڙي جي ٽاپن جا آواز ٻُرندا رهيا.

حُسين لکيو هو:

”محترم بابا سائين -

محترم استاد، ٻُڪ جي حالت ۾ راتين جا اوجاڳا ڪندا آهن. هميشه جَون جي مانيءَ سان روزو کوليندا آهن ۽ ٽي يا پنج ڀيرا سَر- روزا رکندا آهن. نفس کي سخت سزائون ڏيندا آهن ۽ ڪڙيون رياضتون ڪندا آهن، نه پيٽ جي ٽيڪ وٺندا آهن نه ٽنگون ڊگهيريندا آهن ۽ نه ئي ڪڏهن ڪنهن اوپري جي سوال جو جواب ڏيندا آهن. آئون گهڻو ڪري سندن رسالن جو مطالعو ڪندو آهيان ڇو ته سندن عدم موجودگيءَ ۾ جڏهن مون کي پنهنجو درس چڱيءَ ريت ياد ٿي ويندو آهي ته آئون واندڪائيءَ ۾ انهن کي ڏسندو آهيان. عجيب ڳالهيون انهن ۾ لکيل آهن جيڪي في الوقت ته منهنجي سُجهه ٻُجهه کان مٿاهيون آهن پر شايد سمجهه ۾ اچڻ لڳن. دعا ڪريو ته آئون محترم استاد جي خدمت ڪري سگهان ۽ مدرسي لاءِ فخر جو سبب بڻجان.

”استاد ڪڏهن ڪڏهن مون کي اهڙي گهريءَ نظر سان ڏسندا آهن جو آئون گهٻرائجي ويندو آهيان. اوهين سمجهي سگهو ٿا ته سندن ڇا مطلب هوندو- اِهي سندن ڳوڙهيون سوچيندڙ منهنجي اندر تائين لهندڙ نگاهون؟“

منصورؒ، حُسين جو خط ڪنيو ويٺو رهيو. تُستر ۾ ننڍڙي عمر ۾ حساس طبيعت رکڻ وارو سندس پُٽ ڪجهه خوش نه هو. ڇا مجوسي رت بغاوت تي آماده هو؟ ڇا پاڪائيءَ جو عمل اجا مڪمل نه ٿيو هو؟ پاڻ هُن به محمّيءَ جي حياتيءَ ۾ئي اسلام قبول ڪري ورتو هو. سڌو سادو ۽ مجاهدن جو مذهب- جنهن ۾ ڪڏهن ڪنهن آسري جي ضرورت ناهي ٿي. هُن حُسين جي ڄمڻ کان گهڻو اڳ حق جو ڪلمو پڙهي ورتو هو. پوءِهو سوچيندو هو ته سندس پُٽ وڏو ٿي دينِ محمّديءَ جي خدمت ڪري. هُو پاڻ اُن محبت جي مستي ۾ مدهوشيءَ سان تمتار هو. ڪيس ڪيڏي نه خواهش هئي ته هُو رسول ﷺ جن جي روضي مبارڪ جي زيارت لاءِ وڃي ۽ اُتي ئي رهي پئي. اُن در جي گدائن مان ٿئي ۽ اُن پلاري شهر جي گهٽين ۾ رولاڪيون ڪري، انهن فضائن ۾ ساهه کڻي، انهن هوائن کي پنهنجي جسم کي ڇُهندي محسوس ڪري جن ڪڏهن اُن مولاءِ ڪُل جي قدمن کي ڇُهيو هو- اُن خاڪ کي اکين ۾ لڳائي- اُن آسمان کي ڏسي جنهن ڏانهن ڪڏهن رسولِ خُدا ﷺ ڏٺو هوندو. اُهي سڳنڌ ڀريون گهٽيون، اُهي گهر انهن جا رهواسي، ڪاش هو وڃي سگهي ها پر سڀڪجهه پنهنجي اختيار ۾ ڪڏهن هوندو آهي. ماڻهوءَ جي پنهنجي اختيار ۾ ڪجهه به ناهي پر جنهن کي خدا پائيندو آهي ڏيندو آهي-

”دعا سان ڪوئي ڪجهه سَلجي سگهي ٿو؟
”ها دُعائن کي قبوليت بخشڻ وارو جيڪر چاهي.
”۽ هُو ڇا ٿو چاهي. اِهو ڪير ڄاڻي سگهيو آهي؟

سهل بن عبدالله تُستريءَ جو مرتبو هُن جي خواب ۽ خيال کان گهڻو مٿاهون هو. هُو زاهد طريقت هئا، بي ريا ۽ بي عيب، جيڪي ڪجهه هُو ماڻي چُڪا ها، ان جو هُل هُلاچو نه ڪندا هئا. انهيءَ ڪري گهٽ ڳالهائو هئا. شايد ڳالهائيندا ئي نه هئا. درسن ۾ به شريڪ ٿيندا ۽ ڳالهائڻ جي قوت رکڻ وارن شاگردن کي ڪنڌ جي اشاري سان صحيح ۽ غلط ٻڌائي ٿي ڇڏيائون، پر بي خودي، ديوانگي ۽ گم رهڻ بجاءِ بيدار ۽ هوشيار هئا. هُو هوشياريءَ جي ڪهڙيءَ منزل تي هئا؟ ڪهڙين ڪيفيتن مان گذريا هئا؟ ڪين ڪهڙي خبر هئي- هُو گهٽ علم رکندڙ، مفلس بي مايو هٿين خالي انسان هو، جنهن کي پنهنجي اَجهل مَن سواءِ ڪنهن جو پتو نه هو. دل ڪيس ڪڏهن ڇاتيءَ اندر گُهٽيل محسوس ٿِي ٿي- سندس دل چيو ٿي سندس پَرَ هجن ها، پاڻ پکي هجي ها، جيڪو ڊگهيون مسافتون ۽ وڏيون اُڏامون ڪري سگهي ها. پوءِ هو مديني پاڪ جي خاڪ ڏسي سگهي ها پر هو ته هڪ ادنيٰ دنيادار هو. ريشم اُڻندڙ ۽ خواب ڏسندي رهڻ وارو- هن جي اها آرزو ته خواب ۾ به پوري نه ٿي هئي. هُو گهٽي قدر دنيا سان لاڳاپيل هو، سندس روح پيرن تائين زنجيرن سان ٻڌل قيديءَ

جيان بس قيد هو. ڇا سهل سندس رهنمائي ڪندو, ڇا هو ڪيس پنهنجن ارادن جي دائري ۾ قبول ڪري وٺندو؟ هُن فيصلو ڪيو ته هو سراءِ ۽ ريشم جي ڪاروبار کي جيئن تيئن وڪڻي تُستر هليو وڃي, هن پنهنجي دل ۾ اها ڳالهه طئه ڪري ڇڏي.

هن پنهنجي طور تي ته اِهو سوچي ورتو هو پر حُسين جو معاملو اڃا اُئين ئي هو. خط منجهان اِهو ظاهر ٿي ٿيو ته هو وڏيڪ ڏينهن اُتي ڪونه رهندو. هو جتي به پڙهڻ لاءِ ويو, جنهن مدرسي ۾ به رهيو, ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪيس اطمينان نٿي مليو- جيڪڏهن هو تُستر هليو به وڃي ۽ اتي رَهي به پوي, پوءِ به حُسين کي روڪي رکڻ ۾ ته ڪامياب ڪونه ٿيندو. هُو عجيب بي چين روح هو.

سهل جيڪي سخت جفاڪشيون يا رياضتون ڪيون ٿي ڪيس تن کان پؤ ڇو ٿيندو هو- ها, هُو پؤ جو ستيل ئي هو نه ته هڪ سال جي عرصي ۾ هن خط جو ڇا مطلب. منصور کي پنهنجي پٽ کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي هئي. انسان هڪٻئي کي ناهن سمجهي سگهندا, هو ڇا ڪري؟ هو جيڪي ڪجهه سوچيندو هو پر هُن جي سوچ سان ڇا ٿي سگهي ٿو- جيڪا الله جي رضا- هن خط کڻي پاسي ۾ئي رکيل ننڍڙيءَ صندوق ۾ رکي ڇڏيو.

اُن پيتي ۾ هُو خرچ پکو رکندو هو ۽ ڪتاب کي اُتان کان ئي کوليائين جتان صادق جي اچڻ کان اڳ پڙهڻ شروع ڪيو هئائين-

”جيڪڏهن اوهان وٽ ڪوئي هوا ۾ اڏامندي اچي ۽ شريعت تي عمل پيرا نه هجي ته اُن تي اعتبار نه ڪريو.“

هُن پنهنجي ڄمار جو هڪ وڏو حصو ديني علم جي حاصلات ۾ گذاريو هو. هُو اندر ۾ لَهي ويندڙ بزرگن کان سَندَ ماڻڻ کي ڪنهن ڳالهه جي تصحيح سمجهندو هو. هر اُهو ڪم جيڪو انهن بزرگن ڪيو هو ۽ جنهن ريت تڪميل تائين پهچايو هئائون, منصور لاءِ اُن جي پيروي لازم ٿي پوندي هئي. هو پنهنجي عقل کان وڌيڪ اُن رحمت جي ڳولا ۾ رهندو هو جيڪا مدام خدا تعاليٰ هميشه پنهنجن خاص بندن تي ڪندو آهي. جڏهن ته هُو خاص نه هو- ڪيس سيرسماءَ جو شوق هو, جيتوڻيڪ سندس مرشد ڪيس انهن سڀني ظاهري طور روشن ۽ دلفريب رستن کان منع ڪئي هئي پر منجهس حيرت سان گڏوگڏ هڪ ڇِڪَ هئي ته هُو انهن رستن تان گذري پاڻ به اُهي مشاهدا ماڻي. ڪيس پنهنجي مفلسيءَ جو احساس هو. هُن شرع سوا ڪو ڪم نٿي ڪرڻ گهريو. ڇا گهمڻ ۽ منظر ڏسڻ شريعت خلافِ آهي؟ جيڪڏهن تختِ بلقيس جو حضرت سليمان جي دربار ۾ کڻي اچڻ ممڪن هو ته بي کهڙي ڳالهه ناممڪن هئي. هُو آڳاتن بزرگن تي ويساهه هئڻ باوجود ڪڏهن سخت شڪ شبهن ۾ مبتلا ٿيندو هو. سندس مرشد ذڪر ۽ گودڙيون پائڻ کي اهم سمجهندو هو پر هُو ٻيءُ جي جياپي تائين گودڙي پائڻ جي جرئت نه ڪري سگهيو. محميَّ کان پوءِ زندگيءَ جي ڪمن

ڪارڻ ڪيس منجهائي رکيو. ڪيڏو نہ چڱو ٿئي جيڪڏهن روز روز جي فتنن کان بچڻ خاطر هو پنهنجي مرشد جي حلقي ۾ ذڪر جي محفلن جو حصو بڻجي وڃي. هر شيءِ کان بي نياز ۽ بي پرواه. پاڻ حسين کان بہ آزاد ٿي پئي- سندس لاءِ فڪرمند نہ ٿئي. ڪيس اُهو ئي ڪرڻ ڏئي جيڪو هُو چاهي ٿو. حياتي ۽ ان جي بکيڙا جيڪي انهن صورتن ۾ سندس چوڌاري پکڙيل هئا. هُو انهن کان تہ منهن موڙي سگهي ٿو پر حسين...؟!

ڇا تُستر ۾ سندس ويجهي رهڻ سان هو پٽ تي ڪوئي فيصلو مڙهي سگهيو ٿي؟

رت کان حاصل ٿيل امانتن کان ڪٿي بہ فرار ناهي. هاڻ محمّي ڪيس گهڻو ياد ايندو هو. سراءِ ۾ سندس اڪيلو رهجي وڃڻ ۽ زندگيءَ جي ڪاروبار ۾ عدم دلچسپيءَ باوجود بہ هلندو رهڻ، ماڻهو جيستائين جيئرو آهي ڪيس پنهنجو سفر جاري رکڻو پوي ٿو. اِها مجبوري آهي ۽ انهيءَ کي تقدير چئي ڇڏجي يا خدا جي مرضي. منصور معتزلن جي مختلف فرقن ۽ عقيدن جو مطالعو ڪيو هو. خليفن جي مجسلن ۾ هيسيتائين سندس پُهچ رهي هئي ۽ هُو پاڻ سمجهندو هو ت، 'جيڪي ڪجهہ هُو مباحثن جي مجسلن ۾ ثابت ڪري سگهندا هئا ان سان عام زندگيءَ تي ڪو خاص فرق نہ پوندو هو. زندگي پنهنجين مجبورين ۽ عذابن سان گڏوگڏ روان رهندي هئي ۽ فلسفي جي جي تفسيرن ۽ تاويلن هلندي ئي ختم ٿي ويندي هئي. ڪيترين ئي حياتيون ڏيئي لاٽ جيان گهٽجي وڃي ۽ ڪيتريون پڙڪي اُجهامي ويندڻيون هيون. هڪ نسل گذريل نسل کان عقيدا ۽ فلسفا، خيال ۽ مسئلا ورثي ۾ وٺي ان ۾ پنهنجي پاران واڌارا ڪري، پنهنجي ايندڙ نسل کي ڏيندو رهندو هو.

”هُن حسين کي بهتر صورتحال ڏني هئي. بت پرست مان باهہ پرست ۽ پوءِ خدا پرست- فاصلو گهڻو تہ نہ هو، انهيءَ ڪري جو خدا ئي بهرحال پٿرن کي پيدا ۽ باهہ کي ٺاهڻ وارو هو- هُو تہ پاڻ ئي هو. هُن ابليس کي پيدا ڪيو هو، ڏوهاري هئيلو سزا يافتہ. آسمانن جي بادشاهتن منجهان ڌڪاريل. خبر ناهي اُن بادشاهت ۾ پنهنجو ڪو حصو نہ سمجهندي بہ هُن ڪهڙيءَ شيءِ تي هَٺ ڪيو هو. ڇاتي نازان ٿيو هو- ڪيس اِهو حوصلو ڪنهن عطا ڪيو هو؟“

گهرا عقيق جهڙا شفق جا رنگ جُهڙاتيل شام ۾ ڇنني پاسن کان ڳوٺ ۽ باغن تي جهڪيل هئا ۽ آسمان هڪ ٻرندڙ ڍير جي روشني ۾ چمڪندڙ باهہ جي پڙڪندڙ اُلن سان ڪَنان تار تندور جيان هو، جڏهن عربي ڏاچيءَ تي سوار وڏي دروازي منجهان ڏاچيءَ کي ٺوڙڙو جهڪائي اندر آيو.

”آئون هندستاني سوداگر آهيان ۽ هِتي جي ريشم جي هاڪ ٻڌي ايترو پريان کان پنڌ پيو آهيان. ڇا اعليٰ ۽ عمدو ريشم ملي سگهي ٿو؟“

منصور ائين ئي خالي ذهن سان ڏانهس ڏسندو رهيو، جڻڪ وساري ويٺو هجي تہ هُو ڪو وِيچارو بہ آهي ۽ سندس هاڪ ماڻهن تائين بهرحال رسي چڪي آهي.

"ڀلي ڪري آيا، ڀلي ڪري آيا." منصور جُهڪي چيو. ڏاڇي ڀرين پنهنجيون اڳيون ٽنگون موڙيون ۽ ٿورڙو جُهڪِي پوءِ پٺيءَ کي جهڪايائين. اڳين ٽنگين کي ڪجهه وڌيڪ موڙيائين، ٿورڙو لُڏي لَمي ۽ پيٽ کي زمين سان لڳائي ڇڏيائين. هندستاني سوداگر ٽپو ڏئي هيٺ لٿو- منصور سان گڏ اندروني ڪمري ڏانهن آيو.

"اوهين ڪٿان ڪان آيا آهيو؟" منصور ڪيس گلم تي وِهاڻي جي ٽيڪ تي ويهاري، اچڻ واري ڪان پڇيو.

"آئون بغداد ڪان اچي رهيو آهيان." هُن ٽوپي لاٿي ته هن جي وارن جي ڌڳهي چوٽي پويان لباس تي لڙڪي پئي، جنهن کي هن پنهنجي هٿ ۾ جهلي سڌو ڪيو. سندس بندرو قد پگهر ۾ ٻڏل هو ۽ ٽوپي به آلي هئي- لڳو ٿي ته هُو منزلون ماريندو آيو هو ۽ ٿڪل آهي.

"آب دز جي پُل لڳ جيڪو ڳوٺ آهي. اُتان اوهان هاڻ پنهنجو ڪاروبار ذري گهٽ ختم ڪري ڇڏيو آهي؟" هُن پڇيو.

"ذري گهٽ." منصور ٿوري دير ماٺ ڪان پوءِ وري چيو، "ماڻهو هڪ ئي وقت ٻن جاين تي نٿو رهي سگهي نه - بابا سائين ڪان پوءِ مون کي هتي گهڻو ڪم ڪرڻو ٿو پوي-"

"مون ته ٻڌو آهي ماڻهو هڪ ئي وقت ڪيترين جڳهين تي نه رهي به ڪم ڪري سگهي ٿو." هن ڪلي چيو: "اوهان وٽ به اهڙيون روايتون ۽ مثال آهن. بزرگن جون ڪرامتون ۽ اسان وٽ ته گهڻو ڪجهه آهي. عام زندگيءَ ۾ انهن تي عمل ٿيندي ڏٺو ته ناهي پر پُراسرار ڳالهيون ۽ اَڻ ٿيٽيون بهرحال ٿينديون آهن. دنيا اهڙن واقعن سان ڀري پئي آهي. هينئر آئون بغداد ڪان آيو آهيان. اُتي پَوْ ۽ هراس پکڙيل هو جيڪو ڪنهن طرح نٿي لٿو." هو ماٺ ٿي ويو.

"ڇا ٿيو هو؟" منصور پڇيو.

"دجله جو پاڻي ٽن ڏينهن تائين ايڏو هيڊو هو جڻ اُن ۾ جبل ڳري وهي رهيا هجن، هيڏو اونهون هو ۽ هي ڏسو." هن پنهنجي چوغي جو پلئه هوا ۾ لوڏيندي چيو: "آئون ٻيڙيءَ ۾ هيناهين طرف وڃي رهيو هئس، جو هي حصو پاڻيءَ ۾ پُسي ويو، ڌوئڻ باوجود هي رنگ لهي نٿو!"

منصور ڏاڍيءَ بيچينيءَ مان پڇيو،

"ماڻهن ڇا ٿي چيو؟"

"انهيءَ ڪري جو خليفت المسلمين معتزلن کي دربار مان ڪڍي ڇڏيو ۽ انهن تي ظلم روا رکيو آهي-"

"معتزلن اڄ تائين جيڪو ڪجهه ڪيو آهي، دربار تي جهڙي طرح قابض رهيا آهن، انهن پنهنجن عقيدن سان جهڙيءَ طرح اسلام ۾ خلل وڌا آهن ان جو ڪو جواب ناهي." منصور اطمينان سان ويهندي چيو.

"هڪ گروهه پنهنجي نفعي لاءِ ٻئي کي شڪست ڏيندو آهي. اِنهيءَ ۾ شايد درٻار جي سياست ئي هجي." هنديءَ وري چيو.

"نه ائين ناهي، جيڪڏهن خليفي متوڪل علي الله کين جلاوطن ڪيو آهي ۽ بغداد کان نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو آهي، سندن ملڪيتون ضبط ڪيون آهن ته پوءِ ڳالهه سياست کان ڪجهه مٿيري آهي. هُو چاهي ٿو ته عقيدن ۾ جيڪا تبديلي هڪ صديءَ ۾ آئي آهي ان کي بدلي ڇڏيجي ۽ شايد ائين ڪرڻ ناممڪن هجي." منصور ڏاڍيءَ مايوسيءَ مان چيو.

"يڪدم تبديلي بنهه ناممڪن آهي." هن هندستاني کي ماٺ ڏسي چيو.

"آخر ڇو؟" هندستانيءَ پڇيو.

"انهيءَ ڪري جو جيڪا درٻار اڄ تائين عالمن ۽ اميرن تائين انهن جي اثر هيٺ هجي. اُن ۾ سندن اثر ۽ دٻدٻو اِنهيءَ حد تائين هوندو جو هڪدم ختم نه ٿي سگهي. تون ڪنهن ننڍڙي ٻوٽي کي ته پاڙان پٽي سگهين ٿو، پر وڻ کي نه."

"اهو ته آهي. اوهان نيڪ فرمايو پر انهيءَ جو انجام ڇا ٿيندو؟" هندستاني سوداگر پڇيو.

"اِهو ته خدا ئي بهتر ڄاڻي ٿو." منصور اٿندي چيو، "آئون اوهان لاءِ کاڌي پيتي جو بندوبست ڪيان."

"کير ۽ ماني پسند ڪندؤ؟"

"بيشڪ بيشڪ." هن پنهنجي مٿي تي هٿ ڦيريندي چيو، "اڳ ۾ هٿ منهن ڌوئڻ گهرندس. جيڪڏهن تازي به ملي سگهي ته..."

منصور ويندي ويندي سوچيندو پئي ويو. سندس اکين اڳيان خواجه حسن بصري جي علمي مجلس هئي ۽ واصل بن عطا اُن مان نڪري چُڪو هو. هُو ڪجهه مسئلن جي اختلافي هئڻ سببان ڪانئن الڳ ٿيو هو.

"گناه ڪبيره" ڇا آهي؟

پوءِ اُن هڪ سوال ٻيا ڪيترائي سوال پيدا ڪيا. يوناني ديني فلسفو ۽ فلسفي جا بنياد. ڪلام پاڪ جي مزاج موجب ان کي موڙڻ ناهڻ جي ڪوشش، جهنم ۽ جنت، قدر ۽ جبر ۽ اهڙا ڪيترائي تضاد جيڪي عالمن جي مجلسن ۾ بحث مباحثن دوران پيدا ٿيندا هئا.

گناه ڪبيره جي ڪندڙ لاءِ وچٿري منزل واري واٽ، معتزله وارن وٽ سڀ کان وڌيڪ اهم ۽ بنيادي رستو هو. اِهوئي اُهو بنياد هو جنهن تي هيءَ جماعت قائم رهي.

پوءِ يهودين ۽ نصرانين کان معتزله فرقي فيض حاصل ڪيو. نسطوري عيسائي جن جي اندر ۾ مسلمانن خلاف باهه ٻرندي رهندي هئي، معبدالجهني ۽ هُن جو استاد يحيىٰ دمشقي جيڪو الاهي حڪمن جو انڪاري ۽ ماڻهوءَ جي قوتِ اراديءَ جو داعي هو، سندس پٽ ابو قرّه جيڪو خليفي مامون رشيد جي درٻار ۾ ديني وڳوڙ وجهندو هو، آخر معبدالجهنيءَ

کي حجاج عذاب ڏئي سُوليءَ چڙهائي ڇڏيو، پوءِ غيلاني دمشقيءَ جا هٿ پير وڍيا ويا يا کيس جيئري ٽياس تي ٽنگيو ويو. انساني ارادي جي آزادي سندن سڀ کان وڏي دعويٰ هئي جنهن جو هي سڀ پرچار ڪندا هئا. اُموِين جي زماني ۾ هي ڏاڍيءَ بيدرديءَ ۽ سنگدليءَ سان قتل ڪيا ويندا هئا. ان ڪري پنهنجن ڳالهين تي پختو اعتقاد رکڻ باوجود هي ان جو اعلان گهٽ کان گهٽ طرح ڪندا هئا.

معتزله فرقو، بغداد جي دربار ۾ خليفن جي مزاج ۾ گهڻو اڳي ئي داخل ٿي چڪو هو. منصور جڏهن آلِ عليءَ بجاءِ خليفو ٿيو ۽ ابو مسلم خراسانيءَ جي سمورين ڪوشش جو نتيجو خلافت جي بنو عباس ڏانهن منتقل ٿي وڃڻ جي شڪل ۾ نڪتو، ته آل رسول ﷺ تي ظلم ۽ ستم جو باب کليو. اُهي جيڪي اهلِ علم ۽ اهلِ فضل هئا عافيت خاطر نگاهن کان ڳجها ٿيا. پوءِ نهايت اَدنيٰ ماڻهن خلاف جي دربار تائين رسائي حاصل ڪئي. هُو بَرتر ته نه هئا پر سندن مدد يوناني فلسفي ڪئي ۽ ائين دين ۽ فلسفي جي ميلاپ سان هڪ نئين طرز جو خيال ايرڻ لڳو. علمي مجلسن ۾ قلب جي صفائي نه پر نه ذهني فضول خرچي رواج ۾ آئي. بي ضبط آزاد خيالي وڌي.

هيءَ آزاد خيالي، خيال جي ڪامل ڇڙواڳيءَ جيان پاڻ ايتري ملامت جوڳي به نه هئي پر ان جا نتيجا ڪَنبائي وجهندڙ هئا. انهن لاءِ به جيڪي ان تي يقين رکندا هئا ۽ انهن لاءِ به جيڪي ان تي عمل ڪندا هئا.

عالمن ۽ فقيهن جو هڪ وڏو طبقو ڪُنداڻتو ٿيڻ باوجود به خيالن تي صفائيءَ تي ڪُلي اختيار رکندو هو.

هندستاني سوداگر جي نگاه ڏاڍي گهري ۽ سندس تجربو وسيع هو. ريشم کي ڏسندي هُن ريشم جي ڪينئن، سندن خوراڪ، مُندن ۽ برف ۽ مينهوڳين ۽ پاڻيءَ جي گرم ۽ نيم ٿڌي هئڻ جي حرارتي درجن تي پنهنجي مڪمل علم ۽ ڄاڻ سان هن منصور کي ڏاڍو متاثر ڪيو. هُن جيڪو موجود ۽ تيار مال هو سمورو ئي خريد ڪري ورتو. قافلو اٺانگين جابلو واٽن تان جيڪي هندستان کي گهڻو ويجهو هيون، سندس سامان ڪٺي روانو ٿيڻ وارو هو. هُو نندڍيءَ چمار هوندي دلير ۽ آزاد خيال هو. پر جيترا ڏينهن هو مهمانخاني ۾ رهيو، روز پنهنجي سامان منجهان هڪ بُت ڪڍندو ۽ اُن آڏو هٿ ٻڌي دُعا گهرندو ۽ پوءِ بُت کي سامان ۾ رکي ڇڏيندو هو.

منصور انهيءَ باوجود، جو ڪنهن جي به عقيدن ۾ دخل اندازي پسند نه ڪندو هو، سوچيندو هو ته 'اها سني ڳالهه آهي جو هي ماڻهو پنهنجن خدائن کي اهڙيءَ طرح ائين پاڻ ساڻ رکن ٿا. اِهي سندن تابع هوندا آهن جو جڏهن دل چيو کين ڪڍيو، اُگهي سُگهي پنهنجي سامهون سينگاري رکيو. دُعا جي هٿ - جوڙ واري مراقبي جهڙي ڪيفيت ۾ رهڻ ۽

وري پنهنجي زندگيءَ کي اُتان کان ڳنڍي وڏن ٿا. جتان کان هلي هئي. سندن مذهب عام زندگيءَ ۾ روزمره جي ڪم اچي سگهي. بس ايتريقدر هنن لاءِ ڪافي هجي ٿو.

”اسان وٽ قدرت جا مظهر ايترا گهڻا آهن جو انهن منجهان هرهڪ جي الڳ الڳ پوڄا ٿئي ٿي.“ هندستاني سوداگر جنهنجو نالو ڪرشن هو، چيو: ”اسين هوا جي ديويءَ جي، پاڻيءَ ۽ مينهن جي ديوتا جي پرستش ڪندا آهيون ۽ ڪين خوش رکڻ لاءِ سندن پوڄا پاٺ ڪندا رهندا آهيون.“

”ته پوءِ هي ٻڌ - مت ڇا آهي جنهن جي هاڪ چين ۽ جاپان تائين آهي؟“ منصور پڇيو.

”اهو هڪ الڳ خيال آهي. اندر جي نِرواڻ ماڻڻ جو الڳ طريقو، رحم ۽ امن سان رهڻ جو سليقو.“ ڪرشن چيو.

”اوهان وٽ سيني کان من موهي وجهندڙ ڪهڙي شيءِ آهي؟“ منصور پڇيو.

”اسان جون موسمون ۽ اسان جون عورتون- مندون شديد ۽ من موهيندڙ ٿينديون آهن- پاڳل بڻائي وجهندڙ دلفريب. راتيون ڪاريون ۽ تارن پريون ۽ اسان جون عورتون به شديد پيار سان تِمتار دل رکنديون آهن. پَتي ورتائون. مڙس سان گڏ جيئري سڙي مرڻ واريون. اهڙيون عورتون سڄيءَ دنيا ۾ ڪٿي ناهن.“

جڏهن قافلو وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، اُن تي سامان سٽجي چڪو، قافلي جي سردار سيني کان اڳين ڏاچيءَ جي مهار جهلي ته منصور هندستاني سوداگر کي دعا ڪندي چيو:

”خدا ڪري تنهنجي زال کي جيئري سڙڻو نه پوي. هُوِ انهي اذيت منجهان ڪڏهن نه گذري.“

هندستاني سوداگر ڳراٽي پائي منصور کان موڪلايو ۽ اڌ رات جو زردي مائل نيراڻ ۾ جڏهن پڇاڙڪين راتين جو چنڊ آهستي آهستي زمين ۽ آسمان جي چيهه تي اُپري رهيو هو، هُو بيابان سان گڏوگڏ ڏکڻ ڏانهن هلي پيو. دير تائين شاهراه کان پريان سندن اُٺن جي ڳچين ۾ ٻڌل ٽَلين جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا رهيا. جيئن زندگيءَ گذري وڃڻ بعد به ماٺهو ماضيءَ ۾ ڏور تائين گم ٿيل آوازن کي ٻڌندو رهندو آهي.

تُستر اتابڪ جي وسيع سر زمين جي هڪ چيڙي تي آهي. رونق ڀرين ۽ سهڻن. نفيس ۽ اعليٰ درجي جي باغن ۾ گهيريل نديءَ لارزق جو پاڻي گرمين ۾ نهايت ٿڌو ۽ شفاف ۽ اونهائي سبب پُرلطف- مسافرن جي داخلا لاءِ اُن تي ٻيڙين جي پُل آهي. منصور پُل پار ڪئي آهي ته رات ٿي چُڪي هئي. ٻن ڏينهن جي ڊگهي مسافت کان پوءِ هُن پنهنجي حالت ٺيڪ ڪري، پنهنجن حواسن کي يڪجا ڪري مڪتب وڃڻ گهريو ٿي. سفر جي ڏوڙ ڇنڊي، پنهنجو پاڻ کي پيٽ سان ملاقات لاءِ تيار ڪري، جنهن جاءِ تي هن رهڻ چاهيو ٿي سا شهر جي وچ ۾ لاجواب بازارن ۽ وهندڙ پاڻي جي چشمن ۽ نهايت عمدگيءَ سان ٺهيل مسجدن جي

بنهه مرڪز ۾ هئي- نارن ۽ آبپاشيءَ جو سلسلو پري تائين هليو ويو هو. پاڻيءَ تي اُڇي جهڳ تارن جي روشنيءَ ۾ چانديءَ جي ڳهڻن جيان وهندڙ پاڻيءَ جي مٿاڇري تي روان هئي.

اُن جاءِ تي درويشن ۽ مسافرن سيني کي نهايت عمدو کاڌو ڏنو ويو- نماز کان پوءِ جن ماڻهن کي ذڪر جو شوق هو. اُهي پاسي واريءَ مسجد ۾ ويا. هوا ايتري قدر آرام بخش هئي جو ننڊ پئي آئي ۽ تسبيح هٿ ۾ ڦيرينديءَ منصور کي ننڊ جي جهوٽي پنهنجي آغوش ۾ ڪٽي ورتو. هن ڏٺو ته قيامت قائم آهي ۽ ماڻهو گڏ ٿيل آهن، سڀ ماٺ آهن، هر پاسي خاموشي آهي. ساهه کڻڻ جو آواز به نه ٿي آيو. پوءِ ڪجهه ماڻهن کي پير ڪڙولن سان آندو پيو وڃي- هو مُنهن ڀَڪيل ۽ مٿي اُگهاڙا آهن ۽ انهن جي چوڌاري گوڙ گهمسان ۽ ماڻهن جو هشام آهي جيڪو جيئن پوءِ تيئن وڌي رهيو آهي. پوءِ هڪ تيز ۽ هر شيءِ تي غالب پئجي ويندڙ صدا اڀري آهي، جيڪو ٻُڌي ٿو سو بيهوش ٿي ڪِري پوي ٿو. ڪنهن کي هوش نه ٿو رهي. جن جا منهن لڪل هئا اُهي ظاهر ٿي وڃن ٿا ۽ انهن منجهان هڪ شڪل حُسين جي آهي-

منصور نهايت بيچين ٿي اکيان وڏڻ گهري ٿو پر اُها شڪل ڪانئس لڪائي وئي آهي ۽ هو حيران بيٺو آهي. پوءِ هڪ جهٽڪي سان هُو جاڳي پيو. ڪيس ڇو اِهو نظارو ڪرايو ويو هو! حسين ڇو ان حالت ۾ هو! منصور جي دل ڏاڍي پريشان ٿي- باقي رات هن پٽ لاءِ دعائون ڪندي ۽ پاڻ مرشد جي حضوريءَ ۾ مناجتون ڪندي گذاري.

جڏهن هُو جبل مٿي ڏاڪڻيون اُڪري پهتو آهي ته حسين کي پاڻ لاءِ منتظر ڏٺائين. هُو ڪيس خانقاه جي دروازي وٽ مليو- "بابا سائين اوهين جيڪڏهن شام جو ئي اچي وڃو ها ته هتي اسان جي رهائش گاهه ۾ به مسافرن لاءِ اطمينان جوڳو انتظام هو."

منصور کو جواب ڏيڻ سوا ڌڙڪندڙ دل سان ڪيس ڀاڪر ۾ ڀري ورتو. حسين ايتري عرصي ۾ ڇڱو قد ڪڍيو هو، منصور کان به مٿاهون پئي لڳو پر ٻنهه سنهڙو. ذري گهٽ ڪمزور ڳريل جسم- منصور کي ياد آيو تُستر ۾ ديني تربيت سان گڏوگڏ نفسي سکيا تي خاص ڌيان ڏريو ويندو هو. چونڊ بندن ۽ زاهدن جهڙن طور طريقن تي خصوصي ڌيان صرف ٿيندو هو ته جيئن نفس جاڳندو رهي. رياضتن ۽ رات جي اوجاڳن سان سندس سرڪشي ختم ٿئي.

حسين چيو، "مرشد سائين مدرسي ۾ موجود آهن، اوهين ساڻن ملڻ گهرندؤ نه؟ پر ساڻن منهنجي خط جو ذڪر نه ڪجؤ. مون جيڪي ڏٺو هو. اُهو اوهان کي لکي ڇڏيم. پاڻ کي سندن پيرويءَ لائق نه ٿو سمجهان ۽ منافقت منهنجي فطرت ۾ ناهي." هُو لڳاتار ڳالهائي رهيو هو. جڻ زمانن کان پوءِ مٿس ڳالهائڻ جو دؤرو پيو هجي. جڻ هو اُداس هجي ۽ پنهنجي اندر جي ڳالهه ڪنهن سان اورڻ گهرندو هجي.

"پيارا پٽ منهنجي نه ٻڌائڻ باوجود. سهل جهڙا جيڪي ڪامل شيخ آهن، منهنجي دل جي حالت ڄاڻن ٿا ۽ تنهنجي حالت به ڪانئن ڳجهي نه هوندي."

"خير،" حسين پنهنجو متو ڌوڻيندي چيو- "اوهين ساڻن ذڪر نه ڪريو، جيڪڏهن هُو پاڻمرادي پڇا ڪن ته پوءِ مجبوري آهي."

"تون ڇو ائين سوچين ۽ ڪرين ٿو؟" منصور نهايت نرميءَ سان پڇيو.

"آئون وِڪ وڪ نه ٿو هلي سگهان. انهيءَ ۾ هڪ ڄمار خرچ ٿي ويندي آهي. مون وٽ ايترو وقت ڪٿي آهي؟ جيڪڏهن اوهين منهنجي ڳالهه تي همدرديءَ سان غور ڪندؤ ته اوهان تي سڄي ڳالهه پڌري ٿي پوندي."

منصور کي صادق جي ڳالهه ياد آئي ته 'تنهنجو پٽ غير معمولي آهي.' هو هاڻ بي چين بيٺو هو. ڇا هو در تان ئي موٽ ڪائي ۽ شيخ سان ملڻ سواءِ هليو وڃي؟

خانقاه جي دروازي تي ڪنهن ڪيس سڏيو، "ابو حسين، مرشد سائين اوهان کي ياد فرمائي رهيا آهن."

منصور حيران ٿيو ڇڻ سهل بن عبدالله آئينن جي آرپار ڏسي رهيا هجن. هُو آئيني خاني کان ٻاهر بيٺل هجي، يا شيخ پاڻ آئينو هجن ڪين سيڪجهه ڏيکائي ڏئي رهيو هجي، ظاهر ۽ باطن. هُو معمولي ماڻهو هو ۽ ڪيس سندن ان ڪامل رسائيءَ کان ڏاڍو ڀَؤ محسوس ٿيو. ڪيس ائين لڳو ڄڻ سندس وجود وڃائجي رهيو آهي. خيالَ ۽ دل ڪابه شيءِ سندس پنهنجي اختيار ۾ نه هجي.

منصور ڪنڌ جهڪائي اُن پيغام آڻڻ واري پويان شيخ ڪامل جي ڏور ڏسندڙ نگاهه سامهون ٿيڻ لاءِ هليو، حُسين ڏانهن ڏٺي بنان، ڄڻ هو بيضا کان انهيءَ لاءِ آيو هجي، اِهائي حاضري سندس دل ۽ جان جي حاضريءَ لاءِ ڏاڍي ضروري هجي.

شاگردن کي روانو ڪري جڏهن مرشد ۽ منصور آمهان سامهان ٿي ويٺا ته سندس نگاهه اُن جمال جو ديدار نه پئي ڪري سگهي. هُو سندن جمال جي بيحد اثر هيٺ هو ۽ اڪيون ڪٽي ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ جي جرئت هِن ۾ نه هئي. سندس ڪنڌ جهڪيل هو. نهايت نرميءَ سان شيخ کيس چيو.

"دعائون مقدر بدلائي سگهنديون آهن ۽ خاص طرح جڏهن شفاعت انهن هٿن ۾ هجي جيڪي ڪائنات جي وجود جو سبب آهن. تون بِنهه پريشان نه ٿيءُ. حسين خودسَر ته ضرور آهي پر آخرڪار..." ۽ هُو ڳالهه اڌ ۾ڇڏي ماٺ ٿي ويا. منصور جي دل ڌڙڪي اُٿي. اڄڻ واري وقت کان، مقدر کان، ۽ دعا جي قبوليت جو احساس هڪ اُلي جهٽو تاءُ ڏيندي سندس اندر کي رک ڪري ويو. ڄڻ هو ايندڙ وقت کان اڳ ۾ ان جي سموريءَ ڪٿا جو مشاهدو ڪري رهيو هجي.

هُن مرشد آڏو گوڏن ڀر زمين کي چُمي ڏني ۽ چيو، "خواب جي هَر ڳالهه جيڪڏهن اکر به اکر پوري ٿي ته-!" هُو پَڻ ڳالهه اڌ ۾ڇڏي چپ ٿي ويو.

"حسين جي رفتار ڏاڍي تکي آهي. هُو ضرورت کان متيرو بيقرار آهي. سندس شوق شديد آهي ۽ سندس مقصد وَڏا - گُٺائتا ۽ جليل پر وقت سان کير وڙهي سگهي ٿو. کيس کپي ته شرع جي حدن ۾ رهي هر ڳالهه سوچي. مسلمان شرع تي آهي ته مسلمان آهي نه ته وڳوڙين ۽ باغي ماڻهن لاءِ اسلام ۾ ڪا جڳهه ناهي.

منصور ڪنڌ جُهڪائي ڇڏيو.

"تون تُستر ۾ نه رهي سگهندين. انهيءَ ڪري جو تنهنجو پيشو ان جي اجازت نه ٿو ڏي ۽ حسين لاءِ هدايتون بين جڳهين جون آهن." شيخ جو آواز نهايت صاف پر ملائم هو.

"دنياوي معاملن کان پاڻ بچائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي،" مرشد ٻيهر چيو، "جيڪي آهي، جتي آهي، ان تي راضي رهو." تسبيح جا داڻا ڦرندي سندس آڱرين منجهان مينهن جي ڦُڙن جيان ترڪي رهيا هئا ۽ هاڻ سندن آئيني ۾ چا منعڪس ٿي رهيو هو. سندس انديشن ۽ وسوسن جا مبهم پاڇا- سندس خواب ۽ ڏئل قيامت ۽ پير ڪڙولن ۾ مُنهن ڍڪيل مٽي اگهاڙي آندل ماڻهو-

ويڪريون ڏاڪڻيون لهي جڏهن هُو پڇاڙڪي ڏاڪي تي پهتو ته حُسين چيو: "بابا سائين ڇا اوهان خوفزده ٿي هليا آيؤ. اوهان مرشد ڪامل کان ڪجهه پڇيو! انهن ڪجهه ٻڌايو- ڇا اوهان ڏٺو آهي ته مرشد جي حفاظت هڪ ڪارو نانگ ڪري ٿو!"

منصور نهايت بي يقيني وچان پنهنجي پُٽ ڏانهن ڏٺو.

"مطلب ته اُهو ڪارو نانگ اوهان کان ڳجهو رهيو؟" پوءِ ڏاڍيءَ فڪرمنديءَ مان هن چيو. "شيخ کي اهڙن نگهبانن جي کهڙي ضرورت آهي. نه ڄاڻ هو ڇا ڏيکارڻ گهرن؟"

"سوال ناهي ڪبو، اِهو خانقاهيءَ جي اصول خلاف آهي." منصور کيس جهليندي چيو.

"آئون آزاد رويءَ جو قائل آهيان ۽ ڪنهن اصول جي پائبندي سواءِ شرع جي ضروري ناهي." هُو ڪُجهه جوش ۾ هو.

منصور سندس ڪُلهي تي هٿ رکي چيو، "پيارا پُٽ! هر آزاديءَ جي هڪ پائبندي آهي. اِها رَوِش خود هڪ طرح جي پائبندي آهي- ڪڏهن تو سوچيو آهي؟"

"ڌيرج وارو هيءُ رستو مون لاءِ ناهي." حسين نِراسائيءَ مان جواب ڏنو "۽ شيخ اِها ڳالهه ڄاڻن ٿا."

"ڄاڻندا هوندا پر ڪو ذڪر نه ڪيائون. مون چاهيو ٿي ته ڪاروبار ختم ڪري اچي تو ويجهو تُستر ۾ رهان پر..." هو چپ ٿي ويو.

"تُستر سڄي دنيا ناهي ۽ اوهان مون پويان ڪيستائين سرگردان رهندؤ."

"ته حسين کي هِت قرار نه ايندو." منصور سوچيندو، حسين جي رهائشگاهه ڏانهن ويو.

"بابا سائين آئون نهايت ئي عاجزيءَ سان پنهنجي بي اختياريءَ جو اقرار ۽ اظهار ته

ڪري سگهان ٿو. پنهنجي ذرڙي ناچيز هئڻ جو، فنا جي ذات ۾ هئڻ جو پر متهنجو اندر ته عالم جي رولاڪين ۾ پيل آهي ۽ شيخ ته سيرسماء تائين جي جهل فرمائين ٿا. مون وٽ سندن حڪم آڏو ڪند ڪٽڻ جي ته مجال ناهي پر هتي رهي ڪري آئون اِهو سڀ نه ٿو ڪري سگهان-“ منصور پنهنجي پٽ جي ڳالهه کي سمجهندو هو ۽ ڪيس سندس آنڌ مانڌ جو به ڪجهه اندازو هو.

”منهنجي دل دنيا جي ڪنڊ - ڪڙڇ ۾ هوائن جيان آزاد گهمڻ لاءِ تي چوي. هوائن تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ- ڪڪرن تي سواري ڪرڻ لاءِ- آئون اوهان کي ڇا ٻڌايان ته آئون ڇا ڪجهه ڪرڻ گهران ٿو. ڪڏهن سوچيان ٿو ته منهنجون ٻانهون ڊگهيرجن ته اولهه ۽ اوڀر کي ڇُهي وٺن. برفاني چوٽيون منهنجن پيرن هيٺيان هجن. ڏونگر منهنجي وس ۾ هجن. عرش جي نيراڻ ۽ تارن جي جَرڪڻ کي ڇُهي ڏسان. دنيا منهنجن پيرن هيٺيان سوسَ ڪاٺي وڃي، فاصلا هڪ نڪتي وانگر هجن.“

منصور سحرزده حالت ۾ پٽ جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو جيڪي جيڪڏهن ڪو ٻيو ٻڌي جيڪو ڪيس سمجهندو نه هجي ته خبر ناهي ڇا چوي.

”اِهو سڀ انسان جي پهچ کان ٻاهر آهي.“ منصور چيو، ”۽ اهڙا سودائي خواب نه ڏسندو ڪر، اٽڪيٽن خوابن پويان پير پٽون نه ڪر. آئون چاهيان ٿو ته تعليم مڪمل ڪري تون بيضا جي بستيءَ ۾ اچي رهي پوين.“

”۽ ڏاڏا جي مهمان سراءِ جو دروازو کولي مهمانن جون خوشنوديون حاصل ڪريان.“ حسين بي چينيءَ منجهان پاسو ورايو.

سندس ڌيان هٽائڻ لاءِ منصور چيو، ”هڪ هندستاني سوداگر جيڪو ريشم جو خريدار هو، سراءِ ۾ اچي رهيو هو. هن نهايت عجيب غريب رسمن ۽ رواجن جو ذڪر ڪيو ٿي. ڇا نون انهيءَ ڳالهه ۾ ويساهه آڻي سگهين ٿو ته عورتون جيڪڏهن سندن مڙس مري پون ته ساڻن جيئريون ساڙيون وينديون آهن.“

حسين کي ڄڻ ڌوڏو آيو، هُو هڪدم سڌو ويهي رهيو.

”هڪ جيئري. ساهه کڻندڙ. تندرست. هوشمند عورت-“ هن بي يقينيءَ منجهان پڇيو.

”ها بلڪل.“

”محبت جي راهه ۾ اِهو سڀ ممڪن ٿي سگهندو هوندو،“ هن ڄڻ پنهنجي پاڻ سان نهايت آهستگيءَ سان ڳالهايو.

”اها محبت جي راهه نه به هجي ته به انهن وٽ ته زندگيءَ جو دستور آهي،“ منصور جواب ڏنو.

حسين گهڻيءَ دير تائين سوچيندو رهيو، سوچيندوئي رهيو.

"ڇا اُن هندي سوداگر ٻڌايو هو تہ انهن سڀڻ وارين عورتن کي پيرَڪڙولن ۾ ٻڌي اُن آڙاهہ ۾ ڏوڪيو ويندو آهي،" هن وري پڇيو.

"اِها تہ زبردستي ليکبي. هُو پنهنجي مرضيءَ سان نهايت آزاديءَ سان، صبر ۽ برداشت سان مرڻ واري سان گڏ سڙي ويندیون آهن. آهي نہ عجيب ڳالهہ؟ ۽ هن چيو تي اسان جون عورتون ۽ مندون شديد آهن."

"ڪمال تو ٿئي!" حسين جي منهن تان چڻ ڪڪر هٽي ويا. پوءِ هُو ڪليو. هُن انوکي ادب سان منصور جي هٿ کي ڇُهندي چيو، "آئون عالم جي سير ۾ هاڻ هندستان کي بہ شامل ڪري تو ڇڏيان." ۽ هن گهريءَ نگاهہ سان پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏٺو. جيڪو عاشق زار پيءُ هو ۽ سائس بي پناهہ محبت ڪندو هو. محبت ماڻهوءَ کي ڪڏهن ڪڏهن نهايت همت ۽ حوصلو عطا ڪندي آهي ۽ ڪڏهن نهايت ڪائنر ۽ ڏاڍو لاچار بنائي ڇڏيندي آهي.

حُسين ٻڌايو، "معتزلہ فرقي خلاف ڏاڍا سخت حڪم خلافتي دربار منجهان جاري ڪرايا ويا آهن ۽ هر اُهو شخص جنهن تي معتزلہ هئڻ جو شڪ آهي سو پاڻ لڪايو وتي."

"پاڙ پٽڻي آهي تہ شروعات دربار وٽان ٿيڻ کپي. متوڪل علي الله هڪ عمدو حاڪم ۽ هڪ سچو مسلمان آهي."

"نسطوري عيسائي ۽ يهودي ۽ مجوسي سڀ ڪنهن نہ ڪنهن ريت معتزلہ جا هڏڏوڪي آهن."

"پيارا پٽ! تون ڪجهہ بيو نہ سوچ. سواءِ انهيءَ جي تہ توکي پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ بيضا ۾ مدرسو قائم ڪرڻو آهي. انهن علائقن ۾ ڏاڍي ضرورت آهي."

حسين ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ منصور سوچيو شايد هُو سندس ڳالهہ تي غور ڪري رهيو آهي. پوءِ هُو ريشم جي ڪاروبار جون ۽ انهن ڪتابن جون جيڪي منصور جي مطالعي هيٺ رهيا هئا ۽ ڳوٺ جي باقي ماڻهن جون ڳالهيون ڪندا رهيا جيڪي حسين کي ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ياد ڪندا هئا. سندس مامي جون ڏيٿرون هاڻ وڏيون ٿي ويون هيون ۽ سندس پڇا ڪنديون هيون. عام زندگيءَ جون ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون. بيضا جي باغن، ميون ۽ سُوس جي بيابان جي طوفان جون ڳالهيون ڪندي ڪرائيندي ڏينهن لهي ويو. پاڇا ڊگها ٿي ويا- تُستر جي ڪمال وٽندڙ هَوا، خوشبو پريل، پاٽيءَ جي گهم منجهان ٿي ايندڙ اذانن جي صدائن سان رڪي رڪي ڏانهن گهلڻ لڳي.

خليفي متوڪل علي الله جڏهن جمعي نماز جي امامت لاءِ سوار ٿيڻ چاهيو تہ هن محسوس ڪيو تہ هُو هلي نہ ٿي سگهيو. سندس هٿ پير ٿري رهيا هئا. سچو جسم پگهر ۾ شل ٿي رهيو هئس. غلام تيار. بس حڪم جا منتظر هئا. پهريون اذانون ڪڏهن جو ٻُڌجي

چڪيون هيون. تڏهن فتح بن خاقان ۽ عبيدالله بن يحييٰ سندس ٻنهي وزيرن چيو، ”اي امير المؤمنين! اوهان جي اهل بيتن منجهان ڪيترائي گڏ ٿي چڪا آهن ۽ اوهان جي فيض جا منتظر آهن. جيئن ته امير المؤمنين جن جي ناچاڪائي ڏکوئيندڙ آهي تنهن ڪري پاڻ حڪم ڏين ته ولي عهد معتز بالله امامت ڪن ۽ هن مبارڪ ڏينهن جو شرف حاصل ڪن.“

معتز بالله نماز بعد، اهڙيءَ طرح جو سائس گڏوگڏ ساڄي ڪابي فتح بن خاقان ۽ عبيدالله بن يحييٰ ۽ سڄو عالم سندس سامهون هو، متوڪل وٽ موٽي آيا- انهن ٻنهي معتز جي ساراهه ڪئي ته ”متوڪل جي سِڪ لاهڻ، في البديهه تقرير ڪرڻ، ڪُلي آواز سريلي ڳالهائڻ ۽ باڪمال نصيحت ڪرڻ ۾ سندس مَٽ ڪوئي نه هو.“

متوڪل خوش ٿيو ۽ چيائين ”معتزبالله خدا توکي خير ۾ رکي ۽ اسان کي تنهنجي زندگيءَ مان لاڀ پوند ڪري.“

طبيب بختيشوع معجون کي پهريان پاڻ چکيو ۽ پوءِ خليفي کي شيشي جي جرڪندڙ پيالي ۾ جنهن ۾ سونو چمچو هو، نهايت نفاست سان پيش ڪئي- هيءَ ڪمزوري ختم ڪرڻ جي معجون هو. متوڪل اک ڪٽي اُن کي ڏٺو. ميٺوٽي رنگ جو لباس ۽ ميٺوٽي رنگ جو عمامو- ”واهه“ هن دل ئي دل ۾ ۾چيو اڃا ڪجهه ئي ڏينهن اڳ هُن حڪم ڪيو هو ته ذمي ۽ مسلمان پنهنجن لباسن منجهان سڃاتا وڃن، سندن گهرن تي به سڃاڻپ جا نشان هجن. پوءِ هن پنهنجي چوڌاري ڏٺو- ميٺوٽي رنگ جي عمامن جي گهٽائي ڪيس گهيريو بيٺي هئي.

هو دجله جي ڪناري ڪلڻ واري دريءَ وٽ ويهي نظارو ڪندو هو ته هڪ ٻئي پويان رستن تان لانگهائو ٿيندڙ ماڻهن جا انبوهه هئا. ذمي غلام خچرن تي ۽ پنهنجن لباسن تي چاتيءَ ۽ پُٺن پويان گيڙو رنگ ڪپڙن جا ٽڪر لڳايل ته جيئن نمايان هجن، ذمي عورتون گيڙو رنگ چادرن ۾ اوڍيل- تيزيءَ سان هلندڙ هڪ خلقت روان دوان هئي. ڊگهن قدن وارا پڌرا هاشمي، هيسيل جُهڪيل جڻ پنهنجو پاڻ لڪائڻ چاهيندا هجن. ڏورانهن ملڪن مان اچڻ وارا عجمي جيڪي هتي ئي رهي پيا هئا. يهودي جن جون وفاداريون شَڪي هيون. نسطوري پيشوا جيڪي پنهنجن مدرسن لاءِ سامان خريد ڪرڻ نڪرندا هئا ۽ مدرسن جي اقامت گاهن ۾ رهڻ وارن شاگردن جا خرچ پاڻ برداشت ڪندا هئا. تُرڪ جيڪي دوستاڻي ويساهه تحت آيا ته دربار جي اڃي ڪاري جا مالڪ ٿي ويهي رهيا. پورب واسي جيڪي اندلس جي ڌرتيءَ جي افسانن مان جيئرا ٿي، خوابن جي ڪردارن جيان پنهنجن مختلف لباسن سبب منفرد ڏسڻ ۾ ٿي آيا. دجله پاڻ هزارين حُسن پيدا ڪندڙ، جڻ چانئٺ تي آرسيون لڳل هجن، سندس هوا خوشي ۽ فرحت پيدا ڪندڙ، وري شهر واسي عجب چال سان سربلند ٿيو، لباس جا پلئه زمين تي گهلينِدي ٿي هليا.

هڪ ميلي جهڙو سماءُ سندس سامهون ڪان لنگهيو ٿي.

سندس صلاحڪارن جيان سندس پٽ به مان مرتبي ۽ دولت جا ديوانا هئا، هو پنهنجي ضمير ۽ دماغ ۾ ڪنهن به مفاهمت جا قائل نه هئا. اکين انڌا، مدهوش ۽ بي ضمير- ڪين پنهنجن ابن ڏاڏن جون هِن سلطنت لاءِ سَئل سور ۽ سختيون وسري چڪيون هيون- هُو متوڪل خلاف سمورين سازشن ۾ ڪنهن نه ڪنهن ريت شامل هيا. هو پنهنجي حڪومت جي دؤر ۾ مختلف مسئلن ۾ مُنڌلُ، سندن دل گهري تربيت نه ڪري سگهيو هو. ڪٿي نه ڪٿي ڪا غلطي رهجي وئي هئي- ڪا ڪڙي گُم ٿي وئي هئي- هن استادن جي انتخاب جي معاملي ۾ احتياط کان ڪم نه ورتو هو ۽ انهن مان گهڻا عيسائي ۽ يهودي هئا جن سندن دلين ۾ نفرتن جا ٻج پوکيا هئا- ۽ سندس پنهنجي دل ۾ وسوسا هئا پر نهايت ذاتي محفلن ۾ به هُو انهن جي ورجاءَ کان پرهيز ڪندو هو. سندس دوست نه هئڻ برابر هئا. عبيدالله بن يحييٰ ۽ فتح بن خاقان ڪنهن نه ڪنهن ريت ڪيس پنهنجي وَس ڪيو هو. هُو سندن چار ۾ هو. پر ائين ته اڳ به ڪيترائي پيرا ٿي چڪو هو.

سندس پڙ ڏاڏو مامون الرشيد ڪانئس وڌيڪ جاه ۽ جلال، ذهانت ۽ دانائيءَ جو مالڪ هو پر برمڪي مٿس غلبو ماٺي سگهيا هئا- برمڪين جا محل، سندن دانائي، سندن سخاوت ۽ هر دلعزيزيءَ سندس سک ۽ آرام تباهه ڪري ڇڏيو هو. ايسيتائين جو پيالي ۾ هڪ ڦُڙي جي به گنجائش نه رهي ۽ جعفر برمڪيءَ جي مٿان اُونڌو ڪيو ويو - مامون پچاڙڪي گهڙي ڪيس ڳلي لاتو هو - هُو پُراعتماد، پروقار، يحييٰ برمڪيءَ جو پٽ ۽ مامون جو ٽيج شريڪ ياءُ هو- اُهو نهايت سهڻو سِر ان چُميءَ جي قيمت هو جيڪا خليفي اُن پيشانيءَ تي ڏني هئي. هُو ڏڪڻ لڳو.

ڇا، هو اُن فتني کي جيڪو ”معتزله“ هئا، پاڙان پٽي سگهي ٿو؟ منجهس فيصلي جي اينتري قوت ته هئي پر سلطنت جي رڳن ۾ هُو رت جيان پَکڙيل هئا. ڪيس صحيح انگ اکر ته ياد نه هئا پر زندگيءَ جي هر شعبي تي هُو مُسلط هئا. تکي وهندڙ پاڻيءَ وانگر خود سر ۽ انڪا ڏي مائل هئا. مامون جي زمانن بلڪ ان کان به گهڻو پهرين يوناني فلسفي جي ترجمن. عربن ۽ عجمين جي مصلحت گاڏڙ عقيدن جي شڪل کي بنهه بدلائي وڌو هو. رواداري هڪ حد تائين ته هڪ وسيع ڏورانهين سلطنت لاءِ نهايت ضروري هئي، پر پوءِ هڪ طوفان اُٿيو، جنهن ۾ پوري زندگي واريءَ جي ڍيرن وانگرُ هيڏانهن هوڏانهن ٽِڙي پَکڙي وئي. راءِ جي آزادي ته قابلِ قدر شيءِ هئي پر گهٽي آزاديءَ بي راه رويءَ کي جنم ڏنو. نوان نوان فتنا هِتان هُتان پڙڪي پوڻ واريءَ باهه وانگي ٻرندا وسامندا ٿي رهيا. وري آل علي رضي الله عنه هئا جيڪي خلافت جا دعويدار هئا ۽ سندن پيغام ڳوٺ ڳوٺ گهٽي گهٽي ڦرندي، اڻ واقف راهن تان سفر ڪندي راتين جو وسندين ۾ واردِ ٿي ٿيا ۽ پنهنجن مددگارن جا گروه ترتيب

ڏئي رهيا هئا. سندن ڏياريل جسارتن کان هوشيار ٿيندي ڪيترائي ڪوڙا نبي پيدا ٿي اسلام ۾ رُخنا پيدا ڪندا ٿي رهيا. اسلام هڪ اهڙي عمارت جيان ٿي چڪو هو جنهن ۾ ڳڙکيون ئي ڳڙکيون هجن ۽ پتيون ڇهيٽيون ٿي ويون هجن- جاءِ پناهه جي حفاظت خاطر انهن کليل ڳڙکين جو وجود سندن بند ٿيڻ ۾ رکيل هو.

پر اڪيلو متوڪل ڇا ٿي ڪري سگهيو؟

مامون الرشيد جو موتي وَر ڪائيندڙ زمانو. جنهن جي دربار ۾ العاد جي پوکيءَ جي آبياري ڪئي وئي هئي، هو اُن آباديءَ کي ويران ڪرڻ جي خيال ۾ هو - ڪيس خبر هئي تہ هو پنهنجي ڪفن ۾ آخري ڪِلي کوڙي رهيو آهي. هُو اُن سچي سٽ ۾ اڪيلو هو- ۽ انهن ارادن کي عملي جامون پهرائي رهيو هو، جن جو انجام بہ ڪيس معلوم هو. هُو نہ رڳي پنهنجي بلڪ مضبوط ۽ نهايت اعليٰ مرتبي جي عباسي سلطنت لاءِ شڪست جا سامان پيدا ڪري رهيو هو. پر سلطنتون، قومون آخرڪار عروج کان زوال ڏانهن ۽ زوال کان فنا ڏانهن رَوان رهنديون آهن. اِهو سفر هر طرح جاري رهڻ ئي ڪپي. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ائين محسوس ٿيو ٿي ڇڻ سندس ٻيڙي نهايت تيزيءَ سان عميق بحر ڏانهن ترندي ٿي وڃي ۽ آخرڪار ڪنهن وير جي وَر چڙهي ويندي.

ذاتي محفلن ۾ هو تاڙيءَ ۽ جَوَ مان نهيل شراب پيئندي پنهنجي ناچاڪائي کان بي پرواهه رهندو هو. ڪيس رت جي بيماري هئي. سامره مان سندس مَن اُپاٽڪو ٿي چڪو هو، ان ڪري هُن جعفريہ جو بنياد رکيو هو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ان شهر کي آباد ڏسڻ چاهيو ٿي ۽ اُن لاءِ هن اهڙن سيني ماڻهن کان دولت اُوڳاڙڻ چاهي ٿي جن جائز ناجائز هر طريقي سان سلطنت جي هر شعبي کي ڦريو لٽيو هو. ايتاخ. ابن الزّيات، نجاح سڀ سندس وزيرن هٿان پنهنجي پنهنجي انجام کي پهتا هئا ۽ جعفريہ جي بنيادن ۾ سندن دولت ۽ رت صرف ٿي رهيو هو. سندس پنهنجا پٽ سندس موت جا منتظر هئا ۽ معتزبالله تہ طبيب بختيشوع سان سازباز ڪري هڪ دوا تيار ڪرائي هئي جنهن جي خبر ڪيس پرچي نويسن ڏني هئي. ذمين تان سندس رهيو کهيو اعتبار بہ کڄي چڪو هو- هو هر شڪل کي آڏيءَ اک سان ۽ هر ڳالهه شڪ جي نگاهه سان ڏسڻ لڳو. هن پنهنجي بيماريءَ لاءِ هر قسم جي دوا جي استعمال کان انڪار ڪري ڇڏيو هو.

ڇا اهڙيءَ طرح هُو حالتن تي قابض ٿي سگهيو ٿي؟ هُن طبيب کي پيرڪڙا هٿي زندان ۾ وجهي ڇڏيو هو، ڪيس اِن جي حيرت برابر هئي.

ماڻهو گروهن ۾ ورهائجي ويا هئا ۽ مختلف اندازن جو اظهار ڪندا هئا. نہ خبر ناهي سندس اندر ۾ ڇا هو؟

چانڊوڪيءَ رات ۾ بابِ بدر سامهون واعظ جي مجلس ٿيڻ واري هئي. هڪ خلقت گڏ

تي هئي. خليفي جي محل جو دروازو ڪليل هو ۽ چِڪُن پويان خليفو. سندس ماءُ ۽ ٻيون ٻيبيون ۽ ٻانهيون ويٺيون هيون. امام ان جڳهه جي حُرمت خاطر پنهنجي مٿي تي ڪاري چادر سرڪائي منبر تي ويٺو. سندس سامهون ڪرسين تي ويٺل قارين قرائت شروع ڪئي. هي سُريلا پڙهڻ وارا هئا جو دليون سندن صدائن ۽ قرآني ڪرامتن جي بيان سان ڇاتين اندر ڀاڙي ٿيندڙيون ٿي ويون. پوءِ شيخ پاڪائيءَ سان تفسير ۽ حديث تي ڳالهايو. هر طرف کان مسئلا اچڻ لڳا- پرچين تي لکيل سوالن کي وٺي شيخ صاحب سيني لاءِ آئت جي لفظن جا ارشاد ڪيا. اشارن ۽ انداز مان ڪنهن طرح جو جَهل ظاهر نه ڪيائون. خير ۽ برڪت جي هيءَ مجلس پڇاڙيءَ تي پهتي ته صابر ڪان صابر ماڻهوءَ جا به ڳوڙها رَوان هئا. ڇنني پاسن کان توبهن جو هُل اُٿيو. خليفي به ماڻهن سان گڏ پنهنجي پيشانيءَ جا وار لَهرايا ۽ حڪم ڏنو ته سلطنت جي هر ڏِس ۾ اهڙيون ئي مجلسون منعقد ڪرايون وڃن. ڇا حيلي ماڻهن جي دلين کي بدلائي سگهجي ٿو؟

ذمين، يهودين ۽ مجوسين جو وڏو تعداد سلطنت جي اهم جڳهن تي قابض هو- ۽ معتزله پڻ جيڪي ظاهر ۾ اسلام جا محافظ ۽ علم ڪلام جا ماهر هئا، هُو منصور جي زمانن کي موتائڻ ۾ ناڪام رهيو هو ۽ وري شايد قدرت به سندس ساٿ نه پئي ڏنو. سازشن کي پلجڻ نپجڻ جو موقعو ملي رهيو هو. تُرڪ سردار پُراعتماد ۽ ڪين خوش رکڻ لاءِ سندس مطالبا مڃڻ وارا حاضر هئا، مطلب ته، وکرڻ ۽ تڻڻ جي ڪيفيت هر طرح تيار هئي ۽ ظاهر هئي.

آسمان صاف ۽ تارن سان ڳُتيل هو. هوا وُٺندڙ هئي. جڏهن جمع جي رات اوچتو فضا آوازن ۽ ڇٽنگن سان پيرجي وئي. تارا ٽُٽِي، زمين تي پهچڻ کان اڳ ئي وِڪري تي ويا- رَڪ ۽ ڏوڙ جهڙو وسڪارو ٿيڻ لڳو- ماڻهن مسجدن ۾ ٻانگون ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيون هيون. توبهه ۽ بخشش ۽ خدا جي قهر جي پِوَ سيني جي جانين کي خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو- منتصر ۽ سندس ماءُ جيڪا هڪ قبطي• ٻانهي هئي، پنهنجي محل ۾ هڪ سازش جو نقشو ٺاهي رهيا هئا.

”متوڪل کي رت جي بيماريءَ جهيٽو ۽ پاڳل ڪري ڇڏيو آهي،“ سندس ماءُ چيو.

”طبيب بختيشوع جي دوا ڪيس تندرست ڪري ڇڏي ها، جيڪو پير ڪڙولن سان بندي خاني ۾ آهي.“ طبيب جي ذمي ساٿيءَ چيو.

هُوءَ کِلي، ڇڻ گهٽو ڪجهه ڄاڻندي هجي-

”هاڻ سلطنت جي معاملن ۾ دخل اندازيءَ جو بار گهٽو وقت ڪيس نه ڪٽٽو پوندو،“ منتصر گهبرائجي ڏانهنس ڏنو، ڪٿي هوءَ ڪا وڏي ۽ ڪليل ڳالهه ته ڪانه ٿي ڪري!.

• قبطي: قديم مصري قوم (مصر جو قديم نالو)

"رات جو گهڻو حصو هُو شراب ۾ گذاريندو آهي. دجلہ ڏانهن کُلڻ وارين درين وٽ ويٺو هوندو آهي. سواءِ فتح بن خاقان ۽ عبيدالله بن يحييٰ جي ڪوبہ وٽس موجود ناهي هوندو. رات جي پوئين پهر ۾ ڪڏهن صرف فتح هوندو آهي ۽ سدائين پردن پويان بيٺل غلام گهيرن ۾ بڌل هوندا آهن."

"ڇا غلامن کي اُتان هٽائي نہ ٿو سگهجي؟" ذميءَ وري پڇيو.

"اِهو ڏکيو تہ ناهي پر فتح بن خاقان ڏاڍو هوشيار ۽ ويساهہ وسوڙيل، ديانتدار ۽ باوفا آهي." منتصر چيو.

آسمان هڪدم ڪارو ٿي ويو ڄڻ تارن جي ڏُنڊ ۾ ڏکجي ويو هُجي. هڪ زبردست ڌماڪو ٿيو ۽ ڪائي ڳري شيءِ اچي ڇت تي ڪِري.

هُو سڀ ٻاهر ڏانهن ڀڳا ۽ اُهو ڪاغذ اُن قيامت خيز ماحول ۾ ڪٿي هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويو- ٽٽندڙ تارن واري قيامت جي ٻئي ڏينهن جڏهن آسمان صاف ٿيو تہ منتصر کي ياد آيو تہ گهڻو ڪجهہ وڃايو آهي.

جڏهن سفير متوڪل علي الله وٽ منتصر پاران اَڇي رنگ جو پشمي رومال تحفي جي طور آندو تہ هو ڪليو ۽ اُن کي ڏسندو رهيو. ڄڻ هاڻ هو ٻي ڪا شيءِ نہ ڏسندو.

هُن تلوار سان رومال جا بہ ٽڪر ڪري رومال ساڳئي ٿالهہ ۾ رکي ڇڏيو. اُن زهر ۾ ٻڏل خون آشام نهايت بي ضرر محبت جي تحفي کي خبر ناهي متوڪل علي الله ڇو بنا هٿ لاتي قبطي ٻانهي کي جيڪا سندس ٻئي ولي عهد جي ماءُ ۽ نهايت سُهڻي ۽ ڏاڍي ڏاهي هئي، موٽائي ڏنو.

مويّد جي ساٿين نهر جي ڪنڌين وٽ وڻن ۾ پنهنجيون ٻيڙيون لڪائي ڇڏيون ۽ پاڻ پيادا خلافت جي بارگاهہ ڏانهن وڌيا- رات هميشہ کان وڌيڪ ڪاري هئي-

جڏهن تلوارون سندن مٿان چَمڪيون تہ فتح بن خاقان، خليفي متوڪل علي الله کي لڪائي ڇڏيو، هُو ٻَئي زندگيءَ جيان موت ۾ بہ هڪ ئي تير ۾ پُوئجي ويا.

معتز، منتصر ۽ مويّد تنهي الڳ الڳ پنهنجن پنهنجن يهودي، قطبي، عيسائي ۽ ذمي دوستن جي خواهشن کي پورو ڪرڻ لاءِ اُن هڪ شخص کي ماري ڇڏيو جيڪو سندن پيءُ هو ۽ نوان خيال رکڻ سبب ناقابل قبول هو- جيڪو شراب کي برائين جي پاڙ سمجهندو هو پر جيڪو پنهنجي دل جي تهہ خاني ۾ زندگيءَ کان نِراس ٿي، ساٿين کان مايوس ٿي، پنهنجن ارادن ۾ ناڪام ٿي، اُن جي ئي صحبت ۾ پنهنجو پاڻ کي برباد ڪرڻ چاهيندو هو. متوڪل علي الله جيڪو خليفو ٿيڻ کان اڳ جعفر بن معتصم هو ۽ تُرڪ ٻارن سان کيڏندو هو ۽ پنهنجي پيءُ واثق کان ڊڄندو هو، سندس صلاحڪارن جي مهربانين جو منتظر رهندو هو- خليفي ٿيڻ کان پوءِ خدا کان ڊڄندو رهيو ۽ هن اهي سڀ اَڻٽيهٽا ڪم ڪرڻ چاهيا جيڪي

ڪيس خدا ۽ خدا جي رسول ﷺ جي نظر ڪرم جي قابل بڻائي ڇڏين، پر اين سعادت بزورِ بازو نيست.

وعظ جي درهم برهم مجلسن ۾ فقيهن ۽ شيخ هر ان شخص جي نالي جو خطبو تي پڙهيو ۽ اُن لاءِ دعا تي گهري، جيڪو امير المؤمنين تي ويندو هو، ۽ ترڪن جي بادشاهه گردي ۽ شعبده بازيءَ سان خلافت جي بارگاهه تي قابض تي ويندو هو. سرحدون ڏور هيون- اندلس ۾ اموي سلطنت زماني کان پنهنجن مضبوط قلعن سبب ناقابل شڪست هئي، ۽ اسماعيلي مصر تي قابض هئا. پورب جون رياستون هڪ هڪ ڪري الڳ الڳ حڪومتون بڻجي ويون ۽ عباسي خلافت کي انهن سڀني ماڻهن جي الڳ ٿي وڃڻ سبب سخت نقصان رسيو.

بدنظمي ۽ لاقانونيت جي ان دؤر ۾ راهبن• پنهنجو ڌيان علم ۽ فن تي رکيو- اِهي قيامت جي ويجهڙ جون نشانيون هيون ۽ راتين جا اوجاڳا ڪيندڙ عبادتگذار خدا جي خوف کان هيسيل ۽ ڊنل پنهنجن جنونن ۾ شديد ٿيندا تي ويا. امام مهديءَ جي انتظار ۾ انهن جي اکين عرش ڏانهن ڏٺو تي ۽ دليون ان اقراري آمد لاءِ راهه بڻجي تي رهيون. جيڪڏهن دنيا اِهائي هئي جو هڪ کان پوءِ ٻئي خليفي جي قتل تي ساهه پٽي ته ان دنيا تي ٿُف آهي.

"سهل بن عبدالله تستري جن توکي ياد پيا فرمائين." اقامت گاهه ۾ ڳوليندي ڳوليندي خطيب آخرڪار اُن نويڪلائيءَ ۾ پهتو جتي حسين ڪڏهن ڪڏهن ساٿين کان لِڪي وڃي ويهندو هو. هيءَ سندس پنهنجي اڪيلائي سندس دنيا، سندس جهان هو. واهه، جيڪو ڦيرو ڪائي نڪتو تي ۽ اقامت گاهه جي حوض ۾ چوڙ ڪندو هو، موڙ تي وڻن جي اُن جهڳٽي ۾ اوچتو چانورن ۾ گهيرجندي، جهونگاريندي، غائب تي ويو ٿي. تاريون جُهڪيل ۽ پاڻيءَ کي ڇُهندي چڻ آب جي آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڏسنديون هجن- سانوٽيءَ جي پچاڙڪن ڏهاڙن ۾ رنگ برنگ جهرڪيون ٻوليون ٻوليندي ۽ سياري کي خوشيءَ جون واڌايون چوڻ تي لڳيون. هوا وڻندڙ جيڪا ٿڏي ٿيڻ تي مائل هجي پر ٿڏي نه هجي، انهي اونداهي موڙ تي پنن جي لوڏ ۾ لڏندي، راهه ڳوليندي، سندس هم سبق ان جڳهه تي رسيو، جتي حُسين خيالن ۾ گم هو-

"شيخ ناراض هئا ڇا؟" هُن ٻاهر نڪري پنهنجن ڪپڙن کي ڇنڊيندي خطيب کان پڇيو.

"بس نه ناراض هئا ۽ نه ئي خوش. پاڻ پنهنجي ذاتي صندوق کي ڏنائون ۽ مون کي حڪم فرمايائون: "حسين کي وٺي اچو."

پوءِ هن حسين کي گهرين نگاهن سان ڏسندي چيو: "تو ڪجهه چوري ڪيو آهي ڇا؟"

"اسين هتي علم حاصل ڪرڻ آيا آهيون- ڪتاب سڀني جي گڏيل ميراث آهن." حسين ڏاڪڻين تي قدم رکيا.

• راهب: تارڪ الدنيا.

"پر شيخ ڪامل کان اجازت وٺڻ ضروري هوندي آهي ۽ خاص طور جيڪڏهن ڪتاب سندن هجي ته." خطيب چيو.

"شيخ وڏ کان وڏ مون کي سزا جو مستحق قرار ڏيندا." حسين چيو.

"توکي خوف ناهي ته شايد هو ناراض نه ٿين پر ڪا ٻي سزا ڏين." خطيب سندس اڳيان هو.

"وڏ کان وڏ اهوئي ته پاراتو ڏيندا." حسين هڪ جي بدران ٻه ٻه ڏاڪا ٻراگهيندي چيو.

"توکي پاراتي کان ڀَوُ نه ٿو ٿئي حسين-" خطيب اُتي ئي بيهي رهيو.

"هل تڪڙو هل، سڀڪجهه ڪرڻ وارو ته خدا آهي جيڪو هر شيءِ ۾ جاري ۽ ساري ۽ جيڪو زندگيءَ جي نفس جو مالڪ آهي." حُسين خوشدليءَ سان جواب ڏنو.

"اِهو صحيح آهي ته سڀڪجهه خدا آهي پر بزرگن جون دُعائون، سندن خوشنوديون!" خطيب ٻوائتو هو.

"آئون شيخ ڪامل جن جي خوشنوديءَ ۽ دعائن جو خواهشمند ته آهيان پر شخصي آزاديءَ ۽ ڪتابن تي پنهنجي اختيار جي اَگهه عيوض نه."

"حسين تنهنجون ڳالهيون سمجهه ۾ نه ٿيون اچن، ڪهڙي پاڳلن جهڙي ڳالهه ڳالهه آهي جيڪڏهن تو شيخ جي ذاتي ڪتابن تي پنهنجي اختيار جي دليلن سان ڪين ڪاوڙايو آهي ته هُو ڏاڍا ناراض ٿيندا- ڏاڍا." خطيب ائين سمجهي رهيو هو غلطي چٽڪ ڪانئس ٿي آهي.

شيخ جن اُتي ئي هئا جتي درس جي وقت هُو هميشه هوندا هئا. سندن پيشانيءَ ۾ گُهنج هئا. ڏاڍي ڳوڙهي ويچار ۾ ۽ اڪيلا هئا.

حسين جو پاڇو چانئٺ ٽپي اندر پئجي رهيو هو. سج سندس ڪاٻي ڪلهي وٽ اولهه طرف جهڪيل هو، لڳو ٿي چڻ اُهو پاڇو سندس پيرن ۾ ئي موٽي رهيو هجي. ڏانهس ٿورڙيءَ ٻنهه اڻ لڪي نهار ڪرڻ سواءِ شيخ چيو: "حسين اندر اچ." هُو نه ناراض هئا ۽ نه ئي خوش.

هُو ڪنڌ جهڪائي ذري گهٽ ٻيٺو ٿيندي ادب وچان وٽن آهستڙي هلندو ڪانئن پري بيهي رهيو.

"توکي خبر آهي ته تنهنجي طلبي ڇو ٿي آهي؟" ڏاڍي نرميءَ منجهان پڇيو ويو.

هن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

"ويهي رَهه." شيخ هٿ سان پنهنجي سامهون زمين ڏانهن اشارو ڪيو.

"تو ائين ڇو ڪيو حُسين؟- اهي سڀ رسالا اجا تنهنجي علم ۽ عقل کان آڳاهان آهن. اِهي تنهنجي لاءِ ناهن."

"جيءُ." هُن چيو، "پر آئون انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ته ڪري سگهان ٿو."

ان دليرائي جواب سبب هُنن هڪدم مٿي ڏٺو، هُو حيران هئا. ڪيس مدرسي ۾ آئي اجا

گهڻو عرصو نہ گذريو هو. اِهو بہ صحيح هو تہ هو هڪ غير معمولي شاگرد هو. ڪين اِهو علم بہ هو تہ هُو اصل ۾ مجوسي هو ۽ پنهنجي پيءُ جي ڪري نهايت عمدين خصلتن ۽ سٺي ڪردار جو مالڪ هو. شيخ اِهو بہ ڄاڻندا هئا تہ سندس اندر ۾ علم جي هڪ بنھ انوکي ۽ الڳ تڙپ هئي. سندن نگاهن کان اِهو بہ ڳجهو ڪين هو تہ هُو ڏاڍو تيز رفتار هو. پر سندن ذاتي رسالن تائين سندس رسائي ۽ وري اِهو چوڻ تہ انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري سگهان ٿو. هُو حيران هئا تہ اِنهي اندروني ڳجهي راز کي هُو سيڪڙاٽ مڪتب جو ٻار ڇا سمجهي سگهندو؟ ۽ پاڻ ڪيس ڪجھ سمجهائڻ بہ نہ چاهيندا هئا.

اهڙا انڪشاف تہ صدين ۾ نهايت بانصيب ماڻهن تي آشڪار ٿيندا آهن-

ٻئي آمهون سامهون ويٺا هئا. شيخ جيڪي متواضع، حليم ۽ حضور اڪرم ﷺ جي ذات ڪامل سان عشق ڪندا هئا جيڪي سدائين باوضو رهندا هئا. حُسين ڇوڪرات، بي خبر ۽ اِنهيءَ ڪري پُرعزم، پنهنجي فهم جي سگھ کان ناآشنا ۽ پنهنجي ذات جي عشق ۾ گرفتار.

شيخ چيو: "منهنجي ويجهو اچ." انهيءَ سچي وقت ۾ حسين پهريون پيرو ڏکيو. سندس همت چڻ جواب ڏئي رهي هئي پر هيٺائيءَ جو اظهار ڪرڻ بہ سندس مزاج جو حصو نہ هو. هو هڪ هڪ انچ اڳيان وڌيو. محسوس ٿي ٿيو چڻ صدين کان هو اُن خانقاه ۾ شيخ جي سامهون آهي ۽ اڳيان وڌڻ جي ڪوشش ۾ ٿي آهي، پر جيستائين فضل خداواندي سندس حال تي مهربان نہ هجي، شيخ جون نگاهون سندس مدد نہ ڪن، هُو ڪجھ نٿي ڪري سگهيو. سندس عقل، سندس حقيقت پسنديءَ جي ساڄاھ جي سگھ، سندس وڏجڻ جو ٻلھ، فيصلي جو سَت، سڀ شيخ جي هڪ محبت جي نگاھ جي فرمان جي طابع آهن. جيسيتائين شيخ ڪيس ٻاجھ جي نگاھ سان نہ ڏسندا هو ڪڏهن بہ اهو فاصلو طئہ ڪري نہ سگهندو- ان تائين سندس پهچ ڏکي بلڪ ناممڪن آهي- سندس ڪابہ مرضي نہ هئي- هُو ڪجھ نہ هو- هڪ ناچيز ذرڙو جنهن جي تاريڪيءَ کي روشنيءَ جي ضرورت هئي- ذري کي تيش جي خواهش هئي تہ جيئن هو شمس حيات کان ڪجھ پائي سگهي. ڪائنات جي تخليق ڪرڻ واري، دنيائن کي پيدا ڪرڻ واري جي سامهون هُو مضحڪہ خيز هو- نظر ئي نہ اچڻ وارو بي پهچ، هُو تہ ڪٿي بہ نہ هو- هر ڏس شيخ جي نگاهن جي روشني هئي ۽ هو هڪ نقطو بہ نہ هو- سندس الڳ هستي ڪٿي هئي؟ زمانا ۽ دنيائون، خزانا ۽ زمين جون عميق اونهائيون عرش ري ٽوٽين جا ست درجا، نہ ڄاڻ هُو ڪٿي هو؟ ڇا ڏسي رهيو هو؟ جنت ۽ جهنم، نظارا ئي نظارا، نگاھ جي حد تائين نور ئي نور، شيخ ڏٺو ۽ ڪيس نگاھ جي نرميءَ سان ڇُهيائون.

هن محسوس ڪيو تہ هُو زمانن جي ازلي نور جي رچن ۾ پنهنجي پاڻ کي وساري رهيو هو ۽ هاڻ موٽي رهيو آهي- هُو ٻُڍو آهي، ۽ سندس روح حيرت انگيز طور تي نوجوان آهي- وقت بيٺل آهي، ۽ شيخ ڏانهن وڌندي هڪ لمحو بہ ناهي ٿيو- لمحي جو هزارئون حصو بہ نہ،

هن اچا فقط سوچيو آهي ته پاڻ شيخ کان معافي وٺي، آخر کيس سندن ذاتي ڪتابن ۽ رسالن کي ڏسڻ جو ته حق نه هو-

"وڃ-" شيخ چيو، "هر شيءِ جو وقت مقرر آهي- ازلي لِکيا جيڪي قائم ٿي چڪا آهن تن تي خوش رهه-"

هو ڏاڪڻين کان هيٺ بيٺو هو جڏهن ته هن انهن کي اورانگهيو نه هو- اُس، پاڇا ۽ هر شيءِ ساڳيءَ طرح ئي هئي- سندس حيرت جي ڪابه انتها نه هئي ۽ کيس اهو به سمجهه ۾ اچي ويو هو ته سيڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ ممڪن ناهي، ۽ ماڻهوءَ جي ذات، عرش ۽ فرش جو ذرو سڀ هر وقت آهن ۽ ذات جي ٿيڻين (ممڪنات) جو اَدراڪ رکڻي فهم سان نٿو ٿي سگهي.

هڪ اهڙيءَ حالت ۾ جيڪا سمهڻ ۽ جاڳڻ جي وچولي ڪيفيت هئي حسين قائم رهيو. هو اهڙي بيڙي جيان هو جيڪا نه ٻڏي ٿي نه تري ٿي، جيڪا محبت هئي به ۽ نه به، جيڪا توفيق به هئي ۽ عشق جي توفيق به نه، کيس اِئين لڳو ڄڻ هو مڪمل فنا ٿي چڪو آهي پر ڇا ۾، ڪنهن جي لاءِ؟ شيخ جي ٻاجهائتي نظر کيس ڇُهي نڪري به چُڪي هُئي ۽ اُن ڇُهاءَ جي احساس ۽ ان ڇُها کي هو پنهنجي اندر ڳوليندو رهيو، پنهنجي طبيعت جي لغام کي زوريءَ ضبط ۽ ترتيب ڏانهن آڻي رهيو هو پر ڪهڙي ضبط ۽ ترتيب ڏانهن؟ جيئن تيز روشني ۾ اکيون ڪجهه ڏسي ناهن سگهنديون. اوچتين روشنين سان ڪيريون ٿي وينديون آهن. ڪليل اکين سان هُن جا جاڳ - سپنا ڪهڙا هئا؟

خطيب پڇيو: "شيخ جِن توکان ڏاڍا ڪاوڙيا هوندا؟"

"خبر ناهي ته هو خوش ٿيا يا ڪاوڙيا-" حُسين مبهم جواب ڏنو.

"تون ڪنهن شيءِ کان ڊڄين نٿو، شيخ جي ناراضگي خراب هوندي آهي." خطيب کيس ڊيڄاري وڌو.

"ڇا شيخ جِن توکان ڪڏهن ناراض ٿيا آهن." هن ڇگُي دير ماٺ رهڻ بعد پڇيو.

"جڏهن پاڻ ڪن مسئلن جا جواب ڏين ۽ اسان جو ڌيان ڪنهن ٻئي پاسي هجي، تڏهن" خطيب ڏاڍي غور سان ڏانهس ڏنو.

"توکي ڪڏهن مسئلن جي وضاحت جي ضرورت ناهي ٿي ؟"

"ڇگو!" حسين نه ڄاڻ ڪهڙن ماڳن تي هو، جو کيس اُهو گيت ياد آيو جيڪو سندس ڏاڏو کيس ڳائي ٻڌائيندو هو:

جيئڻ وارا، وڃڻ وارا ۽ سڀ اچڻ وارا
اچڻ وارا هن دنيا جا ۽ دنيائن جا
نيڪ ۽ پاڪ جوان ۽ ٻڍا، مرد ۽ عورتون سڀ

اسين اوهان کي جيڪا نيڪي هجي ۽ نيڪيءَ ڏي رواني هجي
ان حيلي
ياد ٿا ڪريون اي ڳڻن وارؤ! اُتو اُتو اُتو!

اُهو گيت بار بار اُن ڪنوڻ جي لهر جيان جنهن ڪڪرن جي ڪاراڻ کي لحظي لحظي روشن ٿي ڪيو. ڪيس ڇو ياد اچي رهيو هو؟ سندس ڏاڏي باهه جي پوڄا ڪئي هئي.
باهه جيڪا ڏسڻ ۾ ايندي آهي، پڙڪندي آهي، پنيت ٻڄندي آهي، ساڙيندي آهي.
پر سندس جِيءَ اندر هيءَ جان جلائيندڙ آڳ ڪنهن لاءِ هئي؟
هو ڪنهن کي ڇوي، ڪيئن ٻڌائي؟
شيخ ته پهرئين ڏينهن جيان ڪانئس پري هئا ۽ سبق ۾ سندس محويت يا سندس بي ڌيانيءَ، ڪنهن حالت ۾ به، سندن ڌيان هن ڏانهن نه هو. هو چاهيندو هو ته شوخ، گستاخ ۽ بي پرواهه ٿي ڪنهن ڏينهن پيهر بارگاهه ۾ طلب ڪيو وڃي ۽ اُهڙيءَ طرح پيهر اُن نگاهه سان ڇُهيو وڃي- وقت بيهي رهي ۽ وري هُو شيخ کان معافي گهري، سندن قرب لاءِ، سندن تائين رسڻ لاءِ، سندس شوق جي شدت جي ڪائي انتها نه هئي. جڏهن بيقراري وڌي ٿي تڏهن هُن سوچيو ٿي، اهوئي نيڪ ٿئي ها جي هُو ريشم جي ڪاروبار ۾ پيءَ سان شريڪ ٿئي ها.

ريشم جي ڪپڙي جي نگهباني، مضبوطي، انهن جا قسم ۽ انهن جي زردي مائل ريشم جي ڪيڙن جي خولن منجهان هُو ڏاڳي کي الڳ ٿيندي ڏسي ها. پوءِ اَڏاٽي تي نقش ۽ نگار اُڀرندا. فنڪار جي خوابن جا عڪس اُن ۾ اُڀيا ويندا- ڪپڙي اُٽڻ جي اُن پيشي ۾ هُو خوش رهي ها ۽ سندس پنهنجا خواب به گُم نه ٿين ها پر هاڻ...؟ سندس دل چيو ته هُو هتان ڀڄي وڃي.
تُستر سمورو سنسار ته ناهي؟
پر ڪهڙي زمين ڪيس پناهه ڏيندي. هيءَ زمين خدا ناهي آهي ۽ ڪيس به.... ۽ ڪيس آزادي نه هئي. سندس اندر ايترو بي چين ڇو ٿي ويو هو؟ هو انهي محبت ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏڻ چاهيندو هو. ڪاش هو اِئين نه هجي ها. نماز ۾ ڪڏهن ڪڏهن سندس اها ڪيفيت بدلجي هڪ سُرور جيئن متس طاري ٿي پوندي هئي. هُو پنهنجو پاڻ کي وسارڻ لڳندو هو. رڪوع کان سجود ۽ سجود کان قيام تائين وساري ويهندو هو. بيٺو رهندو ۽ هم - سبق ڪڏهن ڪيس ٺونٺ هٺندا هئا، ڪڏهن نماز بعد سندس مذاق اُڏائيندا هئا. هُو انهن سيني کان الڳ ڇو ٿي ويو هو؟ شيخ چيو هو، "مقدر تي خوش رهو!"
پر هن جو مقدر ڇا هو؟ هر پاسي سوال ئي سوال هئا، روشنين ۾، اونده ۾، ڏينهن ۾، رات ۾، صبح ۾، شام ۾- پنهنجي انهيءَ نويڪلائيءَ جي جاءِ تي جيڪا سندس دنيا هئي،

هاڻ کيس اُتي بہ آرام نہ ملندو هو. هُو وچي اُتي روپوش ٿيندو هو تہ لڳندو هئس تہ هر پن کي اک آهي ۽ کيس ڏسي رهيو آهي. هر جُهونڪو جڏهن کيس ڇُهي ٿي نڪتو تہ مُرڪيو ٿي، هوا سڏ ٿي ڏنا: ”حُسين! حُسين!“ پکين لکندي سڏيو ٿي: ’حُسين! حُسين!‘ هي کهڙو سحر هو، جو هر شيءِ کيس سڏيو ٿي! هو کيڏانهن وڃي؟

انهن سيني آوازن کان فرار سواءِ ڪوبہ چارو نہ هو.

تُستر کان ۽ آوازن کان بچڻ لاءِ هو بصري پہچي ويو.

(3)

بصره پنهنجين مسجدن، خانقاهن ۽ شفيق استادن جيڪري دنيا جي ملڪن ۾ هڪ خاص مقام رکندو هو. اقامت گاهن ۾ طالبِ علم آباد- مسجدن جي حُجرن ۾ درويشن ۽ مسافرن، قافلن لاءِ مهمان سراءِ ۽ بازارن جي رونق - سندس حيثيت هڪ علمي مرڪز جهڙي هئي. هتي دريا ۽ بحر همڪنار ٿيندا هئا. ملاحن ۽ مڇي جهلڻ وارن جون وسنديون ۽ وري وڏن وڏن ٻيڙن تي واپار جو سامان ڍوئڻ لاءِ مزدورن جا هشام، روزيءَ جي ڳولا ڪرڻ وارن جو ڳاهٽ- مڇيءَ جي گوشت جي بُو ۽ سمنڊ جي لاهہ چاڙهہ جو گوڙ- ۽ لهرن جي مٿاهينءَ کان زمين تي پوڻ واري گِهم ۽ ڪنڌين تان اُڏامندڙ واري بہ شامل رهندي هئي.

هتي جي علمي فضا جيڪا ڏاڍي باوقار هئي، علم جا صاحب ۽ فضل جا گروه هتي موجود هئا. ۽ اهو اسلام جي زماني خلافت راشده جو آباد ڪيل شهر هو. ٻانسن جي جهنگن ۾ عربَ راهزن رهندا هئا ۽ قافلن کان وچڙي وڃڻ وارن کي ڦريندا هئا، پر حُسين وٽ تہ ڪجهہ بہ نہ هو-

هُو جڏهن تُستر کان نڪتو تہ مٿس عجيب ديوانگيءَ جو تسلط هو. رستي جي خرچ پکي لاءِ وٽس ڪجهہ دينار هئا جيڪي وٽس باقي بچيا هئا، هونئن بہ مدرسي جو سڄو خرچ سهل بن عبدالله تُستريءَ جن برداشت ڪندا هئا. بظاهر وٽن ڪا دنياوي دولت نہ هئي پر هيءَ غيب جي هٿ جو عمل هو جو هُو پنهنجي حاجتن لاءِ سواءِ خدا جي ڪنهن جا محتاج نہ هئا-

ڪاروانن سان گڏ شاهراه تي کيس هڪ قافلو مليو جيڪو نسطوري عيسائين جو هو. هو دشت لوط کان بہ پريان ڪنهن ڏورانهين علائقي کان آيا هئا ۽ سفر جي ڌوڙ سندن جسمن تي لڳل هئي. ڊگها چوغا پهريل، مٿن تي عجيب غريب عماما سينگاريل، جن ۾ قوسِ قزح جي رنگن جا پٽر جَڙيل هئا، هُو پيرن ۾ جُتي نہ پائيندا هئا. ڊگهي تسبيح هٿ ۾ ڪنيو، دعائون پڙهندي هُو بس چُپ چاپ رَوان ٿي رهيا. جڏهن قافلي جو داہو ٿيو ٿي تہ هُو مٿن تان عماما لاهي هڪ دائري ۾ ويهي ٿي رهيا ۽ مادرِ عيسيٰ عليہ السلام جي هڪ ننڍڙي بُت کي وچ ۾ رکي ٿي چڏيائون. ان گروه ۾ سانوري رنگ، تِکن نقش ۽ نيرين اکين واريون

ڇوڪريون ۽ عورتون بہ هيون. سندن وار مُرين تائين لهريلا ۽ سونهري هئا. سندن نگاهن ۾ شوخي نہ هئي، هڪ خمار، ڄڻ خوابن ۾ گم هجن، سوچيندڙ رهندڙ، هنن پنهنجن لبادن سان پنهنجو پاڻ کي ويڙهي ٿي رکيو. لڳو ٿي تہ سندن وجود ان ٽڏڪار ۽ برف مان ٺهيل آهن، جن علائقن ۾ ابتدا ۾ سندن رهائش هئي.

قافلي جي سردار کيس پاڻ سان شامل ڪندي چيو هو: "تون اجا ننڍو آهين ۽ ڪو تجربو نہ ٿو رکين، انهيءَ ڪري تون اسان سان گڏ هلي تہ سگهين ٿو پر ٻڌڻ بعد ڳالهائڻ جي منع آهي. ڏسڻ بعد چوڻ جي منع آهي. توهہ ۾ رهڻ ۽ راز ڄاڻڻ جي منع آهي. اسين صرف اناج کائيندا آهيون انهي ڪري توکي گوشت نہ ملي سگهندو، جتي قافلو لهي اُتي توکي مزدوري ڪرڻ جي اجازت آهي پر اسان سان گڏ رهندي توکي انهيءَ جي ضرورت پيش نہ ايندي، ڇاڪاڻ تہ تنهنجي جسم تي لباس بہ ٺيڪ آهي، ۽ جيڪڏهن تون ڪجهہ خريد ڪرڻ چاهين تہ ڇا خريد ڪرڻ پسند ڪندين؟"

حُسين اڪيون ڇنڀيون پر ڪو جواب نہ ڏنو.

ساڳيءَ ريت چيو ويو. "مون اِهو ڄاڻڻ ناهي چاهيو تہ تون ڪٿان ڪان آيو آهين، پر هيءُ قافلو بصري ويندو. اِهو هڪ ڊگهو سفر آهي. جيڪڏهن تون چاهين تہ آءُ تنهنجي گذر معاش جو معاملو هڪ خاندان سان ڪرائي ڇڏيان ٿو. جنهن ۾ بہ ڇوڪريون آهن ۽ هڪ بيوہ عورت آهي. تون سندن هلڪا ڦلڪا ڪم ڪري سگهين ٿو."

حُسين ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ اُن بربط ڏانهن ڏسڻ لڳو جيڪو اُٺ جي پٺيءَ تي لڙڪي رهيو هو، پوءِ هوا انهن اُٽيل ريشمي تارن کي ڇيڙڻ لڳي ۽ انهن مُنجهان هڪ مڌم صدا جيان اچڻ لڳي. ڄڻ اُها عقاب جي چنبي مان ٺهيل بربط وڄائڻ واري مضراب سان کيس ڇُهي رهي هجي.

سندس ذميواري پاڻيءَ جي فراهمي ۽ سوارين جي نگهباني هئي. هن واندڪائيءَ ۾ وهندڙ پاڻيءَ جي ڪپ تي ويٺل قافلي جي بازارن جي رونق ۽، ماڻهن جي اچ وڃ تي ڏٺي- پوءِ خاموش رات ۾ اجنبي باجا ٿي وڳا جيڪي هُن ان کان اڳ ڪڏهن نہ ٻڌا هئا. عبادتون ۽ گيت ٻڌندو، اُهي سمجهہ ۾ نہ اچڻ واريون دعائون، هر پڙاڏي تي هِتان هُتان کان ڪوئي اچي شريڪ ٿي ويو ٿي ۽ ڪا ڏٺل واڻٺل صورت گُم ٿي وئي ٿي، اِهي تبديليون ٿينديون ٿي رهيون. هن تي ڪو راز نہ ٿي ڪليو پر هُو ڪنهن انڪشاف جي جتن ۾ بہ نہ هو.

"تون ڄاڻين ٿو اسين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون؟" هڪ شام جڏهن هو چنڊ ڪي حوض جي تري ۾ لهرن جون لوڏون لڏندي ڏسي رهيو هو، ڪانئس اغول پڇيو.

'نہ.' حسين لاڳيتو پاڻيءَ تي ٺهندڙ ۽ اڳتي وڌندڙ هوا سان گڏ پيدا ٿيندڙ لهرن کي ڏسندي چيو.

”توکي خبر آهي تہ اسان کي بصري ڇو موڪليو پيو وڃي؟“ هُوءَ پنهنجي ڪتي کي هنج ۾ ڪنيو ويٺي هئي.

”نہ، ۽ اهو ڄاڻڻ جو مون کي ايڏو شوق بہ ناهي.“ حسين ڪيس بي رُخيءَ سان چيو.

”تون انسانن ۾ ڪا بہ دلچسپي نہ ٿو وٺين.“ هن ڪلندي پڇيو، جڏهن هوءَ کلي تہ سندس ڏندن جي اڇاڻ چانڊوڪيءَ ۾ ڏاڍي من موهيندڙ هئي.

هُو ماٺ رهيو تہ هن چيو، ”انسان سڀ کان اعليٰ مخلوق آهي ۽ جيڪڏهن خدا توفيق ڏئي تہ انهيءَ کي ضرور غور سان ڏس. تي سگهي ٿو خدا ڪنهن ريت، ڪنهن شڪل، ڪنهن روپ ۾ توکي ڏيکائي ڏئي.“

حسين اک کڻي ڏانهس ڏٺو. سندس وار پيلاڻ مائل سونهري هئا ڇڻ منجهن چانڊوڪي ڳتيل هجي. شڪل ۽ اکيون، خدا جو سُنهن! هن اهڙو حسن اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هو يا وري اها سندس غريب الوطني هئي، بي سرو سامان هئڻ جو احساس هو. هُو احسانمند هو سندس ماءُ کان مرغوب هو جيڪا بنان ڪنهن ڪم ورتي سندس آرام جو خيال رکندي هئي. نسطوري عيسائي قافلي کان سندس مختلف هئڻ جو ڪو تہ سبب هو- ڪي گهڙيون هو ڪيس ڏسندو رهيو، اکيون ڇنڀڻ سواءِ، نظرون هٽائڻ سواءِ-

هُوءَ ٻيهر کِلي تہ حسين گهٻرائجي نظرون جهڪائي ڇڏيون.

”مون انهن بي پناهہ اکين کي ائين گهورڻ لاءِ تہ نہ چيو هو، مون تہ ائين ئي ڳالهہ ڪئي هئي. منهنجي ذات تہ نہ هئڻ جي برابر آهي.“ هُوءَ هڪدم اُداس ٿي وئي.

”ڇو؟“

”انهيءَ ڪري جو بصري کان اسين بغداد روانا ٿينداسين. مون کي ٻانهيون رکندڙ سوداگر وٽ وڪيو ويندو، پوءِ آئون ڪنهن حرم جي، ڪنهن محل جي ڪوٺن ۾ قيد ڪئي وينديس، ۽ بس اهائي منهنجي زندگي هوندي.“ هُوءَ چپ ٿي وئي.

”لاٽ ڇوڏار پتنگن جهڙي نهايت مختصر زندگي...!“ حسين دل ۾ سوچيو، پر هُو ماٺ رهيو.

”مون کي پنهنجي اباڻي وطن جون ٻنيون ٻارا ۽ باغ بستان ڏاڍا ياد ايندا. کليل آسمان هيٺان هوائن جيان بي پرواهہ گهاريل پنهنجو ٻالڪپڻ ياد ايندو.“ پوءِ هُن کلها ڌوڻي چيو ”پر انهي سان ڇا ٿو ٿئي.“

”تون نهِڪر ڪري سگهين ٿي،“ حسين ڏاڍي ڏک مان چيو.

”اسانَ جون صورتون اسان جون قسمتون هونديون آهن- جيڪڏهن منهنجا وار گهٽ ڊگها هجن ها ۽ آئون شڪل جي سُٺي نہ هجان ها تہ شايد منهنجو مقدر ڪجهہ ٻيو هجي ها، پر قبيلي ۾ تہ پوءِ بہ رهي نہ سگهان ها. هاڻ منهنجي قسمت اها ٿيندي جو آئون خليفي کي

وٺي وڃان. تو کي خبر آهي تہ اسان کي انهيءَ ڪري سکيا ڏني ويندي آهي تہ جيئن اسين نسطوري راهبائون اسلام ۾ اچڻ واري هر نسل جي رڳ رڳ ۾ زهر ڀري سگهون، سندن رڳن ۾ اسان جو رت هوندو تہ هو پنهنجي ايمان ۾ جهيڻا جهڪا ۽ پنهنجن ارادن ۾ ڦيراتيون پائيندڙ هوندا ۽ نسطوري راهبن جي فسادن کان اک ٻوٽ ڪندي، لَنوائي سگهندا.“

حسين حيرت منجهان ڏانهس ڏسندو رهيو.

”تنهنجي ماءُ تنهنجي مدد نہ ٿي ڪري سگهي؟“ حسين گهڙيءَ دير بعد ڪانئس پڇيو.

”نہ، ڪوبہ نہ، خدا بہ نہ- پنهنجي ڀاڳ کان ڀڄي ڪير ڪيڏانهن وڃي سگهي ٿو؟ ڪوبہ اسان جي مدد نہ ٿو ڪري سگهي!“ هوءَ پنهنجي ڪتي جي وارن ۾ منهن هنيو ويٺي هئي شايد روئي رهي هئي.

”اها تہ هڪ قسم جي قرباني آهي،“ حسين چيو.

”ها اسين پنهنجي مذهبي جنون جي لاءِ، مسلمانن کي برباد ڪرڻ لاءِ، دنياوي زندگيءَ لاءِ اهي قربانيون ڏيندا آيا آهيون،“ هن ڳوڙهن ڀريو ڳُوڙو جواب ڏنو.

”پر تون اهو سڀ مون کي ڇو ٻڌائي رهي آهين؟“ حسين پڇيو.

”تہ جيئن ايندڙ زندگيءَ ۾، اڇڻ وارن ڏينهن ۾ ڪڏهن تون مون کي ياد ڪري سگهين، مون لاءِ دعا ڪري سگهين. مون کي وساري نہ سگهين.“ هوءَ ڏاڍي آهستگيءَ سان ڳالهائي رهي هئي. ٻنهي سُرڀاهتون ڪرڻ وارن جيان ۽ حسين کي ياد آيو تہ سندس شيخ چيو هو، ”مقدر ۾ جيڪي آهي اُن تي خوش رهو!“

ڇا ماڻهوءَ جو مقدر سندس مجبوري هو. آسمان نظر جي حد تائين پکڙيل، بلند، عظيم ۽ پُرشوڪت هو، زمين جاه و جلال سان ڀرپور وٽن ۽ ساواڻ، جبلن ۽ بيابانن سان سينگاريل، دريائن ۽ سمنڊن کي پنهنجي اندر ۾ اوتيو ويٺي هئي، ۽ اُن ڌرتيءَ مٿان جيڪڏهن هڪ ماڻهو بہ بي وس مجبور هو... قربان ڪيو وڃي رهيو هو، قيد ۾ هو... تہ خوشي ڪٿي هئي؟ آزادي ڪٿي هئي؟ انهيءَ لاچارگي کان آجپي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ڪرڻ گهرجي، مقدر سان وڙهڻ گهرجي. جيڪو اندر ۾ آهي اُهو چئي وجهڻ جي آزادي تہ ماڻهو کي هجي، خدا جي بادشاهيءَ ۾ انسان ايترو مظلوم، عتاب هيٺ آيل ڇو هجي؟ اغول مجبور ڇو هجي؟! حسين مجبور ڇو هجي؟!؟، ڪو ٻساهہ کڻندڙ بہ مجبور ڇو هجي - ها- ڇو - ڇو - آخر ڇو؟!!!

بصري ۾ حسين هڪدم پنهنجي اندر ۾ هڪ ٻئي حسين کي بي تاب محسوس ڪيو. جنهن جي دل ۾ طوفان ساموندي وڳوڙ سان لٿا اُڀريا ٿي ۽ سندس هستيءَ مٿان، ڏور ڪناري سان ٽڪرائي مٿس ڊوڙندي حملہ آور ٿيندڙ لهرين جيان پکڙجي ٿي ويا. سندس پاسراتين منجهان ٻاهہ ٿي پڙڪي ۽ هو ٻاهہ جي اُلن جي گهيري ۾ هو. ڇا هو اغول جي عشق ۾ مبتلا

ٿي چڪو هو. منيون پيڙي ويئو ٿي ۽ ويئو ئي ٿي رهيو. رت جي رواني سندس رڳن ۾ رُڪجڻ ٿي لڳي- سندس اکين آڏو ڏنڌ اچي ٿي ويو- بس، هڪ رات ۽ اُن جو هڪ پهر، نه پَهر جو بنهه ٽورو حصو سندس سموري ڪائنات هو، پوءِ اُها ڪائنات پڪڙجي ۽ سندس هستيءَ تي ڪڪرن جي جُهڙالي ڪاراڻ ۾ مٽجي، ڪيس گهيري ٿي وئي. وِڄن جي چمڪاٽن جيان لفظن سندس ذهن کي روشن ۽ اونداهو ٿي ڪيو. پنهنجي گرج کان ڊيڄاريندي، مٿس حملا ڪندي، مٿس ڪِرندي، سندس اندر جي مليل گاڏڙ سڄي وجود، عقل، سمجهه ۽ نوجوانيءَ کي ساڙي ٿي وڌائون.

"وڇوڙي جو پوُ منهنجي دل ۾ وسوسا وجهي ٿو.
"ڪاش چنڊ انهن آسمانن تي ڏيکائي نه ڏئي ها!
"انهيءَ رهڻ منجهان ڪا چٽنگ پنيت بڻجي نه وسي ها.
"اُوٺار، آهستڙي هل، جو منهنجين پاسراٽين ۾ آڳ آهي.
"وڇوڙي جو لمحو ۽ منهنجا ڳوڙها خشڪ آهن!
۽ ڪائي اک جدائيءَ جي غم ۾ نه ٿي روئي.
"لهردار واري منهنجي موت جي واديءَ جي رستي تي آهي.
وهندڙ ڪنڌين ويجهو اُهي آهن، جن کي منهنجي دل محبت منجهان ياد ٿي ڪري.
"ڪين سڏيو! ڪير- جيڪو هن ڏڪايل جي مدد ڪندو!
"غم ان وجود کي اونهين ڪاهين، تباهيءَ جي تاريڪين، ۾ ڌوڪي ڇڏيو.
"يادن جون لاٽون ٻاريو جو هت اوندهه آهي!"
"النقا ۽ لعله جي وچ ۾ جتي سڳنڌ پرئي گاهه جا چراگاه آهن."

ڇا هُو اغول کي وسارڻ چاهيندو! وساري سگهندو!! هُو ان لاءِ ڪهڙي دعا ڪري؟ ۽ هن جي پنهنجي منزل ڪٿي هئي؟

"هُو اغول کي هڪ نظر ڏسڻ لاءِ پنهنجو پاڻ وڃائڻ لاءِ تيار هو- سندس اندر پُرسوز- دل بيتاب- سندس خواهشون! ڇا هُو ديوانو ٿي ويو هو؟

هو نه ستو ٿي نه جاڳيو ٿي، پڙهائيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ جيڪو ڏيان لازم آهي سو هُو ڪٿان آڻي؟ هُن بين هم - سبقن ڏانهن ڏنو ٿي ته دائرن جي شڪل ۾ ورانڊن ۾ وينا آهن، خوش طبعيءَ ۾ مصروف، هڪڙي ڪان حدبندين جي مسئلن ۾ مَحو- سبقن ۾ دل ۽ جان سان جنبيل، جُهڪيل- ڪتابن جي ورقن کي بيحد عزيز رکندي- سڪيل سبق ورجائيندي- فلسفي جا مونجهارا سلجهائڻ لاءِ غور و فڪر ڪندي- جڻ وِڪ وِڪ گوڏا ڀوڙ پاٽيءَ ۾ لهي رهيا هجن- پيشانين تي وَرَ، سوچيندڙ اکيون، مونجهارن کي سُلجهائڻ ۾ لڳل. سندس ذهن جي

شفق تي هڪ تپش هئي، اُن لَهس ڏيندڙ شڪل، ڪيس چوڏاري گهيري رکيو هو- هُو ان ڪان پڇي ڪيڏانهن وڃي ؟!

پرهه ڦٽيءَ مهل نسطوري راهبن جو اُهو قافلو جڏهن پاڻي ڪٽي روانو ٿيو هو، تہ زنجين جي ڪنهن آواره گروه جيڪي انهن ڏينهن ۾ ملڪ جي هر پاسي خاص ڪري بصري جي پرپاسي ڏاڍا سرگرم هئا، مٿن حملو ڪري وڌو. پيچ - ٻڪ مچي وئي، انن پاڻ ڇڻائڻ لاءِ زور لاتا. گهوڙا بي قابو ٿي ويا. شفق جي رتهاڻي رنگ جي سرخيءَ ۾ اهو لقاءُ اچا بہ خونريز ٿي ويو. مردن مان جن مزاحمت ڪئي، تن کي قتل ڪيو ويو، ڇوڪرين کي انهن پنهنجن گهوڙن اڳيان ويهاريو، ڄڻ مشعلن جي روشنيءَ ۾ فاتح فوج جو جلوس هجي.

اغول چيو هو: ”اسان جون صورتون اسان جون قسمتون آهن.“ نہ ڄاڻ هوءَ ڪهڙن وهڪرن تي پنهنجي پاڳ جي ٻيڙي ۾ سوار هئي ۽ ان جو رُخ ڪيڏانهن هو؟

اُن قيامت خيز لمحن ۾ هو ڪيس ڏسي بہ نہ سگهيو هو. هڪ آخري الوداعي نگاهہ بہ نہ- دنيا هڪدم قيامت جي هنگامي ۾ گرفتار ٿي وئي هئي!

ڦورُن ساڻس مزاحمت نہ ڪئي- ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو- اجازت ملي تہ جيڏانهن وڻيس هليو وڃي، هيءَ ڪهڙي آزادي هئي؟ ڏوڙ ۽ ڏندلڪو سندس ۽ اغول وچ ۾ اوٽ جيان حائل ٿي ٿيو، هُن اکين کي مَليو ٿي تہ جيئن پري تائين ڏسي سگهي. نگاهہ جي حد تائين ان هڪ صورت کي جيڪا شفاف آئينن سان گهيريل هئي جنهن سندس فاني وجود کي گهيري رکيو هو.

هڪ رات ۽ ان جو هڪ پهر، پهر جو هڪ ننڍڙو لمحو سندس ڪُل ڪائنات هو. پوءِ اها ڪائنات پڪڙجي سندس هستيءَ تي ڪڪرن جي ڪاراڻ ٻڌجي ڇانئجي ٿي، لفظ ڪارين بوندن جيان وڏ - ڦڙن جو تيز وسڪارو ٻڌجي سندس چوڏاري وسيا ٿي، رَتيالن موتين جي چادر سان ڪيس ڍڪيائون ٿي، ڪڏهن فضا اَڇن پَرَن جيان انهن سان پرجي ٿي وئي هُنن ڪيس ڇا چوڻ ٿي چاهيو...؟ لفظن ڇو پنهنجي تنگ گهيري ۾ ڪيس قيد ڪيو هو؟

اُنهن جون ٽِيڏيون ڇا هيون... انهن جا ممڪنات ڇا هئا...؟

ترتيبوار قطارون ٻڌي ڄڻ فوج پنهنجي سپهہ سالار سامهون سلامي ڏيڻ لاءِ بيني هجي ۽ شام جي آخري سُرخيءَ ۾ سندن تيرن جون نوڪون چمڪ ۾ رت رنگ ٿي رهيون هجن. ڪيس جاهہ ۽ جلال، شان ۽ شوڪت، هيبت ۽ رعب سان هيسائيندا رهن!

هو انهن لاءِ ڇا ڪري؟

لفظ پنهنجين بهترين شڪلن ۾ سندس سامهون جلوه گر ٿيا ٿي، غم ۽ اندوهناڪي جا ماريل - ڪنڌ نوايل - ڳوڙهن جو بوجهہ جُهڙ وانگر سهيڙيندي - سنجيده، پروقار، اندر جي سوز سان وڏندي، اُلا پڪڙڻ لاءِ تيار خاڪ جا ڍير، قلعا، مسجدن جون پيتيون جيڪي هن شهر پناهہ جو هڪ حصو هيون، جيڪي زنجين جي حملن ڪان بچڻ لاءِ بصري جي چوڌاري

تعمير ڪيون ويون هيون - ان ڪان پريان بانس جا جهنگ هئا جيڪي ڏهڻين وچ ۾ بيٺن جيان هئا. نهايت اسرارن ۽ ڳُجهن سان ڀرپور - انهن ۾ عرب قورُن جا گروه لڪل رهندا هئا. صبح جي وقت ۽ شام جي سُرخيءَ ۾ وڻن تي رهندڙ پکين جي چِهه - چِهه ٻڌڻ ۾ ايندي هئي، نيري ڏنڌ ۾ هاؤ هو جون صدائون ڪڏهن اچي هلي وري آسمانن منجهان تي اُڀريون، ڀوءِ گلن جي سُڳند کي گڏ ڪٺي جڏهن هوا تيز هلي تي ته جهنگلن ۾ باجا وڄي تي ويا. سازن جي لهرن تي ڪائنات پنهنجا گيت ٻڌائيندي، وڃائڻ واري تي نثار ٿيندي هئي ته حُسين بي تاب تي پوندو هو. شيخ صومعہ، سهل بن عبدالله تُستريءَ جي درس ڪان آيل هن طالبِ علم کي پنهنجين گهرين نگاهن سان ڏٺو تي، هن اچا سندس متعلق ڪا راءِ قائم نه ڪئي هئي. ڇو ته هو درس دوران نه چاڻ ڪٿي گُم هوندو هو. پر جڏهن حفظ ٿيل سبق ٻڌائڻ ۽ مسئلن تي بحث ڪرڻ جو وقت آيو تي ته عجيب ۽ غريب دليلن سان هُو پنهنجو مطلب سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ پنهنجو نقطئہ نظر واضح ۽ چِٽو ڪري ئي وٺندو هو- ڳالهين جي ڏنگائيءَ ۾ ڳالهه ڪرڻ جي اجائي اِينگهه يا غلطيءَ جو شڪار قطعي نه ٿيندو هو. جو ڪجهه سمجهي نه سگهندو بنان هِٻڪ ان جي وضاحت گهرندو - اڪثر خاموش رهندو - ٻين ڪان الگ الڳ ۽ پنهنجي طبع جي رنگ ۽ پنهنجي صحت جي ضعف جي ڪري سيني ڪان الڳ سجاتو ويندو هو - وڏين وڏين اکين ۾ اڪيلائين جي وحشت ۽ اذيت هيس، ڏانهس ڏسي ڏک جو شديد احساس تي ٿيو، سندس اندر ۾ ڪهڙي بي تابي هئي؟ بي قراري...!

هنن تائين اِها ڳالهه به آهستي آهستي پهتي هئي ته هُو راتين جا اوجاڳا ڪندڙ آهي ۽ نمازين جي وچڻ بعد به مسجد ۾ ايندڙ ۽ نهايت طويل سجدا ڪندڙ آهي. ننڍڙيءَ وَهيءَ ۾ سندس اِهو طرزِ عمل حيران ڪندڙ هو. هنن هڪ زمانو ڏٺو هو ۽ ماڻهن جي تربيت ڪئي هئي، پنهنجي جواني هِت گذاري هئي، ملڪن جا ملڪ گهميا هئا، درٻارن سان منسلڪ رهيا هئا، فتنن، فسادن ۽ عقيدن جي طوفانن مان نڪتا هئا، روزگار جا اِيترا انوکا تماشا ڏسي چڪا هئا. دلير ۽ گيديءَ، هر قسم جي انسان کي گذرندي ڏٺو هئائون. بادشاهتون بدليون ۽ چٽ پٽن سان لڳا- ديوانن ۽ دانائن کي دنياداري ۾ گم ٿيندي ڏٺو هئائون. ڪاروانن جي سالارن کي ڪاروان ڀويان رهندي ۽ ڀٽڪندي ڏٺو هئائون، اوير اولهه کي پکڙجندي ۽ سُسُجندي ۽ اميرن وزيرن، رئيسن، سردارن کي خاڪ نشين ٿيندي ۽ بي نام ماڻهن جي قسمتن کي اُڀرندي ڏٺو هئائون. فقير سندن سامهون شاندار اوُج تي پهتا هئا ۽ هدايت جي راه کي ڇڏي ڏاڍا عمده دنيادار بڻيا هئا. پر حُسين کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي رهي هين. هو نهايت بيدار ۽ بيحد لاپرواهه هو ۽ ڪائنن ڪنهن معاملي ۾ ڪڏهن مدد يا سهاري جو طالب نه ٿيو هو. پنهنجين عبادتن ۾ مبالغن جي باوجود هُن ڪڏهن اُن رستي جي اٽانگائين جي گِلا نه هئي، سندن راهبري مان فائدو نه ورتو هئائين.

حسين لفظن جي ان طوفان ۾ فنا ٿيڻ کان بچڻ لاءِ قلم جو سهارو ورتو. لفظ رنگين ۽ بي مزي هُن جي سامهون پکڙيل هئا. لفظن جي ان رڻ ۾ هُن جنهن حوض جي ڪناري پنهنجو پاڻ کي آب حيات منجهان پُر پاتو، اُها شاعري هئي:

سندن وسنديون ويران ٿي ويون،
پر سندن خواهش منهنجي دل کي ويران ٿيڻ نہ ڏيندي،
منهنجا ڳوڙها، ويران وَسندين تي نوحہ خوان آهن...
منهنجو روح سندن ياد ۾ وگهري روان ٿئي ٿو...
سندن قافلي جي پٺ وٺندي مون اوٺار کي سڏيو:
"حُسن جي دربار ۾ هڪ فقير حاضر آهي!"
مون خاڪ تي پنهنجي شوق جي شدت لاءِ پيشاني رکي،
توکي محبت جو واسطو، مون کي نااُميد نہ موٽاءِ!
تون جو شوق جي جَرُ چرڪائين ٿو،
ان منجهان پنهنجو خراج تہ وصول ڪري وڃ!

شور ڪندڙ ندين ۽ پهاڙي سلسلن جيان لفظ سندس جذبن کي وهائي وٺي ويندا هئا ۽ هُو جذبن جو قيدي هو. سندس محبت شوق جي وهٽ تي سوار هئي ۽ اُن جي طبيعت جون واڳون هن جي هٿ ۾ هيون - جنگ جو طبل وڄي چڪو هو! نغاري تي ڏڪ لڳي چڪو هو - خيالن جي تيرن جي تيز ڌارُن تي رکي هُو اُن کي ويرانن ۾ ڊوڙائيندو وڃي رهيو هو، جتي هر ڏس ڌوڙ هئي، خاڪ ٿي اُڏامي ۽ زمين گهٽي پچي ويل ميووي جيان هنڌان هنڌان ڏري وئي هئي.

منصور جڏهن آخرڪار ڪيس هنڌين هنڌين ڳوليندو منزلون ماريندو ٿڪو ماندو بصري پهتو آهي تہ حسين دفتر جا دفتر ڪارا ڪري چڪو هو - ويران وَسندين جا نوحا، پيلاڻ مائل چانداڻ، سونهري وارن تي لٽل گيت- قافلي سالارن ۽ اوٺارن جا گيت - ريگستان ۾ وسندڙ واريءَ ۽ ڌوڙ ۾ لڪي ويل حسين چهرا دل ۾ روان ٿي، وري ڪيس وساري ويهڻ واري رت لڳل سرد مهري - ۽ وري مجبور دوشيزائن جا نوحا، جيڪي وطن کي وساري نہ سگهنديون.

انهن سرزمينن جا فسانا جيڪي خواب ۾ ڏٺا ويا هئا ۽ جوش ۽ جنون ۾ ديوانو ٿي ويل اُن انسان جي حالتن جو بيان، جيڪو هڪ لمحي ۾ پنهنجو پاڻ ڦُرائي ويٺو، وساري ويٺو، شڪست ڪاڏل اُهو نوجوان جنهن جي اُميدن جي اُلن سندس اندر کي ساڙي ڇڏيو هو.

جڏهن هوا لهندي هئي ۽ بانس جا جهنگ بانسري وڄائڻ واري جي نغمن جيان پُراسرار آوازن سان پرجي ٿي ويا تہ هن عبادت گهر جي ڇت تان اُن طرف ڏٺو ٿي - جهنگ جو اسرار...! اڻ ڏٺل، ڳجهي ۽ پُرحجاب ڌرتيءَ جهڙي سُندر ناريءَ جيان سرسبز، شاداب ۽ انڌيارن جي پردن ۾ لڪل!

هو ڪيڏو بي وس هو جو رڳو پنهنجي حصي جي غم کي محسوس ڪري ٿي سگهيو، ڇا ڪڏهن ڪيس ياد ڪيو ويندو هوندو؟

نيزي جي هيءَ نوڪ سندس ڇاتيءَ جي آرپار ٿي وئي ٿي.

اڇڻ وارو زمانو ڪيڏيءَ اوندهه ۾ هو. آواره گردن جي گروه ڪيس ڪٿي نه ڪٿي وڪڻي ڇڏيو هوندو. هوءَ کهڙين زمينن، کهڙن ڪوٺن، کهڙن محلن سرائن ۾ هوندي- سندس دل ٿي چيو ته پنهنجو سينو ڪُٽي، غم جي شدت کان نڍال گهڙيءَ جي اٿڻ جي بي يقيني ۽ نااُميدي ملي ڪري ڪيس ڪپهه جيان سَٽي پرزا ڪري ٿي وڌو ۽ پوءِ اُنهن پرزن تي هو پنهنجن ذرڙن کي لفظ لفظ ۾ چوندبيندو ۽ سهيڙيندو ٿي رهيو، پر ڪيستائين؟

منصور هڪ عاشق زار پيءُ جيان حسين جي دل کي ٻڏندي محسوس ڪيو، سندس زماني شناس نگاهن انهيءَ مرض جي به سڃاڻپ ڪري ورتي، پنهنجي اولاد جي مُنهن تي پکڙيل پيلاڻ ۽ نااُميدي سندس پنهنجي غم آشنا روح کي نهايت بيقرار ڪيو. سندس گُم سُم اُداس نگاهون ويران هيون - هو ڪهڙيءَ طرح پنهنجي پٽ جي غم ۾ شريڪ ٿئي - گهايل معصوميت کي ڪيئن يقين ڏياري ته دنيا ۾ اڃا گهڻو ڪجهه باقي آهي ۽ اِهائي زندگيءَ جي ڀڄاڙي ناهي.

تُستر ۽ بصري وچ ۾ جيڪي ڪجهه ٿيو هوندو، پنهنجي ڏکن ڏتل دل سان هُن سمجهي ته ورتو پر حسين جيڪڏهن ڪيس ڪجهه ٻڌائي ته شايد سندس اندر جو بار ڪجهه هلڪو ٿئي- هُن پنهنجي اکين جي تاري جو ڏک ونڊڻ ٿي گهريو، پر هُو ايڏو ڏور ۽ ذري گهٽ اوپرو ٿي لڳو جو ساڻس اکيون ملائي ڳالهايائين به نه ٿي.

"حسين ڇا تون ڪجهه ڏينهن جي لاءِ واپس بيضا هلندين؟" منصور هڪ ڏينهن کانئس پڇيو.

"قافلا ڦرجيو وڃن بابا سائين، ۽ زنجين جي فتنن ۽ فسادن کان ڪٿي اَمان آهي؟" هن جواب ڏنو.

"هر ڪاروان نه ٿو ڦرجي حسين، ۽ هاڻ ته وقت جي خليفي رستن جي حفاظت لاءِ ڪجهه بندوبست ڪيو آهي."

منصور جي ڳالهه ٻڌي هُو ڪجهه دير ماٺ رهيو ۽ پوءِ درس ۾ شرڪت لاءِ ويندي هُن چيو، "نه، هر ڪاروان نه ٿو ڦرجي، هر ڪاروان ڪٿي ٿو ڦرجي سگهي بابا سائين!"

سندس وڃڻ بعد دير تائين منصور سوچيندو رهيو. پوءِ اٿي هُن ائين ئي ڪتاب ڏسڻ لاءِ کوليا ته هُن اُهو گنج شاهگان• ڏٺو جنهن کي حسين هر فاني نگاهه کان لڪائي ٻِنهه محفوظ رکيو هو. محبت جو گهرو ۽ جَهڪو نه ٿيڻ وارو گهاءُ سندس پٽ کي ڪيئن لڳي ويو؟ هو سوچيندو رهيو.

• گنج شاهگان: تمام وڏو خزانو يا عمدي شيءِ، جيڪا بادشاهن جي پڙهڻ لائق هجي.

جڏهن شام جو ڏيئا ٻريا ۽ هوا ۾ تڏ وڌي. تہ هو پٽ لاءِ شيخ کان موڪل طلب ڪرڻ لاءِ مسجد جي اُن حُجري ۾ ويو جتي هو سومهڻيءَ جي نماز کان صبح تائين هوندا هئا. هُو ڪانئن حسين جي لاءِ دعا جو طالب بہ ٿيو.

شيخ ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ هو يا ناراض. هُن هٿ نہ کنيا جڏهن تہ هُو دُعا جي طالبن جي دلجوئيءَ لاءِ اِها عام روش ضرور اختيار ڪندو هو. منصور ويٺو رهيو. طالبن جي گهڻ گهٽ ٿي تہ شيخ چيو:

"ابو حسين تنهنجي پٽ کي گهرجي تہ پنهنجي لاءِ پاڻ دعا ڪري!"

"ياشيخ!... هُو تہ اوهان جي حضور ۾ حاضر آهي، اوهان جي پيرَ پٽي آهي." منصور ويٺي باوجود جهڪيو ۽ پنهنجو سِر شيخ جي پيرن تي رکي ڇڏيائين.

شيخ ٺيڪ ڏئي ڪيس اُتاريو، "ابوحسين، کيس گهرجي تہ پنهنجي لاءِ پاڻ دُعا ڪري... پر اجا کيس دعائن جي حاجت بہ ناهي."

منصور جهڪيو رهيو. خبر ناهي شيخ چو ائين چئي رهيو هو؟ حسين نادان هو، وَهيءَ جو ننڍو ۽ شديد جذبن جو شڪار هو. شايد پرستش جي عادت کيس اباڻي اَڍ کان ورثي ۾ ملي هئي؟! سندس طبيعت شروع کان جمال پسند هئي. ظاهري ۽ دنياوي محبتن جو پاڻ بہ تجربو رکندڙ هو، جوانيءَ جي جوڀن جي اوُسر ڪائيندڙ ڏينهن ۾ کيس بہ پنهنجي سوٽ سان شديد لڳاءُ پيدا ٿي پيو هو. هن جو حسن ۽ جمال، هن جي ٻهڪندڙ شڪل، سندس وجود، سڀ منصور جي دل ۾ بيقراري پيدا ڪري ڇڏيندا هئا. مهينن جا مهينا فرازيءَ جو خيال ستي جاڳندي، اٿندي ويهندي سندس روح کي رنج ۽ الم سان ٽمٽار ڪري ڇڏيندو هو. محمّيءَ کي هن ڪجهہ نہ چيو چو تہ فرازيءَ کي سندس ذات ۾ ڪا دلچسپي نہ هئي. هوءَ عجيب گُم سُم ڇوڪري هئي جنهن کي نہ پنهنجي حسن جي آگاهي هئي ۽ نہ ئي ٻين جي دلين ۾ جَرڪندڙ شوق جي اُلن جي پرواهہ - ۽ وري منصور کي ساڻس بس محبت هئي ايترو اُنس هو، جو هُو کيس پنهنجي ملڪيت بڻائڻ چاهيندو هو. عام معمولي ڇوڪريءَ جيان هُوءَ سندس گهر جي زينت بڻجي پوي- اهڙو ڏينهن جنهن سان هُو پنهنجي زندگيءَ ۾ سوجهرو ۽ سڪون حاصل ڪري سگهي. جڏهن آخرڪار هُو کيس حاصل ڪري چڪو تہ ان رنگين آتت ۽ اطمينان سان گڏ هڪ نااُميدي بہ ٿي، منجهس زندگيءَ جي گرمجوشي پيدا نہ ٿي، اُهي خوشيءَ ۽ شوق جاجنون ناپيد ٿي رهيا، ايستائين جو حسين پيدا ٿيو ۽ هوءَ اهڙيءَ ئي ريت گُم سم سندس زندگيءَ منجهان نڪري وئي.

کيس حسين جا ڇنير سڙيل لڳندا هئا، ڄڻ تکي تاءَ ۾ تپش ڪري سڙي ويا هجن، لالاڻ مائل اُجرو رنگ ڪاراتجي چڪو هو ۽ پيلاڻ مائل سُڪل چمڙيءَ جي اندران اهڙي تپش هئي ڄڻ پردن پويان آڳ اُلا ڏيئي رهجي ويئي هجي. هُو رات جو دير تائين عادت

گهر جي ورانديَ ۾ الڳ ٿلڳ جَهڪي روشن ڏيئي سامهون لڪندو رهندو يا سوچ ۾ ٻڏل مراقبي جي حالت ۾ پنهنجو پاڻ کان گم ڏيکائي ڏيندو هو.

وٽن جون سايون تاريون نون گُونچن ۽ نين مکڙين سان پُربهار هيون. عبادت گهر جي عمارت ۾ فرحت ۽ عجيب خمار هو. دريا جبلن تان وگهرڻ سبب ڪنارن سان ڇُلڪي پوندا ها ۽ ڪين ڏسڻ سان اکين ۾ ٺڏاڻ لهي ٿي آئي. پيڙا، شهر جي چار ديواريءَ سان گڏوگڏ هٿيارن سان سَٽيل زنجين جي فتنن ۽ فسادن کي زير ڪندڙ تُرڪن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪُرد سپاهين سان پرپيل هوندا هئا جيڪي اُنهن ناموافق حالتن ۾ به جڏهن ڪٿي لنگر انداز ٿيا ٿي ته گيت ٿي ڳايائون. سندن مشعلن جي روشني پٽين تي ٿي پئي ۽ بربط وڄائيندڙ وڏي آواز جيڪو ڳالهائيندا هئا سو ڪڏهن سمجهه ۾ ايندو هو، ڪڏهن نه. پر سازن کي ٻڌي دماغ ۾ هلڪاڻ ايندي هئي جڻ دل جون سب رڳون ڪٿي گڏ ٿي دعاڳو هجن! اندر مان چاهتن ۽ محبتن جا ارمان ڪَر ڪٽي جاڳي ٿي پيا.

ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي ڪهڙو اعتبار آهي. هي جيڪي به گهڙيون ڪِلي ڳالهائي رهيا آهن، خبر ڪهڙي سياڻي هوندا به يا نه. دل سندن هلت ڏسي وسوسن ۾ ٻڏي ٿي وئي، هوا ٿي لڳي ته سندن نه سمجهه ۾ ايندڙ ڳالهين جو گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو ٿي. تارن جو قافلو جيئن جيئن پنهنجي سفر ڏانهن لڙيو ٿي خاموشي وڌيڪ ٿي گهري ٿي. صرف پهري ڏيڻ وارن جا آواز ئي ايندا ٿي رهيا، پر حسين بي نياز ورانڊن ۾ ڪاغذن مٿان جهڪيو ٿي رهيو.

”شيخ چيو هو ته هُو پنهنجي لاءِ پاڻ دعا ڪري.“

”حسين تون پنهنجي لاءِ پاڻ دعاڳو ٿيءُ!“ هڪ ڏينهن منصور ڪيس چيو.

”آئون هُن جي حضور ۾ پنهنجي ڪهڙي التجا ڪٺي حاضر ٿيان، بابا سائين خدا توڪي صحت ڏئي!“ منصور کي سُجهي نه رهيو هو ته هُو ڪيس ڇا چوي.

حسين ڪلي مٿي ڏنو، ”پر آئون آگهو ته ناهيان، منهنجي صحت ته نيڪ آهي.“ منصور جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، ”حسين منهنجي زندگيءَ جو ثمر تون آهين!“

”بابا سائي:ن اوهان کي ثمر سان ايترو لڳاءُ ڇو آهي؟ ۽ پوءِ هر حاصل آخرڪار ڪٿي نه ڪٿي استعمال ۾ آندو ويندو آهي.“ حسين هڪ اهڙيءَ بي نيازيءَ مان چيو ، هو منصور جي اندر ۾ چڻ تير ڇُپي ويو.

”حسين آئون چاهيان ٿو ته تون مون سان گڏ هل، منهنجي ڪاروبار ۾ شريڪ ٿيءُ. آئون پنهنجي ٻڍڙين هڏڙين ۾ سُور محسوس ڪيان ٿو، تنهنجي ڏاڏي ڪان پوءِ هِتي (هُن دل ڏانهن اشارو ڪيو) هڪ خال جيان پٽجي ويو آهي جنهن کي نه مطالعو ۽ نه ئي مصروفيت ڪجهه پري سگهي ٿي. ۽ پوءِ تنهنجي مامي جون ڇوڪريون توکي ڏسڻ چاهين ٿيون.“ منصور ڏاڍيءَ گهري گهور سان پٽ جي اکين ۾ التجائي نِهار ڪئي.

"جڏهن آئون گهر ورندس ته ماما جون ڇوڪريون مون کي ضرور ڏسي وٺنديون، پر اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي ڪنهن سٺي طبيب کان اوهان جو علاج ٿيڻ گهرجي." هوءَ قلم اُتي ئي رکي اٿي ڪڙو ٿي بيهي رهيو.

"اسان جي عبادت گهر وٽ هڪ نهايت عمدو ۽ تجربيڪار يهودي طبيب آهي، هلو ته ان سان ملون ٿا."

"تون ڪڏهن وٽس ويو آهين؟" منصور پڇيو.

"ڇا لاءِ بابا سائين!"

"تون محسوس نه ٿو ڪرين ته تون ڪيترو هيٺو ٿي ويو آهين، تنهنجو رنگ ڪاراٽجي ويو آهي ۽... هٿن جون هڏيون سنهڙيءَ کل منجهان صاف ڏسجي رهيون آهن!" منصور سندس هٿ جهليندي چيو.

حسين غور سان پنهنجن هٿن کي اٿلائيندي پٿلائيندي ڏٺو.

"تو محبتن ۾ پنهنجو پاڻ ڳارڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي؟ ڇا ڪنهن ليليٰ جي نظر چڙهي ويو آهين؟" منصور آخرڪار اها ڳالهه ڪري ئي وڌي، جنهن جو ڳورو بوجهه هاڻ سندس اختيار ۾ نه رهيو هو.

"ڇا آئون اوهان کي ديوانو لڳان ٿو؟ مجنون کي ته پاڻ تي ليليٰ جو گمان ٿيڻ لڳو هو، هُو ته پاڻ ليليٰ بڻجي ويو هو ۽ آئون ته حسين بن منصور آهيان. بابا سائين! اوهان کي خدا جو قسم اوهان کي ايئن ڪيئن محسوس ٿيو؟!"

هُن ٻنهي هٿن سان پيءُ جا پير پڪڙي ورتا، "آئون اوهان جي زندگيءَ ۾ ديوانو ٿيڻ جي گستاخي نه ٿو ڪري سگهان."

منصور سندس هٿ هٿن ۾ وٺندي چيو، "شاعري هڪ اذيت ناڪ پُرآلم تجربو آهي. بي چين، ڪربناڪ ۽ الميه انجام ڪار! روح انهيءَ سان تسڪين نه ٿو ماڻي. تون ڪلام پاڪ منجهان پنهنجي لاءِ سعادت جي ڳولا ڪر!"

حسين کي هڪ ڌوڏو آيو ڇڻ سندس ساهه نڪرڻ وارو هجي ۽ سندس وجود يڪدم سرد ٿي ويو، هُو پگهر ۾ ٻڏي ويو هو.

"تون ليليٰ جي ياد کي ڇڏي ڏي!
پنهنجن غمن ۽ فڪرن کان آجي ٿيڻ لئه،
هڪ مضبوط قدآور ڏاچيءَ وسيلي سفر ڪر:
جيڪا سوار پويان سَوار ڪٽي تنهنجي فڪر جي تيزيءَ سان ڊوڙي!"

منصور جي ذهن ۾ جاهليت جي زماني جي عربي شاعريءَ جا نمونا، اشارا ۽ لفظ تيز طوفان جيان وڳوڙ وجهندي گذري رهيا هئا.

"تون تُستر هليو وڃ." منصور ڏکي مانٺ ٽوڙڻ لئہ چيو.

"نہ،" حسين چڻ زمانن بعد پنهنجو پاڻ ۾ موٽندي چيو، "جيڪڏهن اوهين شاعري پسند نٿا ڪريو تہ آئون شاعري ڇڏي ڏيندس."

"انهيءَ سان ڇا ٿو ٿئي،" منصور نهايت وقار منجهان چيو، "جيڪڏهن تو ڪي بصري ۾ رهڻو ئي آهي تہ منهنجو انهيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪائي شرط ناهي تہ تون الله جي ڪلام سان محبت ڪر. اِها ابتدا ۽ انتها آهي. محبت ڪرڻ سِڪ ۽ دل ۾ وسعت پيدا ڪر. دنياوي محبتون بہ جيتوڻيڪ خدا جي توفيق ڪان سواءِ ناهن ۽ دل کي گرم رکنديون آهن، ڏينهن گهارڻ جا بهانا آهن ۽ پهريون ماڳ اهوئي آهي، پر جن تي رحمت خداوندي هجي سي سڄا ۽ سالم اُتان گذري ويندا آهن."

"جي بابا سائين." سندس آواز نهايت جهيڻو هو ۽ چٽڪ ڇاتيءَ منجهان گُهٽجي گُهٽجي نڪري رهيو هو.

"جيڪڏهن غور سان ڏسين تہ سڀ صورتون هڪجهڙيون هونديون آهن- ليليٰ، سلميٰ يا عذرا. انهن سيني کي ماهتاب هوندو آهي جو ماڻهو سندن محبتن جا مقتول هوندا آهن ۽ سندن اشارن تي نچندا آهن ۽ سندن محبت ڪان پُنيرا ناهن ٿيندا."

حسين بي چينيءَ منجهان پاسو مٽايو. "آئون پنهنجي نفس جي تربيت لاءِ حرقہ الثاني وڃڻ گهران ٿو."

عبادت گهر ۾ وٽن جا گُل اچا ٿي رهيا هئا جيئن برف باريءَ بعد پهرين اُس ۾ ڏيکائي ڏين، ۽ هوا خوشبو سان ڀريل هئي. جڏهن منصور شيخ ڪان حسين لاءِ موڪل طلب ڪرڻ بعد سفر جو سامان ٻڌو، شيخ حسين کي چيو، "جيڪا مهرباني توکي نصيب ٿي آهي اُها ئي ڇانئنٺ آهي، انهيءَ کي پار ڪري جيڪي ڪجهہ حاصل ڪري سگهندين اُهو تنهنجي مقدر ڪان تمام گهڻو هوندو، تمام مٿاهون!"

پوءِ هُو ٻيني اُن هُل هنگامي سان ڀرپور شهر، پرسُڪون مسجد ۽ مدرسي کي ڇڏي حرقہ الثاني وڃڻ واري هڪ قافلي ۾ شامل ٿي ويا ۽ بصره بانس جي گهاٽن جهنگن، ڏيٺين، شان ۽ شوڪت سان ڀرپور مدرسن ۽ پُرجلال مسجدن، سرسبز ماڙين سميت گهڻو پويان رهجي ويو.

اي اؤنار! ڏيرج سان هل
جو منهنجن پاسراٽين ۾ آگ آهي.

رات ڏيرج سان هلڻ وارن تارن سان گڏ رنج و الم جي صحرا ۾ پنهنجي منزل ڏانهن رواني هئي. زنجي پيغمبر پنهنجن زنگي ساٿين ۽ حبشين کي جيڪي فوج ڪان ڀڄل

سپاهي، مجرم ۽ سزا يافته بدڪردار هئا. چيو هو ته 'جيڪڏهن هُو بغداد تي قبضو ڪري سگهيو ته سيني جون زندگيون بدلجي وينديون. هُو ڪين آسودگي ۾ رهڻ لاءِ عمديون جڳهون ڏيندو. هو سندن لاءِ پنهنجي زندگي داؤ تي لڳائي ڇڏيندو. ڪيس پنهنجي لاءِ ڪنهن شيءِ جي ضرورت ناهي. هُو هنن جي لاءِ ئي پريشان آهي.' بصري جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندن فتنن ۽ فسادن زندگيءَ کي مفلوج بڻائي ڇڏيو هو.

قافلا جيڪي شاهراهن تان ڏور اوپرِ ڪان ڏور اولهه ڏانهن ويندي پنهنجي حفاظت جي پورن اعتبار جوڳن بندوبستن باوجود غير سلامتيءَ جي خوف ۾ رهندا هئا. پاڙيتو ماڻهن کي پنهنجي بچاءَ لاءِ رکندا هئا. مُسلح سَوار چوطرف ڪين گهيري هلندا تي رهيا، موسم پٽاندر ئي سفر ممڪن هو. نڪري پوڻ جو نغارو صبح سويرو وڄايو ويو تي. راتيون ڏاڍيون ٿڌيون تي وبون هيون پر زنجين جي پَوَ ڪان شام ٿيندي ئي سوير پرو باهه کي وسايو تي ويو. خاموشي ۾ خوف ڪان گهبرايل ڪاروان جاڳيل تي رهيا، مائرن ٻارن کي سمهارڻ لاءِ لوليون نٿي ڏنيون. ٿنگون ڊگهيري سمهڻ ته سُکيو خواب سمجهيو وڃڻ لڳو هو.

حرقہ الثاني پڇجي منصور چيو، ”حسين سوچي وٺ، هي نسطوري عيسائين جو ڳوٺ آهي، ڪليسائن ڪان سواءِ شهري انتظام پاران صرف هڪ مدرسو آهي، جنهن ۾ ڪلام الله پڙهايو ويندو آهي، اُٿ جي تفسير ۽ حديث جي تعليم ڏني ته ويندي آهي پر شايد تنهنجي منشا موجب نه هجي.“

حسين چيو: ”آئون انهيءَ ئي مدرسي ۾ شامل ٿيڻ چاهيان ٿو، تارن ۽ مقدرن جا فيصلا ڇا ڪندا؟“

منصور ڪيس ڏسندو رهيو.. ته هيءُ بي چين روح آخر چاهي ڇاٿو؟ ڪهڙي شيءِ جو گهرجائو آهي؟ يا شايد رڳو تجسس ڪيس هڪ ڪان ٻيءَ جڳهه ڪنيو وتي... هُو ڪيستائين سندس سنيار ۾ ائين ئي سرگردان رهندو؟

هو متس پنهنجي مرضي به مسلط نه ٿو ڪري سگهي، ڪري سگهي به ٿو ڇا؟ جوان اولاد آزمائش ئي هوندو آهي، اوهين ڪين ڪنهن ڪم تي مجبور نه ٿا ڪري سگهو. سوال ته ڪري سگهو ٿا پر جواب جي اُميد ڪان سواءِ، سندن ۽ اسان جي سوچ ۾ وقت جي ڪيڏي وِٿي آهي. هُو شين کي ناهڻ، توڙڻ ۽ تربيت ڏيڻ جي مرحلن کي ائين ئي ڪيڏيءَ سولائيءَ سان طئه ڪري ڇڏيندا آهن ۽ اسين ڪنهن ٽٽل شيءِ جي تصور ڪان به ڊڄندا آهيون. خود پنهنجي زندگيءَ لاءِ به؟ هڪ اهڙي سواريءَ جيان جيڪا ڪاروان ڪان وڇڙي وئي هجي ۽ صحرا ۾ بي نام ۽ نشان سفرن باوجود راهه ڳولڻ ۾ ناڪام وئي هجي. ته پوءِ هُوءَ ڇا ڪري؟ حسين ڪيس ڪيڏو بي وس ڪري ڇڏيو هو! هڪ غلام جيان هُو سندس پويان ڇڪيو تي هليو آيو. سندس آرام جي زندگي خواب بڻجي وئي هئي. تُستر ڪان حسين جي ڄڏائڻ سواءِ

هليو اچڻ بعد هُو سچي علائقي جي هڪ هڪ عبادت گهر ۾ ڳولا ڪندو وتندو هو ۽ سندس پنهنجي وقت جي ڪوتڻ ۽ ارادا...! هُو ڀيو ڪري به ڇا ٿي سگهيو؟ ڪيس حسين ڪي مقدر جي حوالي ٿي ڪري ڇڏڻ گهرجي، آخر هُو مقدر ڪان سواءِ ڪهڙي شيءِ جو سهارو وٺي سگهي ٿو؟!

حسين وري چيو: "بابا سائين! لڪير جي فقيري تن - آساني آهي، صرف ۽ صرف تن - آساني. مون ڪنهن جڳهه پڙهيو آهي ته ڀڪشو ۽ برهمڻ پنهنجو گذارو اُن خيرات تي ڪندا آهن جيڪا ڪين گهر گهر وڃي ڪٺي آٽٽي پوندي آهي ۽ "ڀڪشن" جي ڏاچين ۽ تارڪ الدنيا راهبن جي زندگي به ڪجهه اهڙيءَ طرز جي هوندي آهي. ماڻهوءَ ڪي ڀهرين سنو دنيادار ٿيڻ لازم آهي. انهن المناڪين ۽ مصيبتن ڪي سهڻ جيڪي هڪ عام ماڻهو سهندو آهي ۽ پوءِ جي خدا متس پنهنجي عنايت ڪري ته جڏهن هر شيءِ سندس ٿاهيل آهي ته پوءِ ان ڪان پرهيز ڇو؟ سچي صورتگري جڏهن سندس آهي ته پوءِ ڀڄڻ ڪهڙو؟"

منصور ڪي يڪدم اهو عذر عجيب لڳو ڇڻ هُن ٿاپو ڪاڏو هجي پر هُن حسين ڪي توڪيو ڪونه، "ڇا اوهين سخت ناخوش آهيو." حسين منصور جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وڌيون.

منصور ڪي لڳو ڇڻ هُو ٻاڻ ۽ سندس وسوسا سڀ سڙي ڳري رک ٿي ويا آهن. حسين جيڪڏهن تجربا ڪرڻ، هڪ الڳ طرح جي زندگي گذارڻ ۽ سنو دنيادار ٿيڻ چاهي ٿو ته ڪيس اعتراض ڇو؟ ڪيس صرف سندس سفر ۽ ان جون منزلون چاتل هجن ته جيئن هُو اٽڇاٽاٽيءَ جي پولارن ۾ ڀٽڪندو نه وتي.

حرقه الثانيءَ جو مدرسو هڪ وڏو درسگاهه هو جنهن ۾ داخل ٿيڻ جو شرط جنگي مهارت جي فن لاءِ شوق جي مڪمل ۽ لازم جنون جو هو. هتان ڪان بهترين تربيت يافته ماڻهو حڪومت جي نظم ۽ نسق لاءِ مددگار ڪيا ويندا هئا. بهادري ۽ تلوارن سا ڪيڏڻ جو حوصلو رکڻ وارا نوجوان هتي عزت حاصل ڪندا هئا، ديانت، شرافت ۽ حوصله منديءَ ڪي بنا تعصب جي پرکيو ويندو هو. ذهانت ۽ معامله فهمي ضروري هئي. خوددار ۽ باغيرت ماڻهو هتي جو سرمايو هئا. ذاتي وجاهت لازم هئي ڇو ته عوام سان رابطي لاءِ اها فخر ۽ شان و شوڪت ڪانسواءِ پنهنجو الڳ خصوصي اثر رکندي هئي، خوش اخلاقي ۽ من موهيندڙ ڍنگ سان جيڪي دليون ڪٽيون وڃن، اُهي ترارن سان به ناممڪن ٿينديون هيون. اڳيان وڌندي رهڻ جو حوصلو ۽ عزم ناموافق حالت ۾ به شڪست بعد پڄي پور ٿيڻ ڪان بچڻ لاءِ ڪنهن راهه جي ڳولا ڪرڻ وارا ماڻهو ئي ملوڪ هوندا هئا. "ڪو به ڪم ناممڪن نه!" هتي جو نعرو هو. وقت جي خليفي سان عقيدت ۽ محبت، امتيازي ۽ سلطاني سَندُ هئي.

حسين منصور ڪي الوداع ڪرڻ مهل نهايت خوش دليءَ سان چيو "بابا سائين، اوهين حسين ڪي ڪنهن جي پوريان نه ڏسندؤ." هو ڪلي رهيو هو ۽ ڏڪيءَ ڏوڙ ڪانپوءِ سندس مُک

تي اُسري آيل ڳاڙهاڻ ۽ سپاهاڻو لباس مٿس ڏاڍو نهڪي رهيو هو.

انهن ڪجهه ئي ڏينهن ۾ سندس نراسائيءَ ۽ ماٺ، خوشيءَ ۽ مُرڪ ۾ بدلجي وئي هئي پر سندس طبيعت ۾ شديد جنون ته موجود ئي هو، ڀين ڪان گوءِ حاصل ڪرڻ لاءِ هُو ڏينهن رات سخت محنت ڪندو هو.

”محترم بابا سائين، هيءَ نفس جي تربيت جي لاءِ عمدي جڳهه آهي، آئون مقرر مهل تي هتي پهتو آهيان.“ هُن پيءُ سامهون جُهڪندي چيو. سندس پگهر جو هُڳاءُ جيڪو محنت جي ڪثرت ۽ صحتيابيءَ مان ملي پيدا ٿيو هو، تنهن منصور کي پيءَ ملاقات تائين مدهوش رکيو. منصور سوچيو ته هو يهودي طبيب جي انهيءَ شهادت تي اعتبار ڪري سگهي ٿو ته پگهر جي خوشبو انسان جي ڪيفيت جي ترجمان هوندي آهي.' اُها هِجر جي اذيتن جي شاعري ۽ اُهي المانڪ وڇوڙن جا نوحا، ڪنهن بئي حسين جي قلم مان نڪتا هئا جيڪي پنهنجي سموريءَ شدت باوجود نرم، نازڪ ۽ ريشمي جذبن سان اُٽيل هئا. اڌورا ۽ ناپخته لفظ جن جو دل جي رڳن منجهان اپرڻ جو ڪوئي تاثر نه هو، تي سگهي ٿو اها فقط هڪ عارضي ڪيفيت هجي. هاڻ ڪيس حسين پاران اطمينان هو ۽ اُهي اذيتناڪ لمحا هڪ گذري ويل درد جيان لڳندا هئا. شاهراه تي تاہو ڪائي هُو سنڀالي ويو هو؟

تند ۽ تيز زندگي جڻ ڪُنن ۾ گرفتار ٻيڙي هجي. هيءَ اُها جڳهه هئي جتي هڪ نوجوان جي ضمير کي نئين سر ڳوهيو ۽ ٺاهيو ويندو هو. حقيقت ۾ اِهو ڪيتري قدر ناممڪن هو پر اُن مدرسي جون روايتون اِهڙيون ئي هيون. سپاهيءَ جو ڪم صرف ۽ محض حُڪمن تي اکيون ٻوٽي هلڻ هو. حسين اڄ تائين ڪتابن، نمازن، مراقبنٗ ۽ نفس تي ضبط جي تربيت حاصل ڪئي هئي. اِها تربيت به سندس پنهنجي منشا پٽاندر ئي هڪ صورتحال هئي جنهن کي هن پنهنجي لاءِ پاڻ پسند ڪيو هو، ان تي ڪاربند رهو ايسيتائين جو هُو حرقه الثانيءَ آيو ۽ جانبازيءَ جي جذبي سان ان مدرسي ۾ شامل ٿي ويو. حرقه الثانيءَ وڏا وڏا سالار ۽ دلير حڪمران پيدا ڪيا هئا ڇاڪاڻ ته جڏهن ڪو نوجوان هتي شامل ٿيندو هو ته سندس رڳ رڳ کي سخت آزمائشن، محنتن ۽ مشقتن سان چُور چُور ڪيو ويندو هو ۽ ڪابه همدردي ۽ شفقت رَوا نه رکي ويندي هئي.

حسين نهايت هيٺو ۽ ذري گهٽ بيمار هو جڏهن هتي آيو هو، پر جابلو نالن ۽ ڪاهين کي بنان بيني مقرر وقت تي اورانگهڻ ۾ ساڻس ڪابه رعايتي ورتاءُ نه ڪيو ويو. سخت جان ۽ مضبوط ٺاهڻ لاءِ اهو نهايت لازم هئو ته جيئن طبيعت کي رَوان رکڻ جي عادت وِڌي وڃي، سخت جان مجاهدن جي هيءَ زندگي رياضت ۽ محنت جي دعويدار هئي. جسم ۽ جان کي هڪ ڪرڻ، هر گرميءَ سرديءَ کي سهڻ، ميلن جا ميل پنڌ ڪرڻ، ماڻهوءَ کي پنهنجي پاڻ سان اڪيلي ٿيڻ جو وقت ئي نه ملندو هو. عبادت ۾ جيڪا لذت هوندي آهي ۽ نفس

سان جنگ جي حالت ۾ رهڻ سان پيدا ٿيندڙ بي خوديءَ جي جيڪا وِٿي ملندي آهي اُها ڪٿي هئي؟ خواب ۽ خيال، ماضيءَ جي فرحتن جي سهپ هئا. جاڳڻ ۽ سمهڻ جي وقتن ۾ پنهنجن ذاتي ۽ ضروري ڪمن جي لاءِ به مشڪل ڪو پَل نصيب ٿي ٿيو. ٿڪل جسم کي آرام بجاءِ سختيءَ جو عادي بڻايو ويندو هو ته جيئن ماڻهو ڪڏهن نه شرمسار ٿيڻ واري روح جي پناهه گاهه بڻجي سگهي.

انهن محنتن ۽ مشقتن چُوبند جسم ۽ جان تي نهايت اعليٰ اثر وڌو ۽ حسين جي نظرن ۾ تيزي ۽ عقل ۾ چالاڪي اچي وئي. جڏهن ڪيس هوش آيو ۽ امتحان تي چڪو ته چيٽ جي مُند گذري چڪي هئي. سڀ جبل برف سان ڍڪجي چڪا هئا ۽ تيز ٿڌين هوائن ۾ فرات جي وهندڙ پاڻيءَ ۾ تيزي ۽ نيراڻ هئي. اُهائي فرات، جنهن جي ڪنارن تي رسول ﷺ جي ڏوهٽن شهيد ٿيو ۽ ان جي ڪنارن تي اُها خوني جنگ وڙهي وئي جنهن کي وقت ڪڏهن به وساري نه سگهندو. فرات بي وسي، اَڄ ۽ موت آهي! ۽ دنيا ۾ سڀ جنگيون ڪنهن نه ڪنهن طور مطلق العنانيءَ، زيادتي، ظلم ۽ ستم جي خلاف جهاد آهن.

حسين سوچيو آئون جيڪو وقت جي خليفي جي عزتن جو امانتدار آهيان، خبر ناهي ڪهڙيءَ فوج ۾ شريڪ آهيان؟ حسين ابن عليءَ جي مخالفن جي صفن ۾ يا سندن مددگارن مان - پر حسين ابنِ عليءَ جي مدد لاءِ ڪير پهتو هو؟ بيابيان جون تيز ۽ ظالم هوائون، پاڻي، جيڪو سامهون هو پر رُڃ هئي، انهن تي لاڳو ڪيل هئي ۽ هو وقت جي خليفي جو امتياز نشان پنهنجي سيني تي سجائي ڦرندو ٿي وتيو. وقت جو خليفو! حسين بن منصور سوچيو، جيڪڏهن اهلِ بيت جي دعوت اڄ به ڪامياب ٿئي ته وقت جي دامن تان رت جا داغ ڌوئي سگهجن ٿا، بتول جي ڌرتي سائي ٿي سگهي ٿي، ڪربلا جي خاڪ به ڌوپي سگهي ٿي، ڪاظم جي واري پوپٽن جي پرن جيئن نرم ٿي سگهي ٿي، فرات جي ڪناري جي مٽيءَ جو ملائمت ۾ ڪوئي نظير نه ٿي سگهي ٿو.

پر ڇا ابن علي رضي الله عنه اعليٰ سپاهي نه هو؟ ڪڏهن ڪڏهن سندس سوچ اِئين ئي ڪيس پريشان ڪندي هئي.

حسين ابن علي رضي الله عنه حجاز جي ڪاروان جو قافلي سالار! ڪربلا جو شاهه شهيدان! اهو ڪنڌ جيڪو ڪڏهن رسول ﷺ جي جهوليءَ جي زينت هو ۽ پوءِ جنهن سان ڪربلا جي خاڪ جو مان مٿاهون ٿيو. اهو ڪنڌ جيڪو جهان لاءِ باعث فخر هو ڇو شڪست جي منهن پيو؟

آلِ عباس ڇا آلِ عليءَ جو حق غصب ڪيو هو؟

بنو اميه ڇا آلِ رسول کي پويان ڌڪيو هو؟

اهڙيءَ حالت ۾ هڪ سپاهيءَ جو منصب ڇا آهي، ڪيس سندس عقل سليم ڇا ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو؟

هڪ عام ماڻھو جڏھن سوچيندو آھي تہ دريا رُڃ ٿي ويا تہ ھُو انھن جي بي وسيءَ تي روئندو آھي. جيڪي رُڃن ڪي دريا ٿاھڻ جو حوصلو رکندا ھئا ۽ جن جي نگاھن سان تقديرون بدلجي سگھيون ٿي، کھڙي واعدي کي نباھڻ خاطر، کھڙي ڏيئي کي روشن ڪرڻ جي لاءِ، ڪربلا ۾ تيرن جو نشانو بڻيا، پاڻيءَ لاءِ پريشان ٿيا ۽ ھڪ وڏي اتالي آڏو ڇمي پير ڪوڙي بيٺا رھيا، ھڪ ھڪ ٿي ڳيرو ۽ جوان ڪنجي ڪنجي ڪِرندا رھيا. تڏھن خدا وند جي بارگاھ ۾ طوفان نہ آيو؟ ڇا عرش ڏوڏجي نہ پيو؟

رسول خدا جي نگھبان نگاھن ڏٺو تہ فاطمہ جي ھنج جا موتي ڪُوفي ڏانھن ڪوچ ڪندي ڇوڏاري ڪان گھيريا ويا. زندگي ايڏي اھم ڪٿي آھي؟

زندگي ڇا آھي، جو حسين ابن عليءَ کي بچايو نہ ويو. ۽ حسين پنھنجي کھڙي اقرار کي نڀائي رھيو ھو! ڪين اھي قربانيون بھرحال ڏيٺيون ھيون تہ جيئن قربانين ۽ سرفروشين جا مذھب رواج ماڻي سگھن. عشق جي مذھب جي تبليغ انھيءَ کان سواءِ آخر ٻي ڪھڙيءَ ريت ٿئي ھا؟ جيڪڏھن ڪوئي ڪمتر شخص بيابان ڪَربلا ۾ فرات ڪناري پنھنجي خاندان جي حفاظت ڪندي ماريو وڃي ھا تہ سندس پيرويءَ لئہ ڪير نڪري ھا؟

اھل بيت جيتوڻيڪ سچيءَ زندگيءَ جي بيقراريءَ ۽ بيچينيءَ جا سِڌا يا اڻ سِڌا باعث ھئا جو سندن سبب ئي ظاھري فرقا، خيال ۽ تفريقون وجود ۾ آيون: پر ھو تہ پوءِ علم ۽ مذھب جي ترقيءَ لاءِ خانقاھي مزاج ۾ پختا ٿي ويا، زندگيءَ جي رقص ۾ سندن حصو گھٽ ھو. سياست جي شطرنج ۾ ھو سياسي داؤ پيچ جو استعمال ڪرڻ نہ گھرندا ھئا. فضيلتون انھن تي قربان ۽ وجاھتون مٿن نثار ھيون. ھو سيني واسطن سان اُن سلطنت جا مضبوط ۽ معتبر رُڪن ھئا ۽ سامھون دنيا کي پنھنجن ٺُڏن جو ڪاڄ سمجھندا رھيا. ھُو ان جي حاصلات لاءِ ھرگز سرگردان نہ ھئا. پر جڏھن بہ ظلم ۽ ستم، ڏاڍائي ۽ آمريت پنھنجا پير ڪوڙيا تہ ھُنن پنھنجي تلوار مياڻ مان ھرگز ٻاھر نہ ڪڍي. سندن نالو ٻين ماڻھن استعمال ڪري پنھنجا مقصد حاصل ڪيا. ابو مسلم خراسانيءَ آلِ عباس جي راھ سَنئين ڪئي ۽ وري پاڻ خدائي دعويٰ ڪيائين ۽ ماريو ويو.

واقعن جي نہ سمجھہ ۾ اچڻ واري وڳوڙ سان پرپور سمنڊ موجود ھو... سياھ ۽ بي مزي صورتحال ۾ جي ڪا روشني ڪنڌين کي ڪٿي ڪٿي ڇُھي ويندي ھئي. تہ سوچيندو ويندو ھو، ”ڇا آلِ عباس حق تي آھن؟“ ڇا ھُو وقت جي خليفي جو امتيازي نشان پنھنجي سيني تي سينگاريندي پنھنجي وفاداري جو ثبوت ڏئي رھيو آھي. حرقہ الثانيءَ ۾ ڪيس ٻي سوال وفاداري جو سبق سيکاريو ويو ھو. ڪيس پوري مَروڙي ۽ ھڪ نئين شخص ۾ تبديل ڪيو ويو ھو پر سندس دماغ ھاڻ بہ سوچيندو ھو. غلط يا صحيح ھو سوچيندو ھو - ھُو ڇا ڪري؟ ڪيس اُھي شعر ياد آيا:

"پوءِ مون کي منهنجي پاءُ سڏيو
۽ اهو ان وقت جڏهن شهسوار
مون ۽ هن وچ ۾ حائل ٿي چڪا هئا
سندس آواز تي لبيڪ چوندي،
جڏهن آءُ وٽس ويجهو پهتس تہ
نيزا سندس جسم ۾ ائين ٿنبجي چڪا هئا
جيئن چرخي جا لوهي ڏندا اُڄندڙ پکڙيل ڪپڙي ۾ تنبجي ويندا آهن."

ملڪ ۾ هر پاسي ڪان بغاوت جو پندار هو ۽ حرقہ الثانيءَ جي شهري علائقن ۾ قرمطي پنهنجن عقيدن ۽ ايمان سبب امن ۽ امان جي لاءِ خطرو بڻيل هئا. اِهو فتنو اُن فتني ڪان الڳ هو جيڪو بصري جي اوسي پاسي بحرين ۽ خليج جي رياستن ۾ پکڙيل هو. اُن وسيع سلطنت جي لاءِ هڪ نهايت باهوش ۽ بلند حوصلو رکندڙ خليفي جي ضرورت هئي جيڪو تيز فهميءَ، سياست ۽ وڏ نگاهيءَ ۾ نهايت بلند ۽ اعليٰ هجي. دربار پاڻ نهيل ٽڪيل وفادارين ۽ دولت جي گهيري ۾ هئي. اهڙين حالتن ۾ ڪنهن جي وفاداري ضروري هئي! سپاهي جڏهن حق لاءِ وڙهي تہ هٿين خالي بہ وڙهي سگهي ٿو پر حق کهڙي پاسي هو؟ اهڙيءَ صورتحال ۾ تلوار سڀ ڪان وڌيڪ اُگهاڙي هوندي هئي، جڏهن تہ ڪيس مياڻ ۾ رهڻ جي ضرورت هئي!

قرمطي پنهنجو پيغام ايتري فرمانروائيءَ سان پکيڙي رهيا هئا، جو لڳو ٿي چڻ هڪ نئون دين حملو ڪري آيو آهي ۽ اسلام کي صرف بغداد جي شهر ۾ محدود ڪري ڇڏيندو. حاجين جا قافلا ڦرجي ويندا هئا. اِهي قرمطي ڪير هئا؟

عيسائين ۽ يهودين جون گڏيل ڪوششون هيون تہ اسلام ۾ رُخني بازي ڪئي وڃي. هُو ريگستان جي رهواسين، بدوين ۽ درويش لوڪن جي دلين تي جيڪڏهن ڪنهن عظمت کي مسلط ڪري ڇڏين جيڪا ظاهري ريت اسلام سان مشابهت رکندڙ هجي پر حقيقت ۾ ڪانئس بنهہ الڳ هجي تہ ماڻهن جي من کي موڙي سگهجي ٿو. انهن سازشن نوان مذهب پيدا ڪيا هئا. نَوان پيغمبر- نوان رستا.

هر طرح جي ڏڪار، عدنانيت، علوئيت ۽ بڪريت، هاشميت، اُمويت، عربيت ۽ قوميت جي آڳ مسلمانن ۾ ٻرندڙ جبل جي جُوالا جيان اندر ئي اندر اُبري رهي هئي جيڪا حاڪمن جي سياست ۽ حڪومتي نظام جي لحاظ کان هلڪي ۽ تيز ٿيندي رهندي هئي ۽ اُن سڄي ٻوڙ ٻوڙان جو مطلب قيادت ۽ امامت هو. جيڪو شخص جهالت جي زماني ۾ سردار هو اُهو اِسلام ۾ بہ سردار بڻجڻ چاهيندو هو!

سرداريءَ جي انهن خواهش نيون راهون کوليون. پکڙيل سلطنت، جيئن دريا جو پاڻي مُنڍ کان تہ شفاف ۽ مٺو هوندو آهي پر ندين ۽ نالن جي ملڻ ڪري ڇٽڪ گدلو ۽ لُڙاتيل

ٿيندو ويندو آهي ۽ ٽين صدي هجريءَ تائين ته ان جي غلاظت، ڪِن ڪِچ جيان، هئي جنهن منجهان نه ڪاهه اُسرندو آهي، نڪي گل ٽڙندا آهن.

جڏهن معتضد وڏن وڏن فوجي مدرسن جو معائنو ڪري چڪو ته حرقہ الثانيءَ جو به وارو آيو. خليفو پاڻ بنفس نفيس ڪنهن درسگاهه جو معائنو ڪري اِهو تمام وڏو اعزاز هو. نسطورين پنهنجين خانقاهن ۾ خليفي جي وڏ عمريءَ لاءِ خصوصي دعائون ڪرايون ۽ هِن بهادر، دلير ۽ دانا حڪمران لاءِ جيڪو سپاهياڻيون صفتون رکندڙ هو حرقہ الثانيءَ جي مدرسي ۾ سندس آمد تي سخت هلچل ۽ رونق هئي. علائقي کي سينگاريو ويو هو ۽ ان جي استقبال لاءِ جيڪو سفاح ثاني سڏرائيندو هو ۽ عباسين جي دور جي نئين سر تعمير جو سبب بڻيو هو. ڏاڍيءَ گرمجوشيءَ جو مظاهرو ڪيو ويو.

حسين کي هتي آئي هڪ سال کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو هو، طالب العلم ننڍن ننڍن دستن ۾ ورهايل، استقبال لاءِ تيار، نظم ۽ ضبط جي بهترين قطارن ۾ جوانن جا مُنهن صبح جي تيز اُس ۾ ڳاڙها ۽ ترارن جيان چمڪي رهيا هئا جيڪي سندن هٿن ۾ بي مياڻ هيون. خليفي جو گهوڙو وڏي دروازي سامهون بيهي رهيو. هيءُ هڪ بهترين عربي شهسوار جو تاتيل گهوڙو هو. سُڌاريل، سنهڙي چيلهه واري شينهن جيان پُرغرور، مَتل جنگ جي ميدان ۾ ڪِنوڻ جيان دشمنن جي صفن کي چيرڻ وارو- سمورا سپاهي خليفي سامهون لنگهندا رهيا، حسين به لنگهي ٿي ويجي ها پر معتضد کيس اشاري سان پاڻ ڏانهن سڏيو.

”ڇا تون هِن گهوڙي تي سوار ٿي سگهين ٿو.“ هن واڳون سندس هٿن ۾ ڏيڻ جو حُڪم ڏنو.

حسين ڪاٻي ساڄي ڏٺو، ”هُو ڇا ڪري؟!“

خليفي وري حڪم ڏنو، ”هن تي سوار ٿي اقامت گاهه کان مدرسي تائين جي فاصلي جو هڪ چڪر لڳاءِ!“

خبر ناهي ڇو اهڙو عجيب ۽ غريب حڪم ڏنو ويو هو! حسين ته اڃا گهوڙي سواريءَ جي اُها تربيت به حاصل نه ڪري سگهيو هو پر نه ڪوئي هم درس ۽ نه ئي ڪوئي تربيت ڏيندڙ سندس مدد ڪري سگهيو ٿي. هُو سندس انهي ڪمزوريءَ کي ڄاڻندا هئا.

حسين هڪ لمحي لاءِ اکيون بُوٽيون ۽ کيس تُستر ۾ سهل بن عبدالله جي درس ۾ گذاريل وقت ياد آيو. کيس پنهنجي گستاخي ياد آئي... ۽ اُهي رسالا جن کي سمجهڻ جي هُن ڪوشش ڪئي هئي... ڳجهن رازن جا اُهي لفظ ياد آيا ۽ انهن جي پنن پويان واريون قوتون مٿس وِچ جي وراڪن جيان ظاهر ٿيڻ لڳيون. کيس اُنهن سيني ڪلمن مان اُهو اِسم اعظم ياد آيو جيڪو نندپڻ سببان سندس ذهن منجهان وسري ويو هو. ۽ گهوڙي سندس سامهون پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو سندس سرڪشي غائب ٿي وئي، رڍ جي ٻچي جيان نرم طبع ٿي هُن حسين کي پاڻ مٿان سوار ٿيڻ جي اجازت ڏني، ۽ اقامت گاهه ۽ مدرسو بس

هڪ ساعت، هڪ وِڪ هئي. هُو گهوڙي جي ڳچيءَ تي اُسريل ڊگهن سونهري وارن کي جهلي لٿو ۽ خليفي آڏو ادب وچان جهڪڻ لاءِ اڃا جهڪيو ئي هو ته معتضد کيس پنهنجن هٿن سان جهلي کيس پنهنجي سامهون کڙو ڪيو ۽ اچرج وچان سندس بي پناهه اکين ۾ ڏٺائين جن کي ڏسڻ سان لڳندو هو ته ماڻهو انهن ۾ ٻڏي رهيو آهي. سحر طاري ڪندڙ مُرڪندڙ اکيون...! گهڻو ڪجهه چاهيندڙ ۽ پوءِ به اُجريون اُجريون معصوم نگاهون...!!

"ڇا تون هن ڪان اڳ اهڙي گهوڙي تي سوار ٿيو آهين؟" هن گهوڙي جي ڳچيءَ تي اُسريل سونهري وارن ۾ آڱريون ڦيريندي پڇيو.

"امير المؤمنين هن درسگاهه ۾ هيءُ منهنجو پهريون سال آهي." حسين ادب وچان ڪنڌ جهڪائي جواب ڏنو. معتضد حيران ٿيو.

"ڇا تون ڪنهن ٻئي گهوڙي تي سواري ڪري سگهين ٿو؟" سندس نگاهن ۾ حسين جي دليريءَ لاءِ تحسين به هئي ۽ اچرج به.

حسين ڪنڌ جهڪايو، ته هيءُ سندس امتحان هو، آزمائش هئي! تستر ۾ گذريل مهينا ۽ سال، شيخ ڪامل جي ٻاجهائتي نگهاه، سڀ همت وڌائيندي، آتئون ڏيندي سندس ساٿي ٿي ويا. قدآور ۽ سرڪش گهوڙو آندو ويو، سموريون نگاهون حسين ۾ کُپيل هيون ۽ حسين جي نگاهه ڪنهن ٻئي تي هئي - التجا ۾ به نه، صرف منتظر- هُو اُميد ۽ ڪامل يقين سان بيٺو هو. چٽڪ شرارتي ٻارن جي ٽولي ۾ اچي ڦاٿو هجي. سندس نراڙ تي گهُنج به نه هو. هو ڊنل نه هو ۽ ڏسڻ وارن کي اها ئي ڳالهه پريشان ڪري رهي هئي. هم درس دل ئي دل ۾ هُن لاءِ دعاگو هئا.

پوءِ سڄو رستو هڪ وِڪ، سڀ نگاهون ساڪت، بدخواه ۽ غضبناڪ جانور پالتو ڪتن جيان جيڪي خانه بدوش جي قافلن پويان ٻُچ لٽڪائي هلندا آهن. سندس سامهون سڀ بي ضرر هو، ۽ حسين، نه ئي پُرغرور ۽ نه ئي فاتح، صرف خدا جي ٻاجهه تي پلجندڙ ناظر. اُهو اسمِ اعظم وَرَ وَرَ ڪري سندس رڳن ۾ رت جي روانيءَ سان گڏ سندس شهه رڳ ڪان به ويجهي روشن روح ۾ اڻ ٻُڌل نغمي جيان "الست بربڪم!" "قالو بلىٰ" هو!

محبت جو ڪڏهن نه ختم ٿيڻ وارو گيت جيڪو عرش ۽ فرش سندس اوسي پاسي ۽ هرهنڌ ماڻهن جي دلين، مادي ۽ غير مادي شين ۾ جاري ۽ ساري هو. محبت، جيڪا فاتح عالم آهي ۽ دنيا- جيڪا بس هڪ وڪ آهي هڪ چال: دنيادار ٿيڻ جي مشقت ڪيڏي نه مضحڪه خيز آهي! ڇا سندس نفس جي سکيا ٿي چڪي هئي؟ خلافتون، بادشاهتون، سازشون، جدوجهدون انهن سيني جي حقيقت ڇا هئي؟! خالقِ ڪُل ڪيترا تماشا پکيڙيا هئا- سڀ ڪان وڏو تماشو ته انسان هو، جو نيڪيءَ ۽ خير جي خالق کي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ گهرندو هو.

همت مردان، تماشو!

پر اغول تماشو نہ هئي- اُهائي تہ هئي جيڪا سندس هستيءَ کي بدلائي وجهي- سندس محويت کي درهم برهم ڪري وجهي- سندس اندر ۾ روشن باهہ کي شعلن ۾ بدلائي وجهي.

محبت جو گيت هُن جي ڪري هو، اسم اعظم جي ساز جي وڄت،جي اُٿت سندس اندر ۾ ٿيل هئي، جيئن برفباريءَ ۾ هر شيءِ جتي آهي اُتي ئي ساڪت هوندي آهي. پوءِ اُهو نالو ڪيس طوفان سان آشنا ڪندي، موت جيان زبردست شورِ محشر برپا ڪندي ڪارن، ڪڪرن جي اوندهہ جيان متس ڇانئجي ويو. اُهو هڪ لمحو جڏهن سندس اکين انهن اکين ۾ ليئو پاتو هو گڏريل ءِ ايندڙ قيامتن جي تشريح بڻيو.

مرغزارن جون ڪوئيلؤ!
مان اُن بوجهہ هيٺ قيد آهيان جيڪو اوهان مون تي رکيو
عشق جي عذاب کي برداشت ڪرڻ، لڪئي جو سودو ڪير ڪري سگهي ٿو.
اي ڪاش غم عشق ۾ سوز تي ساهہ ڏيڻ وارا
تيماردار بہ هجن ها!
هن جي بي رُخي منهنجي دل پور پور ڪري ڇڏي آهي،
ها، مرغزارن جون ڪوئيلؤ!
مان عشق جو اَسير آهيان،

سندس دل جي مسيحائي ڪير ڪندو، جو هُوءَ محبت جي اُن مڪمل گهڙيءَ ۾ وري سندس دل ۾ گهڙي آئي هئي. هُو ڪڏهن متس فتح حاصل نہ ڪري سگهندو. پنهنجي اَسيريءَ مان آزاديءَ ڏانهن ڪڏهن هڪ وک ۾ هڪ ڇلانگ ۾ اُڪري نہ سگهندو- ڇا ڪيس ڳولي نٿو سگهجي؟ هُوءَ ڪٿي تہ هوندي! پنهنجي اندر جي اُساٽيل اک سان هُو ڪيس ڳوليندو رهيو... هيٺيءَ بينائيءَ واري سندس باطن جي اک سان!

معتضد هڪ ڊگهي خاموشيءَ بعد جيڪا هزارن سالن تي حاوي هئي، چيو، "آئون چاهيان ٿو تہ هِن نوجوان کي خلافتِ جي دربار ۾ ڪو نهايت عمدو عهدو ڏنو وڃي، هِن کي اسان جي ويجهو رکيو وڃي، هن جي ذميوارين جو فيصلو اسين پوءِ ڪنداسين."

هُو وڃڻ لاءِ مُڙيو، بيٺو، وري هليو، وري حسين ڏانهن آيو.

"توتي خدا جي خاص رحمت آهي مان ان لاءِ توکي مبارڪون ڏيان ٿو."

حسين ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

نسطوري عيسائين جي وسنديءَ حرقہ الثانيءَ ۾ جتي ڪليسائن جو تعداد وڏيڪ هو خصوصي عبادت ڪئي وئي. شادمانا ڪيا ويا.

اُن وسنديءَ جي خوش بختي هئي جو اُتي رهڻ وارو هڪ نوجوان وقت جي خليفي جو

منظورِ نظر بڻيو هو. خليفي پنهنجو نهايت قيمتي وقت مدرسي ۾ گذاريو هو ۽ پنهنجو خاص گهوڙو هُن کي سواريءَ لاءِ عنايت ڪيو هو. خليفو ڪيڏو مهربان هو-

حرقہ الثانيءَ جي مدرسي کي هڪ وڏيءَ فوجي ڇانوڻيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جا حُڪم صادر ڪيا ويا ۽ مدرسي جي نگهبانِ اعليٰ کي اُن جو سربراهہ مقرر ڪيو ويو.

حسين تي پنهنجو راز پاڻ ئي آشڪار ٿي رهيو هو. جيئن اَسُرَ ويل روشنيءَ جي هڪ مدّم لڪير ڏينهن جي اچڻ جي خبر ڏئي.

(4)

هُو حرقہ الثانيءَ کان منصور سان گڏ بيضا آيو هو. اُهي سڀ ڇاتل سڃاتل شيون جيڪي سراءِ سان لاڳاپيل هيون هُن پنهنجي ٻالڪپڻ ۾ ڏٺيون هيون، اجا تائين اُتي ئي هيون، ڪجهہ بہ تہ نہ بدليو هو. وقت بيٺل هو، ۽ وَسنديءَ جي آوازن، خوشبوئن ۾ بہ ڪائي تبديلي نہ آئي هئي. بهمن● جي انهن ڏينهن ۾ پکي ائين ڇَهہ ڇَهہ ڪندا آهن ڄڻڪ احسان جو بار لاهي رهيا هجن، نندِ جي ڳهر ۾ ڳهراتيل، دبيل دبيل آواز، خوشيءَ ڀري ڇَهہ ڇَهہ سان ٽاريءَ ٽاريءَ تي ٽپڪا ڏيڻ ۽ گوڙ ڪرڻ ۾ مشغول هوندا هئا ڄڻ ڪوئي جلاوطن ڪيل جهيڙاڪار قبيلو هجي. دشتِ سُوس جي پاسي کان ٿڌيون هوائون هلنديون آهن ۽ اڪثر برف پوندي آهي. اُن انتهائي شديد موسم ۾ باهہ ڏاڍو مزو ڏيندي آهي. وچولي ڪمري ۾ ٻرندڙ زندگيءَ جو مظهر، راحت بخش، سڪون ۽ اطمينان ۽ پوڄا لائق وَسنديءَ جا ماڻهو ساڻس ملڻ ۽ ڪيس واڌايون ڏيڻ لاءِ اچي رهيا هئا. سندس ماضيءَ جون ننڍيون وڏيون نينگريون نهايت خوش گهمي رهيون هيون. ڪنهن ڪاچ جهڙو سماءُ هو. هر ڏس محبت جي وَرڪا ۽ ناز، ڳالهيون ۽ حالتون، ننڍڙا ننڍڙا واقعا، المناڪيون ۽ خوشيون، هُو سڀن لاءِ فخر جو باعث هو. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هُو راڄڌانيءَ روانو ٿيڻ وارو هو. ٿي سگهي ٿو هُو اُتي پهچي سيني کي وساري ويهي! دربار، وڏو شهر، اخلاق ۽ خصلتون، ادب ۽ رک رکاءُ - منصور انهيءَ اعزاز تي سَرهو ضرور هو پر هڪ خوشي اُها بہ تہ هوندي آهي جيڪا ماڻهوءَ جي جيءَ جي اندر منجهان نروار ٿيندي آهي، اُها ڪٿي نہ هئي. اهڙي پُرثمر وقت ۾ ڪيس ڇا تہ ڪپندو هو؟!

جڏهن رات پڇي ڇُڪي، مهمان سمهي رهيا، روشنيون اُجهايون ويون، تہ حسين چيو: "آئون ڏاڏا سائينءَ جي آتش ڪدي کي ڏسڻ گهران ٿو، ائون ڏاڏا سائينءَ جي سڳنڌ پنهنجي چؤڌاري محسوس ٿو ڪيان." منصور ڪمري جي قالين جي نقش ۽ نگارن کي ڏسندي چيو، "پيارا پٽ هينئر رات گهڻي ٿي چڪي آهي، ڪنهن ٻي وقت هليو هلجان."

● بهمن: ايراني يارهون مهينو (نومبر).

حسين چيو، ”نه آءٌ هينئر، هن ئي مهل أتي وڃڻ چاهيان ٿو. ماڻهوءَ وٽ هوندو ئي ڇا آهي، سواءِ سڳنڌ جي!“

منصور أداس ۽ أجهاٽل مچ وٽ ويٺو رهيو جنهن منجهان ڪنهن ڪنهن مهل ڪنهن چڻنگ جي ذرڙي، رک جي تهه مان ظاهر ٿي ليئو ٿي پاتو جيڪو أجهاٽل آڳ منجهان صرف أنهيءَ رک جي دل رکڻ لاءِ مُرڪيو ٿي. مُرڪ ۽ سڳنڌ! محمّيءَ جي موجودگيءَ ڪي صرف حسين ڇو محسوس ڪيو! هُن ڇو اهو نه ڄاتو ته هڪ عمر گذارڻ بعد روح ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن مسڪنن ڏانهن موٽندا آهن، مسڪنن ڪي پيائيندا ۽ يادن جي زاوين ۾ رنگ پريندا آهن. جيڪي جيئرا آهن سي گذري رهيا آهن، جيڪي گذري چڪا آهن أهي هاڻ ڪيڏانهن نه ويندا. موت انهن لاءِ هاڻ ناهي، پنهنجي افاديت وڃائي چُڪو آهي. هڪ وِڪ ۽ جڻ پهاڙ جي اوٽ جي هڪ وَرَ منجهان نڪرو ته ڏور تائين پکڙيل ماٿريون هجن، سرسبز ۽ جُهونگاريندڙ چشمن سان سيراب ٿيندڙ. هاڻ انهن لاءِ خوف جي ڪيفيت ۽ رنج ۽ ملال سڀ ختم ٿي ويو، هو نظرن کان اوجهل ته آهن پر هن وشال ڪائنات جو حصو آهن. وقت ۽ فاصلن تي سندن اختيار آهي- ۽ هُن جي اندر ۾ موت جي شديد خواهش پيدا ٿي. أسيريءَ مان وسيع ٿيڻ جي! فضا ۾ آزاد گهمڻ جي!! موت جي زندگي بخش خواهش، لامحدود، لاثاني، عظيم خواهش!!!

حسين واپس اچي قالين جي وٽ تي ويٺو، ڪجهه ڪُڇيي سواءِ - مانيڪو، ملول- أهو لمحو اوچتو ڪٿان کان اچي پهتو هو جڏهن هُو ۽ منصور گاڏي ڪٽي موٽيا ته محمي نه هو. أها گاڏي جا ڪنهن هندي سوداگر کان خريد ڪئي وئي هئي. ڊگهن ۽ نقش نگار وارن پردن وارو رَٿُ ۽ صورتون جيڪي جٽڪ هينئر نڪري ٻاهر ايندين. پوءِ ڪرشن ڪنهن ڪُنڊ منجهان ظاهر ٿيندو. نيري بدن وارو، مُرليءَ جي سُرن وارو ۽ هُو انهن گوپين سان گڏجي رنگ رچائيندا نچندا، پاڻ پرپائيند ۽ گهڙيءَ پن گهڙين ۾ پوءِ سڀ اهڙيءَ ئي ريت خاموش ٿي ويندو. غيب جي مُرليءَ جي سُرن تي سڄي دنيا ناچ نچندي آهي، أن ڏِن ڪي ٻڌي مدهوشي طاري ٿيندي آهي ۽ أن اندر واري ڪمري ۾ جتي ڪڏهن برزِ سواه• هئي، هاڻ مڪمل اوندهه هئي جڻ ان تي به مدهوشي طاري هجي. ”ڏاڏا سائينءَ جي ياد ۾ انهيءَ ڪي هميشه ٻاري رکڻ ڪپندو هو. ياد جهنم ئي نه جنت به آهي.“

”توکي ڏاڏو ياد پيو اچي؟“ منصور آخرڪار پڇيو.

”اوهان ته سندن نشانن ڪي ئي مٽائي ڇڏيو آهي، رهڻ ئي ڪٿي ڏنو آهي.“ حسين آهستي آهستي چيو.

منصور ڏاڍي ڦڪي کِل کليو، ”ياد ته هتي هوندي آهي.“ هن ڇاتيءَ ڏانهن اشارو ڪيو.

• برزِ سواه: زردشتن جو آتشڪدو.

"شين جي پنهنجي عصمت هوندي آهي،" حسين چيو.

"جڏهن مان هڪ يقين تان دستبردار ٿيو آهيان ته ان کي برقرار رکڻ به نه ٿو چاهيان." منصور چيو.

"مان انهيءَ قطعيت خلاف آهيان. اهو ڏاڏا سائينءَ جو مسلڪ هو، هيءَ سراءِ سندن آهي. آثار مٽائي ڇڏڻ سان شيون ناهن ختم ٿي پونديون، دلين ۾ زنده رهنديون آهن. اسين پنهنجي رت کي پنهنجين رڳن مان ڪيئن هاريندا سين! اسان انهن امانتن کي بهتر صورت ڏئي سگهون ٿا رد ته نه ٿا ڪري سگهون." هو ساهه پٽڻ لاءِ رڪيو.

"سڀ مذهب خدا جي عظمت ۽ بزرگيءَ تي دلالت ڪن ٿا ۽ شاهديون ڏين ٿا. باهه خدا جي هڪ عظمت آهي... مون کي خبر نه هئي ته تون ايتري معمولي ڪوتاهيءَ تي ايترو ناراض ٿي پوندين!" منصور اٿندي چيو، "بابا سائين، آئون ناراض ٿيڻ جي جرئت نه ٿو ڪري سگهان. مون کي صرف ان ڳالهه ڪري تڪليف پهتي آهي." هو به اٿيو، "هل اُن آڳ کي تنهنجي ڏاڏي جي ياد ۾ پيهر ٻارڻ ڏيون." منصور پٽ جو هٿ جهليو، "برزِسواه هوڏانهن آهي." حسين ڪنڌ جهڪائي چيو.

منصور دير تائين پنهنجي پٽ ڏانهن ڏسندو رهيو جيڪو هُن لاءِ هڪ ڳجهارت کان گهٽ نه هو. جنهن کي ڪلام پاڪ سان عشق هو، جيڪو پنهنجين عبادتن، رياضتن ۽ تربيتن ۾ حدون اورانگهي ويندڙ هو، جيڪو نهايت نيڪ دل ۽ پاڪباز هو، جنهن جي شاعريءَ جي گرمائيندڙ جذبن ۾ جُوالا جيان آڳ اوڳاريندڙ خيال ۽ نغمگي سمايل هئي.

رات هڪ پهر باقي رهي هوندي جڏهن سراءِ جي دروازي کي زور زور سان ڪڙڪايو ويو. منصور نفل پڙهڻ ۾ مصروف ۽ پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ جهڪيل هو. پنهنجي اندر جي سمورين صدائن سان - پنهنجي خاڪساريءَ جي سمورين ڪيفيتن سان - پنهنجي جذبن جي سموريءَ شدت سان - پنهنجي سوچ جي سمورين عظمتن سان - پنهنجي نيازمند پيشانيءَ جي پُرشوق سجدن سان - هڪ سجدي جي قبوليت جي دعا ڪري رهيو هو. ان بي پناهه خاموشيءَ ۾ سندس دل بيدار ۽ اکيون دجله ۽ فرات هيون. 'بارِ الاهي منهنجي ماٺ کي زبان ڏي، منهنجي عاجزيءَ کي ٻڌ، منهنجي دعا کي ٻُڌ.' هيءُ ڪڏهن نه ختم ٿيڻ وارو مڪالمو هو جيڪو سندس وجود کي ڪڏهن ڪڏهن عطا ٿيندو هو.

حبشي غلام ڪُنڊو لاٿو ته طوفان جي طاقتور جُهوٽي سان گڏ، سِيءُ ۽ دشتِ سُوس جو خشڪ غبار ۽ آب دز جي نميءَ سان پريل تارين ۽ گهمر ۽ وَسنديءَ جي باغن، برف ۽ اڳڻ ۾ سرشام ختم ٿيڻ واري دعوت جي پُر بهار خوشبوءَ، گڏوگڏ اندر گهڙي آيون.

"آقارازي ٻانهين جي هڪ گروه سان گڏ تشريف فرما ٿيا آهن."

منصور ڪردستاني اُنَ جو نرم جُبو اوڍيو ۽ اڳڻ ڏانهن وڌيو، ڪيس آقارازي سان مليي زمانو ٿي ويو هو.

منصور پليڪار چئي آذر ياءَ لاءِ هٿ وڌايو ته هُن ڪيس پاڪر ۾ پيري ورتو.

ٻانهيون جڏهن محمّيءَ جي آتش فروزان منجهان فيضياب ٿيڻ لئه هيٺ وڃي چڪيون ته هُو ٻئي وراندي ۾ ٿي ويٺا. تند ۽ تيز، سخت ۽ هڏين جي مِک ڪي ڄمائي ڇڏڻ واري برف بار هوا جو زور ڪجهه گهٽ ٿيو هو. قهوي جي پيالي منجهان تازگي ڏيندڙ ٻاڦ جي لاٽ نڪرڻ سان جُهڪي ۽ اُتي روشنيءَ ۾ ڪاٻي ساڄي ڪنبي سڌي مٿي اُڀري رهي هئي.

"دنيا جي شاهراهن تي گهمندي آخر اوهان هن گلن جي وسنديءَ ۾ پهچي ئي ويا."

آقارازي ٿڪ ڏنو ۽ دير تائين ڪِلندو رهيو.

"اوهان ڇا سمجهيا آهيو؟"

"اِهوئي ته اوهان جي ڳولا آخرڪار ڪٿي ته نتيجي خيز ٿي هوندي."

"ياءَ ڳولا جو هڪ عجيب فلسفو آهي ۽ اهو سفر ڪڏهن ختم ناهي ٿيندو. اوهين هڪ شيءِ تائين پهچو ٿا ته اُن کان اڳيان ٻيءَ منزل جو شوق اوهان کي ڇڪي ٿو وٺي. آڳاهون اڃا آڳاهون، مسلسل رُجن پويان ڊوڙندو رهڻ - اوهان جو ڇا خيال آهي؟" آقارازي هڪدم ماٺ ٿي ويو.

ٻئي ڄڻا چپ چاپ پيالن منجهان چُسڪيون ڏئي قهوو پيئندا رهيا. پوءِ اذانون ٻڌڻ ۾ آيون. عرش ۽ فرش کي هم وقت ڇهندڙ صدا، زمان ۽ مڪان کان بلند ۽ بالا-

دلين جي دروازن کي آهستي آهستي ڌوڪيندي دماغ کي سڪون بخشيندي، بيدار ڪندي، روحن کي ازلي اقرار جو وساريل وقت ياد ڏياريندي، انسانن سان سندس محبت جو ثبوت ته هُو آدم جي اولاد کي اڃا به ياد رکيو ويٺو آهي ۽ سمجهي ٿو ته جن ضعيف ذرڙن کي هُن پاڻ هميشگيءَ سان لاڳاپيل حسن عطا ڪيو آهي تن جي چمڪ جَهڪي نه ٿئي.

نماز کان پوءِ آقارازيءَ چيو، "ياءَ! منهنجي ڳولا اڃا جاري آهي. جيتوڻيڪ مصر ۾ رقص ڪندڙ درويشن جي دعوت جيڪي نتيجا پيدا ڪيا آهن اُهي آلِ عباس لئه نيڪ فال ناهن ۽ آلِ عباس جي اختيارن جو دائرو هاڻ سوس ڪائي رهيو آهي، اندلس جي اُلهندي خلافت شهنشاهيت ٻڌجي چُڪي آهي. جيڪا يورپ جي ڏاڏاين جي بحر آڏو نُور جو مُنارو آهي ۽ خود اسان جي اوسي پاسي جون بادشاهتون ريگستان ۾ برفباريءَ کان پوءِ جي ڦوٽهڙي وانگر ڦُٽي پيون آهن. منهنجي پنهنجي تمنا هڪ مضبوط مرڪز جي آهي ۽ منهنجيون سموريون دعائون ۽ دل جون تمنائون خليفي معتضد سان گڏ آهن. جيڪڏهن خلافت جو اَگهومرد سَگهائي ڏانهن موٽي اچي ته اسلام کي آئينده لئه استحڪام نصيب ٿيندو."

منصور چيو، "خليفو نهايت پُرجوش، دانشمند ۽ جوهر شناس آهي."

"رڳو اِهو سڀ ڪافي ناهي، ڪيس بي پناهه طاقت ۽ مستقل مزاجيءَ سان گڏ سٺن صلاحڪارن ۽ بي لوث دوستن جي به ضرورت آهي جيڪي ڪيس ميسر ناهن." رازيءَ چيو.

"قابل ماڻهن جو ڏڪار ته ناهي." منصور چيو.

"هڪ طرح سان ته آهي ڇاڪاڻ ته خليفي جي چوگرد تُرڪن جو گهيرو آهي، جن جو دربار تي اثر رسوخ يهودي ۽ نصراني طبيبن ۽ فلسطينين جي ڪري آهي. هاشمي، جن کي خلافت سان همدردي تي سگهي ٿي سي دربار مان ڏڪاريل آهن ۽ هاڻ سندن اجتماع اولهه ۾ ٿي رهيو آهي جتي فاطمي حڪومت ضرور قائم ٿيندي ۽ اُهي مذهبي حوالي سان اسماعيلي آهن. آءُ ايراني نسب مان آهيان ۽ تعصبي به ناهيان پر دعاگو آهيان ته عرب نسل جا ماڻهو دربار ۾ مضبوط ٿين ته جيئن پنهنجن مفادن کي سڃاڻن ۽ سلطنت کي وکرڻ نه ڏين." هو چُپ ٿي ويو ۽ گهڻيءَ دير تائين سوچيندو ماٺ ۾ رهيو.

حقيقت ۾ ڳالهه عرب يا عجم جي ناهي آقارازي." منصور چيو، "مان پانيان ٿو ته اسلام سان محبت ۽ رسولِ خدا ﷺ جي ذات سان عشق ڪافي آهي."

"پر هر داعي اِهو چئي ٿو ته هُو پنهنجي عشق ۾ اُتاهون ۽ اَٽل آهي ۽ هر خودمختيار صوبي جو حاڪم روح الاسلام جو اَمين بڻجي ٿو. ان سان انفرادي طور تي ته طاقت ٺئي ٿي پر اجتماعي سگهه گهٽجي ٿي، جهڙيءَ طرح اوهان دريائن کي ٿمتار ۽ وسيع ۽ عريض ندين ۽ نالن ۾ ورهائي ڇڏيو." رازيءَ ڳالهه ختم ڪئي.

"سرچشمو ته پوءِ به درياءُ ئي رهندو، ندين جي آبياري ته اُتان ئي ٿيندي." منصور پُراُميد هو.

"نه خدا جو قسم نه، اِهوئي ته سڀ ڪان وڏو خطرو ۽ عذاب آهي!" رازي بيچينيءَ منجهان پاسو ورايو.

ٻاهر سج گهنگهور گهٽائن جي ڪنارن کي شفق جا رنگ ڏئي رهيو هو ۽ هوا پنهنجي چادر کي چَنڊڪا ڏيندي سُرخيءَ جي ذرن کي آفتاب جي شعائن جيان چمڪائي رهي هئي، برف تي قدم ڏريندي، رقص جي چڪرن ۾ گهمندي ڪنوڻ جي لهريائون روُ لهرائيندي پنهنجي چيلهه کي لَچڪائيندي ۽ ڪنڌ جهڪائي ڪيس ٻيهر بلند ڪندڙ درباري ناچڻيءَ جيان جنهن جي پيرن ٻنان آواز جي دائرا بدلائي ٿي ڇڏيا.

حسين کي ڏسي آقارازي ڪيس ڏسندو ئي رهجي ويو.

هي دلربا جوان منصور جو پٽ ۽ محمّيءَ جو پوٽو هو. سندس تپش ڏيندڙ وجود ۾ ڇا هو جو دل ڪيس ڏسي بي اختيار محبت سان ٿمتار ٿي وئي ٿي، ائين جيئن نرم جهوٽن جي خوشبوءَ سنگهڻ جي صلاحيت کي معطر ڪري وجهي.

منصور حرقہ الثانيءَ ۾ فوجي ڇانوڻي ٺهڻ ۽ دربار جي لاءِ حسين جي انتخاب جو مختصر واقعو رازيءَ کي ٻڌايو. رازيءَ ڪو به جواب نه ڏنو. نه خوشيءَ جو اظهار، نه مبارڪباد جو هڪ لفظ.

منتظر ۽ مَلُول منصور آخرڪار چيو، ”آقارازي مان مهمانن جي خيريت معلوم ڪريان.“ ۽ هُو اندروني ڪمرن ڏانهن نڪري ويو.

گهڻيءَ دير بعد آقارازيءَ چيو، ”نوجوان، ڇا تون دربار سان وابستگي پسند ڪرين ٿو؟ دربار هڪ الڳ دنيا آهي، هڪ اَگهور اونداهو سمنڊ- جتي وڏيون مڇيون ننڍين مڇين کي ڳهيو وڃن- سياست جي شطرنج ۾ نئين اناڙيءَ لاءِ شڪست جا امڪان فتح جي امڪانن کان گهڻا هوندا آهن. تمام گهڻا- اسلام کان سواءِ اُتي سڀڪجهه آهي!“

”ڇا تقديرون بدلائي نه ٿيون سگهجن.“ حسين ڏاڍي ادب سان چيو.

رازيءَ ڏاڍي غور سان اکيون کولي ڏانهس ڏٺو، ”اُنهيءَ سان زندگيءَ جو زيان ٿئي ٿو ۽ وقت جو به.“

”ڇا حالتون ايڏيون خدشن ڀريون آهن؟“ حسين وري پڇيو.

”ظاهري طور ته سڀ ٺيڪ آهي، هوندو آهي ۽ رهندو، پر اندروني طور ايڏيون گهڻيون سازشون ۽ فتنا موجود آهن. ماڻهن جا پنهنجا مفاد، زر لاءِ ڊوڙ، اڳين خلافتن جون سياسي غلطيون، بخششن ۽ سخاوتن جي گهٽائي يا گهڻتائي، آزاد روي، شراب ۽ شعر سان محبت، راڳ رنگ، شخصي اختيارن جي گهٽائي، ايڏي وڏيءَ ڄار ۾ هي سڀ گرفتار آهن، جو مون کي ان جي خيال کان ئي ڀَوُ ٿيندو آهي.“ رازي وري پريشان ٿي رهيو هو، ”اوهان پاڻ سياست ۾ شريڪ ڇو نٿا ٿيو؟“

”مان مُشڪ ڪٿوريءَ ۽ ريشم جو سوداگر آهيان، مُلڪان مُلڪ گهمندو وتندو آهيان، مختلف ماڻهن سان ملڻ ۽ ساڻن سياسي ويچار ونڊڻ منهنجا وڻندڙ موضوع آهن. پر هن دنيا جي سير جي هير کي آءٌ ڪنهن به عيوضي ۾ ڏيڻ نه ٿو چاهيان، انهيءَ تان هٿ کڻڻ نه ٿو چاهيان. ايڏيون حسين ۽ بي پناهه شيون ڪائنات ۾ آهن جو باوجود انهن نا رسائين جي جيڪي دربار جا آداب آهن، انهن جي تنهنجي منهنجي زندگيءَ ۾ گُنجائش ڪٿي آهي.“

”ظاهر ۾ دربار ۾ ترقيءَ جا موقعا هوندا آهن، انهيءَ ڪري بهتري ۽ نيڪيءَ جا به وڌيڪ امڪان آهن.“ حسين ڪجهه سوچيندي چيو.

”دريا ۾ نفعو ته اَننت ٿيندو آهي پر عافيت ڪناري تي آهي.“ رازيءَ اُٿندي چيو.

”زندگيءَ جو زيان!“ حسين سوچيو ۽ اندر ئي اندر ۾ ڪِليو.

”جڏهن توڏانهن محبت ڀريو سلام پهچي ته
محبت جي سلام جو جواب ته ڏي،
۽ محبت ڀرئي سلام جو جواب ملڻ کپي
جڏهن سندن قافلي. سفر جو سامان ٻڌو،
تڏهن رات پنهنجا پردا ڪيرائي ڇڏيا.

مون تي مانوسيت پري نگاهه ڪيو،
هُوءَ ڪِلي ۽ ڪِنوڻ جي لهر جهڙي سندس
ڏندن جي چمڪ منهنجي المناڪين جي اندر ۾ ليئو پاتو،
ڪيس روشن ڪيو، آئون سندس دل ۾ آهيان،
اِهو ڪافي ناهي جو هو مون کي ڏسي وڻندو آهي.“

هُو اغول کي ڪڏهن وساري نه سگهندو- دربار ۾ رهڻ- سفر ڪندو رهڻ ۽ هر لحظي ناممڪن جهڙي لاحاصل سان ملڻ جا امڪان! سفر ڪرڻ ۽ هَوائن جيان دنيا جي ڪنڊين تي گهمڻ، سوداگر بڻجڻ ۾ نفعو نقصان آهي، حاصل سان محبت آهي، سيڪجهه ڦرائي ڇڏڻ ۽ موت ۾ ڪجهه نه گهرڻ ۾ ڪيڏو مزو آهي! ڪڏهن ڪڏهن هيءَ دل جيڪا سڙي پَچي اُپامي پوندي آهي جيئن ڪجهه به نه ڪي اُلي جو قرب حاصل تي پوي. آخر هي ڇا آهي! هُو ڇو اغول کي نٿو وساري سگهي؟ جڏهن هُو سمهڻ جي لاءِ ليٽيو تي ته سونهري وارن جون ڏارائون جن ۾ چانڊوڪي ڳُتيل هئي سندس مٿان تي لڙيون، ايسيتائين جو انهن اننت بحر جي لهرن جيان ڪيس ڊڪي تي ورتو. مست ۽ پرشور لهرن ڪيس ڪڪ جيان اُڇلايو تي، ڪنيو تي ۽ ڪڏهن هندورن ۾ لوڏون تي ڏنيون ايسيتائين جو ننڊڙي ڪُتڙي جي وارن ۾ سُڏڪا پريندڙ رات مدهوشي ۾ مگن تي وئي تي ۽ پوءِ هو سمهي تي پيو.

هُو آزاد ٿيڻ گهرندو هو.

قافلا هڪ جڳهه کان ٻيءَ جڳهه روان رهندا هئا.

ڦُرجي ويل قافلن جو مالِ غنيمت به ڪٽي وڪامجندو هوندو- حسين سوچيو. ڇو نه هُو سفر ڪري ۽ پنهنجو نصيب آزمائي.

منصور ۽ آقارازي ٻئي واپس موٽيا ته حسين کي قالين وٽ پلٽي ماريل ويٺل ڏٺائون، چست ۽ هوشيار-

”ياءِ، مون انهن لاءِ جيڪي ڏنو، سو ڏنو آهي ۽ جيئن ته اِهي راهبائون آهن مان چاهيان ٿو ته ڪين نصيبن وٽ پهچائي ڇڏيان ۽ پاڻ پنهنجي راهه وٺان. ڇا ڪوئي قافلو هتان کان نصيبن وڃڻ وارو نه هوندو؟“

”اڄڪلهه شاهراهون ويران آهن، قافلا تمام گهٽ اهڙن رستن تي هلندا آهن، جن تي ڪين ٻين قافلن جي ملڻ جو امڪان نه هجي. تي سگهي ٿو هڪ ٻن ڏينهن ۾ ڪو وڏو قافلو اچي ئي وڃي.“ منصور ويهندي جواب ڏنو.

ڪَڪَر دونهين جي پيچدار دائرن جي شڪل ۾ مٿي اڃا مٿي وڃي رهيا هئا. راتوڪي برفباريءَ بعد سج نڪتو ۽ پوءِ بوندن جو وسڪارو پوڻ لڳو. آسمان اڪين کان اوجهل تي ويو ۽ اوندهه سان گڏ غضبناڪ انڌوڪار وسنديءَ جي باغن تي جُهڪيل هو. گهرن ۾ رات تي

وئي، پکي بيچين تي پنهنجين اُتاهين اُڏامن کان واپس موٽڻ جي ڪائي صورت نه ڏسي، ڪيڪون ڪندا جهُڳُنن ۾ لڪڻ لڳا ۽ زور زور سان ريهون ڪرڻ لڳا. چٽڪ ڪائي آفت اچڻ واري هجي. هڪدم ڦُڙا ۽ ڳِرا چوپاسي کان حملو ڪندڙ لشڪرن جيان وسڻ لڳا.

آقا رازيءَ چيو، ”اسان جي بدبختي! هاڻ رستا نديون بڻجي ويندا ۽ وڃڻ ڏاڍو ڏکيو تي پوندو.“

”اوهان هتي امن امان ۾ آهيو. هيءُ اوهان جو پنهنجو گهر آهي.“ منصور محبت مان وراڻيو.

”نه ڀاءُ! آئون ته پنهنجي منزل جو سوچي رهيو آهيان. سيءُ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي. جيڪڏهن برفباري ۽ طوفان ائين ئي رهيو ته رستا بند ٿي ويندا.“ رازي بي صبريءَ سان مينهن ڏانهن ڏسندي ۽ دُعا لئه هٿ کڻندي، چيو. حسين نهايت دلچسپيءَ ۽ ڪلندڙ اکين سان اُن سوداگر ڏانهن ڏٺو جيڪو جهانديدگيءَ تي فخر ڪندو هو پر خطرن کان گهٻرائيندو هو! يقينن هُن برف جو طوفان ۽ مِينهن پهريون ڀيرو ته نه ڏٺا هوندا. جڏهن هڪ ماڻهو پاڻ لئه هڪ راهه چونڊي ٿو ڇڏي ته پوءِ اُن جي اٽانگائين کان گهٻرائڻ ڪهڙو؟ ماڻهوءَ جي سوچُن ۽ سَهپ جو ڪيس پاڻ ڪوئي تجربو نه هو...! هُو ڪو ننڍڙي وَهيءَ وارو به نه هو پر هُن پُرامن وقت گذاريو هو. عبادت گهر ۽ درس، حرف الثاني ۽ تڪائي وڃڻ واريون مشقتون. هيسيتائين هن هڪ تحفظ ۾ رهي ننڍپڻ کان جوانيءَ جو سفر ڪيو هو ۽ ڪيس پاڻ پنهنجي آزمائش جو وقت ئي نه مليو هو. پنهنجي آزمائش بهرحال ضروري هئي، پنهنجو پاڻ سان صلح ڪندي ته هڪ وقت گذريو هو، هاڻ جنگ به ٿيڻ گهرجي.

اغول جي ياد ۽ عشق به پنهنجو پاڻ سان محبت جو دليل هو. هڪ مُک جي ياد جيڪو ڏسڻ سان سئو لڳو ۽ ذهن تي نقش ٿي ويو. ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن اغول ان چانڊوڪيءَ رات ۾ حوض ڪناري ڪيس نه ملي ها، ڪيس اهو نه چئي ها ته ”ٻين کي ڏسندو ڪر.“ جيڪڏهن ڪيس اهو نه چئي ها ته ”مون کي وساري نه سگهين.“ جيڪڏهن هو بي وس نه هجي ها ۽ پنهنجي ڀاڳ جي ڳالهه نه ڪري ها ته هيءَ چاهت جيڪا سندس وجود کي روڳ جيان لڳي وئي هئي نه لڳي ها. سفر دوران هُن اغول کي ڏنو ئي ڪٿي هو؟

ڪيس پنهنجي پاڻ سان شديد محبت هئي ۽ هاڻ به ڪيس پنهنجي پاڻ سان محبت هئي. پنهنجي دل ۽ پنهنجي جان ئي عزيز هئي- اغول جي آخري ڳالهه ٻڌي هن هٿيار ڦِٽا ڪري ڇڏيا هئا- ”عشق جو اسير!“ سندس دل چيو ته پنهنجي پاڻ تي ٺٺول ڪري- اغول ڪيس ڪڏهن چيو هو ته هو ڪيس چاهي- سندس ياد ۾ سرگردان رهي- اغول ته ڪجهه چاهيو ئي نه هو- هيءَ هڪ طرفي- بيڪار اُٽڻ ۽ المناڪي-

اصل ۾ ڪيس صنم ڪدي جي هير ٻنجي وئي هئي. غم جي موڳائيءَ جو مَد ڪيس پياريو ويو هو ۽ هڪ ئي ڍُڪ ڪيس مدهوش ڪري ويو هو. ’ته منهنجو ظرف ايترو ڪمتر

آهي؟ پيمانو؟ نہ اُنهون نہ وسيع - بس ائين ئي جيئن ڪيولِيءَ لاءِ هڪ پيالو دريا هوندو آهي.'
پاڻيءَ تي بُرُبرُن جا قافلا روان هئا ڇڄڪ خالي پيالا اونڌا رکيل هجن-
تہ هاڻ سندس دل بہ اغول جي ياد کان سواءِ ائين ئي هوندي. خالي! خالي!! خالي!!!
ڇا هُو هِن ويران دل کي برداشت ڪري سگهندو- ڪيس لڳو ڄڻ هُو ڪنهن ڪنڌر جي ڪناري تي بيٺل هڪ شاعر آهي ۽ محبوب جي وسنديءَ وٽ بيٺو روئي رهيو آهي.
خليفي معتضد جي دربار، جتي ابن الروميءَ جي شاعريءَ ۾ فڪري گهرائي ۽ تخيل جي برتري گڏ هئي ۽ جنهن کي بي گُٺي ۽ خونخوار وزير ابوالحسين قاسم بن عبدالله زهر ڏئي مارائي ڇڏيو هو. هيءَ اهڙين سازشن جي سرزمين هئي. ڇا هُو خوش رهي سگهيو ٿي؟ سياست سندس مزاج ۾ نہ هئي ۽ هاڻ هو دربار جا آداب، اخلاق سکڻ لاءِ گهٽي ئي عمر گذاري چڪو هو. دربار جي زندگي ڄڻ ماڻهو دريا جي ڪناري ويٺل هجي ۽ ٻيڙين تي سوار ماڻهن کي ڏسي رهيو هجي جيڪي طمع ۽ لالچ ڪري زر جي حاصلات لاءِ هَرَ ڪاڻ لاءِ بي صبريءَ سان عهدن، دولت ۽ خليفي جي نظر ڪرم جا منتظر هجن.
خلافت پاڻ طوفان جي راهہ تي هئي. لاقانونيت ۽ انتشار- انهيءَ باوجود جو معتضد ان کي استحڪام بخشيو هو پر عوام انقلاب گهريو ٿي. آل عباس جي بدخواهيءَ ۾ نہ ۽ نہ ئي اهل بيت جي محبت ۾، بس اِئين ئي- هي سڀ نَون فرقن جا تماشا جيڪي ٿي رهيا هئا انهن ۾ سڀن کان وڏو فتنو قرمطي هئا جن جي اتحادي طاقت ۽ ارادا بلند هئا- هو مسلمانن لاءِ مصيبت جو باعث هئا ۽ بدڪاريءَ جي ڦهلاءَ جو سبب هئا.
هُن سوچيو: ماڻهو هڪ پيروئي پيدا ٿيندو آهي، هڪ ئي پيرو هُو پنهنجين پورين قوتن ۽ جذبن سان عشق ڪندو آهي ۽ گذري ويندو آهي- هُو عشق، اُن جي تمنائن، اُن جي هر سُک ۽ جلوه گريءَ کان بالاتر بہ ٿي سگهندو آهي گذري سگهندو آهي-
"اغول!" ڪنهن سندس دل ۾ سڏيو.
"اغول!" اوه خدا! هو پنهنجو ڇا ڪري؟ هن ديوانگيءَ سان ڀرپور جذبي جو ڇا ڪري؟
ان هڪ لمحي جو ڇا ڪري جنهن کيس گرفتار بَلاً ڪيو هو؟! هُو دل ئي دل ۾ وري ڪِليو.
آئون پنهنجي مقابلي ۾ کهڙو نہ ڪمزور ۽ ڪيڏو بي وس آهيان- ها، هُو پاڻ ئي تہ هو- ٻيو ڪير ڪٿي هو؟ ٻيو ڪو ڪڏهن ئي هوندو ناهي. ها، پنهنجو دشمن تہ حسين پاڻ ئي هو، حسين بن منصور- جنهن کي وقت جي خليفي پسند ڪيو هو. جيڪو پنهنجو دوست ناهي ٿي سگهندو سو ڀلا ڪنهن ٻئي جو دوست ڪيئن ٿي سگهندو.
ٻيڙي قصو گهڙيندڙ پنهنجو باجو ڇاتيءَ سان لڳايو، اکيون پوريون ۽ ڳايو:

"جيڪو جاڳندو آهي تنهن کي ننڊ اچي ويندي آهي!
"جيڪو ٿهندو آهي تنهن کي ڀڄڻو هوندو آهي!

"وَسندين جي مقدر ۾ ڪنڌر ٻڌجڻ...
"۽ ماڻهن جي مقدر ۾ موت آهي!
"۽ اها الم جي ڳالهه ناهي، هميشه ڪير رهيو آهي؟!
"صرف قصا باقي رهجي ويندا آهن ۽ قصا ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ وارن لئہ عبرت جون ڪهاڻيون..."
"جيڪو جاڳندو آهي تنهن کي ننڊ ايندي آهي!
"ڪير سدا حيات آهي سواءِ ان جي جنهن کي نہ ننڊ آهي نہ ڪَهَر."

هُو ان گيت کي وَر وَر ڪري ورجائيندو رهيو، پاڻ ئي ان جي لَئي ۾ گُم- جڏهن تہ هي قصي جو آغاز هو. مجُوسي راڳي محمّيءَ جو دوست هو، سندس گذاري وڃڻ بعد ڪڏهن ڪڏهن منصور وٽ اچي نڪرندو ۽ ڏينهن جا ڏينهن سراءِ ۾ رهندو، برزِ سواه پاريندو ۽ پنهنجي عاقبت ڪاڻ دست بدعا رهندو هو. پنبڻ سندس اکين تي ڍَرڪيل هئا ۽ گهاٽا اَڇا پرُون پنبڻين کي ڍڪيندا هئا. شڪل جُهرين باوجود شاداب هيس جڻ اندر مان ڪائي روشني ڪيس چمڪ عطا ڪندي هئي. هٿن ۾ ڪنبڻي نہ هيس ۽ آواز حيرت انگيز طور تي بلند ۽ پُرجوش! ڪيس ڳالهہ ڪرڻ جو سليقو هو جيڪو سندس سڄي وجود مان رَسندو هو.
حسين گيت جي ختم ٿيڻ تي باجو سندس هٿ مان وٺي ويجهو پيپل وڏي تختي تي رکي ڇڏيو، جو تہ آقارازي ۽ مهمان قالين تي ويٺا هئا. وَسنديءَ جا ڪيترائي ماڻهو قصو ٻڌڻ لاءِ ميڙُ ڪيو ويٺا هئا. گجندڙ ڪڪرن جي چمڪاٽن سبب وِڄ جو رات جي اونداهہ کي ور ور چيرڻ، جڻ بجلي ڪٽي نہ ڪٽي ڌرتيءَ تي ڪِري رهي هجي، دل رکي رکي ڪنبندي رهي.
"سيمرغ جي پاليل سام جي اَڇن وارن ۽ ڳاڙهاڻ مائل رنگ رکندڙ پُٽ 'زال' لاءِ هي سمورو هنگامو 'رُودابہ' جي ڊگهن گيسوئن ڪرڙو ڪيو هو- هي قصو اوهان سڀن جي ڌيان جو طالب آهي."
ڪُنڊن ۾ ڏيئا روشن هئا ۽ ورانڊو ڪڏهن محل بڻيو تي جنهن ۾ رُودابہ هئي، ڪاريءَ رات ۾ زلفن جي ريشمي ڏاڪڻ سندس ڊگهن ڪارن وارن جي ڏارا وانگيان سندس ڪلهي تان وهڻ تي لڳي، جنهن وسيلي ئي اُهو هيٺو مڙس ماڻهو پنهنجي مقدر جي لڪئي تائين پهتو. قصو گهڙيندڙ ٻُڍو ڪڏهن رُنو تي ڪڏهن کِليو تي، ڪڏهن رڙيو تي ۽ ڪڏهن سرِہاٽن ۾ ڳالهيون ڪرڻ تي لڳو، ڪڏهن وار تي پٽيائين ۽ ڪڏهن سيتجي ويهي تي رهيو ۽ ڪنڌ ڪاٻي ساڄي گهمائي فخر ۽ شيخيءَ منجهان پنهنجي چوڌاري نظر تي ڪيائين ۽ وري جهڪي تي ويو ۽ ڇاتي ڪُٽڻ تي لڳو.
ٻڌڻ وارا اُن قصي گهڙيندڙ جي سحر ۾ گرفتار هئا. حسين پنهنجو ڪنڌ تي ڌوڻيو تہ ڪڏهن اکيون تي مليائين، ڪجهہ پيو سوچڻ جي ڪوشش تي ڪيائين پر اُن رڙندڙ آواز کيس واپس تي سڏيو ۽ کيس ميڙ ۾ شامل ڪري تي ڇڏيو. هُو بيچين تي ٿيو جڻ پڇڻ لاءِ

تيار هجي- قصو گهڙيندڙ ڪجھ لمحا ماٺ ڪئي ۽ ڏانهس ڏاڍين گهرين نظرن سان ڏٺو:

"محمَّيءَ جا پوٽا حسين، ڊگهن زلفن وارين حسينائن کان بچي رهجانءِ."

آقا رازيءَ جو ٺهڪ سيني کان وڏي آواز هو. ماڻهو کلڻ لڳا. حسين ڇينپجي مِنڊ هٽي ويهي رهيو. هن پلٽي ماري ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو، ڄڻ ڏيان سان ٻڌندو هجي.

قصي گهڙيندڙ وري چيو، "اهي هوش ڦري وٺڻ واريون حسينائون تنهنجين راهن تان ٻه گذرنديون." هو ٻه آقارازيءَ جيان کلڻ لڳو. ايسيتائين جو سندس اڇو مٿو کِل جي شدت سبب ڦيراٽيون کائيندڙ ڪينوهڙي جيان گهمندڙ لڳو.

منصور چيو، "مانائتا چاچا، هن لاءِ ڪا چڱي دعا ڪيو، ڇا عورتون اسان لاءِ عزت لائق ناهن هونديون!"

قصو گهڙيندڙ کِل روڪي ڇڏي، "ڇا عورت جي چاهت هن جي بي عزتي آهي، ڪا واهيات ڳالھ آهي، ڪائي ڪمتر شيءِ آهي، محمَّيءَ جا پٽ؟ جنهن اُجري تن جي لاءِ دل جاڳندي آهي، جنهن جي محبت سيني ۾ آڳ پرينديي آهي، جنهن جي تمنا ۾ تون پنهنجو پاڻ قربان ڪندو ۽ وساري ويهندو آهين، اها توکي بيدار رکندي آهي، تون ان لاءِ ڳوڙها ڳاڙين ٿو- دنيا جي سموري رنگيني، سموري سُگنڌ انهيءَ هڪ جذبي جي دم سان ته آهي- محبت کي ڪڏهن ٻه ڪمتر نه سمجھ پاٽتيا!"

منصور ڪو جواب نه ڏنو. ماڻهو ان دلچسپ ڳالھ ٻولھ کي ڏاڍي غور سان ٻڌي رهيا هئا- هڪدم ٻاهر گوڙ ٿيو- فرش لڏي ويو ڄڻ زلزلو اچي ويو هجي- ڪِنوڻ جي گوڙ دليون دهلائي ڇڏيون. ڪتن جي اوناڙ ۽ اُٺن، خچرن ۽ گڏهن جي رَڙڻ جي آوازن سان وراندو پرجي ويو- ڪِنوڻ، اڱڻ جي سپ ڪان جُهوني ۽ گهاٽي ڇانوَ ڏيندڙ وڻ کي ساڙيندي، فرش کي عرش کان خبردار ڪندي، ڪنهن ٻئي طرف نڪري وئي هئي. اُن آفت کان پوءِ قيامت برپا هئي، محفل منتشر ٿي وئي.

آقا رازيءَ جي وڃڻ کان پوءِ حسين قصو گهڙيندڙ سياوش سان گڏ اُن ڪمري ۾ هو جتي ٻاھ جون ڇٽنگون بس جَهڪي جَهڪي ڏيکائي ڏئي رهيون هيون ۽ برزسواه وٽ هنن ٻن ڄڻن کان سواءِ ڪو بيو نه هو.

سياوش چيو: "مون اُن ڏينهن جيڪا ڳالھ ڪئي هئي، تون اُن تي ناراض ته ناهين ٿيو حسين؟"

"نه." هن مختصر جواب ڏنو.

"تون ڄاڻين ٿو جڏهن گل ٽڙندو آهي ته ڪيس اُس جي چُمين جي تپش ايندي آهي."

ٻيڙي سرپاهٽ ۾ چيو.

"جي." حسين ڪنڌ نِوائي جواب ڏنو.

"ماڻهوءَ جي دل جي ڪنول لاءِ محبت به اهڙي ماڪيءَ پري ڦُمي آهي."

"جيڪڏهن ميسر ٿي وڃي ته...!" حسين نهايت آهستگيءَ سان چيو: "ماڻهو ڪوشش سان ڪڏهن به ڪنهن تي فدا ناهي ٿيو. ماڻهو محض پنهنجي ڪوشش ۽ طلب سان خدا سان به محبت نٿو ڪري سگهي. ها، جيڪڏهن خدا مٿس پنهنجي رحمت ڪري. پنهنجو هيءُ نهايت وڏو راز مٿس آشڪار ڪري. ڪيس پاڻ ڏانهن سڏي- سندس جيءَ ۾ پنهنجي چاهت جاڳائي:

"عشق اول در دلِ معشوق پيدامي شود."

(عشق پهريائين معشوق جي دل منجهان ئي اُسري ٿو.)

سياوش بنا ڪنهن جواب جي ڏانهس ڏسندو رهيو.

"تون خلافت جي دربار ۾ وڃي رهيو آهين. منهنجو مطلب آهي ته انهيءَ اعزاز ۽ سربلنديءَ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي تيار ڪري رهيو آهين؟" هن آخرڪار پڇيو.

حسين ماٺ رهيو ته هن وري چيو، "دربار مفاهمت، پراسرار قوتن، ڳجهين تحريڪن ۽ سازشن جي جڳهه آهي، ۽ اُتي ياڳ آزمائيندڙن جو انبوهه رهندو آهي."

"اوهان جو ڇا خيال آهي مون کي انڪار ڪري ڇڏڻ گهرجي، دربار جي حاضري بنهه غير ضروري آهي؟" حسين سادگيءَ مان چيو.

"نه، نه پوٽا! قطعي نه. تنهنجي طبيعت جي تلوار کي سِراڻ جي ساڃاهه ٿيڻ ئي گهرجي. ڪيس جِلا ماڻڻ ئي گهرجي."

"ڇو؟" حسين بي صبريءَ مان پڇيو.

"انهيءَ ڪري جو مقدر جي لکتي کي پورو ڪري سگهين." سياوش ذري گهٽ پُڻ پُڻ ڪندي چيو.

"مقدر جو لکيو ڇا آهي ڏاڏا؟" هن جُهڪي ويجهو ٿيندي چيو، "آخر اوهين مون کي ڇا ٿا چوڻ گهرو؟"

"وقت سيني رازن کي ڄاڻڻ وارو ۽ کين کولڻ وارو آهي. تون، آئون ۽ اسين سڀ، هي سڄي ڪائنات ان جي ئي تابع آهيون ۽ پوءِ به ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن صدين ۾ هڪ پيرو وقت کان اڳيان نڪري ويندو آهي، وقت پوئتي رهجي ويندو آهي. وقت ۽ ماڻهو اڪ ٻوٽ ڪيڏندا آهن."

"ڪيئن؟" حسين حظ وٺندي چيو.

"ڪٿي، دنيا جي ڪنهن خطي ۾، ڪنهن ڪُنڊ ۾ پهاڙن جي بلندين کان پري وادين جي گهيري ۾ هڪ ماڻهو پيدا ٿيندو آهي جيڪو اُن وقت جي وهندڙ ڌارا آڏو اُٿي بيهي

رهندو آهي.“ سياوش حسين کان وڌيڪ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو. ”ڏارا کي روڪي ڇڏيندو آهي. وقت بيهي رهندو آهي.“

”عجيب ڳالهه آهي!“ حسين حيران ٿيندي پڇيو، ”پوءِ ڇا ٿيندو آهي؟ ڇا سڀ شيون بيهي رهنديون آهن؟ رُڪجي وينديون آهن؟ سج ۽ چنڊ تارا انهن جو ڇا ٿيندو آهي؟ ڇا ماڻهو خدا کان به وڌو ٿي ويندو آهي؟“

”ماڻهو خدا کان وڌو ڪٿي هوندو آهي؟ نه پوتا، بس هو ائين ٿي ويندو آهي.“ سياوش کي ڇٽڪ هوش اچي ويو هجي. ”تون کو خيال نه ڪجان ٻچا! آئون اڪثر ائين ئي ڳالهائي ڇڏيندو آهيان. اهڙيون ڳجهه ڀريون پراسرار ڳالهيون جيڪي وقت اچڻ تي ظاهر ٿيڻ واريون هونديون آهن. اُنهن جي مون کي پيلا ڪهڙي خبر ٿي سگهي ٿي؟ بس ٻُڏڙي ذهن جي لافزني، وِقل-“ هُو زور زور سان کلڻ لڳو.

”ڏاڏا، اوهين مون کي ائين ٽاري نٿا سگهو. مون کي ٻڌايو ته آخر ڪير آهي جيڪو وقت جي واڳ جهلي ٿو سگهي-“

”ڪوئي به، ڪوئي به.“ سياوش هٿ جي اشاري سان چيو، ”هيڏي وسيع ڪائنات آهي، ڪٿي به، ڪير به.“

حسين وسامجندڙ باهه ۾ سنهڙين ڪاٺين جو هڪ ٻيو ڀارڻ وجهندي چيو: ”اوهان کي ته معلوم هوندو نه- اوهين ته ڪيس سڃاڻي وٺندا- ڏاڏا! جڏهن ائين ٿئي ته مون کي خبردار ڪري ڇڏجو.“ سياوش ڏِرڪيل پنبڻين هيٺان نيرين ڏنڊين جهڙين شفاف اکين سان حسين ڏانهن ڏٺو ۽ ڏسندوئي رهيو. بنا اکيون ڇنڀڻ جي- نظرون هٽائڻ سواءِ- خبر ناهي هو ڇا ڏسي رهيو هو- ڪٿي ڏسي رهيو هو؟ گهبرائجي حسين ڪِلي ڏنو.

سياوش سوچيو سندس ڪِل ۾ ڪيڏي نه دلڪشي هئي! دلربائيءَ جي هيءُ صفت جنهن تي هِن ڪان اڳ هُن غور نه ڪيو هو-

اِها ڪِل حسين کي محمّيءَ کان ورثي ۾ ملي هئي- منصور کي هن ڪڏهن مُرڪندي نه ڏٺو. عجيب طرح جي نِوڙت ۽ نيازمنديءَ ۾ وِگهرجندڙ اُهو وجود، سنجيده، خدا پرست، غمناڪين جي صليبن جا بوجهه پُٺيءَ ڪنيل، نئين مذهب جي روح کي پڪڙڻ جي ڪوشش ۾ ٿڪل ماندو باهه پرست، جيڪو گذريل وقتن جي تلافيءَ خاطر پنهنجو پاڻ کي اذيتون ڏيندو هو- نيڪي، خوشيءَ ۽ حُسن کي سمجهه جي پردن ۾ لِڪل سمجهندو هو ۽ اِنهيءَ ڪري ان کان پري رهندو هو. پنهنجين عبادتن جي طاقت سان انهن مسئلن کي سُلجهائڻ گهرندو هو جن کي صرف فضل رَبانيءَ سان حاصل ڪري سگهجي ٿو. خبر ناهي ڪيس ڇو اها خبر نه هئي ته نيڪي پنهنجي لاءِ ڪئي وڃي ۽ خودغرضي ٻين لاءِ ۽ خلقت جي خدمت خدا جي خوشنوديءَ لاءِ ڪئي وڃي ته ڪڏهن ڪڏهن رياڪاري ڇَوَرائيندي آهي، ۽ خوشي به هڪ

ماورائي ڪيفيت آهي، بدلبي رهندي آهي، ۽ دنيا هڪ حالت تي قائم ناهي رهندي ۽ حُسن ته هر شيءِ ۾ آهي، صرف ڏسڻ واري اک گهرجي جيڪا اُن جي بي پناهيءَ کي محفوظ ڪري سگهي ۽ اک به سڀ ڪجهه ڪٿي محفوظ ڪري سگهي ٿي؟

'اهرمزد حسين جي حفاظت ڪري.' سياوش هن لاءِ پنهنجي اندر ۾ اننت محبت محسوس ڪئي ۽ حسين باهه ڏانهن ڏسندو رهيو جيڪا خوشبوءِ جي وٽن ۽ آڑ ۾، لالائيءَ ۾، پنيٽن ۾، تيزيءَ ۾ بي مثال هئي جيڪا طاقت سهيڙڻ، رک ڪرڻ ۽ مِٽائڻ ۾ اَڻ مِٽ هئي. هي شعلا ٻرندڙ ڪاٺين جا شوق بي پرواهه هئا خوشبو وانگيان، ان جي اندر پوشيده- ۽ انهن چرڪندڙ شعلن کي تڪڻ سنو لڳندو هو- پڙڪندڙ مَچ جنهن جو نشان سندس پيشانيءَ تي هو. هُن نشان تي آگريون ڦيريون، دِلرُبائيءَ سان، آڳ جو نشان جيڪو آڳ ڪيس عطا ڪيو هو! ڪيس آڳ اوڳاريندڙ پهاڙن جو تصور دلفريب لڳندو هو- ڪيس آڳ سان عشق هو ۽ انهيءَ ڪري پنهنجي اندر اُبرندڙ هر جذبي کي ڀسم ڪرڻ، شوق جي آتش کي به اُجهائڻ نه گهرندو هو. ڇا ڪائي آڳ اُجهامي سگهي ٿي؟

"تون بغداد ڪڏهن روانو ٿي رهيو آهين حسين؟" سياوش پڇيو، "اُتي بي هنر ماڻهن لاءِ ڪائي جاءِ ناهي. جيتوڻيڪ هاڻ زمانو مٽجي ويو آهي. علم ۽ فن جو اهو چرچو ناهي رهيو. پوءِ به درٻار ۾ اُنهيءَ جي رسائي آسان آهي جيڪو پنهنجي اندر ۾ قدردانيءَ جي لاءِ خوبيون پيدا ڪري. ذاتي وجاهت ۽ امير المؤمنين جون دعائون ئي ڪافي ناهن هونديون. تو پنهنجو پاڻ کي ڪهڙن هٿيارن سان مسلح ڪيو آهي؟"

"مان پنهنجي تربيت ڪري رهيو آهيان، اهڙا علم جيڪي امير المؤمنين جي نگاهن ۾ قابلِ احترام هجن."

ڳالهه ڪٽيندي سياوش چيو.

"پوٽا، علم پنهنجي عزت پاڻ آهي. رڳو ان کي پنهنجين رڳن تي آزمائڻ ۽ ان تي غالب پوڻ ۽ حساب ڪتاب سان متس نگاهه ماڻهوءَ کي عزت بخشيندي آهي. هر مڪتبہ خيال جا ماڻهو درٻار ۾ موجود آهن انهيءَ ڪري مذهبن جو تقابلي مطالعو جيڪو بحث مباحثن ۾ تنهنجي ڪم اچي سگهي توکي ان ۾ مهارت هئڻ گهرجي."

"اِهو سڀ پنهنجي جاءِ تي پر آئون ته هڪ سپاهيءَ جي حيثيت سان وڃي رهيو آهيان خليفي جي علمي صُحبتن ۾ آئون صرف سندن پويان بيهڻ وارو ٿي سگهان ٿو. ها، مون کي ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي قوت کي سينگارڻ گهرجي. جيئن گهوڙي جا سينگاريل وار."

"تون ترڪ سپاهيءَ جو مقابلو ڪيئن ڪري سگهندين- پنهنجين سمورين دعائن باوجود تنهنجو مستقبل درٻار ۾ خدشن سان ڀرپور ڏيکائي ڏئي ٿو- تو درٻار جي هڪ جهلڪ به ته ڪڏهن ناهي ڏٺي، ڪهڙي خبر سياست جي شطرنج تي مُهرا ڪير رکندو آهي؟

ڪير ڪٽندو آهي؟ ڪير مرندو آهي؟ ڪير مارايو ويندو آهي؟؟ هيءُ سڀ هڪ وڏي راز جيان آهي جنهن کي ڪير نه ٿو سمجهي سگهي. جاه جي ٻوڙ ۾ خليفي چوڏار دولت ميڙڻ وارن جو گهيرو سخت ۽ سوڙهو آهي. تون نه ٿو چاهين پوٽا تون کهڙي سمنڊ ۾ پنهنجي پيڙي هلائڻ وڃي رهيو آهين جتي هر طرف آفتن جا اڏا آهن. انهيءَ باوجود آئون چاهيان ٿو ته تون اُتي وڃين. اِهو به دل سان چاهيان ٿو ته تون نه وڃ. تنهنجي جواني بي داغ رهي-"

سياوش يڪدم چُپ ٿي ويو.

"مون لاءِ دعاڳو ٿيو- هينئر جو آئون اُتي جي سڏ ۾ پنهنجي دل لڳائي چڪو آهيان. منهنجو خيال آهي، وڌيڪ ٻڌڻ بيڪار آهي." حُسين مُرڪندي سياوش ڏانهن ڏٺو.

"ڏس. ڏس پوٽا! تون مون کي غلط پيو سمجهين- آئون هرگز تو کي ٻيچاريان نه پيو پر تنهنجن ڪارن وارن جي مقابلي ۾ منهنجو اڇو مٿو انهن سڀني تفصيلن جو تقاضائي هو. مون جيڪي ڏٺو آهي سو تو ناهي ڏٺو. تون خواب ڏسي رهيو آهين ۽ آئون خواب ڏسي چڪو آهيان. پر ڪو به ٻئي جي تجربي مان فائدو ناهي ڪٽندو." سياوش ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

"ڏاڏا، ناراض نه ٿيو!" حسين عاجزيءَ منجهان چيو. سياوش باجي ڏانهن هٿ وڌايو. حسين باجو ڪٽي ڪيس پنهنجي جُبي جي پلئه سان صاف ڪيو ۽ جهڪي سياوش کي پيش ڪيو.

"معبدِ ناهيد وٽ ڪنڊرن ۾ سج جي روشنيءَ سان ڏوتل مرمر جا سفيد بت آهن.

"آئون ستارن جو پرستار، معبد جو متولي ۽ بهار ۾ رنگين چراگاهن جو نگهبان آهيان. ·

"صحرا جي هَرڻن جو رکوال تارن جو علم ڇاڻندڙ ۽ معبد آهيان.

"منهنجا ٽيئي محبوب هڪ جان آهن."

"مون کان خفا نه ٿي اي دوست، جيڪڏهن آئون ٻتن چوڏار گهمڻ وارن هَرڻن جا گيت ڳايان ٿو!

"جو ته هرڻ جي ڳچي سج جي صورت ۽ جسمن جون سفيد ڇاتيون تشبيهون آهن.

"۽ مرڪندڙ لُبن جي ڪِل روشني آهي.

"آئون معبدِ ناهيد وٽ روشنيءَ سان ڌوتل اُجرن مرمر جي جسمن جو پوڄاري آهيان!"

"حسين تون اِتي آهين." ڏاڪڻين جي پي ڇيڙي تان منصور جو سڏ ٻڌڻ ۾ آيو.

"جي بابا سائين!" حسين اُٿندي چيو، "اوهان کي منهنجي ضرورت آهي؟"

"گهوڙن جو سوداگر آيو آهي، منهنجو خيال هو تون پنهنجي لاءِ پسند ڪرين ته سواريءَ لائق جانور خريد ڪر."

"وڃ، وڃ." سياوش هٿ جي اشاري سان چيو، "پر عربي نسل جو گهوڙو مناسب

رهندو.“ پوءِ هو گوڏن تي زور ڏئي اُٿيو ۽ حسين جي ڪلهي تي هٿ رکي ڏاڪڻيون لٿو - سراءِ جو اڱڻ گهوڙن جي هڻڪارن، سندن چمڪدار جوان، ٻي چين ٽڙڪندڙ جسمن سان پريل هو.

بهار جي شروعات جا ڏينهن هئا، جڏهن قافلو راونو ٿيو: زمين گاهه، گُلن ۽ ساواڻ سبب بهشت بڻيل هئي. دشت سُوس جي نخلستانن جي هوا سڳنڌ واسيل هئي جنهن ۾ خشڪ واريءَ جي خوشبو هئي ۽ ڪاري ۽ هيڊي مِٽيءَ جو هلڪڙو غبار ڪنهن ڪنهن مهل اُڏامي واچوڙن ۾ شامل ٿيو ٿي، جيڪي دشت جي رنگن سان پنهنجو رقص ڏيکاري رهيا هئا. ڦوڪيل جُبا پائي، گهيرن ۾ گهمندي، چڻ رقص ڪندڙ درويشن جو هڪ گروه هجي.

سفر جي سانباهي مهل گهوڙا بي چين هئا ۽ تاڻيل لغامن جي باوجود گولائين ۾ گهمي رهيا هئا اِهو چاهيندي ته ڪين آزادي هجي ۽ هُو رت گرم ڪرڻ واريءَ ڊوڙ ۾ شريڪ ٿين، سندن جسم پگهر ۾ پُسيل هجن ته جيئن هُو پنهنجي لاءِ آسائش حاصل ڪن. اُٺن تي پاڪڙا ٻڌجي رهيا هئا، ۽ اُهي مست هَلڻيءَ لاءِ تيار هئا- ڍگهين ڳچين ڪي جنون جي انداز ۾ اڳيان پويان ڦيريندي، پنهنجي ڳچين ۾ ٻڌل گهنڊڙين جا آواز ٻڌندي. خچر ۽ گڏهه لڏجڻ سبب چُپ چاپ بيٺا هئا ۽ ڪنڌ لوڏي پنهنجين ويڪرين ناسن منجهان ساهه ڇڏي ۽ ڪٽي رهيا هئا. قافلي جي بازار پنهنجي پڇاڙيءَ تي پهچائجي رهي هئي ۽ وَسنديءَ جا ماڻهو تڙ تڪڙ ۾ کير، مکڻ، گيهه، ڪُڪڙيون ۽ روزاني ضرورت جون شيون رخت سفر طور کين وڪڻي رهيا هئا.

منصور جو ڪنڌ جهڪيل هو. غلام، حسين جي ڪاري عربي گهوڙي جي واڳ جهليو بيٺو هو. گهوڙي جي پُٺ نندي، ويڪريون ناسون ڳچي ڊگهي ۽ پوين ٽنگن جا پنا ويڪرا ۽ ڊگها هئا ۽ فاصلو طئه ڪرڻ لاءِ انهيءَ کان وڌيڪ مناسب جانور ڪونه هو. حسين جي چيلهه جي ساڄي پاسي تي تيغ ۽ کاٻي هٿ ۾ نيزو هو. ساڄي هٿ ۾ ڍال ۽ ڪَمان چيلهه سان ٻڌل هئي. هُو هڪ جنگجو سپاهيءَ جي شان سان پنهنجين حرقه الثانيءَ ۾ سکيل مشقن کي عملي جامو پهرائڻ چاهيندو هو. زرد لباس ۾ هُو ٻين کان نمايان هو. هن پنهنجو پاڻ آزمائڻ چاهيو ٿي.

ڪُوچ جو طبل وڄي ويو. منصور پُٽ کي ڇاتيءَ سان لاتو ته سندس اکين ۾ ڳوڙها ته نه بلڪ سندن چمڪ هئي. سياوش سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيو:

”پوٽا، اهرمزد تنهنجي حفاظت ڪري، فرامش تنهنجو ساٿ ڏي. بيضا لاءِ تون عزت جو باعث بڻجين، منصور جي لاءِ فخر جو ۽ منهنجي لاءِ خوشيءَ جو سبب بڻجين!“

حسين خوشيءَ مان چيو، ”ڏاڏا، اوهين جيئن چوندؤ اُئين ئي ٿيندو.!“

پوءِ قافلو آوازن جي گوڙ کي سهيڙيندو، ڏٺين کان هٽي، پهاڙن جي سوڙهن لَڪن

ڏانهن ڪُوچ ڪري ويو، جتان ڪان هُو ذري گهٽ غير آباد ۽ تمام گهٽ استعمال ۾ ايندڙ نِنڍڙين نِنڍڙين شاهراهن ڪي ڇُهندي، وسندين ۽ واهڻن ۾ ننڍڙا ننڍڙا داٻا ڪندا، ڪاڏي جو سامان ۽ ضرورت جون شيون خريد ڪندا، دجلہ جي ڪناري نڪرندا. هيءُ رستو گهٽ آباد پر ڏگهو نہ هو ۽ جيڪڏهن مند موهيندڙ ٿئي تہ ڏينهن جي وقت بہ سفر ڪري سگهبو هو- راهہ ۾ پاڻيءَ جي اٿاٽ نہ ٿئي تہ هڪ مهيني ڪان بہ گهٽ عرصي ۾ قافلو بغداد ۾ هڻڻ گهرجي... جيڪڏهن راهہ ۾ ڪٿي قرمطي مُنهن نہ پون تہ-

قرمطين، مڪتفي باللہ ۽ خليفي معتضد جي وقت ۾ نهايت زبردست دشمن قوت جي طور اُڀرڻ شروع ڪيو هو. هي ماڻهو شدت سان ڀرپور حملا ڪندا ۽ اَمان ڏيڻ باوجود عورتن ۽ ٻارن ڪي ٻنان ڪنهن ساجهہ جي قتل ڪري ڇڏيندا هئا. هُنن وسنديون ويران ڪري ڇڏيون ۽ موت جو آواز بڻجي شام ۽ عراق ۾ قتل ۽ غارتگري ڪندا هئا- ماڻهو سفر تي گهٽ نڪرندا هئا، وڏا وڏا ڪاروان تاهي هلندا هئا ۽ ائين حيات جو ڪاروان خطرن جي آگاهيءَ هوندي بہ هلندو ئي رهندو آهي.

معتضد جو جاه ۽ جلال، عدل ۽ انصاف، شجاعت ۽ فتحن جو رُعب ۽ هيبت عباسي سلطنت جي استحڪام جو سبب هئا. هن هر طريقي سان پنهنجي ڳالهہ ميرائڻ ۽ پنهنجي سلطنت جي نئين سر اڏاوت ڪرڻ چاهي ٿي. هُو مصيبت جي صدا ٻڌڻ وارو حاڪم ۽ غيرت ۽ حياءَ ۾ بي مثال هو. هن لاءِ پري پري تائين قلعن ڪي فتح ڪرڻ هڪ راند هئي. هُو ناممڪن مُهمن ۾ فوج جي قيادت ڪندو ۽ بي مثال شجاعت سان فتحن ۾ مصروف ٿي ويندو هو، هُو جوهر شناس مدبر ۽ ڏگهيءَ نظر وارو حاڪم هو. سندس هيبت ڪان ڪنبندي، بغداد، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اچڻ وارن لاءِ پناهگاه هو. هر رنگ ۽ نسل جي ماڻهن جو ميڙ دربار ۾ پهچ جو منتظر ٿي رهيو. قافلا سرائن ۾ رونق لڳل هوندي هئي. هڪ دنيا اُتي آباد هئي.

بغداد ڏانهن رواني ٿيندڙ ان قافلي ۾ سوداگر هئا جيڪي بغداد جي بازارن جي شهرت ٻڌي پنهنجو مال اُتي ڪٽي ويندا هئا. اُنهن دنيا گهمي تجربا ۽ دولت حاصل ڪئي هئي. شاهراهن جا سُونهان ۽ وسندين جي شهرتن ڪان واقف هئا. مختلف مُلڪن، زمينن ۽ آب هوا جي ڪين سموري ڄاڻ رهندي هئي. نهايت پراعتماد ۽ بي خوف هئا. مزاج آشنا ۽ اٿانگائين جو مقابلو ڪرڻ ۾ دلير هئا. حاجت روائيءَ جي لاءِ سخي بہ ٿي سگهندا هئا پر درهم ۽ دينار جي ميڙڻ جو فڪر ڪين گهٽو لڳل رهندو هو.

سندن همراهہ غلام هئا جيڪي ظاهر ۾ خوش پر حقيقت ۾ ڏکويل هئا. ڪين صرف آزاد ٿيڻ جي شديد تمنا هئي ۽ اِهوئي خيال سندن زندگيءَ جو محور هو. هُو خواب ڏسندڙ سجاڳ بي هوش ماڻهو هئا. انهن مان ڪيترا نهايت هوشيار ۽ ڏاڍا عقلمند هئا. پنهنجي مالڪ جي خوشنوديءَ جي لاءِ هو زمين ڇنڻ تائين تيار هوندا هئا، مذهب ۽ مِلت جي فرق

بنان ساڻن سنو ورتاءُ ڪيو ويندو هو پر انهيءَ سان به هُو ڪڏهن دِلي طور خوش نه ٿي سگهندا هئا-

ڪجھ عورتون نجف اشرف ۽ ڪربلاي معليٰ جي زيارت لاءِ وڃي رهيون هيون. بعد ۾ سندن اِرادو اميرن جي گهرن ۾ ٻانهيون ٿيڻ جو به هو. هي الهندي ڪوهستان ڪان آيون هيون ۽ سندن ڳالهين ڪي ڪير سمجهي نٿي سگهيو. هُو نقابن ۾ مُنهن لڪايو اڪثر ڏکين تسبيحن تي ڪجھ پڙهنديون رهنديون هيون. سندن پاڪڙا آرام ڏيندڙ، اُٺ چُست ۽ تيز هئا. قافلي ۾ ڪجھ معزز عورتون به هيون. ڪنهن حاڪم جي بيواه يا پيٽون جن پنهنجي جاگير جي موٽائڻ لاءِ وقت جي خليفي سان ملڻ ضروري ٿي سمجهيو.

حڪيم، شعبدي باز، استاد، مبلغ، قصا گهڙيندڙ، جوتشي، واڍا، ملاح، بورچي، سيني قسم جي ماڻهن جو ميڙ هو. فوجي سپاهي قسمت آزمائيءَ لاءِ گاديءَ جي هنڌ بغداد وڃي رهيا هئا. هيءَ خوابن جي پاڇاوَن ۾ هلڻ وارن جو ڪاروان هو جنهن جو قافلي سالار هڪ عجمي يهودي هو!

رات جي پهرئين پَهَر روانگيءَ ڪان اڳ مغنيءَ پنهنجن ساٿين سان گڏ پري ٽڪرين تي محفل ڄمائي ڇڏيو، سندس گلي ۾ ميناچ هو ۽ آواز بلند هو، هُو درٻاري مغني بڻجڻ جا خواب ڏسي رهيو هو ۽ هينئر ڪان پنهنجو پاڻ ڪي ذري گهٽ اسحاق موصليٰ جو همسر سمجهندو هو. چوندو هو ته مون ڪيترائي راڳ ايجاد ڪيا آهن پر جيسيتائين ڪنهن درٻار ۾ اُنهن جي نمائش نه ڪري وٺان، ڪنهن عام ماڻهوءَ ڪي نه ٻڌائيندس، سَنَد ماڻڻ شرط آهي پوءِ محفل مچائبي- هو هلندو هو ته سندس لباس جا پلئه پوپان گهلبا هئا- افسانوي شهزادن وانگر پاڻ ناهڻ ۽ سينگارڻ ۾ رُڌل رهندو هو- سندس ڪيسي ۾ هڪ آئينو هوندو هو ۽ منهن تان سفر جي ڌوڙ ڪي هرهر هڪ ريشمي رومال سان جيڪو شايد سندس محبوبا جو تحفو هو صاف ٿي ڪيائين- سندس ساٿي سطحي ۽ خوشامدڙيا هئا، جيڪي ساڻس گڏ درٻار ۾ حاضريءَ جا سَدڙيا هئا. هي سمورا ماڻهو ٻين ڪان الڳ ٿلڳ رهندا هئا- سندن سوارين جا ٽَٽُون بار برداريءَ جي جانورن وانگر ڪمزور ۽ بيڇڙا هئا، پر هُو انهن ڪي رستم جا گهوڙا سمجهندا هئا.

قافلي جي مبلغ جو آواز نهايت جِهيڻو ۽ ڪَرڪَرو هو، جڻ سندس گلو اندران ڪنهن موذي مرضي سببان بند ٿي رهيو هجي. هُو پاڻ به نهايت ڪمزور هو، پنهنجي تسبيح جي داڻن ڪي پيو سوريندو هو- "مذهب ڪي ٻين جي دلين ۾ اوتڻ وارن ڪي ظاهري زيبائش ڪان نہ نه پر دلگيريءَ ڪان بچڻ گهرجي، مذهبيءَ جي دٻدٻي ۽ هيبت ڪي سندس تقدس ۽ انجي احترام جو ته نمائندو هجڻ گهرجي." ان طرح جا وعظ ڪندو رهندو هو.

رستي جون قافلي سِرائُون ان موسم ۾ به ذري گهٽ خالي هيون ۽ جڏهن هُو ڏٻٽيون اُڪري الشرقيه ۾ پهتا، ته چؤطرف ويرانو هو- ڦورو ان علائقي ڪي هڪ ڏينهن اڳ ڦري

قتل عام ڪري وڃي چڪا هئا- کُليل دروازن مان بي ڪفن لاشا ڏيکائي ڏئي رهيا هئا، ۽ مسجد جنهن ۾ شايد نمازين جو انبوهه يا پناهه وٺي لکڻ وارن جو گروهه هوندو سخت بي پناهيءَ سان برباد ڪئي وئي هئي- شايد صاحب الزنج جي حبشي غلامن هتان کان گذر ڪيو هو يا فرج بن عثمان جا داعي ڪيس مِثل مسيح ۽ روح القدس سمجهڻ وارا پنهنجو پيغام کڻي آيا هئا ۽ اِئين پنهنجي مذهب جي دعوت ڏئي ويا هئا!

پڪڙجي هلڻ وارو ڪاروان هاڻ گڏجي، سوڙهو ٿي هلي رهيو هو!

ڪجهه ماڻهو واري واري تي پهرو ڏيندا هئا، پري تائين چوڪسي ڪندي ته جيئن خطري جي آگاهي ڏئي سگهن. عورتون جيڪي شروع ۾ نهايت حجاب سان پريل هيون هاڻ باقي مسافرن سان کُھلي مِلي ڳالهائي رهيون هيون ۽ خوف سندن ظاهري رک رکاءَ کي عام رَوش ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. انهن تي ئي ڇا منحصر هو سيني صورتن تي هر وقت خوف ۽ هراس جو پاڇو پنجي ويو هو- جيڪڏهن جهنگلي جانور به راهه اورانگهي وڃي ته ماڻهن جا منهن هيڊا تي ويندا هئا.

حسين جوتشي کي چيو: "ڇا تون پنهنجي تارن جي حساب سان ٻڌائي نه ٿو سگهين ته سياڻي ڇا ٿيڻ وارو آهي؟"

"سياڻي ته اهو ئي ٿيندو جيڪو مقدر هوندو،" هُن پنهنجي اصطرلاب• کي ڪپڙي ۾ ويڙهيندي چيو.

"ته پوءِ تارن جو علم ڪهڙي شيءِ آهي ۽ تون ڪهڙيءَ ڳالهه جو جوتشي آهين؟ جيڪڏهن ڳالهه مقدر تي ئي اچي بيهي ٿي ته ڪنهن علم جي بنان به اُهو ئي ٿيندو ته پوءِ اُن کي ڄاڻي وٺڻ منجهان حاصل؟-" حسين نرميءَ سان چيو.

"صاحبزادا، مقدر بدلائي وجهڻ جو علم اڃا ڪٿي دريافت ناهي ٿيو. رڳو بزرگن جي نگاهن ۾ اِها طاقت هوندي آهي، ڪنهن خداشناس، فطرت شناس يا رمز شناس جي نگاهه ۾-"

"توکي دعا ۾ ته يقين هوندو؟" هن پڇيو.

"پوءِ!" حسين چيو.

"صرف دُعا ئي هر ڏک ۽ مصيبت کان بچائي سگهندي آهي." جوتشي مختصر چيو.

"هي ڇا آهي؟" اصطرلاب ۽ زائچي کي ڪپڙي ٻاهران ڇُهندي حسين پڇيو.

"هيءُ روزيءَ جو بهانو آهي. ماڻهوءَ جو رزق عمل ۾ رکيو ويو آهي. ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ ۾، ڪندي رهڻ ۾ ۽ پوءِ سمورا علم هڪ جاءِ اچيو ختم ٿيو وڃن ٿا ۽ اُتان کان روحاني ولايت شروع ٿيندي آهي جيئن تارن جي پنهنجي الڳ ولايت آهي، بَحر ۽ بَر جون

• اصطرلاب: هڪ اوزار جنهن سان تارن جي بلندي، مقام ۽ رفتار دريافت ڪبي آهي.

ولايتون جُدا جُدا آهن. ايترا گهڻا سارا علم آهن ۽ انسان جي پُهچ بس هڪ حد کان اڳيان ناهي." هو ماٺ ٿي ويو.

حسين نندي وهيءَ جو هو ۽ جوتشي اڌ عمر گذاري چڪو هو. هڪ بنيادي نيڪي ۽ سونهن منجهس هئي جيڪا سندس ڳالهائڻ منجهان ظاهر ٿيندي هئي ۽ داستان ٻڌائڻ جو ڍنگ ڪيس ايندو هو. معمولي واقعي کي رنگين ۽ يقين لائق بنائي وجهڻ، هر واقعي جو ربط ٻڌڻ، غم ۽ خوشيءَ جي ڪيفيتن کي بيان ڪرڻ سندس لاءِ ڏکيو نه هو.

جڏهن جابلو لَڪن جو اٽانگو لنگهه ختم ٿي ويو ۽ ڇِڊن جهنگن مان نڪري قافلو ڪليل شاهراه تي آيو ته رستن جي ڪناري گرميءَ جي تيزيءَ سبب گُل لوساڄي رهيا هئا. پاڻيءَ جا حوض ۽ تلاءَ ترو ورتل ۽ خالي هئا ۽ مِينهن جي مُند گذري چڪي هئي. ويچارا ساده طبع ماڻهو وَسندين چوڌاري حفاظت لاءِ ڪنڊيدار ڍنگ ِن جا قلعا تعمير ڪري رهيا هئا. شايد سفاڪيءَ سان سندن واسطو نه پيو هو- دشمن نهايت زور ۽ شدت سان حملو ڪندو آهي، هُو هٿين خالي وسندين تي انهيءَ ڪري حملو ڪندو آهي ته جيئن عام ۾ بي چيني پکڙجي، مزاحمت جي گهٽتائيءَ سبب ماڻهو حڪومت خلاف ٿين. حڪومت جا ڪارندا انتشار ۽ پريشانيءَ کان آگاهه هجن ته پَوُ هجي ۽ سندن رستا صاف ٿين. ظاهر آهي خلافت جون فوجون ۽ دستا هر هنڌ ته پهچي نٿا سگهن.

دجله سان گڏ شاهراه تي بصري کان آيل ٻيا قافلا به هئا جيڪي بغداد وڃي رهيا هئا ۽ نديءَ ۾ ٻيڙا بيٺا هئا. ڪَجيءَ جي وڻن جي جُهڳٽن مان شام جون لالائيءَ مائل لاروُن لِڪڻ جي ڪوشش ۾ ناڪام ٿي ٿيون ته پاڻيءَ ۾ لهي ٿي آيون. انهنْ جنگي ٻيڙن منجهان نيرو دونهون آسمان ڏانهن دعا لاءِ اُٿيل هٿ جيان اُٿيو ٿي. فوجي گرميءَ باوجود مٿي کان پيرن تائين وَردين ۾ ويڙهيل هئا. شاهراهن ۽ آبي رستن جي حفاظت ٿي رهي هئي.

ٻيڙيون ناهڻ واري جي معلومات نهايت وسيع هئي. هُو هر ٻيڙيءَ جي شڪل صورت، اُن جي تعمير ۾ استعمال ڪيل ڪاٺ، ديال جي ڪونٽر ۽ تارڪول جي روغن جو حساب ڪتاب ڄاڻندو هو. پراڻي زماني جي ايراني ٻيڙين جي هيئت جي انداز ۽ حال جي زماني جي تبديلين کان چڱيءَ ريت واقف هو ۽ پنهنجي هُنر ۾ يگانو ڏسڻ ۾ ايندو هو، ديوانن وانگر ٻيڙين جون ڳالهيون ڪندو هو جڏهن سندس زبان ڪنهن روڪ منجهان روان ٿي نڪتي هجي ۽ هاڻ ڪانه بيهندي.

هڪ ڏينهن راڳي همت هاري چيو، "استاد محترم، ڇا اوهان جي فن جو ڪوئي قدردان اوهان جي پنهنجي شهر ۾ ناهي رهيو." هُو زور زور سان کليو ۽ ساڻس گڏ سندس ساٿي پڻ کِليا.

"اهوئي سوال آئون توکان پڇي رهيو آهيان، تون بغداد ڇو وڃي رهيو آهين؟"

”راڳ ۽ شاعريءَ جا قدردان سواءِ دربار جي ٻيو ڪٿي ناهن هوندا سائين!“ راڳيءَ چيو.

”ٻيڙيون، جيڪي آئون ناهي سگهندو آهيان اُنهن جا قدردان بہ سواءِ اَميرن، وزيرن ۽ سپھ سالارن جي ٻيو ڪو نٿو ٿي سگهي.“

سڀ ٻيهر ڪِليا ۽ هُو تُرڪ سردارن جا نالا ڳڻائڻ لڳو جيڪي سندس مهارت مان فائدو ڪٽي ٿي سگهيا. پوءِ تُرڪن ۽ سندن دربار تي اثر جون ۽ عام ماڻهن جي بي وقعتيءَ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. خلافتِ راشده جي زمانن ۾ چا ٿيندو هو. پاڻ هارون ۽ مامُون جي دور ۾ عباسي خليفن جي جاھ ۽ جلال جون ڪهاڻيون جيڪي هاڻ خواب ۽ خيال بڻجي ويون هيون ۽ معتز جو دردناڪ قصو جيڪو پنهنجي ماءُ جي ڪري دربار ڪان ٻاهر گهليو ۽ ماريو ويو هو ۽ جنهن جي نصراني ماءُ جو خزانو خليفن جي خزانن ڪان بہ گهٽو هو. پوءِ نصراني عورتن ۽ ٻانهين جو دربار جي زندگيءَ تي اثر ۽ دخل جو تذڪرو ٿيڻ لڳو. هر زبان تي شڪايت هئي. هر دل درد سان لبريز هئي- اسلام ۾ ٻين مُلڪن جي عورتن جيڪي فتنا فساد ڪڙا ڪيا انهيءَ تي تبصرو ٿي ٿيو- ماڻهو، سواءِ عورتن جي ذري گهٽ سيني حالتن کي سنسني خيز انداز ۾ ٻڌائيندا هئا ۽ نئين خليفي جي سختيءَ کي پسند ڪندا هئا.

نَونَ مذهبن جي ڳالھ تي مبلغ چيو، ”جيڪڏهن مذهبن کي پيش ڪرڻ جو طريقو صحيح هجي تہ سچائي پري ناهي هوندي.“

”تون قرمطي نقيب آهين چا؟“ ڪنهن پڇيو.

”نہ نہ خدا جو قسم نہ!“ هُن ٻئي هٿ مٿي تي رکي چڏيا، چڻ پنهنجو پاڻ کي بچائي رهيو هجي.

راڳي ۽ سندس ساٿي جيڪي نَنوليونُ ڪندا ۽ ڳالھ ڳالھ تي وٺ پڪڙ ڪندا هئا، سندس حالت منجهان ڏاڍا لطف اندوز ٿيا.

جيڪي وَسنديون محفوظ هيون انهن ۾ قافلي جي داهي جي ڪري ڏاڍي رونق ٿي وئي ٿي. ضرورت جون شيون خريد ڪيون ٿي ويون. جيڪڏهن ڪو جانور بيمار يا ڪمزور ٿي ويو ٿي، سفر ڪرڻ جي قابل نہ ٿي رهيو تہ ٻيو خريد ڪيو ٿي ويو. جانورن جا طبيب، مسجدن جا مؤذن، ننڍا ننڍا دڪاندار، هڪ مجموعو لڳي ٿي ويو. ڏيئن جون قطارون، ٿَهڪ ۽ قصن جون محفلون، محفل جي سحر منجهان هڪ اهڙي گرمجوشي ٿي پيدا ٿي جنهن جي ياد وَسنديءَ وارن کي آئنده لاءِ منتظر ٿي رکيو. چانڊوڪيءَ ۾ ميدانن ۾ ڪٿي ڪٿي ٻرندڙ مبهم ڏيئن وِڪريل ايڪڙ ٻيڪڙ اڪيلن گهرن جي خبر ٿي ڏني. جانورن جي ڳچين ۾ پيل ٽَلين جو وَڄڻ عجيب خوابناڪ ٿي لڳو ۽ هيڏي چانڊوڪيءَ جي ڏارا حسين کي اغول جي ياد ٿي ڏياري- خبر ناهي، هُوءَ ڪٿي هوندي؟ هُو ٻن ذرڙن وانگر زماني جي ڊوڙ ۾ اُڏامندي اُڏامندي هڪ ٻئي سان مليا ۽ پنهنجو سفر مخالف طرفن ڏانهن جاري رکڻ لاءِ جُدا ٿي ويا.

ڇا ٿي پوي ها جيڪڏهن هُو صرف هڪ ذرو هجي ها ۽ اغول جي پلئه سان چنبڙي سگهي ها- سندس وارن جي سُنهراڻ ۾ ڪٿي اٽڪي سگهي ها! سندس ڇنيرن جي ڇيڙي تي ڳوڙهو ٻڻجي ڪنبي سگهي ها- هن پنهنجي اندر کي ڪيئن ڪيئن نه سمجهايو هو ته اغول هڪ خواب هئي تڪڙ ۾ ڏٺل، بس اکيون بند ڪري خيالن جي سمهنڊڙ جاڳنڊڙ لهرن تي لُڏنڊڙ خواب. ڪي خواب ته ناهن ٿيندا ذهن اندر وسعتون ماڻيندڙ آهستي آهستي ڏگها ٿيندڙ خيالن جا گيسوُ ٿيندا، آهن. رودآبه جي گيسُوئن وانگر جنهن جي ڏاڪڻ تي وِڪ وِڪ ماڻهو ڇت جي ڪِڙڪين تائين پهچي سگهندو آهي. پر اُتي به لازم ناهي ته اغول هجي ۽ ملي سگهي. اغول هن جو هڪ وهم هئي ۽ ماڻهوءَ جي دل ۾ چاهت نه ڄاڻ ڪيئن اڇي وسندي آهي- ويهي ويندي آهي- ويهندي رهندي آهي، ڪٿان ڪان؟- هُو اڪيلو ويٺو غور ڪندو هو. مقدر جو هُن لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ آئون پنهنجي لاءِ ڪهڙي دُعا ڪيان؟ اغول جي ملڻ جي دُعا؟ ڪيس ڳولي لهڻ جي دعا؟

پوءِ اُها رات، آخري رات، آخري گهڙي ڪيس ياد ٿي آئي. حرقه الثانيءَ ۾ مشقتن دوران سندس ياد سندس رڳن ۾، سندس رت ۾، سندس ساهه ۾ رچي وئي هئي. هُو اغول کي وساري نه سگهندو، ڪڏهن به نه- ماڻهو وساريندو ان کي آهي جنهن کي ياد ڪيو وڃي، ۽ اغول سندس ياد ڪٿي هئي؟ هوءَ ته حسين هئي يا حسين پاڻ اغول هو. ها هُو حسين هئي اغول ڪٿي هئي؟ جڏهن سندس هستي ڪانئس الڳ ڪانئس پري ڪا ٻي نه هئي، ته پوءِ ٻيو ڪجهه نه هو. هُو اڄ تائين پنهنجو پاڻ سان ئي، پنهنجي ئي عشق سان هم آغوش رهيو هو، پنهنجو پاڻ سان.

ڪيس ڪجهه اطمينان مليو. هاڻ سندس ڳولا ڪٿي ٻي نه هئي، پنهنجي اندر هئي، پر هُن ائين ته ڪيترائي ڀيرا سوچيو هو- سندس جنگيون سندس اندر ئي جاري ٿي رهيون. هُو کِليو. جوتشيءَ چيو، ”حسين، ڇا تون ديوانو آهين جو کِلين پيو.“

”مون کي پنهنجو پاڻ سان عشق آهي، بي پناهه محبت! شديد جذبا منهنجو ساهه گُهٽين ٿا ۽ ڪانئن بچڻ لاءِ آئون کِلان ٿو.“ حسين اٿندي چيو.

”ڪنهن ٻئي سان اِها ڳالهه نه ڪجان، ماڻهو توکي چريو سمجهڻ لڳندا.“ پوءِ ٿورڙي دير بعد هن چيو، ”منهنجو خيال آهي آئون تنهنجو زائچو ٺاهيان ۽ تارن جي حساب سان به تنهنجو مستقبل معلوم ڪيان.“

”ٿيندو ته اهوئي جيڪو مقدر هوندو!“ حسين سندس ڳالهه ورجائي.

”ها ها، ٺيڪ، ٺيڪ ٿيندو ته اُهوئي پر معلوم ٿي وڃي ته شايد توکي قرار اچي وڃي،“ هن سراءِ ۾ پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي چيو.

حسين کي سندس زائچي جو انتظار نه هو پر جوتشيءَ جو ائين اکين ڪان اوجهل ٿي

وڃڻ ڪيس چڱو نه لڳو. سراءِ ڪان ٻاهر هُن قصو گهڙيندڙ جي ويجهو ويهڻ جي ڪوشش ڪئي. قصو گهڙيندڙ پنهنجي لهريلي ۽ بلند آواز ۾ بادشاهه جي مصيبت جو واقعو بيان ڪري رهيو هو. ماڻهو پوري ڌيان سان ٻڌي رهيا هئا. وڻن جا پاڇا رات ۾ انڌن پاڇن جيان سيني رازن ڪي سهيڙيو ويٺا هئا ۽ ڪجهه نٽي ڪُليو - سندس طبيعت ڏاڍي بي مزي ٿي رهي هئي. ڇا هُو اچڻ واري وقت ڪان خائف هو. ڪيس سياوش ياد اچي رهيو هو. ڏاڏو سياوش!

سندس پنهنجو ڏاڏو محمّي پنهنجي آخري گهڙيءَ ۾. ماڻهوءَ ڪي موت بس الڳ ئي ڪري ڇڏيندو آهي. عڪس ڪان اصل جي طرف وٺي ويندو آهي- موت ڇا آهي؟ جڏهن ڪائنات ۾ ڪوئي فرق نٿو پوي. نه هڪ سان نه هزارن سان، نه قومن سان نه ملڪن سان. ۽ خدا آدم ڪي تخليق ڪيو هو، ڪيس زمين تي پنهنجو خليفو بڻايو هو- ايترو هٿين ٺلهو ٺاهيو هو؟! خدا جڏهن پاڻ ادراڪ جي حد ڪان مٿاهون آهي ته ڪيس آدم ڪي به عظيم ٺاهڻ کپندو هو. سندس تخليق جي قابل هي روئندڙ آهي - زاري ڪندڙ انسان ڇا هو؟ خدا ڪي انسان پنهنجي شايان شان بڻائڻ کپندو هو جيڪو هُن وانگر ته نه پر ڪنهن شيءِ تي ته قادر هجي، جو جيڪڏهن سندس ثنا ڪري، ڪيس سڏي، ته سندس صدا جواب جي لائق ته هجي. ڪائنات جي وسعتن ۾ سندس ڪائي اهميت ته هجي. هُو به ڪنهن شيءِ تي قادر هجي پنهنجي بگاڙ تي ئي سهي.

پوءِ هُو يڪدم ڪنبي اُٿيو. هو ڪيڏو گستاخ هو! سندس سوچ بي لغام هئي- هُو هڪ ناچيز ذرڙو وڏيءَ ڪَرُ مان ڇا سوچي رهيو هو- ڇو؟ سندس ذهن ۾ اِها سموري تپش ڪير پري رهيو هو، ڪير؟!

هن ڇيو، 'آئون هاڻ ڪونه سوچيندس' ۽ هُو قصو ٻڌائيندڙ جي محفل ۾ ماڻهو اورانگهيندو، سندس ويجهو ٽيڪ لاءِ، ماڻهن جي پرواهه ڪئي بنان، ويهي رهيو.

"طلسمي گهوڙو چڪر لڳائي هيٺ لٿو، شهزادي ڏٺو ته هو ڪنهن ٻيءَ ولايت ۾ آهي، ڪنهن ٻيءَ بادشاهت ۾، ۽ اها ستين ۽ سيني ڪان آخري ولايت هئي جتي چئني پاسي برف ۽ اونده هئي. ڪائي روشني ئي نه هئي. اُتي نه ٿڌ هئي نه گرمي. پوءِ جڏهن سندس اکيون اونده جون هيراڪ ٿيون ته هُن ڏٺو وڻ برف سان ڍڪيل هئا، گهر برف جا ٺهيل هئا، اوچتو هڪ ڪرٽو اُڀ ۾ نمودار ٿيو جيڪو نه پکڙيو نه وڌيو، پر فضا هڪدم هزارين پکين جي ڇهه ڇهه سان ٻرڻ لڳي. هي سچ شايد انهن جهرڪين ۽ برف جي صحرا جي پکين جي رت مان اپريو هو. ان برف جي شهر جي رهواسين جا لباس به برف جا هئا ۽ هر شيءِ برف جي هئي. نگاهه جي حد تائين برف جو ميدان هو، جنهن ۾ ڪتان ڪتان ڪان ڪٽي هيٺ پاٽيءَ تائين پهچ حاصل ڪئي وئي هئي." حسين پنهنجي رت ۾ ڪنبٽي محسوس ڪئي، ڇڻ هو به شهزادي سان گڏ برفستان ۽ ستينءَ ولايت ۾ وڃي لٿو هجي ۽ ٻاهر نڪرڻ جي سمورين راهن تي پهرا هجن."

قصي گهڙيندڙ اها سموري حالت بيان ڪري آهستي آهستي سج اُڀاريو. جيڪو جيڪڏهن اُمالڪ اُڀري ها ته شايد ماڻهو انڌا ٿي پون ها ۽ روشنيءَ جي چمڪ اکيون ڪيريون ڪري وجهي ها. داستان سازي ته بس مٿس ئي ختم هئي- حسين به قصي جي سحر ۾ ٻڏي ويو هو، جڏهن جوتشيءَ کيس سڏيو.

"حسين! حسين!"

کيس هڪدم جڻ هوش اچي ويو ته هيءُ سندس تارن جو احوال هو، جنهن کي ٻڌڻ لاءِ کيس سڏيو وڃي رهيو هو. شهزادي جي تارن تان هٽ ڪٽي هُو پنهنجي مقدر ڏانهن ويو.

"چوڏاري بنهه اونده آهي!" جوتشيءَ سندس ويجهو اچي چيو.

حسين حيران هو ته هُو ته قصي گهڙيندڙ جي ڳالهه ڪونه ٻڌي رهيو هو، پوءِ کيس ڪيئن خبر پئي ته برف جي اُن ويراني ۾ چئني پاسي اونده آهي. هُو سندس مٿي جي اَچن وارن ۾ ڳُتيل چانديوڪين کي ڏسندو رهيو.

"نوجوان، آئون ڇاتو چئي سگهانَ. تون پريشان نه ٿجان- تارا به ڪڏهن ڪڏهن ڪائنات ۾ ڪنهن نئينءَ تخليق جي ڪري اُڻ تُڻ ۾ هوندا آهن، تنهنڪري حساب ٺيڪ ناهي لڳندو."

"آئون سمجهيس ڪونه،" حسين چيو.

"تنهنجي تارن جي چوڏاري ڪائي روشني ناهي، ڪجهه ڏيکائي نه ٿو ڏئي. سيني پاسي اونده آهي!"

"ڇا؟!" حسين حيرت مان چيو، "توکي تارن جي حساب سان ڪا شناسائي به آهي؟ ڪنهن به انسان جا تارا ڪهڙيءَ ريت مڪمل اونده ۾ ٿي سگهن ٿا، بنهه غائب؟ ڇڙڪ اُتي نه هجن. ناممڪن!" هن مٿو ڪاٻي ساڄي ڌوڻيو.

"تون به صحيح ٿو سمجهين ۽ آئون به حيران آهيان، تون زندگيءَ سان ڀرپور، تندرست ۽ سلامت ساهه کڻين پيو ۽ هڪ خاص وقت کان پوءِ تنهنجي لاءِ پيلا ڇو نه روشني ٿيندي، جڏهن زندگي آهي." هُن رُڪجندي رُڪجندي چيو، "ڪجهه نه هنڻ گهرجي، ڪجهه نه!"

"اِها روشني ڪيترن سالن تائين رهندي؟" حسين عام ڳالهه وانگر پڇيو.

"اسان وٽ وقت اهڙيءَ طرح ناهي ڪَٽيو ويندو، جيئن عام زندگيءَ ۾ لمحن، ڏينهن، هفتن، مهينن، سالن جي حساب سان ڪٽيو ويندو آهي." جوتشيءَ سوچيندي جواب ڏنو.

"پوءِ به."

"اِنهيءَ هڪ روشنيءَ جي لهندڙ ذرڙي جو ڏهن ويهن سالن جو ڪاٿو ٿيندو آهي،" هن افسوس مان جواب ڏنو. "هڪ لمحو، هڪ پل به روشني هجي ته گهڻو هوندو آهي ۽ هيءُ ته

ڏهه ويهه سال آهن. جيتوڻيڪ هاڻ منهنجو به انهي تي يقين ناهي. اڇو ته برفستان ۾ شهزادي جو قصو ٻڌون.“ ۽ هو ٻئي وري اُن محفل ۾ وڃي شامل ٿيا.

تارن جي گهڻ مان نهيل ڪيرَ ڏارا جو روشن رستو هو ۽ جڏهن ڪُوچ جو نغارو وڳو ته چانڊوڪي پهرين راتين جي چنڊ سان گڏ موڪلائي چڪي هئي. وستيءَ جي ڪتن جي ڀونڪڻ جا آواز لاڳيتا اچي رهيا هئا، جو ته هو گڏهن جي هينگڻ جي ڪري خبردار ٿي چُڪا هئا ۽ هوا ۾ جانورن جي مردار جسمن ۽ ڇيڻي جي بوءِ سُنگهي سندن حسُون تُز ٿي ويون هيون. ڏيئن جو وٽيون ٻرڪي رهيون هيون، روشنيءَ ۽ اونداهه جي اڪ ٻوٽ هلي رهي هئي يا چڻ ٻه - ٽي ٽانڊاٽا راه پُلجي وَستيءَ ڏانهن موٽي رهيا هجن.

حسين دل ۾ چيو ’روشني آهي ته سهي، بس اِهائي ڪافي آهي. جوتشيءَ ته مون کي گهٻراهٽ ۾ مبتلا ڪرڻ ٿي چاهيو، پر آئون گهٻرائڻ وارو ڪٿي آهيان؟‘ هو دل ئي دل ۾ ڪليو.

قافلو ٻيءَ منزل لاءِ روانو ٿيو. بجهت آباد پنهنجي آبهوا جي عمدگيءَ ۽ دريائن جي ميلاپ ٿيڻ سبب دجله جي ڪناري تي اناج، ميوي، ريشم ۽ چيني ٿانون جي وڪري جو تمام وڏو مرڪز هو. هتي جا ماڻهو نرم سياءُ رکندڙ، بااخلاق، ڪِلمُڪ ۽ خوش لباس هئا. ندين شهر جي اندران لنگهنديون هيون ۽ پاڻي مِنو هو ۽ باغن ۾ وِڪوڙيل هن وستيءَ تي جنت جو گمان ٿيندو هو.

راڳي پنهنجي سازندن سوڏو هڪ باغ ۾ داڀو ڪيو. سندس لاثاني ڌنون فضا کي نغمن ۽ موسيقيءَ سان خوابناڪ بڻائي رهيون هيون ايسيتائين جو معمار جيڪو پنهنجي پُراعتماد روپي سبب ڦوندبو هو سو وجد ۾ اچي رقص ڪرڻ لڳو.

معمار به عجيب چريو ماڻهو هو، هر عمارت کي جنهن راهه ۾ ڏيکائي ٿي ڏني نهايت غور سان ڏسندو، ان جي عمر جو اندازو لڳائيندو، اُن ۾ جيڪو ڪاٺ ۽ مصالحو استعمال ۾ آيو هو ان جو حساب لڳائيندو، آڱرين تي ڳڻپ ڪندو، ايسيتائين جو ڪنڊرن ۾ گهڙي غائب ٿي ويو ٿي. جڏهن هُو سڀ چوبي پُل اُڪري ٻئي پاسي نينوا ڏسڻ ويا - هيءُ ايوان ۽ دربار جي وڏن وڏن ورانڊن وارن ڪمرن جا محلات هئا جن تي زماني جي ڌَز پنهنجا تهه چاڙهي چڏيا هئا - ٽوٽين ٽنين جي جنگلن تي چِتيون ڪري پيون هيون - مٿانهن بنيادن مان سرون ۽ مسالو اُکڙي چڪو هو ۽ تهه خانن ۾ چمڙن پنهنجا مَسڪن ناهي رکيا هئا - جڳهه جڳهه تي چارن منهن ڪڍيا هئا. هاڻ هوائون رقص گاهن ۾ واريءَ سان گڏ واچوڙن جي شڪل ۾ رقص ڪنديون هيون جتي بادشاهن جي حضوريءَ ۾ شهزاديون رقص ڪندي پنهنجن مُرادن کي پُهچنديون هيون. اُهي ڪنڌ جيڪي فخر ۽ عاجزيءَ جي علامت هئا، خاڪ ۾ موٽائي وڃڻ کان اڳ ڪاٽيا وڃن. اُهي اکيون جيڪي جهان کي ڏسندي به نه ڏسنديون هيون انهن تي چانيل پردن کي عشق جي اڻ لپ بي ڪِنار، بي خوف ۽ نارسا هئڻ جي سزا ڏني وڃي- اُن

ڪنڌ جي قيمت، ٽالهه ۾ سينگاري سانچي مان گهڙيل وجود جي ديوانگي ٻڌجي. خدا پنهنجن بندن کي ائين خوار ڇو ڪندو آهي؟ ڇو پاڻ تي نثوليون ڪرائيندو آهي- پنهنجن دوستن کي هُو ڪهڙين آزمائشن ۾ ڌوڪي ڇڏيندو آهي. وٽس ازلي قول اقرارن کي پوري ڪرڻ جا ڍنگ عجيب آهن ۽ هُو سرفروشيءَ جي قيمت به ڇا ڏياريندو آهي- ڪنڌ جيڪي ڪُلهن لاءِ بوجهه بڻجي ويندا آهن ته جيئن خوار ڪيا وڃن وڏا وڏا تاج متن تي سينگاري هنجن ۾ هوا ٻانهن جي جهڙيون نازڪ شهزاديون... جُهوتن سان واسيل جهڳٽن ۾ عشق جا گيت ڳائيندڙ راڳي - دربار ۾ حاضر ڳريون زِرهون پاتل ۽ پاڻ سينگاريل سپهه سالار- روشنيون ۽ خوشيون- ۽ يلغار ڪندڙ فوجون... ۽ آخر سيني کي ننڌ اچي ويندي آهي ۽ ڪوئي معمار آڳرين تي انهي جو شمار نٿو ڪري سگهي ته بنيادن ۾ ڪيترا ڪنڌ دفن ٿيا آهن ۽ ڪير ٿو ٻڌائي سگهي ته اڏاوت ۾ استعمال ٿيڻ واريون سِرون جنهن مٽيءَ مان ٺاهيون ويون هيون ان ۾ ڪيترا جسم خاڪ ۾ ڳڏيا هئا ۽ هي موهيندڙ محفل جيڪا آباد ٿي هئي ته ان جي آبياري ڪهڙي رت سان ڪئي وئي هئي؟ حساب لڳائڻ جو اختيار ڪنهن کي ناهي ڏنو ويو ۽ نه ئي ڪير دنيا جي عمر جو اندازو لڳائي سگهي ٿو. سلطنتن جا ڦير گهير - زماني جي شڪست ۽ بگاڙ - شاهن جي لاچارگي سڀ هوا جي راهگذر ۾ آهي.

جڏهن بغداد ويجهو اچي رهيو هو ۽ منزل بعد پيءَ منزل جو سفر باقي هو هڪ ڏينهن مبلغ حسين کي چيو.

"نوجوان! ڇا تون زَر جي حاصلات ۽ معاش جي ڳولا لاءِ وقت جي خليفي جي حاضري ماڻڻ چاهيندين؟ ڇا تنهنجو اُتي ڪوئي دوست آهي؟ آءُ ڪيترن ئي ڏينهن کان ڏسي رهيو آهيان ته تون جوتشي ۽ راڳيءَ جي وڌيڪ ويجهو ٿي رهيو آهين. انهن جي صحبت توکي ڪوبه فائدو نٽي ڏئي سگهي هي سڀ بيڪار ماڻهو آهن. شيطان جا شاگرد! ان جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندا آهن. جوتشي ڇا آهي؟ لباڙي ۽ تارن جا ڪوڙا سچا حساب ۽ زائچا ناهڻ وارو. ۽ هو راڳي، خدا ڪانئس محفوظ رکي، بدڪاري ۽ گنهگاري پکيڙڻ وارو، گندگيءَ جو ڪيڙو!"

حسين ڪيس حيرت منجهان ڏسندو رهيو.

"جيڪڏهن توکي ڪنهن مدد جي ضرورت هجي، دربار تائين رَسائي حاصل ڪرڻ چاهين ته آئون ڪرخ پاڙي ۾ رهندڙ پنهنجن دوستن کي چئي تنهنجي مدد ڪري سگهان ٿو. بغداد ۾ منهنجا ڪيترائي چاڻو سڃاڻو آهن ۽ دربار تائين رسائي ته خير، هر اهم عهدي تي منهنجا خير خواه فائز آهن."

هُو چپ ٿيو ته حسين چيو.

"پر مون کي ته امير المؤمنين پاڻ دربار ۾ گهرايو آهي."

”ڇا! ڇا!؟؟“ مبلغ ھبڪندي چيو:

”اھوئي تہ مون کي سڏايو ويو آھي، آئون طلب ڪيو ويو آھيان ۽ منھنجي لاءِ ڪابہ ڏکيائي نہ ٿيندي.“ حسين نھايت قطعيت سان چيو.

مبلغ جنھن جو نالو زبير ھو پنھنجي تسبيح وساري، بنان اکيون ڇنڀڻ جي، ڪيس ڏسندو رھيو. سندس زبان حيرت مان تارونءَ کي چنبڙي وئي ھئي. ھن ڪافي دير بعد چيو.

”ان صورت ۾ تون دربار جي عالمن تائين پھچڻ ۾ منھنجي مدد ڪر. مون کي تبليغ جي مختلف ڪمن ۽ ادارن لاءِ جَھجي مالي مدد جي ضرورت آھي، ۽ جيڪڏھن ڪو دوست دربار ۾ ھجي تہ ڏاڍي سھوليت ٿي پوندي آھي.“

حسين سندس ڳالھ ڪٽي چيو، ”اوھان جا ھو دوست جيڪي اھم عھدن تي فائز آھن.“

”اُھو سڀ ٺيڪ آھي،“ زبير پنھنجن چپن تي ڦڪي مُرڪ آڻيندي چيو، ”پر تون جوان آھين ۽ وقت جي خليفي جو منظور نظر ھوندين. تون تہ سيني ڪان گوءِ ڪٽي ويندين.“

حسين بنان جواب ڏني، پنھنجو گھوڙو وڌائيندو قصي گھڙيندڙ سان گڏجي ويو. جيئن ھُو قصي ٻڌائڻ وقت خواب ۾ لڳندو ھو ۽ جڏھن ماٺ ھوندو ھو تہ خواب اُٿندي محسوس ٿيندو ھو، ڇڻ ھن زندگيءَ جي پڪڙيل اڌاٽي تي عڪسن منجھان تصويرون ۽ افسانا اُٺي رکيا ھجن ۽ اُنھن کي غور سان ڏسي رھيو ھجي ۽ انھن جي بھتر صورت لاءِ ھر وقت فڪرمند ھجي ۽ سوچ ۾ غلطان!

ھندي سوداگر، جيڪو بجھت آباد کان اچي ڪاروان ۾ شامل ٿيو ھو، ڏاڍو ڪِلمُک ۽ چرچي باز ھو. ھر پَؤ جي گھڙيءَ منجھان مزاح جو عنصر ڳولي وٺندو ھو، جڏھن تہ ماٺھو سندس ٺنگن وچان پُٽ ڪان ڇھٽيل جُبي کي ڏسيو ڪلندا ھئا. پر لڳو ٿي ڪيس ڪنھن جي پرواھ نہ ھئي. سندس ڪاريون اکيون ڪنھن نہ ڪنھن خيال ۾ چمڪڻ ٿي لڳيون ڇڻ ڪا نھايت چڱي ڳالھ سُجھي ھجيس. پاڻ ئي کِليو ٿي پر ديوانو نہ ھو، سندس اچڻ سان فضا ھڪدم جھڙي بدلجي وئي ھئي. پنھنجن ڏھاڙيءَ جي ڪمن کان سواءِ عورتن جو ڪم بہ انجام ڏيندو ھو. ڪنھن جي بہ ذرڙي بہ تڪليف کان ھُو خبردار رھندو ھو. انھيءَ ڪري جڏھن بغداد جي ٻن ڏينھن جي ئي فاصلي تي ھو تہ طبيب جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي. ھُن پنھنجي ھندستاني علاج جي طريقي سان جڙيون ٻُوٽيون گھوٽي ڪيس پياريون، تہ ھو تندرست ٿي ويو. ھُو نيرن ڪوھستانن ۽ نھايت اوچن برف سان ڍڪيل ڪوھسارن جون ڳالھيون ڪندو ھو ۽ اھو بہ ٻڌائيندو ھو تہ سمنڊن جھڙا وسيع دريا انھن پھاڙن تان ھيٺ ميدانن ۾ لھندا آھن ۽ ھڪ دريا تہ سڌو بھشت منجھان ھڪ ديوتا جي پھاڙن تان ڪِرندو آھي ۽ پوءِ اُتان کان ڇوٽين، بلندين ماٿرين تان ٿيندو، ھيٺ لھندو آھي.

”ڇا اُھو دجلہ کان بہ وڏو آھي؟“ حسين پڇيو.

هنديءَ ڪِلي چيو، ”دجله ته اُن آڏو هڪ چشمو آهي، ۽ پيو ته اُن درياءَ ۾ ٿُبي هٽڻ سان ماڻهو اهڙو پاڪ ٿي ويندو آهي جهڙو چمڻ مهل هو.“

”هر ماڻهوءَ جا ڪم، سندس عمل، سندس زندگيءَ ۾ ڪيل ڪيس پاڪ يا ناپاڪ بڻائيندا آهن. ڪوبه پاڻي انسان جي گناهن جي ڪاراڻ کي ڌوئي نٿو سگهي.“ حسين چيو.

”لڳي ٿو تون خوابن، مفروضن ۽ خوبصورتين ۾ يقين نه رکندو آهين.“ هُن حسين کي چيو.

”شايد آئون سڀني مفروضن ۽ خوابن جي خوشنمائي کان ٿڪجي پيو آهيان.“

”تون اجا ويهن ورهين جو ٿيو نه هوندين، جيئن توکي ڏسي مون اندازو ڪيو آهي ۽ تون ابتري ۾ ٿڪجي پوڻ جون ڳالهيون ڪري رهيو آهين! هاڻ جڏهن ته تنهنجي لاءِ سج اڀرندو، تون زندگي، خوشنمائي ۽ حُسن جي سامهون ايندين، تنهنجي دل ۾ نيون دنيائون نَوَن امڪانن سان گڏ ظاهر ٿينديون. تون ڪنول جو گُل آهين جيڪو اڃ تائين ڪِڇ ۾ رهيو آهي. گلابي پنڪڙين کي کولي هاڻ تو لئه تار پريل تلائُن ۾ ترڻ جو وقت آيو آهي ۽ مون کي اِهو چوڻ ۾ هبڪ ناهي ته تون پنهنجي عشق ۾ بُريءَ طرح مبتلا آهين. دربار ۾ ته توکي پاڻ سان اڪيلو ٿيڻ جو وقت ئي نه ملندو. پُٺ سخت عمل ۾ مصروف رهه، نه ته مايوسي توکي ائين ڳهي ڇڏيندي جيئن باهه ڪاٺين کي.“

نغمۂ شوق

هي شهرن جو شهر بغداد آهي. نيٺ هڪ زماني پڄاڻان هُو هِت اچي پهتو آهي.

حسين سوچيو هن سڄيءَ حيات جي ڪاروبار ۽ بي پناهه هجوم ۾ ماڻهوءَ جي حيثيت ڇا هوندي! عرب جي ڪُک منجهان هڪ نُور نروار ٿيو. قيصر و ڪسريٰ جي بدحاليءَ تي وِڄ لهريلي آفت بڻجي ڪڙڪي. اوڀر اولهه جون سموريون سلطنتون انهيءَ روشنيءَ منجهان منور ٿيون. بنو اُميه جي زمانن جي بدويت آلِ عباس جي وقتن ۾ تهيل تُڪيل شهري زندگيءَ ۾ بدلي، مزاج مٽيا، سادگيءَ جي جاءِ چالاڪيءَ والاري، شان ۽ شوڪت پنهنجي انتهائي ڪمال تي پهتا. علم ۽ فضل جا وسيع بحر يونان ۽ روم جي علمي جواهرن سان پُر ٿيا. هيبت ۽ دٻدٻي ۾، شرافت ۾، دولت ۽ سخاوت ۾ سموري دنيا ڪمتر هئي ۽ بغداد پنهنجن مدرسن، خانقاهن، مسجدن، پڪڙيل وَرن وَڪڙن وارين گهٽين وارين بازارين ۽ شاهراهن سبب سموريءَ دنيا کي سهيڙيو هو.

گيڙو ڪپڙا پهريل نصراني ۽ يهودي، تُرڪ ۽ تاتاري، هندي ۽ چيني عالمن فاضلن جي لاءِ بغداد هڪ مقناطيس هو جو ماڻهو اُن ڏانهن ڇڪبا هليا ايندا هئا.

دربار زندگيءَ جو مَحور هئي ۽ اُن تائين پُهچ ڏکي نه هئڻ باوجود ذري گهٽ ناممڪن هئي. ڇٽڪ حجابن اندر حجاب، پٽين پويان پٽيون ڪڙيون هجن. سياست جا پنهنجا اصول آهن ۽ اها انهن سياسي رانديگرن جي ئي راند هئي ته عام ماڻهوءَ جي پهچ ڪان حاڪم ۽ حاڪم جي پهچ عام ماڻهو تائين محال هجي، ته جيئن اصل واقعن جي اُرهائين جي آگاهي حاڪم کي تي نه سگهي ۽ نه ئي عوام پنهنجي داد رَسيءَ تائين پهچ حاصل ڪري سگهن. جيڪڏهن عام ماڻهو پنهنجي حاڪم جي محفل ۾ وڃي پهچي ۽ "ياشيخ!" چئي ڪيس مخاطب تي سگهي، ته پوءِ اُهي ماڻهو جيڪي واسطن جي بنيادن تي ئي زنده رهن ٿا انهن جي جاءِ وشال آسمان هيٺ ڪٿي هوندي؟

پريشانيءَ، تنگيءَ، دل آزاريءَ جو به ڪاروبارو آهي، جيڪو حاجتن جي تڪميلن، وڏائين ۽ آڻتن جي اُميد منجهان جِلا ماڻيندو آهي، ۽ منظورِ نظر ماڻهن جي زندگيِ انهيءَ جي دم سان هوندي آهي. هر زمانو ان سان عبارت آهي ۽ هر دنياوي شخصي حڪومت اهڙي آهي، سواءِ خلفاي راشده جي وقت جي يا خلافت بنو عباس جي جيڪي خدا جي خوف کان ڪنبندا رهندا هئا ۽ عام ماڻهن جي داد رَسي پاڻ ڪندا هئا.

حبشي غلام پنهنجن بهترين لباسن ۽ هٿيارن سان سينگاريل اُن راه تي هئا، جيڪا خليفي جي محل کان بارگاه تائين وينديءَ هئي. جڏهن حُسين جي طلبيءَ جو ڏينهن آيو ته معتضد اڃا هينئر ئي فوجن جي معائني کان واپس آيو هو، سندس پيشانيءَ تي پگهر جا ڦُڙا هئا ۽ منهن ٿڪاوٽ ۽ اُس ۾ تپڻ ڪري ڳاڙهاڻ مائل هو. بي چين گهوڙي تان لهي هُن حسين ڏانهن ڏٺو، جيڪو فوجي لباس ۾ وڏيڪ ڇوڪرات لڳي رهيو هو. هُن پيرن کان چوٽيءَ تائين سوچيندڙ نگاهن سان ڪيس ڏٺو.

”هِن کي اڄ منجهند جي محفل ۾ وري حاضر ڪيو وڃي.“ هن پنهنجي غلام بدر کي چيو: ”هن نوجوان جي نهايت دانائيءَ ۽ بهادريءَ سبب اسان هن کي پنهنجن خاص الخاص ماڻهن ۾ شامل ڪيو آهي.“

بدر ڪنڌ نوايو ۽ خليفو خاص بارگاهه ڏانهن هليو ويو. تُرڪ سپاهي، حبشي غلام ۽ سردار جيڪي زمانن کان معزز درباري بڻجڻ جا خواب ڏسندي نهايت ڪوشش سان هيسيتائين پهتا هئا، تن ڪيس عجيب نظرن سان گُهوريو جڻ خوبي ۽ بهادري ڪنهن ٻلي وانگر سندس لباس تي لڳل هجي، ۽ ڪين معلوم ٿي سگهي ته انهيءَ جُونڊ جو اصل ڪارڻ ڪهڙو آهي؟

معتضد ماڻهو شناس خليفو هو ۽ پنهنجي دربار ۾ فنڪارن، مصورن، شاعرن جو انبوهه ميڙي رکيو هئائين، جنهن وسيلي عباسي دربار جي گڻن ۽ ڪمالن جو خوابناڪ قلعو ٺاهيو هئائين؛ جانبازن ۽ وفادارن جو قدردان هو ۽ مخالفن کي معاف ڪري ڇڏڻ سندس وڏي بهادري هئي. پر جڏهن دشمن غضبناڪيءَ جي جنون ۾ اچي مسجدن کي برباد ڪندا يا ڪنهن عبادتگاه کي مسمار ڪندا هئا، ته هُو پنهنجيءَ فطرت خلاف سندن حياتيون برباد ڪري ڇڏيندو هو.

سندس پيءُ معتمد جي وقتن کان ئي زنجي ۽ قرمطي مختلف علائقن ۾ زور وٺي رهيا هئا. علوي به جتي مدافعت ڪمزور ڏسندا يا جتي سندن داعي هُنن لاءِ راهه هموار ڪري ڇڏيندا ته اُتي نمودار ٿيندا ۽ جهان کي فساد ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندا هئا. سندن اُرهه زوراين کان رستا محفوظ نه هئا ۽ پاڻ آلِ علي مان الحسين جي پُٽن محمد ۽ علي رسول جي شهر مديني مان ڏن جو مطالبو ڪيو ۽ ڇئن جمعن تائين نه مسجد نبويءَ ۾ نماز ٿي سگهي ۽ نه ئي ماڻهو اوسيتائين پهچي سگهيا. سرحدون وڏيل هيون ۽ پکڙيل سلطنت ۾ فتنا ڪَر ڪڻندا رهندا هئا. خود بغداد ۾ عوام ۽ سردارن ۾ فوج جي سپاهين ۽ سالارن ۾ فتنا پيدا ٿي پوندا هئا، ۽ وقت جي خليفي امير المؤمنين کي ايتري فرصت نه هوندي هئي جو هُو پنهنجن جهروڪن ۾ ويهي دريا جو نظارو ڪري. ڪارِجهان جو باني تيڻ ڪيڏو ڏکيو هو!

اِهو سڀ ٻڌندي، ڏسندي ۽ سمجهندي، حسين جي دل جي وحشت وڌي ويندي هئي. هُو

منصور کي جيکي خط لکندو هو انهن ۾ پنهنجي آرام سان هئڻ جو ذکر ڪندو، ڇاڪاڻ ته هو گاديءَ جي هنڌ بصري جي هڪ عاليشان گهر ۾ رهندو هو، جنهن جون دريون دريا ڏانهن کُلنديون هيون، ۽ هيءُ گهر ڇانوڻيءَ سان لاڳاپيل هو. پر ڪيس خبر هئي ته اهو سندس مزاج جي خلاف آهي ۽ هو گهڻو وقت اُتي نه رهندو. سندس طبيعت هرڻن به بي چين هئي. هو هڪ پڙڪو ڪائيندڙ پنيت هو، هڪ تاري وانگر جيڪو محض انهيءَ ڪري آسمان ۾ ٽِمي ٽِڪرندو آهي، جو آسمان ۾ محوِ سفر رهڻ جو حوصلو منجهس ناهي هوندو. خود نمائيءَ کان ته اهوئي بهتر آهي ته اُجهامي وڃجي.

دجله سان گڏوگڏ حسين جي نظرن سامهون زندگيءَ جو درياءُ روان رهيو ٿي. حسين جميل شهزادا بهترين عربي گهوڙن تي سوار، پاڪڙن ۾ ڀانهيون، معتبر زائفائون جن جي مهاندن جي چمڪ چنڊ جو گمان ڏيندڙ هئي - حبشي غلام پاڻ تي نازان ۽ پنهنجي طاقت جي بوجهه کان عاجز، ساقي سُرور ۽ سوز جي محفلن ۾ ويندڙ ماڻهو- بازار جواهرن سان ڀريل، وڪرو ڪرڻ وارا غلام نهايت عمدي بخمل ۽ ريشم جا لباس پهريل ۽ دنيا جي ڪُندن کان عجائباتن جا ڍير جيڪي آڻي، هتي اچي سينگاريا ويا هئا:

علم ۽ ادب جون محفلون ۽ مسجدن ۾ ماڻهن جا پُرهجوم بحث مباحثا، وعظ جون محفلون، فلسفي جا مونجهارا سلجهائيندڙ ماڻهو ۽ صوفين جي مسلڪن جي مختلف طريقن جون وصفون:

ڇانوڻين ۾ تيار ٿيندڙ، وڙهندڙ مرندڙ، زندگيون قربان ڪرڻ وارا سپاهي ۽ وفادار- ۽ هو به انهن منجهان هڪ هو. وري هُن معتضد کي ڏٺو ٿي ته بي چين آهي، مصروف آهي، جنگين ۾ پاڻ پتوڙيندو آهي، بغاوتون ۽ سازشون تهس نهس ڪندو آهي، اُنهيءَ سڀ جو فائدو!؟

دجله جي لهرن تي سامان سان ليس ٻيڙيون ٻيڻل ٿي رهيون. محبت هجي يا نفرت، دنيا تي ڪڏهن به حڪومت ڪوبه ڪري سگهي ٿو. حڪومتون انهي ڪري قائم ٿينديون آهن ته جيئن اُهي بدلجن. هر طرف فنا جو طبل وڄندو آهي. زندگي ۽ موت هر لمحي جنگ ۾ رهندا آهن ۽ پڇاڙيءَ ۾ فتح فنا جي ٿيندي آهي.

وقت جي خليفي ڇڏڙاري، سندس ويجهو، جيڪو هجوم رهندو هو اُن ۾ هو به هو، حسين بن منصور - ۽ ٿي سگهي ٿو هو به عام ماڻهن جيان ترقي ڪري وڃي، عمر بن ليث وانگر ڪڏهن آقاي عهد بڻجي پوي يا وري دربار ۾ هڪ خاص حيثيت حاصل ڪري وٺي، تڏهن به ان جو حاصل؟ هُن پاڻ کان ٿي سوال ڪيو 'حاصل؟!'

دجله کي اپرندي ۽ الهندي ملائڻ وارين پُلين تي روز ماڻهو ٽنگيا ويندا هئا. ڪين سزا ڏني ويندي هئي ۽ ائين هُو پنهنجي انجام کي پهچندا هئا. هيءُ به ڪو انجام هو!

خبر ناهي باغين کي اهو ڇو نه ٿو معلوم ٿئي ته جيڪڏهن ڪامياب نه ٿيا ته سندن

انجام اهو ٿي ٿيندو، سندن هٿ پير ڪپيا ويندا. ڪين ڦاهين تي ٽنگيو ويندو ۽ سندن بي جان جسم دجلہ جي باب اڪبر سامهون هوا ۾ جهولندا رهندا تہ جيئن ماڻهو عبرت حاصل ڪن.

اُن گهر ۾ هُن سان گڏ هڪ ٻيو ڇوڪرو بہ رهندو هو. حامد کي حسين جو گم سُم انداز ۽ گهٽ ڳالهائڻ پسند نہ هو. هُو بهزاد جي حسين نارين جو شيدائي ۽ ظاهري دنياداريءَ تي ساهہ ڇڏيندڙ هو. گوڙ گهمسان وارين بازارن ۾ ٻانهين جو پيڇو ڪندو ۽ اُنهن سان ڪٿي نہ ڪٿي ملڻ ۾ ڪامياب بہ ٿي ويندو هو. اِهي افسانا ٻڌڻ لاءِ، انهن ۾ دلچسپي وٺڻ لاءِ هُن حسين کي ڪڏهن بہ تيار نہ ڏٺو.

"وَاللّٰه، قبيحہ جو حسن جهان سوز آهي." حامد هڪ ڏينهن چيو.

"پر آئون پنهنجو پاڻ کي جلائڻ جي حق ۾ ناهيان." حسين جواب ڏنو.

"جيڪڏهن هن گهر ۾ هوءَ اچي سگهي تہ چنڊ جي ضرورت ناهي."

"سڀ ٻانهيون پوءِ پل تہ اُهي قبيحہ هجن يا عذرا، سلميٰ هجن يا هنده، عربي هجن يا عجمي چنڊ هونديون آهن،" حسين جواب ڏنو.

"تون ايترو بدذوق آهين، مون کي خبر ناهي،" حامد بخيل ٿيندي چيو.

"۽ اِها تنهنجي بدذوقي آهي، جو قبيحہ تي ساهہ ڏيندو وتين." حسين تيزيءَ منجهان چيو.

"هُوءَ ڪا عام ٻانهي ناهي، وقت جي خليفي جي گهر جي خاص ٻانهي آهي."

"ان سان تہ اجا بہ ڏکيائي اٿئي، تون خيانت لاءِ ڪهڙيءَ محفوظ هستيءَ کي ڳولي سگهيو آهين!"

"توڏانهن ڪڏهن ڪنهن ڌيان ئي نہ ڏنو هوندو!" حامد چڙندي چيو.

"ٺيڪ ٿو چوين - مون وٽ وقت بہ تہ ڪڏهن ايترو ناهي رهيو. سچ ٻڌاءِ، ڇا وقت هوندو آهي؟" حسين آهستگيءَ سان پڇيو.

"تنهنجون ڳالهيون منهنجي سمجهہ ۾ نٿيون اچن. عجيب ديوانو ماڻهو آهين." حامد مُنهن ڦيري ڇڏيو، "مون کي تو کان پَرَ ٿو ٿئي، ڪٿي تون هي سڀ ڳالهيون ڪنهن کي ٻڌائي نہ وجهين."

"نہ. منهنجي طرف کان مطمئن رهہ. ها، پنهنجو پاڻ کان پَرَ ڪر ۽ هر ماڻهوءَ کي پنهنجو پاڻ کان پَرَ ڪرڻ گهرجي."

"مون ۾ اُهو جنون ناهي جيڪو تو ۾ آهي،" حامد چيو، "۽ انهيءَ ڪري آئون ظاهري لباس کان آزاد ٿي ديوانو نٿو ٿي سگهان."

"مقدر جي ڳالهہ آهي،" حسين چيو.

پر ان کان پوءِ حامد ۽ حسين وچ ۾ هڪ عجيب سرد مهريءَ جڳهہ والاري ورتي، جيڪا دشمني تہ نہ هئي پر دوستي بہ نہ هئي. واندڪائيءَ جي وقتن ۾ حامد بي چين ۽ انتظار ڪندو

رهندو هو تہ جيئن حسين ٻاهر وڃي. حُسين جون شامون، جڏهن ڪيس درٻار کان نجات هوندي هئي تہ جنگي فن جي نمائش ۾ يا باغن ۽ ڊگهيل رستن وارن بازارن مان ٿي، مسجدن ۾ گذرنديون هيون، مسجدون جيڪي تعمير جي فن ۽ ذوق ۽ شوق جي انتها هيون- جن ۾ ايمان جي قوت ۽ عشق جو جذبو ڪارفرما هو. عشق سراپا هميشگي آهي جنهن ۾ رفت ۽ بود ناهي. عشق جي مضراب سان حياتيءَ جي سُرن منجهان گيت اڀري ٿا- گيت جنهن ۾ عرش کان فرش تائين هر شيءِ ۾ جاري ۽ ساري آهي. هيءُ گيت جنهن کي ٻُڌڻ لاءِ بہ ڪوئي ٻڌڻ وارو گهرجي ڇاڪاڻ تہ ان جي زيرو بم جي صدا فنا ڪري وجهندڙ چمڪات جيان آهي.

هيءُ تماشن سان ڀرپور شهر هو. جتي حسين هو، جتي هڪ مڪمل دنيادارُ دوکيبازيءَ ۽ فريب جا سبق سِکندو آهي. درٻار جي هجوم ۾ ماڻهو هڪٻئي کي اورانگهيندي، پيرن هيٺ لتاڙيندي... هتي ڪوبہ جذبو، ڪوبہ خيال، ڪابہ ڳالهہ اَصل نہ هئي. غرور سان ڀرپور ۽ آڪڙ مان ڦونڊيل بغداد جا رهواسي، جن کي سچ سان دشمني هئي ۽ جيڪي پنهنجي شهر کي سموري جهان کان اعليٰ ۽ پنهنجن طور طريقن کي عمدو ڄاڻندا هئا. اجنبين کي پسند نہ ڪندا هئا ۽ جيئن تہ هتي اجنبين جو وڏو هجوم هو انهيءَ ڪري ساڻن نفرت ڪندا هئا.

معتضد قصا گهڙيندڙ، راڳي آوارہ گرد ۽ فال ڪڍڻ وارن ڏانهن ڌيان ڏيڻ ڇڏي ڏنو هو، باقي امير وزير بہ امير المؤمنين جو مزاج سمجهندي، پنهنجي روش بدلائي رهيا هئا.

دريا جي ڪناري حسين ۽ راڳي وچ ۾ ملاقات ٿي وئي.

"ڇا درٻار ۾ اسان جي پهچ نٿي ٿي سگهي؟ تون اسان جو همسفر رهيو آهين، اسان جي ڪائي مدد ڪر." راڳي چيو.

"امير المؤمنين کي آرام جو وقت بہ ميسر ناهي، گهڻو ڪري پاڻ بغداد کان ٻاهر رهندا آهن،" حسين چيو.

"فوجُن جي هوندي ڪين ايڏي تڪليف ڪڻڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟" راڳيءَ پڇيو.

"ڪنهن ملڪ جي حفاظت فوجين سان گڏوگڏ خليفا بہ تہ ڪندا آهن. ائين ڪٽي سمجهہ جيئن سڀ کان وڏو راڳ جيسيتائين تون پاڻ ان ۾ شريڪ نہ هجين، سازندا نٿا ڳائي سگهن،" حسين جواب ڏنو.

راڳي پنهنجي اُهائي شوقين کِل کِليو.

"واہ واہ! راڳ ۽ فوجين جو تعلق؟"

"اهوئي تہ تعلق آهي تہ حڪومت هڪ وڏي راڳڻي آهي، جيئن ڪائنات!" حسين اوپر واريءَ پُل ڏانهن هلندي چيو.

"تنهنجون ڳالهيون مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿيون اچن!" راڳيءَ حيرت منجهان چيو.

"جنهن ڏينهن منهنجي اها ڳالهہ سمجهي وٺندين، ڪنهن جاءِ تي بہ رَسائي ڏکي نہ

رهنديئي، نهايت معمولي ڳالھ آهي ڪا وڏي فارسي ناهي. جهڙي طرح راڳ ۾ لفظن ۽ آوازن جي زيرو بم جي دُرستي ضروري آهي- مطلب تہ هر شيءِ، هر ڪم توازن جو طلبگار آهي." راڳي ٻُڌي سوچڻ لڳو.

حسين ڪانئس موڪلايو ۽ پُل جون ڏاڪٽيون چڙهي سوق الثلاثہ ۾ داخل ٿيو، جنهن وچ ۾ نظاميہ مدرسو هو ۽ جنهن جي شهرت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هئي. حسين ان هڪ سال جي عرصي ۾ بغداد جي زندگيءَ جو مزو چکيو هو ۽ دربار سان وابستگيءَ سبب ڪائي بہ جڳھ هُن لاءِ لاحاصل نہ هئي. ماڻهو ڪيس ذاتي وجاهت ۾ طبيعت جي نفاست سبب ٻين کان منفرد ڄاڻندا هئا، ڇاڪاڻ تہ هُن ڪڏهن بہ ڪنهن کان ڪائي شيءِ مفت طلب نہ ڪئي ۽ نہ ئي فخر ۽ شان ۽ شوڪت جو مظاهرو ڪيو هو، جيڪا دربار سان منسلڪ ماڻهن جي خصلت هئي. سلطنت جا معزز گهڻو ڪري اپرندي حصي ڪان الهندي ڏانهن ويندا هئا جتي باغن جي گهڻ هئي. قبرستان ۽ الله جي ولين جا مزار بہ هئا ۽ هو شايد اتي بہ عبرت لاءِ ٿي ويا، پر جيئرن مُردن منجهان عبرت ڪڏهن حاصل ڪئي آهي؟ جيڪو زمين جي هيٺيان آهي سو زمين تي هلڻ وارن کي ڪوبہ سبق نہ ٿو سيکاري سگهي ڇاڪاڻ تہ سِڪڻ وارن جا ڪنڌ ڪڇيل ۽ نگاهون عرش ڏانهن هونديون آهن.

انهن ئي ڏينهن ۾ جشن صد بِسُت● جي هوا هلڻ شروع ٿي ويئي هئي. جڏهن عصر ويل اُفق تي انڌوڪار اُڀري ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سڄي بغداد تي ڇانئجي وئي- اتر کان برفبار هوا هلي ۽ لڳاتار مينهن اُن کي ڇوڀاسي پکيڙي ڇڏيو ايسيتائين جو تڏ ۽ شديد سيءَ ماڻهن کي ٻاهر نڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. رستا بند ٿي ويا جيڪو جتي هو اُتي ئي رهيو. حسين کي بہ مدرسي ۾ رهڻو پيو.

قاري پُراُميد سريلي آواز سان قِرائت ۾ مشغول ٿي ويا تہ جيئن هيءَ زمين سندن نفس جي برڪت سان آسماني عذاب کان محفوظ رهي. هڪ آيت جي ختم تي ٻئي قاريءَ هڪدم قرائت شروع ٿي ڪئي. اِنهيءَ ترتيب سان مشابهت رکندڙ آيتون پڙهڻ جو سلسلو سڄيءَ رات تائين جاري رهيو. ٻڌڻ وارن جي شڪلين تي نِدامت ۽ شرمندگيءَ جا آثار نمايان هئا. سيني جون دليون قيامت جي خوف کان خائف ۽ پيُو ۾ ورتل هيون.. نفسن تي اهڙي ڪا حالت طاري هئي، جو سيني جي زبان منجهان توبهُن جا لفظ بي اختيار جاري هئا.

"دل هاڻ ڪٿي آ، شوقَ ڪيس وِڪهرائي ڇڏيو!
"اندر هاڻ ڪٿي آ، جدائيءَ ڪيس وِڃائي ڇڏيو!
"اي همدم! توکي خدا جو قسم ۽ توتي جان قربان،
"سندن ذڪر سان منهنجي سوزِ گداز کي وڌاءِ!"

● بسُت: ايران جي هڪ شهر جو نالو.

پڙهڻ وارن انهن شعرن جو ايترا پيرا ورجاءُ ڪيو، جو هر اک مان ڳوڙها جاري هئا. خوف منجهان هر دل ڪنبي تي ۽ آه ۽ زاريءَ جي آواز سان دليون بيقرار هيون. حسين تي وجد ۽ ڪيف جو هڪ عالم طاري تي ويو. ايستائين جو شوق جي شدت، اندر جي تاءَ، سندس وجود پگهرائي ڇڏيو ۽ هو بي هوش ٿي ويو.

باب البصره ۽ شارع پاڙي وچ ۾ المارستان جي بازار هئي، جنهن ۾ شفاخاني جي عاليشان عمارت دجله جي ڪناري تي اَڏيل هئي، جنهن اندر شاهي آرائش جو سامان هو. انهن حسين کي هڪ اهڙيءَ جاءِ ۾ رهايو جنهن ۾ دريون گهٽيون ۽ ڪشاديون هيون ۽ دجله جي گهميل هوا، جيڪڏهن مريض چاهي ته هُن تائين پهچي سگهندي هئي. ٻئي پاسي جون دريون عشابيه پاڙي ڏانهن کُلنديون هيون. جتي ريشم ۽ مختلف قسمن جي سُٽ کي ملائي ڪپڙو تيار ڪيو ويندو هو ۽ اڏاڻن جو مدم مدم آواز ڇڻ ساز وڄي رهيا هجن- ٻُڌجي سگهبو هو: فرات جي اُها شاخ جيڪا دجله ۾ ڪِرندي هئي، اُن جي ڪنڌيءَ ڪان گذرندي هئي.

نظاميه مدرسي ۾ اُن قيامت خيز مِينهن سبب قبرن جا مُنهن کُلي ويا هئا ۽ دفن ٿيل مُردا گهٽين ۾ ترندا وتندا هئا. حسين کي آندو ويو هو، مٿس سخت غشي طاري هئي ۽ انهيءَ باوجود جو طبيب سندس چوڌاري بيٺا هر تدبير ڪري رهيا هئا.، ڪيس هوش ۾ آڻڻ لاءِ خاصي پريشاني ڪڻي پئي. هٿ پير بي وس هئا. رنگ هيڊو هو، ۽ ائين محسوس ٿي ٿيو ڇڻ ڪنهن شديد غم سندس حواسن تي پنهنجو چنبو ڪوڙيو هجي.

ٻه نگهبان ڪاهي ساڇي نهايت تاڪيد سان ويهاريا ويا ۽ طبيب دعا لاءِ هٿ ڪنيا. شايد خداوند تعاليٰ، پنهنجن ٻندن کي سُجهه ٻُجهه عطا ڪرڻ وارو، هِن شخص کي به بچائي وٺي. ڪِنوڻ هر لحظي سان گڏ ڪري ٿي ۽ ان جي گجڻ جي آوازن ڪنن جا پڙدا ڦاڙي ٿي وڌا، ڇڻ عنصر ڪنهن قيد مان آزاد ٿي زور آزمائي ڪري رهيا هجن. گهٽيون وهڪرن جو منظر پيش ڪري رهيون هيون.

هيءَ ڪهڙي بي هوشي هئي ؟! ۽ ڪو اِهو ٻڌائڻ وارو به نه هو ته ٿيو آخر ڇا هو؟

لڳاتار وسڪارو رهيو هو، ائين ٿي لڳو ڇڻ نوح جو طوفان هر خشڪ ۽ تارِ کي ڏڪي ڇڏيندو.

المارستان جي شفاخاني ۾ مريض ۽ طبيب سوچي رهيا هئا، شايد قيامت اچي پڳي هئي ۽ گناهن کان معافي ۽ توبهن جي اِهائي گهڙي هئي.

حضرت عثمان مڪي پنهنجي خانقاه منجهان نڪري، جيڪا بغداد جي حربيه پاڙي ۾ هئي شفاخاني ڏانهن آيا. سندن عزيز ابو ايوب اقطع بيمار هو. ڪيترن ئي طبيبن جي علاج هيٺ رهڻ باوجود به صحت اڃا سُڌاري ۾ نه آئي هئي. هڪ هفتي جي مسلسل مينهوڳين سبب اڇ وڇ جا ذريعا اَٽلپ ٿي ويا هئا. شاهراهن تي ٻيڙيون تري رهيون هيون. پاڻي گهرن ۾

گهڙي آيو هو ۽ افراتفري جو عالم جڻ قيامت جو عڪاس هو. اهڙيءَ حالت ۾ بغداد جي پسگردائيءَ ۾ ڪو طبيب ڪيڏانهن ٿي وڃي سگهيو؟ ابو ايوب جي حالت بگڙي وئي هئي.

شفاخاني ۾ بهترين طبيب گڏ ٿيندا هئا. جيڪي هر جُمعي جي رات ۽ سومر تي مريضن کي ڏسڻ ايندا هئا. انهيءَ ڪري حضرت عثمان مڪي بهتر سمجهيو ته پاڻ تشريف فرما ٿين ۽ ابو ايوب لاءِ ڪنهن طبيب کي زحمت ڏين.

ماڻهو گاڏڙ ساڏڙ خوف ۽ تجسس منجهان هر طرف اِهو ذڪر ڪري رهيا هئا ته مينهن سبب هڪ ڊِپ ۾ قاتت پيو آهي ۽ اُن منجهان ست قبرون نڪتيون آهن ۽ ست جِسد خاڪي اُنهن منجهان ظاهر ٿيا آهن. سندن قبرن کُلڻ سبب فضا خوشبودار ٿي وئي آهي ۽ انهن صورتن تي اک ئي ٽِڪي نٿي سگهي - هر شڪل، خواب آور آفتاب آهي، چمڪ ۾ بي مثال ۽ جلال ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ. شفاخاني ۾ اِهو ٻڌي ماڻهو 'سبحان الله' جي حمد ۽ ثنا ڪري رهيا هئا. موت ۽ زندگيءَ متعلق گفتگو ٿي رهي هئي. اعمالن جي پاڪيزگي ۽ رحمت خداونديءَ سواءِ اهڙو انجام بنهه ناممڪن هو. خدا ڄاڻي اُهي ماڻهو ڪهڙي زماني جا هئا، ڪهڙي مذهب سان سندن تعلق هو- نوراني صورتن وارا سهڻا جوان جِن جي موت تان پردو کڄيو هو ۽ خوشبو ٿي آهي. ماڻهو صالح ۽ اعليٰ اعمالن جو ذڪر ڪري رهيا هئا. هر شخص جنهن کي پنهنجي واري جو انتظار هو، اهڙي ئي موت جو طلبگار هو- دنيا ۽ دين ٻنهي جي دولت.

طبيب حضرت عثمان کي ڏٺو ته ادب وچان پنهنجي جڳهه تان اُٿيو، سندن شان ۽ مقام کان اڻواقف هئڻ باوجود سندن طور طريقن کان ڏاڍو متاثر ٿيو هو.

"اوهين ڪنهن کي موڪلي ڇڏيو ها يا آئون پاڻ حاضر ٿي وڃان ها."

"مريض آئون نه منهنجو هڪ عزيز آهي." نهايت نرميءَ سان چيائون.

حسين انهيءَ آواز کي ٻڌو ته اکيون کٽي ڏٺو. ڪنبٽيءَ سبب سندس وجود کي جهٽڪو لڳو ۽ جسم ڏڪيو. مٿي کان پيرن جي ترين تائين ڪيس پنهنجي اندر ٺڏجي لهر محسوس ٿي.

ٻئي پاسي ويٺل هڪ شخص وڏي هٺ ڄمڻ بعد چيو:

"حضرت آئون هيءُ مسئلو دريافت ڪرڻ گهران ٿو ته ڇا انساني جسم هزارين سال دفن هئڻ بعد به ايترو تازو ۽ خوشبودار رهي سگهي ٿو؟"

سڀ ماڻهو ڌيان ڏيڻ لڳا ته حضرت عثمان مڪيءَ چيو:

"اِهي خدا جا پنهنجا راز آهن، انهن جي ڪائي ڇِنائي نٿي ٿي سگهي، جيڪو ٿيو آهي سو بلڪل ممڪن ئي هوندو ۽ اِهو فنا ٿيڻ وارو وقت اسان جي تاڙ ۾ آهي، اُهو هڪ وقت انهيءَ کان ٻاهر آهي جنهن سان اسان جي شناسائي آهي."

حسين پنهنجين هڏين ۾ وري سِيءَ جي لهر محسوس ڪئي ۽ مٿي ڏٺو-

حضرت عثمان مکي ڏانهس ڏسي رهيا هئا. حسين پيهر ڪَنبيو ۽ ڏُنڊ سندس اکين اڳيان پکڙجي ويو، ڇڻ شديد گرميءَ سان ڀريل هوا سندس دماغ ۾ گهمي رهي هجي. هُن هٿ ڍِگهيريا ته ڪيس محسوس ٿيو سهل بن عبدالله تستريءَ ڪيس سهارو ڏنو آهي، سندس هٿ جهليو آهي، سندس اکين تي آگر ڦيري آهي. هن جي ڳُوڙهن ڇپرن منجهان ننڊ غائب ٿي وئي. ڦِرندڙ دماغ جائيتو ٿي ويو. هُن گهبرائجي پيهر متي ڏٺو. بخار جي ڪيفيت، سيءَ جي ڪنبڻيءَ سڀ موڪلائي ويا هئا. هن مُرڪي ڏٺو حضرت عثمان مکي نهايت شفقت ڀريل نگاهن سان ڏانهس ڏسي رهيا هئا.

طبيب سان گڏ شفاخاني مان ويندي پاڻ حسين کي چيائون:

”عزيزم، تون حربيه پاڙي جي خانقاه ۾ اچ.“

ائين چئي، هُن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

ڦاٽ پوڻ سان ستن قبرن مان لاشن جو ظاهر ٿيڻ ۽ انهن جي ڪري خوشبوءَ سان سڄي علائقي جو واسجي وڃڻ حسين جي بہ سمجهہ ۾ نہ آيو هو. هُو اعمالن ۽ نيتن جي نيڪيءَ ۽ خلوص کي سمجهندو هو. سچائيءَ کي مڪاريءَ کان الڳ سمجهندو هو پر عمل جي انهيءَ رُخ کان ناآشنا هو. ڪيس ڪهڙيءَ شيءِ سان شناسائي هئي؟

ماٺهو باهہ، پاڻي، مٽيءَ ۽ هوا مان ٺهيو آهي ۽ هُو هڪ طرح سان مجوسي پار هو. باهہ پرستي سندس رت ۾ رَچيل هئي ۽ هيءَ آڳ اُها نہ هئي جيئن ڏسڻ ۾ آئي ٿي بلڪ هيءَ اُها آڳ هئي جنهن جي اندر باهہ، پاڻي، مٽي ۽ هوا هئي ۽ هيءَ حرارت عشق جي حرارت هئي ۽ اُن جي حرڪت منجهان تپش ٿي نڪتي ۽ اُها حقيقي عشق جي حرارت هئي. حُسين پنهنجي ممڪنات تي غور ڪڏهن ڪيو هو؟- اها حرارت سندس اندر ۾ ڪڏهن هلي آئي هئي- هيءُ تَوُ ڏيندڙ وجود- هُو سڄي جو سڄو آڳ ڇو بنجي ويو هو ۽ وري اُن نگاهہ پويان نگاهہ جي تسلسل ۾ جنهن ۾ نہ زمانن جي ڏوري هئي نہ مڪانن جي فاصلن جون حدبنديون هيون. هوءَ وِڪري وري يڪجاءِ ٿيو هو.

عنصر سندس اندر ۾ ڪهڙي ڪيڏ ڪيڏي رهيا هئا. هُو فاني ٿي رهيو هو، باقي ٿي رهيو هو!

حضرت عثمان مکيءَ خانقاه ۾ حسين کي ڏسي چيو:

”تون عدم ۽ وجود جي ڪيڏ ۾ غير جانبدار آهين. پنهنجو پورو ڌيان صرف ڪندين تہ اِهي ڳُجهہ سُلجهندا.“

هُو ڪنڌ جُهڪائي ويٺو رهيو جيئن تُستر ۾ شيخ سامهون پلٽي ماري ويهندو هو.

”تون پنهنجي جذبي جي شدت کي ڪڏهن موجود ۽ ڪڏهن اڻ لڀ ٿو سمجهين. نفس جي سڪيا ضروري آهي. تون هنن مجلسن ۾ جڏهن چاهين اچي شامل ٿي سگهين ٿو پر

سالڪ جيئن راهه جي شوق ۽ خدا جي خوشنوديءَ لاءِ جيستائين پنهنجو پاڻ کي تيار نہ ڪري وٺين تيستائين هيڏانهن اچڻ نفع بخش نہ ٿيندو.“ حضرت عمر بن عثمان مڪي پنهنجن مَسلڪن ۾ اصولن جي پابندي ضروري سمجهندا هئا.

حُسين گهايل نگاهه سان ڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پر بي ادبيءَ جي خيال کان نظر کڻي نہ سگهي.

”تون تُستر مان پڇي چو آيو هُئين؟“

حسين ڇرڪ ڀري مٿي ڏٺو. سندن تنبيهہ ڪندڙ نگاهن جو رعب هو سَهي نہ سگهيو.

”خلافت جي دربار ۾ بہ نفس جي سڪيا ٿي سگهي ٿي. جيڪر رحمت خداوندي شاملِ حال هجي.“ سندن هُن جي حال تي بہ ڇگو توجهه هو.

”آئون دربار کي ڇڏي ڏيندس. اوهين مون کي پنهنجي چانوَ ۾ رهڻ جي اجازت ڏيو.“ سندس عاجزي ڏسڻ جوڳي هئي. سندس سڄو وجود پاڻي ٿي، مٽي ٿي، هوا ٿي سندن قدمن ۾ هو.

حضرت سوچيندو رهيو، سوچيندو رهيو، ايسيتائين جو دَري کُلي ۽ ڪنهن چيو:

”چاچا سائين! بابا جي طبيعت وري خراب ٿي وئي آهي.“

حسين ڇرڪيو. ڇا هيءُ اغول جو آواز هو؟!!

سندس سڄو وجود وري تاءُ ڏيڻ لڳو جڻ مَچ ٻري پيو هجي، وڏن ٻينڌن سان خانقاه جو اڱڻ ٻرجي ويو هجي. هر شيءِ هُن سان، هُن جي ذات سان لبريز ٿي وئي. سيني طرف هُو هو. باهه بہ ۽ تاءُ بہ. تپش بہ تہ شعلو بہ. يا سيني طرفن باهه هئي ۽ هو ڪٿي بہ نہ هو!- هُو اغول هو ۽ اغول منجهس سمائجي ويئي هئي - اچرڄ جهڙو تجربو ۽ مشاهدو هو!

سندس اندر ۾ وري ٻيچ ڏاهه شروع ٿي وئي. ڇڪتاڻ، ڪشمڪش تہ ڪير رهي ۽ ڪير مٽجي وڃي؟ ٻيائيءَ جو مٽجي وڃڻ، هي غيبات جهڙو نالو هو يا بس نالو ئي هو. هُن ڪيس ڏٺو ڪڏهن هو؟

ڇا ڏسڻ لاءِ ٻن اکين جي ضرورت هوندي آهي؟

پر خيال سان عشق تہ نٿو ڪري سگهجي ۽ هُن ۾ پنهنجو پاڻ وِڃائي ڇڏڻ جي، وِساري ڇڏڻ جي، بي پناهه صلاحيت هئي. هُو ڪنهن سان عشق ڪري ڪيڏانهن وڃي؟

لڳو، زمانا گذري ويا آهن.

”حُسين، تون درس ۾ شريڪ ٿي سگهين ٿو.“

”جي.“ هُن سندن نگاهن جي نرميءَ کي محسوس ڪيو، جڻ بيمار کي شفا جو شربت پيارجي رهيو هجي.

”پر اِن سلسلي کي سمجهڻ جي لاءِ ۽ اُن ۾ هڪ مريد وانگر شريڪ ٿيڻ لاءِ وقت جي ضرورت درڪار آهي. تون منهنجي ڳالهہ سمجهين پيو؟“

"جِي."

هُن اجازت ورتي ۽ جڏهن حضرت اُتي اقطع جي گهر جي پاسي واري اُن سوڙهي لنگهه منجهان نڪتا، تہ سندن پُٺ تان سندس نگاهہ ڪچي ۽ هُن ايوب اقطع جي ڌيءُ کي ڏٺو. عجيب اَسونهين صورت هئي، رنگ ڪارو، مصيبت زده، بي رونق، پيءُ جي بيماريءَ سببان پريشان- اُنهي هڪ شڪل ۾ ڪيترا تضاد گڏ هئا! آواز جي نغمگي ۽ شڪل جي بدصورتي جيئن ڪو پاڪ چشمو گند ڪچري جي اندر منجهان ڦٽي وَهي.

حسين جڏهن قرافہ پاڙي ۾ جتي دجلہ جي ڪناري قافلن جو داہو آهي پهتو تہ ڪيس هندي سوداگر ملي ويو. هُو دياربڪر ۽ ٿڪريت جي شهرن کان موٽيو هو ۽ حمامن طرف وڃي رهيو هو. بغداد جي هن حصي ۾ نهايت عاليشان ۽ وڏا وڏا حمام آهن جن تي ڪاري رنگ کي اهڙيءَ طرح چمايو ويو هو جو لڳو ٿي چڻ ڪاري پٿر سان تعمير ڪيا ويا هجن. جاري گرم ۽ ٿڌو پاڻي هڪيو تڪيو ۽ وهنجڻ واري کي مڪمل اڪيلائي مُيسر هئي.

"جيڪڏهن توکي پيو ڪو ضروري ڪم نہ هجي تہ تون اِتي ئي منهنجو انتظار ڪر-" هُن حُسين کي چيو.

حُسين ڪنڌ جي اشاري سان ويهڻ جو اقرار ڪيو ۽ دجلہ تي وڏين وڏين ٻيڙين ۽ خلقت جي ميڙن کي پُلين تان ايندي ويندي ڏسندو رهيو. هو اُنهن محلاتن جي اندر رهندو هو ۽ اڄ جڏهن هُو ٻاهر کان ٿوري فاصلي کان ڏسي رهيو هو، تہ يڪدم مٿس سندن شان ۽ شوڪت پڌرو ٿيو. خليفن، بدويت کان شهريت جي ۽ عوام سادگي کان عياريءَ جي راهہ اختيار ڪئي هئي. هي عمارتون سنگِ ميل هيون- مدرسا ۽ خانقاهون، شفاخانا ۽ تارن جي مطالعي لاءِ ڏور ڏسٽيون، سائنس جي مطالعي لاءِ وڏيون وڏيون درسگاهون ۽ سيرگاهُون، باغ ۽ وَهندڙ نديون، عاليشان محلات ۽ دنيا جو سمورو جاه ۽ جلال، رونق ۽ سونهن، شاهي خادم ۽ حبشي خواجہ سراءِ، اُگهاڙين تلوارن جي ڇاپن ۾ هلندڙ جُلوس ۾ تُرڪي ۽ ديلمي آفيسر، دجلہ جو سير ڪندڙ سُهڻا ٻار ۽ عورتون - هيءُ زندگيءَ جو بيخبر ڪاروان رَوان هو: تہ ايندڙ لمحي ڇا ٿيڻ وارو آهي!! وسيع بازار، بي شمار رَهواسي، مدرسا ۽ اُتان کان جتي هُو رهيل هو وسيع ۽ آباد باب البصيلہ نظر ايندو هو.

سوداگر چيو: "سال کان مٿي عرصو گذري ويو آهي، جڏهن تو ۽ مون گڏ سفر ڪيو هو. ان وقت کان هيسيتائين تو ۾ ڪا خاص تبديلي ناهي آئي. جيتوڻيڪ آرام ۽ خلافت جي ملازمت توکي رَعنائي ڏني آهي. تو ڪجهہ قد ڪڍيو آهي، لباس پڻ تنهنجو عمدو آهي پر تون ڪجهہ خوش نٿو ڏسڻ ۾ اچين، ڇا ڳالهہ آهي؟"

حُسين ۽ هُو ٻيڙين ۽ ماڻهن وچ ۾ هلندا رهيا. فرحت ڏيندڙ هوا ۾ چَهل- چڪور ڪندڙ صورتون پُربهار هيون. درياءَ سان گڏوگڏ شاهراهہ تي جتي سواريون نٽي اچي سگهيون پنڌ

هلڻ وارن جا ميڙ هئا. ٻار رنگين ڪاغذن جا لغڙ اُڏائي رهيا هئا. ڳائڻ وارن جون ٽوليون باغن ۾ ڇپر تي لٿي ۾ رُڌل هيون ۽ انهيءَ باوجود جو خليفي سيني آواره گردن، نجومين ۽ تماشبينن کي شهر نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي، پر بغداد جي آباديءَ ۾ خوش دليءَ ۾ ڪائي ڪمي نه ٿي هئي.

”تون ڪجهه ڳالهائين نٿو حسين، ماٺ ڇو آهين! ڇا عشق جو اَسير ٿي پيو آهين؟!“ سوداگر مذاق مان پڇيو.

”تون ته دنيا گهمي آيو آهين. خبرن چارن سان ڀريل هوندين. تون ئي ڪجهه چئو. آئون نه عشق جو اَسير آهيان ۽ نه ئي ناخوش.“ حسين ڪِلي ڏانهس ڏٺو.

”ڌرتيءَ جي هِن خِطي تي سڀ ڪان وڏا تماشا ٿيندا آهن.“ سوداگر چيو.

”ڇا هيءُ ئي خطو باقي سموري جهان ڪان وڌيڪ نرالو آهي- اوهان وٽ ته درياءَ پهاڙن منجهان نڪرندا آهن، انهن جو ئي ڪجهه ٻڌاءِ.“ حسين خوشدليءَ مان چيو.

”اُتي ته صرف درياءَ ئي اهڙا هوندا آهن، اوهان وٽ ته تماشو ئي ٻيو آهي. ڪنهن نيڪ ۽ بزرگ کي پُهتل ۽ معصوم سمجهه ته هُو ڪنهن نه ڪنهن مذهب جو داعي، حڪومت جو باغي، ڪنهن نئي مذهب جو مُبلغ نڪري پوي. سفر دوران گهٽو ڪري هر وِک تي منهنجو واسطو اهڙن ماڻهن سان پيو آهي، جن جون اکيون اندر ۾ لهندڙ، شڪليون ساديون، پر ڪردار نهايت خوفناڪ. قتل ۽ غارتگري سندن پيشو آهي. هر قدم تي دوکو ۽ فريب، سلطنتن جا خواب ڏسندڙ ماڻهو، خلافت جا نهايت شديد دشمن، رقص ڪندڙ، خدا شناس درويش! آلِ عليءَ جو نالو وٺي علم جي آڙ ۾ ظلم ۽ ڏاڍ ڪرڻ وارا. مون کي گهٽ ۾ گهٽ ويهه سال هِنن پٽن تي گهمندي ٿي ويا آهن. پر هِن زماني کان وڌيڪ پريشان زمانو مون ناهي ڏٺو. رستا غير محفوظ، پُرخطر شاهراهون ۽ هر موڙ تي ڪو نه ڪو خوف گهات ۾ - ڇا انهيءَ جو ڪو خاص سببُ آهي، جو تنهنجي مذهب ۾ ايترن مختلف خيالن جا ماڻهو آهن جيڪي هڪٻئي جو ڪنڌ ڪپڻ ۽ ٻنهه مارڻ لاءِ تيار آهن؟!“

”ڇا، اوهان وٽ سُک ئي سُک آهي. مذهب جي نالي ۾ ڪوبه قتل يا غارتگري نٿو ڪري؟!“ حسين پڇيو.

”اسان پنهنجين سرحدن کي محفوظ رکيو آهي. اسان جا پهاڙ برف سان ڍڪيل ۽ اُڪرڻ جي قابل ناهن. فوجن کي ڪوئي سنئون سڌو رستو نه ٿو ملي سگهي. مٿاهان سوڙها پهاڙي پيچرا جن تان هڪ وقت ۾ ماڻهو قطارون ناهي گذري سگهندا آهن، ۽ ٻيو ته اسان جي آبهوا سخت آهي. گرميءَ ۾ ڏاڍي گرم، بارشون بي انداز، شديد سِيءُ- اسين نون خيالن کي اندر اچڻ جي اجازت ئي نه ڏيندا آهيون. ڪَچُونءَ وانگر خطري وقت پنهنجن عقيدن ۽ مذهب سميت اُتي ئي لڪي ويندا آهيون- اسان جي ظاهري وجود کي ڀلي اوهان ڪهڙيءَ به شيءِ سان وڌيو پر اندروني طور تي اسين ڪنهن جو اثر ناهيون قبول ڪندا.“

"واه واه، واه واه!" حسين حيران ھو.

"اسان وٽ اَوتار ايندا آھن جيڪي سمجهه تہ مذھب کي ڏوئي ڀوئي نئين سِري کان اُگهي سُگهي اسان جي سامهون پيش ڪندا آھن. سيني کان وڏو اوتار ڪرشن ڪنهيا آھي،" سوداگر چيو.

"ڇا اُھي جيئرا آھن؟" حسين پڇيو.

"نہ جيئرا تہ ناھن پر ھر زماني ۾ سندن پوڄا ٿيندي آھي. ھر رنگ ۾ اھائي ساڳي مُرلي منوھر-"

"اوھين بحيثيت قوم جي ھڪ تہ ناھيو. اوھان وٽ بہ ٻُڌ آھن ۽ ڪيترائي اوتار آھن، سندن الڳ الڳ نظريا آھن. توکي اِھو ڏاڍي حيرت ٿيندي تہ منھنجو ڏاڏو مجوسي ھو. منھنجين رڳن ۾ باھہ کي پوڄڻ وارن نسلن جو رت آھي. بلڪ منھنجين رڳن ۾ باھہ آھي." ھن کِلي ڳالهہ ختم ڪئي.

"۽ تون - تون تہ شايد اسلام جو فدائي شيدائي آھين،" سوداگر چيو.

"سمجهه تہ آئون ھڪ وڻ آھيان جنھن ۾ باھہ آھي ۽ باھہ زيتون جي وڻ ۾ ظاھر ٿي سگهندي آھي، خدا جي وحدانيت تي شاھدي ڏئي سگهندي آھي. تو شايد اُھو قصو ٻڌو ناھي." حسين ڏانھن مُڙي ڏٺو.

"حضرت موسيٰ جڏھن خدا سان گهڻو ڳالهائي چُڪو تہ ڪيس دوست جي ديدار جي خواھش ٿي. ھن چيو: "ربِ ارني" - 'اي منھنجا رب! آئون توکي ڏسڻ چاھيان ٿو' ۽ خدا چيو 'تون منھنجو جلوو ڏسي نہ سگهندين.' موسيٰ پوءِ بہ ضد تي رھيو. آخر الله چيو، 'تہ پوءِ ھن وڻ ڏانھن ڏس' ۽ زيتون جي وڻ منجهان آواز آيو، "آئون خدا آھيان."

"ڇا اُھو وڻ خدا تي ويو ھو؟!" سوداگر حيران ٿي پڇيو.

"نہ. وڻ خدا نہ ٿيو ھو - خدا جنھن شيءِ ۾ پاڻ پَسائي اُھا سندس پَرتو سان جلوہ گر ٿي ويندي آھي." حسين ڪيس سمجهائيندي چيو.

"پر جلوو تہ خدا جو ھوندو آھي. دعويٰ ۽ ان جو دليل تہ اھوئي ھوندو آھي - شيءِ جي پنھنجي ھستي بہ فنا ناھي ٿيندي."

"شيون خدا پيدا ڪيون آھن." حسين دجلہ جي ھوا ۾ پنھنجو رومال لَھرائيندي چيو.

"ھا." سوداگر چيو.

"شين جي ھستي خدا کان الڳ آھي - آھي نہ." حسين سوداگر جي سوچيندڙ شڪل ڏانھن غور سان ڏٺو.

"ھا." ڇڳيءَ دير بعد جواب مليو.

"خدا جو جلوو شين کي پنھنجو پرتو، پنھنجو رُخ عطا ڪندو آھي پر اُھي خدا ناھن ٿي ويندديون." ھُن لفظ لفظ تي زور ڏيندي چيو.

"ائين جيئن اسان وٽ ڀڳوان هر شيءِ ۾ هوندو آهي ۽ شيون الڳ هونديون آهن،" سوداگر چيو، "تہ پوءِ اسان جي سوچ بہ اُهائي آهي، برهما، ڀڳوان، ايشور، نرنڪار - ايترا نالا آهن. سڀ اُنهيءَ هڪ جا آهن جنهن کي تون خدا چوين ٿو. ٻُڌ حسين! هر ماڻهو، هر اُجالي ۽ انڌياري کي هُن ئي پيدا ڪيو آهي. سڀ ڪجهہ هڪ آهي، سندس يڪتائيءَ تي، سموريءَ دنيا جا، اولهہ اوڀر جا مذهب ڪڙا آهن، تہ پوءِ جهيڙو ڇاجو آهي!" هُو ٻارن وانگر خوش ٿي رهيو هو ڇڻ هُن ڪا وڏي ڳالهہ ڪري وڌي هجي.

حُسين چيو، "آءِ، اِهي مونجهارا گهڻا ۽ ڳُتيل آهن. هلي آءِ، آئون توکي دجلہ جي خاص مڇي کارايان، پر..." پوءِ هُن مُڙي سوداگر ڏانهن ڏٺو.

"ڪا ڳالهہ ناهي دوست، جڏهن کان آئون عرب ملڪن ۾ آيو ويو آهيان مون مڇيءَ کي ڏاڍو لذيذ ڀانيو آهي. مون کي تنهنجي دعوت منظور آهي."

هُو هٿن ۾ هٿ ڏئي ڏکڻ طرف روانا ٿيا، جتي شاهراهن جي ڇيڙن تي رڌ پچاءَ وارا هئا ۽ ماڻهو ڪاٺ جي ٻنچن تي پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيا هئا. هو ٻئي بہ هڪ ٻنچ تي ويٺا، سامهون ڳوٺ ڏانهن ڏسي رهيا هئا. نينوا جي کنڊرن ۽ انهن کان اڳتي نجفِ اشرف، ڪربلاءِ معليٰ. عراق پنهنجن دريائن، ندين، ۽ رهواسين جي ڪري مشهور هو ۽ پنهنجين فضيلتن جي ڪري هڪ عرش سمان هو. سوداگر ٺيڪ ئي تہ چيو هو. 'اسلام ۾ فساد جو سبب صرف ۽ صرف اسلام هو.' حُسين جي سوچ ڏاڍي پري نڪري وئي هئي.

مديني پاڪ جي خاڪ جتي رسول ﷺ هو. هُو افضل ڇو هئا؟ اِنهيءَ ڪري جو ڪائنات جي وجود جو سبب هئا. عرش کان اڳ، هر شيءَ کان اڳ الله ڪين تخليق ڪيو هو. انهيءَ نور کي ۽ پوءِ چنڊ ۽ تارن کي، دنيا کي ۽ آخر ۾ آدم کي اُهو نور آدم جي پيشانيءَ تي چمڪندو هو، ۽ شيطان هو جنهن انڪار ڪيو هو. هُن آدم کي سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. ڇڻ انهيءَ نُور کي جيڪو آدم جي پيشانيءَ تي رکيو ويو هو، هُو سڃاڻي نہ سگهيو هو- هُن عبادتن ۽ مراقبن مان ڇا پرايو هو؟ ڪيس اُها اک عطا نہ ٿي هئي جيڪا ڏسي سگها ها.... ۽ ڪيس پنهنجين عبادتن جو غرور هو. ڪيس رڳو سواءِ هڪ پنهنجي پيو ڪجهہ ڏيکائي نہ ڏيڻ تي ناز هو ۽ اُهو ناز ڪيس ڪٺي ٻُڏو. ڪيس عرش جا سڀ راز ڄاڻندي بہ اُتان کان ڪڍي ڦٽو ڪيو ويو."

"ٻڌ، اوهان وٽ ڪوئي اهڙو آهي جيڪو ماڻهوءَ کي گمراهہ ڪندو آهي، ڪيس نيڪيءَ کان بديءَ طرف سڏيندو آهي." حسين پڇيو.

"هاڻ نيڪيءَ ۽ بديءَ کي ڇڏ، اِهو بحث پوءِ ڪنداسين. مجوسي پارسي، يهودي ۽ نصراني، هندستاني ۽ عجيب عجيب لباس پهريل ماڻهو گهمي رهيا آهن ۽ ڀڳوان جي لاءِ تہ ماڻهو ڪنهن مهل بہ سوچي سگهي ٿو."

دڪاندار درياءَ سان لڳ مِٽيءَ جي حوضن منجهان هڪ مان هٿ وجهي هڪ مڇي جهلي ۽ کين ڏيکاري.

"اوهان جي لاءِ هيءَ ڪافي رهندي." هُن ڏانهنِ ڏسڻ کان سواءِ چيو.

"ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي." سوداگر ڦٽڪندڙ مڇيءَ جون اکيون ڏٺيون جيڪا ڏانهس ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. پوءِ اُڇل کاڌائين ته سندس اچو اُجرو پيٽ ظاهر ٿيو.

حسين هڪ مَنڊ وجهندڙ اڪ ۾ ڏسي رهيو هو. تڙپ جي ڪيفيت کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ مٿس وري ڪنبٽي طاري ٿي وئي. اندر ۾ ڪائي شيءِ هئي جا ڌُڏي رهي هئي. خوف ۽ ڪنبٽي، چٽڪ قتل گاهه ڏانهن وٺي وڃڻ کان اڳ ڪوئي زنجيرن ۾ جڪڙيل قيدي پنهنجي انجام کان باخبر هئڻ باوجود خوف ۾ ڏڪندي به آزاديءَ لاءِ هٿ پير هڻي رهيو هجي.

ٻيڙيون پاڻيءَ جي سطح تي روان هيون، سامان سان ڀريل... وڏيون وڏيون... دل کي فرحت ڏيندڙ درياءَ جي سير سان پاڻ وندرائڻ وارا ماڻهو... پُرغرور حبشي ۽ تُرڪ... جهروڪن منجهان جهاتيون پائيندڙ ٻيڙين جي گهرن مان ڪنڌ ڪڍي هيڏانهن هوڏانهن نظرون ڊوڙائيندڙ عورتون.

کين اُتي ئي ڪاٺ جي ميز تي ٻاڦ اُڏائيندڙ گرم مڇيءَ ۽ تندور جون پڪل گرم گرم مانيون ڏنيون ويون. تَند تَند الڳ هئي ۽ اچ تائين جي ڪاڏل مزيدار ڪاڏن ۾ هيءَ سيني عمدين ترڪيبن سان تريل مڇي هئي. ماڻهو واري جو انتظار ڪري رهيا هئا. اهو سلسلو جاري هو ۽ تارا گهري آسمان جي پولارن منجهان هيٺ تڪي رهيا هئا. ماڻهو موت جي سفر ڏانهن ناز ۽ انداز سان وڌندڙ مست سرُود جو آواز ڪنان ويجهو کان آيو ۽ پوءِ ڳائڻ واري ڳايو:

"ماڻهن پڇيو: 'ڇا تون خوش آهين'."

"اُنهي اَسونهن سان محبت ڪري؟

"مون چيو: اهڙن چشمن مان تازگي ماڻڻ جن کي ٻين ڇڏي ڏنو.

"پيل ڪِن - ڪچري سان ڍڪيل پر..."

"جتي ماڻهو اُڃ اُجهائڻ لاءِ ڳڏ ٿيندا آهن!"

ٻڌڻ وارا ٻڌي رهيا هئا. هي بدصورتيءَ جي ڏاڍي سٺي تشريح هئي.

سوداگر چيو: "حسن جا ديوانا ته سڀ هوندا آهن، ڪير آهي جيڪو بدصورتيءَ کي پسند ڪري، اُن ڏانهن بي وس ٿي ڇڪبو هليو وڃي."

"ائين ممڪن آهي پر بدصورتيءَ جي اندر ۾ به ته ڪجهه هوندو آهي جيڪو نهايت سهڻو هوندو آهي ۽ هي لبادا ته ظاهري آهن."

حسين هٿ پاڻيءَ سان ڌوئي رومال سان اُگهيا جيڪو دڪاندار کنيو بيٺو هو.

”ڪوبہ نوجوان بدصورت عورت کي پسند نٿو ڪري سگهي.“ سوداگر ڪِلندي چيو.

”ائين ٿي سگهي ٿو... ٿي ويندو آهي!“ حسين اُتندي چيو.

”اِها تہ ديوانگي چئبي!“

”ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو ديوانو ٿيڻ پسند ڪندو آهي.“ سوداگر حسين جي خوش دليءَ کي مذاق سمجهيو.

هُنن اُتي بيهي دريا ڏانهن نهار ڪئي. پيڙين جون روشنيون، تارن جو عڪس، لهرن جي چمڪ، سڀئي هڪ تصوير جيان هئا. هڪ خواب جيڪو جاڳڻ سان وسري ويندو- هوا ۾ سُرور سمايل هو ننڊ ڏياريندڙ فرحت انگيز. بانسري وڄائڻ وارا ڇپر تي ويٺا هئا ۽ ڳائڻ وارا پنهنجين پنهنجين ٻولين ۾ ڳائي رهيا هئا. هيءَ رات اصل نٿي لڳي ڄڻ ڪنهن ٻيءَ شيءِ جو ڏندلو خيال هئي. زنجينن ۽ قرمطين جي فتنن کان الڳ هيءَ تہ سڀ کان وڏو ۽ سچو پيغام آڻيندڙ رات هئي تہ سڀ ڪجهہ فنا جي راهہ ۾ آهي.

پنهنجي منزل تي موڪلائيندي سوداگر چيو: ”حُسين! اڄ تو بدصورتيءَ جي تعريف ڏاڍي سهڻي صورتگريءَ سان ڪئي. ڇا تون سنجيده هُئين؟“

”بلڪل. بلڪل.“ حسين چيو.

”چڱو خدا توکي تنهنجي بدصورتيءَ سميت سلامت رکي.“ هُن کلندي چيو، ۽ پوءِ هو موڪلائڻ لڳو، ڇو تہ سندس قافلو جيڪڏهن ڪو مناسب سبب نہ ٿيو تہ روانو ٿي ويندو.

سڀ قافلا رَوان ٿي ويندا آهن ۽ حيات بہ - حيات جيڪا فنا جي زد ۾ آهي. ڇا فنا کان وڌي ڪائي حقيقت آهي؟ حسين سوچيو - جڏهن سُونهن اَسُونهن جي حقيقت هڪ آهي، فنا بقا بہ هڪ آهي، ننڊ، خواب ۽ جاڳ ۽ سجاڳ بہ هڪ آهي هر شيءِ جي حقيقت هڪ آهي تہ هُو اُن صورت جي ڳولا ۾ ڪيستائين سرگردان رهي جڏهن تہ سڀئي صورتون هڪ آهن.

حسين پنهنجي دل ۾ بہ فيصلا ڪيا، هڪ تہ هُو حضرت عمر بن عثمان مڪي جي درس ۾ شريڪ ٿيندو ۽ ٻيو تہ هُو درٻار جي ملازمت ڇڏي ڏيندو. ٻئي ڪم ايترا سولا نہ هئا. انهيءَ باوجود جو حضرت عثمان مڪيءَ کيس درس ۾ ويهڻ ۽ اُن مان فائديمند ٿيڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي هئي، پر هُو کيس پنهنجي مريديءَ جي سلسلي ۾ وٺڻ لاءِ تيار نہ هئا. هيءَ بيگانگيءَ جي ديوار هئي جنهن کي ڊاهي ڇڏڻ سندس نظر ۾ نهايت ضروري هو. سندس مقدر ۾ ائين ڇو هو تہ هُو مڪتب، استاد ۽ سبق بدلائيندو رهي، خوار، سرگردان ۽ بيقرار رهي.

هيءُ سال بلڪ ُانهيءَ کان بہ وڌيڪ عرصو هُن خلافت جي درٻار ۾ خوشنمائيءَ ۽ بدنمائيءَ جي ڏيک ۽ انهن جي اوسي پاسي صرف ڪيو هو- ان سموري عرصي ۾ هُو بهار کان سَرءُ، گرمي سرديءَ جي مندن ۾ پنهنجي جڳهہ کان سَرو جي وڻ وانگر هيڏانهن هوڏانهن

ترقيءَ ۽ تنزل ڏانهن نہ وڌيو هو، ڇاڪ هُو هتي فقط ويٺو هو. سندس اندر ۾ نہ ئي ڪڏهن زَر ۽ نہ ئي جاه جي حاصلات جي خواهش پيدا ٿي هئي. هن گهڻا دوست بہ نہ ٺاهيا هئا ۽ خلافت جي بارگاهہ جي اندر ۽ ٻاهر قهر ۽ جلال، خاص ٻانهين، ٻانديائين ۽ خادمائن ڪان پري رهيو هو. هُن ڪنهن پاسي بہ رغبت جي نگاهہ سان نہ ڏٺو هو. هُن لاءِ رونقن سان ڀرپور محلاتون ڪجهہ نہ هيون. هُن بنان ڪجهہ چئي، بنان سوال ڪئي اطاعت ڪرڻ سکيو هو. ڇا اِها نفس جي تربيت هئي؟ ۽ هاڻ هو گهبرائجي ويو هو. هڪ تماشي ڪي پنهنجين نگاهن سامهون زنده ڏسڻ ۽ ٿوٽيءَ وانگر پردن سان لڳو بيٺو رهڻ، هُو تہ انهي تمثيل ۾ هڪ ٿُوٽي بہ نہ هو - تہ آخرڪار هو ڇا هو؟

پريشان ماڻهو، تحريڪن ۾ مُنڌل، اجنبي دنيا جي هيءَ هڪ ننڍڙي رنگين عڪاسي هئي. هڪ تصويرن جو البم - ڀلا هُو انهي البم ۾ ڪٿي هو؟ ڪٿي بہ نہ- هي ڪاروان جيڪو سندس نگاهن سامهون نِڪتو ٿي ويو، گذرندڙ وقت جي پاڇن ۾ ڏنڌلڪي وانگر ڏيکائي ڏنائين بہ ٿي ۽ نہ بہ. بغداد جي اولهائين پاسي وسيع قبرستان هئا ۽ بنو اُميہ جون قبرون اُکوڙجي چڪيون هيون. ڪاوڙ، تعصب ۽ قاتلاڻن جذبن سان ڀريل هي عربي نسل ماڻهو جن تي شرافت ڪي ناز هو- هاشمي ۽ عباسي، هاشمين جون پُراسرار زندگيون ۽ علوي ۽ معتزلہ- سوچيندي سوچيندي هُو غرق ٿي ماندو ٿي پيو ٿي. جيڪڏهن ڪنهن وقت هُن ڪان پڇيو وڃي تہ هو ڪنهن جو ساٿ ڏيندو تہ هو ڪهڙي پاسي هجي؟ هُو عباسي خليفن جو ملازم هو پر سندس همدرديون هاشمين سان هيون جيڪي بغداد ۾ ڏسڻ ۾ گهٽ ئي ايندا هئا- ايران ۾ سندن بغاوتن گهٽي قدر ڪَرَ تي ڪنيا ۽ خليفو گهڻو ڪري ڪين ٻنجو ڏيڻ لاءِ بغداد ڪان ٻاهر ٿي رهيو. هُو پنهنجي جان جي پرواهہ نہ ڪرڻ ۾ ڪو ثاني نہ رکندو هو. انهن ڏينهن ۾ اِها ڳالهہ هر خاص ۽ عام جي زبان تي هئي تہ جڏهن هڪ قلعي جي محاصري ۾ ڪيترائي مهينا گذري ويا تہ خليفي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي، قلعي جي پيت ٽپڻ پسند ڪئي، محصور تيلن جڏهن ڪيس ڏٺو ۽ سڃاتو تہ هُو دهشت سبب هٿيار ڦٽا ڪري تابعدار ٿي ويا. هُو عجيب حاڪم هو جيڪو هڪ ئي وقت ماضي ۽ مستقبل جي ڳانڍاپيل وقت جي نقطي تي بيٺو هو ۽ تمام گهڻو نمايان هو. حُسين ڪي فخر هو تہ ڪيس هتي طلب ڪيو ويو هو پر هاڻ اُهو فخر بہ ڪيس نهايت سَڪڻو هِيڇائپ جهڙو جذبو نظر ايندو هو. خليفي جي ڪرم ڀريءَ نگاهہ تي سوين ماڻهن جو دارومدار هو- هُو ڪهڙيءَ ڳالهہ تي نازان هو؟!

وقت جي اُڀرندڙ سوالن ۽ پنهنجو پاڻ سان جنگ جي حالت ڪي آخر عارضي سمجهوتي ۾ ختم ڪرڻ جي لاءِ هُن بغداد ۾ رهي پوڻ ۽ ابو يعقوب اقطع جي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو-

گهڻا ڏينهن هُن اقطع جي گهر جي انهي دريءَ ڏانهن ڏٺو ۽ انهيءَ آواز ٻڌڻ جو منتظر

رهيو. خبر ناهي آواز جي کهڙي لهر يا گلي منجهان نڪرندڙ ٻول جو کهڙو زيرو بم، دل کي ڌڙڪائڻ وارو کهڙو لفظ هو جيڪو کيس بي خود ڪري ڇڏيندو هو. هُو انهيءَ ڌُٻڻ ۾ نهايت تيزيءَ سان گهِڙي رهيو هو. گپ - ڪِچ جي سطح هيٺان ڇڪبو وڃي رهيو هو. غلاظت- غلاظت-

منصور جڏهن بغداد ۾ وارد ٿيو ته پنهنجين اميدن خلاف هُن حسين کي خانقاه ۾ اعتڪاف ۾ ويٺل ڏٺو. هُو تستر جهڙين رياضتن ۾ ٻُڏل ته نه هو ۽ نه ئي سندس شڪل تي اُها لَهس هئي پر هو خانقاه مان تمام گهٽ ٻاهر ٿي نڪتو ۽ ائين محسوس ٿي ٿيو ڄڻ هو پنهنجي دل ۾ جان سان هر وقت منتظر آهي- بس منتظر! ڄڻ آسمان منجهان ڪنهن سڏ جو منتظر آهي- غيب ڪان ڪنهن آواز جو- عرش ڪان ڪنهن اشاري جو- هوا منجهان ڪنهن نغمي جو. سندس اعصابن ۾ هڪ عجيب ڇڪتاڻ پئي ٿي، جنهن کي منصور ڪڏهن نهايت شدت سان محسوس ڪيو ٿي ته ڪڏهن ائين ته اِها سندس پُٽ جي عارضي ڪيفيت آهي، هو ٻاٽيهي ٺيڪ ٿي ويندو: ڪنهن راهه جي، جنهن جي کيس ڳولا آهي جڏهن اُها حاصل ڪري وٺندو، هُو به تماشبين ٿيڻ گهرندو هو- ڏارين وانگر رڳو ٻاهر ويهي ڏسڻ وارو پر اِها ڳالهه سندس اختيار ڪان ٻاهر به هئي.

هُو بغداد ۾ ڪيترين اُميدون کڻي آيو هو. دربار، امير وزير، خاص دوست ۽ زندگيءَ جو هڪ مختلف نقشو- پر هِتي اچڻ ڪان اڳ ئي بازي ڦري چُڪي هئي. کيس گهڻي نراسائي به نه ٿي، هُو رضا تي راضي هو. هيءَ حياتي جيڪا حُسين کي خدا ڏني هئي سندس پنهنجي هئي، ۽ عزت ذلت ڏيڻ وارو به اُهوئي هو. پوءِ هُو کهڙا تڪرار ڪري ۽ پنهنجي پُٽ کي ڇا چوي؟-

ها، جڏهن حُسين سندس سامهون پنهنجو ارادو بيان ڪيو ۽ کيس اقطع سان سڱ جي ڳالهه ڪرڻ جي گذارش ڪئي ته هُو ڏانهس ڏسندو رهيو ۽ هُن اُنهيءَ معاملي ۾ ڪنهن به مدد ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو.

”تون ڄاڻين ٿو حُسين! ڪڏهن ڪان آئون خواهشمند آهيان ته تنهنجي مامي جي ڌيئرن مان ڪا هڪ منهنجي نُنهن ٿئي ۽ پيو ته تون خانقاه ۾ رهين، تنهنجو پنهنجو ڪو به ٺڪاڻو ناهي، تون هِن کي ڪٿي رکندين؟ انهيءَ بعد ته خانقاه ۾ رهڻ جي اجازت تو کي نه ملندي.“

”آئون ڪا راهه ڪڍي وٺندس،“ هن نهايت ڪمزور آواز ۾ چيو.

”تون عثمان بن مڪيءَ سان ڇو نٿو ڳالهائين، شايد اُهي انهي سلسلي ۾ تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهن.“ منصور دوستن جيان ڳالهايو.

”نه هرگز نه. هُو ڪنهن دنياوي بکيڙن ۾ مُنڌل نوجوان کي اُهي سمورا سبق ۽ جهاد ڪونه سمجهائيندا جيڪي آئون سمجهڻ گهران ٿو.“ حسين سوچيندي چيو.

"تہ پوءِ اها ڳالهہ ذري گهٽ ناممڪن ٿي سمجهہ. هُو اقطع جا دوست آهن ۽ تنهنجا محسن آهن، جڏهن هوءَ اهڙيءَ ڳالهہ سان ناراض ٿين تہ اهڙو قدم کڻڻ مان فائدو." منصور مشورو ڏنو.

"آئون ڪا راهہ ڪڍي وٺندس. اوهين فڪرمند نہ ٿيو." حُسين ڳالهہ ختم ڪري ڇڏي ۽ منصور بہ سوچي ڇڏيو تہ هاڻ هن سان بحث بيڪار آهي.

منصور ريشم جي سوداگرن سان ملندو رهيو. هُو ٻهريون پيرو بغداد آيو هو ۽ هتي جي شان شوڪت کيس ڏاڍو متاثر ڪيو هو. تماشن جي ڪثرت ۽ فرحت، خوشي ۽ سڪون بخش هوا- دريا جي ڪناري بيڙيون ۽ تحفظ جي احساس سان گڏ شاهراه تي هلندڙ ماڻهن جا قافلا! شاندار محلاتون، اوير اولهہ ۾ پکڙيل هيءَ شهر - سُهڻيون مسجدون، بازارن جي آبادي ۽ دڪانن جي گهڻ، هيرا جواهر مڙهيل مخمل جا لباس ۽ سُهڻيون نازنينون، خچرن تي سوار خريداري ڪندڙ ٻانهيون، ريشمي جَرڪندڙ لباسن ۾ پنهنجن محافظن جي گهيرن ۾ سوارين تي سوار سردار، ڏوليون، ڪجاوا ۽ اُٺن جون قطارون، ڪجين جي وڻن جي جُهنڊن منجهان ڏيکايون ڏيندڙ مسجدن جا مينار، بزرگن جا مقبرا، خانقاهون ۽ عبادت گهر، قافلا، مسافرخانا ۽ ٽڙ تڪڙ ۾ پنهنجا رستا ڳاهيندڙ ماڻهو! اهڙيون رونقون جيڪي صرف هتي لاءِ مخصوص هيون. هُن ايران جي برتريءَ ۽ سلطنت جا انتظام بزرگن جي زباني ٻُڌا هئا. عربن جڏهن کان ايران تي قبضو ڪيو هو ۽ بغداد مرڪز بڻايو هو، دنيا جون سموريون رونقون هتي هلي آيون هيون. داريوش گُشتاسپ• ڪيخسرو•• لهراسپ* ۽ زهره جي پوڄارين تي موت جا آثار ڇانيل هئا. جيتوڻيڪ ڪنهن عبادت گهر کي مسمار ڪرڻ جو سرڪاري حڪم ڪڏهن نہ ڏنو ويو هو. امن ۽ امان سان پنهنجن پنهنجن طريقن تي هلندي رهڻ کان ڪڏهن ماڻهن کي روڪيو نہ ويو، پر اُهائي ڳالهہ تہ وقت جي حاڪم جو مذهب، دلچسپيءَ ۽ ڪشش جو باعث هوندو آهي، ۽ وري اُن جون سچايون، اُن جي همہ گيري، اُن جون معجزاتيون فتحون، سرفروشي جي رسم، جنهن کي هُو شهادت جو نالو ڏيندا هئا جنهن جي جبلن، بيابانن ۾ هڪ ئي صدا گونجندي هئي. پراڻن مذهبن جون سموريون خوبيون جڏهن اُن ۾ هيون ۽ آسان راه هئي: جنت ۽ دوزخ منجهان جيڪو سودو سستو هو سو ماڻهن خريد ڪري ڇڏيو هو. منصور نهايت سادگي ۽ پاڪيزگي سمجهندي، پنهنجي لاءِ اسلام کي چونڊيو هو. ڪاش محمّيءَ کي پتو پئجي سگهي ها! اُهو باهہ پرست، سادي دل رکڻ ۽ محبت ڪرڻ وارو سندس پيءُ ڄاڻي سگهي ها تہ سندس پُٽ انهيءَ راهہ کي ڇو چونڊيو هو؟

• گُشتاسپ: ايران جي بادشاهہ اسفنديار جي پيءُ جو نالو.

•• ڪيخسرو: عجم جو هڪ وڏو بادشاهہ.

* لهراسپ: اسفنديار جو ڏاڏو.

پر هاڻ هو کنهن کي ٻڌائي، پيءُ ۽ پُٽن جون راهون گهڻو ڪري جُدا ٿي ويندڙيون آهن. هُن حُسين جو سوچيو.

اُن بعد منصور ۽ حُسين جي وچ ۾ ڪڏهن اقطع جي گهر جي باري ۾ ڳالهه نه ٿي. ايسيتائين جو منصور جي موڪلائڻ جو وقت ويجهو اچي ويو.

”ڇا تون بيضا واپس نه هلندين؟“ هن پُٽ کي چيو.

”نه بابا سائين! منهنجي لاءِ هيءُ هنڌ ئي مناسب آهي. مون کي اجا پنهنجا درس حضرت عثمان مڪيءَ وٽ سِکڻا آهن پر اها تعجب جي ڳالهه آهي جو هُنن مون کي مُريد بڻائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. مسئلن جي مونجهارن جي وضاحت هو ڪندا آهن پر منهنجي دل بي حضوريءَ ۾ ڀٽڪندي رهندي آهي. ڪاش مون تي سندن اُهوئي توجهه ٿي سگهي جيڪو هڪ زماني ۾ تُستر ۾ مهر پيرءَ نگاهه جي صورت ۾ مون تي ٿيو هو!“

”تون تُستر واپس ڇو نٿو هليو وڃين. وٽن معافي ۽ درگذر جي تمام گهڻي طاقت آهي. ذڪر جي محفلن ۾ جيڪڏهن مُرشد جو توجهه توتي نه هجي ته تون ڪيئن ڪامياب ٿيندين؟!“ منصور ڏاڍي مايوسيءَ منجهان چيو.

”ڪڏهن ڪڏهن آئون سمجهندو آهيان يا مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته مون کي مُرشد جي ضرورت ناهي!“ حُسين دهيل لفظن ۾ ڏاڍو هيسجندي چيو.

منصور ڇرڪ پري ڏانهس ڏٺو.

”تون هي ڇا چئي رهيو آهين، حُسين! ڇا بِنان استاد جي، بنا مُرشد جي ڪنهن هيءُ اٿانگو ۽ جان جوکن ۾ وجهندڙ سفر طئه ڪيو آهي! ڪڏهن تو ڏٺو آهي ته ڪائي ٻيڙي بنا ملاح جي بحر جي ڇاتيءَ تي رَوان ٿي سگهي هجي. ذڪر جي اجازت به جيسيتائين پنهنجي مُرشد کان نٿي ملي اُن منجهان ڪو به فائدو حاصل نه ڪري سگهندين.“

”پر بابا سائين! آئون ڇا ٿو ڪري سگهان، هُو مون کي مُريد ڪرڻ کان انڪاري ته ناهن پر هميشه نهايت عمدگيءَ سان لنوائي ڇڏيندا آهن. جيڪڏهن جهنگ اونداهو هجي ۽ راهه ٻڌائڻ وارو ڪنارو وٺيو بيٺو هجي ته به منزل ته بهرحال ڪير به اٽڪوري ناهي ڪندو. سفر جاري رهندو آهي.“ حُسين ڳالهه ختم ڪئي.

”جيڪڏهن رهبر سواءِ هلندين، تنها هلندين ته ڪنهن منزل تي نه پهچي سگهندين، نه حقيقت جي ۽ نه طريقت جي.“ منصور نهايت تلخيءَ سان چيو.

”ڪُجهه خزانا اهڙا هوندا آهن جي هٿ لڳي وڃن ته ڪافي هوندا آهن، پنهنجو سفر سولائيءَ سان طئه ڪري سگهبو آهي.“ حُسين مبهم جواب ڏنو.

”تون اِهو ڇاڻ جي ڪوشش نٿو ڪرين ته هُو توڏانهن ايترو ڌيان ڇو نٿا ڏين.“ منصور چيو.

"جھڙيءَ طرح اوهان زوريءَ ڪنهن کي پاڻ سان محبت تي مجبور نٿا ڪري سگھو، اهڙيءَ ئي طرح اوهان خدا جي ڪنهن نيڪ، برتر ۽ دم آشنا انسان کي به محبت تي مجبور نٿا ڪري سگھو. اها به باهمي ڪوشش هوندي آهي. بابا سائين، ۽ عمر بن عثمان مڪي منهنجي لاءِ ايتري ڪشش نٿا رکن، آئون به مجبور آهيان."

"تڪڙ ڪان ڪم نه ونجان، حضرت جُنيد بغدادي اِتي ئي آهن، اُنهن جي شاگردي وٺ - تو هميشه پنهنجا معاملا پنهنجن هٿن ۾ رکيا آهن ۽ تون، تنهنجي لاءِ ڇا سُٺو آهي، بهتر سمجهين ٿو، مون وٽ تنهنجي لاءِ صرف دعائون آهن ۽ اِها تمنا ته تون بيضا واپس اچي سگھين!"

رمضان المبارڪ جون رات - بيداريون ۽ عبادتون، خانقاهن ۾ عاشقن جا انبوهه... ذڪر ۽ فڪر جي محفلن ۾ ديوانن، سودائين جا ٽولا - اُهي رونق ڀريون راتيون هيون، جڏهن سڀ اياڻا سياڻا خدا جي خوف ۽ خلق جي شرم سان آباد مسجدن ۾ قيام ۾ محو هئا- ديوانا ويتر ديوانا ٿيا ٿي. سرشاريءَ ۽ محبت جون راتيون، بي خوديءَ ۽ سُرور جون محفلون، پرهه ويل صُبح جي نغمي ڪان ملندڙ خوشخبريءَ ڀرئي پيغام جون سحر جون خبرون آٽيندڙ راتيون ۽ رات جي اونداهي چيريندڙ اذانون ۽ پنهنجو پاڻ کي هلاڪتن حوالي ڪندڙ نمازي ۽ محبتِ رسول ﷺ ۾ سينو چيري وڃهندڙ سرمدي ساز تي نثار ٿيندڙ ماڻهو، گرم دلين، پاڪ نگاهن ۽ بيتاب زندگين سان ناممڪن جي تمنا ڪندڙ انسانَ - غيب ۽ شهود جي فرق کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندڙ بي سمجهه ۽ اڏ ڪُٺل وانگر تڙپندڙ عاشق زارَ ۽ حيرت جي غشيءَ ۾ غلطا حُسين!

'هيءُ وجود ڇا آهي؟' هُن پنهنجو پاڻ ڪان سوال ٿي ڪيو.

'هيءُ شهود ڇا آهي؟' هُن پنهنجو پاڻ ڪان پڇيو ٿي.

سندس شهه رڳ ويجهو ڪنهن ڏڙڪي چيو ٿي: "تنهنجي پهچ ڪان ٻاهر! تنهنجي سمجهه ڪان مٿاهون! ۽ توکي ٻڌائڻ وارو ڪوئي ناهي!!! تون هڪ اهڙو ساز آهين جيڪو ڪنهن به تار تي، ڪنهن به تنبور تي، ڪنهن به بربط تي، ڪنهن به باجي تي نه آزمايو ويندين ته جيئن ڪنهن به نغمي ۾ ملي نه سگھين. تنهنجو آواز الڳ، تنها ۽ سيني ڪان ڏُور اِئين ئي زندگيءَ جي صحرا ۾ ڀٽڪندو رهندو...!"

عمر بن عثمان مڪيءَ سندس خيال رکيو ٿي. سندس روزي رکڻ ۽ کولڻ جي اهتمام جي خبرگيري رکي ٿي وئي. سندس ضرورتن جو ائين خيال رکيو ٿي ويو ڄڻ ڪائي نهايت نادر شيءِ يا ڪوئي بيش بها تحفو يا ڪوئي عزيز ترين مهمان هجي. تراوين ۾ جڏهن مستقل قيام ۽ نفلن ۾ پيرن ۾ ڳنڍڙي ٿي پئي ته هُنن ڏاڍي محبت منجهان ڏانهس ڏنو ٿي. هُوءَ ڪيئن پنهنجو - پاڻ پگھاري رهيو هو.

خبر ناهي هُو ڪٿي پُهچڻ چاهيندو هو؟!

جيئن چنڊ آڏو اچڻ سبب آئيني جي چمڪ ڌُنڌلائجي ويندي آهي، جيئن آئينن آڏو ماڻهوءَ جي شڪل سينگارجي پوندي آهي، حسين به آرسين جي روشنين ۽ چنڊ جي روشنيءَ جي سنگم تي هو. ۽ هُو پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري رهيو هو. هُو ايڏو ڏکو ڇال ڇا لاءِ لڳائڻ چاهيندو هو؟ ڪيس پنهنجي مقابلي جي قوت ۽ پنهنجين ٽيٽُن جو صحيح اندازو ڇو نه هو؟! ڪڏهن ڪڏهن عثمان مڪيءَ هُن لاءِ سوچيو ته ۽ سندن نگاهه ۾ اُهو سڀ هو جيڪو هُو ڏسي نه سگهندو هو. پردن کان پريان حدِ ادراڪ تائين اهو سڀڪجهه سندن نگاهه پروڙي ورتو هو ۽ جيڪو ڏنو هئائون ان بابت رمضان المبارڪ بعد پاڻ ڪيس اهو سڀ چوڻ چاهيندا هئا. هُو ڪيس انهي بي راهه رويءَ ۽ ديوانگيءَ کان باز رکڻ چاهيندا هئا!

پاڻَ غسل خاني ڏانهن ويا ۽ پوءِ وضو ڪندڙ هڪ طالبعلم سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا جيڪو هڪ شرعي مسئلي تي ڪنهن ساٿيءَ سان گفتگو ڪري رهيو هو. وضوءَ جي اهميت، پاڪيزگي ۽ مختلف وقتن لاءِ حُڪمن ۽ قضا ٿيل نمازن متعلق حديثن، مختلف مڪتبي خيال ۽ قرمطين جو هر واجبِ غسل جي جڳهه تي به صرف وضو منجهان ڪم هلائڻ ۽ اهو ڏرائتو تماشو، جيڪو سندن مذهب جي عوام ۾ مقبوليت جو سبب انهيءَ ڪري ٿيو جو عام ماڻهو آرام پسند هئا. ۽ عمر بن عثمان مڪي وضاحت خاطر ڪافي وياڪل ماڻهن جي وچ ۾ رهيا. نماز کان فارغ ٿي هُو درس ڏيندا رهندا هئا. ۽ دير تائين بي تاب جانيون پنهنجي محروميءَ ۽ غفلت تي رت جا ڳوڙها ڳاڙينديون رهنديون هيون. حضرت پاڻ به پريشان ٿيا ٿي. فرياد ۽ ڳوڙهن وچ ۾ توبهن ۽ استغفار جو جهاد ٿيندو رهيو. هُنن هڪ نظر ڏٺو، پيهر ڏٺو، هيڏانهن هوڏانهن نهار ڪئي. حُسين ڪٿي نه هو- ۽ حضرت کي سندس روئڻهارڪيون نگاهون سمورين نگاهن کان وڌيڪ عزيز هيون. اُهي بي پناهه اکيون آه زاريءَ ۾ ائين روئينديون هيون ڄڻ به دريا رَوان هجن. ڪين سندس روئڻ ڏاڍو وڻندو هو. خدا جي خوف منجهان وجود جي سموري بيتابيءَ منجهان، آهه و زاري ۽ عاجزيءَ منجهان!... اڄ محفل جيءَ ڪي نه پئي لڳي ته حضرت پاسي ۾ ئي ويٺل هڪ حبشي زادي کي چيو:

"حُسين ڪٿي آهي؟"

"حُسين ڪٿي آهي!؟" مجلس ۾ ويٺلن هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو.

قطارن جي ڪنڊن ۾... خانقاهه جي ورانڊن ۾... مسجدن جي حُجرن ۾... هر جڳهه ڪيس ڳوليو ويو!

ڇا هُو بيمار ٿي پيو هو؟

پريشان ماڻهن حضرت عثمان مڪي جي آڻت خاطر ڪيس هر جڳهه ڳوليو. انهيءَ جڳهه، جتي سندس بسترو، ڪتاب ۽ به جوڙا ڪپڙن جا رکيل رهندا هئا... سڀ شيون موجود هيون!

هُو نماز جي مهل بہ نہ آيو هو. حضرت موجود ماڻهن کي تاڪيد ڪيو تہ جڏهن حُسين اچي تہ يڪدم ڪين اطلاع ڪيو وڃي.

وچينءَ جي نماز کان پوءِ حضرت مُسلي تي توري آرام خاطر گهڙي بہ گهڙي لاءِ ليٽي پوندا هئا. ليٽيا ئي تہ ڪين بيچيني محسوس ٿي ۽ ليٽي نہ سگهيا تہ اُٿي ويهي رهيا. ڌيان ريجهائڻ خاطر مُسلو اُٿلايائون جتي گنج نامو رکيل رهندو هو ۽ جنهن کي پاڻ ڪنهن قيمتي راز وانگر هتي رکندا هئا ۽ جيڪو گهڻو ڪري سندن مطالعي هيٺ رهندو هو. مُسلي کي اُٿلائيون. اُن کي چندڪو ڏنائون، هيڏانهن هوڏانهن ڏنائون پر گنج نامو ڪٿي نہ هو! روح جو گنج شاهڪان! رازن جو اَملھ اثاثو! - جيڪي اِلاَهي اسرارن ۽ رَمزن مان واقف نہ هجن انهن لاءِ سراسر هلاڪت ۽ جيڪي ڄاڻندا هجن انهن لاءِ نهايت نازڪ مقامن تائين سواءِ رهنما جي بيڪار! ۽ جيڪو انهن رازن تان پردو کڻندو انهي جا هٿ پير ڪپيا ويندا ۽ ڪيس دار تي پهچايو ويندو. سندس جسم باب الخبر تي جُهولندو. بغداد جون سموريون ذلتون سندس نصيب ۾ هونديون. گنج نامو ڪا معمولي شيءِ نہ هو. اُن تي بي فيض جي پُهچ، جان جو زيان!

ابو ايوب اقطع جي ڌيءَ زينب سان حُسين جو نڪاح هڪ الڳ قصو آهي. اقطع جي طبيعت گهڻي وقت کان خراب هئي، ڪڏهن هُو تمام سخت بيمار ٿي پوندا هئا ۽ گهر وارن جي روح راڙي سبب پاڙيسرين کي بہ پريشاني لاحق ٿي پوندي هئي ۽ پوءِ هڪدم هُو ٺيڪ ٿي ويندا هئا. چڻ مرض موت کين ڇُهي نڪري ويو هجي! طبيبن جو خيال هو تہ کين دَم جي بيماري آهي ۽ پنهنجي طور تي بهترين دوائن سان هُو ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا هئا.

حُسين اُتان لانگهائو ٿيو تہ هُن دروازي ٻاهر اقطع جي سيني کان ننڍي پُٽ کي سُڏڪندي ۽ روئندي ڏٺو. آٿت ڏيڻ ۽ سبب کان آگاهہ ٿيڻ بعد هو ساڻس گڏ ئي مزاج پُرسي ڪرڻ وارن سان گڏ گهر اندر ويو. اقطع تي عجيب جهٽڪن جهڙي ڪيفيت طاري هئي ۽ اُن دوران جنهن جنهن مهل ڪيس هوش آيو ٿي تہ چيائين ٿي:

”هي منهنجا پچاڙڪا پهر آهن، اي ڪاش! آئون زينب جي فرض کان آجو ٿي سگهان!“

گهبرائجي بِنا سوچڻ جي حُسين چيو، ”آئون حاضر آهيان!“

اقطع اکيون کولي ڏانهس ڏٺو، خوش ٿي پيو. انهي ئي مهل قاضيءَ کي سڏايو ويو. نهايت ماٺ، رازداريءَ ۽ بي انتها سادگيءَ سان ٻن گواهن جي موجودگيءَ ۾ زينب بنت اقطع جو نڪاح حسين بن منصور سان ٿي ويو.

اُهو ڏينهن بہ عجيب ڏينهن هو. ڏڙاٽيل، اُداس، روشنيءَ ۽ اونده مان ڪٽان پيٽڪندڙ

هَوا جهڙي واريءَ، جڻ دشت سُوس مان فقط حُسين جي اڪيلائي پري ڪرڻ ۽ سندس دلداريءَ لاءِ واري هيڏين ڳاڙهسرين ۽ ڪارين لهرن ۾ وَرُ وَرُ وَسي رهي هجي. سِرٽيون پاڻ کي هَوا جي حوالي ڪندي نه اُڏاٽيون ٿي ۽ نه ٻوليون ٿي، نه ڇتين ۽ ڀِتين تي لامارا ڏنائون ٿي ۽ نه ئي جَهپ تي هنيائون- انهن بي خودي جي عالم ۾ طوفان جي وَهڪ تي پنهنجو پاڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ لهرن سان گڏ ڪکن وانگر وهنديون ٿي ويون. بي ڪيفيءَ جي ڪيفيت ڪان هونئن ئي دليون ڇاتيءَ اندر سوسُ ڪائي ٿي ويون. ٻوجهل طبيعت ۾ ذري گهٽ مرندڙ اقطع!... جڏهن ساهه اُڪرڻ جي ڪيفيت ۽ موت جي ڇپاڙڪي پَهَر جي بي سڪوني شروع ٿي ته حُسين سندن ويجهو ٿي وينو. هُن پنهنجو هٿ سندن ڇاتيءَ تي رکيو ۽ دعائون پڙهڻ لڳو. سڪرات جي شدت ۾ هُو ڪَنبيا ۽ ڪين لڳو جڻ ڪنهن ٻيهندڙ، تڙپندڙ ۽ گهبرائيندڙ دل تي مرهم رکي ڇڏيو هجي. ڪين سڪون اچي ويو. دل جي ڌڙڪي ۾ جڻ رَواني پيدا ٿي. موت جي زرديءَ ۾ رت جي ڳاڙهاڻ شامل ٿيڻ لڳي. بيقراري پري ٿي ته زال، ڌيءَ ۽ حُسين کي ڏٺائون، خبرگيري ڪندڙن جي شڪلين تي اطمينان ڏٺائون. ننڍي پُٽ جي ڳوڙهن ڀنل مُنهن تي مُرڪ ڏٺائون. آٿت جي ڪِرڻي سبب مٿن ٿڪاوٽ بعد هيٺاٽپ پري غنودگي غالب پئجي وئي.

حُسين زينب کي ڏٺو. عجيب اذيتناڪ چهرو، جنهن تي نه خوشي هئي ۽ نه ئي ڪو جذبو! هڪ اجنبيءَ جي لاءِ ڇا محسوس ڪري سگهبو آهي؟! ڏک ۽ مصيبت جي طويل اونداهي اوچاڳي بعد هڪ زلزلي ۽ ٻيچ ڏاهه ڪان بچي پوڻ جي حيرت جيڪا معجزو هئي. موت جي ڇانئٽ کي اوراڱهي ڇڏڻ بعد هُو واپسِ وريا هئا. حُسين موت جي بنهه حتمي ڀؤ سبب پنهنجو پاڻ کي انهيءَ ۾ ڏُوڪي ڇڏيو هو! هُن جو ذاتي فيصلو اهڙيءَ جلد بازيءَ سان پنهنجو پاڻ کي زندگيءَ ۾ گرفتار ڪرڻ جو نه هو!... منصور جا خواب؟!

خوف ۽ موت جي بي پناهيءَ ڪان بچي ويل قافلي جي مسافرن وانگر اُنهن سيني کي اُن مهل هڪٻئي جي وجود جو احساس ٿيو هو. اقطع جي زال سوچيو انهيءَ جلد بازيءَ تي ماڻهو ڇا چوندا؟ خلقت جو ٻيجا خوف جنهن ڪان انسان ڪڏهن آجو نٿو ٿي سگهي. اقطع به بيدار ٿيندا ته سوچيندا. هُو ڪيس بس واجبي ئي سُڃاڻندا هئا ته هُو حضرت عثمان مڪيءَ جي درسن ۾ شرڪت رکندو هو ۽ خانقاهه ۾ رهندو هو.

هُو ڪنڌ جهڪائي وينو رهيو جڻ پنهنجي انجام ڪان ڏنل هجي. ڇا سندس تمنا پوري ٿي وئي هئي!

۽ ٻاهر هيڏي منهيءَ جو وسڪارو، وٽن ۽ ڇتين، گهرن ۽ درياءَ جي پُرشور وهڪري تي وسندو ٿي رهيو.

اقطع جن اُٿيا ته عثمان مڪيءَ جو موڪليل حبشي زادو سندن طبيعت جي آگاهي وٺڻ

آيو. اقطع، ڪمزور، نحيف پر مُنهن تي رونق هين. هنن هٿ جي اشاري سان، مُرڪي ڪيس خير ۽ سلامتيءَ جو ٻڌايو پر ڳالهايائون ڪجهه نه. پنهنجي سامهون ويٺل حُسين ڪي ڏنائون ۽ خواب جيان ڏٺل صورتحال مٿن روشن ٿي.

"پٽ تون ڪٿي جو رهڻ وارو آهين؟"

"آئون بيضا جو رهواسي آهيان. منهنجو پيءُ منصور ريشمي ڪپڙو اُٽندو ۽ وڪڻندو آهي. منهنجو ڏاڏو محمي مجوسي هو." هو خاموش ٿي ويو.

"۽ تنهنجو پيءُ؟" اقطع پڇيو.

"اُهو ۽ آئون رسول ﷺ جي مديني پاڪ جي خاڪ جا ذرڙا آهيون. آئون هڪ سال خلافت جي درٻار جي حاضريءَ ۾ رهيو آهيان ۽ هاڻ حضرت عمر بن عثمان جي درس ۾ شامل ٿيندو آهيان. جيتوڻيڪ سندن سلسلي سان منسلڪ ناهيان."

اقطع ماٺ رهيا، ڪو جواب نه ڏنائون. ايسيتائين جو عصر جي نماز جي وقت ڪان ٿورو پهرين عثمان مڪي پاڻ به هليا آيا. بيمار جي خبرگيريءَ بعد اقطع کي چوڻ لڳا.

"مون اڄ درس ۾ حسين کي غير حاضر ڏسي ڪيس ڏاڍو ڳولرايو هو."

"مون زينب جو نڪاح هن سان ڪري ڇڏيو آهي." اقطع معموليءَ ڳالهه وانگر ساڻن احوال ڪيو.

حضرت عثمان مڪي ويني، اُٿي کڙا ٿيا. "اِهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ناممڪن! آخر ڇو؟!"

"پر صاحبِ ڪمال، اِهو ٿي چڪو آهي." ۽ اقطع احوال ۽ سبب ٻڌايو.

"انهيءَ اتفاق کي هاڻ به ڦيري سگهجي ٿو." حضرت چيو.

"هرگز نه." حسين ڪنڌ مٿي ڪڻڻ سواءِ جواب ڏنو. "جيڪو ٿي ويو سو ٿي ويو!"

"پر برخوردار! اِهو ڪيئن ممڪن آهي. مطلب ته زندگيءَ ۾ خوشين ۽ عجلتن کان ٻيون شيون اَفضل آهن." هو نهايت حيران هئا.

"اِهو مقدر جو لکيو آهي، اڻ مٽ آهي." حُسين چيو.

"توکي مقدر جي کهڙي خبر آهي. هتي ذري گهٽ اجنبي آهين. تنهنجو ڪو ٽِڪاڻو ناهي، روزگار جو ڪو ذريعو ناهي-"

حُسين نهايت ادب وچان جُهڪي چيو:

"منهنجو مقدر اِهوئي آهي جيڪو اوهان جي سامهون آهي. هاڻ منهنجو ٽِڪاڻو اقطع جو گهر آهي ۽ رزق رسائڻ وارو خدا آهي."

حضرت عمر بن عثمان چپ چاپ ڏانهس ڏسندا رهيا، ڇڻ چوڻ لاءِ ڪجهه باقي نه رهيو هجي. سندن پيشانيءَ جا وَرَ گهريءَ فڪرمنديءَ جي علامت هئا ۽ هُو درس دوران ماٺ ٿي ويا

ٿي. گنج نامو پنهنجيءَ جڳهه تي هو ۽ کين واپس ملي ويو هو پر ڪير ايترو جرئتمند، دلير ۽ بي پرواهه هو جنهن هُن ڳجهي راز کي چورايو. کين ياد ٿي آيو. يوناني ديوتائن جي ڏند ڪٿائن ۾ پڙهيو هئائون تہ آسمان مان باهه چورائڻ واري ديوتا• کي زنجيرن سان ٻڌي سزا ڏني وئي هئي. اُن کي پهاڙ تان لٽڪايو ويو هو.

حُسين هاڻ بہ سندن درس ۾ شريڪ ٿيندو هو پر اوپرائپ جي پيت هاڻ سندن وچ ۾ وڏيڪ اُوچي ڪڙي ٿي وئي هئي. ڪيس لڳو ٿي جڻ هو ڪوهيڙي ۾ وِڪوڙيو پئي ويو ۽ سندس ۽ راهن تي ڪنڊا وڇائجي رهيا هئا. درس ۽ سندس وچ ۾ مرشد جي دعا نہ هئي ۽ هو جنگ جي ميدان ۾ اڪيلو سپاهي هو! ڇاڪاڻ تہ اقطع ۽ حضرت عثمان مڪيءَ جا واسطا بہ ذري گهٽ نہ هئڻ برابر رهجي ويا هئا. پوءِ آهستي آهستي نفرت جا بنياد مٽيرا ٿيڻ لڳي، ۽ ڏانهس ڏيان گهٽ ڪان گهٽ ٿيندو ويو.

هُن ويران اڪيلاين وارن ماڳن تي ويهي غور فڪر ڪيو ٿي. دنيوي مسئلن جو سُلجهاءَ ڪرڻ چاهيو ٿي ۽ اُن اِنڪار بعد هاڻ منجهس همت نہ هئي، جو هُو اُنهن جي وضاحت جي لاءِ شيخ سان رجوع ڪري. هُو وظيفن ۾ لڳو ٿي رهيو. پر دل ڪچيل ٿي رهيس، منصور ٺيڪ ئي چيو هو تہ مرشد جي دُعا کان سواءِ هُو ڪٿي بہ پهچي نٿي سگهيو. هُو جڏهن ڪنهن کان دُعا جو طالب نہ ٿي سگهندو هو، پنهنجين پريشانين ۾ مدد جي درخواست نہ ڪري سگهندو هو، شيخ هُن ڏانهن نگاهہ ڪٿي بہ نہ ڏسندا هئا... تہ هُو ڇا ڪري؟

گنج نامي جي مضمونن ۾ لکيل هو تہ فرشتن آدم کي سجدو ڪيو، ابليس انڪاري ٿيو.

فرشتن جو اقرار سندن اڻ چاڻ هئڻ جي ڪري هو ۽ ابليس جو انڪار شريڪ راز هئڻ جي ڪري!... ۽ سندس مردود ٿيڻ جو سبب اهوئي هو.

زمين جي ڳُجهن خزانن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ۽ ابليس انهن جي ڳولا ۾ سرگردان رهندو آهي. خزانو حاصل ڪرڻ واري جو تہ ڪنڌ قلم ڪيو ويندو ۽ توڪي ڪوڙو سمجهي ماڻهو تنهنجين ڳالهين جو يقين نہ ڪندا. جيڪو ڪعبي جي جمال جو مشاهدو ڪرڻ چاهي تہ نفس چيرڻ کان اڳ ائين ٿيڻ ممڪن ناهي. خدا جي قرب جو خواهشمند ماڻهو، روح کي چيري وجهڻ سواءِ قرب نٿو حاصل ڪري سگهي. پر انهيءَ رستي ۾ بہ هزار آتش فشان پهاڙ ۽ هڪ هزار انتهائي هلاڪت خيز بحر آهن. جيڪو ٻنهي کان خائف ٿيڻ سواءِ رستو طئہ ڪرڻ چاهي اُهوئي انهيءَ ۾ قدم رکي!

زمين جا مخفي خزانا ۽ انهن جا اسرار- ابليس جي سجدي کان انڪاري ٿيڻ جو اسرار- فرشتن جي سجدي جو اسرار - روح جي چيرجڻ جو اسرار - قربِ خدا جو اسرار - نفس چيرڻ جو

• پراميٿوئس: يوناني ديوتا جنهن کي انسانن لاءِ باهہ چورائڻ جي ڏوهہ ۾ زيوس ديَوتا پهاڙ تان لٽڪايو هو ۽ هڪ ڳجهہ روز سندس دل جو رت چُوسيندي هئي.

اسرار - ڪيس اِها خبر تہ پنهنجي ڇُڪي هئي تہ اِهي اسرار آهن پر اُهي ڇا آهن، اُنهيءَ جي خبر ڪيس نہ پئجي سگهي هئي. هُن گنج نامي جا سيئي مضمون نقل ڪري ڇڏيا هئا پر انهن تي قادر ٿيڻ، اِها سندس وَس جي ڳالهہ نہ هئي.

زينب ڪيس ڏسندي ۽ پنهنجي گهريلو زندگيءَ جي بي سرو سامانيءَ تي غور ڪندي. سندس اندر ۾ طوفان اُٿيا هئا ۽ حُسين ڪانئس ڪيڏو ڏُور هو. طبعاً هُوءَ خاموش هئي ۽ سوال ڪرڻ سندس عادت نہ هئي. هُوءَ پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ هئي، انهيءَ ڪري زندگيءَ جي ضرورتن جي لاءِ بہ هُوءَ محتاج نہ هئي پر جنهن زندگيءَ جو تصور هُن ڪيو هو، اُها ڪٿي هئي- ڪهڙيءَ ڪُنڊ ۾ ڪهڙي هنڌ تي، ڪهڙي ملڪ ۾، ڪٿي؟ ڪٿي؟ ڇا اِها زندگي هئي، جو اُهو جيڪو سندس ساٿي هو پنهنجين عبادتن ۾ ٻُڏل رهي، مشقتون ڪري ۽ هُوءَ محض حد اندر رهڻ وارن وانگر سندس اندر جي آزار کان بيخبر سندس تباهہ حالت کي ڏسي، هُن لاءِ ڪجهہ نہ ڪري سگهي. هُو جڏهن ڪانئس ڪجهہ پڇڻ جي ڪوشش ڪندي، ڳالهائيندي تہ سندس آواز ٻڌي حُسين تي ڪنبٽي طاري ٿي وئي تي ۽ لڳو تي اُن ڪنبٽيءَ ڪري بخار چڙهي رهيو هوس. ڇا سندس آواز ايترو اَڻوڻندڙ هو. هُن ڳالهائڻ ذري گهٽ ختم ڪري ڇڏيو ۽ هُن ڏٺو تي تہ حسين کي انهيءَ جي پرواهہ نہ هئي. هُن آخر ڇو سندس پيءُ تي رحم ڪائي محض نڪاح ڪيو هو. جيڪڏهن اقطع نہ رهي ها تہ ڇا هُوءَ جِي نٿي سگهي. ڪيس پيءُ کان شڪايت هئي پر هاڻ اُهو وقت گذري چڪو هو. جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي چڪو هو. حُسين جون رياضتون، سندس عبادتون، سندس گُم سُم رهڻ، ڪاڏي ڏانهن بي ڌياني، لباس کان بيپرواهي، اِهو سڀ اُنهيءَ زال جي اکين سامهون ڏينهن رات تماشي وانگر ٿيندو هو، هُوءَ ڇا ڪري؟

نڪاح کان اڳ ڇاڇا سائين عمر بن عثمان سندس مٿي تي شفقت جو هٿ رکندا هئا پر هاڻ اُهي بہ وٽن نہ ايندا هئا. هُوءَ ڪنهن کي چئي ۽ هُن زندگيءَ منجهان ڇا حاصل ڪيو هو. هُوءَ ڪنهن کي چئي تہ انهيءَ جيئڻ کان تہ موت بهتر آهي. هيءَ گهڙيءَ گهڙيءَ جي اذيت هئي. اُها بي فڪري، آزادي، سَکين سان گڏ راند ۽ رهاڻيون ڪنهن ٻيءَ دنيا جون ڳالهيون هيون. هُوءَ سامائي تہ هيءُ هڪ نئون جهان هو، هُوءَ اڪيلي هئي ۽ چئني پاسي گجندڙ طوفان هئا. هُو، جيڪو سندس ساٿي هو، ڪيس اڪثر ائين وينو رهيل ڏسي ڪِل تي آئي، هُو ڀلا سندس ساٿي هوئي ڪٿي؟! اجنبي ڪنهن ٻيءَ سرزمين کان هتي اچي وارد ٿيو ۽ اُن گهڙيءَ سندس پنهنجي مقدر تي مهر لڳي وئي هئي. عمر بن عثمان نيڪ ئي چوندا هئا اِهو نباهہ ڪيئن ٿي سگهيو ٿي. هو بيقرار روح وانگر تڙپندڙ، بيپناهہ اکين وارين بيچين نگاهن سان هر پاسي ڳولائو ۽ راهہ ڀٽڪيل بہ. هُوءَ شڪايت ڪنهن سان ڪري؟ هي نوجوان تہ پاڻ ايترو بي وس ۽ تنها لڳندو هو جو ڪيس مٿس رحم اچڻ تي لڳو. پوءِ ڪيس سندس ڇهين

حِس خبردار ڪرڻ شروع ڪيو ته سندس آواز ۾ ڪجهه هو. ڪنهن گذري ويل وقت جو تصور، ڪنهن وساريل راڳڻيءَ جي لهر، جيڪا ڪيس ڏڪائي ڇڏيندي هئي. اُها ڪير هئي؟

هڪ ڏينهن هُن کي سڏايو ويو. حضرت شيخ سخت جوش ۾ هئا، ۽ هُو ڪيترن ئي ڏينهن کان درس ۾ شريڪ ٿيڻ بجاءِ الڳ ٿلڳ ويٺو لکندو رهيو هو. عجيب ڳالهه هئي، جڏهن حُسين غير حاضر ٿي ٿيو ته شيخ مُنجهي ٿي پيا. سندس توجهه جا هُو پڻ هيراڪ ٿي چڪا هئا، سندن سلسلي ۾ داخل ٿيڻ هُن جي مقدر ۾ نه هو. سندس پيشانيءَ منجهان لاٽ جيان ٻرندڙ روشني، جا ڪين ڏيکائي ڏيندي هئي ۽ انهيءَ ڳالهه جي دعويدار هئي ته هُو جذب ۽ سُلوڪ جون منزلون پاڻمرادو طئه ڪري وٺندو. اڄڪلهه هُو ڇا لکي رهيو آهي؟ هُو اِهو ڄاڻڻ چاهيندا هئا. هُو ان نڪاح مان به خوش نه هئا. سندن ۽ اقطع وچ ۾ هن جي ڪري هڪ ديوار حائل ٿي وئي هئي. پر بهرحال هُو سندن اَمان ۾ هو ۽ سندس ترقيءَ جي راهه ۾ جڏهن اُها زندگي حائل نه ٿي ته هُنن ڌانهس ڌيان ڏنو.

”حُسين تون درس ۾ شريڪ نه پيو ٿين، ڇا سبب آهي؟“ حضرت پڇيو.

”ياشيخ. آئون ڪجهه مسئلن جا مطلب ڄاڻڻ چاهيان ٿو ۽ انهن جي حل ۾ لڳو پيو آهيان،“ هُن جواب ڏنو.

”ڇا اهڙن مسئلن جو جواب تون پاڻ لهي سگهين ٿو؟“ پڇيائون.

آهستي آهستي ڏاڍي ڏک منجهان هُن منهن مٿي ڪيو ڄڻ ڪنهن تڙپندڙ وجود کان آخرڪار سندس تڙپ بابت پڇيو ويو هجي.

”ڇا روح جي چيرجڻ جو مسئلو حل نه ٿيندو، روح ۽ دل ڪيئن چيربا آهن؟“

شيخ عمر بن عثمان جي سموري وجود کي هڪ جهٽڪو لڳو ڄڻ زلزلو سندن پوري جسم منجهان بجليءَ جي لهر وانگر پيرن کان مٿي ڏانهن لنگهي ويو هجي. هو اکيون ڦاڙي حيرت منجهان ڏانهس ڏسندا رهيا.

ته هيءَ حُسين بن منصور هو، ”گنج نامي“ کي کٽي وڃڻ ۽ وري موٽائي ڏيڻ وارو!

هُو نه ڄاڻ ڪهڙين نگاهن سان ڪيتريءَ دير تائين ڪيس ڏسندا رهيا تان جو حسين تي غشي طاري ٿي وئي ۽ هُو زخمي پکيءَ وانگر اتي ئي سندن پيرن ۾ ڪِري پيو.

(2)

حضرت جُنيد بغدادي نظاميا مدرسي جا اعليٰ استاد، پنهنجو ثاني نه رکندڙ عالم ۽ بغداد جا روح رَوان هئا. ڪين علم ۽ عمل جو سرچشمو سمجهيو ويندو هو. هُو طريقت ۽ شريعت جي غور ۽ فڪر جي بحر جا تارو، نورِ الاهي جا خزانا ۽ علمن تي مڪمل دسترس رکندا هئا. هُو ”شيخ الشيوخ“، ”زاهدِ ڪامل“، ۽ ”سلطان المحققين“ هئا!

حُسين، عمر بن عثمان جي درس کان فارغ ٿيو، ۽ اقطع سان صلاح ڪري حضرت جُنيد جي مريديءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ حاضر ٿيو.

غشيءَ جو اثر هاڻ بہ مٿس هو. مُنهَن جِي رونق اُٿل، ڀٽڪيل ڀٽڪيل نگاهون، سرمستي ۽ بي خودي مٿن طاري هئي جڻ گهٽو پيتل هجن.

شيخ الشيوخ ڏانهس ڌيان ڏنو ۽ چيائون، ”هي ڇا آهي؟“

حُسين پنهنجي جهومندڙ ڪنڌ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”آئون ذاتِ الاهيءَ ۾ فنا ٿيڻ چاهيان ٿو. نظارگيءَ ۾ منهنجي هوشياري ۽ سرمستي حائل آهي.“

شيخ دير تائين مرڪندا رهيا ۽ جڻ ڏاڍا لُطف اندوز ٿي رهيا هجن.

”تو دانائيءَ ۽ ديوانگيءَ، خبرداريءَ ۽ سرمستيءَ کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي آهي. ڪيڏيون وڏيون ڳالهيون پيو ڪرين؟ اِهو سڀ تو ڪٿان سکيو آهي؟ جيسيتائين پنهنجين رڳن تي انهن کي آزمائي نہ وٺين، ڪجهہ نہ چئو. اهو پاڻَ پڏاءِ ۽ ڏيکاءِ آهي جنهن ۾ تون گرفتار ٿيو آهين. تون ماٺهن کان ڇا ميرائڻ چاهين ٿو؟“ هاڻ هُو ناراض ۽ خفا هئا.

حُسين گهبرائجي ڏانهنِ ڏٺو. ڪيس لڳو سندس حواس واپس موٽي رهيا آهن. ڪيس پنهنجي حالت تي ڏاڍو شرم محسوس ٿيو پر پنهنجي غلطي مڃي وٺڻ جي لاءِ جيڪو حوصلو گهرجي اُهو منجهس نہ هو. اظهار جي آزادي ڪنهن سلسلي سان مُنسلڪ ٿيڻ، اِهي سندس مونجهارا نہ هئا. ”گنج نامي“ منجهان هن جيڪي حاصل ڪيو هو، هن سمجهيو ٿي تہ جيئن پهرين هو سمجهندو نہ هو تہ هُن لاءِ ڪافي آهي ۽ ڪيس ڪنهن استاد جي ضرورت ناهي، نہ شيخ جي نہ مُرشد جي. عجيب سوچ هئي هُن جي. جُنيد وري چيو:

”تون جن منزلن جو ذڪر تو ڪرين، جن تي هئڻ جي تنهنجي دعويٰ آهي. ايجا تو کي انهن راهن تي هلڻ وارن جي راهہ جي خاڪ جي بہ خبر ناهي. ڀروپيو ٿي خلق خدا گمراهہ نہ ڪر، پهريون شرط تنهنجي تربيت آهي.“

حُسين چيو: ”آئون تہ اوهان جي حضور ۾ عقيدتمنديءَ سان حاضر ٿيو آهيان، ڌڪار لاءِ نہ!“

”منهنجو ڪم ڀٽڪيلن جي رهنمائي ڪرڻ يا گهٽ ۾ گهٽ راهہ جي نشاندهي ڪرڻ آهي. تون حق جي راهہ جو مسافر آهين تہ عقيدتمندي جي لاءِ دل کي کُليو رک. خدا جيڪو حقيقي خالق ۽ فيض جو سرچشمو آهي، جيڪو سيني زندگين جو مالڪ ۽ ازل جي لکئي موجب اسان سيني جو رب آهي، ڇا اُنهيءَ جي راهہ ايڏي سَوکي آهي جو تون ڪتاب پڙهي، مناجاتون سِکي ۽ رسائي حاصل ڪري وڃين - اِهو سخت محنت ۽ جان جوکم جو ڪم آهي. سمجهي ڇڏ تہ جيسيتائين سندس حُڪم شامل نہ هجي، ڪٿي پهچي نہ سگهندين؛ ڇا هيءَ ٻارن جي راند آهي.“

حُسين جي اندر جي سپاهيءَ، سندس لبادي ۾ لڪيل دربار دار ڪنڌ ڪنيو. "آئون رياڪار ناهيان، حق جي طلب جي پنڌ جو پانڌيئڙو آهيان."

حضرت جُنيد وري ڪليا ۽ دير تائين ڪلندا رهيا.

"اهو ته ائين ئي آهي جيئن ڪوئي ٻار چئي ته آئون افلاطون آهيان، مسيحا آهيان، مهدي آهيان، پيغمبر آهيان. حق جو ڪعبو قبلو آهيان. طُور جو وڻ آهيان."

"جڏهن هيءَ سموري خدائي ناهي وئي ۽ انسان کي اشرف المخلوقات سمجهيو ويو، ابليس کان ڪيس سجدو ڪرايو ويو ته پوءِ هي سڀ ڳالهيون انسان کان آڳاهيون ڪٿي آهن!" هو بحث ڪرڻ تي لهي آيو.

شيخ الشيوخ فرمايو: "توکي اجا نفس جي سڃاڻپ جي ضرورت آهي. محنت ڪر، رياضت ڪر، غور ڪر ۽ تون ابليس جي حقيقت کي سمجهه، اِهي وڏيون وڏيون ڳالهيون توکي پيٽڪائي ڇڏينديون- وڃ پنهنجي مُرشد وٽ موٽي وڃ!"

"مون کي اِهو شرف اڃ تائين حاصل ناهي ٿي سگهيو." هُن جواب ڏنو، ڇڻ شرمندو هجي.

جُنيد لاءِ نظاميه مدرسو هڪ آرسي گهر ئي هو، ڇاڪاڻ ته معرفت جي پنڌ تي هلڻ کان پهرين ، مري سقطيءَ جي پاڻيجي هٿڻ ڪري، پاڻ آئينن جا سوداگر هئا. زنگ پيل آئينن کي اُجرو ڪرڻ، انهن کي استعمال لائق بنائڻ سندن پيشو هو. هُو ستن سالن کان مجاهدن ۽ رياضتن جون منزلون طئه ڪري رهيا هئا. حقيقت ۽ طريقت جي ڄاڻ ۽ اَڄاڻ جا راهبر ۽ معرفت جي دريا جا ماهر تارُو هئا. هاڻ به آئينه سازي سندن پيشو هو پر هاڻ دلين جي آئين تي روغن ڪندا هئا. جيئن آئيني کي استعمال جي قابل بنائڻ لاءِ سندس هڪ پاسي کي روغن جو ليپ ڏنو ويندو آهي. هو دلين کي دنياداريءَ جي غلاضتن منجهان مٿي ڪڍي وٺندا هئا. جيئن پاڻيءَ جي اونداهين لهرن تي ڪنول جو گُل ترندو آهي، اهڙيءَ طرح ماڻهوءَ جي هستي، دنياداريءَ ۽ دنياوارن وچ ۾ موت ڪاٽيندي آهي: جڏهن هُو پنهنجو سفر، عرش ۽ فرش وچ ۾، ۽ عرش کان پري خدا جي ذات تائين ۽ ادراڪ کان پري تائين طئه ڪري وجهندي آهي. پوءِ هُو انهن سيني معرفت جي ادراڪن سان گڏ روح جي لطافت ۽ سندس اجهل حسن سميت واپس ايندو آهي.

جنيد حُسين ڏانهن ڏسندا رهيا. ڪيس پنهنجن مجاهدن تي ناز ۽ طاقت تي غرور هو- ڪيس اجا قرآن ۽ حديث جي تعليم مڪمل ڪرڻي هئي. پنهنجي ذات، صفتن ۽ اعمالن کي ڏسي سُڃاڻ ڪرڻي هئي. هُن جي منزل اجا ڏور هئي. هڪ سپاهيءَ جي غرور سميت، جيڪو پنهنجين مشقن ۽ مشقتن تي نازان هجي- اِهو ناز ڪيس ڪٿان مليو هو؟ هُو ڇو عاجزيءَ جو رستو اختيار نه ڪندو هو؟ ۽ حسين جيڪو جَليل دل، جَليَل تن ۽ جَليَل جان هو، بجليءَ جيان سندس نگاهن کي، هوش ۽ حواس کي به اڏ ڪندي. اغول جو وجود کان اُسري ويو: ڇا اِهو

عشق هو! هُن جو حاصلِ حيات!- هُو حسين هو يا اغول هو جيڪڏهن هُو اُهو بہ نہ هو تہ پوءِ هُو ڪير هو؟!...

اغول، حُسين! اغول! اغول!!! هو رڙيون ڪرڻ لڳو. سندس صبر ۽ سڪون ڪانئس موڪلائي ويو. باهہ پڙڪي، حال ڪان منهن موڙ ۽ قيامت جي گرمي- سندس ساهن ۾ شدت هئي، هو قبض جي حالت ۾ هو. حضرت جُنيد پاڻي دم ڪري ڪيس پيياريو تہ جيئن هو نجات ماڻي سگهي. محبت هن جي نوازش، هُن جي عطا، هُن پاران ڏنل توفيق ۽ مهرباني آهي. دائمي محبت جي تڙپ ۾ ماڻهوءَ جي پنهنجي وجود ڪي متجي وڃڻ گهرجي- نہ اغول رهي نہ حُسين رهي-

حضرت جُنيد نهايت محبت مان ڏانهس ڏٺو. سندس اکيون ڪبوتر جيان رَتَ - رڱيون هيون. انهن منجهان چڻ رت وهڻ لڳو هو.

”حُسين چا تون بيضا واپس نہ ويندين. تنهنجو پيءُ اُتي ئي آهي ۽ تون اُتي نهايت سُڪون ۽ آسودگيءَ سان پنهنجو مطالعو ۽ اُن تي غور ۽ فڪر ڪري سگهين ٿو. سهل بن عبدالله تستري جيڪڏهن مُريدن ڏانهن ٿورڙو ڌيان ڏين تہ اها جڳهہ تو لاءِ مناسب رهندي، تون اڳي بہ اُتي رهي چڪو آهين، اڪيلائي تنهنجي مطالعي ۽ غور ۽ فڪر لاءِ نهايت ضروري آهي.“

جنهن شفقت سان هُن سندس مسئلي کي سمجهيو هو. اقطع اُنهيءَ سان اتفاق ڪيو.

تُستر ۾ اڪيلائي ۽ اُهو ڌيان ڪيس ملي سگهي ٿو جيڪو هتي مدرسي جي پکڙيل ڪاروبارءِ درس ۽ تدريس جي ذميوارين مان حضرت جُنيد ڪيس ڪا ذميواري نٿي ڏيئي سگهيا. انهيءَ ڪري هُن فيصلو ڪيو تہ زينب ۽ حسين کي بيضا ۾ ڇڏي تُستر ويندو. دنياداريءَ سان نباهہ راند نہ هئي، وري بيضا ۾ منصور اڪيلو هو ۽ سندس دل پنهنجي پوٽي سان ضرور پرچي ويندي. ٿورڙي اطمينانيت جيئن وڻ جي گلن کي ڏسي مالهيءَ کي ٿيندي آهي، سندس پيءُ کي بہ ٿيندي. ريشم جي ڪپڙي تي خوابن جا نقش سينگارڻ واري اُن ماڻهوءَ کي بہ تہ ڪو حقيقي خواب گهرجي جنهن جي تعبير سندس سامهون هجي، ۽ وٽس وقت نہ رهيو هو. هيءُ هڪ ٻيو ذاتي مسئلو هو، جنهن جو مونجهارو هُو ڪنهن سان بيان نٿي ڪري سگهيو.

حسين پيچاري جو دڪان بزرگ بازار جي هڪ گهٽيءَ ۾ هو.

ڪجهہ تُنبڙ جا آواز عصر جي اذانن بعد شروع ٿيا ٿي ۽ رات وئي تائين ايندا ٿي رهيا. چڻ ساز تي هڪ ئي راڳ ڳايو وڃي رهيو هجي. ڪڏهن اُهو ماهر راڳيءَ جيان، ان طنبوري تي مختلف راڳڻيون ترتيب ڏيندڙ ٿي لڳو. جڏهن سج جي سُرخي ان پراڻيون ڇتيون رکيل بازارن ۾ لِٽي ٿي، چراغ روشن ٿي ٿيا ۽ اچ وڃ شروع ٿي ٿي تہ هو دڪان کي ڪليو ڇڏي خانقاه طرف ويندي ڏٺو ٿي ويو.

سهل بن عبدالله تُستري پنهنجي حجري ۾ انهن ماڻهن کي داخل ٿيڻ جي اجازت ڏيندا هئا جيڪي عبادتن ۾ لڳل رهندا هئا يا جيڪي اُنهن مسئلن جا حل لهڻ چاهيندا هئا، جيڪي سندن سمجهه ۾ نه ايندا هئا. عبادتخاني جي مختلف ڪنڊن ۾ رياضتن ۾ دل ۽ جان لڳائيندڙ ديوانا پر هُن جو ڪو مسئلو نه هو! اُهي سندس مسئلا ئي نه هئا! هُو ته اُنهن جي حُجري کان ڏور ڏاڪڻين جي چيڙي تي ويٺو ٿي رهيو ڪنڌ جهڪيل، نگاهون نميل.

بغداد ۾ حسين برجستگي ڀريل تيزي اهڙي هئي جيئن برف سان ڍڪيل پهاڙن منجهان دجله جي رواني، چنڊ ۽ تارن جيان محبوبائي انداز ۾ داخل ٿيڻ کان پهرين تند ۽ تيز وهڪري وانگر پٿرن سان ٽڪرائيندي، اُڇلون کائيندي، ٽڙندي، پاڻ سنڀاليندي ۽ وڏا وَڪڙ کائي نڪرندي هجي- جبلن جي دلين کي چيرڻ واري جوش ۽ ولولي سان، پر هِتي اچي هو اونهي پاڻيءَ جهڙيءَ ماٺ، نرميءَ ۽ روانيءَ سان سهل بن عبدالله جي پيرن ۾ ويٺو هو. ڪيس ڪجهه نه پُڇٽو هو... ڪجهه چوٽو نه هو- هو پنهنجي دل جي اونهائين ۾ نوان ڏيئا روشن ڪري رهيو هو، حُبِ رسول ﷺ جا، پنهنجي عاجزيءَ ۽ پنهنجي بي سروساماني جي اونداهين کي روشن ڪرڻ جي لاءِ.

تُستر ۾ سندس ڪم کان ڪنهن کي ڪڏهن ڪا شڪايت پيدا نه ٿي. جيڪا ڪپهه هُو تُنبيندو هو، ان ۾ ڪيترين ئي خوبيون پيدا ٿي ويندڙيون هيون. نرمي ۽ گرمي وڌي ٿي وئي، پڪيڙ ۾ وڏيڪ هوندي به گرميءَ جي لحاظ کان بهترين هوندي هئي. سندس شال اوڍيندي هڪ عجيب سڪون ٿي محسوس ٿيو، چڻ ڪو دل گهريو دوست سڪون ۽ آٿت ڏيڻ لاءِ ويجهو هجي. نماز ۾ جيءُ لڳڻ لڳو هوس ۽ عمدي خوشبوءِ ان منجهان پکڙجي ٿي وئي. جنهن جو ڪوئي نانءُ نه هو. جنهن کي خارجي طور محسوس نه ڪري سگهبو هو، جيڪا بس رَچي ٿي رهي، دل ۽ دماغ کي راحت بخشيندي- ٿي سگهي ٿو اِهي سڀ واقعا افسانا هجن ۽ حسين جي ڪپهه پيجڻ سان سندن ڪو تعلق ئي نه هجي.

هُو ڪلام الله حفظ ڪري رهيو هو. سندس رڳ رڳ ۾ غور ۽ فڪر جو گجگوڙ ڀريو سمنڊ سمائجي رهيو هو. مؤجن جي شديد ٽڪراءَ سان ڀرپور جذبا، جن جو ڪوبه نالو نه هو پر ڪيس فرحت ۽ وسعت جو احساس ٿي ٿيو. هُو ڪپهه پجيندو ۽ انهن سرور جي لهرن کي پنهنجي وجود سان اچي ٽڪرائيندي ۽ سڪون سان پکڙجندي پائيندو هو. هي هڪ اهڙو ڪم هو جنهن ۾ سندس ۽ ماڻهن وچ ۾ ملاقات جو امڪان گهٽ کان گهٽ هو. هو جڏهن خانقاه ۾ هوندو هو ته ماڻهو پنهنجا ڊير رکي ويندا هئا... جڏهن ٻيءَ شام هو خانقاه ڏانهن ويندي ڏيکائي ڏيندو ته اُهي ڍير اُتان کنيا ٿي ويا. هُو خيالن ۾ مگن، گهٽ ڳالهائو ۽ پنهنجو پاڻ ۾ئي گم ٿي رهيو. ماڻهو انهي نوجوان کان خوفزده رهندا هئا. سندس شخصيت ۾ عجيب جاه ۽ جلال هو. هو هليو ٿي ته ماڻهو رستو ڇڏي الڳ ٿي، پريرا ٿي ويندا هئا. ڪنهن ساڻس

ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته لڳندو هو ته ڳالهه سندس وات مان نڪتي اُڪلي ۽ زبان اٽڪي ٿي پيس. رولو ٻارن سندس ڪليل دڪان منجهان ڪجهه چورائڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندن هٿن جواب ڏئي ڇڏيو ۽ جڏهن هو پنهنجي ارادي کان مُڙيا ته تندرست ٿي ويا! نهايت دبيل لفظن ۾ ماڻهن ساڻس لاڳاپيل اهڙن اسرارن کي ڳالهين جو موضوع بڻائي ڇڏيو.

'هي حلاج ڪٿان کان آيو هو؟'

'جِنَ سندس تابع هئا!'

'سندس ڪجهه تُنبڻ جي رفتار عام ماڻهن کان گهڻي تيز هئي!'

ماڻهن چيو ته هُو پاڻ وينو رهندو آهي، سڀ ڪم غيب کان ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪنهن انهيءَ راز کي ڄاڻڻ جي خواهش ڪئي ته سندس اکين ڪجهه ڏٺو ئي ڪونه! هُو خدا جو خاص بندو هو، دنيا فتنن ۽ فسادن سان ڀرجي وئي هئي ۽ هُو خدا پاران سلامتي ۽ امن ڪٽي تُستر ۾ وارد ٿيو هو. سندس اچڻ سان باغن ۾ ميوي جي جَهجَهائي ٿي وئي هئي. جيڪڏهن هُو بيمار ٻار جي پير مان به لنگهي وڃي ته اُهو شفاياب ٿي ويو ٿي.

اهڙيون ئي پيون گهڻيون ئي ڪهاڻيون تُستر ۾ گشت ڪرڻ لڳيون. بازارن ۽ گهٽين مان نڪري عبادتگهرن، مسجدن ۽ اقامت گاهن ۾ چرچا ٿيڻ لڳا ۽ سندس بي خبريءَ ۾ اِها ڳالهه ٿيندي ٿيندي حضرت سهل بن عبدالله تُستريءَ تائين به پهچي وئي.

سانجهيءَ جي نماز ڪڏهانڪر ٿي چڪي هئي. مدم ڏيئن جي روشني سندن حجري جي دروازي کي به ڇُهي نه رهي هئي. حضرت ڏاڪڻين جي ڇيڙي تي ويٺل حسين کي ڏٺو.

"ويجهو اچ!" حضرت ڪيس چيو.

هُو نهايت گهٻرايل ۽ ادب وچان ذري گهٽ ڪُرونڊڙو ٿي حجري ۾ داخل ٿيو.

"حسين بن منصور، تون حق جي راهه جو طالب آهين!"

هن اُتي ئي زمين کي چُميو - سُڏڪن جي شدت سبب سندس آواز ٻُڏندو ٿي ويو.

"جواب ڏي!" حضرت وڏيڪ نرميءَ سان پڇيو، "توسان منسوب انهن شعبدن مان ڇا مراد آهي؟"

"مون کي اسمن جي سير جو شوق هو، حضرت اعليٰ!" هُن سُڏڪن وچ ۾ چيو.

"نفس جي هٿان انهن ٻاراڻن ڪيڏن ۾ مَحو نه رهه حسين! ڇا صرف انڪري جو تو مان تنهنجي اوسي پاسي جا ماڻهو خوش ٿين ٿا، تون پنهنجو پاڻ کي تباهه پيو ڪرين. اِها گمراهي آهي حسين، انهيءَ کان بچ!"

هُو حجري جي زمين تي اونڌو پيو رهيو. سندس تصور هيٺئر به عرش تي هو، جتي تڙپي تڙپي وَر وَر ڪري انهن گهٽين ۾ نڪري ٿي ويو، جتي تماشن سان من پرڀايو ويندو هو. ڏسجي ته پردن پويان ڇا آهي؟ ۽ جهاتي پائڻ جي تمنا سان سرشار بيقرار دل!

شيخ ڪامل چيو: ”نفس کي سزا ڏي حُسين! واڱون اِن جون پنهنجن هٿن ۾ رک. سندس تربيت ڪر!“ هُو افسوس منجهان ڏانهس ڏسندا رهيا.

ٻاهر ويجهن وڻن ۾ ويٺل پکين مان ڪنهن بي وقتائتو راڳ آلاپيو. شايد هُن خواب ۾ انهن مهينن ۾ پرواز شروع ڪيو هو جڏهن هوا گلن جي هُڳاءُ سان واسيل هئي ۽ اُتر جي هوا جا جُهوتا سِيءَ جي لهر آڻي ڏکڻ جي هوائن جي گرم جهولن ۾ سمائجي تي ويا. ان اڌ ڪشيل تير جي صدا سرڙائن ۾ گم ٿي وئي، وسامي وئي.

”خدا نم جي تاريءَ تي ويٺل انهيءَ پکيءَ کي خوش رکي،
”اُن جي روح افزا راڳ مون کي اهو افسانو سمجهايو:
”تہ محبوبن ائن تي ڪجايا ٻڌا ۽ صبح ساجهر ئي هليا.
”سندن وڇوڙي جي باهہ کي سيني ۾ سمائي مون رڻ جهاڳيا!
”خدا نم جي تاريءَ تي ويٺل پکيءَ کي خوش رکي!“

مسجد ڪان پريئن پَرِ شاهراهہ تي اُٺن جي ڳچين ۾ پيل ٽَلين جي ٽَڻ ٽَڻ ٻڌجي رهي هئي. قافلي جو سفر ختم ٿي رهيو هو يا ڪوئي قافلو نهري ڪاروان سان گڏ اوڀر ڪوهستانن ڪان پري شاهراه خطا ۽ خوزستان ڏانهن وڃي رهيو هو. مسلسل سفر جي صدائن سان هي شاهراهون آباد رهنديون هيون. صدا ماٺ ڪان افضل ٿيندي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن ماٺ پنهنجي هولناڪيءَ جي سرشاريءَ ڪري وڌيڪ لاڀائتي ٿيندي آهي.

آباد شهر ۾ حُسين جي دل اڪيلائيءَ جي هولناڪيءَ ۽ ويرانن جي وياڪلپڻي سان ائين آباد هئي جيئن ڪعبي ۾ دعائن سان فِضا آباد هجي!

پر شيخ جو حڪم ڇا هو، هُن ڇا ٿي چاهيو؟

سياوش ۽ منصور تُستر آيا.

بزرگ بازار جي وچ واري گهٽيءَ ۾ دڪان ڪليل هو ۽ پڇيل ڪپهہ سان ڇت تائين ڀريل هو، پر حسين نہ هو.

’خبر ناهي هيءَ پاڻ رلائڻ جي ڌُن ڪيس ڇو آهي.‘ منصور پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو: ”ريشم جي ڪاروبار ۾، بيضا ۾ تہ سندس دل نٿي لڳي.“ هن سياوش کي مخاطب ٿيندي چيو.

دڪاندار گڏ ٿي ويا ۽ سندن خاطر داريون ڪرڻ لڳا.

”حلاج خانقاه ۾ هوندو - هو هاڻ رات دير سان واپس ايندو، اوهين سندس عزيز هوندا.“ هُنن پڇيو.

”آئون سندس ڏاڏو آهيان ۽ هي سندس پيءُ آهي.“ سياوش وراڻيو.

”ڏاڍي محنت ڪندو آهي حلاج.“ انهن ٻڌايو، ”رات عبادت ۾ گذاريندو اهي ۽

ڏينهن جو گهڻو حصو هُو ڪجهه تُنبيندو آهي. اوهين ڏسي رهيا آهيو نه، هيءُ سڀ هن جي هڪ ئي ڏينهن جو ڪم آهي! ايتري محنت ڇو ڪندو آهي، اهڙيءَ طرح ته هو بيمار ٿي پوندو!" هنن آگاهي ڏني. هنن سوچيو ته اِها خبر ہنهي لاءِ نهايت ڳڻتيءَ جوڳي ثابت ٿيندي.

"ڪيس خدا ڏهن ماڻهن جي سگهه ڏني آهي." انهن منجهان هڪ چيو.

"ڪجهه ئي ته پڇي ٿو. ڪو ايڏو ڏکيو ڪم ته نٿو ڪري." سياوش ڳالهه ڪئي.

"منهنجا محترم بزرگ! اِهو ڪم سيني کان وڌيڪ محنت ۽ توجهه جو طالب آهي. پيو کهڙو به ڪم هجي اسين سڀ هتي پنهنجي پنهنجي طور تي محنت ڪيون ٿا."

سياوش ٻئي هٿ مٿي تي رکيا.

"منهنجو هرگز اِهو مطلب نه هو. حُسين جي پيءُ جو ريشم جو ڪاروبار آهي. هُو انهيءَ ڪم ۾ لڳي سگهي ٿو پر شايد ڪنهن سبب ڪيس اِهوئي ڪم پسند آهي. اسين ڪيس واپس وٺي وڃڻ لاءِ آيا آهيون."

"اوهين ائين نه ٿي ڪيو ته احسان ٿيندو. اسان وٽ ۾ هو برڪت جو باعث آهي، سندس اچڻ واري ڏينهن کان بازار جي رونق ۽ اسان جي آمدني وڌي وئي آهي. هو مبارڪ روح آهي!" سيني يڪ زبان ٿي چيو.

"هُو جنهن کي ڇُهي وٺندو آهي اُن کي شفا ملندي آهي. هُو جنهن ڏانهن نگاهه ڪندو آهي، تنهن جا سڀ ڪم ٺهي پوندا آهن."

سياوش ۽ منصور هڪٻئي ڏانهن گهرين نظرن سان ڏٺو.

"هاڻ ڇا ڪجي!"

حُسين بن منصور حلاج جڏهن عبادتگهر کان واپس موٽيو ته هُن سياوش ۽ منصور کي پنهنجو منتظر پاتو.

"بيضاءَ ۾ تنهنجي زال ۽ ٻار اُداس آهن." جڏهن هو ڪاڌي کان فارغ ٿي چڪا ته سياوش چيو.

"آئون هيڏا پنڌ ڪري توکي وٺڻ آيو آهيان." منصور چيو.

"تنهنجو ننڍڙو هاڻ گوڏن - پر هلڻ لڳو آهي ۽ حُسين حُسين ڪري توکي سڏيندو آهي." سياوش چيو.

حُسين جي منهن تي خوشيءَ جو هڪ ڪرڻو نمودار ٿيو جڻ گُهگهه اوندهه ۾ ڪتان کا روشني اچي نڪتي هئي. "آئون اجا پنهنجي تعليم مڪمل نه ڪري سگهيو آهيان." هُن پيءُ کي چيو.

"عبادتون ۽ رياضتون پنهنجي جڳهه تي آهن پر دنيا ايڏي اَدنيٰ شيءِ به ناهي حُسين، جو اُن کي ائين ٺڪرايو وڃي." سياوش پنهنجي پاران نهايت ئي ڏک منجهان چيو.

"آئون ڪجهه پڇان ٿو، ڇا اِها دنياداري ناهي. اها ئي ڳالهه آهي ته ريشم ۾ خوابن جا خاڪا ۽ دنيا جا رنگ اُڻڻ جي جاءِ تي آئون تندون اڙائيندو ۽ صدائن ۾ راڳ ڳوليندو آهيان. ماڻهو مون کي حسين پڇاروسڏيندا آهن. حسين بن منصور حلاج!" هن نهايت خوشدليءَ مان چيو.

"انهيءَ 'اين همه رفت و آن همه رفت' ۾ ڇا آهي؟" سياوش ڏاڍيءَ معصوميت منجهان پڇيو.

حُسين زور سان کِليو.

"اهو هڪ نئون راڳ آهي پر درباري ڳائڪ اُهو ڳائي نه سگهندا. اِهو آئينه سازيءَ کان به ڏکيو ڪم آهي. دقت طلب."

"اِهو ڪم بيضاءِ ۾ به ممڪن آهي." منصور دل ۾ اِها پڪ پائيندي ته سندس ڳالهه نه مڃي ويندي، چيو.

"بيضاءِ ۾ سهل تُستري نه هوندا. اُتي ته بس سُوس جي بيابان جي هيبتي واري ۽ اڪيلائي آهي."

حُسين اُتي ڏينهُن ٻاريو. سج لٿي جي اذان پهاڙن ۽ اُتاهين تي، ميدانن ۽ ماترين تي مُنارن تان لٿي، منصور ۽ حسين خانقاه ڏانهن هليا. سياوش ماڻهن جي جهرمٽ ۾ پنهنجي داستان گوئيءَ ۾ لڳي ويو.

حجري ۾ جڏهن منصور کي سهل بن عبدالله تستريءَ وٽان اچڻ جو حڪم مليو، ته حسين ساڻس گڏ نه هو. هُو هڪ زماني کان پوءِ حاضر ٿيو هو. هُنن جي رعب ۽ هيبت کان ڪيس گهٻرائت ٿيندي هئي... ۽ لچارو پڻ ٿيو ٿي، ڇاڪاڻ ته سندس پُٽ انهن اميدن تي پورو نه لهي سگهيو هو، جيڪي ڪيس هُن ۾ هيون، ۽ هن پاڻ به شيخ الڪامل جي شفقت منجهان ڪوئي فيض نه پِرايو هو. هيڏانهن هوڏانهن پڇندو وتندو هو، ڇڻ رولاڪي سندس روح کي روڳ تي لڳي هجي. انهيءَ روڳ جو علاج ڪيئن ٿئي، ڪير ڪري؟ اِهي سڀ ڳالهيون، اِها سموري ڪٿا هُن ساڻن اورڻ ٿي چاهي.

"منصور! هُن کي پنهنجي لاءِ پاڻ دعا گهرڻ گهرجي ۽ هُن لاءِ انهن سمورين شعبدي بازين کان پرهيز ڪرڻ ضروري آهي. اهي پهرئين ئي پرواز ۾ ته قوت بنجن ٿيون پر ماڻهوءَ کي انهي طاقت تي آڌاري تِي ويهي رهڻ نه گهرجي. ماڻهوءَ جي منزل ڏور آهي، اڃا اڳاهين آهي. اهڙي طاقت، حجاب بڻجي منزل ۽ ماڻهوءَجي وچ ۾ پيت جيان ڪڙي ٿي پوندي آهي."

منصور ڪنڌ جهڪائي ٻڌندو رهيو ۽ سندس دماغ ۾ ڪجهه سَٽنئيءَ جو اُهو گيت گونجندو رهيو:

درپئي جانان جان هم رفت
جان هم رفت، جان هم رفت
رفت رفت
جان هم رفت
اين هم رفت و آن هم رفت
اين هم رفت، آن هم، آن هم، اين هم، آن هم، آن هم
رفت
رفتن، رفتن، رفتن
دي، دي، دي
رفتن دي، رفتن دي
رف، رف، رفتن دي ●

۽ اُتي وينئي هُن تي ظاهر ٿيو تہ حسين مڪتب جي ٻار وانگيان ئي پنهنجا سبق سڪي رهيو آهي. "درپئي جانان جان هم رفت" سندس پنهنجي جان، منصور جي جان، جيڪو محميءَ جو رت هو، هو نہ ڪنهن ٻاهر جي رشتي سان ۽ نہ ئي ڪنهن زميني رشتي سان ڪيڏانهن وڃي سگهيو هو. هُو دنيا جي زنجيرن ۾ ٻڌل هڪ جانور هو. رازن پويان رازن پريل دردن جي دنيا ڪان ٻاهر نڪري، هُو ڪهڙي شيءِ جي حفاظت ڪري رهيو هو؟ دنيا ڪان ٻاهر ڇا آهي ۽ خود دنيا اندر ڇا آهي؟ روشن سج اُڀري ٿو ۽ ڏينهن جو سفر شروع ٿيندو آهي. روز منجهند ۾ لهندڙ شام ۽ اولهہ جي آسمان جي نيراڻ ۾ اڪيلو تارو ۽ وري تارن جا

● ترجمو:
"پرين جي پوئتان لڳي،
پاڻ ڪان وياسين!
پاڻ ڪان وياسين!!
وياسين! وياسين!
پاڻ ڪان وياسين!
هتان بہ وياسين ۽ هُتان بہ
هت بہ اسان ۽ هُت بہ!
هي بہ اسان، هو بہ اسان!!
وياسين!!
سڀ ويا، سڀ ويا!
وڃڻ! وڃڻ! وڃڻ!
ڏي، ڏي، ڏي!!
وڃڻ ڏي، وڃڻ ڏي!
وڃڻ وڃڻ وڃڻ ڏي!!!"

جهرمت، چانڊوڪي ۽ اونداهيون راتيون - هُن زندگيءَ کان ڇا سکيو هو ۽ 'جان هم رفت - جان هم رفت، اين هم رفت و آن هم رفت - رفتن رفتن' ۾ وقت پڄاڻيءَ تي پهچي رهيو هو- مٽي جي وارن جي ڪاراڻ تي اَڇاڻ قابض ٿي چڪي هئي. هُو هر وقت حُسين جي لاءِ فڪرمند رهندو هو. هُن لاءِ دعائون گهرندو هو، هُن جي ڀارن جي سارسنڀال ڪندو هو. هُن پنهنجي لاءِ ته ڪڏهن دعا به نه ڪئي هئي. دنيا ڪيس ڇا ڏنو هو؟ ۽ هاڻ سندس حُسين، جيڪڏهن هُو پنهنجي طور تي زندگي گذارڻ چاهي ٿو ته هُو ساڻس ڪا به مزاحمت نه ڪندو. هر شخص پنهنجي ڀاڳن جي لکئي کي پورو ڪندو آهي.

شيخ ڪامل جهٽ سندس خيال پڙهي ورتا هجن، چوڻ لڳا:

"منصور! توکي خداوند تعاليٰ جي بارگاهه مان ايمان جي دولت نصيب ٿي، ۽ اِهو سندس ڪرم هو، جو تون ڪثرت کان وحدت ڏانهن آئين. تو محبت جو رستو اختيار ڪيو."

منصور ڪنڌ جهڪائي چيو، "بيشڪ بيشڪ! خدا مون تي وڏي مهر ڪئي، آئون سندس مهربانين جو بدلو ڪيئن چڪايان."

"توکي هڪ دل ڏنائين جيڪا مونجهارن ۾ مبتلا ناهي. تنهنجون اُميدون پوريون ٿينديون." شيخ ڪامل وراڻيو.

"مون لاءِ دعا ڪريو، آئون روضه رسول ﷺ جي زيارت لاءِ وڃڻ چاهيان ٿو، پر حُسين جي زال ۽ ٻار مون وٽ آهن. هي دنياوي بکيڙا گهڻا آهن: حُسين جيڪر گهر موٽي اچي ته آئون ٻئين سال حج جي سعادت حاصل ڪري وٺان." منصور جو اندر پُرجي آيو.

سندس عاجزيءَ منجهان جهڪيل ڪنڌ، سندس اوڪڙون ڇيلهه جي سهاري تي ڪنبندڙ وجود، سندس ذوق شوق، سندس مجبوريون سڀ شيخ ڪامل سامهون هيون. سندس اندر ۾ بيتابيءَ جو يڪدم هڪ طوفان اُڀري آيو. اَڌ ڪُنل ڪڪڙ وانگر پيشاني زمين تي رکي، تڙپي رهيو هو. اُهو معمولي ماڻهو جيڪو نڪي پنهنجين عبادتن ۾ وڌاءُ ڪندو هو، نه ئي رياضتون ڪندو هو. جيڪو نهايت عمدو دنيادار هو.

شيخ ڪامل جو آواز آيو: "ابوحسين ڏس!"

منصور سندن آڱر جي سِڌ ۾ ڏٺو ڇڻ پردا، حجاب، رستا ۽ زمين سڀ گنهگور گهٽائون ڪجي وڃن. آرسيءَ وانگيان هر شيءِ شفاف ڏيکائي ڏئي. ڪيس پنهنجي سامهون رسول ﷺ جو روضو ڏسڻ ۾ آيو. مسجد نبوي ﷺ حضرت عائشه صديقه رضه جو حجرو مبارڪ ۽ نور جو مٿس ظهور ٿيو. اِيئن جيئن دَر کُلي وڃن. سمورين پستين ۽ بلندين سميت راهون وسيع ٿي وڃن! سندس اکيون ٺڏيون ٿيون، قلب کي قرار آيو، سندس روح راحت ۾ آيو. هو بامراد ٿيو. سندس نظر کُلي ۽ ڪيس جو ڏسڻ ۾ آيو سو هُن ڏٺو.

سياوش اڃا سيمرغ جو قصو ٻڌائي رهيو هو، جنهن سام جي پٽ زال کي پاليو هو.

پهاڙن جون چوٽيون ۽ اُن تي هڪ پکيءَ جو آکيرو ۽ اُن ۾ هڪ ٻچي جو پرورش پائڻ... سڀ فسانا هئا پر هاڻ اُن جون معنائون منصور جي لاءِ بدلجي چڪيون هيون. هر شيءِ ممکن هئي ؟! ڇا ٿي سگهي ٿو؟! ڇا ٿئي ٿو؟! اِهو ته هُن ڏٺو هو، پر ڪيئن ٿيو، اُن جي ڪيس هاڻ به خبر نه هئي.

هڪ قافلي سان گڏ جيڪو بيت الله وڃي رهيو هو، حُسين به پلاريءَ پُونءِ ڏانهن روانو ٿيو. سياوش تُستر جي ماڻهن ڪي قصي ٻڌڻ جا شوقين ۽ نهايت ئي مهمان نواز ڏٺو، سو هُو اُتي ئي رهي پيو. منصور پنهنجون نگاهون جهڪائي ٿي رکيون، ڇڻڪ ڪنهن راز کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي، ڪنهن تقدس جي حفاظت ڪري رهيو هجي، ڪنهن راز جي پردي کي جهليو بيٺو هجي، ڪنهن بارگاهه جي سامهون پاڻ طلبيءَ جي اجازت چاهيندو هجي.

موڪلائيندي، شيخ سهل بن عبدالله تُستريءَ چيو هو،

”ابو حسين، گهڻو فڪرمند نه ٿيندو ڪر. تنهنجو پٽ پنهنجون راهون پاڻ ڳولي لهندو. سندس شوق جي طوفان کي تهذيب نفس سان آشنا ٿيڻ گهرجي!“

۽ حُسين سان گڏ هڪ هجوم هو، هنن سندس هٿ ٿي چُميا، سندس پيرن جي خاڪ کي شفا ٿي ڄاتائون ۽ ڪانئس دعائن جا طالب ٿي ٿيا. هُن لنوائڻ جي ڪوشش به ڪئي ٿي پر ناقص العقل، ضعيف الاعتقاد ماڻهن سندس وجود کي برڪت جو باعث ٿي سمجهيو. قافلي ۾ جڏهن ڪوئي بيمار ٿي ٿيو ته ڪانئس پاڻي دَم ڪرايو ٿي ويو. هر تڪليف ۾ ڪيس ڳوليو ٿي ويو. هُو لِڪيو ٿي ۽ ماڻهن ڪيس ڳوليو ٿي. اِها باالفعل هڪ وڏي ڪاميابي هئي، جو هُو سيني لاءِ نگاهه جو مرڪز بڻجي ويو هو. صرف تمنا سان، صرف تڙپ سان، صرف خدا جي رحمتن سان!... نه ته هُو ڇا هو؟ اِهو هُو پاڻ به ڄاڻندو هو. دريئي جانان! پرينءَ جي پوئتان وڃڻ مان هُن لاءِ جان رفتن جو مرحلو ته اڃا گهڻو آڳاهون هو- هُو محبوب منزل ڏانهن ڇڪبو هليو پئي ويو پر سندس شوق اڃا اڌورو هو ۽ مٿس پرپور وِلولو گجندڙ سمنڊ جي لهرن وانگر بس چڙهيو ٿي آيو. هر چانڊوڪيءَ جي ڪشش سان سمنڊ جي پاڻيءَ جي چاڙهه جو هڪ ربط آهي. انهيءَ حالت ۾ هُن جا احساس ڇا هوندا؟ هُو شوق جي سفر جو راهي نه هو، ڪيس اُن جلال سان جيڪو ذاتِ رسول ﷺ ۾ هو، اُن جمال سان جيڪو خود سندن ذات هئي آشنائي نه هئي. هو ته غلامن جو غلام هو ۽ ڪيس پنهنجن جذبن جي شدت ۽ پنهنجي ديوانگيءَ ۾ به صداقت محسوس نه ٿيندي هئي. صادق جذبي جو هلڪو آواز به هُن جڏهن پنهنجي اندر ۾ ٻُڌو ته ٿي لمحي هڪ عجيب بي ڪيفيءَ جي حالت ڪيس پنهنجي آغوش ۾ آڻي ڦِٽو ٿي ڪيو. هُو عشق جي ڳولا ۾ وڃي رهيو هو. ڪاش سندس بي تاب اندر

ڪي انهن حرارت ڏيندڙ محبتن ۽ چاهتن جي جذبن تائين رسائي حاصل ٿي سگهي! اي ڪاش! سندس هستيءَ جي تڪميل ٿي سگهي. پر سندس هستي ڇا هئي؟ جيڪڏهن هُو فاني آهي تہ پوءِ باقي ڪيئن آهي ۽ جيڪڏهن باقي آهي ۽ رهندو تہ پوءِ فنا ڪهڙي شيءِ کي آهي؟ اِهو فنا ۽ بقا جو فلسفو سندس سمجهہ ۾ نٿي آيو.

سڌي سادي تعليم جنهن ۾ هڪ مسلمان، روح جي آرام ۽ دل جي سڪون جي ڳولا ڪندو آهي. نماز ۽ خدا جو خوف رکڻ، نہ ڪوئي پستين ۾، نہ ڪوئي بلندين ۾، پر انهي کان اڳيان ادب جو نازڪ تر مقامِ جتي حُبِ رسول ﷺ ۽ عشقِ محمد ﷺ جو ۽ سندن خاص مهر جي نظر جي آرزو جي تڪميل جو آهي، ان مقام تي هو ڪيئن پهچي؟ اُهو جنون جيڪو ڳوڙهن جيان ڳڙي تہ سمورا گناهہ ڌوپجن. اُن جنون تائين، اُنهن ڳوڙهن تائين پهچ ڪيئن ٿئي؟

جُنون انهن عجمي قافلن جو امتيازي اعزاز هو. طويل مسافتن جي هنن راهگيرن جو ذوق ۽ شوق ڏسڻ وٽان هو. مجُوسي رت، نصراني ۽ يهودي رت، پرستش جي لڳاءَ جو جنون جيڪو سندن رڳن ۾ هو اُن کي اسلام شديديت ۾ وحهي ڇڏيو هو. حُبِ الله ۽ حُب رسول ﷺ سندن رڳن ۾ روان ٿي ٿيا ۽ اُن عشق جي آڳ پنهنجي تپش وسيلي سندن اندر جي شديديت کي مسلسل وڌايو ٿي ۽ سندن جان کي بيقرار رکيو ٿي، اندر جي سوز سان مجاهدن رياضتن ۽ قرائت ۾ وَجد پيدا ٿيو ٿي. ڳوڙهن جي رواني سندن دلين جي تڙپ کي شانت ڪري ئي نٿي سگهي... هر اُها وک جيڪا راهہ محبت ۾ کڄي ٿي، ان درد کي ويتر وڌايو ٿي ۽ ابهام تي ڏنو.

اها سعادت جيڪا ڪين نصيبَ ٿيڻ واري آهي. اها قدرت، اها طاقت، اهو اشارو تہ ڪين حاضري جو سڏ ٿيو آهي. جيڪو سندن مسرت ۽ سرمستيءَ ۾ سرور ۽ خوشيءَ جو باعث بنيو ٿي، اهي سڀ خاص ماڻهو هئا جن ڪنڌ نوائي پنهنجن روحن کي لبيڪ چوندي ٻڌو: ”حاضر حاضر، دل ۽ جان سان حاضر، روح ۽ ايمان سان حاضر - الله! اسان تنهنجي حضور ۾ حاضر ٿيڻ وارا آهيون. تنهنجي لاءِ، تنهنجي خوشنوديءَ جي لاءِ تنهنجي راهہ تي حاضر آهيون. جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَامُ ۽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَامُ ڪعبة الله جي تعمير ڪري رهيا هئا تہ سندن ٻہ دعا اهائي هئي تہ هن مقام کي مرڪز بڻاءِ- ’اي الله هي تنهنجو گهر آهي. انهيءَ جي بقا، انهي جو حُسن صرف تون ئي آهين. اُهو مالڪ الملڪ تون ئي آهين.‘

حُسين پنهنجين عبادتن ۾ مگن ٿي رهيو ۽ ڏنائين ٿي تہ ماڻهو ڪيڏيءَ سادگيءَ سان، ڪا وڏي آرزو ڪٿي نہ، محض هن جي خوشنوديءَ خاطر پنهنجين هِيٺين حياتين کي هن جي راهہ ڏانهن هلائيندا هئا. ۽ هُن دري پنهنجي اندر ڏٺو ٿي تہ هو بہ خوشنودي چاهيندو هو. پر هن جو سوال انهي کان تمام وڏو هو، سندس طلب شديد ۽ تمنا شديد تر هئي!

"اي اونار! آهستڙي هل جو منهنجين پاسراتين ۾ آڳ آهي."

هُو هُن کان هُن کي ئي طلب ڪرڻ گهرندو هو! انهيءَ ڪري سندس دل ۾ آڳ جا الاؤ هئا- اي منهنجا خدا، آئون حاضر آهيان، پنهنجي وجود سان، جان جي سمورين بيتابين سان، اڪيلائين جي اذيتن سان، روح جي سمورين اونهائين سان، ڪرب ۽ درد جي دردناڪين سميت.

هُو سوالي هو پر سندس سوال پيو هو. ان عاجزيءَ ۾ پنهنجي عبد هئڻ جو به فخر هو ۽ اها اُميد به ته ڪيس هتين خالي نه موٽائي سگهجي. نياز نه، ناز! ها، جڏهن سندس راهه ۾ هڪ قدم کنيو ويندو ته هُن کي وڏي ڪري هو اُنهيءَ هٿ کي جهلي وٺندو!

ديوانگيءَ جي انتها!!

جنونيت جي حد!!!

هم ڪلاميون سندس اندر جي ته خانن ۾ هونديون هيون جتي ٻئي سمائجي نه سگهندا هئا. ڪيس حُسين کي ڏڪاري ٻاهر ڦٽو ڪرڻو پوندو هو. پر باغي، آواره گرد، جلاوطن حُسين ڪيڏانهن وڃي؟ هتين خالي! بي سرو سامان!

جڏهن ڪاروان نديءَ ڪناري سان هلندي خرم شهر ڏانهن هليو، ته شديد سيءَ جي ڪري ۽ پاڻيءَ جي کوٽ سبب کين به ڏينهن واديءَ السبطين ۾ قيام ڪرڻو پيو هو. هيءَ ندي جيڪا چشمي سان وڃي ملندي هئي ۽ ڪٿان پهاڙي چشمن سان ملي نڪرندي، اونهائين ۾ وڃي وهندي هئي ۽ پٿرن منجهان ڪنهن اُجريءَ شاهراهه وانگر ڪڏهن لِڪي ويندي ۽ ڪڏهن ظاهر ٿيندي هئي، پر هاڻ سندس ته ۾ واريءَ ۽ پٿرن کان سواءِ ڪجهه نه هو.

هُو بيهي هِت هُت ڪوتايون ڪري پاڻي ڳولي رهيا هئا، ته قرمطي باغين مٿن حملو ڪري ڏنو. کين چئني پاسي گهيري ڦريو لٽيو ويو. انهن عورتن ۽ معصوم ٻارن تائين جو ڪوس ڪيو، انهن صرف حُسين کي ڇڏي ڏنو هو. وٽس سفر جو خرچ به ته نه هو. ڪمزور، هيڻو، لاچار جوان، جنهن جون اکيون آه زاري جي ڪثرت سبب ڳاڙهسريون هيون ۽ جيڪو انهن کي روشنيءَ ۾ کولي به نه ٿي سگهيو.

"هي حاجين جو قافلو! ڀلا اهي بيت الله ۾ڇا ڪرڻ وڃن ها؟" انهن منجهان هڪ چيو.

"اِنهيءَ ڪري اسان کين انتظار جي زحمت ۽ سفر جي صعوبتن کان بچائي ورتو آهي."

"پر هي سڀ-" هن لاش ڏانهن اشارو ڪيو. هي حاجي اصل حاجي آهن. راهِ محبت جا ماريل!" هڪ ڏاڙهيءَ واري نوجوان چيو.

"راهِ محبت جا ماريل!" سيني يڪ زبان ٿهڪ ڏنا، ٿهڪن جي آوازن ۾ باقي آواز ٻڏي ويا هئا.

"هُو سڀ فنا ٿي ويا، وڏي حضور ۾ حاضر ٿي ويا." هڪ ٻئي شقي القلب چيو.

"زندگي ڏئي ئي هن راهه ۾ محبت جو اعلان ڪيو ويندو آهي." هڪ ٻئي پنهنجي خورجين ۾ چانديءَ جا سِڪا پريندي چيو.

"ٻڌ!" انهن حُسين ڪي سڏي پاڻ وٽ ويهاريو ۽ ڏاڍي نئول منجهان چيو - "هنن سيني ڪي ڏسين پيو نہ. هنن محبت جي راهه ۾ سر جي بازي ڏيئي، زندگيون قربان ڪري حج ڪيو."

هن حُسين جي مٿي تي ڏک هنيو.

"جي!"

"هي سڀ حُبِ رسول ﷺ ۾ فنا ٿيا آهن. اوهان جي رسول جي محبت ۾. اوهين جيڪي نمازن، دعائن، روزن ۽ عيدن ۾ خوشيون ڳوليندا آهيو. جيڪڏهن تون اسان جو دين قبول ڪرين تہ اسين توکي هتي جون حسين عورتون ۽ مال متاع ڏينداسين."

ٿوري دير هن جي جواب جو انتظار ڪرڻ بعد هن چيو،

"اسان تو اڪيلي کي هتي انهيءَ ڪري ڇڏي رهيا آهيون تہ جيئن تون انهيءَ ڳالهہ جي گواهي ڏيئي سگهين تہ اهي زنجي نہ پر اسين هئاسون ۽ اسان توکي هي بيمار اُٺ انهيءَ ڪري ڏيئي رهيا آهيون تہ جيئن تون ويجهڙائيءَ جي ڪنهن وسنديءَ ۾ پهچي، اڪين ڏنو احوال ڏيئي سگهين."

پوءِ انهن گهوڙن کي هڪليو ۽ نديءَ ڪناري ڏانهن موٽي ويا، جتان ڪان وڏي شاهراهہ ويجهو هئي.

"سر ڏيئي راهِ محبت طئہ ڪرڻ ئي تہ منزل آهي!" ڪيس پري تائين سندن آواز پنهنجيٰ پويان ڪان ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا.

جڏهن هُو مڪي شريف پهتو آهي تہ حج جو زمانو ختم ٿي چڪو هو. ڪيس واپس ويندڙ قافلا، وڏا وڏا ڪاروان ۽ شاهراهن ۽ وادين جي ورن وڪڙن کي لتاڙيندڙ ماٿهو مليا. خوشيءَ جي ڪيفيت، رنگينيءَ جي لهر، هوا ۾ خوشبو ۽ ساهن جي فرحت ۽ تازگيءَ سان فضا معطر پئي ٿي. هُو نوازيا ويا، قبول ڪيا ويا، گُهرايا ويا، مهمان هئا، ۽ هُو پيتڪندو، ٺوڪرون ڪائيندو، بس در تي ئي آيو هو! هُو ڇو سمجهندو هو تہ سندس ناز پسند ڪيو ويندو؟!...

آخر سندس دل ۾ اهو خيال ڇو هو تہ هُو ٻين کان افضل نہ سهي، منفرد ضرور هو؟

هُو ڪعبة الله شريف جي زيارت لاءِ نہ ويو بلڪ اوسي پاسي جي هڪ ذري گهٽ غير آباد ڳوٺ جي هڪ پراڻيءَ مسجد ۾ جنهن جي ڇت بہ ذري گهٽ نہ هئي، رهي پيو.

"جيسيتائين مون کي گُهرايو نہ ويندو، آئون نہ ويندس، هرگز نہ ويندس!" نہ ڄاڻ هو ڪنهن سان ضد ڪري رهيو هو!... شرطَ وجهي رهيو هو!... ناز ڏيکاري رهيو هو.

سرفروشيءَ جي تمنا اندر ۾ ڪنيو ٿي وتيو، سِر جي، حيات جي قيمت جو شمار تہ هئڻ گهرجي!... دربِيٽي جانان - سَتِٽيءَ• جو گيت ڪيس ياد اچي رهيو هو. دربِيٽي جانان - دربِيٽي جانان - سندس اندر ۾ اها صدا وقفن سان، بار بار، هر لمحي، هر پل گونجندي ٿي رهي. مغنيءِ جي ساز جيان اُن آواز تي هُو وجد ۾ ايندو هو. هُن چنيِر ڪنيا ٿي، تہ هنَ دربِيٽي جانان ٻُڌڻ ۾ ٿي آيو. هُن آگَر ٿي ڪنئي تہ دربِيٽي جانان جون ستّون هوا ۾ تارن ڪي ڇُهي ٿي آيون، روشنيءَ ۾ جهنگ ۾ جڏهن پکين گيت ٿي ڳايا... آر جي چرچر، ٽَلين جا آواز، شاهراهن جون صدائون... سڀ جي هُو دربِيٽي جانان ۾ وڪوڙيل هو. اِهوئي هڪ ٻول جنهن ڪيس ڏوڙي وڌو هو. سندس ڳوڙهن ۾، سندس ساهہ ۾ بس اِهوئي هو، پر سندس وجود هو جو موجود هو... جان رفتن جو وقت اچا آڳاهون هو! هُو هو! حسين بن منصور حلاج هو- هو ديوانو نہ هو. اهو بہ هڪ شعبدو هو. تجلي، نہ محض شعبدو، مئي خوديءَ جي هڪ ڏِک سندس اِها حالت ڪري ڇڏي هئي. دربِيٽي جانان. انهيءَ ڪان مضبوط تہ سَتِٽي هئي جنهن جا ٻول گيت ۾ سمائجي سگهبا هئا- سندس جان تہ اچا هئي... هُو تہ ڪجهہ بہ نہ هو! هڪ رهڙ ۽ ڪاٺ جي ٺهيل معمولي سَتِٽيءَ ستيندڙ بہ نہ. ڪيس پنهنجو پاڻ ڪان، پنهنجي هوند ڪان شرم محسوس ٿيو.

انهن ڏينهن ۾ مڪي جي اوسي پاسي هڪ ديوانو ڏٺو ٿي ويو، جيڪو نہ ڪلندو هو نہ ڳالهائيندو هو، نہ سمهندو هو نہ ئي ويهندو هو. سندس بي قرار جان اضطراب ۾ ٻُڏَل، نگاهون جُهڪيل، هُو حرمِ ڪعبة الله ۾ بہ داخل نہ ٿيندو هو... ڪڏهن غارِ حرا جي سامهون ڪڏهن غارِ ثور جي بلندين تي- ڪڏهن جبل رحمت جي اوسي پاسي، منيٰ ۽ عرفات ۾، ٻنپهرن جو جڏهن اُس تيز ۽ تکي ٿِي ٿي تہ هُو پٿرن تي تي ويٺو ۽ پگهر بارش جي ڦڙن جيان سندس جسم منجهان جاري ٿي ٿيو. ڦڙا پٿرن تي ڪِري خشڪ ٿي ويا ٿي. تپش ۾ سندس دماغ گرم ٿيڻ لڳندو هو. هُو پٿرن تي ويٺو ٿي رهيو، خبر ناهي هو پنهنجي وجود ڪي ڇو عذاب ڏئي رهيو هو. غم جي تپش جي ڪري ڪيس ڪٿي ننڊ نہ ايندي هوندي- بي ڇت مسجد ۾ جڏهن هُن نماز ٿي پڙهي تہ ساڳئي وقت نفلن ۾ بہ لڳو ٿي رهيو - اُهي هُن جي آزمائش ۽ پنهنجو پاڻ سان جنگ جا ڏينهن هئا.

ماڻهن ساڻس ڳالهائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي پر هُو ڪنهن سان نہ ڳالهائيندو هو. هُو دربِيٽي جانان هو - مهينا ائين گذري ويا ۽ ماڻهن ڪيس گُم سُم پر مُنهن مان ڏيا ڏيندڙ ٿي ڏٺو. اگهاڙين پيرن تتل واريءَ تي هلي رهيو آهي، ماڻهن ڪي سندس لاءِ تجسس پيدا ٿيڻ لڳو. هجوم سندس چوڌاري وڌندو ٿي ويو. ماڻهو ڪانئس دعا جا طالب ٿي ٿيا. ڪيس پنهنجون حاجتون ٿي ٻڌايائون، هُن ڪنهن ڪي ڪاغذ تي لڪيرن سان آڏا اُبتا نقش ڪڍي

• سَتِٽي: ڪپهہ تاڻڻ واري.

تي ڏنا. ڪڏهن مَس سان ڪجهه آڏا اُبتا اکر ٺاهي تي ڏنائين. ماڻهن سندس انتظار ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. ماڻهن ڪيس ڪوئي عظيم بزرگ تي سمجهيو. سندس بي نياز ۽ گهٽ ڳالهائو طبيعت کي هڪ دلبرانه انداز تي سمجهيو. سندس لاپرواهين ۽ بي نيازين کي به هڪ محبوباڻي شان تي جاتائون. هيءَ رحمتن ۽ برڪتن جي سرزمين هئي. هي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَامُ ۽ اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَامُ جي اَمانَ جي علامت هئي. آبِ زم زم جو سرچشمو- جڏهن حضرت حاجره صفا ۽ مروي جي وچ ۾ ڇڙيون هنيون ته خدا کي سندنِ اِها ادا ڪيڏي نه پسند آئي، ۽ جڏهن پاڻي کُڙين هيٺيان ڦُٽي نڪتو ته چيائون:

"زم - زم." - "بيهه! ترس، ترس!" - ۽ اهوئي اُن تي نالو پئجي ويو.

انهن برڪتن کي هُن انهن لاءِ آباد ڪيو- هُو سندس پيارا هئا ۽ هُن پنهنجي گهر لاءِ اُهائي سرزمين پسند ڪئي جيڪا امن ۽ سلامتيءَ جي جڳهه بڻي- نه چاڻ اُها کهڙي ڳالهه هئي، جو ڪجهه ماڻهو وڌيڪ محبوب هئا، ۽ ڪن تي ته رغبت جي نگاهه به نه هئي! هُو سندس پيارو نه سهي پر سندس بندو ته هو. سندس توجهه جو طالب - باب نبي شيبه جي سامهون هڪ شخص ڏاڍو سُريلو ڳائيندي روز لانگهائو ٿيندو هو.

"خدا پنهنجن بندن کي محبوب رکندو آهي.

"خدا پنهنجن بندن سان محبت ڪندو آهي."

جڏهن حُسين جي ڪنن تي سندس آواز پوندو هو ته هُو سچو ڏکي ويندو هو. هُو ته محبوب بنجڻ به نه گهرندو هو. هُو ته سندس محبت به نه چاهيندو هو. ڪيس ته پاڻ منجهس فنا ٿيڻ، مِٽجي وڃڻ جو شوق هو، ڪيس ته فقط سندس شوق هو. ۽ اُهو شوق ئي سندس اُجورو هو. ڪيس پنهنجي هستيءَ سان، پنهنجي وجوديت سان وڏ ڪابه محبت نه هئي. محبتون سندس ذات جي مُراد ۽ نگاهه جي طلب نه هيون. جذبن جي شدت سبب هن مُنيون پڪوڙي تي ڇڏيون، ڪن بند ڪري تي ڇڏيائين. هُو ته اِهو ٻڌڻ ئي نه چاهيندو هو ته خدا بندن کي محبوب رکندو آهي ۽ ساڻن محبت ڪندو آهي. هُو پنهنجين رڳن تي، پنهنجين نبضن تي، اُن جذبي جي شدت کي آزمائڻ چاهيندو هو. هُن جي جرئت، مستيءَ سان پُر خيالن جي بيباڪيءَ جو هُو پنهنجي بي اختيار ۽ اَجهل شوق جي جذبي جي به نفي چاهيندو هو ۽ پنهنجي به- هُو وچايلن ۽ وساريلن جيان اُن سرزمين تي رُلي رهيو هو، جيڪا سندس پيارن جي سرزمين هئي، سندن هئي. هو جيڪو بي سرو سامان فقير، بارگاهه الاهي مان ڌڪاريل هو.

زم زم، هُن لاءِ نه هو، انهيءَ ڪري هن اُن پاڻيءَ سان پنهنجي اُڃ به نه تي اُجهائي ۽ اُڃ جي شدت ۾ ڪانئس اُڃ ئي وسري وئي هئي- اضطراب جي تسڪين ٿئي ته ڪيئن؟ جڏهن اضطراب ئي نه رهي! هن رڻ ۾ هُو اڪيلو هو. ڇا مٿس ڪڏهن ڪرم جي ڪڪرن جي

وَسکار ٿيندي؟ هُو انهيءَ کي ڳوليندو هو جنهن کي هن سامهون ڏسڻ چاهيو ٿي، روبرو - حق تعاليٰ خلق ۾ ڳُجهو آهي ۽ اُهوئي ظاهر آهي ۽ سيئي نسبتون هن سان هيون ۽ جڏهن هُو خلق کي چاهيندو هو ته پنهنجو پاڻ کي چاهيندو هو ۽ حُسين کي به چاهيندو هو. پر حُسين کي انهيءَ خيال سان ڪا تسڪين نه ٿيندي هئي. دنيا ۽ دين ۽ اُن کان به آڳاهين ذات حق تعاليٰ - مونجهارا. جيڪي سندس سمجهه کان مٿاهان هئا ۽ جن جي ڪيس ڄاڻ نه هئي، سي جي قياس هئا، ته سندن حقيقت ڇا هئي؟ جيڪڏهن اُهي حقيقي هئا، امر هئا ته خدا ياران هئا!

جيڪڏهن اُهي خيال هئا ۽ انهن جي اصليت ڪجهه نه هئي ته اُهي شيطان ياران هئا!

۽ انهن هلاڪتن کان بچائڻ لاءِ هن وٽ مرشد جو سهارو به نه هو. هو سالڪ هو يا نه!

هُو جبل رحمت تي ويٺو تي رهيو ۽ سوالي تي ٿيو: "اي نورِ حق! مون تي ظاهر ٿي!"

"اي رب ڪعبه! مون تي آشڪار ٿي!"

ڇڻ هڪ ناچيز ذرو آفتاب کي سڏي ۽ پنهنجي آفتاب هجڻ جو دليل ٿئي.

'حُسين تون ڪٿي جو نه رهئين - اين هم رفت و آن هم رفت!'

سندس اُجايل اندر پاڻ سان ساڳيءَ ريت سوچن جي وهڪرن ۾ وهي رهيو هو، ڇا هُو صاحب ذوق ۽ جدان به نه هو!

اُس، مينهن جيان پهاڙن ۽ ماٿرين تي وسي رهي هئي ۽ ٻرندڙ جبلن جي ڳار وانگيان هر پستيءَ ۽ اُتاهينءَ کي پيري رهي هئي. حسين اوچتو پنهنجي پُٺيءَ تي ٿڌاڻ سرندي محسوس ڪئي. ڇڻ ڪوئي هٿ سندس وجود کي ٿپڪيون ڏيندي سمهاري رهيو هجي. سندس حفاظت ڪري رهيو هجي، ٻاجهه ۽ محبت جو سُريلو گيت ڪيس ٻڌائي رهيو هجي.

نه ڄاڻ اِها ڪرامت هئي يا الهام! سندس اکين روضه رسول ﷺ کي ڏٺو. سندس لاءِ اُتي جو سڏ هو- اُتي جتي دنيا جا تاجدار باادب ڊوڙندا ايندا ها! جتي جو پيغام سموريءَ دنيا جي پيغامن کان افضل هو ۽ جتي وڃڻ وارا نفس کان بيگانه هئا. نفس جنهن متعلق اِهو حڪم هو ته جنهن اُن کي ڄاتي ورتو اُن پنهنجي رب کي سڃاتي ورتو.

ڇا ماڻهو پنهنجي نفس کي سُڃاڻي سگهي ٿو؟

۽ جيڪڏهن پنهنجي نفس کي نٿو سُڃاڻي ته رب کي ڪيئن سڃاڻندو؟

ڪيس سڃاڻڻ، ساڻس ملڻ، ان ۾ پاڻ وڃائڻ سواءِ ممڪن ناهي، ۽ هُن سان ملڻ به ضروري هو. آخرڪار مرڻ به ضروري آهي، ۽ موت جو ذڪر نه غمناڪ آهي ۽ نه ئي پريشان ڪُن!- ڇو ته خدا به ته پنهنجن بندن جو مشتاق هو. جڏهن الله بندن ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو ته هو پنهنجي ئي نفس جو مشتاق هو - ها، هُو هر ڏس پاڻ هو. ڪائنات ۾ خبر ڇا ڪجهه هو! ۽ جيڪي به هو سو هُو پاڻ هو. پنهنجي ديد جي لاءِ نفس ۽ سنسار!

بطنِ فر ۾ هڪ قافلو ترسيل هو، ۽ روشن رات ۾ آباد نخلستان کجين جي وڻن سان سينگاريل هڪ عاليشان محل جيان هو، جنهن جي ٽوڙين - ٽنين تي آسمان جي چادر تاڻيل هئي ۽ ڏيئن جي روشنيءَ ۾ وسيع ۽ آباد وسنديون خواب ۾ ڏٺل خوابناڪ سيرگاهن جهڙين عمارتون هيون- نهايت شاناٽتن ماڻهن جون آرامگاهون!

حُسين کي انهن ماڻهن پاڻ سان شامل ڪري ورتو. هُو نظرون جهڪايو دل جي گداز سان به پنهنجي اندر جي اُن سڏ جي ڪائي جهت ڇاڻي نه سگهيو هو. هُو بيڪار، بي وس، بي يارو مددگار، هٿين خالي، بي سهاري! جنهن جو روح لڙاتيل ۽ جنهن جو معاملو پنهنجي خدا سان به چٽو نه هو، جنهن کي حرمِ ڪعبة الله ۾ باياربيءَ جي اجازت نه ملي هئي ڇو ته هُو ٻنهي جهانن جي سردار جي آستاني تي حاضر ٿيڻ لاءِ سڏايو ويو هو ۽ وڃي رهيو هو!

ڪاظمہ جي پهاڙين جي طرف کان نرم هوا اچي رهي هئي ۽ ريشمي چادر جيان واري پيرن هيٺيان پکڙيل هئي. آبار عسفان هڪ ويران قلعو هو، جنهن کي حضرت عثمان غني رضي الله عنه ٺهرايو هو. پاڻ ٽيان خليفا ۽ رسول ﷺ جي صحابين منجهان سيني کان وڌيڪ دنياوي دولت جا مالڪ هئا پر رسولِ خدا ﷺ جي جانثارن ۾ پڻ ممتاز درجو رکندا هئا. هُو نهايت نرم طبع جا مالڪ هئا ۽ انهيءَ ڪري ماڻهن جي سارسنڀال سبب 'سخي ۽ غني' جي لقب سان مشهور ٿيا ۽ اسلامي فتحن ۽ وسيع سلطنت جي بادشاهہ هئڻ باوجود پنهنجي گهر ۾ شهيد ڪيا ويا! دنياوي جاه ۽ عزت ڪين شهادت جي موت ڏانهن سڏيو ۽ ڇا ته پيلارو موت هو!- ماڻهوءَ کي پنهنجي خدا سان ملڻو ضرور آهي. هُو پاڻ ماڻهوءَ سان ملڻ لئہ مشتاق آهي- ڇا دنيا ايتري عظيم ۽ حاصلات جي قابل آهي، جو ان لاءِ ڪلام الله کي رت سان رنگيو وڃي؟- جيڪڏهن ماڻهوءَ جو داستان رنگين هجي ته خدا جو ڪلام جيڪو انهي داستان جو مرڪز آهي رنگين - تر ڇو نه هجي دنيا جي محبتن جا سمورا داستان سهپ، انتظار ۽ صبر جا داستان آهن. زندگي ڏيڻ واري جي حوالي ڪرڻ جا!...

اٺانگين پهاڙين منجهان، جن جا پٿر اُس ۾ سڙيل ۽ ڪاراٽيل لڳندا هئا، قافلو دشت ۾ وارد ٿيو. هي پکڙيل ريگستانُ، بيپناهہ طوفانن، واچوڙن ۽ تند ۽ تيز هوائن جي آمجگاهہ هو. نظر جي حد تائين پکڙيل واري، ڄڻ آباديءَ جي ڪنارن تائين سمنڊ پکڙيل هو. حُسين کي دشت سُوس ياد ٿي آيو، جنهن جي زرد، سياهہ ۽ سرخ واري جيڪا گرميءَ ۾ انڌلٺ ريڪا جيان زمين تي لهي آيل لڳندي هئي. رنگ برنگي واچوڙا، هر شيءِ رنگينيءَ ۾ ٻُڏل ۽ سياري جي شديد راتين ۾ جڏهن برف تي شعائن جي موٽ ٿي ٿي ته، لهرون الڳ الڳ چمڪيون ٿي ۽ هوائن جي ڏينهن ۾ جڏهن واري اُڏامي ٿي ۽ پٿون هڪ ڪان ٻيءَ جڳهہ ڏي ڪنيون ٿي ويون ته واريءَ جي لهرن تي ائين گمان ٿي ٿيو ته ڄڻ ڪوئي محبوب ناز ۽ انداز سان آهستگيءَ سان پنهنجن پلوَن کي گهليندي هينئر هينئر هتان لنگهيو آهي. وزني تلوارن

۽ ڊالن جي لڙائيءَ ۾ جيڪا بدر جي ميدان ۾ وڙهي وئي، ڪنهن مدد لاءِ سڏيو هو- ۽ فرشتا جيڪي بلندين تي حمد ۽ ثنا ۾ رُڌل هئا، مؤمنن سان گڏ سندن صفن جا اڇي ساٿي ٿيا هئا. جنگ جي طبل وڄڻ جي صدا، نقارن جي صدا، ڪي اُنهن پٿن جن اُن ميدان ڪي گهيري رکيو هو، تن محفوظ رکيو هو ۽ وڌايو هو. ڪجين جي باغن جي وچ ۾ شهيدن جي اجتماعي قبر هئي ۽ جبل رحمت تي فتح مبين جي بشارت آئي هئي ۽ جبل القبول انهن آوازن جي پڙاڏن کي سهيڙي رکيو هو. انهن زمانن جو هر هڪ ساهہ قيمتي اثاثو هو!....

۽ هي رستا وٽندڙ هئا- آباد ڪجين جي باغن ۽ پهاڙن، چشمن ۽ آبادين سان پُر هئا. هي اُن قافلي جو رستو هو جنهن هِن زمين کي جنت نشان بنائي ڇڏيو هو- جنهن سان عرش جو ڳانڍاپو هو ۽ ست ئي آسمان جنهن ڪاروان سالار جي آمد آمد جو ٻڌي کُليا هئا، سينگاريا ۽ پکيڙيا ويا هئا. خدا جيڪو بي نياز لاپرواهہ ۽ پهچ ڪان ٻاهر هو. ڪڏهن ڪنهن سڏ جي جواب محبت جي آواز جي تڪميل، ديد جي مشتاقي ۾ وصل جي گهڙيءَ قاب قوسين، ٿيندي ٿيندي رهجي ويندي هئي ۽ جبريل امين جي رسائي ان تائين بہ محال هئي، بارگاهون آباد ٿيون هيون، انبياء عليهم السلام استقبال ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا ۽ وقت بيهي رهيو هو-

حُسين نهايت عاجزيءَ منجهان نياز ڀري پيشاني زمين تي رکي "بارِ الاهي! آئون بہ تنهنجو مشتاق آهيان، آئون تنهنجي دوست جي ديد جو مشتاق آهيان. مون کي سڏ آهي تہ باريابيءَ جي اجازت بہ تہ ڏي!"

هو مسجد الحليفہ ۾ هو جتي رسول پاڪ ﷺ احرام ٻڌو هو. مسجدِ قبا ۽ مقامِ مشهد امير حمزه تائين مديني منوره جو حرم هو. اُڇا مُنارا ۽ مسجدن جا گُنبذ ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. شوق جي شدت سبب سندس ڳوڙها بيهي نہ ٿي بيٺا.

"اي خدا! بزرگ ۽ برتر! جڏهن تون پنهنجي دوست جي ديدار جو مشتاق ٿئين تہ ڪيس عرش تي سڏائي ورتئي. آئون تنهنجي دوست جي در تي حاضر ٿيڻ چاهيان ٿو، مون کي سگهہ ڏي! ان ادب گاهہ ۾ ڪٿي مون کي بہ باريابيءَ جو سبب ملي وڃي."

سندس جسم تڏو هو، اُن پڙڪندڙ آگ ڪان الڳ. جيڪا سندس رت ۾ هئي. انساني حقيقت جي حرارت جيڪا سندس رڳن ۾ هئي، جيڪو هُو هو- سندس دل تي ڇيو تہ هو ذرڙا ذرڙا ٿي وڃي ۽ انهن فضائن ۾ وِکري وڃي- انهن هوائن ۾ سمائجي وڃي- انهن لاٽيون لنوندڙ پکين جي ٻولين ۾ ڳري وڃي. مديني جي خوشبو ۾، خوشبو! جيڪا نماز وانگر خدا جي محبوب کي پسند هئي. خوشبو جيڪا جيءَ جيار ۽ اکين ٺار بہ هئي.

"مون کي هِن سرزمين ۾ اُهو عطا ٿئي جنهن جي مون کي بہ خبر ناهي. منهنجو اُهو سوال پورو ٿئي جيڪو آءٌ نٿو چاٿان پر منهنجي روح کي بيقرار ڪيو ويٺو آهي. هِتان ڪان سين کي اُتوريو مليو آهي خدايا!"

پنهنجن حواسن کي يڪجا ڪري، پنهنجو پاڻ کي سنڀالي ادب جي شديديت منجهان جُهڪيل، پنهنجو اندر سينگاري، سموري اضطراب کي پاسيرو ڪري، هُو بابِ جبريل منجهان اندر داخل ٿيو هو.

"آئون حاضر ٿي ويو آهيان. ڇا منهنجو وجود انهيءَ قابل آهي جو هِن حرم ۾ داخل ٿئي؟" هُن پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو.

۽ پوءِ ڪيس تعجب ٿيو ته هُو ثابت ۽ سالم پنهنجي وجود ۾ حواسن پنهنجي روح، گهايل دل ۽ بيمار وجود سان گڏ بابِ جبريل مان اندر آيو هو. هُو جنهن کي پنهنجو پاڻ تي مانُ هو، جنهن ۾ خدا کان پنهنجا ناز کڻائڻ، ۽ پنهنجي ڳالهه مڃرائڻ جو حوصلو هو. هُو ڪير هو جيڪو هتي اچي ڪڙو ٿيو هو؟!

هُو ڪنبڻ لڳو.

آئون ڇا آهيان؟!...

هيءَ زمين ۽ آسمان، هيءَ ڪائنات جنهن جي لاءِ ٺاهيا ويا، اُهو سلطان عالم محمد ﷺ عربي- جيڪو تنهنجي حڪم سان ۽ دشمنن جي ڪري مڪو ڇڏي مديني اچي رهيو. خداوند تنهنجو موت ڪنهن ڪم جهڙي لاءِ حڪم ڇا آهي؟! تون جڏهن به پنهنجن بندن کي آزمائيندو آهين ته هُو تنهنجي راهه ۾ تڪليفون برداشت ڪندا آهن. ڪڏهن حڪم ڏنو ويندو آهي ته پنهنجو ٻچو قربان ڪر. ڪڏهن هو دريائن ۾ وهايا ويندا آهن - ڪڏهن اَڏين تي آندا ويندا آهن ۽ توکي سڏيندا آهن.

"ڇا تو مون کي ڇڏي ڏنو!"

"آئون تنهنجو ناچيز بندو، آئون توکان عافيت سان گڏ حاضريءَ جو بهانو چاهيان ٿو!..."

هُو ٻيٺو هو ۽ سندس وِڪون اڳيان نه ڪجهي رهيون هيون پوءِ مؤذن اذان ڏني، جيڪا لهندڙ سج ۽ وڏندڙ پاڇن ۾ ائين اُڀري جيئن رڻ اُڪيري وڄڻ واري ڏاچي پنهنجي سوار کي ڪٺي پنهنجي ڳچي وڏائي ناز، انداز ۽ آهستگيءَ سان منزل ڏانهن روان هجي.

ڪيس هوش آيو. هن خدا کان مدد گهري ۽ نفل پڙهڻ بعد رياض جنت ۾ نماز ۾ شامل ٿي ويو.

نماز رسول ﷺ پاڪ کي بيحد پسند هئي.

نماز سندن اکين جو ٺار هئي.

هُو چاهيندو هو ته نماز ۾ وڃائجي وڃي، بس فنا ٿي وڃي، نه رهي. هو انهن قدمن ۾، اُن خاڪ ۾ جذب ٿي وڃي! گذريل زمانا عمر بن عثمان مڪي ۽ سهل بن عبدالله تستري، بصره ۽ حرقہ الثاني اهي سڀ تصويرون هيون، نظارا هئا جن ۾ سندس رنگ ڦڪو ۽ پاڻ نامڪمل هو- هو ٻوڙي ٻوڙي ٿڪي پيو هو، سندس آڇپو ڪيئن ٿئي؟! هڪ پاڻ وهيٽي

شخص جي شفاعت ڪير ڪندو؟ هُن حساب ڪيو، پنهنجي جاچنا ڪئي، سندس چاهت بي ڪيف ۽ دل ساڪت هئي. بيتل دل ۾ وجدان ڪٿان پيدا ٿئي! جمود ۾ حرڪت ڪٿان ڪان اچي! دعا ڪيئن پرواز ڪري ۽ قبوليت جو شرف ماڻي ته ڇو ماڻي؟!

ڪيس جيڪو گهرٽو هو... ان ئي در تان طلب ڪرٽو هو پر طلب لاءِ جاڳندڙ دل ته هجي! ڇوڪس، جيئري ۾ سندس پراڻي مرض جو چارو به شايد اهوئي هو. ڪيس پنهنجي اندر جي طاقت جو سرچشمو ڳولي لهڻو هو.

هُو روضي مبارڪ جي پيراندي ۾ وٽ ويٺو هو. سندس جُهڪيل ڪُلهي تي ڪنهن هٿ رکيو، جڏهن هُن ڪنڌ نه ڪنيو ته ڪنهن سڏيو:

"حُسين! حُسين!"

هن ڪنڌ ڪڻڻ سواءِ آواز سڃاڻي ورتو. هي آقارازي هو.

"ڪنهن آشنا صورت کي ڏسي ذاتي تقويت محسوس ٿيندي آهي. تون ڪڏهن آيو آهين؟" آقارازي ۾ پڇيو.

حُسين آڱر ڪڻندي ڪيس ماٺ رهڻ جو اشارو ڪيو، ڳالهائڻ لاءِ ته هڪ عمر پئي هئي.

آقارازي سندس ويجهو ئي ويهي رهيو ۽ هُن دُعا لاءِ هٿ کنيا.

"مولا ڪُل- آئون کهڙي منهن سان تنهنجو ٿورو ادا ڪيان، تو مون کي پنهنجي در جي ديدار سان فيضاب ڪيو. حاضري ۾ جي طاقت عطا تي. آئون حاضر آهيان مولا ڪُل. منهنجي حياتي قربان، فقيرن، لاچارن جا آقاي نامدار- منهنجي حاضري قبول پئي. منهنجو سلام قبول پئي- منهنجي دعا قبول ٿئي اي شاهه اُمت!" پوءِ سندس آواز سُڏڪن ۾ ٻڏي ويو.

حُسين حيران هو- هن دل ئي دل ۾ سوچيو: "آئون پنهنجو پاڻ کي رسول پاڪ ﷺ سان محبت ڪرڻ وارو ڄاڻان ٿو ۽ سمجهان ٿو ته مون تي الاهي نوازشن جو مينهن وَسڻ گهرجي- مون تي اُهي در کُلن جيڪي رسول ﷺ جي پيارن تي کلندا هئا ۽ هتي هڪ سوداگر ريگستانن ۽ شاهراهن جو آوره گرد، نفعي نقصان جو خيال رکڻ وارو، نه پنهنجن شوقن ۾ شديد ۽ نه ئي پنهنجين تمنائن ۾ بي پناهه، هو رسول ﷺ جي حُب ۾ آه زاري ۾ مبتلا آهي. اِها توفيق ڪيس ڪٿان عطا ٿي آهي. ڪنهن جي دعا جو اثر آهي ۽ آئون ديوانو ٿي ڪري به دانا آهيان. منهنجا هوش ۽ حواس قائم آهن پر اهڙي حاضري مون کي نصيب ڇو نٿي ٿئي- ڪٿي نه ڪٿي ڪنهن ڳالهه جي کوٽ آهي. سادين دلين تي شديد ڪيفيتن مهل جيڪي راز ظاهر ٿيندا آهن سي مون تي ڇو نه ٿا ٿين."

"مون کي صبر سان پنهنجو سوال ورجائڻ گهرجي. پنهنجي اندر جي بيتابي ۽ کي نفس جي تهذيب جي دائري ۾ آڻڻ گهرجي. آئون پنهنجين نمازن ۾ شدت ٿو اختيار ڪيان."

ايجا تائين ڪيس شوق جو اُهو سجدو عطا نه ٿيو هو جنهن سان ٻيا سجدا بي معني ۾ تي

ويندا هئا. نفلن جي ڪثرت باوجود شايد سندس پيشانيءَ ۾ اُهو سجدو رکيو ئي نه ويو هو. هُن جو نصيب- هُن جو مقدر- ازل جي ڏينهن هُن کي جيڪي ڏنو هو سو ڏنو هو.

آقارازي اُٿيو ته هُو به اُٿيو.

"تو سان مِلڻي زمانو ٿيو. تون بغداد وڃي رهيو هئين. ڇا اڄا خلافت جي دربار ۾ آهين."

"آئون رسالت جي دربار ۾ حاضر آهيان." حُسين ڪنبي چيو.

نه ڄاڻ سندس حاضري قبول ٿي يا نه. ڪيس ته ان تجليءَ طرف سفر ڪرڻو هو جيڪا ڪيس سفر جي فقط پروانگي ڏئي وئي هئي- هُن جا ته خواب به نه هئا بس غم جي تپش جو تحرڪ يا اُڏمو ۽ خواب محال-

"ڇا تنهنجو هاڻ دربار سان تعلق ناهي رهيو. مون قافلي وارن منجهان ڪنهن جي واتان ٻُڌو آهي ته خليفو بس معمولي بخار جي ڪري انتقال ڪري ويو آهي- افسوس ماڻهو حڪومتون، سلطنتون، سرحدون ناهيندو آهي- محل سرائون، سير گاهون ۽ اول ۽ آخر فنا آهي- آهي نه!" هو حسين کي مخاطب ٿيو.

حُسين پنهنجن خيالن ۾ گُم، پنهنجي بي وقعتيءَ، بي سرو سامانيءَ تي نازان، مسجدِ نبوي ﷺ ۾ فقط آخري صفن جي ڳولا ۾ هو، جيڪڏهن سندس شمار انهن صفن ۾ ٿي سگهي ته - خليفي جي نالي تي هُن ڇرڪي ڏنو.

"ڇا!" هن گهٻرائجي چيو.

"بيباڪ ۽ بي خوف ماڻهو جيڪو موت جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسڻ جي ڏِيا رکندو هو." ڪيس معتضد ياد آيو ۽ پوءِ بغداد ۾ دجله ڪنارن جون سيرگاهون، خوديءَ ۽ هوشياريءَ جا جلسا، وِکريل دنياداري جيڪا رونقن ۾ جوڀن ماڻيندي هئي ۽ وري موت ۽ وياڪلتا ۽ بربااديءَ ۾ وڃي ختم ٿيندي هئي. زندگي روشني آهي ته اونداهہ موت آهي ۽ موت کان هڪ وک اڳتي هميشگيءَ جي زندگي- ۽ انڪري ڪيس فنا سان پيار هو. هو موت جو طلبگار هو. هڪ ماڻهو جيڪو پُلصراط تي هلندو رهي آخرڪار پار اُڪري ئي ويندو آهي. پر ڇا موت فنا آهي ؟

"ڇا سوچڻ لڳو آهين حُسين ؟" آقارازيءَ سندس ڪلهو ڇهندي چيو.

"آقارازي! موت فنا ته نٿو ٿي سگهي." هن ڄڻ پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو.

"آئون سڌو سادو ماڻهو آهيان. تون مون کان مُندن متعلق پڇي سگهين ٿو. دنيا جي انهن ولايتن جا موسم جن جو مون سفر ڪيو آهي پر خدا جو سُنهن! آئون مري ٻيهر جيئرو ٿي نه اُٿيو آهيان جو ٻڌائي سگهان ته موت فنا ٿي سگهي ٿو يا نه." پوءِ ڪجهہ دير سوچي هن چيو: "حُسين فنا جو مطلب ته مِنجي وڃڻ آهي ۽ اسان جيڪي رسول عربي ﷺ جو

ديدار قيامت ۾ ڪنداسين- اسين جيڪي قيامت ۾ جنت ۽ جهنم جي طلب ۽ بچاءُ خاطر زندگي گذاريندا آهيون اسين مِتجي نٿا سگهون حُسين. اسين فنا نہ ٿينداسين. پيهر مري جِيءُ اُٿڻ جو مطلب فنا ٿيڻ ناهي. موت فنا ناهي- هرگز نہ. بلڪل نہ-" هُن حُسين جا ڪلها لوڏيندي چيو.

حُسين سندس منهن ۾ تڪيندو رهيو. ڇڻ ڪيس پهريون ڀيرو ڏسي رهيو هجي. ڀلا آقارازي هُن جي سوال کي ڪيئن ٿي سمجهي سگهيو. هُو ٻانهين ۽ ريشم جي ڪپڙي جو ڪاروبار ساڳئي ئي جذبي سان ڪندو هو. پر اُن سرزمين جي محبت جنهن ۾ سواءِ محبت جي ڪنهن سوال کي دخل نہ هو. ان ۾ ڪو غرض ڳُجهو نہ هو. هُو هتي ان لاءِ آيو هو تہ ان جي سُڳنڌ سان پنهنجي اندر جي آرام جو سامان ڪري- هن سفر سان پنهنجي دل کي آباد ڪري. ان دَر تي حاضري ڏئي، ۽ ڪيس اعتماد هو تہ سندس حاضري قبول پوندي، سندس طلب سچي هئي ۽ لامحدود نہ هئي ۽ ان ڪري ڪيس باريابيءَ جو شرف ملي ويو هو.

ٻئي رسول ﷺ جي روضي مبارڪ ويجهو پيرانديءَ وٽ ويٺا رهيا. هڪ خلقت هئي، جا پنهنجي محبت ۾ مڪمل ديدار جي شوق ۾ پروانہ وار ان آستان تي حاضر هئي. سڄي زندگي هڪ خيال ۾ غلطان- هڪ لگن، هڪ خواهش، هڪ سِڪ تہ آخر سڏ ٿيندو- پنهنجي بخت جي جوهر تي نازان- اندر جي تپش سان دلين جي ارادن سان قربان ٿيڻ وارا- خدا آسمانن ۽ زمينن ۾ ان نالي کي مٿاهون ڪيو هو. جهانن لاءِ رحمت، بحر ۽ بَر تي، خشڪ ۽ تَر تي رحمت بڻجي اچڻ وارا.

راتين جو مسجد نبوي ﷺ جو اڱڻ ڏيئن جي روشني سان نور تي ويو تي، ماڻهن ڪلام پاڪ تي پڙهيو. سُريلن جوانن مدح محمد ﷺ، ثناي رسول جي اهڙي وجدان سان تلاوت ٿي ڪئي جو دليون ڇاتين اندر پاڻي ٿي ويون ٿي. واري تي دائرو ٻڌي ويهڻ وارن ماڻهن ۾ آقارازي بہ شامل هو- ۽ صدقي ۽ خيرات لاءِ رکيل رقم کي خدا جي حرم ۾ وِرهائي هُو بہ ٻُڌڻ وارن ۾ ويهي رهيو. ذڪر ۽ فڪر جي هي رحمتن سان روشن رات جيڪا روشني دلين جي پاڪيزگي، روح جي تازگي ۽ ايمان جي حرارت جو سبب هئي- هي حاجين جي نگاهہ جنت ۽ هُو سڀ لحنِ• داؤدي ۾ تن گوش فردوس هيا.

مقدس زيارتن لئہ حُسين ۽ آقارازي گڏ هليا هئا.

"منهنجي دل تي ڇوي تہ آئون هڪ هڪ ذري کي اکين ۾ سرمون ڪري لڳايان. منهنجي جان انهن رستن تي قربان، منهنجي دل انهن ماڳن تي فدا، جن تي منهنجي پياري رسول ﷺ قدم رکيا." آقاراريءَ هلندي چيو هو.

حُسين سندس ڳالھ جو ڪو بہ جواب نہ ڏنو هو.

جبل شيطان تي پهچي آقارازيءَ چيو، "هيءَ اُها جڳھ آهي جتي جنگِ اُحد وقت شيطان رڙ ڪري چيو هو، 'اوهان جو نبي شهيد ٿي ويو'."

• لحنِ داؤدي: حضرت دائود عليہ السلام جو آواز (جيڪو نهايت سُريلو هو.)

"شيطان اهو ڪونہ چيو هوندو. هو تہ شهادت ۾ يقين ئي نہ رکندو هو-" حسين چيو.

"پر آئون پنهنجي واتان اها ڳالهہ ڪيئن چوان جيڪا شيطان چئي هئي- شيطان جيڪو انسانن کي گمراهہ ڪرڻ وارو ۽ غلط راهن تي سندن رهنمائي ڪرڻ وارو آهي." آقارازيءَ چيو.

"وقت جي ڪنهن وِٿ ۾ شيطان بہ فرشتو هو. سيني کان وڏيڪ عبادتگذار - هم راز." حُسين مسجد الفتح ۾ داخل ٿيندي چيو.

"دنيا ۾ ڪيڏو امن هجي جيڪر شيطان نہ هجي." آقارازيءَ چيو.

"آقارازي هيءَ سموري رونق اُنهي جي ئي دم سان آهي، جيڪڏهن گناهہ جو تصور نہ هجي تہ ماڻهو کهڙيءَ شيءِ بحثي بچي. شيطان نہ هجي تہ ابنِ آدم فتنن کان محفوظ ڪيئن رهي." حُسين حيرت ۾ ٻڏل آقارازيءَ کي ٻڌايو.

"اِها ڪج بحثي آهي ابنِ منصور - اِها گمراهي آهي. ان کان بچ. تنهنجن خيالن کان مون کي تہ سخت حيرت ٿي آهي-"

"خدا جو قسم آقارازي، اوهين ڪنهن کان بہ پڇي ڏسو، مون غلط ناهي چيو." حسين خوشدليءَ مان ڪليو.

"ابنِ منصور، آئون ڪنهن ڳالهہ جي وضاحت نٿو گهران. ڪنهن کان پڇڻ نہ ٿو گهران. تو نهايت عالمن ڪاملن جي صحبت ۾ گذاريو آهي پر تون اِها ڳالهہ ڪيئن تہ چوين ٿو؟" آقا رازيءَ جي پيشانيءَ تي لڪيرون گهريون ٿي ويون.

حُسين وري کِليو. "آقا، اوهين سمجهو ٿا تہ ڪلام پاڪ ۾ جيڪي لکيل آهي اُهو ان ڳالهہ کان مختلف آهي جيڪا مون ڪئي آهي. خدا آدم کي ٺاهيو ۽ ابليس کي بہ ٺاهيو."

ٺيڪ."

"آدم جي پيشانيءَ ۾ پنهنجو نور رکيو."

"رکيو."

"فرشتن کي حڪم ڪيائين تہ ان کي سجدو ڪريو. سيني ڪيو پر ابليس نہ ڪيو- اِلاهي بارگاهہ مان ڌڪاريو ويو. ڇتن تان پٽ پُڇايو ويو. خوار ٿيو. انسانن کي گمراهيءَ ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ هُو بہ دنيا ۾ وارد ٿيو. جيڪڏهن هُو نہ هجي ها تہ ڪو گمراهيءَ ۾ مبتلا ڪيئن ٿئي ها، ۽ هي سوز ۽ سازِ حيات ئي نہ هجي. هُو نہ هجي تہ جنت نہ هجي ۽ اُن جي حاصلات لاءِ ڪوششون ۽ جهدون نہ هجن. هڪ طرح سان تہ هُو محسن آهي." هُو ڳالهہ ختم ڪري کِليو تہ رازيءَ کي جِڙ هوش آيو.

"خدا جو سُنهن حسين ابن منصور تون پنهنجن حواسن ۾ ناهين."

"شايد!" هُن آهستڙي چيو. "شايد!"

هڪ پلسي اننت بحر ۽ هڪ پلسي هڪ وهڪرو، سو بہ ذڪر لايق نہ! رازيءَ ٺيڪ چيو

هو. هُو پنهنجن حواسن ۾ نہ هو- پر اُن وهڪري اُن بحرِ جي موج ۽ تراني ۾ ملي وڃڻ چاهيو ٿي. ڏکيو، ناممڪن- سندس شمار ڪٿي هو- مايوسيءَ ۽ لاچاريءَ ڪيس پنهنجي وِڪوڙ ۾ وِڪوڙي ڇڏيو.

"خلقت خالق تائين ڪيئن پهچي-
خالق سان خلق ڪيل شين جي خيالن ۽ خوابن جو ڪهڙو رشتو-
جيڪي دل ۾ گهڙي ايندا آهن اُهي موجن ۾ موجَ خيال آهن.
موجُون پنهنجين حدن ۾ اَسير.
اصل کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي ۽ وڃي سگهي ٿو؟
رات ٿيڻ بعد پتنگو ڏيئي چوڌار ڦرندو آهي-
هُو پنهنجي رولاڪيءَ جو افسانو چوندو آهي.
اُن افساني ۾ سرور آهي.
اِهو سرور تہ هُو ڪڏهن تڪميل تي پهچندو
لاٽ جي روشني حقيقت جو علم آهي.
۽ يِنيت جي شدت، اِهو اصل آهي.
شدت ۾ داخل ٿيڻ ۽ روشنيءَ کي چاڻڻ لاءِ
اصليت کي سمجهڻ لاءِ
پتنگو پنهنجو پاڻ کي آڳ ۾ ڏوڪي ڇڏيندو آهي.
۽ پوءِ سرخرو ٿي واپس موٽي هُو پنهنجي وارتا ٻڌائيندو آهي.
پتنگو ديد کي شنيد تي ترجيح ڏيندو آهي.
۽ خبر ڏيندو آهي تہ شعلن وچ ۾ هُن ڪيئن گذاريو.
جيڪو ديد جي منزل تي رسيو اُهو شنيد کان بي پرواهہ ٿيو.
عشق ۾ تبديل ٿي ويو.
۽ ديد جي منزل کان مشاهدي ڏانهن ويو.
پر اُهي جيڪي جبلتن جا اسير آهن.
۽ گناهہ ۾ وڪوڙيل آهن.
مون وانگر ڪڏهن خوشبختيءَ تائين نہ پهچندا!"

"تون صبح شام انهن قدمن تي سجده ريز ٿي. چا تو گهرين."

آقارازيءَ کانئس پڇيو، "تون نفلن ۾ لڳو ٿو رهين - تنهنجين انهن عبادتن جو ڪيترو شمار آهي-"

"هڪ هزار يا ان کان وڌيڪ نفل." حُسين چيو.

”هڪ قصو ٻڌندين.“ آقارازيءَ ڪيس گهرين نگاهن سان ڏسندي چيو، ”هي هڪ واقعو آهي جيڪو مون سان شاهراه خطا تي پيش آيو.“

حُسين ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

”دشت لوط جي پرينءَ پر وارين پهاڙين جا سلسلا ڏورانهان آهن. اُتي آزاد قبيلا آباد آهن. انهن اسلام ته قبول ڪري ورتو آهي پر رسمن، رهڻي ڪهڻي ۽ احساسن جي طرز ۾ ساڳيا ئي آهن. اُهي ماڻهو عورتن جي آزادرويءَ جا قائل آهن. حقيقت ۾ اُتي عورتن جي حڪومت آهي. وڏا وڏا اهي ئي فيصلا ڪنديون آهن ۽ زندگيءَ جا انتهائي نازڪ مسئلا به سندن فيصلي تي آڌاريندا آهن. آءُ انهن علائقن ۾ اعليٰ درجي جي اُنَّ ۽ موتين لاءِ ويندو آهيان. سيءُ شديد ناهي ٿيندو پر برف باري ٿيندي آهي ۽ اچ وڃ جا رستا بند ٿي ويندا آهن. هتي اچڻ کان هڪ سال پهرين آءُ انهن چراگاهن ۾ ي جنت ۾ ويو هوس. ڏور تائين، نظر جي حد تائين گاهه جو بيقرار بحر، ۽ جڏهن هوا هلي ٿي ته ساواڻ جون لهرون هڪٻئي پويان ساموندي مؤجن وانگر ٿي اُڀريون. ڪجهه ڏينهن اسان جو اُتي داڀو ٿيو، اوسي پاسي جي واهڻن منجهان ڪنواريون ناريون ضرورت جون شيون وڪڻڻ ايندريون هيون.

هڪ ڏينهن آءُ چشمي تي وضو ڪري رهيو هوس ته به ڇوڪريون اُتي اچي ويهي رهيون. آءُ اوٽ ۾ هوس ۽ هو روشنيءَ ۾ هيون. وَلين، وڻن ۽ گلن جي ٻارين جي ڪري منهنجي ويهڻ جي جڳهه ڪائنن ڳجهي رهي هوندي.

”هيءُ قافلو هڪ ٻن ڏينهن ۾ هتان ڪُوچ ڪري ويندو.“ هُوءَ ڏاڍي اُداس هئي.

”سلطان آغا، تو ته چڱا موڃارا سِڪا گڏ ڪري ورتا هوندا، اُداس ڇو آهين-“ هڪ ڇڻيءَ پاڻيءَ ۾ پير وجهي ويهندي چيو- هُوءَ ڪناري تان ننڍڙا ننڍڙا پٿر کڻي چشمي ۾ اُڇلائي رهي هئي. پٿر ”گُم“ نهايت ننڍڙي آواز سان پاڻيءَ جي تري ۾ ويهي رهيا ٿي.

”نه ترخان آغا، اها ڳالهه ناهي. رقم ته گڏ ناهي ٿي سگهي. مون اُن منجهان به اڌ رستم کي ڏئي ڇڏي آهي. هُن قافلي وارن کان هڪ ريشمي چادر خريد ڪئي آهي.“ هُن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

”ان ڪري اُداس آهين ته گهر وارا هاڻ حساب وٺندا.“ ترخان آغا چيو.

”ائين ئي سمجهه.“ سلطان آغا چيو.

دير تائين ٻئي ماٺ ٿي چشمي جي وهڪري جو آواز ٻُڌنديون رهيون، پوءِ ترخان آغا چيو.

”ٻُڌ، دوست تي خرچ ٿيو آهي ته پيُو ڇا جو ۽ اَڌ ته تو بچائي ڇڏيو آهي. آءُ جيڪر ائين نه سوچيان، سلطان آغا. دوست تي سڀ ڪجهه لڳائي به نقصان ۾ ناهي رهبو ۽ حساب ڪرڻ وارو ڪڏهن دوست کي خوش ناهي ڪري سگهندو - هاڻ خوش ٿي پئو. پيلي تون ماءُ کي ڪجهه نه ٻڌائي سگهين پر دل ۾ ته سمجهين ٿي نه ته تو اِهو سڀ وڃايو ناهي.“ ٻئي ٿڪ

ڏئي ڪِليون ۽ چشمي ۾ جُهڪي پنهنجا سراپا ڏنائون. وارن کي سينگاريائون، ڪير واريون مشڪون ڪنيائون ۽ پوءِ اوچتو ترخان آغا جي نظر مون تي پئي. هن زُور سان رڙ ڪئي ۽ پيڇي وئي."

"آقارازي مون وٽ دوست تي لُٽائڻ لاءِ ڪائي شيءِ ناهي." حسين نهايت درد مان چيو.

رازي ڏاڍي پُراسرار ڪل ڪليو. "ڪجهه ناهي! ايترو هٿين خالي به ناهين، نفلن جو شمار ته رکندو آهين."

حسين گهٽي پيتل جيان گوڙ ڪيو- ڪنڌ ڌوڻيو ۽ چيو، "والله تون صحيح ٿو چوين، خدا جو سُنهن تون نيڪ چوين ٿو."

اهو فهم ڪيس نصيب ڇو نه هو؟ اها نظر جيڪا سلطان آغا کي ملي هئي ڪيس ڇو نه ملي سگهي هئي. دوست لاءِ نفلن جو شمار ڪهڙو؟ هُو ان وقت تائين هڪ دائري ۾ ڦرندو رهيو هو، جنهن جي اندر ته داخل ٿي سگهيو هو پر ٻاهر نڪرڻ جون راهون بند هيون. گم هيون. سندس جنوني طبيعت اهي ذرڙن ذرڙن جيترا اِسرار سمجهي نه سگهي هئي. ڪيس اڄ تائين پنهنجو پاڻ تي ناز رهيو هو. هو پنهنجا رستا پاڻ ڳوليندو ۽ پاڻ ئي انهن تي هلندو رهيو هو. هو پنهنجو مقدر پاڻ ناهيندو آيو هو- پنهنجو پاڻُ ڪٽندي ڪٽندي ٿڪجي پيو هو.

اها گدريل سمورو زندگي جو ٽڪ هو جنهن ان گهڙيءَ اوچتو اچي ڪيس گهيريو هو، پيو پلا هو ڇا ڪندو رهيو هو!

سندس پير پٿُون هٿا ۽ روح زخمي هو، ڪيس پنهنجي همت تي جيڪو ناز هو، وسندڙ اُس جي ڏارائن هيٺان گدريل مدهوشيءَ جا سپ ڏينهن، سپ اذيتونَ جيڪي هن ناداني‌ءَ ۾ پنهنجو پاڻ تي روا رکيون هيون، هو اُنهن کي پيرن ۾ زنجير وڌيل قيديءَ وانگر پنهنجي پويان گهليندي، ڦرندو ٿي وتيو.

هِتي هر پاسي امن هو، نور هو ۽ ماٺهو دائرا ٻڌي مسجد نبويءَ جي اڱڻ ۾ ويهي تلاوت ڪندا هئا- مشعل ٻاري وئي. شمعن جي روشني ۾ گوڙ گهمسان کان سواءِ ذڪر ۽ فڪر جون محفلون سجائيندا هئا. هُو ايترو ڪم فهم هو، جو هتي اچي به پنهنجن نعرن ۾ 'الاَمان الحذر' اُچارڻ ۾ مصروف هو- هڪ ننڍڙيءَ لاچار جهرڪيءَ وانگر جيڪا شام جي مانيڪيت ۽ تارن پري نيراڻ هيٺ ماڻهن جي آرام ۾ خلل انداز ٿي پنهنجي هجڻ جو احساس ڏيارڻ لاءِ رڙندي آسمان جي پولارن جي بوجهه کان ڌهيل، گنبذن ۽ منارن مٿان پرواز ڪندي رهندي هجي.

انهن قدمن ۾ ويهي، انهن يتين کي ڇُهي، اُن فضا ۾ ساهه کڻي، اُن بي پناهه دولت جي حامل زمين تي به جيڪڏهن امن نه مليو، سڪون حاصل نه ٿيو، ته ڪٿي نه ملندو. ٿي سگهي ٿو ته هو درد مان دُعا گهري، خدا جو رسول ﷺ ٻڌي ۽ هن دنيا ۾ سندس شفاعت ڪري ۽ هو پنهنجي مراد کي پهچي-

رياض الجنہ ۽ منبر رسول ﷺ عربيءَ وچ ۾ گھٽو ڪري ماڻھن ڪيس ڏنو تي. ھُو بنان لُڏي لَمي، بنان اکيون ڇنبي، بنا ڪوئي سوال ڪئي، اُتي حاضر ھو: ”احمد مُرسل ﷺ آئون حاضر آھيان. خدا جا رسول آئون حاضر آھيان. اوھان تي بيشمار درود ۽ سلام ھجن. آئون حاضر آھيان! آئون حاضر آھيان!! منھنجي جان اوھان تي قربان، آئون حاضر آھيان!!“

سندس عجيب شان ھو جو ڪنھن کي بہ ڪيس اُتان ڪان ھٽائڻ جو حوصلو نہ ھو، ڪيس ڪاڏو آٽي ڏنو تي ويو تہ ھُن ھڪ روٽ جي چڻني ڪنڊن مان تورو تورو پڻي تي ورتو ۽ بہ ڏُڪ پاڻيءَ جا پِي باقي موٽائي تي ڏنائين.

ھڪ روشن ڏيئو آفاقي روشنيءَ سان روشن ٿيو. اُن جي روشني سيني ڏيئن ڪان وڌيڪ ھئي- چوڏھينءَ جي چنڊ پنھنجي چوڏاري پڙ ڪڍيو باقي روشنين ۾ انتھائي نازڪ ۽ روشن. خدا ڪين اُمّي چيو، عرش تي ھو سندس مشتاق ھو ۽ باقي سڀ انھن ايوانن ڪان ٻاھر ھئا. ھو محبوب ھو- بيشڪ سڀ علم ۽ سمورا شباب ان ھڪ ھستيءَ ۾ ھئا، جيڪا آئينو ھئي ۽ ان جي روبرو ھو ۽ - ديد جي مشتاق پنھنجو جلوو ڏنو ھو. ھو ساڻس ھم ڪلام ٿيو تہ پاڻ سان ھم ڪلام ٿيو. ھُن جو سوال بہ عين بعينِ اھو ھو.

پنھنجي ديوانگيءَ ۾ بہ ھُو سندن در تي فقير ھو سوالي ھو- پر سندس سوال وڏا ھئا- ھو انھي روشن رُخ جو ديدار ڪرڻ گھرندو ھو. اھڙيءَ طرح مشتاق ھو- ڪيس پنھنجن حدن ۾ واپس ٿيڻ گھرجي- حدون ڇا ھيون!

”اي اکين ۽ دل جا نور جلوه فروز تي .
”اي ماهِ منور پنھنجي نور سان منھنجي انڌاري زندگيءَ کي منور ڪر!
”مون کي چوڏھينءَ جي چنڊ جي تمنا آھي دوستو!
”اوھان سامھون ھي روضو مبارڪ آھي جنھن جي سُڳنڌ پکڙجي رھي آھي.
ان تي درود سلام پڙھو-“

ماڻھو رسول ﷺ جي روضي چوڌاري پتنگن جيان اَجھل قربان ٿيندا ھئا. دليون پِؤ ۽ ڏک منجھان پريل، دماغ ھوش حواس ڪان خالي، اگھاڙي متي روئي روئي دعائون گھرندا ھئا- ٻاڏائڻ سان آه زاريءَ سان پنھنجي دل جو درد چوندا ھئا.

حسين بن منصور جو سوال بيو ھو.

ڪڏھن خوابناڪيءَ جي عالم ۾ بہ ھن فقير کي خوبين ۽ محبوبين جي دَر جي پينوءَ کي ديدار نصيب نہ ٿيو ھو.

روئڻ وارن کي ڏنئين تي جڻ سندن دل جي غلاظت ڌوپجي وئي ھجي، پرسڪون ٿي ويا تي. سندس بيچين اندر کي ڪيئن قرار اچي؟ ھيءَ جڳھ جتي سيد الاولين والآخرين، امام

المرسلين، رسول رب العالمين تشريف رکندا هجن اُتي نراسائيءَ ۽ ڳڻتيءَ ڪي دل جي سڪونِ ۾ بدلجي وڃڻ گهرجي، بارگاهون، جتي ملائڪ حمد ۽ ثنا ۾ مَگن هئا، عرش جتي جبريل جو اچڻ وڃڻ هو ۽ عرش جي تخت تي جلوه افروز هُو روشنين جي روشني! حُسين مُنجهي تي پيو.

تيز گرم هوائن ۾ سندس وجود سڙڻ تي لڳو جڻ زمين اندران آڳ اوڳاريندڙ ذخيرا ڦاٽي پيا هجن ۽ حسين هو، ڪيس پَرَ ۽ ڪنپ ئي عطا نه ٿيا هئا- هڪ ئي وجود ڪي قائم رهڻ گهرجي- هُو پنهنجي پاڻ جو چا ڪري- سندس رسائي نه هئي، ڳالهائڻ جي قوت نه هئي، يار سان گفتگو نه هئي!

اي نفس ۽ آفاق جا خدا! هميشه رهڻ وارا، اتل ۽ اڏول...

ڪيس ساهه پٽڻ جي به مجال نه هئي. انهن برپٽن، انهن پهاڙن، ان سر زمين، انهن اعليٰ مرتبن جا بار کنيا هئا، جو اُها عرش کان به مٿانهين تي وئي هئي- اُهي ڏکندڙ ڪنبندڙ آه زاريءَ ۾ مبتلا شهنشاهه جن لاءِ ڪلام الله احترام ٿيل هو. هاڻ هو هِتي حضور ﷺ جي قدمن ۾ آرامي هئا جن جي صداقت تي خدا پاڻ گواهي ڏني هئي.

حُسين رُنو تي پر سندس قلب قبض جي حالت ۾ رهيو تي.

هو پنهنجي تن جي قيد کان آزاد ٿيڻ گهرندو هو. هُو اُن ڪي ڳاري رهيو هو ته شايد وجوديت وچي ته عدم قائم ٿئي.

هُل هنگامي جو مقام نه هو، آهستگيءَ ۽ شائستگيءَ جو انداز ئي اُهو هو.

ارواح مَلاي اعليٰ کان زيارت لاءِ آيا تي. هڪ سلسلو قائم هو. جوش ۽ هُل هنگامي جي مجال نه هئي.

اهل دل ۽ اهل صفا ڏانهس ڏنو تي ۽ مرڪيا تي - ڇڻڪ اُن حيرتڪدي ۾ هُن جي جدت طرازيءَ مان محظوظ ٿي رهيا هجن- سندس آزاد جرئتن تي، سندس نادان عقل تي ۽ سندس بيباڪيءَ تي خنده زن هجن-

مديني جا رهواسي اُن خرقه پوش ڪي ڏسڻ جا عادي ٿي ويا هئا. نه ڄاڻ هُن جو سوال ڪهڙو هو؟

اُهي شعبان جون آخري تاريخون هيون، ڪيترائي ماڻهو عبادت ۾ مصروف ۽ رمضان المبارڪ کان اڳ جا آيل نفلن ۾ لڳل هئا- مسجد جو اڱڻ تلاوت ڪرڻ وارن ۽ تلاوت جي مجلسن ۾ مصروف سُريلن آواز وارن قارين ۽ مختلف قسم جي ڏورانهن علائقن کان آيل عالمن ۽ حافظن سان پريل هو. ڪبوترن داڻي تي ڇهنب نٽي هنئي، جڻ افطاري جي وقت جا منتظر هجن.

هڪ ٻڍڙيءَ حسين وٽ پاڻيءَ جو ٿانءُ رکيو: "هي افطار لاءِ شربت آهي."
جواب نه ٻڌي اڳيان وڌڻ بجاءِ هوءَ سندس ويجهو ئي ويهي رهي.
"ڇا تون به روزي سان آهين - ڇا تو نه ڳالهائڻ جو قسم کڻي ڇڏيو آهي. ڇا تون قائم الليل وصائم الدهر آهين."
هن جڏهن پوءِ به جواب نه ڏنو ته ٻڍڙيءَ چيو، "هَٺ ۾ پنهنجي پاڻ تي ناز ڪيس محروم رکيو. تون اُن راه تي ڇو هلي رهيو آهين!"
حسين تاندن جهڙين ٻرندڙ اکين سان هُن ڏانهن ڏٺو.
"اِهو اسغراق نه شرڪ آهي. توکي ادب سکڻ لازم آهي. جتي تون آهين، جنهن آقا ﷺ جي حضور ۾ حاضر آهين، ڇا اُن کان آڳاهون وڃڻ جي خواهش ڪرين ٿو؟ اِهو ڪفر آهي ڪفر!"
حسين کي جڻ هوش اچي ويو هجي، ڄڻ سندس ڳالهائڻ جي سگهه ۽ اکين جي روشني واپس اچي رهي هجي. تُند ۽ تيز طوفان سندس رت ۾ گردش ڪرڻ لڳا. هو ڪک وانگر انهن هوائن تي اڏامي رهيو هو. واچوڙا ڪيس مٿي کڻي رهيا هئا، پنهنجن قيرن ۾ قيرائيون پارائي رهيا هئا، پنهنجن وَرن وڪڙن مان ڪيس اُتاهين طرف ڪنيو ٿي ويا، ۽ نقاري تي ڌَڪ لڳي رهيو هو. جُز جنگ تي آماده ٿيڻ وارا هئا- ڪيس فنا ڪري ڇڏيندا- گُم ڪري ڇڏيندا- هُو ڪرونڊڙو ٿي ويو، ته جيئن پنهنجو پاڻ کي سنڀالي سگهي.
جڏهن سندس اک کُلي ته ٻانگ جي صدا ڪائنات ۾ نوراني نغمي وانگر ٻُري رهي هئي ۽ هُو اڪيلو هو.
ٻُڍڙيءَ جو ڪٿي پتو نه هو. هُن شربت جو هڪ ڍُڪ افطاري جي نيت سان پيتو.
ست ئي عرش هُن جي نگاهه سامهون هئا. تَهن پويان تَهه - ڳُجهن پويان ڳُجهه-
۽ سندس نگاهه ڪانئس ورتي وئي هئي - اُن کي ڄڻ ڌويو ۽ پاڪ ڪيو پئي ويو ته جيئن اُها ڪيس موٽائي سگهجي.
ڪنهن دل جلي جي استقبال لاءِ ايوان سينگارجي رهيا هئا.
نه ڄاڻ اهو ڪير هوندو جنهن جون خاطر داريون منظور هيون.
جنت ۽ جهنم ۽ برزخ جون هُو وسعتون ماڻي، هر مقام تي پهچي رهيو هو ۽ آسمانن کان پري حجابن جي پار کان سراپا ڳجهن ۽ اسرارن کان صدا اچي رهي هئي:
"بيابا ما به ميخانا."•
وري هن پنهنجي اندر جي اک سان ڏٺو ۽ خدا جو سُنهن اهو خواب نه هو ته رسول عربي ﷺ ڏانهس محبت منجهان ڏسي رهيا آهن.

• " اچ اسان سان ميخاني ۾ اچ!"

سندس نگاهون جهڪيل هيون پر اندر جون سموريون بي تابيون، آتش زدگيون ۽ لاچارگيون يڪدم ڪانئس موڪلائي ويون. ڪيس حڪم ڏنو ويو، نہ- ڪيس سمجهايو ويو، تہ هو خدا جي گهر ۾ حاضر ٿي حج جو فرض ادا ڪري.

اها جهڙالي شام رات ۾ بدلجي وئي ۽ ڪڪرن پنهنجا ساندارا سمورين هيٺاهين مٿاهين تي کولي ڇڏيا. ماٿريون ۽ پهاڙ ڊوبجي ويا، باغن تي رحمت جو وسڪارو ٿيو، مدينة رسول ﷺ جي ڇٽني دروازن منجهان پاڻي ندين جي صورت ۾ وهي نڪتو. حسين جو اندر ڊوبجي ويو ۽ اجايل جسم جي اُڃ اُجهي، سندس وار وار شوق جي سجدي ۾ مشغول ٿيو - اها مرڪ، اها ڀاڄهہ جي نگاهہ، هو ڪڏهن اُن جي لائق هو!

شعبان جون مدهوش راتيون سفر لاءِ نهايت مناسب هيون. هو وري شوق جي قافلي جو هڪ مسافر هو جنهن وٽ سفر جي سامان نالي ذري گهٽ ڪجهہ بہ نہ هو. وٽس سواريءَ لاءِ هڪ عربي گهوڙو هو. اُهو ئي جهڙو حرة الثاني مان بغداد ويندي پٽس ڪيس خليفي جي حاضريءَ لاءِ خريد ڪري ڏنو هو. دنياوي جاهہ جي نالي واري سندس تنگ دستي ڏسڻ جي قابل هئي، ڇو تہ ڪيس جنهن قافلي ۾ شامل ٿيڻو هو سو مالدار ماڻهن تي مشتمل هو. واپار جو سامان ڪثرت سان اُٺن تي ستيل هو. سهڻن ڪجاون ۾ جوان زالون هيون جن جي ڪجاون تي سون چانديءَ سان سينگاريل ڪپڙن جا پردا لڳل هئا. ٻن اُٺن تي مضبوطيءَ سان هڪ ئي چبوتري وانگر ڪجاوا ٺاهيا ويا هئا، ۽ تڪيون ڊوڙندڙ ڏاچيون پنهنجا حسين بار سنڀالي گاهہ تي آرامي هيون. پاڻيءَ جو بار ڪنيو هلندڙ ٻانهيون، غلامن جون سواريون ۽ ڪاڏ خوراڪ جو سامان- مقصد تہ هڪ جهان هو جيڪو رسالت ﷺ جي بارگاهہ کان ڪعبة الله ڏانهن روانو ٿيو هو. شمعون ٻاريون تي ويون ۽ عبادت ۾ مصروف ماڻهو ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪندي قاري دل ۽ جان جي سمورين مستانين تمنائن سان، زيارت لاءِ ويندڙن لاءِ دعائون، درود ۽ سلام پڙهڻ جا آواز، آهہ زاري ڪندڙ سجدي ريز پيشانين بيخواب اکين تي آڏاريندڙ مصيبتن ۾ مبتلا روح معاف ڪئي وڃڻ جي اُميد ۾ بيتاب نفس ۽ شرمسار چڪناچور دليون- سوز ۽ ساز سان ڀرپور، شوق جو نغمو جاري ۽ ساري-

ٻرڪندڙ شعلي جهڙي حُسين جي جواني جنهن ڪي عبادتن هڪ عجيب روشني بخشي ڇڏي هئي. پيشانيءَ تي سندس نصيب جي روشني ۽ اکين ۾ سڪون ۽ تذڪار جي ڪيفيت ڪيس ماڻهن جي لاءِ برڪت جو باعث هڪ وجود بنائي ڇڏيو هو. منجهس ڪشش ڪجهہ اهڙي هئي، جو ماڻهو ڏانهس ڇڪبا پئي آيا. ”اين هم آن هم“ (هيءُ بہ هُو بہ) جو آواز سندس اندر جو آرام ٻٽجي ويو هو- ڪيس لڳو ٿي جيئن تلوار جي سموري تيزي ۽ چمڪ اُن جي ٽِڪ ۾ هوندي آهي، اهڙيءَ طرح هو بہ تيغ تيز آهي.

ڇا مٿس وري ديوانگيءَ جو دورو پوڻ وارو هو. سندس اذيتناڪيءَ جي حالت ۾ پوڻ

ڪان پهرين هُن چانڊوڪيءَ ۾ روشن ڪنڌڙ ذرڙن هوا ۾ پنهنجو پاڻ کي ملندي ڏٺو ۽ پنهنجو پاڻ کي وڃڻ ڪان بچائڻ لاءِ هن مدينة النبيءَ ڏانهن منهن ڪيو ۽ پنهنجين عبادتن ۾ ڪين سڏيو.

۽ سندس جان سندس مالڪ جي جان آهي ۽ هُو پاڻ مالڪ آهي ۽ پنهنجي زيارت لاءِ وجي رهيو آهي- هُو ته ناهي پر سيني طرف سندس جلوو آهي- هُو هُو هُو آهي- هُو هُو آهي-

جڏهن ڪاروان مڪي معظم پهتو ته تازن جو قافلو پنهنجو اڌ سفر طئه ڪري چڪو هو ۽ پيڇڙ تاري جا ست ئي تارا جن جي سڏائيءَ ۾ قطبي آسمان آهي، جُهڪيل هئا. جيئن رات ڏاچيءَ وانگر پنهنجا گوڏا ڪوڙي، ڳچيءَ کي لوڏي پُنيءَ ۾ وَر وجهي، ٽنگون ساهي ويهڻ گهرندي هجي انهن ئي گهڙين ۾ ديوانگي جي عالم ۾ هُو پنهنجي هٺ ڪان گهائجي ڦرندو وتندو هو. هتي ئي هو حاضريءَ جو حڪم گهرندو هو ۽ واپس موٽايو ويو هو.

هو ڪعبي جي حرم ۾ داخل ٿيو. امن جي شهر، سلامتيءَ جي گهڙين ۾، جتي خليل الله دعا گهري هئي ۽ سندن دعا کي حاضريءَ جو شرف بخشيو ويو هو. جتي هبل ۽ لات ۽ منات آباد ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ڪديا ويا هئا- اُوچن ۽ خشڪ جبلن جي پستين ۾ گهيريل هيءُ خدا جو گهر پيالي نما واديءَ جي تهه ۾ جنهن جي چوڏاري پتنگن جيان اَجهل مرڻ وارن جو دائرو هر پل هيري جي چوڏاري منڊي جي گولائين وانگر لڳو ٿي.

سندس جان به احرام ٻڌو ۽ طواف ۾ مصروف ٿي.

پهرين هن داخلي طواف ڪيو، پوءِ مقامِ ڪريم ۽ نماز پڙهيْ ۽ پوءِ ملتزم وٽ ڪعبة الله جو پردو جهلي دعا ڪئي ۽ اُها دُعا ڪهڙي هئي- هاڻ جڏهن ته هن کي حاضر ڪيو ويو هو. اجازت بخشي وئي هئي، هُو ڪهڙي دُعا گهري؟!

ڪيس حاضريءَ جي اجازت ملي هئي پر سندس سوال اُهو ئي هو.

ڪيس سوال ورجائڻ جي جرئت نه هئي.

هُو بيٺو رهيو- پردو جهليو، ڪيس پردا ڪڻڻ جي اجازت طلب ڪرڻي هئي. هُو اُن ئي مقام تي هو. جتي هُو هو.

'اي منهنجا خدا ڪوئي اِشارو- ڪائي نشاني- ڪو راز جو حرف!'

خلقت، جنهن سانس دريا جي لهرن جيان اچي ٽڪرايو ٿي ۽ طواف ۾ مصروف حجر اسود کي چُمڻ ۾ گوءِ ڪڻڻ لاءِ ڊوڙي ٿي، هجوم جي هڪ وهڪري سندس پير به اُکيڙي ڇڏيا، هُو اُن وهڪري سان وهندو قبه زمزم وٽ بيٺو هو.

"ان آبِ حيات، آبِ زمزم، آب رحمت جي صدقي مون کي اُهو عطا فرما، جيڪو منهنجي طلب آهي!"

ماڻهن کي ڏنائين، خوش هئا. تشنگي لاهي صفا ۽ مروه وچ ۾ ڊوڙي رهيا هئا. ڊوڙ ڊُڪ کان پوءِ مٿي جا وار لهرائي رهيا هئا. پوءِ احرام کولي خدا جو شڪر ادا ڪري رهيا هئا، جنهن کين هن دعوت ابراهيمي ۾ ٻڌڻ وارن ۾ شريڪ ڪيو هو.

هوش آيو ته هُو باب سده کان ٻاهر بيٺو هو ۽ سوچي رهيو هو ته ڪعبو بيت الحرام حُسن دلفريب آهي. سندس سُگند رچيل لباس دماغ کي معطر ڪري رهيو هو ۽ جمال جي تجّلي ويساهي اکين کي منور ڪري ڇڏيو هو. ڇا آخرڪار سندس اندر ۾ رياضت جي روشني پيهي آئي هئي!

رقص ڪندڙ درويشن جي حلقي ويجهو هُو ٿنڀ کي ٽيڪ لڳايو ويٺو هو ۽ خلقت جو هجوم ڪائنس دعا جو طالب ٿي رهيو هو. ننڍڙيون ننڍڙيون تمنائون، معمولي معمولي مونجهارا، قُتل پاڳن لاءِ ڪوئي صراطِ مستقيم، نصيب کي ٺاهڻ لاءِ اُميد جو اسم اعظم، دنيا ۾ سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو راز جو حرف، دولت جاه ۽ حاڪميت ڏانهن ويندڙ راهن تي هلڻ لاءِ ڪو آسرو، مجازي عشق ۾ ڪاميابيءَ لاءِ تعويذ، ڏور ويل مسافرن جي واپسيءَ لاءِ ڪا طاقتور دعا- هُو دل ئي دل ۾ کِلندو هو. ماڻهو ديوانا آهن ڇا ! ڪجهه ڏهاڙن واريءَ لاءِ ڪيترا پريشان آهن! جيڪڏهن کين معلوم ٿي سگهي ته اهو سڀ جنهن جي طلب کين بيقرار رکي ٿي سا ڪجهه ناهي، ته ناڪاميءَ ۽ دهشت کان مري وڃن. جيڪڏهن کين اها خبر هجي ته سچي طلب ڇا آهي ته هُو اُن پٽڪيلن جي جهنگ ۾ جيڪو اُميدن جي آبياريءَ سان اُسري جوان ٿئي ٿو، ڪڏهن به دلچسپي نه وٺن. پر ازلي مصور جي جهلڪ لاءِ پنهنجو اندر ڳارين- هُو پلا ڇو ڪمتر اُميدن لاءِ دليون ٻي سڪون ڪن.

ٻانهين جي هڪ گروهه کيس گهيري ورتو. سندن دليون پنهنجا وطن ڏسڻ لاءِ بيتاب هيون. هنن گُهريو ٿي ته دعا ڪئي وڃي ته جيئن کين آزادي نصيب ٿئي ۽ هو خوابن ۾ ڏٺل انهن وسندين ڏانهن واپس وڃي سگهن جتي سندن لاءِ پيو ڪجهه نه هجي ته سُگند ته هوندي اُن مٽيءَ جِي جنهن کين جنم ڏنو هو.

هو ڪنڌ جهڪائي نقش لکي رهيو هو. سندس خاص مريد جيڪو تُستر جو سونارو هو، تنهن واري واري سان سندس ڪن ۾ نالو ٻڌائي ٿي ڇڏيو. فضا عجيب ڳُوري هئي. ڪعبي جي حرم منجهان درود ۽ سلام جا آواز اچي رهيا هئا، پر سندس اندر ماندو ٿيندو ٿي ويو. نراسائي ۽ مايوسي، دل ۾ اُهائي خلاح اُها ئي ڪيفيت جيڪا مدهوشيءَ ۽ بدمستيءَ جي وقت کان اڳ مٿس طاري ٿيندي هئي. اندر ۾ ويرانپٽو جنهن ۾ واچوڙا اُٿي رهيا هئا. طوفان جي زد ۾ آيل سندس وجود - جڏهن اغول جو نالو ورتو ويو ته سندس هٿن منجهان قلم ڇڏائجي ويو. سڄو وجود سندس ڪنبيو ڄڻ سخت سيءُ بخار چڙهڻ جي ڪيفيت هجي، ۽ پوءِ هڪدم موت جهڙي هيڊاڻ سندس منهن تي تري آئي. کيس لڳو ڄڻ هتي رهي هڪ

زمانو ڪيس گذري ويو آهي ۽ چنير هڪ ٻئي سان چنبڙي ويا اٿس ۽ هو ڪڏهن اڪيون ڪولي نہ سگهندو. اغول ڏانهن ڏسڻ جي سمورين ڪوششن باوجود هُو نظرون ڪٽي نہ سگهيو-

"شيخ بزرگ!" مريد ڳالهہ جاري رکي. "خاتون اغول جو سوال ٻيو آهي، هُو نصيبن وچڻ چاهي ٿي جتي هُوءَ باقي زندگي عبادت ۽ رياضت ۾ گذارڻ ٿي چاهي."

ٻيهر جواب نہ ملڻ ڪري هُن جهڪي شيخ کي ڏٺو ۽ ڪيف جي اُن حالت کي سمجهي، هُن اغول کي چيو تہ هو ٻوءِ ڪنهن ٻئي وقت اچي.

هجوم ۾ گم ٿيڻ کان اڳ هُوءَ موٽي آئي ۽ سوناري کان پڇيائين:

"چا، شيخ جو نالو حُسين آهي؟"

"ها - چا تون کين سڃاڻين ٿي، پهرين ڪڏهن کين ڏٺو اٿئي؟" سوناري پڇيو.

هُو حسين جي صورت تڪيندي رهي ٻوءِ هُن مڙي نقاب منهن تي ڪيرايو ۽ سوناري کي چيو:

"کين چئجان اغول لاءِ ضرور دعا ڪن."

"چڱو." سوناري مريد حسين جون ترِيون مهٽڻ شروع ڪيون، شايد کين هوش اچي وڃي-

اُن عورت جي محبت جنهن جو نالو اغول هو، حُسين کي ٻيهر پنهنجي محبت ۾ مَحَوْ ڪري ڇڏيو. اُن جاڳيل روح، اُجايل اندر، سڙيل دل کي، درد جي آرزو جي درد کي، بيتاب دل سان گڏ کيس صرف اغول جي آرزو هئي. هي عجيب ورلاءُ هو. سندس عبادتون، سندس مجاهدا، خدا لاءِ سندس بيچيني، سندس صبر ۽ قرار، سندس ديوانگي، سڀ هڪدم موڪلائي ويا هئا. سموريءَ فضا ۾ اغول جي سُڳند پکڙيل هئي. سندس چوڌاري هڪ دائرو هو، جنهن ۾ ساڳي سُڳند ڀري هوا هرهر هلي ٿي ۽ ٻيهي ٿي رهي ۽ اغول کي سڏيندي ٿي رهي. سندس جسم پنهنجين زمانن کان سُکل خشڪ رڳن ۾ هڪ تيز رواني هلندي محسوس ٿي ڪئي. اغول جي نالي سانِ اها رواني وڌي ٿي وئي- اندر ڪٿي ڪيئي پرندڙ جبل ڦاٽي رهيا هئا ۽ پرندڙ پاڻياٽَ نسن کي ساڙيو ٿي ۽ سَنسنائٽ، جيڪا فتني انگيز لڳندي هئي. سندس اوسي پاسي جهونگار جو وجود، ۽ نديءَ جي تيز وهڪري ۾ وهندڙ هُو پاڻ!- هُو ايڏو تَتيلُ ڇو هو؟!- ۽ اهي ئي ڏينهن هئا جڏهن کيس پنهنجو پاڻ منجهان اغول جي خوشبو اچڻ لڳي هئي - دل ۾ گهنٽيون ٿي وڃي اُٿيون ۽ هڪ ئي نالو ٻڌڻ ۾ ٿي آيو.

"منهنجي دل لاءِ غم! اي غم! اي خوشي! اي سرور!
منهنجي دل ۾ عشق جي آڳ ٻرندڙ آهي،
منهنجي جگر ۾ ڪارين راتين جو سمورو چنڊ ٻڏي ويو آهي،
اي مشڪ، اي ماه مُنير!
اي واريءَ جي پٽن تي اُسريل ڪنڊيءَ جي وڻڪار.

وٹڪار ڪيڏي سرسبز آهي. ماه سچو ڪيڏو روشن آهي. سُڳنڌ ڪيڏي مٺي آهي
"هوءَ موهيندڙ مُک واري جنهن جي مون کي تمنا آهي.
۽ روشن چنڊ وصل جي لمحي شرم جي لالائي ۾ ويڙهيل-
ڇا هن پنهنجو نقاب ڪنيو آهي؟
سندس ڪڇيل نقاب منهنجي دل چُور چُور ڪري وجهي ها-
انهي ڪري هُن پنهنجو مُک لڪائي ڇڏيو،
هُو اُفق تي اڀرندڙ آفتاب صبح آهي-
هُو واريءَ جي پٽن جي وٹڪار آهي، جنهن کي باغن ۾ لڳايو ويو هجي،
جيڪڏهن ابليس آدم جي منهن ۾ سندس تجلي ڏسي ورتي هجي ها ته هو ڪڏهن انڪار نه ڪري ها.
مون تي تعجب نه ڪريو دوستو، آئون انهن غزالي اکين جو اسير آهيان.
جڏهن ڳيرين کي ڪِنجهندي ٻڌندو آهيان،
ته اُن جيءَ جيارينڌڙ جي ياد ۾ منهنجي زندگي تلخ ٿي پوندي آهي.
۽ آئون موت کي ڳلي لڳائي ڇڏيندو آهيان!"

حسين جي ذهن ۾ هڪ ئي نالو ٻُريو ٿي، هو ڇرين وانگر مڪي معظم جي گهٽين جي پيڙَ ۾ اُن نالي پويان سرگردان ٿي رهيو، هرهڪ منهن ڏانهن ٿي تڪيائين، ڪيس ڪو آرام نه هو. اُهو نالو سندس رَت ۾ رچجي ويو هو. هاڻ ڪيس اغول سان پهرين ملاقات ياد ٿي آئي. چانڊوڪي رات ۽ تلاءَ جو ڪنارو ۽ هن جو پنهنجي ڪُتي جي ٻُجن ۾ منهن وجهي آهستي آهستي سُڏڪڻ، بي يقينيءَ جي اُها زندگي، آئيندي جي اوندهه ۾ ٽپي پوڻ جهڙي حالت ۽ آڏو جو خيالُ! هُن جي هڪ ئي ڳهر هُئي، 'مون کي وسارجانءِ نه، مون کي ياد رکجانءِ ۽ منهنجي لاءِ دُعا ڪَجانءِ.. اُنهن ڏينهن ۾ ڪيس دل جي چرپائپ جي خبر نه هئي.
هيءَ مُحبت جو قلعو جنهن ۾ هاڻ هو قيد هو، ڪيترن سالن ۾ نهي تيار ٿيو هو. ڇا ٿي پوي ها جيڪڏهن هُو اَغول کي چٺي سگهي ها ته هُو ساڻس مُحبت ٿو ڪري. هُن هَوائن کي سڏي سڏي چيو هو ته ڪيس اَغول سان عشق هو. هُن رات جي اونداهين ۾ سَجدن ۾، نمازن ۾، عبادتن ۾، هر هنڌ، هر گهڙيءَ ڪيس وساريو نه هو، وَٽس ڪيس وِسارڻ جي طاقت نه هئي. سندس عبادتن ڪيس پنهنجو پاڻ تي ڪو ئي زور ڪونه ڏنو هو.. هُن کي پنهنجو پاڻ تي اختيار نه هو. هُو ته هڪ پٽڪيل نوجوان هو جنهن جي حياتيءَ هڪ لاڳيتو خواب ڏٺو هو پَر اُن خواب جي تعبير سندس نصيب جي نااُميدي هئي.
عذاب جو سبب سندس سچاڳيل وجود ئي ته هو.

سونارو مُريد، جنهن جو نالو توفيق هو. پريشان ٿي ويو هو. هاڻ حسين بن منصور

حلاج ۾ ڪوئي روح گهڙي آيو هو، منجهس ڪنهن غيبات جو اثر هو. هُن صورتحال کي پنهنجي طور تي سمجهڻ ۽ اُن جي حل لاءِ ڪوشش تي ڪئي ۽ مُنجهي تي پيو. پانهين جي وڃڻ بعد اُن مرد بزرگ صائم شيخ جي ڇا حالت ٿي هئي. اُن جو اظهار پنهنجي ڳٽتين جو، پنهنجي خوف جو. ڪنهن سان ڪري- پلا هُوءَ اغول ڪير هئي- اُها شيخ کي ڪيئن سڃاڻندي هئي! هُن ڇو چيو هو ته سندس لاءِ دعا ڪئي وڃي ۽ پوءِ هُو وري ڪڏهن نه آئي، ڪيس دُعا جي ضرورت نه هئي.

تُستر ۾ به شيخ تي قبض جون اهڙيون ڪيفيتون طاري ٿينديون هيون، پر اُهو تُستر هو ۽ سهل بن عبدالله تُستريءَ جي هيبت ۽ جلال هر درد جي دوا هو. هُو ڪنهن کي چئي ته حُسين بن منصور لاءِ دعا ڪري. هُن سوچيو بهترِ اهوئي آهي ته هُو پاڻ سان ڳالهائي. شايد درد جو ازالو ڳالهائڻ، چوڻ ۽ اندر جي غبار ڪڍڻ سان ئي ممڪن ٿي سگهندو هجي، ڪوئي همراز-

حسين جي مُنهن تي سندس ذات جي ظهوريت جي پڙڪي جو پاڇو هو ۽ جسم ۾ چڪتاڻ جي ڪيفيت - عنصرن مان نهيل سندس وجود ۾ شوق جي آڳ جون جهپون ٿي چرڪيون. مگر توفيق به ڪنهن سان ڳالهه ڪري ها! حُسين جيڪو هوئڻ ئي گهٽ ڳالهائو هو، هاڻ بنهه ماٺ ٿي رهيو. اندر جي جوش جي جدتن جون ڪيفيتون انهن اکين منجهان عيان ٿي ٿيون، جن انبوهه ۾ هر شڪل کي تڪيو ٿي. حسين ڪڏهن ڪڏهن پانهين جي جهڳٽي پويان هلندو ٿي رهيو. ڇا هُو سچ پچ ديوانو ٿي ويو هو.

خبر ناهي هو ڪنهن کي ڳوليندو هو؟!...

رمضان المبارڪ جي برڪت وارين راتين ۾ جڏهن حرم جو اڱڻ ذڪر ۽ فڪر جي محفلن سان آباد ٿيو ٿي ۽ هر امام پنهنجن پوئلڳن سان گڏ عبادت ۾ مصروف ٿي ٿيو، ته حسين اوسي پاسي جي پهاڙين ۽ ماٿرين ڏانهن نڪري ٿي ويو. پوءِ سندس دل جو درد سندس فريادن ۾ سمائجي ويندو هو ۽ سندس آواز، اندر جا سپ تار ڇيڙيندڙ راڳيءَ جهڙي دلنوازيءَ سان گُم، ڪير ۽ ڪٿي جي حدن کي اورانگهيندي هُو اُن نقاب پوش جي ادائي ايوانن جي ٻاهرين درن کي کُڙڪائيندي محسوس ٿيندو هو. سوناري توفيق تي به عجيب ڪيفيت طاري ٿيندي پئي وئي. هُن پاڇي وانگر اُن مجذوب جو، اُن سالڪ جو، اُن پيجاري جو، پيڇو ٿي ڪيو جيڪو ماڻهن کان بيزار هو ۽ شڪلين جي ميلي ۾ ڪنهن جي ڳولا ۾ هو، جيڪو پهاڙن کي چوندو هو:

"اوهين ڪيس مون مٿان آشڪار ڪريو. هُو ڪيڏانهن وئي ؟"

اُن رات سوجهرو تارن جي روشنيءَ ۾ تيز ڌارائن وانگيان آسمان جي اونهائين منجهان زمين تي آبشار بڻجي وَسي رهيو هو، ۽ حُسين جي پويان پاڇي وانگيان توفيق سونارو ان جبل جي اوٽ ۾ بيٺو هو جتي رسولِ خدا ﷺ گهڻو ڪري عبادتگذاريءَ ۽ شب بيداريءَ لاءِ تشريف فرما ٿيندا هئا. جڏهن حُسين اوچتو مُڙي توفيق کي چيو:

"آءٌ، پنهنجي سُونهن جي ڳولا ۾ وڃي رهيو آهيان. تون اتي ئي منهنجو انتظار ڪر."

۽ توفيق پنهنجا حواس يڪجا ڪندي انهن لفظن جو مطلب سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. جڏهن هُن حسين کي هوا ۾ گُهلندي ڏٺو ۽ پوءِ گهوڙي جي ٽاپن جي صدا ماترين ۾ ٻُڌڻ لڳي. آهستي آهستي اُها صدا به پري ٿيندي وئي ۽ توفيق جي تصور جي آئيني ۾ اغول جو وجود اُڀريو، چٽڪ ڪوئي هوا ۾ پنهنجي هٿ سان خاڪا ٺاهي رهيو هجي- صورتون ئي صورتون- قافلو ۽ پاڻيءَ جا حوض ۽ چانڊوڪيءَ جي اُڪُٽ وسڪاري ۾ زرد وارن واري اغول ۽ حملو ڪندڙ ڪارين صورتن وارا وجود- ۽ هڪ حملي آور جي گهوڙي تي پيل بيهوش اغول - توفيق کي لڳو سندس مٿو رنگبرنگي صورتن ۽ واقعن سان ڀريل هڪ سُندڙو آهي ۽ اُن مان هڪ بعد ٻيون حالتون ۽ واقعا منجهان نڪري رهيا آهن. هو صورتن ۾ گهيريل هو.

هن ڏٺو بازاريون رونق سان ڀريل ۽ آباد آهن ۽ سوداگر ٻانهين کي وڪرو ڪرڻ لاءِ آڻي رهيا آهن. اغول کي به آندو ويو - اها هيڏي شڪل ۽ ڍگهن وارن واري ٻانهي شرم کان ڪنڌ جهڪايو پير جي آڱوٺي سان زمين کوٽي رهي آهي. هُن اکيون مٿي کڻي ڏٺوئي نه ٿي - ڪيس ڪير ٿو ڳنهي، ان واقعي سان کيس ڪا دلچسپي نه هئي.

بغداد جي اميرن جي هڪ ٽولي ٻانهين جي خريداريءَ لاءِ آئي هئي ۽ هڪ زنگي سردار هُن جي مايوس وجود ۾، سندس نراس منهن ۾ سندس مڪمل حُسن کي، جيڪو چمڪندڙ لباس کي به جَهڪو ڪري رهيو هو ڏٺو. هُو بيٺو رهيو ته جيئن اها ٻانهي مٿي ڏسي پر اغول ساڳيءَ طرح زمين ڏانهن ڏسندي رهي، ايستائين جو سوداگر ٻين ماڻهن سان گڏ اُتي آيو. اُن گستاخ ٻانهيءَ کي دڙڪا ڏنائين ۽ زنگي سردار سان سندس قيمت متعلق ڳالهائڻ لڳو.

هُوءَ بغداد ۾ هئي جيڪو سندس مقدر هو. هُوءَ ڪيترن مُنجهيل رستن کان پنهنجي مقدر تائين پهتي هئي-

زنگي سردار جي منظور نظر ٻانهين منجهان اغول به هئي جنهن جا خواب التائيءَ جي انهن سرزمينن جا هئا جتي نسطوري پادرين چراگاهن ۽ گاهه سان ستيل ساوَن ميدانن. ڍنڍن ۽ حسين ماترين ۾ سندن تربيت ڪئي هئي. هُو شهادت جي جذبي سان سرشار هيون ۽ وڪامجڻ سندن لاءِ دل آزاريءَ جو سبب نه هو. اغول حُسين کي وساري نه سگهندي هئي. اُهو عجب جهڙو نوجوان جنهن جي نگاهن حُسن کي نه ڏٺو هو، سُونهن ۽ مڪملتا تي غور نه ڪيو هو. هُو ڏسندي به نه ڏسندو هو پر هُو بيپناهه اکيون رکندو هو.

زنگي سردار جڏهن حج جو فرض ادا ڪرڻ ڪعبة الله آيو ته ساڻس هُوءَ به گڏ هئي. هُوءَ پنهنجو دين وساري چُڪي هئي ڇاڪاڻ ته سندس مالڪ کيس ٻانهي نه سمجهندو هو. هُو سيني سان ڏاڍيءَ گرمجوشيءَ سان پيش آيو ٿي. سندس خدشا ختم ٿيا ته پهريون ڀيرو

سندس اندر جون ڳنڍيون کُليون. ڇا ٿئي، جو ڪڏهن حُسين سان ملاقات ٿي پوي، ناممڪن جو ممڪن به هو!

انهن باغن ۽ رونقن وچ ۾ ڪيس هُو ٿي ياد آيو - رقص جي محفلن ۾ دعوتن ۽ گهماگهميءَ ۾ به هُوءَ ڪيس وساري نه سگهي هئي. نه ڄاڻ ڪي صورتون اهڙيون ڇو ٿينديون آهن، جو توهين انهن ڪان پنهنجو پاند آجو ڪري نٿا سگهو. هُو پهريون نوجوان نه هو جنهن ڪي هُن ڏٺو هو. سندس قبيلي جا نوجوان سهڻا، گهوڙي سوار. جنگجُو سپاهي، ڊگها قد، ڇيتي جهڙي ڦڙتيءَ سان گهات مان نڪري دشمن تي حملي ڪرڻ ۽ هر وقت مسلح رهڻ وارا هئا. جوان نارين سندن دلين ۾ محبت جا گيت ڳائڻ جو شوق ته پيدا ڪيو ٿي پر زندگي ۾ اِهي ئي سيڪجهه نٿي ٿي سگهيون. ڪير ڌُهندي، مکڻ ٺاهيندي، واڙن جي رکوالي ڪندي، فصل اُپائيندي. لُٽندي، ڪير جي ذخيرن جي حفاظت ۽ خشڪ گوشت ڪي محفوظ ڪرڻ جا طريقا آزمائيندي، هُو پنهنجي مصروفيت ۾ خيمن ڪان ٻاهر ڪين ڏسنديون ته تيار آهن ۽ پيڪي جهڙيءَ تيزيءَ سان ڊوڙ اُڏائيندي دشمن جي تعاقب ۾ وڃي رهيا آهن. ڪلندي ڳائيندي، شڪار جي ڳولا ۾ ويندي، هُو سنجيدگيءَ سان محبتن جي لاءِ ڪڏهن پريشان نه ٿي ٿيا. قبيلي جون ڇوڪريون سندن ملڪيت هيون ۽ سندن لاءِ مسئلو نه هيون.

اگهاڙين پيرين سياري اونهاري ۾ بَرپٽن ڏانهن سفر ڪرڻ وارن پادرين ڪيس نسطوري عبادت جو طريقو سيکاريو ۽ شهادتن ۽ ڪڙين آزمائشن جا پراسرار پيمانا، مسلمانن جي مقابلي ڪرڻ جي لاءِ طريقا ۽ قربانيون ڏيڻ جا بي پناهه حوصلا منجهن پيدا ڪيا. بغداد ۽ اولهه جي سيني ملڪن ۾ سلطنتن جي بنيادن کي کوکلو ڪرڻ لاءِ انهن سازشن جا ڄار وڇائي ڇڏيا. اهي نصراني راهبائون جن لاءِ زندگي خدا جي عبادت ۽ سندس راهه ۾ قربان ٿي وڃڻ تائين محدود هئي، ۽ عشق جي گيتن کي هو صرف ان لاءِ ڳائينديون هيون، جيڪو قرباني ڏئي، صليب جو سينگار ٿي، خدا جو بي بدل پيغمبر ۽ بعد ۾ پنهنجي قربانيءَ جي مناسبت سان سندن خدا بڻجي ويو هو. هُو ٽن خدائن جي پرستش ڪندا هئا- خدا جو پٽ، روح القدس ۽ خدا پيءُ.

نه ڄاڻ اغول کي راهه هلندي هلندي ٽاپو ڪيئن آيو هو. هُوءَ حسين ۾ ڇا ڏسي سندس محبت ۾ گرفتار ٿي، ۽ هڪ لمحي ڪين جدا به ڪري ڇڏيو. وڇوڙي جي اذيت ڪيس رنج ۽ سرخوشي ٻئي جذبا ڏنا هئا. هُوءَ محبت جي اعليٰ ۽ مانائتي منزل لاءِ پيدا ٿي هئي پر اُن وجود جو ڇا ڪري جيڪو قربانيءَ جي جذبي ۽ منزل جي وچ ۾ ڪٿان اچي وارد ٿيو هو.

سندس وجود ۾ ٻاهه جا پنيٽ سمائجي ويا هئا. وقت ان زخم کي نه پرجڻ جي قابل بنائي ڇڏيو هو. سندس دل ۾ هرهر هڪ ئي نالو ٿي اُڀريو. پوءِ هُوءَ بغداد ۾ نيلام ٿي ۽ نصيبن پهچڻ بجاءِ هڪ سلطنت جي سردار جي ٻانهي بڻجي سرفراز ٿي. هُن پنهنجي وڏي

پُٽ جو نالو دل ئي دل ۾ حُسين رکي ڇڏيو هو ڇاڪاڻ ته هُو سڀ ڄاڻيندا ته اُن ئي نالي سان هئا جنهن نالي کي مالڪ پسند ڪندو هو. هوا، فضا، تارن سان ڀريل رات جو آسمان، هر شيءِ کيس هُن جي ياد ٿي ڏياري. هُو ڪڏهن به کيس مڪمل طرح وساري نه سگهي. سندس خيال پنهنجي دل کان الڳ نه ڪري سگهي هئي. اُهو ننڍڙو نالو پڙاڏو بڻجي سندس اندر ۾ بند ٿي ويو هو ۽ خالي گهر ۾ هڪ ڀيرو ورجايل لفظ کي جهڙيءَ طرح هوائون، پٿيون ۽ ڇتيون بار بار واپس اُماٽينديون ۽ آٽينديون آهن تيئن هُن جو نالو به اغول جيءَ اندر منجهه وَرَ وَرَ ڪري ٻڌڻ ۾ ٿي آيو.

گهٽ ۽ پوسٽ ۽ بيوسيءَ کان گهٻرائجي، پنهنجي هڪ سهيلي ٻانهيءَ دلشاد سان جيڪا بيڪال ڍنڍ جي علائقي مان جتي مغلن جي قبيلي مان هئي، معمولي جهڙپ ۾ گُم ٿي هئي ۽ هتي اچي پهتي هئي، هن پنهنجي دل جو حال اوريو.

دلشاد ڌاڍي غور سان سندس ڳالهه ٻڌي ۽ چيو:

”اغول تولڻ هڪ ئي رستو آهي، کيس وساري ڇڏ. تون ڪٿي کيس ياد هوندينءَ، هڪ لمحي لاءِ ته اوهين مليا هئا!“

”جيڪر آءٌ وساري سگهان!“ اغول چيو.

”ڏس، ڪنهن قسمت جي حال ٻڌائڻ واري کان پڇنداسين. ڪنهن بزرگ کان دُعا ڪرائينداسين.“ دلشاد چيو.

بغداد ۾ انهي باوجود جو عورتن کي آزادي هئي، اغول ڪڏهن محلسراءِ کان ٻاهر پير نه پاتو. هو نااُميد ٿيڻ سندس ياد کي وسارڻ گهرندي هئي.

دلشاد چيو، ”اِها بيماري آهي اغول!، نه ته عشق ته ڏسڻ وائسڻ ۽ ملڻ جي ڪيفيت آهي.“

اغول گهڙيءَ دير تائين ماٺ رهي. پوءِ نهايت رازداريءَ سان کيس چيائين، ”هُو اندر جي عميق اڪيلائين ۾ هوندو آهي، اَجهاڳ سمنڊ جيان سندس وجود مون کي گهيري ڇڏيو آهي.“

”اهو ته گناهه آهي، اغول!“ دلشاد نهايت دلسوزيءَ منجهان چيو، ”اِها ته آقا سان بي وفائي آهي، تون انهيءَ گناهه جي مرتڪب ڪيئن اٿي ٿين؟“

اغول سندس پير جهلي ورتا.

”دلشاد! تون منهنجي دوست آهين. ٻڌاءِ آئون ڇا ڪريان؟“ هُوءَ سخت پريشان هئي.

۽ انهيءَ ڪري جڏهن سندن آقا مڪي معظم ڏانهن حج لاءِ روانو ٿيو ته هُو ٻَئي ٻين خادمن نوڪرن چاڪرن سان گڏ هيون.

حسين کي ڏسي اغول کي انتهائي صدمو ٿيو. نوجوان، جيڪو سندس ياد ۾ جيئرو هو، بنهه ٻيو ۽ هيءَ هيبت ۽ جلال سان ٿوڻيءَ کي ٽيڪ ڏئي ويٺل ماڻهو بنهه ٻيو هو. کيس پنهنجو پاڻ تي حيرت ٿي، هن سوچيو شايد هوءَ غلطيءَ تي هجي پر حسين جي بي هوشيءَ

ڪان پوءِ هو گمر سمر واپس خيمي ۾ پهچي، بنهه برباد ٿيل ٻيڙيءَ وانگر جنهن جا سڙهه ڦاٽي ويا هجن، ونجهه ٽٽي پيا هجن ۽ چيڪاٽ ڪندڙ تختن جي سوراخن منجهان پاڻي اندر اچي ويو هجي، هوءَ بس ٻڏي وئي، پاڻيءَ جا وهڪرا ۽ لهرون مٿانئس گذرنديون ويون. گذرنديون هليون ويون.

دلشاد چيو: "اغول، تي سگهي ٿو تون غلطيءَ تي هجين ۽ اهو بزرگ حسين نه هجي."

"نه." اغول ڪنڌ کي نهڪر سان ڏوڻيندي، نهايت مايوسيءَ منجهان چيو.

"آئون انهن بي پناهه اکين کي ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهان. ڏيئي لاٽ وانگر ٻرندڙ سندس پيشاني- هيءُ اهوئي هو- بيشڪ اُهوئي!"

دلشاد سندس مايوسيءَ کي محسوس ڪندي چيو: "اغول عورت جي دل ڪڏهن ڪڏهن عجيب ۽ غريب ديوانگيءَ جو مظاهرو ڪندي آهي. تون انهي حسين جو سوچيندي ڪر، جنهن کي تو چاهيو هو."

بنهه نااُميدي جيڪا بي وسيءَ منجهان پيدا ٿيندي آهي، اغول جي دل سندس ڦاٽل هنئي خون آشام، هوءَ سخت بيمار ٿي پئي- هڪ تپندڙ وجود، ريشمي چادرن، ايراني قالينن ۽ شاندار خيمن ۾

بار کي برداشت نه ڪري سگهندڙ: هن بند اکين تي هٿ رکي موت جي راهه تي ڏني. ڪيس پنهنجي بار تي، ٻانهين ۽ خادمائن تي سخت ڪاوڙ ٿي آئي. ڪاش هو نصيبن وچي سگهي. اڪيلي هجي. سندس لاءِ دنيا جو چيهه اهو هو.

دلشاد خيمي جي پردي کي ڪنيو ته اونداهه ۾ ڪيس روشنيءَ جو هڪ ٻاڇولو نظر آيو. اغول هنڌ ۾ ئي سجدي ۾ پئي هئي.

دلشاد سندس ڪلهو ڇهيو ته بخار جي تپش بنهه نه هئي. خوف منجهان هن ذري گهٽ ڪيس ڏڪائي ڇڏيو هو.

اغول ڪنڌ مٿي ڪنيو ته سندس مُنهن چمڪي رهيو هو، ڇڻ هوءَ سڪون ۽ اطمينان سان هجي ۽ بيماريءَ ڪڏهن ڪيس ورتو ئي نه هجي.

"مون کي مبارڪ ڏي دلشاد مون اهو حاصل ڪيو آهي جيڪو ڪنهن به حاصل نه ڪيو." هُو ڪڙي تي ٻيهي رهي ۽ سرمستيءَ منجهان نچڻ لڳي.

"اغول تون گهڙي کن پهرين ته بيمار هئينءَ. هاڻ ڇا ٿيو آهي، آئون توکي ڪهڙيءَ ڳالهه جي مبارڪ ڏيان؟!" دلشاد حيران هئي. سندس خيال هو ته بخار جي شدت هُن جي ذهن تي اثر ڪيو آهي.

ڇڻ ساڻس وڏي راز جي ڳالهه ڪندي اغول چيو، "توکي خبر آهي نه ته حضرت عيسيٰ ٻيهر پيدا ٿيندو ۽ هُو دنيا تي حڪومت ڪندو."

"پر ان سان تنهنجي سرمستيءَ جو ڪهڙو تعلق؟ مبارڪ جو ڪهڙو واسطو؟"

"مون کين ڏنو، خدا مون تي ڪيڏو مهربان آهي، دلشاد.

"آئون توکي ٻڌائي نه ٿي سگهان ته مون ڇا ڏنو آهي..." اغول ڪنڌ جهڪائي جهومي رهي هئي.

"جڏهن دماغ ۾ حدت ۽ خيالن جو هجوم هجي ته تخيل ۽ اُن جي حد کان وڌيل محبت جو احساس صورتن کي آڏو آڻي ڪڙو ڪندو آهي. توکي هر طرف حُسين نظر اچڻ لڳو آهي - ڪوبه خاڪي وجود جيڪو عنصرن جو ٺهيل آهي خيمن جي حصار ۾ نٿو اچي سگهي. پهريدار سپاهين ۽ غلامن جي هڪ فوج آقا سان گڏ آهي. اغول تو جيڪو ڏٺو آهي ان جو ڪنهن سان ذڪر نه ڪجان. ماڻهو تنهنجي ڳالهه تي يقين نه ڪندا. اسان جي قبيلي ۾ جڏهن ڪا عورت بيمار ٿيندي آهي ته هوا ۾ صورتون ڏسندي آهي. مٿس دعائون پڙهيون وينديون آهن. تنهنجي لاءِ به آقا کي چئي ڪنهن قرآن جي حافظ کي سڏائڻ گهرجي."

"پر تون ائين ڇو ڪندينءَ دلشاد! مون جيڪي ڏٺو آهي سو هنن کُليل اکين سان ڏٺو آهي، ابن مريم جي شڪل حسين سان ملندڙ ته هئي!" اغول ڳالهه ختم ڪئي.

دلشاد چيو، "نه ڳالهاءِ اغول، پٽين کي به ڪن هوندا آهن ۽ اهي ته بنهه تنهنجن تصورن جا عڪس آهن."

هن اغول جي ڊگهن ۽ سونهري مائل وارن تي هٿ ڦيريندي کيس ٿپڪي ڏني. هي عجيب رنگ جا وار هئا جن جو ڪٿي مثال نه هو. ماٺ ميٺ ۾ رهڻ واريءَ ذري گهٽ اُداس ۽ خاموش ٻانهيءَ کي هُن ڏاڍو گهٽ ڪلندي ڏٺو هو. انهن سڀن کي پنهنجن پنهنجن عقيدن مطابق عبادت ڪرڻ جي آزادي هئي. فقط ٻارن جي تربيت آقا جي مذهب موجب ڪئي ويندي هئي ۽ کين مائرن کان پري رکيو ويندو هو. اغول کي پنهنجي ٻار سان جنهن کي نالي سان هُوءَ حسين سڏيندي هئي، نهايت شديد لڳاءُ هو. اُهي وڏيون وڏيون اکيون ۽ گهڻو ڪجهه چاهيندڙ نگاهون- هُو ڪُڏڪيون ڏيئي ڪلندو هو ته اغول جي منهن تان پيڙا جا پاڇا ختم ٿي ويندا هئا پر پوءِ به هوءَ سوچيندي پَهرن جا پَهر خلائن ۾ تڪيندي ٿي رهي. زندگيءَ جي سمورين راهن تي اونداهه هئي ۽ انهن سرزمينن جا فقط خواب ڏسي سگهبا هئا. هيءُ فراق هو مڪمل- هي وڇوڙو هو ابدي- هي خواب هئا اَڻٽُٽَ- هي زندگيون هيون بي ڪنار، ۽ حيات اَجهل بحر جيان مٿن رَوان هئي. پر محبت جي آغاز جا ماڳ ۽ سندن ياد دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ موجود ٿي رهيا. وسارڻ سان نٿي وسريا. پاڇا، صورتون ۽ خيال - حملا ڪندڙ قُورن جي جاسوسن وانگر موجود ٿي رهيا ۽ وقت به وقت خدشا ۽ خواب بنجي ظاهر ٿي ٿيا. دلشاد ٻاهر ڏٺو. خيمن جي هن شهر کان پري اذان جو آواز الاهي رحمت جيان پرواز ۾ هو:

"رب ڪعبه! خداءِ قدوس! اغول کي پنهنجي پناهه ۾ رکجان،

"ڪيس ديواني ٿيڻ کان بچائي رکجان.
"پر جيڪو منهنجين اکين ڏٺو، ڇا اُهو ڌوکو هو!
"جيڪو روشنيءَ جو پاڇو مون ڏٺو، ڇا سا ديوانگي نہ هئي!"
"حضرت عيسيٰ پنهنجن ڇاليهہ هزار ملائڪن سان گڏ لٿا آهن تہ هو فقط اغول لاءِ آيا آهن."

هن پنهنجي اکين ڪي هٿن جي ترين سان مهٽيو. "آءُ تہ ديواني ناهيان. يقينن نہ، بلڪل نہ."

هُو خانہ خدا جي زيارت ۽ طواف ڪندي، حجر اسود کي چُمندي بہ اغول ۽ حسين جي خيال کان آجپو نٿي ماڻي سگهي. منيٰ ڪندي هُن ماڻهن کي قرآن ڪريم پڙهندي ۽ قارين کي تلاوت ڪندي ٻڌو ٿي. ماڻهو دائرا ٻڌي، هڪ ٻئي جا هٿ جهلي، طواف ڪري رهيا هئا. غم جي شدت سان پرپور شعرن سان دليون ڇاتين ۾ تڙپيون ٿي. ڳوڙها جاري ٿي ويا ٿي. پردن کي جهلي حطيم ۾ سجده ريز ٿي، مقامِ ابراهيم تي سجدي مان اٿندي هٿ کڻي دعا ڪندي، دل ۾ ٻاڏائيندي، ڪيس محسوس ٿي ٿيو تہ خدا جو گهر پڪڙجي ويو آهي، پٿيون پڪڙجي ويون آهن ۽ سڀ ماڻهو اُن حلقي ۾ آهن. سموري ڪائنات، عرش، تارا، زمين ۽ ان جا خزانا ۽ هو پاڻ اُن گهر جي مرڪز ۾ آهي. نقطي وانگر - اِهو تجربو جنهن کي نالو ڏيئي نٿو سگهجي. بيان نٿو ڪري سگهجي. لفظن کان ماوراء- رمضان المبارڪ جون بيداريون، عبادتن ۾ اوجاڳا ڪندڙ عبادتگذار، عاشقن جو انبوهہ ۽ هُوءَ ڇا هئي، جنهن کي هي تجربا ڪرايا پئي ويا. اهي محض خواب هئا؟ هُوءَ اغول کي ڇني نٿي سگهي ڇو تہ هُوءَ ڪيس سمجهي نہ سگهندي. اهو سندس رت ۾ نہ هو. حبِ رسول ﷺ نہ. ڇا هوءَ ديواني ٿي رهي هئي. هُن رحمتن ۽ محبتن جي مرڪز ۾ سندس تذليل نہ ٿئي.

قبۂ زمزم جي پٺ جي ويجهو چبوتري تي جيڪو حجرِ اسود جي سامهون آهي. حسين سان گڏ هڪ جماعت هئي ۽ هو شعر پڙهندي وجد ۾ اچي رقص ڪري رهيا هئا- سندن جُبا هوا ۽ حرڪت سبب پڪڙجي رهيا هئا.

"عشق ڪيتي آهي گلابن جي،
ان جا پيچرا ۽ بَنا انهن لاءِ آهن،
جيڪي عاشقن جي قبيلي سان تعلق رکن ٿا..."

ٿورو پرتي هڪ عجمي ڏاڍي ذوق ۽ شوق سان شعر پڙهي هو هو ۽ سندس آواز ڪڏهن مٺيرو ۽ ڪڏهن جهيڻو، ڪڏهن نهايت سوز ۾ ٻڏل ۽ ڪربناڪيءَ سان بيقرار ڪرڻ وارو هو. ڪڏهن هُو بنهہ ماٺ ٿي ويو ٿي، ڄڻ ڇاتيءَ اندر دل کي سنڀالي رهيو هجي. ڪڏهن هن

دلين کي تڙپائي وجهندڙ سريلپڻي سان شعر تي پڙهيو ۽ تڪرار سان هڪ ئي بيت جا تڪرا تي ورجايائين. ايستائين جو ڳوڙهن سبب سندس گلو گهٽجي تي ويو، ڪلام ۾ سوز رقص ڪندڙ درويشن جي وجد ۾ اضافو ڪيو-

"جيتوڻيڪ منهنجين بدڪارين مون کي توکان ڏور ڪري ڇڏيو آهي.

"پر مون تي تنهنجي حسين تهمت قرب جو باعث آهي!"

ان ورجاءَ کان پوءِ هو ماٺ تي ويو. رقص ڪندڙ درويشن بيهي چبوتري جي ان حصي ڏانهن ڏٺو، جتي هُو هو. پر هاڻ ڪٿي سندس پتو نہ هو- شايد هو هيٺ ڪِري پيو هو، بي حس ۽ حرڪت پيو هو.

ماڻهو حيران بيٺا هئا، جو هڪ عجمي عورت آئي. تنهن آبِ زمزم جا ڇنڊا سندس منهن تي هنيا. تڏهن درويشن منجهان هڪ ٻن اڳتي وڌي ڪيس کنيو. هن هوش ۾ ايندي ئي پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيو ۽ اٿندي ئي باب شيبيٰ ڏانهن وڌي ويو.

حُسين کي چڻ سندس وڃڻ کان پوءِ هوش آيو هجي هو پنهنجي مريدن جي حلقي کي ڇڏي هن جي پويان ڀڳو.

هي مجاهدن ۽ رياضتن ۾ رُڌل عجيب ماڻهو، نهٺائيءَ ۽ ڪرامت جي لحاظ کان بي نظير، جنهن جو آواز ستل دلين کي جاڳائي سگهندو هو، جنهن جي تڙپ بارگاهہ خداونديءَ جي ڪُنگرن کي لوڏي وجهندي هئي- حسين جا مريد حيران هئا ۽ حسين جو ڪٿي پتو نہ هو.

دلشاد کي ان کان پوءِ ڪعبة الله جي حرم ۾ ٽنب سان ٽيڪ لڳائي، مڪي شهر ۾، دروازن کان ٻاهر ۽ اندر ان انبوهہ ۾ حسين ڪٿي نظر نہ آيو.

جبل قبيس تي ماڻهو عيد جو چنڊ ڏسي پاڻ ۾ مبارڪون ڏيندي بغل گير ٿيندا هئا. ڏيئا ٻاريا تي ويا، روشني ڪثرت سان ڪئي تي وئي ۽ مخلوق جي زبان تي لبيڪ جي صدا هئي - هيبت خداونديءَ کان دليون ڀڳهرجي تي ويون ۽ اکين مان ڳوڙها وهندا هئا. مقامِ ڪريم، ملتزم ۽ حطيم جون پرشور رونقون- ڪعبة الله جي غلاف کي جهلي هي آه زاري ڪندڙ ماڻهو، خانہ ڪعبہ کي طواف وقت شوق منجهان چنبڙندي جيئن ٻار ماءُ کي چنبڙندا آهن، پردن کي گرم جوشيءَ منجهان چڪيندي- نماز پڙهڻ ۾ جنون منجهان سجدن ۾ توبهہ زاريون ڪندڙ، خلوص سان ائين دعائون ادا ڪندا جو ٻڌڻ وارن جون دليون ڇاتين ۾ پاڻي تي وينديون هيون. هو ان مجموعي ۾ وياڪل بيٺو هو ۽ بي لفظ دعائون ڪري رهيو هو، "انهن دلين جو درد مون کي نصيب ٿئي. اها آه زاري مون کي عطا ٿئي."

توفيق سونارو ساڻس گڏ بيٺو هو ۽ ڪيس ياد اچي رهيو هو تہ بيابان ۾ تُستر کان رواني ٿيڻ کان پوءِ جڏهن پاڻيءَ جي اٺوند قافلي کي مرڻ ويجهو ڪري ڇڏيو هو، تہ حسين هٿ

سان زمين تي ڏک هٽي پاڻيءَ جو چشمو جاري ڪري ڇڏيو هو. هنن سيني اُڃ اُجهائي. سندن اُٺ، گهوڙا ۽ بار ڍوئيندڙ جانور هُنن مشڪن ۾ پاڻي ڀري ڇڏيو ۽ ڪپڙا ڌوتا هئا. اهوئي شيخ ڪامل وري نظرن کان گُم ٿي ويو هو- هُو حسن جي ڳولا ۾ سندس اکين کان اوجهل ٿي ويو هو. اغول! ها ان پانهيءَ جو نالو اغول هو - پر هي گودڙي پوش جنهن کي هاڻ پنهنجي خبر نه هئي، جنهن جا وار وڏيل هئا ۽ درويشي ويس سببان ڏسڻ وارن کي اُگرو لڳندو هو. نه چاڻ ڪٿان وارد ٿيو هو. هي وقت هُن ڪٿي گذاريو هو. رمضان المعظم - خوشين جو مهينو - شوال ۽ ذوالقعد وري رحمتن ۽ برڪتن جو حج جو مهينو، جيئن ڪرٽا ميرانجهڙن ڪڪرن منجهان ڪٿان ڪٿان تڪيندا آهن. انهن مهينن جي ياد حسين بن منصور حلاج جي ذهن ۾ به يادن کي روشني ٿي بخشي. هو مڪي جي گهٽين رُلندو وتيو هو. هُن هن پردن مٿان پردن سان ڍڪيل خيمن ۽ درين جي اندر ليئو پاتو هو. محفلن ۾ گستاخيءَ سان گهڙيو هو ۽ ڌڪاريو ويو هو. هُو ڪيترن ئي هنڌن جهيڙي جو سبب بڻيو هو- هن ڊگهيون مسافتون طئه ڪيون هيون، ماڻهو ڪيس فقير سمجهي خيرات ڏيندا هئا. ڪيس ديوانو سمجهي ساڻس همدرديون ڪندا رهيا هئا. سندس سُجاڳيل وجود کي ڏسي سُڃيل ۽ پڇڪيل اکين کي ڏسي، ڪيس پاڻ کان پري ڪندا رهيا هئا.

ڪڏهن اغول جو سايو هَوا منجهان هن تي لٽو ٿي- ماٺ، اُداس پنهنجي ڪُتي جي بُجن ۾ منهن ڏيئي پنهنجين فريادن کي سُڏڪن وسيلي گُهٽيندڙ نسطوري راهبا. ۽ هُو سندس شوق جي شدت کي وڌائڻ خاطر ڏانهس وڌيو ٿي، پر قرب پنيت بڻجي ڪيس ساڙي ٿي ڇڏيو ته هُو رک بنجي هوا ۾ اُڏايو ٿي ويو، وري هڪجاء ڪيو ٿي ويو وري ساڙيو ۽ اُڏايو ٿي ويو- اغول جي غمناڪ مُرڪ سندس پيڇي ۾ رهي ٿي-

انهن ڏينهن ۾ هو نهندي ۽ بگڙندي، پکڙجندي، سسندي، ٻرندڙ پاڇو هو. پر هن نه سجدي کان انڪار نه ڪيو هو؟ هُو ته سراپا شوق جو سجدو هو. پوءِ هو بارگاهه مان ڌڪاريو ڇو ويو هو؟

"عزازيل متعلق ڪيترائي خيال آهن
هو عرش تي انسان کي حادثي جي اطلاع ڏيڻ وارو آهي
۽ زمين تي ۽ آسمانن ۾
هن فرشتن کي خير ۽ شرِ تي آگاهه ڪيو
۽ زمين تي انسان کي گناهه جو اطلاع ڏنو
خير جو مقابل شرِ آهي ۽ شرِ کي ڪَٽڻ وارو خير آهي
حاڪم اعليٰ خير ۽ شر جو خالق آهي
خير تي بيهڻ وارا خير ۾ هوندا آهن

۽ جيڪي شِر تي خير ناهن رکندا جيڪي شِر کي ڇاڻڻ کان انڪار ڪندا آهن.
خير کي ڪيئن سُڃاڻي سگهندا؟!"

هُو غارِ ثور جي سامهون جبل ثور تي بيٺو هو. ماڻهو دعا ۽ نفلن جي لاءِ اندر وڃڻ لاءِ پنهنجي واري جا منتظر هئا.

عجمي ويجهو اچي چيو، "جيڪي گناهه جا مرتڪب هوندا آهن، جيڪي نااهل آهن، اُهي اندر نٿا داخل ٿي سگهن."

"منهنجي لاءِ دُعا ته ڪري سگهجي ٿي." حُسين چيو: "توکي ته خدا لحنِ دائودي عطا ڪيو آهي، تنهنجي آواز مون کي ديوانو ڪري ڇڏيو هو."

"لحنِ دائودي!" عجمي کِليو. "اُهو ته پُرشوق دل جو ڪمال هو."

"پُرشوق دل!" حُسين حيرت منجهان چيو، "ڇا پُرشوق دل پرواز ۽ ادراڪ جي حد کان آڳاهون وٺي ويندي آهي."

"سفر شرط آهي ڪڏهن منزل به منزل ۽ ڪڏهن منزلن کان ماوراء، ادراڪ جي حدن کان پري، اک ڇنڀ ۾. جذبو صادق هجي ته..." پوءِ ڪجهه دير ماٺ رهي هن چيو: "شعبدي بازيون تنهنجي راهه ۾ حائل آهن. اغول تي مسيح مثلِ بنجي نازل ٿيڻ مان تنهنجو مقصد ڪهڙو هو، هُوءَ تنهنجي منزل نه هئي ۽ نه ٿي ٿي سگهندي هئي."

حُسين عجميءَ ڏانهن ڏسندو رهيو، ڏسندو ئي رهيو. ايسيتائين جو اُتي نه جبلِ ثور هو، نه واريءَ جو انتظار ڪندڙ شوق ۾ ديوانه وار ماڻهو هئا. طلب جي رڻ ۾ فقط هُو اڪيلو هو. ندامت سبب سندس گلي ۾ ڪَندا چُڀي رهيا هئا ۽ سندس اُڃايل روح کي آبِ زم زم ڏانهن موٽ ڪائڻي هئي جنهن جي تعريف ۾ رسولِ پاڪ ﷺ فرمايو هو:

"سندس پيئڻ سان ماندڪائي ۽ رنجَ زائل ٿي ويندا آهن. فرحت ۽ راحت پيدا ٿيندي آهي."

"ها." هن پنهنجو پاڻ سان واعدو ڪيو. هو منيٰ، عرفات، مزدلفه ۽ ميقات ۾ پُرسڪون رهندو. سندس حج جي سفر کي جيڪر قبوليت جو شرف عطا ٿئي. هن راه ۾ هو اڃا مڪتب جو ٻار هو - ڪيس مرشد جي ڳولا هئي، جيڪو سندس هٿ جهلي ڪيس اهي پُرخطر راهون پار ڪرائي سگهي. سندس ٻيڙي ٽٽل هئي ۽ ڪنارو پري هو. خبر ناهي هُو گهڙيءَ گهڙيءَ ڀٽڪي ڇو ويندو هو. هي ڪهڙيءَ بددُعا جو اثر هو. گنج نامي جا مطلب هن تي واضَح به هئا ۽ نه به. پر ڪيس زمانا گهرجن ته جيئن هُو انهن تي عمل پيرا ٿي سگهي. هاڻ سندس فرياد اڻ منداڻتو هو. وڏيڪ جي ڳولا باوجود ڪيس اهوئي پتو پئجي سگهيو هو ته هُو اڃا تائين ڪٿي به نه هو-

هي شهر خوب ۽ محبوب، هي شهرِ قريش، شهرِ حرم، ابراهيم خليل الله جي امان جو

ديس، مڪو - پهاڙن ۾ گهيريل - انهن پهاڙن سان آباد جن تي تجليون قربان آهن. انهن پناهگاهن کي پنهنجي هنج ۾ لڪائي رکندڙ جن تي سموريون آزاديون نثار آهن.

ڪجاون، پاڪڙن، قُبن سان رنگين، حاجين سان آباد، دعائن سان عبارت ٽيل فضا ۾ پُڪارون ۽ پڙاڏا - پروانن جي شمع سان جيڪا نسبت آهي، اُهائي ماڻهن جي خدا جي گهر سان هئي. پنهنجين حياتين کي ديدار ڪعبة الله جي لاءِ هلاڪت ۾ وجهي خوش ٿيندڙ ماڻهو، اُن جي حرمت تي زندگيون فدا ڪرڻ کي سعادت سمجهڻ وارا، حسرتن ۽ ارمانن کي سندس ديدار سان تشنگي لاهيندڙ عشاق - هر مسافر ان محبوب جي گهٽين ۾ پنهنجي تڙپ لاءِ قرار تي ڳوليو. احرام ٻڌي قومن، ملڪن ۽ ديسن جي سڄاڻپن کي ميساريندي هڪ ئي جذبي سان سرشار، تارن سان عرش جيان سينگاريل ڌرتي، دعا، ثنا ۽ خوش آواز قرائت ڪندڙ ماڻهن سان ڀرندڙ هي شهر ۽ انهن ۾ ماڻ ۾ گُم هڪ دل - حُسين بن منصور حلاج جي دل - ”ها، اي درِ ڪعبه! ڪُلي وڃ - اي ربِ ڪعبه! مون تي آشڪار ٿي - اي تجلي! مون کي پاڻ ۾ گُم ڪر!“ هر ميدان ۾، هر منزل تي هر مقام تي ماڻهن ڪيس ڏٺو ٿي ۽ محسوس ٿي ڪيو ته هُو فقط زائر ئي نه، سوالي آهي. نڪي چنبڙندي نڪي تڙپندي پر نه ڄاڻ ڪهڙا سوال ڪندو آهي جو لڳندو آهي ته پٿين ۾ ڏار پئجي ويندا- زلزلي سان زمين ڏڌي پوندي، اونڌي ٿي پوندي. اُن درد جي شدت ڪان جيڪا سندس گهايل آه ۾ آهي. صفتن جي ٻتڪدن ۾ الامان جو هُلاچو اُٿندو-

”ڇا تون رسول ﷺ جي روضي جي زيارت سان شاد ناهين ٿيو؟“ سندس پر ۾ بيٺل ڪنهن ڪانئس سوال ڪيو.

”اها سعادت مون کي نصيب ٿي آهي،“ حُسين آهستي چيو.

”ان شدت کي جيڪا تنهنجي اندر آهي ڇا تو اُن کي تهذيب جي دائري ۾ آڻڻ ناهي سکيو. اُن آقاءِ جهان ختم الرسل مولاي ڪُل ﷺ کان تو ڪجهه ناهي سکيو.“ تنبيهي آوازُ زور ڏيندي محسوس ٿيندو هو افسو ۾ ورتل-

حُسين مُڙي ڏسڻ چاهيو پر سندس ڪنڌ اُن طرف مُڙي نه سگهيو.

”نرمي ۽ عاجزي سِک - هَوا جيان، جيڪا هر مقام تي جاري ٿي سگهندي آهي پر جنهن جو پنهنجو ڪوئي وجود ناهي، ڪابه تقاضا ناهي.“

”آئون ڪنهن سان مخاطب آهيان؟“ حُسين حرم طرف ڏسندي پڇيو.

”ڪوئي به، ڪوئي به - ان سان غرض نه رک.“

”مون کي خبر هجڻ گهرجي.“ حُسين ضد منجهان سوال ڪيو.

”ڇو تون سڀ ڄاڻڻ چاهين تو - اها امانت آهي وڏو بار آهي، ان کي کڻي نه سگهندين.“

”منهنجي طاقت آزمائي ڏس.“ حسين جي اندر منجهان وري ڪنهن غرور زهريلي نانگ وانگر ڪَرَ ڪڍندي چيو.

ڪِل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڊيل ڊيل مذاق اُڏائيندڙ ڪل- رڳُن ۾ تلخي بنجي لهندڙ، اندر کي نهايت عذاب ۾ وجهندڙ!

"اغول جي عشق منجهان آزاد ٿي ويو آهين ڇا؟" سوال ڪيو ويو.

"اغول ڪير اغول." هُن حيران ٿيندي پڇيو.

"وڏ اڳيان وڏ، پر احتياط شرط آهي ۽ اهو نه سوچ ته تون ئي صادق طلب جو داعي آهين. وَسان گهٽو نه گُهر - ٻاجهه ڪان وڏيڪ نه طلب - پنهنجين حدن ۾ رهه." آواز خاموشيءَ ۾ گُم ٿي ويو.

حُسين جي چوڏاري خلقت جو سمنڊ هو، جيڪو سائس ٽڪرايو ۽ موٽيو ٿي.

هُو بارگاهه ڪان ٻاهر بيٺو رهيو. سڏ جو منتظر، طلب ڪئي وڃڻ لاءِ اندر کي راهه ۾ وڇائيندي. دل کي سجدي ريز ڪندي هن اجتماعي دعائن ۾ شرڪت ڪئي. هي خير ۽ برڪت جو مجموعو هو جيڪو پنهنجي طلب جي لاءِ حاضر هو. لبيڪ چوندي ايڏيءَ انڪساريءَ مان، عاجزيءَ مان انسان پنهنجي عبوديت جو اقرار ڪري رهيا هئا ۽ رسول جي سنتِ جي پيروي ڪري رهيا هئا. جيڪي سين ڪان مڪمل عبد هئا- رسولِ خدا ﷺ جن جي لاءِ هي سمورو مانداڻ منڊيو ويو هو، هُو جيڪي ڪائنات جي وجود جو سبب هئا، حياتِ انساني جا ڪاروان سالار.

چاهڻ وارن مڃڻ وارن عقيدتمندن، سوال ڪرڻ وارن، دُعا جي طالبن جو هڪ وڏو هجوم حُسين سان هو، جڏهن حج بعد هُو بغداد ۾ وارد ٿيو هو. اُهي ڏٺل وائٺل جڳهون، مدرسا ۽ خانقاهون جيڪي اقامتگاهه بنجي ويا هئا. هنن پنهنجي سفر جو سامان ڪوليو، ڪجهه ڏينهن لاءِ جائگزين ٿي، هُو پنهنجو پاڻ کي انهن مدرسن ۽ صوفين جي جماعتن وچ ۾ آزمائڻ گهرندو هو. سندس حيات جو حاصل، سفر جو حاصل، ۽ محنت جو حاصل رياضت جو حاصل جيڪي هو. سو هُن نظاميہ مدرسي جي مجلس ۾ حضرت جُنيد بغداديءَ سامهون رکڻ جو سوچي ڇڏيو. هُو خدا جو نهايت عاجز ۽ ڪمتر بندو، جڏهن اِئين نوازيو ويو آهي ته پوءِ حضرت جُنيد کي جيڪو شيخِ ڪامل ۽ زماني جو استاد هو، اُن نوازش جي آگاهي هجڻ ئي گهرجي، ان ۾ خود نمائيءَ خود فريبيءَ جو ڪوئي شبهو نه هو.

ايتري عرصي ڪان پوءِ سندس بغداد ۾ اچڻ پاڻ ڪيس بہ حيران ڪري ويو جڏهن هو هتان ويو هو ته جوانڙو هو، شوق جي آتش منجهان وِڪهرجندڙ دل. سڙيل وجود. جنهن کي ڪيترن ئي درسگاهن منجهان ڌڪاريو ويو هو. جنهن کي حضرت عمر بن عثمان مڪيءَ نهايت خفگيءَ منجهان پاراتو ڏنو هو. سندس چاڻڻ جي شوق سندس راهه ۾ ڪنڊن جي آبياري ڪئي هئي. هُو فقط ڄاڻڻ ئي ته گهرندو هو، اسرار جو محرم ٿيڻ گهرندو هو ۽ راز

محرم ٿيڻ جي تمنا ڪري ڪيس درگاهہ مان ڌڪاريل قرار ڏنو ويو هو. خانقاهن ۽ مدرسن جي هيءَ عجيب دنيا هئي جتي جهالت ڪي، نہ ڄاڻ ڪي، ملامت جو نشانو بڻايو ويو هو.

۽ هي انبوهہ راهہ ۾ ساڻس گڏجي ويو هو ڇاڪاڻ تہ حجاج جي اُن قافلي تي قرمطين جو حملو ڏاڍو منظم ۽ سخت هو. معتضد جي مرڻ سان ئي قرمطين مختلف علائقن ۾ زور ورتو، سندن داعي اهڙن قافلن سان ملي ويندا هئا ۽ نهايت هوشيار سُونهن وانگيان ڪين ويجهڙائيءَ وارن رستن کان منزل ڏانهن وٺي وڃڻ جي دعويٰ ڪندا هئا. اهڙا رستا جيڪي باغن ۽ ٻنين منجهان ٿيندا، نخلستانن مان گذرندا هئا ۽ چشمن سان آباد هوندا هئا. پوءِ قرمطي گهات منجهان نڪري مٿن حملو ڪري، ڦريندا، لُٽيندا، عورتن ۽ ٻارن کي ذبح ڪندا هئا، ڇاڪاڻ تہ غلام بڻائي زنجيرن سان ٻڌي هُو پاڻ پابند ٿي ويندا هئا.

جڏهن حُسين جي موجودگيءَ ۾ قافلي تي حملو ٿيو تہ رات جو پهريون پَهر گذري چڪو هو. قافلي منجهان جيڪي ماڻهو نفل پڙهندڙ ۽ تهجد گذار هئا سي نماز ۾ مشغول ٿي ويا باقي ڪاروان آرام جي ارادي سان سَندرا ڇوڙي ليٽي ئي رهيو هو تہ پويان کان قرمطي حملي آوار ٿيا ۽ لُٽ مار ڪرڻ لڳا.

”بيهي رهو!“ حُسين بن منصور ڪين حڪم ڏنو.

جنهن جو جتي هٿ هو اتي ئي ڄمي ويو ۽ ڪين هٿن کي حرڪت ۾ آڻڻ جي هيٺ مٿي ڪرڻ جي همت ئي نہ پئي ٿي-

”هي جادو ۽ سحر ناهي. جيڪر اوهين هينئر بہ پنهنجن ارادن کان مُڙي وڃو تہ توهان جي هٿن جي حرڪت جيڪا ضبط ڪئي وئي آهي موٽي ملي سگهي ٿي. موٽي ايندي پر صدق دل سان توبهہ ڪريو پنهنجي باطل مذهب کان توبهہ ڪريو. اوهان جون ٻانهون پاڻ مراديون حرڪت ۾ ايندين.“

هُو روئڻ ۽ زور زور سان توبهہ استغفار ڪرڻ لڳا. ايسيتائين جو سندن حرڪت موٽي آئي. انهن تلوارون مياڻن ۾ وڌيون ۽ حلاج جي سامهون پيش پئي پنهنجي مذهب کان تائب ٿيڻ جو اعلان ڪيو ۽ حاجين سان گڏجي سڏجي ويهڻ لڳا. هُو تعجب ۾ هئا تہ اِئين بہ ٿي سگهيو ٿو!

پوءِ انهن اُن بزرگ مرد جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ توبهہ ڪري سندس پويان بغداد آيا-

بازارن ۾ شاهراهن تي، خانقاهن ۽ مسجدن ۾ سندس ڪرامت جو چرچو ٿي رهيو هو ۽ هو نهايت عاجزيءَ منجهان ڪنڌ جُهڪائي نظاميہ مدرسي جي وراندن در وراندن سان آباد اڱڻن ۾ شاندار درسگاهن کان ٻاهر حضرت جُنيد جي حضور ۾ حاضريءَ لاءِ نهايت انڪساريءَ منجهان وينو رهندو هو، منتظر- ڪيس اِها جرئت نہ ٿي سگهندي هئي، جو پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏئي. حاضريءَ جي اجازت گهري.

ميلن ۾ پکڙيل هي مدرسو اوپر ۽ اولهہ جي علمن جو سرچشمو هو. هِتي يوناني فلسفي ۽ اسلامي تعليم ٻنهي جا شعبا هئا، مفتي دين جا هتي درس ڏيندا هئا. هن آئيني خاني ۾ الهڙ طبيعتن کي اُجرو ڪيو ويندو هو. خدا ۽ انسان جي باري ۾ بحث ۽ اظهار جا دروازا کُلندا هئا. ذاتي تجربي سان گڏ اسلامي روايتن کي هڪ نئين زندگي ۽ نئون دور عطا ٿيو هو.

حضرت جُنيد لاءِ غلام ڏيئي جي وَٽ مٿيري ڪندي دروازي کان ٻاهر نظر ڪئي تہ جُهڪيل وجود کي نهايت پُرسڪون ۽ منتظر ڏٺائين.

"حضرت دروازي کان ٻاهر سوال کو ڪرڻ گهري ٿو ڇا ڪيس حاضريءَ جي اجازت ڏني وڃي."

"اچ حسين، اچ!" حضرت پنهنجي جڳهہ تي ويهندي چيو.

غلام ڏيئو جاري ۾ رکيو ۽ ٽيڪ ڏئي ڪيس اندر وٺي آيو.

"آءُ ڪيترن ڏينهن کان تنهنجي انتظار ۾ هئس. حاجين جي قافلي کي هتي آئي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن." حضرت پڇيو.

"مون کي شرمساريءَ سبب حاضر ٿيڻ جي همت نہ ٿي ٿي." حسين اٽڪي اٽڪي چيو.

"اِهي بشري ڪمزوريون آهن پر زندگيءَ جو ڪاروبار ۾ اِئن بہ ٿيندو آهي، خير." حضرت ڳالهہ ختم ڪئي.

"حضرت آئون زندگيءَ جو ڪاروبار هلائڻ نٿو گهران. منهنجي لاءِ دُعا ڪريو، مون لاءِ "عطا" ٿئي." حسين نهايت ڏک منجهان چيو.

"تون عام زندگي ڇو نٿو گذارين. هي سڀ هُن جي عطا آهي. هيءَ روشني، تاءَ ۽ شوق جي جدت ڇا آهي؟" حضرت کانئس سوال ڪيو.

"منهنجو سوال ٻيو آهي. بنهہ ٻيو، مختلف، سوالن کان ماوراء." حُسين آهستي آهستي چيو.

حضرت جنيد دير تائين ماٺ رهيا. ڏيئي جي وَٽَ ٻَرڪي - هوا جي جُهوٽي ان کي وسائي ڇڏيو، ان سرد رات ۾ ڪٽان کان تارن جي چمڪ اندر گهڙي آئي. ڪمري ۾ اهي ٻہ نفس هئا ۽ خدا بزرگ ۽ برتر کين ڏسي رهيو هو.

"حُسين! ازلي ۽ قديم فانيءَ کان الڳ آهي. پنهنجن مانوس ماڳن کي ترڪ ڪري ڇڏ. تماشائي پوئلڳن کي ڇڏي ڏي. اَٽڪاتي کي وساري ڇڏ ۽ انهن سيني جي جاءِ تي فقط خدا جي ذات کي ياد رک. اها سندس توحيد آهي." حضرت جنيد ڏاڍيءَ محبت سان حلاج کي مخاطب ٿيندي چيو.

"ڪنهن مقام تي ازليءَ ۽ فانيءَ جو وصال ممڪن ناهي." حُسين ڏاڍي جهيڻي آواز ۾ چيو.

"هرگز نه. هرگز نه." حضرت جُنيد تيزيءَ مان چيو: "هُو ادراڪ جي حد کان ماورا آهي. ڪا شيءِ سندس گهيرو نٿي ڪري سگهي. ڪائي صفت هن لاءِ ڪافي ناهي. جڏهن تون هُن جي تعريف تي قادر ناهين ته ڪهڙي وصال جي ڳالهه ٿو ڪرين."

حُسين پولار ۾ تڪيندو رهيو.

"توکي خبر آهي ته خدا هر جڳهه موجود آهي. هر پَل هر پَهر توسان گڏ آهي. تنهنجو سڏ پڌي ۽ سڏ جو جواب ڏئي ٿو." هُو ڏاڍو آهستي آهستي ڳالهائي رهيا هئا: "هُو توکي سڏيندو به آهي."

حُسين جي وجود ۾ ائين حرڪت ٿي جڻ ڪنهن لاعلاج مرده جسم ۾ زندگيءَ جي لهر ڊوڙي وئي.

"هُو سڏي ٿو مون لاءِ اهوئي ڪافي آهي."

"تون ته پوءِ به موجود رهندين. تون هُن کي سڏيندين هُو توکي سڏيندو. سندس ذات جو ڪامل ادراڪ توکي اُن وقت تائين حاصل نٿو ٿي سگهي جيستائين تون پنهنجو پاڻ کي بنهه گُم نه ڪري ڇڏين. سندس جمال جو مشاهدو تنهنجي اندر حِس ۽ حرڪت کي ختم ڪري ڇڏيندو."

حضرت جُنيد کيس اِئين سمجهائي رهيا هئا، جيئن ٻار کي ڏکيو سوال سمجهائيندا آهن.

"ڇا اِهو ممڪن ناهي." گهڻيءَ دير بعد حسين جواب ڏنو، "ته آئون ۽ هُو هڪ ٿي وڃون - حضرت اِئين ممڪن ٿيندو خدا ۽ بندي جي هستي ملي وڃي، هڪ ٿي وڃن - ڪامل ادراڪ کان به آڳاهون- بندي ۽ خدا ۾ ڪو به فرق نه رهي. ڪو فاصلو نه رهي - ذرڙو به نه."

جُنيد سوچيندا رهيا ۽ حسين ڏانهن ڏسندا رهيا ۽ دل ئي دل ۾ چوندا رهيا خدا ۾ انسان ڪڏهن گڏجي نٿو سگهي. پوءِ حضرت جُنيد سندس بي پناهه اکين ۾ ڏٺو - ڏسندا رهيا - ۽ آخرڪار چيائون:

"حُسين اهڙيون ڳالهيون توکي آڏيءَ تائين وٺي وينديون، ڇا تون اڏيءَ کي رنگڻ جي ڪوشش ۾ آهين."

"دوست کان جيڪي به ملي سندس انعام هوندو." حُسين گنڀيرتا مان چيو.

"تون پنهنجي هوش ۽ حواس کي قائم رک. توکي خبر ناهي اسلام ۾ حواس وڃائڻ واري جو ڪو مقام ناهي. خدا جا رسول ﷺ پنهنجي عبديت ۾ خوش هئا. تنهنجي خيال ۾ ڇا هُو انهيءَ مقام کان اڳيان نه وڃي سگهندا هئا."

حضرت جُنيد هاڻ سندس شڪل ڏسي ناراض ٿي رهيا هئا.

"انهن اِهو گهريو نه هوندو حضرتِ شيخ - انهن اِئن چو نه گهريو. سندن لاءِ ته اهو ممڪن هو-" حُسين جوش ۾ چيو.

"ڪوبہ مقام خدا جي رسول ﷺ جي مقام کان آڳاهون ناهي. ڪنهن کي اُن جي تمنا بہ نہ ڪرڻ گهرجي. اِهو بنھ ڪفر ٿيندو. حُسين تون پنهنجن حواسن ۾ ناهين. خدا جو سُنهن توکي شعبدن، جيڪي اتفاق سان توکي ملي ويا آهن. توکي ديوانو ڪري ڇڏيو آهي - ڇا قرمطين جي ٻانهن جو پلھ ختم ڪرڻ ايڏو وڏو ڪارنامو آهي؟ اسلام جي شروعات ۾ ماڻهو جنگين ۾ بشري قوتن سان وڙهندا رهيا، شهيد ٿيندا رهيا. ڇا انهن کي اهي سڀ قوتون نہ هيون. ڪائنات جي نظام کي درهم برهم ڪري پنهنجي وجود کي قائم رکڻ، پنهنجي ذات ميرائڻ، ڪا وڏي ڳالھ ناهي. اهي تماشا آهن. تون ڪيڏانهن ڀٽڪي ويو آهين، اِهي بي سمجهيءَ جون ڳالهيون آهن."

هاڻ حضرت جُنيد ڏاڍا ناراض هئا.

"تنهنجي اندر بيپناھ ممڪنات آهن پر تون سَولن رستن تان سفر ڪرڻ چاهين ٿو. ڇا تون قرمطي آهين؟"

حسين اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ جُھڪي شيخ ڪبير جا پير ڇُهيائين ۽ انهن ئي پيرن تي موٽي دروازي کان ٻاهر آيو جتي سندس مريدن سان گڏ ابو يعقوب اقطع سندس انتظار ڪري رهيو هو.

هن ڀيري حسين جي حجاج جي قافلي سان گڏ اچڻ جي اُميد ۾ منصور بغداد آيو. "شايد ٻار جي ياد ڪيس ڇڪي اچي!" هُن سڀ کان پهرين خانقاہ ۾ حاضري ڏني. حضرت شيخ المشائخ جي حضور ۾، پر هن سان گڏ مريدن جو هڪ ميڙ هو ۽ سندس نِياري شان کي ڏسي، منصور جي دل تي عجيب هيبت طاري ٿي- هو هرگز خوش نہ هو. ڪيس خبر هئي تہ سواءِ سهل بن عبدالله تُستريءَ جي حسين ڪٿي بہ دلجمعي سان شاگرد جي حيثيت سان ڪنڌ نہ نِوايو هو. هُن زمين جون سموريون مشقتون نہ ڪنيون- ڀلا هُو ڇَتّن جو رازدار ڪيئن بنجي ويو. پر هُن پنهنجي عادت موجب سوال نہ ڪيو. فقط سفر جون حالتون مريدن واتان ٻُڌندو رهيو. جيڪي هاڻ بغداد ۾ هِتي هُتي رهندا هئا ۽ حُسين جي ساٿ ۾ نهايت غرور ۽ وقار سان هلندا هئا ۽ اُنهن ڪرامتن جو ذڪر ڪندا هئا، جيڪي گهٽو ڪري ڪانئس سرزد ٿينديون هيون. هو حاجتون رَوا ڪرڻ وارو، دعا ڪرڻ وارو ۽ رازن کي ڄاڻڻ وارو سڏجڻ لڳو هو. هُو جنهن ڏانهن ڏسندو. تنهن جو مقدر بدلجي ويندو هو. عورتن ۽ ٻانهين جو ميڙ سندس چوڏاري رهڻ لڳو هو. ڪجاوَن ۽ پاڪڙن ۾. پنڌ ۽ سوارين تي پيرسن ۽ الھڙ حسينائون ۽ پَرٽيل بيمار ۽ تندرست، غمگين ۽ خوش شهزاديون ۽ فقير سندس شهرت پري پري تائين پکڙجي وئي. هن دلين جا راز ڄاڻي ٿي ورتا. گُجهين شين جا ماڳ ٻڌائي ٿي ورتائين. ماڻهو سندس پرستش ڪرڻ لڳا هئا.

بغداد جي وڏي آبادي سندس پيروي ڪرڻ لاءِ تيار هئي. سندس پوئلڳي ڪندي هئي.

هُو ڪڏهن اڪيلو نہ هوندو هو ۽ منصور کي محسوس ٿيندو هو ڄڻ سڄي دنيا سوالي، پيٽ ڪيل ۽ سچ جي ڳولائو آهي. گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ذات تائين تہ ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن ڳولا ۾ رهندا هئا. ماڻهو ڪائنس مستقبل جون آگاهيون گهرندا هئا، جيڪو سندن مقدر ۾ هو تنهن جي خبر چاهيندا هئا. انسان ڪيڏو بي چين، بدحواس ۽ ويسرو آهي. سندس ايمان ڪيڏو ڪمزور ۽ سندس حاجتون ڪيڏيون بي پناهہ آهن. خدا هي تماشي گاهہ ناهيو تہ آهي پر اُن جي آباديءَ جو ڪوبہ سهارو ناهي- لڳي ٿو بدحواس جاندار هڪٻئي تي ڊٺل آهن ۽ طوفان ڪان پوءِ جي حالت ۾ مبتلا آهن.

منصور پنهنجي پُٽ جي پرجوش منهن تي جوش پري لالائي ڏٺي ۽ اُن ۾ نراسائيءَ جون لهرون جيڪي بار بار اچي سندس پيشانيءَ سان ٽڪرائينديون هيون.

”تنهنجي حاضري قبول ٿي نہ؟“ هُن حسين کان پڇيو.

”مون کي قرمطيءَ جو خطاب ملي ويو آهي ۽ دار جي خوشخبري ملي آهي-“ هن جي مُرڪ ۾ عجيب مايوسي ۽ خوشي هئي.

”ڇو، آخر ڇو.“ منصور نهايت بيتابيءَ منجهان پڇيو.

”سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ هي روشن رستا ايڏا پيچيدا آهن يا ڪيا ويا آهن. جيڪو سوال ڪندو آهي سو درگاهہ منجهان ڏڪاريل قرار ڏنو ويندو آهي.“

”صبر ڪر حُسين ۽ ان چائنٺ سان چنبڙيو رهہ.“ منصور دلاسو ڏيڻ واري پيءُ وانگر چيو.

”عشق مسافر آهي - اُن جا هزارين مقام آهن - ڇا آئون ان مقام کان گذري نٿو سگهان، جو هڪ ئي چائنٺ سان چنبڙيو رهندس-“ حُسين نهايت لاچارگيءَ مان چيو.

منصور چيو: ”تنهنجيون ڳالهيون مون کي سمجهہ ۾ نٿيون اچن پر عاجزي، صبر ۽ توڪل کان سواءِ ٻيو ڇا ڪري سگهندين.“

”ڪجهہ بہ- ڪجهہ بہ- پنهنجي آزمائش ئي سهي!“ حُسين اڳتي وڌندي چيو. مريدن جو باادب ميڙ ۽ اشارن تي هلڻ وارن ساٿين ڪيس گهيري ورتو ۽ انهن سان گڏ هو تارن جي جهرمٽ ۾ چنڊ جيان گوڏڙيءَ ۾ روشن مُڪ ڪنيو، ان شاهراه تي هلي رهيو هو، جيڪا نظاميہ مدرسي سان گڏوگڏ بازارن ۽ رونقن کي سهيڙيندي، دجلہ ڪناري وڃي نڪرندي هئي. منصور کي عتابيہ پاڙي ۾ وڃڻو هو، ڇاڪاڻ تہ هتي هو ريشم اُٽندو هو جيڪو مختلف رنگن ۽ سُٽ سان تيار ٿيندو هو. ابو يعقوب اقطع حُسين سان گڏ پاڙي ڏانهن هليو ويو جتي خليفي منصور جي عاليشان جامع مسجد هئي ۽ پرپور آباديءَ سببان ڏاڍي رونق هئي.

منصور کي عتابيہ جي هڪ ويڪريءَ گهٽيءَ ۾ ڪارخاني کان ٻاهر اُهو هندي سوداگر ملي ويو، جيڪو محميءَ جي وقتن ۾ بيضا ۾ سندن مهمان سراءِ ۾ اچي قيام ڪندو هو ۽ ريشم جي خريداريءَ جي ڏاڍي سُجهہ ٻُجهہ رکندو هو. هڪٻئي سان خير عافيت ڪرڻ بعد

ٻئي دجله جي ڪناري هڪ ڪاٺي جي دڪان ۾ جتي مڃي ۽ ٻيون نعمتون عمديون ۽ سستيون ملنديون هيون گهڙي وڌيا هندي رستن، اٽانگاين ۽ عام بيچينيءَ جو، جيڪا سلطنت ۾ پکڙيل هئي، ذڪر ڪندو رهيو هو. "هي امن ۽ امان جي حڪومت هئي پر هاڻ هن جا پاڳا پاڳا ٿي ويا آهن انهيءَ ڪري سوداگرن کي جيڪي سهولتون اڳ هيون سي هاڻ ناهن رهيون."

"هندي پاءِ اهو دنيا جو دستور آهي!" منصور چيو: "وسيع سلطنتن ۾ اهڙا فتنا اُڀرندا ئي رهندا آهن جيئن هِتي هُتي ڪوئي باهه پڙڪائڻ جي ڪوشش ڪري، گورشِ اعظم کان وٺي داريوش تائين اِهو ئي ٿيو آهي. اوهان وٽ حالتون مختلف هونديون."

"اسين سوداگر ماڻهو، سلطنت جي ڪمن کي برهمڻن ۽ اوچيءَ ذات جي حڪمرانن تي ڇڏيندا آهيون. ٻيو ته اسان جي ملڪ ۾ اهي نوان نوان مذهب، فرقا ۽ فتنا ناهن. اسان پنهنجو پاڻ کي ايترين مضبوط بينل پٽين ۾ محفوظ ڪري رکيو آهي، جو ڪوبه حملو، ڪوبه عقيدو انهن کي ڏوڙي نٿو سگهي." هندي فخر منجهان ڳاٽ اُوچو ڪري ٻاهر ڏٺو، جتي هڪ نوجوان سان گڏ ماڻهن جو وڏو ميڙ اچي رهيو هو. ماڻهو پويان هلندڙ باادب ڪانئس هڪ وک پوئتي ڪنڌ نمايل ۽ درويش، پنهنجي مخموريءَ ۾ هوشيار باخبر به ۽ بي خبر به، ميڙ جو حصو به ان کان الڳ به، ناآشنا به ۽ آشنا به، عاجزاڻي فخر سان زمين تي نهايت انڪساريءَ سان قدم رکيائين ٿي ۽ پنهنجي چوڌاري مجمعي جي ڪيف ۽ سرور ۾ مست به ۽ بي پرواهه به ڪلمي طيب جو ورد ڪندڙ ماڻهن جو ساٿ به ڏنائين ٿي ۽ ماٺ به ٿي رهيو. جڻ هو انهن ماڻهن کي فنا جو درس ڏئي به رهيو هجي ۽ حيات ۽ موت وچ جو فاصلو به ڪين سمجهائي رهيو هجي ۽ اُن کي مِٽائي به رهيو هجي- اوسي پاسي جي رنگارنگ نظارن کان اکيون بند ڪيل به ۽ رونقن کان پرهيز ۾ به، سندن محبت جي گرفتاريءَ کان بيزار به ۽ اُن لاءِ ڪوشش ۾ به. هندي ڪيس ڏسندو ئي رهجي ويو.

"ڇا جلال آهي!" سندس زبان منجهان بي اختيار نڪري ويو.

منصور ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين. هو دعا ڪري رهيو هو ته حسين کي ڪنهن جي نظر نه لڳي پوي. هو سندس نظر کان به بچيل رهي. عجيب بي چين اطمينان سندس اندر کي سرشار ڪري ڇڏيو. ڄڻ ڪو باهه ڳولڻ وڃي ۽ ڪيس بادشاهت ملي پوي.

"هي ڪير ٿي سگهي ٿو-" هندي منصور ڏانهن ڏٺو، جنهن جي اکين منجهان ڳوڙها جاري هئا ۽ جيڪو ڪَنبي رهيو هو.

هنديءَ سندس ڪلهو لوڏيو، ته هُن اکيون کوليون.

"طبيعت ته ٺيڪ آهي." هُن منصور کان پڇيو، "توتي ڪَنبڻي ڇو طاري آهي - اوچتو بيمار ٿي رهيو آهين ڇا!"

منصور ڪنڌ جي اشاري سان ڪيس آئت ڏنو، پر سندس زبان سُن ٿي رهي هئي. تُستر جي خانقاه ۽ زاويا سندس نگاهن جي سامهون گهمي رهيا هئا. بصره ۽ سندس اوسا پاسا ۽ پاڻ اهو سمورو گذريل وقت جنهن کي وسارڻ لاءِ ۽ ذهن تان ميسارڻ جي هن سر توڙ ڪوشش ڪئي هئي. اڄ تائين جي گذريل بزرگن جا ذري گهٽ وساريل نالا پردي تي تصويرن جيان سندس سامهون ايندي گذري رهيا هئا. حُسين جو هي جلال اُن روشن آڳ جو حصو لڳندو هو. هي وڏيل تاءَ ۽ تپش ۽ هاڻ سندس سمجهہ ۾ اها ڳالهہ ذري ذري تي واضح ٿي رهي هئي تہ سندس انهن سيني امانتن جو بار ڪنيل آهي تہ ڪيس ٻين ڪان مختلف هجڻ ئي گهرجي. هُن جو طرزِ عمل ئي اهڙو آهي جهڙو آهي.“ ڪيس ڇو اِئين هجڻ جو حق آهي!

”ڇا هن نوجوان کي ڏسڻ سان توکي تڪليف پهتي آهي.“ هنديءَ سندس ويجهو جُهڪي پڇيو.

”اولاد کي ڏسي ڪنهن پيءُ کي تڪليف ٿيندي آهي ڇا؟“ منصور جهيڻي آواز ۾ چيو.

هندي يڪدم ويهي رهيو، حيرت مان سندس اکيون پَٽجي ويون، لڳو ٿي ڇڻ ڪوپن منجهان نڪرڻ جي ويجهو آهن.

”محمّيءَ جو پوٽو!“ هن گهڻيءَ دير ڪان پوءِ چيو.

”منصور جو پٽ حسين - حضرت سهل بن عبدالله تستريءَ جي پيرن جي خاڪ.“

”پنهنجي والد جي هن دنيا مان رحلت ڪان اڳ آئون دين اسلام تي هئس.“ هن هنديءَ کي ٻڌايو: ”آئون ڪين ٻُڌائي ڇڏيان ها، پر وقت مهلت نہ ڏني.“ پوءِ هُن محمّيءَ جي موت جو واقعو هنديءَ کي ٻڌايو.

”آئون هڪ ذاتي سوال ڪرڻ گهران ٿو، جيڪو ٿي سگهي ٿو گستاخي بہ هجي، پر گذاريل ڏينهن مون کي اهو حق ڏنو آهي.“ پوءِ ٿوريءَ دير بعد هُن ٿورو چيو: ”محمّي ڏاڍو اعليٰ انسان هو، صاف گو ۽ سڌو - ڇا تون اُن ڪان مختلف محسوس ٿو ڪرين. منهنجو مطلب آهي ان ڪان بہ سُٺو ٿي ويو آهين- بيشڪ تو اِيئن محسوس ڪيو هوندو-“

”هڪ بهتر حيات جنهن ۾ سهڻي سناءَ سان گڏوگڏ ماڻهوءَ جي اندر جي اونداهين کي روشني نصيب ٿئي. انسان جون ممڪنات، ادراڪ جي حد خاڪ جي ذري جي بارگاهن تائين رسائي، يقينن اهڙيون منزلون آهن جن جو ان ڪان اڳ جي زندگيءَ ۾ مون کي تجربو نہ هو. اها تڪميل ان ڪان اڳ مون ڪٿي نہ ڏٺي.“ منصور ڳالهہ ختم ڪئي.

هندي سوچيندو رهيو ۽ پوءِ هُن چيو: ”۽ هي انتشار جيڪو پکڙيل آهي ڇا اُهو ان تڪميل ڪان نراسائي آهي.“

”سلطنتن جا معاملا انهيءَ ڍنگ تي ٿيندا آهن. سچ جڏهن ٻيهرن تي پهچندو آهي تہ لهندو آهي. نہ ڄاڻ دنيا ڪڏهن ڪان آباد آهي ۽ زمانا، ماڻهو، بادشاهتون سڀ ڪجهہ فنا

جي زد ۾ آهن - پر ان سان مذهبن جي صداقت تي نہ، پر ان جي مڃڻ وارن تي حرف ايندو آهي. سمني مذهب جون خانقاهون بہ آباد ٿي رهيون هونديون. ڪڏهن زرتشت جي معبد ناهيد جون روشنيون دنيا جي ولايتن ڪي روشن ڪنديون هيون. ٻُڌ جا مجسما ۽ مُک تي مُرڪ سجايل مورتيون هاڻ بہ ڏورانهن پهاڙن جي هنج ۾ موجود آهن، پر انهن سيني ڪي سهيڙي جيڪو پيغام هاڻ پهتو آهي تنهن ڪي بہ ڪوڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا پاڻ مِتجي ويندا. اها سچائي قائم ۽ دائم رهندي."

هندي منصور جي ڳالهہ ختم ٿيڻ کان اڳ چيو: "ڇا اهڙين مورتين ۽ عبادتگاهن تائين پهچڻ جي ڪا صورت ٿيندي. آءٌ ريشم کان وڌيڪ اهڙين نادر شين جي ڳولا ۾ آهيان."

"اسان جي مدرسن ۾ مذهبن جو تقابلي مطالعو ڪرڻ وارا گهڻو ڪجهہ ڄاڻن ٿا ۽ ڇِتي ڏينهن وانگر انهن تي سڀ واضح هوندو آهي. ڪٿي ڇا آهي اُهي بهتر طور تي ٻڌائي سگهن ٿا." منصور فخر مان چيو.

"پر انهن تائين پهچ ممڪن نٿي ٿئي." هنديءَ افسوس مان چيو.

"ڇا تو ڪوشش ڪئي آهي. هتي تہ هر رنگ ۽ نسل جا ماڻهو موجود آهن. دربار جي اندر ۽ ٻاهر مدرسن ۾ ۽ ٻين جڳهين تي عوام جي مجموعن ۾، مباحثن جي محفلن ۾، هر شخص حصو وٺي سگهندو آهي. اڳين حڪومتن ۾ ڪجهہ سختي روا رکي وئي هئي، جو مسلم ۽ غير مسلم ۾ فرق ڪرڻ ممڪن نہ رهيو هو. پر هاڻ وري حالتون اُهي ئي آهن. هي عباسي خلفين جي رواداري آهي، جنهن فرقن، خيالن ۽ مذهبن ڪي رواج ڏنو آهي."

"اها ڳالهہ تہ آهي،" هنديءَ تسليم ڪيو- پوءِ هن ڪجهہ ڏير سوچيندي رهڻ کان پوءِ چيو، "تو پنهنجي پُٽ جو نالو تہ مون ڪي ٻڌايو ئي ناهي."

"حُسين - حُسين بن منصور حلاج."

ٻئي دير تائين کلندا رهيا.

"تنهنجو حُسين شروع کان انهي راهہ تي آهي؟"

"ذرڙي گهٽ پر سندس طبيعت ۾ بي قراري گهڻي آهي- ڪڏهن نهايت دنيادار ۽ ڪڏهن هيءَ درويشي- زال ۽ ٻار سان رغبت نالي ماتر بہ ناهي. ڪڏهن عبادتن ۽ رياضتن ۾ مُنڌل علمن جي مطالعي جو شائق، دربار سان لاڳاپيل، ۽ وري سڀ ڪجهہ هڪ ڌڪ سان ترڪ دنياداريءَ ۾ مصروف - آئون پاڻ سندس طبيعت جي تضادن کان عاجز آهيان پر دخل ڏيڻ منهنجي عادت ناهي."

"هر انسان پنهنجي مستقبل جو معمار ۽ پنهنجن ڏينهن جو مالڪ هوندو آهي،" هنديءَ چيو: "اڄ حسين کي مون جنهن رنگ ۾ ڏٺو آهي، هو شايد هميشه لاءِ هاڻ انهيءَ رنگ ۾ رچي وڃي."

”زندگيءَ کان سندس مطالبا بيشمار ۽ سندس سوال بي حساب آهن- سندس خدا سان رشتو به نازجو آهي- هُو ڪائنس ايترو ڪجهه گهري ٿو، جو آئون حيران آهيان ته آخر ڇو- پر آئون سندس معاملن ۾ شروع کان دخل نه ڏيندو آهيان - فقط دعاگو آهيان ۽ ٻين جيان تماشائي به.“

”آئون تنهنجي پٽ ۽ پنهنجي دوست محمّيءَ جي پوٽي سان ملڻ ٿو گهران.“ هنديءَ جو اصرار هو.

”ضرور. ضرور.“ منصور اُٿندي چيو، ”اوهان پنهنجي ڪاروان سراءِ ۾ هوندا. آئون اڄ شام يا سڀاڻي صبح ڪنهن وقت به انهي ملاقات جو بندوبست ڪندس.“

پوءِ هو ٻئي ٻاهر آيا ۽ دجله ڪناري ڇهل چڪور ڪندا رهيا. هوا نهايت وڻندڙ هئي ۽ گهمڻ ڦرڻ وارن جو انبوهه. ٻيڙين تي، سوارين تي ۽ پيادل رَوان هو. گهاٽن باغن ۾ گُل ٽڙيل هئا ۽ ماڻهو گهر کان ٻاهر پاڇن هيٺ ٻارن سان گڏ پاڻيءَ جي حوضن ۽ ڦوارن وٽ رس رهاڻين ۾ رُڌل هئا. پوءِ هندي پنهنجي نڪاڻي ڏانهن مُڙي ويو ۽ منصور ڏاڍو فڪرمند ابو يعقوب اقطع وٽ پنهنجي پوٽي حُسين ڏانهن ويو.

ظاهر ۾ ته حُسين جي زندگي چمڪدار، رِيس لائق، اشارن تي هلڻ وارن ۽ پيروي ڪرڻ وارن جي انبوهه سبب ڏاڍي سهڻي هئي. هيءَ حاصلات سندس نياريءَ مراد منجهان ڪيس ملي هئي، پر بغداد جا ديني عالم ۽ مشائخ هُن کان تَهندا ڇو هئا- عمر بن عثمان مڪي ڇو ڪيس درگاهه ڏڪاريل سمجهندو هو، جڏهن ته سندس نفلن جي ڪثرت ۽ عبادتن جي شدت ماڻهن کي سندس عاشق بڻائي ڇڏيو هو. دُعا جي طالبن جو ميڙ سندس منتظر رهيو ٿي ۽ هو خدا جي خوف کان ڪنبندڙ وجود آه زاريءَ ۾ مصروف ٿي رهيو.

سندس چوڏاري عقاب هئا ۽ هو ڪتياڻيءَ (هڪ ننڍڙو پکي) جيان ڇاتيءَ ۾ منهن وجهي ۽ اکيون بند ڪري، طلب ۽ وڏيڪ طلب ۾ لڳو ٿي رهيو. جُنيد سندس سوال سمجهن ڇو نٿا، هو آخر ڪنهن کان جواب حاصل ڪري-

ابو يعقوب اقطع چيو، ”تون حضرت جُنيد کي ڪنهن حيلي پاڻ ڏانهن مائل ڪر، اُهي ئي تنهنجا ڪامل مُرشد ٿي سگهن ٿا. مرشد کان سواءِ سفر اٽانگو ٿيندو آهي.“

”اهو مرشد آئون پاڻ آهيان- آئون پنهنجي اندر ۽ ٻاهر سفر ڪرڻ جا رُخ ڄاڻان ٿو.“ هن پنهنجي پيءُ جي سامهون پنهنجي سهري کي جواب ڏنو.

”اها شيخي آهي، هَٽ- ان کان بچ حُسين! هاديءَ کان سواءِ ڪير به ڪنهن منزل تي نٿو پهچي سگهي،“ منصور چيو.

”منزلون پاڻ مون ڏانهن سفر ڪنديون مانائيتا بابا سائين- خدا جو ملڪ تنگ ناهي.“ حُسين ڪنڌ جُهڪائي چيو.

منصور بحث مباحثي کي بيڪار سمجهندي، ڪيس سندس حال تي ڇڏي ڏنو ۽ ڪيس فقط هنديءَ جو ٻڌايو، جيڪو سندس ذاتي جو دوست هو ۽ ساڻس ملاقات ڪرڻ گهرندو هو.

برادر هنديءَ جي سراءِ شهر جي انهن قافلي سرائن کان ڪجهه پرڀرو نخلستانن ڏانهن وڃڻ واريءَ راهه جي آخري ڇيڙي تي هئي ۽ انڪري اُتي گوڙ گهٽ هو، جنهنڪري اُن تي هڪ مدرسي جو گمان ٿيندو هو. منصور کي اهو ڏسي بيضا ياد اچي ويو. محمّيءَ جي سراءِ ۾ وڻن سان ڀريل اڱڻ ۽ اها پنهنجاپ - وقت گذري ئي ويندو آهي- هن وڏي دروازي اندر وڃي ان جي مالڪ کان هنديءَ جو پڇيو.

حجري جي اڌو گابري روشن اوندهه ۾ هڪ مجسمي منصور کي ڏيکائي ڏني.

”اچو، اچو.“ ميزبان هٿ مهٽيندي اُٿي چيو، ”منهنجي خوشقسمتي آهي، جو اوهين هتي آيا. مون هي مجسمو اڄ بلڪ هينئر خريد ڪيو آهي، هڪ قبطي افغان اِهو قنڌار کان آندو هو پر هن جي مُنهن جا نقش وچ ايشيائي بلڪ منگوليائي آهن. ذرا ڏنل اکيون، ڳلن جا اُڀريل هڏا.“ هن مجسمو منصور جي سامهون رکيو. ”نڪ ڪجهه سنهون اٿس،“ پوءِ هن کِلي چيو، ”دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ ٻُڌستوا جا مجسما انهيءَ نڪ ۽ انهيءَ مُرڪ کان سواءِ بنائي نه سگهندا آهن. اِن ۾ اِها ڳُجهي نُور جي خزاني جهڙي مرڪ نه ڄاڻ ڪٿان ظاهر ٿيندي آهي.“ هنديءَ جو منهن جوش منجهان ڳاڙهو هو جيئن ڪنهن ناياب خزاني جي ملڻ سان يا اوچتو ڪنهن نهايت سُٺيءَ خبر ٻُڌڻ سان ٿي پوي.

منصور پنهنجي سامهون پيل اُن پٿر جي ٽڪر کي ڏسندو رهيو ۽ پٿر جي ممڪنات تي غور ڪندو رهيو ته اِهو خيال ڇڻ پٿر اندر پوشيده هوندو! مصور ته بهرحال هوئي جنهن صورتون ناهيون هيون ۽ هيءَ تصوير به هئي. مِٽيءَ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون اهڙيون ٽِيٽيون هيون. هنديءَ وري چيو: ”هي هڪ نهايت نادر مجسمو آهي.“ هن اُن کي وري ڇُهيو: ”نيلم جي پٿر جي هيءَ مورتي ڪنهن خزاني کان گهٽ ناهي.“

منصور انهيءَ سموري عرصي ۾ چپ چاپ ويٺو سوچيندو رهيو.

”ياءِ منصور معاف ڪجو، اوهان کي ويهڻ جو به نه چيم. اصل ۾ ماڻهو جي قدرت ڇا آهي ۽ منجهس ڳُجهيون قوتون ڇا آهن- انسان جو هٿ جڏهن خالق جو هٿ بڻبو آهي...“

”ويهو نه.“ هن هڪ خاليءَ جاءِ ڏانهن اشارو ڪندي چيو. ”آئون بس ديوانو ٿي ويو آهيان. تخليق جا هي نمونا ۽ سندن تڪميل مون کي بيچين ڪري ڇڏيندا آهن. هر حسين شيءِ مون کي نهايت بيقرار ڪري ڇڏيندي آهي. منهنجي اندر هُلچل مچائي ڇڏيندي آهي ۽ مون کي اُداس ڪري ڇڏيندي آهي ته اهو هٿ منهنجو ڇو ناهي، جنهنکي اها طاقت عطا ٿئي. آئون نهايت حاسد طبع ماڻهو آهيان.“ هو زور زور سان کِلڻ لڳو. پوءِ هن مُڙي منصور ڏانهن ڏٺو . ”مون کي ته اِئين محسوس ٿي رهيو آهي ڄڻ هي اشوڪ چڪر وارو پيير پنهنجا

آسڻ چڙهي بس اِجهو ٻاهر قدم ڌريندو. هي گهڻو ڪجهه ڄاڻندڙ اکيون کُلنديون ۽ اهي نظر خبر ناهي ڇا هونديون- آئون انهيءَ جي ڏِيا هرگز نه سهي سگهندس. آئون بس خاڪ ٿي ويندس-" هُن اُڌمي جي عالم ۾ وري پنهنجا هٿ مهٽيا.

منصور حيرت مان ڪيس ڏسندو رهيو ۽ سندس نظرن مان ڪيئي خاڪا لنگهي ويا. جيڪي هن ڏسندي به نه ڏٺا هئا. هر ماڻهوءَ جي پنهنجي ديوانگي ۽ پنهنجو شوق آهي نه-

هنديءَ وري شوق منجهان مجسمي جي وجود کي گهوريو. "ڪيڏو نه مڪمل-" وري هن منصور ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، "نيلم جي پٿر جي اهڙي تخليق هن کان وڏي دولت ڪڏهن به منهنجو مقدر ناهي ٿي. پيو ته هي ياڪشي ۽ نٽ راج کان به گهڻو مٿي آهي- اوهان کي خبر آهي ڀاءُ منصور ته اوهان جي والد ۽ منهنجو شوق انهيءَ سلسلي ۾ برابر هو. هُو فارس ۾ منهنجي لاءِ اهڙين نادر شين جي خبر رکندو هو. خدا جو سُنهن هُن جهڙو دوست مون کي ٻيهر نٿو ملي سگهي."

دريءَ منجهان اچڻ واري هڪ ڪرڻي مجسمي جون اڌ کُليل اکيون روشنيءَ سان ائين روشن ٿيون، ڄڻ نظر ڪٽي سندس نگاهه هيئنئر حُجري اندر پکڙبي. دنيا جي ولايتن ۾ کهڙا کهڙا مذهب ۽ عقيدا پکڙيا ۽ سهڙبا رهيا هئا. دنيا وارن تي عرش جون نعمتون ڦُرو ڦڙو، ڏُڪ ڏُڪ، بُوند بُوند، ساعت ساعت پڇنديون رهيون هيون. ماڻهو پنهنجي عقل کان ادراڪ تائينءَ جو سفر ڪيترين صدين ۾ طئه ڪيو آهي. سُجهه کان وجود ۾ اچڻ کان ازل تائين سمجهه ۽ ٻي سمجهيءَ جا رشتا مُنڌل، ڏکيا ۽ فهم کان مٿانهان هئا. ماڻهوءَ هر ان شيءِ جي پرستش ڪئي هئي، جيڪا ڪيس طاقتور ۽ بالاتر ڏسڻ ۾ آئي هئي. ماڻهوءَ ڪائنات جا ڳُجهه ڄاڻڻ، لاءِ ڪيسين ڪيسين تائين سفر ڪيا هئا پر ڪائنات جا راز اهڙيءَ ئي طرح ڳُجها رهيا هئا. هن تارن کان وٺي آتش پرستيءَ تائين اڻ ڄاڻائيءَ جا الم ڪوڙيا، پر اُهو جيڪي مقصود هو ۽ نظر کان اوجهل هو، اوجهل ئي رهيو. حُسن جي تڪميل کان عشق جي تڪميل تائين داستان رنگين کان رنگين تَر ٿيندو ويو پر داستان ئي رهيو.

"جڏهن ڪپل وستو جي راجڪمار جي طبيعت دنياداريءَ تان کڄي وئي ته هن جهنگلن جو رُخ ڪيو." هنديءَ ڏانهس منهن ڪري چيو، "اوهان کي ته انهيءَ کهاڻيءَ جي خبر نه هوندي."

"دنيا نهايت دلفريب جڳهه آهي-" منصور چيو.

"ڪاليسا جي مندر ۾ ٻُڌ جي مجسمن سان سينگاريل قطارون ئي قطارون اونداهين ۾ ٻُڏل ڏکرن ۾ رکيل آهن. جيڪو زمين تي هوندي به ان کان مٿي ۽ ان کان پراهيون آهن. انهن جي جسامت ۽ نزاڪت صرف حيران ئي نه حيرتزده بلڪ خوفزده ڪري ڇڏيندي آهي. عظمت جو ڪَنبائي وجهندڙ تصور ۽ ماڻهوءَ جي پنهنجي بي سرو ساماني فن جو معراج ۽ وري فنڪار جي اندر جا امڪان سندس تخيل جي اُڏام! آئون ڇا ٻڌايان ڀاءُ منصور-"

"اهو سڀ هڪ نسل جو ته ڪم نٿو ٿي سگهي-" منصور پڇيو.

"هرگز نه. هرگز نه. اهو ماڻهوءَ جو نه ماڻهن جو ڪم آهي. ماڻهو جن سوچيو ته هُو پنهنجي مذهب جي خدمت ڪري رهيا آهن. پنهنجي بُڌ ڪي پنهنجي تخيل سان پيهر ٺاهي سينگاري رکيو اٿن ۽ انهيءَ ڪري هي فن پارا زماني جي هٿ چراند کان محفوظ رهيا."

"۽ خدا سنگتراش جي هٿ چراند کان محفوظ رهيو." منصور کِلندي چيو.

هنديءَ آهستي آهستي پنهنجن پيرن تي مُڙي گهرين نظرن سان منصور ڪي ڏٺو ۽ ڏسندو رهيو.

"مون ڪا غلط يا دل آزاريءَ جي ڳالهه ته نه ڪئي آهي-" منصور پڇيو.

"جيڪڏهن اوهان جي ڳالهه ڪي سچ مڃيو وڃي، ته هن لازوال فن جي اهميت رڳي نقش گريءَ جي رهجي تي وڃي." هندي ويهي رهيو.

"ياءِ هندي آئون جاهل ماڻهو آهيان ۽ فن جون ڳالهيون بنهه نٿو سمجهان- ان جو معراج ڪهڙو آهي ۽ ان جون ٽِيٽيون ڇا آهن اهو نٿو ڄاڻان پر هي مجسمو حسين آهي ۽ هي سمورو حُسن خدا هن پٿر اندر رکي ڇڏيو هو- صنعتگري ته ماڻهوءَ جي نه هُن جي آهي. مصور ته وري به اُهو ئي ٿيو- اوهين منهنجي ڳالهه سمجهي رهيا آهيو نه."

هنديءَ ڪنڌ لوڏيو پر ڪُڇيو ڪجهه نه.

"ڪاليسا جي مندر ۾ پهاڙن اندر ٺهيل غارن ۾ اجهاڳ حيرت ۾ وجهڻ واري هر شيءِ ٺاهڻ وارو ته اُهوئي آهي. ماڻهوءَ صرف ڪوشش ڪئي ۽ ان ڪي ڳولي لڌو. جنهن ڪي ماڻهو پٿر جي دل ۾ ڳوليندو آهي اُهو ته پوءِ به نه تو ملي ڇاڪاڻ ته ائين اُهو نٿو ملي سگهي. ڀلا جنهن ڪئين ڪائناتون تخليق ڪيون هجن اُهو پنهنجي ئي خلق ڪيل مخلوق جي هٿ اچي سگهي ٿو. ساڻس ملڻ جو ڪيس ڏسڻ جو ڪوئي ذريعو ناهي. ڪيس فاني شين ۾ ڳولڻ ديوانگي آهي."

"ياءِ منصور، اها ديوانگي ماڻهوءَ ڪي خوشي ڏيندي آهي." هنديءَ مجسمي ڪي ڪنيو ۽ مٿي تي سينگاريل تاج ڪي هٿ سان ڇُهيو. اکين جي تارن ڪي آڱر سان محسوس ڪيو. حسن جي انتها جي جوش جي حالت ۾ سُڪون حاصل ڪندي ان شڪل ڪي ڏسندو رهيو. اشوڪ چڪر تي هٿ ڦيريائين. اِهو دنيائن، ڌرتيءَ ۽ آسمانَ، سمنڊن، اونداهين ۽ اُجالن سان آشنا مُرڪ رکندڙ وجود- ڇا ماڻهوءَ جي رسائي اُن تائين ممڪن آهي!

پوءِ هن نهايت حفاظت سان ان ڪي ويڙهيو ۽ صندوق جي هيٺئين خاني ۾ رکي ڍڪ مضبوطيءَ سان بند ڪيو. ڪاٺ جي جُتي هڪ ڪنڊ ۾ لاٿي ۽ يمني مالها ڳچيءَ ۾ وجهي هو منصور سان گڏ ابو يعقوب اقطع جي گهر ڏانهن روانو ٿيو.

رستي جي ٻئي طرف ڪکرن هٺڻ سان جن ڪنهن مهل، سج سامهون اچي روشني

روڪي ٿي ڇڏي. ڏور وڻ جي جُهڳٽن منجهان جهاتيون پائيندڙ ڪندرن ڪنهن ڪنهن محل ڏيکائي ٿي ڏني.

”جڏهن بہ منهنجو گذر بغداد جي بادشاهت ۾ ڪٿي ٿيندو آهي. آئون گهٽو ڪري انهن ويرانن ڏانهن گُهمڻ لاءِ نڪري پوندو آهيان.“ هنديءَ اُن طرف اشارو ڪيو.

”ايڏانهن ڇا آهي.“ منصور پڇيو، ”ڪندرن ۾ ڇا رکيو آهي-“

”گذريل زمانن جون ڪهاڻيون، جن کي وساري نٿو سگهجي. جيڪي وقت جي ڏارا سامهون بيٺيون آهن ۽ وقت سندن اوسي پاسي، هتان هتان اڪيون بچائي نڪري ويندو آهي.“ هنديءَ ٿڌو ساهہ کڻي چيو.

”عافيت ان ۾ ئي آهي تہ ازلي ۽ ابدي وقت جي سامهون شڪست تسليم ڪري ورتي وڃي.“ منصور جواب ڏنو.

”ياءُ منصور، ڪيترين ئي شيون ماڻهوءَ جون ناهيل هونديون آهن پر ڪانئس اڳيان نڪري بس سندس راهہ ۾ ڄمي ويندڻون آهن. اهڙيءَ طرح ڪيترائي خيال، ڪيترائي خواب مجسم ٿي بيهي رهندا آهن.“

”ڇا توکي انهن ڪندرن ۾ نادر شيون مليون آهن يا مجسما، جن جي تون ڳولا ۾ رهندو آهين.“ منصور چيو، ”هونئن ڪنهن خصوصيت سببان توکي اهائي جڳهہ پسند آهي نہ تہ سُوس جي بيابان وچ ۾ ۽ پراڻين فنا ٿيل شاهراهن سان گڏوگڏ آبادين جا نشان آهن جن تي واريءَ پِٽون ڪڙيون ڪري ڇڏيون آهن. جڏهن ڏنار شام جو موٽندا آهن تہ انهن پِٽن تان ڪيترين ئي عجيب ۽ غريب شيون آڻيندا آهن.“

”ها ياءُ، ذهن جا سڀ خانا ڪنهن نہ ڪنهن وقت آباد رهيا آهن ۽ هڪ خدا جي تصور کان پهرين ماڻهن ڪنهن ڪنهن شيءِ کي پوڄيو هوندو. دنيا ڏاڍي قديم آهي ۽ منهنجي مجمسن جي ڳولا بہ سمجهہ تہ منهنجي ديوانگي آهي.“ پوءِ هُن ٿورو ترسي چيو، ”گذري ويل خدائن جي ڳولا!“ هو ڏاڍيءَ خوشدليءَ منجهان کِليو. ”تخت تان لٿل وسريل ۽ وساريل ديوتا، پيغمبر ۽ اوتار- سمني مذهب تہ انهن علائقن ۾ هاڻ ذري گهٽ ختم ٿي چڪو آهي، پر انهن خانقاهن جي تهخانن ۾ اجا بہ ٻُڌ جون مورتيون آهن.“

”ڳولا جاري رک ۽ رڳو تون ئي نہ پر هر ماڻهو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڳوليندو رهندو آهي، جنهن ڏينهن اِها ڳولا نہ رهي، ماڻهوءَ جي اندر جي بي چيني نہ رهي تہ ماڻهو نہ رهندو.“ منصور خوش هو.

”ماڻهو تہ ڀڳوان کي ڳولي ۽ حاصل ڪري بہ ڪجهہ ٻيو پيو ڳوليندو رهندو آهي ياءُ منصور!“ هندي ڏاڍيءَ سوچ ۾ ٻڏل هو.

ابو يعقوب اقطع جي گهر جي دروازي تي هڪ انبوهہ گڏ ٿيل هو، جنهن منجهان رستو

ٺاهيندي چٽڪ ماٺهن جي مٿن تان لنگهندي، هو پهرئين دروازي طرف وڌيا- ماڻهن جو ميڙ اندر به هو. زالون ۽ ٻار ۽ بيچينيءَ سان انتظار ڪندڙ ماڻهو- سڪون سان وقت ۽ فرحت جو انتظار ڪندڙ- جوان، ضرورتمند، فوج جا آفيسر ۽ هر طبقي جا نمائندا ماڻهو، وڏن وڏن نقابن پويان ٻانهيون ۽ خادمائون- لڳو ٿي ڪنهن هاڪاري طبيب جو دوا خانو آهي.

منصور معافيون گهرندو، رستا ٺاهيندو، آخر اندر وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ئي ويو. هندي به سندس پويان ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ساڻس اندر پهچي ويو. روشنيءَ منجهان هڪدم هو اڌ اونداهي جهڙي حُجري ۾ داخل ٿيا ته سندن اکين کي سُسُ پُس ۾ ڳالهيون ڪندڙ ڪيترا ماڻهو ڏسڻ ۾ نه آيا. پوءِ ڪجهه ساعتن کان پوءِ منصور مُڙي ڏٺو ته هندي هٿ ٻڌي ڪنڌ کي ان تي لاڙي نيازجي مورت بنيو، پنهنجي وجود کي سجده ريز ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي مٿن تي چٽڪ ڪري رهيو هو.

”ياءِ هندي،“ هن آهستي چيو، ”اوهان اڳئين پاسي کان نڪري اچو.“

پر هندي پنهنجن ٻڌل هٿن تي ڪنڌ جهڪايو بيٺو هو- بنهه ساڪت چٽڪ ڪنهن مندر ۾ ديوتا سامهون هجي يا برزسواه جي سامهون معبد ناهيد ۾ ڪوئي موبدُ اوستا پڙهي رهيو هجي، ۽ ٻاهه جي تجلين کي پنهنجي دل ۾ اپرندي محسوس ڪندو هجي.

آهستي آهستي يا نه ڄاڻ ڪهڙي جذبي سان حُسين ڪنڌ کڻي مٿي ڏٺو.

هنديءَ جا ٻڌل هٿ کُلي ويا ٻانهون ڇڏائجي ويون ۽ هو جتي بيٺو هو اُتي ئي ويهي رهيو. سندس وات مان جيڪي نڪري رهيو هو، تنهن کي سواءِ سندس پيو ڪو سمجهي نه رهيو هو. اڌو ڳابري روشنيءَ ۾ منصور هنديءَ کي پڳهر ۾ شل ٿيندي ڏٺو. سندس وار ڪاندارجي اُڀا ٿيا بيٺا هئا، ڇڻ خوف سبب نس نس ٽاڻجي ٽٽڻ لاءِ تيار هجي. پوءِ هُن مُڙي حُسين ڏانهن ڏٺو ۽ ميڙ کي به - سندس پٽ جون اکيون رت هاڻيون ٿي رهيون هيون ۽ ڪوپن کان ٻاهر اُپريل ٿي لڳيون. ماحول ۾ ڪجهه گُهٽ ۽ ٻوسٽ هئي، جيئن طوفان کان پهرين ٿئي.

”آئون ڪو اوتار ناهيان - بلڪل نه - تون غلط ٿو سوچين.“ حُسين جو آواز گجگوڙ ۽ ڪنوڻ جي چمڪات وانگر اڀريو. ڇڻ طوفان گڏجي ڪڙڪيا هجن - هندي جذبي جي شدت کان ڪُبو ٿي ويو ۽ ڏڪي رهيو هو. سندس پيشاني زمين کي ذري گهٽ ڇُهي رهي هئي ۽ حُسين جي ناراضگي ڦٽڪيءَ جيان ڪيس تڙپائي رهي هئي.

”نه - نه - ائين ناهي - مون ڪوڙ ناهي ڏٺو - تون ئي پڳوان جو اوتار آهين،“ هنديءَ جي بيتابي ڏسڻ وٽان هئي.

ماڻهو انهي مڪالمي بازيءَ کي ٻڌي رهيا هئا ۽ يڪ ٽڪ حيرت زده هئا. ڪين سمجهه ۾ ڪجهه نه پئي آيو. منصور به انهن منجهان هڪ هو. هُو پنهنجي دوست کي سندس خواهش تي پنهنجي پٽ سان ملاقات لاءِ وٺي آيو هو، پر هُو پاڻ هڪ اجنبي هو ۽ مڪالمي جي نوعيت، مطلب، ماهيت ۽ طريقي کان قطعي بي خبر هو.

"مون کي غلط نہ سمجھہ - آئون پاڻ ڀُولا ۾ آهيان - بي خبر آهيان ۽ راهن جي ڦند ڦيرن ۾ ڦاٿل آهيان." حُسين اُٿي هنديءَ جي ويجهو آيو.

هنديءَ ڪنڌ ڪنيو.

"هي اکيون - هيءَ پيشاني - هي پيشاني تي ترڙندڙ روشني جيڪا ٻري پئي - تنهنجو سمورو وجود جنهن سچ ۽ تيج منجهان ڳالهائي رهيو آهي منهنجي مذهب جي ڪتابن ۾ ايندڙ زمانن جي پيشن گوئين ۾ اهو سڀ لکيل آهي. هڪ هڪ حرف- اهي نشانيون آهن جن کي آئون مُلڪ مُلڪ ڳوليندو وتيو آهيان، مون انهن کي ڳولي ورتو آهي." هُن جُهڪي حسين جا پير ڇُهي ورتا.

حسين ترڪي پوئتي هٽيو.

"آئون تنهنجي ڏاڏي محميءَ جو دوست آهيان ۽ آئون غلط بياني ڪرڻ وارو ناهيان. دنيا جا ڇيھہ گُهميو آهيان ۽ منهنجي ڳولا بس تو تائين پهچي ختم ٿئي ٿي." هندي حُسين جي پيرن ۾ زمين کي چُمي ڏني.

"اُٿ ۽ هتان نڪري وڃ! تنهنجي ڳولا توکي گمراھہ ڪيو آهي." حُسين گجندي چيو.

منصور اڳيان وڌي حسين جي ڪلهي تي هٿ رکيو: "هي تنهنجي ڏاڏي جو دوست آهي پُٽ!"

حُسين پيءُ جي هٿ کي ڪلهي تان جهٽڪي الڳ ڪيو: "آئون پاڻ حق جي راھہ جي ڳولا ۾ پريشان آهيان ۽ هي مون کي سجدي لائق ٿو سمجهي- پنهنجن ديوتائن جي بدليل شبيھہ ۾. ڪنهن مجسمي جي شباهت مون ۾ ٿو ڳولي- هن کي چئو هينئر ئي هتان هليو وڃي."

منصور چيو: "حُسين هوش ۾ نہ آهين. هن کي آئون وٺي آيو آهيان هي تہ تنهنجي ديدار جو خواهشمند هو بس -"

"ها، اهو فقط اتفاق آهي، جو منهنجي منزل بہ هتي آهي." هنديءَ وري هٿ ٻڌا.

"تون هينئر ئي هتان نڪري وڃ - وري ڪڏهن نڪي تنهنجي شڪل ڏسڻ گهرندس ۽ نہ ئي توسان ملڻ." حُسين پيءُ جي ڳالھہ جو جواب ڏيڻ بدران هنديءَ کي چيو.

"هي مڪمل شبيھہ هڪ اوتار سواءِ ڪنهن جِي نٿي ٿي سگهي. منهنجي دل جو حال هِن کان سواءِ ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي سگهي- منهنجي ملڪ جا ماڻهو تنهنجا منتظر آهن. اسان جي زمين کي تنهنجي ضرورت آهي - تون اسان جو آهين - بنھہ قطعي اسان جو." هنديءَ عاجزائي فخر منجهان چيو.

هي عجيب تماشو هو، جڏهن محبوب ۽ مُحب وچ ۾ هجي، جڏهن ٻن دشمنن وچ ۾ هجي- هڪ شوق جي اظهار کان بي تاب ۽ ٻيو سُڃاڻ کان بہ منڪر- جڏهن زمانا اڳ جا بہ روح، بہ ذرڙا اوچتو هڪٻئي سان ملاقاتي ٿيا هجن ۽ پلئہ ڇڏائي رهيا هجن.

منصور هنديءَ کي اشارو ڪيو - هُو پاڻ بہ سخت ڏڪوئجي رهيو هو. هڪ پيريل مجمعي ۾ حسين سندس ڳالهہ بہ نہ ٻُڌي هئي. نہ ڄاڻ ڪيس ڇا ٿيو هو- هُو ڪيس نهايت فرمانبردار تہ نہ ٿي چئي سگهيو پر هُن اڄ تائين سعادتمنديءَ ۾ سندس دل کي ڏکوئڻ جي ڪوشش نہ ڪئي هئي- هُو پاڻ شرمسار هو.

هندي وري حُسين جي قدمن ڏانهن جهڪيو، تہ هن ڪيس ٻانهن کان جهلي ورتو.

"ڏس، تنهنجي ديوانگي منهنجي ديوانگيءَ سان ٽڪرائي چُور چُور پور پور ٿي ويندي، پاڻ کي بچاءِ ۽ هتان پيچي وڃ - سمجهين." هُن ذري گهٽ ڪيس دروازي ڏانهن ڌڪيو - "وڃ!"

منصور ۽ هندي چپ چاپ ابو يعقوب جي گهر مان نڪتا ۽ سراءِ ڏانهن هليا.

"ياءِ منصور، آئون پاڻ ئي سراءِ تائين هليو ويندس." هنديءَ چيو.

"آئون توکان ڏاڍو شرمسار آهيان ياءِ! مون کي حُسين منجهان اها اُميد نہ هئي پر تنهنجي ڳالهہ بہ مون کي سمجهہ ۾ نہ آئي. تون ڪيس ڇا چئي رهيو هئين؟"

هندي کِليو - "اهو منهنجي ۽ هن وچ ۾ هڪ راز هو، پر اهو ڄاڻي ڇڏ تہ تنهنجو حسين معمولي ماڻهو هرگزَ ناهي. اهڙا انسان صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. ڪيس پيدا تہ اسان وٽ ٿيڻ گهرجي ها پر اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي، ان اسرار جو پتو ڪير لڳائيندو تہ هو محمَيءَ جو پوٽو ۽ تنهنجو پُٽ ٿي ڪري اسان جو ڪيئن ٿيندو."

پوءِ هن مُڙي منصور جي ٻانهن کي زور سان جهليندي چيو: "آخر ۾ ڪيس اُتي اچڻو پوندو. اسان جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ هجي ان اوتار کي آخر پارتَ ورش جو ٿيڻو پوندو. تنهنجي پُٽ کي اُتي اچڻو پوندو."

منصور چيو: "ياءِ، خدا جي مرضيءَ کي نہ ڪير ڄاڻي سگهي ٿو ۽ نہ اُن سان وڙهي سگهي ٿو، جو آئون محمَي جو پٽ ٿي ڪري چوائين ٿيس ۽ پاڻ حُسين منهنجو پٽ ٿي ڪري اهڙو ڪيئن ٿيو. هُو جيڪي آهي جهڙو آهي چو اهڙو آهي. ماڻهو قدرت جي ڪارخاني جي ڪابہ ڳالهہ نٿو سمجهي سگهي. سندس مقدر ۾ ڇا آهي. اچڻ واري زماني ۾ ڇا ٿيندو، مون کي نڪي خبر آهي ۽ نہ ئي خبر وٺڻ جي تڪڙ آهي. هڪ پيءُ هئڻ جي حيثيت سان هن لاءِ آئون فقط دعا ڪري سگهان ٿو."

هنديءَ چيو: "منهنجو قافلو اڄ رات پهرئين پَهر خوزستان ڏانهن روانو ٿي ويندو ۽ مون کي ڪجهہ آخري خريداريون بہ ڪرڻيون آهن. انڪري آئون موڪلاڻي گهرندس. ٿي سگهي ٿو حالتون اسان کي وري ملائين. تارا وري هڪٻئي جي مخالف سمتن بجاءِ مطابقت ۾ سفر ڪن، يا ٿي سگهي ٿو وري ڪڏهن ملاقات نہ ٿئي، پر هڪ ڳالهہ ضرور ڏيان ۾ رک تہ جيڪڏهن محميءَ جو پوٽو معبد ناهيد جو وڏو ڪاهن ناهي، پر ايڏو عظيم ضرور ٿيندو جو زمانو ڪيس وساري نہ سگهي."

”مهرباني“ چئي، منصور ڪيس پاڪر ۾ پيري ورتو. هندي پنهنجي يمني مالها سندس ڪلهن تي رکي چيو:

”هي منهنجي پاران تحفو آهي، اُميد آهي هڪ پاءُ ٻئي پاءُ جو معمولي نذرانو قبول ڪندو.“

”هاڻ هن کي واپس ڪرڻ جي گنجائش ئي ڪٿي رهي آهي.“ منصور پنهنجن ڪُلهن تي رکيل مالها کي ٿپڪيو.

پوءِ نومبر جي تيز سرد هوا ٻنهي کي ڏڪائي ڇڏيو ۽ پيهر هڪ تازي گرمجوشيءَ ۽ محبت مان گلي مليا. هندي لهي پنهنجي راهه ورتي ۽ منصور پنهنجن خيالن ۾ گُم گهٽو ڪجهه سوچيندي نظاميه مدرسي ڏانهن روانو ٿيو. هُن حضرت جُنيد سان ملڻ ۽ حُسين متعلق ڪجهه دريافت ڪرڻ تي گهريو.

بهار جا پڇاڙڪا ڏينهن هئا. برف وگهري ڌرتيءَ جي جهوليءَ کي رنگ برنگي گُلن سان پيري وئي هئي. دجله ۾ پاڻي شفاف ۽ تيز هو ۽ بغداد جي عمارتن جي وهندڙ عڪس پيڙين جي روانيءَ سان گڏ لُڏيو ٿي، ته پاڻيءَ هيٺيان هڪ جنت جو گمان ٿي ٿيو. آباد شهر جون رونقون قسمين قسمين لباس پهريل ماڻهن جي مجموعن سان وڌي ويون هيون. هي ڏورانهن ملڪن کان آيل پنهنجن نمائنده سفارتن سان لاڳاپيل ماڻهو هئا، جيڪي اکين ئي اکين ۾ بغداد جو پنهنجن شهرن سان مقابلو ڪندا ۽ حيران ٿيندا هئا. سواريءَ جي جانورن جي گهڻ، سوداگرن جا عجيب لباس جيڪي وچ ايشيا جي ملڪن مان آيا هئا ۽ عجوبن کان گهٽ نه هئا، وري هتي زمانن کان رهندڙ اهڙا ماڻهو جيڪي خليفي جي ڪرم جي نگاهه جا منتظر هئا ۽ دربار تائين رسائي حاصل نه ڪري سگهيا هئا، وڏين وڏين عيسائي سلطنتن جا پيغامي جيڪي ڪنهن طور به جاسوس ۽ سازشون ڪرڻ وارن کان گهٽ نه هئا، پراسرار ترڪ جيڪي هر هنڌ گهڙي پوندا ۽ بغداد ۾ پاڻ سجاڻائيندا ۽ پنهنجا ڪم ڪڍائيندا وتندا هئا. موسم جي مٽجڻ لاءِ بهار جي هوائن دلين ۾ نوان اُمنگ پيدا ڪري ڇڏيا هئا ۽ ان ساري هنگامي کان پري حسين بن منصور حلاج پنهنجي زال ۽ ٻارن سان تُستر ڏانهن روانو ٿي رهيو هو. هن وڻج واپار لاءِ ڪجهه اُٺ خريد ڪيا هئا ۽ پنهنجن بزرگن کان گهٽيءَ حد تائين قطع تعلق ڪري ڇڏيو هو.

حضرت جُنيد بغداديءَ منصور کي چيو هو: ”تنهنجو پٽ پڪي ويو آهي. هُن ته ايا ابتدائي مرحلا طئه ناهن ڪيا. سلوڪ ۽ طريقت جي راهن کان آڻجاڻ- عجيب ۽ غريب افسانن جو پاڳل خانو ۽ پنهنجي وسعت کان وڌيڪ جو طالب-“

منصور ڪنڌ جهڪائي ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو.

حضرت جنيد چيو: ”منهنجي منشا تنهنجي دل آزاري نه هئي پر صورتحال اهائي آهي. هُو پنهنجو پاڻ کي شيخ ڪامل تصور ٿو ڪري. ماڻهن جو ميڙ پاڻ سان گڏ ٿو رکي. اهو هَٽُ آهي، جيڪو ابليس ڪيو هو ۽ ڌڪاريو ويو هو.“

منصور ڏکي چيو: ”حضرت سندس هدايت لاءِ دعا ڪريو.“

حضرت جنيد پنهنجي ڪنهن رسالي جي درستي ڪري رهيا هئا ۽ منصور جي ڳالهه ٻڌي ئي نه هئائون. هُو قلم هٿ ۾ جهليو ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ ٻڏل هئا ۽ ٻاهر سباري جو وسڪارو چپ چاپ ڪنهن عورت جي ڳوڙهن جيان وسي رهيو هو.

منصور پاسو مٽايو ته ڪين ڇٽڪ سندس وجود جي آگاهي ٿي. هُو هُن ڏانهن ڏسندا رهيا.

”ماڻهن ۾ حُسين لاءِ افواهه پکڙيل آهن- سندس دعا ۾ قبوليت، سندس نظر ڏور رس ۽ طاقتون بي انداز آهن، پر اهي افواهه هُن لاءِ نيڪ فال ناهن. ايجا ته هُن پنهنجي منزل ڏانهن سفر شروع ناهي ڪيو، هو ڪڏهن ڪان تقديرن کي بدلائڻ وارو ٿي ويو آهي-“

منصور جهڪي چيو: ”حضرت، سندس لاءِ دعاڳو ٿيو، هو منهنجي ڪُل پُونجي آهي.“

حضرت جنيد چيو: ”ڪيس شعبدي بازين ۽ مجموعي بازين کان روڪي سگهين ته منهنجي سندس لاءِ اهائي دعا ٿيندي.“ هُو وري قلم کي زعفران ۾ ٻوڙو ڏئي ڪجهه لکڻ لڳا ۽ منصور انهن ئي پيرن تي واپس هلندو وراندن مان ٿيندو ٻاهر نڪتو، جتي جڳهه جڳهه طالب علمن جون ٽوليون علمي بحثن ۾ رُڌل هيون ۽ وٿندڙ هوا ۾ نظاميه مدرسي جي گُلن سان واسيل اڱڻن ۾ لڳل چانوَ ڏيندڙ وڻن جي خوشبو روحن کي سُڳند سان رچائي رهي هئي.

”رف - رف - رفتن“ جي صدا تُستر جي انهن گهٽين ۾ پيهر ماڻهن کي متوجهه ڪرڻ لڳي هئي، جتي دعا لاءِ منتظر ٽوليون هاڻ موٽي وڃي رهيون هيون، جو حسين ڪنهن لاءِ به دعا گهرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو.

حضرت جنيد سان ملي جڏهن منصور موٽيو، ته هُن پٽ کي پنهنجي ملاقات جو حال ٻڌائيندي چيو هو:

”هُو شيخ ڪامل آهن ۽ غلط بياني نٿا ڪري سگهن.“

”آئون به غلط نٿو چوان، جيتوڻيڪ آئون شيخ ڪامل هئڻ جي دعوي نٿو ڪريان.“ حُسين نهايت نرميءَ سان جواب ڏنو هو.

”پر جيڪي خواب تنهنجي دل تي عڪس ڇڏين ٿا ۽ جن طاقتن توکي قابو ڪيو آهي انهن کان پاڻ ڇڏاءِ. سلوڪ جي جن منزلن مان تون ناهين لنگهيو. رياضت جي جن مشقتن کي تو ناهي آزمايو، تن کي آزماءِ پٽ.“ منصور آخر اُها ڳالهه ڪري ئي ڇڏي.

حسين گهڻي دير ماٺ رهيو. ڪانئس دعا جو طالب انبوهه سندس پنهنجو عمل جيڪو

خدا جو ئي تہ عطا ڪيل هو. عڪسن ۽ پاڇن جيان سندس اکين جي سامهون کان اُهي جلسا اُهي محفلون اُهي سبق لنگهي ويا ۽ اهو سڀ هُن جي عطا هئي. حضرت جُنيد اهو سڀ ڄاڻندو هو ۽ ان جي باوجود هُن سندس ذڪر ۽ فڪر کي شعبدي بازين سان تعبير ڪيو هو- سندس رياضت ۽ مشقت کي ديوانگي چيو هو- ڪاوڙ ۽ مايوسي سندس روح ۾ ويهندي وئي. بغداد ڪيس ڪڏهن بہ پسند نہ ڪندو. ڪيس پنهنجي سَند ڪٿان حاصل ڪرڻي هئي؟ جيڪڏهن سندس نصيب ۾ ڪنهن اعليٰ روحاني درجي تي فائز ٿيڻ نہ هو تہ هو ڪيئن الاهي مرضيءَ سان وڙهي ٿي سگهيو. هن سوچيو اهو ئي بهتر ٿيندو تہ هُو هڪ عام زندگي گذاري، جيڪا هر اُهو شخص جيڪو هن روءِ زمين تي پيدا ڪيو ويو گذاريندو آيو آهي. پنهنجا ڏينهن ائين ئي پورا ڪري جيڪڏهن حضرت جُنيد جيڪو وقت جو استاد ۽ پير طريقت هو، اِهو ئي ٿي چيو تہ صحيح ئي چوندا هوندا. آخر هو سوالن جي پردي ۾ سوالي ئي تہ هو؟ ڪاش ڪيس اهڙيون اکيون عطا ٿين، جو هُو ماضيءَ ۾ ۽ اڇڻ واري زماني ۾ ڏور تائين ڏسي سگهي. ڪائنس پنهنجو مشاهدو ڇو ڦريو ويو هو؟ هڪ ساعت لاءِ ڪيس محسوس ٿيو ڇڻ اونداهہ سواءِ ڪجهہ بہ ناهي. هُو ڏسي ئي نٿو سگهي- هو سوچي ئي نٿو سگهي. هُو هڪ پٽ آهي جنهن کي نہ بينائي آهي ۽ نہ ئي ڪائي حيثيت. ڇڻ سموريون طاقتون ڪائنس واپس ورتيون ويون هجن- روشنيون، نور ۽ آئيني جيان اُجري ڪيل سندس دل، سندس حوصلا سيڪجهہ!

”رف رف رفتن“- رقصَ لاءِ تيار وجود، سندس تاڻجي تاڻجي رڳون ڊريون ٿي ٿيون ۽ ڊريون ٿي تاڻجي ٿي ويون. ڇڻ هو هڪ سُرندو هجي جنهن ۾ گُجها گيت بي تاب ٿي رهيا هجن: ڇڻڪ هو هڪ باجو هُجي جنهن ۾ بند راڳ گهُٽجي گهُٽجي دم ڏئي رهيا هجن: هو هڪ قيد خانو ئي نہ تاريڪ زندان هجي جنهن ۾ بي وسيءَ ۽ نراسائيءَ جا ڪارا نانگ ڦوڪاري رهيا هجن، ۽ وري هُو هڪ طنبور هجي ۽ سندس پنهنجين آڱرين کان مضراب ڦُري ورتو ويو هجي. پوئين پهر جڏهن نرم رفت قاصد تارن ۽ نيم قوس ڪيرڏارا جي موجودگيءَ ۾ پکين جي سُريلن گيتن ۾ رات لٿي ٿي ۽ سُگنڌ سان واسيل جهوٽن ڪائنات جي شرناءِ جا اڻکٽ ٻول مٿس نازل ٿي ڪيا، تہ هُو ڇنگهيو ۽ بي چين ٿي ٿيو. پردن اندر پردن پوييان اسرار ڪان پريان ڇا آهي؟

هُو ڪير آهي؟

هُو پنهنجو ۽ هن جو رشتو ڪڏهن سمجهي بہ سگهندو يا نہ؟

پوءِ هن ڪنڌ ڌوڻي، سيني کان نندي ٻار کي ٻاڪر ۾ ٻيري ٿي ورتو- هُو بہ سندس جيان بي وس هو ۽ هر لحظي محتاج ۽ بي سمجهہ- سندس حفاظت ڪير ڪندو؟

زينب نهايت آهستگيءَ سان سندس ٻاڪر مان ٻار کي ڪڍي ٿي ورتو. هُو پنهنجي

سموريءَ سادگيءَ جي باوجود اهو ڄاڻندي هئي ته حسين اهو سڀ اولاد جي محبت ۾ نٿو ڪري. هو پنهنجي پاڻ کي بچائي رهيو هو- سنڀالي رهيو هو- سهيڙي رهيو هو- وکرجڻ کان بچائي رهيو هو، پناهگاه جي ڳولا ۾ هو- آٿت گهرندو هو.

هُو پنهنجين سمورين تمنائن باوجود سندس ڪا مدد نه ڪري سگهندي هئي. ڪجهه نه ڄاڻندي هئي، سواءِ انهيءَ جي ته هو پنهنجو پاڻ کان انڪار ڪري رهيو هو- پنهنجو پاڻ کان ڀڄي رهيو هو.

ڪرب جي انهن ڪيفيتن کي، جن کي هُو لڪائڻ گهرندو هو، هوءَ ڄاڻندي هئي.

زينب کي هن تي رحم ٿي آيو. سندس وچايل وجود تي- سندس بيچينيءَ تي- ڪاش هو هڪ عام معمولي ماڻهو هجي ها. اصل ۾ پيچارو، جنهن کي ريشي ۽ ڪاٺ جي اُٽيل ڪيهه تُنبڻ جي ان اوزار سان دلچسپي هجي ها. پاڻ زينب جي زندگيءَ ۾ هڪ بي صبريءَ جهڙو سڪون هو، جنهن جي عادت ڪيس پنجي چُڪي هئي. بيضا جي سراءِ ۾ منصور حسين ۽ ٻارن سان گڏ رهڻ- پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ محفلن، مجلسن، مباحثن ۽ مراقبن جا پڙاڏا ٻڌڻ جيڪي خانقاه جي لاڳاپيل هجڻ سببان هئا، ۽ هاڻ هوءَ ۽ حُسين نديءَ جي ڪناري باغ جي ڇيڙي تي تُستر جي خانقاه جي بلڪل هينان اُن ننڍڙي گهر ۾ جنهن جو رستو، نديءَ پار بيڙيءَ وسيلي ويندو هو، جڻ حبابن جا قافلا جيڪي لهرن تي اڳيان ئي اڳيان وهندا هئا. ڪيس خبر هئي حُسين هڪ مسافر وانگر هتي ترسيل هو ۽ آخر پنهنجي سفر تي روانو ٿيندو پر اُن سفر ۾ زينب کي سندس ساٿ نه ڏيڻو هو. هو منتظر هئي ۽ ڏينهن ڳڻي رهي هئي. هيءَ خوشبو جيڪا سندس چوڌاري هئي آخر اُڏام ڪندي، رهندي ڪانه- نديءَ ۾ پاڻي موتي ته نه ايندو هو- لهرون اڳيان ئي اڳيان حبابن کان بي پرواهه هڪ ٻئي سان اڪ ٻوٽ ڪيڏنديون، هِن ڪناري کان هُن ڪناري ڏُڪنديون اڳتي ئي وينديون هيون. ماڻهو به پنهنجي ٻيڙي وهندڙ پاڻيءَ جي رُخ تي ڇڏيندو هو. ڪيس وهڻو هو-

هي فاقي مست خاندان هو- جنهن جون ضرورتون محدود ۽ آمدني محدود تر هئي. پيچارڪو دڪان جتي ڏينهن رات جي رف - رف جي باوجود گهٽو ڪين رهڻو ۽ سهڻو ٿي پيو- ڪڏهن رات جو ڏيئي ۾ تيل نه هوندو ۽ بيمار ٻارن لاءِ دوا آڻڻ لاءِ پيسا نه هوندا هئا. اوندهه ۾ بخار جي هيجاني ڪيفيت ۾ جڏهن بيمار پٽ مان چرڪ ڀري رڙيون ڪندو ته زينب خدا کان پناهه گهرندي، دل ئي دل ۾ دعائون گهرندي، پڙهندي، قرآني آيتون دم ڪري ڦوڪارا ڏيندي حسين گهبرائجي ٻاهر نڪري ويندو هو. ڪنن تي هٿ رکي ٿي ڇڏيائين. برف باريءَ جي ڏينهن ۾ حَسن قاتل جوتا پائي جنهن منجهان سندس ڳاڙهسريون ڪڙيون ليئا پائينديون هيون، مڪتب ڏانهن ويندي ڏسبو هو. سندس گول منهن چمڪدار اکيون سرد هوا ۾ سُڪڙنديون ۽ ڍگهن ڇنيرن سان سينگاريل ڳل اچا به ڳاڙهسرا ٿِي ويا.

انهن ڏينهن ۾ جڏهن حُسين گهر موٽيو ٿي ۽ گهر جي ٿُلهي اُٽيل رومال جو پلئه هٽائي کائڻ جي ڪا شيءِ يا ڪو ميوو ڪڍندو هو، ته خوشيءَ جي لهر سيني جي شڪلين ڪي ڇٽڪ بدلائي ڇڏيندي هئي جيئن چانڊوڪيءَ جو آبشار وارن ڪي چمڪائي ڇڏيندو آهي. هو اڻ منڊائتا ميوا هٿ جي اشاري سان حاضر ڪرڻ ۽ اهڙيون ئي ٻيون ڪرامتون رکڻ وارو شخص ڪنهن گذريل زماني جي ڪهاڻين جو ڪردار لڳندو هو- ۽ هي حُسين پنهنجيءَ طاقت ڪي وساري پنهنجي گهر ۾ هڪ عام ماڻهوءَ وانگر مطمئن ۽ سڪونت ۾ آيل لڳندو هو ۽ زينب به ڪڏهن وڏيڪ مطالبو نه ڪندي هئي. صبر ۽ شڪر سان هو حُسين جي ۽ سندس ٻارن جي ويجهي رهڻ کي سڀ کان وڏي آسائش تصور ڪندي هئي.

حُسين ماڻهن لاءِ دُعا ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي ۽ جيئن ته ماڻهن جو حافظو جلد وساري ڇڏڻ وارو هوندو آهي تُستر ۾ ماڻهو ذري گهٽ وساري چڪا هئا ته حسين بن منصور حلاج سندن وچ ۾ موجود آهي- ڇٽڪ دريا جي وهڪري هيٺ لڪل موتي هجي. هڪ ڏينهن هڪ قافلو سراءِ ۾ اچي لٿو. انهن ماڻهن سان هڪ نهايت بيمار ڇوڪر هو. هو ڏاڍو پري کان بغداد کان آيا هئا ۽ چاهيائون ٿي ته حسين هن ٻار جو علاج ڪري، هن لاءِ دعا ڪري. هنن ٻڌو هو ته هُو مُردن کي جيئرو ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن هو هن جو گهر ڳوليندي ڳوليندي، نديءَ جي ٻئي ڪناري تي پهتا ته رات اڌ کان مٿيري گذري چڪي هئي. پورين راتين جو چنڊ نيراڻ ۾ ٽهيون لڳائيندي، تارن سان گڏ ڪڪرن جي ايڪڙ ٻيڪڙ ٽڪرن جي اوٽ ۾ اک ٻوٽ ڪيڏي رهيو هو.

”ڇا حسين ٻچاري جو هيءُ ئي گهر آهي؟“ ٻئي ڪناري کان ڪنهن سڏيو.

زينب جاڳي پئي ۽ پريشان ٿي وئي. هن حَسن کي جاڳايو ۽ احوال وٺڻ لاءِ ٻاهر موڪليو.

”ڪهڙو ڪم آهي؟“ حَسن جو سنهڙو آواز وهندڙ پاڻيءَ کان مٿي وڃن جي تارين منجهان ٻڌڻ ۾ آيو.

”اسين هڪ بيمار کي کڻي بغداد جي رصافه پاڙي کان آيا آهيون.“ انهن ٻئي ڪناري کان جواب ڏنو.

حَسن ماءُ سان اچي سمورو احوال ڪيو. حُسين نفلن ۾ مشغول هو، هاڻ ڇا ڪيو وڃي؟ تُستر ۾ اچي ته هن پنهنجي ماضيءَ کي وساري ڇڏيو هو. هاڻ ڪير هن کي ان ڳالهه تي مجبور ڪندو؟

”پوءِ آءٌ ڪين ڇا چوان.“ حَسن جو زينب کي ننڍا ڪڙو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

”تون ٻيڙيءَ ۾ وڃي ڪين هيڏانهن وٺي اچ. حال احوال وٺنداسين. جيڪي ماڻهو رصافه کان آيا آهن سي ايڏو ڏکيو سفر ڪري گهڻيون اُميدون کڻي آيا هوندا. ڪين نااُميد ڪرڻ ڪفر ٿيندو.“ هو حسن کان وڌيڪ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي رهي هئي.

پوءِ ونجهن جي پاڻيءَ ۾ هلڻ ۽ ٻيڙيءَ جي اُهرجڻ جو آواز آيو.

"ڇا هُو بيمار کي به وٺيو اچن؟" حسن ٻاهران ئي ماءُ کان پڇيو.

"منهنجو ته اِهو ئي خيال آهي. جيڪڏهن حُسين ناراض ٿيو تڏهن به اسان کي سندس پيرين پئي به دعا ڪرائڻي ئي پوندي." زينب هٿ مهٽيندي چيو.

هُو هڪ ننڍيءَ وهيءَ جو اُودي رنگ وارو ڇوڪرو هو. جنهن جو ساهه اٽڪي ڪڇي رهيو هو هيڏائي سبب اکيون به نه ٿي کولي سگهيو. هُو پينگهي جيئن کاٽوڙي ۾ هنڌ تي ليٽيل هو ۽ مٿس پيل چادر ۾ ويڙهيل جسم ٿي لڳو- زينب ڏٺو ته بس ڪجهه پَهَرن جو مهمان آهي. خبر ناهي هو ڪيس پري رصافه کان هيسيتائين ڪيئن کڻي آيا هئا. هن کي ڏسندي، سندس اکين آڏو دجله جون رونقون ۽ فرحت انگيز هوائون ۽ بغداد جا آباد پاڙا وسي آيا.

ها، هُو آيا هئا ۽ بغداد جي هوائن ۽ خوشبوئن ۽ يادن کي ساڻ کڻي آيا هئا. سندس اندر بيچين ٿي پيو. ڪيس اُن سر زمين جي ذري ذري سان پيار هو ۽ وري هُوءَ ماءُ هئي. خبر ناهي ڇو سندس دل اُن ٻار ڏانهن ڇڪجي رهي هئي ۽ پهريون ڀيرو ڪيس حُسين تي ڪاوڙ اچي رهي هئي- بي چينيءَ منجهان ته حسين پنهنجن طويل نفلن کي مختصر ڇو نه ٿي ڪري سگهيو.

بيمار ٻار جا ساٿي خاموش ۽ اُداس هئا.

"ڇا بغداد ۾ ڪٿي سندس علاج نه ٿي سگهيو ٿي جو اهڙي حالت ۾ اوهان هن کي هتي کڻي اچڻ جي زحمت ڪئي،" زينب ڪائن پڇيو.

"بغداد ۾ حُسين حلاج جي شهرت ٻڌي هن جي والده محترم منٿ سان هيڏانهن اُماڻڻ جي درخواست ڪئي. سندس چوڻ آهي ته 'صرف هڪ شخص آهي جيڪو پنهنجي طاقت ۾ مسيحا صفت آهي ۽ جيڪو هن کي نئين زندگي بخشي سگهي ٿو. هُن جي دعا جي تاثير تقديرن کي بدلائي ڇڏيندي آهي."

زينب ڏک باوجود مُرڪي.

"اها دعا ڪريو ته هو هن لاءِ دعا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي پوي. ڇو ته هاڻ ته هو هٿ کڻي ڪنهن لاءِ هڪ ڪلمو به نه ٿا چون."

"پر حُسين جي والده محترمه چيو هو ته هُو هن ٻار لاءِ ضرور دعا ڪرڻ فرمائيندا. هيءُ ٻار ئي سندس زندگيءَ جو ثمر آهي." هنن ڏاڍو پُرامید ٿيندي چيو.

"هُن ڪڏهن پنهنجي لاءِ دُعا ڪرائي هوندي-" زينب پڇيو، "سندن اسم مبارڪ ڇا آهي؟"

"اغول هُو امير حامد بن عباس جي گهر ۾ آهن - پر اجا تائين پنهنجي مذهب تي آهن جيئن بغداد جي اميرن جي گهرن ۾ ٻانهيون آهن." هنن نهايت ادب مان جواب ڏنو.

زينب وڃي ڏٺو حُسين سجدي ۾ ڪِريل هو.

"امير حامد بن عباس ۽ اغول جو پٽ دُعا جو طالب ٿي بغداد کان هتي آيو آهي، ان لاءِ به دعاگو ٿيو. هو پنهنجي ماءُ جي دل جو ٽڪرو آهي ۽ ڏاڍيون اُميدون کڻي اُهي ماڻهو ڪيس هيسيتائين کڻي آيا آهن."

زينب سوچيو حُسين پنهنجي مراقبن ۽ دعائن ۾ هميشه جيان سندس آواز ڪيئن ٻڌو هوندو؟ پر پوءِ ائين ٿيو جو سجدي ۾ سندس جسم ڪي هڪ جهٽڪو لڳو ڄڻ پاڻ سندس ساهه نڪري رهيو هجي. تڙپ ۽ بي آرامي ڄڻ روح سجده ريز وجود کي ڇڏي رهيو هجي. زينب ڪيس اهڙي حالت ۾ ڪڏهن نه ڏٺو هو. هن جون اکيون ڪبوتر جيان رتيل گوشت جي ٻن ٻيرن جيان ڳاڙهيون ٿي ويون. زينب ٻوائتي ٿي ٻاهر نڪري آئي.

”حُسين تون وڃي ڏس، تنهنجي پيءُ کي خبر ناهي ڇا ٿي ويو آهي.“

لمحن جي اها ڪيفيت ختم ٿي چڪي هئي ۽ هڪ بدليل حُسين پنهنجي جلال ۽ جمال ۾ بي مثال، پنهنجي شان ۽ شوڪت ۾ بادشاهن وانگر بينياز ۽ پُراعتماد. نهايت پُرسڪون مُرڪ منهن تي ڪنيو، ڄڻ پاڻ ڪيس نئين زندگيءَ جي بشارت ملي هجي.

”اغول ۽ حامد جو پٽ سلامت رهندو.“ هُن هٿ جي اشاري سان چيو.

منصور جڏهن هڪ سال ڪان پوءِ تستر پهتو ته حسين انبوهن ۾ ذري گهٽ ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو. سندس ڪنڌ جهڪيل، نگاهون هيٺ ۽ سندس سامهون هڪ ڊگهي هزار داڻن جي عقيق جي تسبيح جو هڪ ڍڳو ڍير هو. منصور ڏٺو. بيمارن ۽ دعا گهرڻ وارن جو انبوهه سندس دروازي سامهون پري تائين پکڙيل هو. ماڻهو ڪيترن ڏينهن کان پنهنجي واري جا منتظر ۽ نهايت مطمئن هئا. هتي جي هوا ۾ اهڙي تاثير هئي جو اُن ۾ شفاياب ٿيڻ لازم هو.

پيءُ کي ڏسي حُسين جو رنگ ڦڪو پئجي ويو. هو اُٿيو ۽ انبوهه منجهان رستو ٺاهيندو پيءُ جي پيرن کي ڇُهي ٻاهر نڪري ويو- شام رات ۾ لڙي، رات جا پلئه صبح جي سُرخيءَ سان رنگيا. منجهند ٿي- بهار جي هوا شام جي پاڇن کي جهوليو ۽ طويل ڪري ڇڏيو. خوشبوُ دار رنگبرنگي ٻوٽن تي مکڙين پنهنجا مُک نقاب کان ٻاهر جهاتي پائڻ لاءِ ڪجهه ڪجهه کوليا. وڏيءَ بازار جي گهٽين ۾ رف - رف جي صدا ٿمجي وئي. هُو سڀ سندس منتظر رهيا هنن سمجهيو هو ته هو شايد اُتي ڪڏهن نه ايندو.

”اوهان لاءِ ڪيڏو نه چڱو ۽ بهتر هو. جيڪڏهن آءٌ نه اچان ها.“ منصور زينب کي چيو.

”پر انهيءَ سان کهڙو ٿو فرق پوي. مسافر کي آخر سفر تي نڪرڻو ئي هو-“ زينب جواب ڏنو.

”مون سوچيو هو اوهين هاڻ زندگيءَ جي هلچل ۾ آباد ٿي ويا آهيو. ٻارن جو پيار ۽ ماڳ مڪان ماڻهو کي گهيرڻ لاءِ اهي شيون ڪافي آهن.“

”هُو ٻوائتن رڻن جو غزال آهي بابا سائين!“ زينب ڏاڍي حوصلي منجهان چيو.

منصور ماٺ ٿي ويو. هي مقدر هو ۽ ڪيس ڪير روڪي سگهيو ٿي. پوءِ انهن سفر جو سامان ٻڌو. حَسن کي خانقاه ۾ ڇڏيائون ۽ بهار جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن هوا ڪجهه ڪجهه هلڻ شروع ٿي چڪي هئي، هو بيضا لاءِ روانا ٿي ويا.

ابوالعباس حسين قرمطي ٿلهي تي زنجيرن ۾ جڪڙيو بيٺو هو. ڪيس پنهنجي انجام جو انتظار هو. سفيد داغ تي جيڪو سندس پيشانيءَ تي هو ڏکهي توپي ڍڪيل هئي ۽ جبي جو پَلئُ بہ ميرو هو. منهن ڳوڙهن سان پنل هوس. منجهس اُهو ويساهہ ئي نہ هو جيڪو عذابن کي سَهڻ جي ڏِيا ڏيندو آهي. هُو ڏنل ۽ هيسيل هو. چڻ ڇٽي ويل وڻ جنهن جون پاڙون ڪنهن تيز طوفان جي زور ڪري زمين منجهان پَتجي ٻاهر اچي پيون هجن. المدثر ۽ الملوق بہ ساڻس گڏ هئا. انهن سيني هڪٻئي ڏانهن ڏٺو بہ نٿي ۽ بغداد جي پوليس جي اعليٰ آفيسر جو انتظار تي رهيو هو.

اهي نَيون شريعتون آڻڻ وارا ماڻهو هئاجن جي خيال ۾ سندن اندازن ۾ وحَي نازل ٿيندو هو ۽ کين بشارتون ڏنيون وينديون هيون- نہ ڄاڻ ڪين هن انجام جي آگاهي ڇو نہ ڪئي وئي هئي- سندن پوئلڳن جو هڪ وڏو انگ پڻ پنهنجي انجام تي رَسَڻ وارو هو ۽ هو ان ۾ اڪيلو نہ هو-

پهرين ڪيس بي حس ڪيو ويو پوءِ هن جا هٿ ۽ پير ڪپيا ويا. ڪانيءَ کي ٻاهہ ڏئي سندس دُن تي رکيو ويو. ڪلهن کي ڪنڌ کان ڌار ڪيو ويو، سندس سِر کي نيزي تي رکيو ويو ۽ سندس ڌڙ کي بغداد جي وڏي دَر تي لڙڪايو ويو تہ جيئن ماڻهو اُن منجهان عبرت حاصل ڪن. ماڻهن مهدي هئڻ جون، رسول هئڻ جون، امام هئڻ جون، خدا هئڻ جون دعوائون ڪيون هيون ۽ پنهنجي انجام کي پهتا هئا پر ماڻهو هڪٻئي جي انجام منجهان عبرت حاصل نٿا ڪن. ڇا اِهو ماڻهوءَ جي سرشت ۾ هو؟

هيءَ هڪ وڏي فوج هئي جنهن ديار مصر ۾ تباهي مچائي ڇڏي هئي- ابن جيجڪ مڪتفي بالله جيڪو معتضد بعد خلافت جي تخت تي مقرر ٿيو هو ۽ دين جي حفاظت لاءِ مدينة السلام کان لڪجي آيو هو. هو قرمطي فتنن کي نيست ۽ نابود ڪري فتحياب ٿي قيدين سان گڏ واپس آيو هو. هُو نرم سياءَ وارو، منو ڳالهائيندڙ ۽ مهربان هو، پر اجا تائين اسلام جي حفاظت لاءِ عباسي خليفا سينو سپر ٿيندا هئا. خدا جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ زندگيءَ کان پوءِ جنت ۾ جڳهہ ماڻڻ جي خواهش ۾، جنت حاصلات ذري گهٽ ناممڪن، انسان جي پهچ کان ٻاهر، ۽ هر مسلمان ان لاءِ ڪوشان رهندو هو. بشارتون، خواب، الهام، خوشخبريون، رياضتون سڀ اُن زندگيءَ لاءِ هيون. پر هڪ اهڙو گروه هو جيڪو انهن سين سهولتن کان خالي هو. هن جا ارادا عظيم هئا. جيڪي ڪنهن بہ دنيا جا طالب نہ هئا. جنجو طلب ۽ مقصد فقط هُو هو- اُهوئي اُهوئي... هُو- هُو-

بظاهر انهيءَ کان وڏي جسارت ٻي ڇا تي سگهندي هئي تہ ماڻهو ممڪنات جي حدن منجهان نڪري ڪائنات جي خالق جي ڳولا ۾ نڪتو ٿي- سندس نظر هڪ ناچيز ذرڙي جي گستاخ نگاهہ اسرار جي پردن کان پري وڃڻ گهريو ٿي- هن دنيا جي محبت ۾ ماڻهن ڪنڌ

ڏڙن ڪان ڏار ڪرائي ڇڏيا هئا. تياسن تي ٽنگيا ويا هئا. هن دنيا جي خواهشن ۾ ماڻهن هن دنيا کي ٺُڏيو هو. شهادت جا ڳولائو رهيا هئا ۽ جيڪي ديوانا خالق ڪُل جي ڳولا ۾ هئا انهن جو انجام پلا ڇا ٿيٺو هو! هُو جيڪي اَٿئيٺين سان ڀرپور سجدن کي پيشانين ۾ کنيو گهمندا هئا. نہ ڄاڻ ڪهڙي آستان تي جبين گسائڻ گهرندا هئا- ڀلا ائين ٿيڻ ڪٿي ممڪن هو- جيئن پتنگا شمع جي روشني جهلڻ گهرن ۽ اُنجو اصل ڄاڻڻ چاهين. ڀلا سڙڻ بعد ڪير ٻڌائي سگهيو تہ سڙڻ ۾ ڪهڙي لذت هئي!

حُسين پريان ڏکڻ ۾ هڪ لوهر جي دڪان تي ڌِنوَڻ ڌڳيندي ٻڌو، هڪ انڌو فقير ڪِشتو کنيو ڳائيندو گهٽي لنگهي رهيو هو پر سندس آقا سخت مزاج هو ۽ ڌڳائڻ جي ڪم ۾ مڪمل ڌيان گهرندو هو- مُنيي کي ڦيرائيندي جڏهن چمڙي جي مشڪ ۾ هوَا ڀرجي ٿي ۽ هَوا ڪوئلن کي دُکائيندي هئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن چڻنگون ٿي پکڙيون- ڏڳڻ ۾ رکيل لوهہ تپي ڳاڙهو ٿي ويندو هو، ايڏو ڳاڙهو جو ٻرندڙ ڳاڙهن تانڊن جو حصو ٿي باهہ ٻجي ويندو هو. باهہ ۾ ۽ ان ۾ فرق ڪرڻ ممڪن نٿي رهيو. تان جو لوهر جو آواز ٻڌڻ ۾ ٿي آيو.

”ابن منصور، هاڻ انهي کي ٻاهر ڪڍ!“ ۽ ٻئي مزور کي چيائين ٿي: ”انهي کي زور سان ٺپ ايترو جو هن کي جنهن صورت ۾ گهرجي شڪل ڏئي سگهجي-“ حسين ڌنوڻ ڌڳائيندو ٿي رهيو. جڏهن سندس هٿ ڍرو ٿي ٿيو تہ ابو سليمان چيو ٿي: ”لوهہ جي سڃاڻپ متائڻ وارا ننڊون ناهن ڪندا-“

يا وري جڏهن گهٽو ڪاوڙيو هو تہ چوندو، ”تون ڪڏهن بہ سٺو استاد نہ ٿيندين. ابن منصور، تون ڪم ڪندي خواب ٿو ڏسين، اِهَا حلال رزق ڪمائڻ وارن جي عادت نہ هئڻ گهرجي.“ ڪڏهن ڏاڍي موج ۾ هوندو ۽ چرس جو سوٽو لڳايل هوندس تہ چوندو:

”حسين! مون کي ٻڌائي سگهين ٿو تہ تون ڪهڙا خواب ڏسندو آهين. تنهنجيون اکيون خبر ناهي ڇو شين کي ڏور تائين پاتارن ۾ ڏسندي لڳنديون آهن. تنهنجيون نظرون ڪنهن ٻي هنڌ ٽِڪنديون رهنديون آهن.“

پوءِ ٻئي ماڻهو کي چوڻ لڳندو: ”صدامر - لوهہ کي تلوار ٺاهڻ لاءِ اُن کي سراڻ جي ساڃاهہ ڪرائڻ ضروري آهي.“

پوءِ حسين جو ڌيان ٻاهر ڏانهن ويو جتي پاڻيءَ جي ناليءَ منجهان پير ٻاهر ڪڍندي هو ڳائي رهيو هو ۽ تڏو لڳڻ ڪري سندس ڪشتو اونڌو ٿي ويو هو.

”مون تي الزام نہ هڻو - مون کي عاقبت ڪان نہ ڊيڄاريو!
”مون کي انعام ڏي مالڪ - جو آئون اڪيلو آهيان-
”مون تي الزام نہ هڻو - مون کي قيامت ڪان نہ ڊيڄاريو.“

لوهر زور زور سان ڪلي رهيو هو: "ياءُ! ڪير تو توتي الزام هڻي پر تنهنجو انعام اهو ٿيو جو توکان ڪشتي واري پُونجي ڇڏائجي وئي. صدام! جيڪڏهن تون واندو ويٺو آهين ته هن جي مدد ڪر هن جو ڪشڪول سڌو ڪر. ڪيس ڪاٺ لاءِ ماني آڻي ڏي."

سندس زال جيڪا دروازي ويجهو ڏيڏيءَوٽ پنهنجو مُنڌل سُٽ سُلجهائي رهي هئي ڏاڍي سختيءَ مان چيو: "لوهار تي ڪري توکي سخاوت زيب نه ٿي ڏئي دڪان ۾ ڦاٽڻ وارا اگ ئي ڀه ڀه وات آهن مٿان تنهنجو دوزخي پيٽ آهي ۽ هاڻ تون انهي انڌي تي پنهنجي نيڪ دليءَ جو اثر ويهاري رهيو آهين. صدام، ماني ڪٽڻ لاءِ اندر اچڻ جي ڪابه ضرورت ناهي- ٻڌو تو - جيڪڏهن ڪوبه گهر ڏانهن وڌيو ته مون کان بچڙو ڪوبه نه ٿيندو."

صدام ٻئي هٿ پنهنجي مٿي تي رکي چيو: "ڪشڪول واري کي ڪتان نه ڪتان کان ڪائي شيءِ ملي ويندي. خدا مٿس مهربان آهي." هن متر ڪو ڪٽي تپيل لوهه تي ڌڪ هڻڻ شروع ڪيا.

فقير اڳتي نڪري ويو. گهٽيءَ ۾ ڪتا ڀونڪيا، ٻارن جون رڙيون ٿيون ۽ پوءِ ماٺ ٿي وئي.

حُسين جهنگ ۾ پنهنجي عبادتگاهه جي هڪ ڪنڊ ۾ سجده ريز ٿي چيو:

"منهنجا پروردگار! آئون اڪيلو آهيان. اي منهنجا مالڪ! آئون اڪيلو آهيان. مون کي اُهو عطا ٿئي جنهن سان اڪيلائيءَ جي وحشت ختم ٿئي. مون کي پنهنجي محبت جي پرندڙ ٻاهه ۾ وگهڙڻ جو حوصلو ته ڏي. ها، منهنجا خالق! مون کي انعام ڏي جو آئون اڪيلو آهيان."

۽ پوءِ اُن خاموشيءَ ۾ جنهن ۾ پنن جي ڪڙڪڙ، هوا جي هوڏ ۽ تارين جي ٽٽڻ، پکين جون ٻوليون، خوشبو ۽ پاڇا هئا. هن ڪانئس ڪجهه پرتي ڪنهن جهنگلي جانور جو آواز محسوس ڪيو. پوءِ سُڪل پنن تي پيرن جي هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ هڪ رِڇ زمين تي پڪڙيل وَلين ۽ مٽيءَ ۾ پنهنجون ناسون هڻي اوسي پاسي سونگهيو ۽ سندس عبادتگاهه طرف آيو. ٻاهر ويٺو رهيو. ڄڻ منتظر هجي. پوءِ سندس اڪيلائيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ سندس انهيءَ پاڻ - پڌاءُ جي جواب ۾ ته مالڪ آئون اڪيلو آهيان. جهنگ جا پکي پکڻ هوا ۽ زمين جي پاتار جي ٻي مخلوق اُتي گڏ ٿيڻ شروع ٿي وئي.

حسين سجيدي منجهان ڪنڌ مٿي ڪنيو ته هو کِليو. سندس اڪيلائيءَ جي وحشت پري ڪرڻ جي لاءِ اها عطا هئي- ۽ هُو اڪيلو نه هو.

ڪيس گُهرڻ، سوال ڪرڻ جو سليقو به نه هو-

حضرت عمرو بن عثمان مڪيءَ جي درس ۾ جڏهن هو شريڪ ٿيندو هو ته ڪيس هدايت ٿيندي هئي-

"حق تعاليٰ ڏانهن ڪامل ڌيان ڏي.

"سچ سان رغبت رک، نفس کي روحاني ولايت ڏانهن رجوع ڪر.
'نفس کي خراب صفتن کان پاڪ ڪر.
"من کي اجاين جسماني سڌن کان بچاءِ.
"ان کي عمدين صفتن سان ڳنڍ، ڇاڪاڻ ته اِهي سڀ ڳالهيون اندر کي روشن ڪنديون آهن. نفس جنهن قدر وس ۾ سگهارو هوندو، ڪيس ظلمت ۽ اوندهه کان بچاءَ جي اوتري ئي قدرت حاصل ٿيندي. نفس انهن ارواحن منجهان فيضياب ٿيندو ۽ ان کي ڪامل مشاهدو حاصل ٿيندو. پوءِ جڏهن فيض جو حڪم ڪائنس منهن مٽائيندو تڏهن هو عالمِ شقاحت ڏانهن پنهنجي سموري علم سان گڏ وَرندو آهي.

خبر ناهي هُن شرع خلاف ڪهڙا ڪم ڪيا هئا جو سندس حجاب وڌي رهيا هئا. سندس چوڌس ظلمت هئي ۽ خواب ۾ ڪيس اَڌنگيون صورتون نظر اينديون هيون. پريشان خواب جن ۾ اغول جو سراپا ۽ روئندڙ زينب جي صورتن ڏيکاريون ٿي ڏنيون. اهي خوفناڪ معاملا هئا ۽ سمورا معاملا هن جي ظاهري حالت جا نتيجا هئا. شيطان اهي سچيون ۽ ڪوڙيون ڳالهيون ملائي سندس چوڌاري هڪ چار پڪيڙي ڇڏيو هو. هُو ڪهڙي طرف وڃي- ڇا ڪري- اهي سڀ سندس فيضاني راهن تي ڪڙا هئا، انهن اٽانڪائين کان بچڻ جو ڪو به رستو نه هو.

قرآن ۽ حديث جيڪي خدا جي رسول محمد ﷺ جي ڪامل سيرت جي خبر ڏيندا هئا. ڇا سندس نصيب جي هر وک روزِ اوّل کان اِها هئي جو هو قرآن ۽ حديث منجهان به فيض حاصل نه ڪري سگهندو.

"فهم ۽ ادراڪ گڏجي به ڪڏهن اُن اصل تائين پهچي نٿا سگهن
"ڪامل فڪر جو ادراڪ به اصل ناهي هوندو. اصل تائين پهچي ناهي سگهندو.
"اصل جو ادراڪ ڏکيو آهي ان ڪري اصل جي اصل تائين رسائي ڪيئن ٿئي؟!
الله اصل کان آجو آهي ۽ ان اصل ۾ خدا شامل ناهي.
ڇو ته هو هر اصل جي اصل کان آجو آهي.

هُو مڪي معظم ۾ هڪ وڃايل انسان جيان ڀٽڪندو وتندو هو، ابنِ عطا ڪيس چيو ٿي-

"تنهنجي جسارت تي مون کي حيرت ٿيندي آهي. تون ڇو ايڏي شديد طلب ڪندو آهين- ماورا جو به ماورا ۽ انڪان به آڳاهون! پنهنجو پاڻ سنڀال نه ته ڪفر جي الزام کان بچي نه سگهندين-"

"بچڻ ڪير ٿو چاهي. آئون ته هن ڪنڌ کي جيڪو ڪلهن جو بار آهي بي سبب ئي ڪنيو وتان،" حُسين چيو.

شديد، ڀرپور، مدهوش ۽ خوابناڪ آواز ابن عطا کي ڊوڙي وڏو هو. ڏکندي هن چيو هو:

"جيڪڏهن توکي اها سعادت نصيب ٿي آهي ته شوق جي سجدي ۾ تنهنجو وجود ڳهلي وڃڻ گهربو هو. تون اڃا نامڪمل آهين. سائل ٿي ڪري به نه ڄاڻ چو شانِ بي نيازيءَ مان ائين تو ڳالهائين ڄڻ احسان تو ڪرين- تنهنجو سوال پورو ڪير ڪندو-"

"جيڪڏهن ان "ڪير" کي ماڻي سگهان ته سوال به ڪريان" حسين پنهنجي گوڏڙي ويڙهيندي چيو، جنهن ۾ هڪ وڏي جون سُري رهي هئي. هڏين تي تاٽيل ذري گهٽ سڪل چمڙي ۽ بي پناهه تابناڪ اکيون جيڪي ابنِ عطا جي اندر جي اونهائين تائين ڏسي رهيون هيون.

"آئون زوال جي حالت ۾ آهيان. هي نفس مون کي گناهه ڏانهن ڇڪي وڃي ٿو. آئون نفس کي مارڻ، تفرقي ۽ فاصلي کي ختم ڪرڻ ۽ رجوع الله ۾ رهڻ چاهيان ٿو پر منهنجو نفس موٽيو اچي ۽ آئون ان افعال ۽ اخلاق جي آرائشن کان پري ٿو ڀڄان. فرار آهي مون کي رات سڀ ماسوا کان-"

ابنِ عطا ڪلي حسين ڏانهن ڏٺو.

"اها حالت ڀرپورءَ حالت کان عمدي آهي ۽ تو ۾ فرشتن جون صفتون پيدا ٿي رهيون آهن ايسيتائين جو تون متجي وڃين، فنا ٿي وڃين ۽ الهامن جو سلسلو تنهنجي نفس کي مطمئن ڪري ڇڏي، تنهنجي دل ٻاجهاري ۽ تنهنجو قلب سليم ٿي وڃي ۽ پوءِ قلب سليم نفس حق ٿي پوي-" ابن عطا آهستي آهستي سمجهائڻ واري انداز ۾ چيو.

"ها، اهي بنيادي ڳالهيون مون کي سمجهايو ته جيئن آئون بار بار اُن ئي مقام تي رهان جتان ڪان هليو هئس. وِڪ وِڪ، قدم قدم نه تجلي نه اشارو - هيءَ ته صحرا ۾ پيادي هلڻ، واريءَ ۾ پُورجڻ، پنهنجو پاڻ کي ڏيڻ مان ڪڍڻ ۽ وري پورجي وڃڻ، دفن ٿي وڃڻ برابر آهي. ڪائي سواري ناهي. ڪوئي تيز گام ڪرهو، جو ڇني سگهان:

'اي اونار! آهستڙي هل جو منهنجي پاسراٽين ۾ آڳ آهي.'"

اجيال اڪبر ۾ يمن جي سراه قوم جا قافلا لٿا هئا. اُن تي پاڪڙا ۽ ڪجاوا، ميريون چادرون، ڊگهيون ٽوپيون پاتل ۽ ماٽريءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن سڀ جڳهون انهن سان ڀريل هيون. اناج ۽ ڪجين، انگور ۽ بادامن سان سٽيل اُٺ مڪي جي بازارن ۾ سندن اچڻ سان هر شيءِ سستي ٿي وئي هئي ۽ خوشيءَ جي هڪ لهر هر طرف رقص ڪري رهي هئي. جبل ابو قيس سان ملندڙ رستي تي به سندن آوازن جي پڙاڏي جي پُهچ هئي ۽ حسين کي پنهنجن مراقبن ۾ هوا سان گڏ گهٽو ڪري اهو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. رجب جون هي حرمت واريون راتيون عمري ڪرڻ وارن جي جوش ۽ سرگرم جذبن سان ائين ڪنان تار هيون، جيئن مٽي کير سان ڀريل پيالو- پاڪائيءَ ۽ بزرگيءَ، ذڪر ۽ سوز سان ڀرپور ٻڌڻ وارن جي رڳن ۾

سياندڙيون پيدا ڪرڻ وارا آواز - هي ماڻهو دعا پڙهندا هئا. سندن شوق جي بيتابي ۽ بيت المڪرم لاءِ سندن محبت رنگين داستان وانگر خوابناڪ ۽ ڪليل زخم وانگر تڙپائي وجهڻ واري هئي. عام زندگيءَ ۾ اهي ماڻهو نماز پڙهڻ نہ ڄاڻندا هئا. سجدي منجهان ڪنڌ مٿي ڪٽي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي تي ورتائون. ڳالهيون ڪندي وري نماز پڙهڻ تي لڳا پر دعا ۾ سندن وجود وڳهري، سندن اکين منجهان ڳوڙها ٻٽجي، روان ٿيڻ لڳا ٿي. سندن نياز، اُها عاجزي اُها خاڪساري، اُها آه زاري هر ڪنهن کي نصيب نہ هئي. جڏهن هنن دعا تي پڙهي تہ ماڻهن هٿ کڻي 'آمين' تي چيو. ڪعبه جي رب تعاليٰ سندن دعا کي تاثير بخشيو هو. هڪ طرف هي عربي هئا جيڪي ڪلندي ڪڏندي هن شوق جي ماتريءَ ۾ وارد ٿيا هئا ۽ پٿر پاٽي ڪرڻ جي طاقت سندن زبان ۾ هئي، ۽ هڪ طرف هي عجمي هو حسين، جيڪو پنهنجو پاڻ وِڳهارڻ گهرندو هو پر سندس وجود ئي سيني ڪان وڏو پٿر هو.

"اي پروردگار! هنن سين جو سمورو سوز مون کي عطا ڪر! اي ربِ ڪعبه! مون کي انهن جي زبانن جو تاثير عطا ڪر."

۽ اُن ماتريءَ ۾ چنڊ جي تيز روشنيءَ ۾ چانڊوڪي جيڪا نور بنجي وسي رهي هئي. انهن جي اُٿن جي وچ منجهان هلندي حسين پنهنجي پاڇي کي ڏٺو.

"آئون ئي اها ظلمت آهيان، غلاظت، جيڪا ڪنهن بہ تجليءَ سان روشن نٿي ٿي سگهي."

هو زور زور سان کلڻ لڳو. چڻ ديوانو ٿي ويو هجي. ۽ هاڻ حضرت جُنيد بغداديءَ جي ڳالهہ سندس سمجهہ ۾ اچي رهي هئي. هو اڄ تائين شعبدي بازيءَ ۾ لڳو رهيو هو. اهي عمل جيڪي ٿورڙين ڪوششن سان ماڻهن کي نصيب ٿي ويندا هئا- پٿين جي پار ڏسي وٺڻ، هوا منجهان شيون حاضر ڪرڻ، پين جي دلين جون ڳالهيون ٻڌائي وجهڻ، تاثير پريون دعائون، بيمارين ڪان شفا لاءِ هٿ کڻڻ ۽ بيماري ختم ڪري ڇڏڻ - ماڻهوءَ جي اندر بي پناهہ ڳجهيون طاقتون هيون هي عمل تہ ڪجهہ بہ نہ هئا... جيتوڻيڪ اها رحمت خدا وندي ساڻس هئي پر هُو انهن رحمتن جي فڪر ۾ نہ هو. ڪيس اُها ڪاپي نگاهہ گُهربي هئي. هُو تہ ڪجهہ بہ نہ گهرندو هو. ڪنهن شيءِ جو طالب نہ هو- سواءِ اُن نگاهہ جي.

حسين اُن نگاهہ جي ڳولا ۾ هو. هن لاءِ ڏينهن جي تپش بس اُن هڪ نگاهہ لاءِ هئي. پر خدا جي مرضي ڇا هئي- خبر ناهي هُو ڏانهس ڪڏهن نظر ڪندو بہ يا نہ.

ماڻهو باب المعليٰ تان لهي عمري لاءِ وڃي رهيا هئا. خوش پُرشوق ۽ دلين ۾ دعائون ڪنيو، چپن تي دعائون ورجائيندي، ورد ڪندي، دعا لاءِ هٿ ڪڇيل، مڪي جو امير پنهنجي فوج سان گڏ اڳهاڙين ترارن جي پهري ۾ مڏم ۽ تيز تماشن ۽ نقارن سان گڏ - اوسي پاسي جا جبل تماشي ڏسڻ وارن سان پيريل هئا. مسجد عائشه رضہ تائين مٿن ڪان سواءِ ڪجهہ نظر نٿي آيو. ماڻهو ديوانہ وار طواف ڪري رهيا هئا. سرد هوا ۾ تيزي هئي ۽ ڪڪرن سان پيريل آسمان تي سج جي روشني اَچاڻ بنجي، انهن پردن تي عڪس ڇڏي رهي هئي.

خدا جو گهر پردن ۽ غلافن سان ڍڪيل- ڇا صرف سِرن ۽ پٿرن جو گهر هو، جنهن جي چوڌاري ماڻهو ائين ڦرندا هئا جيئن لاٽ چوڌار پتنگا. جانثار ڪرڻ وارا، فدا ٿيڻ وارا، انجي هڪ جهلڪ لاءِ ڏورانهين ڪان سفر ڪري آيا هئا. راهه جون اٽانگايون ۽ سفر جون صعوبتون برداشت ڪندا هئا. هن سر زمين جي مٽيءَ ۾ به شفا هئي. بيمار جانيون، وڪوڙيل روح، صحت ۽ خوشيءَ سان همڪنار ٿيندا هئا- هيءُ گهر جيڪو حجر اسود جي طرف کان ظاهر آهي، هيءُ پراسرار ٽنپ قطب آهي ۽ روح القدس هن گهر جي جان، روح محمدي ﷺ ۽ بيون سڀ جانيون جيڪي سندس چوڌاري چڪر ڪاٽينديون آهن. دراصل فدا ٿيڻ واريون آهن جو چڻ ته سندس پاڇي هيٺ پنهنجي ازلي وجود سان ملاقي هجن. سڀ نگاهون ۽ مظهر خدا جي اُن گهر جي پاڇي هيٺ آشڪار ٿين. هي روحاني تجربو جنهن ۾ ماڻهو پنهنجين بي تابين ڪي وساري سڪون ۽ ٻاجهائتيءَ دل سان بيتِ معمور ۾ داخل ٿيندو آهي. سموري علم سان گڏ جيڪو اول ۽ آخر آهي- ظاهر ۽ باطن آهي- جيڪو خدا آهي - ڪائنات جي دل آهي. دلين جو قبلو- ۽ دلين جي قبلي جي چوڌار طواف ٿيندو آهي. ماڻهو ڳولا ڪندو آهي ۽ هي طواف اُها ڳولا آهي راز جي حرف جي ڳولا. پر ڳولا ڪرڻ وارو پاڻ ته ائين اڪيلو ناهي هوندو.

جبل ابوالقيس جي ان ماڙيءَ ۾ لهي، جڏهن حسين ڏاچين جي قطار ڪي ڏٺو خيمن جي سامهون مچ ٻرندي ڏٺا، آڳ جا شعلا ڏٺا، روشني ڏٺي ۽ سندس دل گهريو ته هُو اُن آڳ جي اصل- پنهنجي اصل- پنهنجي دل ۾ ٻرندڙ ڳجهيءَ باهه تي به اطلاع ماڻي، جيئن زندگيءَ جي دل ۾ رهندڙ هي ساده دل ماڻهو جيڪي ڪنهن پريشانيءَ ۾ مبتلا نه هُئا ۽ آسمان جي ڪليل اکين هيٺ شايد نيڪ پنهنجي خدا جي نظر ۾ هئا- اُن حقيقي محبوب جي نگاهه ۾، بلڪل اُنهن جِيئن معصوم ڇاڻو، هر ڪثيف ڇاڻ ڪان آجا، سراپائي معرفت.

بيت ڪعبة الله روشنين سان منور هو- ماڻهو طواف ڪندي حجرِ اسود کي چُمندي ڪعبي جي غلاف کي جهلي آه زاري ۽ دعائن ۾ مشغول هيا. حسين قبه زمزم جي ويجهو بيٺو هو ۽ منتظر هو ته ڪڏهن سندس وارو اچي ۽ شعبان جي هن پلاريءَ رات ۾ جڏهن زم زم جو پاڻي وڏي ويندو آهي هُو به اُچ اُجهائي، جو ڪنهن پويان ڪان سندس پلئه ڇڪيو...

حسين پويان مڙي ڏٺو. هيءَ هڪ ٻانهي هئي. منهن چادر ۾ لڪائي، خوشبو سان معطر ۽ سندس لباس مان جيڪو حصو ظاهر هو اُهو ڏاڍو عمدو هو. اهڙي ريشم سان اُٽيل جيڪو بغداد جي پاڙي عتابيه ۾ ئي اُٽبو هو. ڪيس پنهنجو پيءُ منصور ياد آيو. زينب، حَسن ۽ محمّي سموري ماضيءَ وِچ جيان وراڪو ڏٺو.

"ابن منصور! هڪ بيمار لاءِ دعا جي حاجت آهي. آئون سمورو ڏينهن تنهنجي ڳولا ۾ رهي آهيان."

حسين مڙي ڏٺو، جيئن ته شڪل ظاهر نه هئي، هُو ڪيس سڃاڻي نه سگهيو. هن جواب به نه ڏنو.

ٻانهيءَ وري چيو، "بيمار سڪرات ۾ آهي."

"هي خانهء خدا آهي. ڪيس زم زم پياريو." حسين جواب ڏنو.

"هو ڪجھ به ڳھي يا پي نٿو سگھي، سندس وات بند آهي. هڪ ڦڙو پيارڻ به ناممڪن آهي." ٻانهيءَ چيو.

ماڻهن جي انبوهه منجهان جيڪو هن سياري جي سرد رات ۾ قبه زم زم جي چوڌاري جمع هو، هو ٻئي ٻاهر نڪتا.

"آئون طبيب ناهيان، پاڻ بيمار آهيان تون ڪنهن، ٻئي ڪي دعا لاءِ چئه." حسين ڪجھ ماٺ رهي وري چيو.

"اوهان مون سان گڏ هلو ته سهي." ٻانهي هاڻ تيزيءَ سان هلڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. هُوءَ ڊگهيون ڊگهيون وِکون کڻي رهي هئي ۽ ويجهُ ڪنڌ جھڪايو سندس پويان هو. باب السفل ڏانهن مڪي معظم جو جيڪو ڏاڪڻون دروازو آهي. هُو هڪ گهٽيءَ ۾ داخل ٿيا.

"هليا اچو-" مڙي ڏسڻ سواءِ ٻانهيءَ چيو ۽ هڪ وڏو دروازو کولي اونداهي ۾ داخل ٿي وئي. حسين پريشانحالي ۾ ٻاهر بيٺو رهيو ايسيتائين جو چڱي موچاري دير ٿي وئي. هن سوچيو هيءُ گمراهه ڪندڙ خواب جو هڪ حصو آهي ۽ هُو خواب جي حالت ۾ آهي. تان جو هڪ جهيڻي جهڪي روشني ۽ نهايت منڙي آواز سندس رهنمائي ڪئي. متي ڏسڻ سواءِ هُو ان ڪِرڻي پويان دروازو اُڪري ويو.

"ويهي رهه حسين!" ڏيئي جي لاٽ وانگي آواز جي وَر ۽ ماضيءَ جي ياد جي چمڪات ڪيس لُيائي وڌو.

هُو وچاڻن جي ويهڪ تي اوڪڙون ويٺو رهيو.

"بيمار ڪٿي آهي؟" حسين سوال ڪيو.

"آئون آهيان."

ويجهُ آواز جي رُخ ڏانهن ڏٺو. سونهري ڪاڪُلَ ڪرڻن جيان سندس مُک کي گهيريو ويٺا هئا- رڳو هنج ۾ ڪتو نه هو ۽ مُنهن هنج ۾ هنيل نه هو- اکيون خشڪ هيون-

حسين بيقراريءَ وچان اُٿي بيهي رهيو ۽ پوءِ دروازي ڏانهن وڌيو.

"تون ٿي دين دار ۽ نيڪ ناهين، پنهنجين کھڙين قوتن تي توکي ايڏو ناز آهي- ويهي رهو."

سِحر زده هُو مڙيو ۽ ويهڻ جي جاءِ تي ذري گهٽ اهلجي پيو.

"ڇا آئون توکي ياد آهيان حسين-"

ڪنڌ جي اشاري سان حسين جواب ڏنو.

"ابن منصور، حيرت آهي نه- اسان ڪڏهن نه ملياسون- ذري گهٽ نه. ان باوجود تنهنجي زندگي هڪ مسلسل ۽ بدلجندڙ تصوير وانگر هر لحظي، هر ساعت منهنجين اکين آڏو رهي هئي. جيئن هوا تي ڪوئي مصور رنگن سان نقش اُجاگر ڪندو وڃي- ۽ اها طاقت مون کي تنهنجي نالي ڏني هئي. تنهنجي شخصيت، تنهنجن خيالن، هيءَ جِلا تنهنجي ان وعدي بخشي، جڏهن اُن حوض جي ڪناري رات جي پوئين پهر چانڊوڪيءَ ۾، تو مون سان واعدو ڪيو هو. نه، آئون پُلجي رهي آهيان- مون توکان واعدو ورتو هو، التجا ڪئي هئي ته مون کي وساريندين نه. آئون جيڪي ڪجهه به آهيان تنهنجي ڪري آهيان. تون منهنجو مسيحا آهين ۽ تنهنجو دَمُ، دَمِ عيسيٰ آهي."

هُو حيران سندس ڳالهيون ٻڌي رهيو هو، هو ڄڻڪ خواب ۾ هو.

"ڇا تون منهنجيون ڳالهيون ٻڌي رهيو آهين. زمانن کان تون مون سان ناهين مليو- اسان جي ملاقات ذري گهٽ ڪڏهن ناهي ٿي ۽ هاڻ جڏهن ته منهنجو آخري وقت آهي، آئون اهو سڀ توکي ٻڌائڻ گهران ٿي ته جيئن تون سمجهي سگهين ته جيسيتائين سڀ اهو ڪجهه مشيت نه هجي ڪائي رياضت ڪيڏانهن وني وڃي نٿي سگهي. مشقتون ڪنهن ڪم نه ٿيون اچن. خدا کان ٻاجهه گهُر حسين ۽ سندس نگاهِ ڪرم جي تڙپ - ماڻهو جن پردن پويان ڏسڻ گهرندو آهي اُهي هٽي به وڃن ته به نگاهه حجاب بڻجي وچ ۾ اچي ويندي آهي- آءٌ هڪ ڪمزور زال آهيان ۽ تنهنجي دين تي به ناهيان. منهنجيون ڳالهيون اهم ناهن پر انهن تي غور ڪجان، زندگيءَ ۽ موت ۾ ڪو اهڙو خاص فاصلو ناهي هوندو."

هو ساهه پٽڻ لاءِ ماٺ ٿي ته حسين اوسي پاسي ڏٺو. هنن ٻن کان سواءِ اتي ٻيو ڪير نه هو. سنهڙا ريشمي پردا ساڪت هئا. هوا چُپ هئي ۽ دنيا آوازن کان خالي هئي، ڄڻ بس اِهي ئي به نفس باقي رهيا هجن.

"حُسين! تون انهيءَ ڳالهه تي به شاهد رهجان ته آئون ابنِ مريم کي خدا جو پٽ نٿي سمجهان- هو حضرت جبرئيل جي دم سان پيدا ٿيا هئا ۽ جيئن ته حضرت مريم تي بشري صورت ۾ ظاهر ٿيا هئا انهيءَ ڪري حضرت عيسيٰ ۾ مئل جيارڻ ۽ بيمار کي شفاياب ڪرڻ جي جيڪا قوت هئي سا حضرت جبرئيل سببان هئي. سندن مُردن کي جيئرو ڪرڻ جو فعل الله جي طرف کان هو ڇاڪاڻ ته اها صفت فقط ۽ فقط ذات خداونديءَ جي صفت آهي ۽ جيڪي ماڻهو اِهو ٿا سمجهن ته خدا منجهن سمائجي ويو آهي اُهي گمراهه آهن."

"اغول." حسين گهبرائجي چيو ۽ اُٿي ڪٽڙو تي ويهي رهيو.

"حُسين! هي منهنجون آخري گهڙيون آهن. ايماني حوالي سان آئون هڪ نسطوري عورت آهيان پر منهنجو عقيدو سڀن کان مختلف آهي. هاڻي هن گهڙيءَ جڏهن زندگيءَ

جون روشنيون ختم ٿي رهيون آهن مون هميشه تنهنجين قوتن کي به خدا جي عطا سمجهيو آهي ۽ تنهنجي نفس کي نفسِ مسيحا جيتوڻيڪ هو روح الله هئا ۽ اهو به ياد رک مون جنهن گهڙيءَ کان توکي ڏٺو هو تو سان محبت ڪئي آهي. اوتري ئي جيتري مون کي پنهنجو پاڻ سان آهي. محبت ڏاڍي مهربان ٿيندي آهي، نگهبان فرشتي وانگر- اُن اسان ٻنهي جي حفاظت ڪئي آهي، اسان کي ڀٽڪڻ کان بچايو آهي - محبت ڪائنات جي دل آهي حسين- خدا جي رحمت- ۽ آئون هن آخري گهڙيءَ ۾ نهايت سُڪون محسوس ڪري رهي آهيان ۽ منهنجي خواهش آهي ته تون خدا جي محبت ۾ هلاڪيون نه ڪڻ - ڪيس مجبور نه ڪر - مشيت ۾ جيڪي آهي سوئي ٿيندو. بس نگاهه لاءِ، دل کي پاڪ رک، ۽ اُميدوار رهه.“

پوءِ هُوءَ ليٽي پئي ڄڻ ٿڪجي پئي هجي- هن اکيون بند ڪري ڇڏيون.

ٻانهيءَ اندر جهاتي پاتي- سَهڻ جهڙيءَ سرد هوا جو جهوتو پردن کي ڏوڪيندو اندر آيو.

ڏيئي جي لاٽ ڪنبي ۽ پوءِ وسامي وئي-

حسين ان اونداهي ۾ سوچيو.

'اغول جي لاءِ سڀ ڪجهه ايڏو سؤلو ڇو هو- محبت ڪرڻ- دل جي ڳالهه ڪرڻ- برداشت ڪرڻ- جيئرو رهڻ ۽ مُنجهيل ڳالهين کي سمجهڻ!'

خبر ناهي هُن اها طاقت ڪٿان حاصل ڪري ورتي هئي، جو ڪيس سندس سڄي زندگيءَ جي هڪ هڪ ساعت جو علم هو. اهو علم هن ڪٿان سکيو هو. هُوءَ ڇو اهڙي ٿاهي وئي هئي، ۽ ڇو سندس راهن تان گذرندي ٿي رهي- انهن ٻن ذرن جيان هڪ هڪ، رَتيءَ جي رهاڻ منجهان ڇا ماڻيو هو-

۽ آخر ۾ هُن ڪيس ڇو سڏايو هو. ساڻس ملڻ جي خواهشمند ڇو هئي جيتوڻيڪ جڏهن ته هُو بغداد ۾ هو ته هُن خاطريءَ سان اِهو ڄاڻندي به ساڻس ملڻ جي ڪڏهن ڪا ڪوشش ڇو نه ڪئي- هُوءَ باب السفل جي اُن گهٽي ۾ اُن نهايت خوشنما گهر ۾ ڇو هئي. حُسين کي ائين لڳو ڄڻ عرش ۽ فرش سندس خلاف ٿي ويا هجن. چنڊ تارا ٽٽي پيا هجن. ڪائنات وکري وئي هجي ۽ هن مردِ واحد جي، هُن جي ڪائنات برباد ٿي وئي هجي-

جبل ابوالقيس تي هو نهايت وياڪل، حيران اُس ۽ ڇانو، سرديءَ ۽ گرميءَ کان بي پرواهه ۽ رات ۽ ڏينهن جي فرق کان بي نياز وينو هو- ماڻهن ڪيس ديوانو ٿي سمجهيو. حال جي ڪشش کان عاجز. جڏهن شام رات ۾ لهڻ ٿي لڳي ۽ نيري ڏڙاٽيل هوا پهاڙن کان هيٺ ماتريءَ ۾ ڏيئن جي لاٽن کي لوڏيو ٿي ته اُن ديواني جو پاڇو ڏنڌلو ٿي ويو ٿي. شعبان گذرڻ بعد رمضان المبارڪ جي ذڪر ۽ فڪر سان آباد راتيون جهنگلن، ماترين، آبادين ۽ ويرانن تي لٿيون هيون ۽ پيالي نما هيٺاهينءَ ۾ ڪعبة الله جا ديوانا طواف ۾ پروانن وانگيان چوڌار ڦرندا هئا. هُو حجرِ اسود کي چمڻ لاءِ ڪعبي جي اسرار کي ڄاڻڻ لاءِ سرگردان ٿي رهيا.

سَمنونَ مُحبَ جڏهن حسين کي سڏيو تہ هن پنهنجي جسم سان ڇُهي لنگهندڙ هوا مان هڪ عجيب سياٽو محسوس ڪيو. هيءَ سڏ چٽڪ هڪ ڇهبڪ هو جيڪو ڪيس جاڳائي رهيو هو. هڪ ڌتڪو هو جيڪو اڻ ڏٺيون طاقتون سندس چوڌاري لهرائي رهيون هيون.

”ابن منصور! ڇا جبل ابوالقيس جو حصو بڻجڻ جو ارادو اٿئي-“ هن چيو.

حسين ڪنڌ ڌوڻيو. اکيون ملِيون ۽ حيرت مان ڪين ڏٺو.

”ڇا مون کي بہ نہ ٿو سڃاڻين - ڏس.“ هنن وري آهستگي سان چيو، ”اها قطعي گستاخي آهي ’بي ادبي‘ تہ تون حرمِ ڪعبہ جي سامهون محض انڪري بيٺو رهين جو هڪ نسطوري عورت جي محبت توکان بازي کڻي وئي-“

حسين ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ڇا هُو ملامتزده ٿي ويو هو-

”تون محبت جي طاقت کان واقف ناهين حسين! تون هر جذبي کي فقط پنهنجوئي ٿو سمجهين، آهي نہ!“ انهن شفقت منجهان ڪيس ڏٺو.

منصور هڪ ٿڌو ساهہ ڀريو ۽ ماٺ رهيو.

”هيءَ سڀ خدا جي عطا آهي ۽ ڪنهن تي راهون بند ناهن. تنهنجي خيال ۾ فقط گودڙي پوش ئي خدا سان محبت ڪري سگهن ٿا. رڳو پنهنجو پاڻ کي ملامتن جو نشانو بنائڻ ئي محبت ڪرڻ جو طريقو آهي. آهہ زاري ۽ پنهنجو پاڻ مارڻ سان ئي هي جذبو سڪون ماڻيندو آهي. تون پنهنجو پاڻ ۾ مُنڌل آهين، سمجهين ڇو نٿو-“

حسين محسوس ڪيو تہ محبت جي هن درس کي سندس چوڌار جبل ۽ انهن تي موجود مٽي، پاڇن ۽ ماترين ۾ پاڇن ۽ جهنگلن ۾ گاهہ، وڻن ٻوٽن، پاڻيءَ جي چشمن ۽ پيالي جيان اونڌي ٿيل وسيع آسمان سين ٻڌو. هوا، وجد ۾ ايندي، جهومندي، نيري دونهاٽيل دونهاٽيل تحرڪ وانگر آسمان جي ري ٿُوٽيءَ دنيا تي پاڇا ڪندي، هن آواز تي ڪن ڌريو ويٺي آهي. فرشتا ۽ مقربين الاهي بارگاهہ ۾ همہ تن گوش آهن- ڪعبي جي حرم ۽ مڪي جون گهٽيون، دروازا ۽ رستا، ماڻهن جو زبردست انبوهہ ۽ سواريءَ جا جانور سڀ چپ چاپ سَمنونَ مُحبَ جي اُن محبت جي درس کي جيڪو هو نهايت مٺي لهجي ۽ نرم آواز ۾ فقط حسين کي ڏئي رهيا آهن، ٻڌي رهيا آهن.

”حسين هيءَ عرش ۽ زندگيءَ جو راز آهي، ڇا انهيءَ جي بوجهہ کي برداشت ڪري سگهين ٿو-“

جڏهن هو چپ رهيو تہ هنن وري چيو:

”هي نفسِ حيات آهي، جنهن شيءِ تي بہ ڦوڪيندين جاڳي اُٿندي. هي نفسِ جبريل آهي. سامريءَ هڪ خاڪ جي مٺ سان ڳئون جي ٻچي کي بہ ٻوڇڻ جي قابل بنائي ڇڏيو هو ۽ تون اڃا تائين پريشان آهين تہ ان نسطوري عورت ڇو ۽ ڪيئن انهيءَ مامر کي ماٺي ورتو-

حسين! اها سعادت فقط خدا جي عطا آهي. عطا، هو جنهن کي چاهي ڏيندو آهي.“
”سڀ شيون روشن آهن رڳي منهنجي دل اُجهاٽل آهي.“ حسين چيو.
”پنهنجو پاڻ کي ٻار، روشن ڪر!“ سَمنونَ مُحبَ سندس ڪلهي کي ٿپڪيو.
”پرندڙ ٻاهه کان بچڻ لاءِ مون اِهي راهون اختيار ڪيون. مون اِهو نٿي گهريو ته ٻاهه ۾ ئي رهان. آئون مجوسيت کان متاهون ۽ الڳ آهيان.“ حسين ٽورو ٽڪي توري، لفظ ڳولي، هڪ هڪ ڪري، پنهنجو مطلب ادا ڪيو.
”هڪ مقام تي جدائي ۽ محبت جو مطلب هڪ ٿي ويندو آهي- سوز ۽ محبت جو مطلب هڪ هوندو آهي- فنا ۽ بقا جو رستو هڪ آهي- خود فنا ۽ بقا هڪ ئي آهن-“
حسين ۽ سَمنونُ طواف ڪرڻ وارن ۾ شامل ٿي ويا. حطيم ۽ ملتزم مقامِ ابراهيم تي روشنيون ئي روشنيون هيون ۽ بيت الله جي چوڌاري ماڻهن جو انبوهه هو. آه زاري ڪندي، بخشش جي دعا گهرندي ماڻهو ڪعبي جي غلاف کي چنبڙيا ٿي، ڄڻ ڪين اَجهلتا سان پنهنجو وجود اُنهيءَ گهڙيءَ خدا جي حوالي ڪرڻو هجي.
حسين جي دل چيو ٿي:

”هي دروازو اُن مقام ڏانهن وٺي وڃي ٿو جتي سچ آهي-
پر اوهان اُن سچائيءَ تائين هڪدم نه پهچي سگهندؤ چو ته هاڻ اوهين خود بند دروازا آهيو!
ٿيون بند دروازو ڳولڻ وارو جيڪو سچائيءَ جي رڻ ۾ سچ جي اصل کان ڀٽڪي ويو آهي.
۽ جيڪو سچائيءَ جي دائري ۾ سمائجي سگهيو ڪيڏانهن ويندو؟
چو ته دائري کان ٻاهر ڪير وڃي سگهي ٿو!
دائري ۾ چڏيل نشان سندس تمنائون آهن، سندس تڙپ جا نشان ۽ اُن کان پري،
ٻيو نشان جيڪو سندس قدمن ۾ آهي، نوڙتَ سان ڏانهس وڃڻ جو مقام آهي.
۽ وچ ۾ ان جي حيرانگي سندس حيرت آهي.
دائرن ۾ گهمندي اندروني دائري ۾ داخل ٿيڻ جو ڪوبه دروازو ناهي
۽ سچ اُن دائري جو نقطو آهي
سچ جو مطلب آهي ته ظاهر ۽ باطن ٻئي اُن کان ٻاهر ناهن.
۽ هتي ڪابه صورتگري ممڪن ناهي.
۽ هي سندس ظاهري ڏيکاءُ آهي جنهن اسان کي حقيقت تائين پهچڻ نه ڏنو-
۽ خوف جنهن اسان کي جدا رکيو
۽ حيرت
اهي سچ جا مطلب آهن-
هي پهرين دائري جي ابتدا جو نشان آهي!

۽ رتبن جي تربيت
عقل جون نارسائيون،
جيڪي فهم ۽ تخيل کان ٻاهر آهن
چو ته مشاهدو ڪرڻ وارو دائري جو ٻاهر کان نظارو ڪندو آهي اندر کان نه.
۽ سچ جي علم لاءِ جيڪو علم گهرجي سو اُن کان اڻواقف آهي.
علم مقام جو ڳولائو آهي ۽ دائري ۾ ڪو مقام ناهي، هي حرم آهي.
۽ رسولِ خدا ﷺ کي حرم چيو ويو.
چو ته فقط اُهي ئي اُن دائري کان ٻاهر آيا.
پاڻ حيرت ۽ خوف ۾ گهيريل هئا.
سچ جي پوشاڪ پائي هو دائري کان ٻاهر آيا ۽ سموري مخلوق کي 'آه' ڪري مخاطب ٿيا."

سمنون محب چيو: "حسين اِها تنهنجي گهٽ سمجهه آهي، جو تون سچ جي ڳولا ۾ نڪرڻ گهرين ٿو. ڇا حرم پاڪ ۽ حرم جو وجود تو لاءِ ڪافي ناهن. ماڻهوءَ جي رسائي اوسيتائين نٿي ٿي سگهي، جيسيتائين تنهنجو گمان آهي."

حسين ۽ سمنون محب طواف ڪرڻ کان پوءِ دعائون پڙهندا صفا ۽ مروه ڏانهن وڃي رهيا هئا. هن نهايت حيران ٿي پنهنجي ساٿيءَ ڏانهن ڏٺو پر چيو ڪجهه نه.

سمنون وري چيو: ٻي در دائرن جي هن دائري مان سچ جو چوغو اوڍي صرف اُهي ٻاهر اچي سگهندا هئا."

"اوهين منهنجا خيال پڙهي وٺڻ تي قادر آهيو-" حسين چيو.

"نه. فقط پنهنجي شديد محبت سببان تنهنجي ڪيفيت ۽ لفظن ۾ پناهه وٺندڙ تنهنجي حق لاءِ ڳولا حيرت ۽ علم جي تڙپ ۽ تخيل جو پرواز ڄاڻي سگهيس."

حسين چپ چاپ صفا ۽ مروه ۾ ڊوڙندو رهيو.

"هُو جڏهن پسند ڪندو آهي ته بس پسند ڪري ڇڏيندو آهي ۽ هُو بي نياز آهي. هن غير آباد رڻ - پٽ ۾ هُن هڪ عورت ۽ هڪ ٻار کي موت کان بچائي ورتو ته جيئڻ زندگيءَ جون رونقون پنهنجا پلئه هتي پکيڙين ۽ هي گهر امن ۽ عافيت جو گهر آهي."

صفا ۽ مروه وچ ۾ ڊوڙ - ڊڪ بعد هُو وار لهرائي رهيا هئا. جڏهن سمنون محب حسين ڏانهن ڏاڍين گهرين نظرن سان ڏٺو ۽ پوءِ حطيم طرف هلڻ لڳا.

حطيم طواف ڪرڻ وارن کان خالي ڇو هو. حسين کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. پتنگن جيان ٻاهر ماڻهن جو مجموعو زور زور سان لبيڪ چوندو روشنين ۾ خدا جي گهر جي چوگرد نثار ٿي رهيو هو. مرڪندي سمنون محب ڏاڍيءَ عاجزيءَ سان حطيم ۾ داخل ٿيو ۽ هن حسين کي به اشارو ڪيو ته پويان اچي- طواف ڪرڻ وارا ڏاڍو پرتي رهجي ويا ۽ نگاهه جي حد تائين تائين حطيم ئي حطيم هو ۽ اُتي تسبيحون پڙهندڙ سجده ريز دعاڳو نهايت

روشن رُخ ماڻهن جو انبوهہ هو. سمنونَ حسين جو هٿ جهلي ورتو ۽ قطارن جي وچ منجهان رستو ٺاهيندي، هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو ويو، جڻ ڪنهن جي ڳولا ۾ هجي.

هو هلندا رهيا ايسيتائين جو حسين ٿڪجي پيو.

”خواجہ حسن بصريءَ سان مل حسين!“ هن ٻڌو - هو ۽ سمنونُ بہ ويهي رهيو. ايسيتائين جو خواجہ جا دعا لاءِ کڄيل هٿ کليا ۽ هن نهايت شفقت منجهان ڏانهس ڏٺو.

”حسين ادراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ عاجزي ڪرڻ ئي ادراڪ آهي.“ سندن آواز نهايت ميٺاج ڀريو، نرم ۽ چانديءَ جي نهايت سُريلين گهنڊڙين جي آوازن وانگر، سندس اندر ۾ لهي رهيو هو، ۽ سندس وجود ان ميٺاج کي جذب ڪري رهيو هو، سندس اکيون بہ ان نغمگيءَ کي ڏسي ٿي سگهيون.

هر طرف محبت جي روشني پکڙيل هئي.

”جڏهن تنهنجو سوال تنهنجي وقت جي حساب تي بيهندو تہ دعا قبول ٿيندي، پر ان ۾ تڪڙ هرگز نہ هئڻ گهرجي، حسين!“

حسين هڪ تجليءَ جي سوجهري ۾ اُجري رهيو هو. سندس چئني پاسي سڪون وسيع ماڻيڪي سمنڊ جي لهرن جيان پکڙجي رهيو هو. هڪ ٻيڙي جيڪا ڪک وانگر لهرن تي وهندي وڃي، اُن تي هُو وهندو وڃي رهيو هو ۽ لهرون اهڙا آئينا هيون جن ۾ حسين ئي حسين هو. ان جهد جي سامهون جيڪو آئينو مقابل هو ان ۾ هُو پيلا ڪتان اچي وارد ٿيو هو؟ هر آئيني ۾ هُو نظارو بہ پاڻ هو ۽ نظارگي پڻ- سندس وجود ئي اُت جڻ حائل هو-

هن نهايت لاچارگيءَ منجهان خواجہ جا پير چُميا.

سمنونَ محبَ چيو: ها بس اهوئي آهي- اهوئي آهي. تون عڪس ۾ هُن کي ڏسڻ گهرندين پر ڪڏهن ڏسي نہ سگهندين.“ هو کليو.

خواجہ محبت ڪندڙ وانگيان سمنونَ ڏانهن ڏٺو. حسين محسوس ڪيو ڄڻڪ هو سندس تائيد ڪرڻ گهرندا هجن.

حسين جو نفس روشنيءَ ڏانهن وڌيو. چند انهن چمڪندڙ شڪلين سامهون هڪ ڪمزور ۽ اُجهامڻ واري لاٽ لڳي رهيو هو ۽ اچن ڪَنَن وارا ڪارا ڪکر ڪيس پنهنجي گهيري ۾ وٺي رهيا هئا.

”پنهنجي نفس کي ان اعليٰ درجي جي ترقيءَ ۾ حيران ۽ پريشان نہ ڪر!“

”هن ڪاڪل چوڙي پنهنجي چوڦير وکيري ڇڏيا،
تہ جيئن ڏسڻ وارا ڪين واسينگ سمجهن ۽ ويجهو نہ اچن
خدا جو قسم مون کي انهن ڪارن ڪاڪلن جو ڀؤ ناهي
مون کي ڀَؤ آهي تہ شايد آئون ان مُک کي ڏسڻ لاءِ سياڻ تائين نہ رهان!“

ڪيس حيرت انگيز طور تي بصره ۾ لکيل پنهنجا شعر ياد آيا ۽ هو ماضيءَ ۽ حال ۾ اٿين ڦيراٽيون کائڻ لڳو جڻ هوا پردن کي جُھولائيندي ڦيراٽيون پارائي رهي هجي. اغول، اکيلائي ۽ تاناڪيءَ سان لبريز راتيون- ۽ هر طرف کان هو پاڻ جلوه افروز- پاڻ عڪس پاڻ ئي آئينو- پاڻ ئي پاڻ- محب ۽ محبوب- محبت ۽ محبت جو سنو سوادُ!

خواجہ اُتيو تہ عبادت گذار ارواح اُتي طواف ۾ شريڪ ٿيا. هُو ۽ سمنون محب بہ ٻاهر آيا ۽ ڪعبي جي قطب ڏانهن هٿ جو اشارو ڪندي لبيڪ لبيڪ چوندي انهن سيني سان گڏ گهمڻ لڳا. هزارين لکين- اڻ ڳڻت فدا ٿيڻ وارن، جانثار ڪرڻ وارن، سڙي مرڻ وارن، حاضر حاضر چئي فدا ٿيڻ وارن سان گڏ ۽ انهن سان گڏ جيڪي فدا ٿي چڪا هئا، جيڪي نوازيا ويا هئا اُهي سڀ جيڪي آدم جي اول کان هجوم ۾ شريڪ هئا ۽ جيڪي انهن راهن تي هلايا ويا هئا- ۽ جي اُن جا طالب پاڻ هئا.

ترڪي ٻانهيون پنهنجي روايتي لباس ۾ هيون. سُرندي جي تارن کي ڇهڻ واريون پنهنجن هم وطنن موسيقارن سان کلي کلي ڳالهائي رهيون هيون ڇاڪاڻ تہ امير الامراء حامد بن عباس جو انتظار ٿي رهيو هو. عربي ڌُنن تي ترڪي نغمن کي ڳائڻ جي ڪوشش ٿي رهي هئي. رات اڃا پري هئي ۽ وٽندڙ ڏينهن ۾ هوا، ڪنهن محبوب جي پلئہ جي خوشبوءِ سان رچيل ۽ دل لُڀائيندڙ هئي. جسم کي ڇهيائين ٿي تہ ساڻ فرحت ڏيندڙ نند ڪنيو ٿي آئي. دجلہ ۾ شفاف پاڻي هو ۽ پهاڙن تان پگهرڻ سبب برف نهايت ئي سهج سرد هوائن سان گڏ باغن ۾، ميوي سان ڀريل وڻن تي، تاريءَ تاريءَ تي ننڍڙيون ننڍڙيون جهرڪيون ٻولي رهيون هيون ۽ پاڻيءَ جي آئيني ۾ جهيڪل تاريون پنهنجو عڪس ڏسي رهيون هيون. سانجهيءَ جي ٻانگ آسمان تي ڪڪرن جيان اڇري ۽ اڇن ڪَنَن واري گهٽا ٻڌجي، محلن ۽ ايوانن تي پکڙجي وئي. غلام ڏيئن کي روشني جي هيٺين مٿين درجي مطابق جڳھ جڳھ تي رکڻ لڳا هئا ۽ اوني پردن جي ڏکڻ سرَن ۾ رنگ ۽ چمڪ جي گڏجڻ سان اوندھ ۽ پاڇا گُهلي مِلي رهيا هئا. فانوس ۽ شمعدان اگٺن ۾ پيتين ۽ وڻن جي پاڇن کي، تصويرن جهڙي سونهن عطا ڪري رهيا هئا. صُراحيون ۽ جام سينگاريا ويا هئا. مسندن تي مرتبن جي لحاظ کان ننڍا وڏا وڇاڻا پيل هئا. تازيءَ تازيءَ جي سڳنڌ دريا ڏانهن کُلڻ وارين وڏين ڳڙڪين منجهان ٻاهر بيٺل سپاهين لاءِ لذيذ ۽ اشتعال ڏياريندڙ هئي- ۽ هو هر وقت وهڪري جي نظرداريءَ تي مامور هئا جتي ٻيڙين تي گهمڻ وارن جا انبوھ ۽ ڳائڻ وارا پنهنجا ساز سنياليندي ۽ وهڪري جي نميل هوا ۾ ڏکڻ تانن وارا درد انگيز شعر ڳائيندي ۽ ٻُڌندي گذري ٿي ويا.

”ڪيترائي ماڻهو، جن جون دليون منهنجي دل سان هم آهنگ ناهن، منهنجي دل منجهان ٻانهپ جي محبت گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

پر آئون هُنن کي ڇا چوان؟ رڳو هيءَ ته منهنجي دل سندس ئي مرضيءَ ۽ اختيار ۾ آزاد ڇڏيو:- انڪري جو عاشق اندر جي اکين سان ڏسندو آهي، ظاهري اکين سان نه!"

يا

ڪو آهي جو مون لاءِ هُن جي دل پگهاري ڇڏي، آءٌ جنهن کي پٿر جي پهاڙ منجهان ڪري سخت ٿاهيو ويو آهي.
مون ئي پنهنجي نگاهه سان سندس ڳلن کي گهائل ڪيو، ته هُن ترت ئي منهنجي دل کان اُن جو قصاص به وٺي ڇڏيو!

پيڙين ۾ پرندڙ ڏيئن جون لاٽون لهرن ۾ اٿين ٿي لُڏيون جڻ ڪنهن سپاهيءَ جي زره تي رات جي پوئين پهر وچوڙي محل، سندس محبوبه شمع هٿ ۾ ڪنيو سندس شڪل ڏسي رهي هجي ۽ زره جون ڪڙيون هتي هتي چمڪي رهيون هجن. لڳو ٿي هن زماني کي ڪڏهن ننڊ نه ايندي ۽ آسمان پنهنجن چنڊ تارن سميت اٿين ئي انهن بارگاهن جي ڳڙڪين سامهون منتظر رهندو.
هڪ تيز رفتار پيڙي نهر الخطيب کان تڙ تي اچي لڳي- سوار ٽپو ڏئي لٿو ۽ ڊوڙندو وڏي دروازي ڏانهن وڌيو.
"امير ڪٿي آهن؟ آئون نهايت ضروري، نهايت دردناڪ پيغام کڻي حاضر ٿيو آهيان!"
پهريدارن هڪبِٺي ڏانهن ڏٺو، "هن محل آقا پنهنجن دوستن سان گڏ انتهائي خلوت ۾ آهن." انهن منجهان هڪ چيو، "پر تون ڪٿان کان آيو آهين؟"
"پلاريءَ پونءِ کان - ۽ هيءَ اندوهناڪ خبر موت جي آهي." هن ڪجهه آپي ۾ ايندي چيو.
حسين، ڊگهيءَ ڳليءَ کان جيڪا دريءَ جي طرف کان گذرندي، وٽ ڪاٿيندي، پوءِ پوئين حصي سان وچي ملندي هئي اُتي آيو. هو سانجهيءَ جي نماز لاءِ وڃي رهيو هو ۽ تڪڙ ۾ هو. موت جو لفظ ٻڌي بيهي رهيو پر هُن پڇڻ جي همت نه ڪئي.
هُو بيچين وياڪل گهٽ ڳالهائو ڇوڪرو هو جنهن جي شڪل تي دلسوزي ۽ يتيمي هئي. حامد ڪيس ڏاڍو پيائيندو هو ڇو ته سندس اولاد ۾ هُو سڀني کان وڌيڪ ذهين ۽ نفيس هو، پر حسين سندس محبت کي قبول نه ڪيو هو، وٽس ماءُ لاءِ شديد محبت هئي ۽ اُن جي صورت هر وقت سندس اکين اڳيان ڦرندي رهندي هئي. ڏنڌلڪي ۾ اوڙهيل ۽ وسريل، خواب ۾ ڏٺل پاڇو جنهن جي وجود منجهان هڪ عجيب روشني نڪتي ٿي، انهن اکين جي زخمي ۽ بي وس نگاهه ۽ محبت سان ڀنل چادر وانگيان ڇوڏاري اوڍيل هئي، ساٿس سندس ملاقات ذري گهٽ نه ٿي هئي ڇاڪاڻ ته تعليمي تربيت ۽ سپاهياڻيون مشقتون جوان ڇوڪرن کي ايترو وقت نه ڏينديون هيون جو هُو ماڻرن جون دعائون طلب ڪرڻ لاءِ محلات

۾ وڃن. درس ۽ تدريس، دين ۽ دنيا جا مختلف علم، درباري آداب ۽ وقت جي سياست جون گهرجون کين مصروف رکنديون هيون. ان جي باوجود سندس ماءُ جو وجود شان شوڪت، جمال سان ڀرپور دلنواز مُرڪ- جنهن ۾ زخمي هڻڻ جو احساس اپريل تي لڳو ۽ ڦڪي پيل رنگت جيڪا دنيا کان الڳ ۽ زندگيءَ کان به بنهه الڳ ڪيس ڪائي مافوق الفطرت مخلوق بڻائي بيٺي هئي، ۽ سندس آواز دل ۾ ائين لهي تي ويو جو هو جڏهن ڳالهائڻ لڳندي هئي ته حسين جي دل چيو ته ٻڌندو رهي. پنهنجي ڏکي گهيريدار لباس تي ڏکو پاجامو پاتل جيڪو مٿي تي پاتل ڏکي شاهي ٽوپيءَ جي ڏکين موتين جي لڙين سان سينگاريل تي لڳو ۽ سنهري وارن جا ڪاڪل ور ڪائي ڳلن وانگيان ڪنن تي سينگاريل هئا، هيرن جي چمڪ ڪري ڳِنن صرف چمڪ تي جَهتي رنگ نه. تي تي سگهيو ته ڪيس رنگن جي سڃاڻ نه هجي. سندس لاڳيتن بيمارين ڪيس ملول ۽ اداس ڪري ڇڏيو هو جيئن ڪنوڻ گهٽائن ۾ تڙپي اُٿي ۽ زمين جي ظلمتن کي روشن ڪري. حسين جي دل گهٻرائجي وئي.

پوءِ پهريدارن حسين کي اُتي بيٺل ڏٺو ۽ هو ڏانهس آيا.

"پلاري پونءِ کان ڪنهن جي موت جي خبر آئي آهي." هن سلام ڪرڻ بعد چيو، "پر خبر آٽيندڙ صرف امير سان ملڻ جو خواهشمند آهي ۽ امير هن وقت خلوت ۾ آهن. ڇا اُها خبر اوهين وٺندا؟"

"اِهو اصول جي خلاف آهي." حسين وِڪون اڳتي وڌايون. سندس دل بي چين ٿي رهي هئي. ڪهڙي ڪل ته خبر ڪهڙي هجي؟

ٻيڙي پاڻي ۾ روشني ۽ اونداه جي ڏارا تي بي خبريءَ ۽ خبر وچ ۾ لوڏا ڪائيندي رهي. پوءِ ملاح زور سان چيو:

"مون کي وڃڻ جي اجازت آهي!"

اچڻ واري جهڪي هيٺ ڏٺو ۽ هٿ سان اشارو ڪيو.

مسجد ۾ جماعت ڪڏهن کان بيهي چڪي هئي. حسين ذري گهٽ ڀوڙندو، ڳليءَ مان نڪتو. پهريدار ٻيهر پهرو ڏيڻ لڳا. دريا پار جي هوا اوچن مُنارن ۽ خليفي مڪتفي بالله جي محل ۽ باغن جي اونداهين ڏانهن هلڻ لڳي. ڪو پکي نهايت غمناڪ آواز ۾ ٻولڻ لڳو ڇڻ سُڏڪا ڀري رهيو هجي ۽ اُماوس جهڙيون گهٽائون ڦوڪاريندون وڌڻ لڳيون. پرشور طوفان درين کي ڌوڏڻ ۽ پيچڻ ۾ رڌل هو. ماٺهو جيئن پاڻ سنپالين تيسين هڪ خوفناڪ برفبار طوفان مٿن وارد ٿي ويو ۽ اوچن ايوانن ۽ بارگاهن، ڀاڙن، وٽن ۽ دريائن تي برف ئي برف هئي جيڪا سومهڻيءَ جي وقت تائين سڄي بغداد کي اڇي ڪفن ۾ اوڍي چڪي هئي. پاڻي ڄمي رهيو هو ۽ اصطبلن ۾ گهوڙا ڪنبي رهيا هئا. قافلا ڪنهن اوٽ جي ڳولا ۾ وٽن جي پناهه ڳولي رهيا هئا، جيڪا نهايت ناڪافي هئي. آسمان نامهربان ٿو تي ويو هو- اوچتو ئي اوچتو!

ٻلاري ٻُونءِ کان نهايت تيزيءَ سان اڇڻ واري سوار تي سفر جي ٽڪ يڪدم حملو ڪري چڙهيو هو. ايتري ڏگهي سفر ڪانپوءِ هو وڏيڪ انتظار سببان نهايت ماندو هو ڇڻڪ ڪنهن باهه تي برف وجهي چڙهي هجي. سندس چادر ميري ۽ مٽي تي ٻڏل نوڙڊلو هو- سفر جي ڏوڙ سندس وارن ۾ هئي پر ڪيس ڪنهن سان ڳالهائڻ ۽ ڪنهن کي ڪجهه چوڻ جي جرئت نه هئي. جڏهن وزير قاسم ان نجي محفل منجهان ٻاهر آيو ته برفباري جاري هئي. هو ڏڪيو، موٽيو ۽ حامد بن عباس سان گڏ وري ايوانن ڏانهن هليو ويو. رات ٽڪل پکن واري پکيءَ وانگر اُڏرڻ جي ڪوشش ڪندي ۽ لڏندي لمندي تي گذري ۽ ڪوئي منچلو نشي ۾ ڏٽ ڳائيندو ۽ پنهنجو پاڻ کي گهليندي لنگهي رهيو هو.

"۽ هي اهڙا گروه آهن جو جڏهن آئون انهن وچ ۾ رهيس
ته منهنجي لاءِ زمين تنگ ٿي، مُنڊي جي ننگ جي دائري جهڙي ٿي وئي.
ابليس مٽن تي ڪلڻ هاب آهي
انهيءَ ڪري جو اهي آدم جي پيشانيءَ تي ڪارنهن جو ٽِڪو آهن."

پنهنجين مصيبتن باوجود پهريدار ڪليا.
"شايد هي شراب جي محفل منجهان ڏڪارجي نِڪتو آهي."
"ٿي سگهي ٿو هي ڪو يهودي يا نصراني هجي جنهن تي دنيا تنگ ٿي وئي هجي."
"نه. هي ڪو قرمطي آهي جيڪو تائب ٿي ويو آهي."
پنهنجين سيءَ وچان سُن ڪاڏل تنگن کي ذري گهٽ گهليندي ۽ درياءَ ڏانهن ڏسي، سپاهيءَ چيو،

"ايترن فتنن وچ ۾ تائب ٿيڻ سان به ڇا ٿو ٿئي."
"ڇو؟ ڇو؟" باقين يڪ زبان ڪانئس سوال ڪيو.
"انهيءَ ڪري جو نيون نيون عمارتون قائم ٿي رهيون آهن، اولهه طرف فاطمين پنهنجي رياست ٺاهي ورتي آهي. مهديءَ جو ظهور ٿيو آهي."
"توکي ڪيئن خبر پئي- ڪڏهن ٻڌئي؟" هُو پڇڻ لڳا. آباد شهر اذانن جي آوازن سان جيڪي هر گهٽي هر شاهراه کان بلند هئا پريل هئا.
"جيڪي ٿيو آهي سڄو بغداد ڄاڻي ٿو- ڇا هڙي موسم اوهان اڳ ڪڏهن ڏٺي؟"
هُو سڀ ڪنڌ ڌوڻڻ لڳا ڄڻ سندس ڳالهه کي سمجهي رهيا هئا ۽ ساڻس متفق هئا.
"مهديءَ جو ظهور قيامت جي ويجهڙائيءَ جي نشاني آهي ۽ هت هُت جنگ ۽ جدل جا واقعا به ته قيامت جي نزديڪيءَ جون نشانيون ئي ته آهن." منجهانئن هڪ چيو.
"مدينة السلام کان خليفو ڪين نيست ۽ نابود ڪرڻ ۽ سندن پيش قدمي روڪڻ لاءِ

باب الشماسہ کان روانو ٿيو هو- لشڪر، خزانو، خيما ۽ شاهي تنبو ساڻس گڏ هئا.

"ڪڏهن ماڻهو عباسي خليفن جو نالو ٻڌي مصر تائين ڏڪندا هئا، اولهہ جي اوسي پاسي ڪنهن کي ڪنڌ کڻڻ جي جرئت نہ هئي." ٻئي نهايت افسوس مان چيو.

"۽ هاڻ خليفي جي روانگيءَ جي خبر بہ ڪو اثر نہ ڪيو هو. قرمطي حسين صاحب الشامہ جي قتل ڪئي وڃڻ ۽ اذيتن ۾ مارجي وڃڻ باوجود قرمطي سڄي اولهہ ۾ فساد پيدا ڪري رهيا هئا. هو مذهبي تبليغ منجهان ئي مطمئن نہ ٿي ٿي سگهيا؟ دنيا جي حفاظت ۾ دنياداري سندن مقصد هو."

"دنياداري!" منجهائنن ڪنهن طنزيہ سينڌ وڄائي ۽ هوا جي تيز جهوٽن کان بچڻ لاءِ پيت جي اوٽ ۾ ٿي وينو.

پر هوا ديواني ٿي، پُرشور خوفناڪ آواز سان ڏڪڻي پيدا ڪندي، انهن عمارتن تي وارد ٿيندي رهي ۽ گهرن ڪي ۽ گهر واسين کي ڊيڄارڻ لاءِ ڊوڙيائين.

"ڪنهن نهايت عظيم روح کي قبض ڪرڻ لاءِ عزرائيل پنهنجي سموري لشڪر ۽ جاه ۽ جلال سميت زمين تي نازل ٿيو هو."

سپاهين جي هڪ ٽولي 'پناه پناه' چوندي گشت ڪندي ٻئي طرف کان لانگهائو ٿي، سندن قدمن جا آواز سنسان شاهراهن تي گونجندا رهيا ۽ برف ڳڙا انهن پڙاڏن کي پري ڏور ڏور تائين وني ٿي ويا. درياءَ تي حرڪت ۾ رهڻ واريون ۽ خليفي جي محل جي حفاظت ڪرڻ واريون ٻيڙيون تيزيءَ سان گذري رهيون هيون ۽ اُنهن جون جهڪيون روشنيون برف ۾ ڏنڊلائجي فقط ڪناري جي وڻن جي اڇاڻ کي واضح ڪري رهيون هيون.

جڏهن حامد بن عباس جي بارگاهہ منجهان وزير قاسم بن حسين چادرون اوڍيو، پنهنجي محل ڏانهن روانو ٿيو، تہ سندس حفاظتي دستو جيڪو ترڪن تي مشتمل هو ڏاڍو خوش هو، ڇاڪاڻ تہ پنهنجي وطن کان پري هئڻ جي باوجود هُو تُرڪيءَ جي موسمن کي ياد ڪندا رهندا هئا ۽ سمورا عيش بہ ڪين اُن سرزمين جي خوابن کان الڳ نہ ڪري سگهندا هئا. هاڻ زمين جو رنگ مٽبو ۽ اُها نَون گلن سان سينگاربي. برف نوان نوان زماني لاءِ نادر گل ٻوٽا ڪٽيو ايندي آهي!

حامد بن عباس کي اُهي ڏينهن ياد ايندا هئا، جڏهن هُن ٻانهين جي سوداگر کان ڪيس خريد ڪيو هو- هونئن ڪيس ٻانهيون خريد ڪرڻ جي ايڏي عادت نہ نہ هئي. سندس تربيت نهايت سختيءَ سان ڪئي وئي هئي ۽ جيئن تہ وڏ وزارت سندس زندگيءَ جي منزل هئي، انڪري ڪيس ڏينهن رات محنت ڪرڻي پوندي هئي. جڏهن هو خانقاه ۽ مدرسن کان فارغ ٿيو، جيئن تہ سندس پيءُ عتاب هيٺ رهيو هو انڪري ڪيس هڪ معمولي عهدي لاءِ بہ

ڪيترو ئي وقت انتظار ڪرڻو پيو هو. ۽ آخرڪار هو محمد بن جراح ڪاتب وٽ محصول جي حساب ڪتاب جو متولي ڪيو ويو هو- جهڙيءَ طرح باهه ڪان ڏنل ماڻهو مجبور ٿي اُن ۾ ٽپي پوندو آهي، اهڙيءَ طرح حامد به انهن معمولي ماڻهن وچ ۾ اٿڻ ويهڻ ۽ ڪم ڪرڻ لڳو. هو نهايت محتاط. گهٽ ڳالهائو ۽ سختيءَ جي حد تائين پنهنجي ڪم ۾ رڌل رهندو هو. سندس دوست تمام گهٽ هئا. هو ڏند پيڪوڙي نهايت سختيءَ ۽ وڏي صبر سان اچڻ وارن ڏينهن ڏانهن ڏسندو هو. پنهنجي سموري ايمانداريءَ باوجود سندس پيءُ دنيا ڪان شڪست کاڌي هئي. انڪري هُن پيو پيرو هڪ شڪست کاڌل پيڳل ٽنل هارايل انسان بنجي جيئڻ نٿي گهريو. آهستي آهستي ڪاغذن تي مغز ماري ڪندي، هُن پنهنجي پيءُ جي ضبط ٿيل حڪومت جي حاصلات لاءِ پنهنجا رستا صاف ڪ ري ورتا. معافيءَ جو طلبگار ٿيڻ ڪان سواءِ هُن اُهي سڀ جون سڀ ته نه پر انهن منجهان ڪجهه شيون حاصل ڪري ورتيون. دجله جي اوپر واري ڪناري جتي عباس بن حسين جا ذاتي محل هئا، ڪيس موٽايا ويا ۽ هُو هڪ ديوانگيءَ جي عالم جيان اڪيلو ئي انهن راهن ۾ گهمندو ۽ انهن ايوانن ۽ بارگاهن مان ۽ درين مان باغن جا نظارا ڪندو، وري ڪلندو رهندو هو. ايستائين جو ڳوڙها سندس اکين منجهان رَوان ٿي ويندا هئا. سندس وڏن عباسين جي خدمت ڪئي هئي ۽ معمولي خطا عيوض اُها سموري خدمت خاڪ ۾ ملي وئي هئي. ڇا ماڻهو غلطي ناهي ڪندو؟ ۽ جڏهن ته زمانو ايڏو ناپائدار به ته نه هو!- خلافت مانيءَ جي ٽڪر جيان اڄ هڪ هٿ ۾ آئي ۽ سڀاڻي ٻئي لاءِ اُن ڪان ڦري ويندي هئي.

افسوس ۽ بي وسي ڪيس نهايت سخت انتقام وٺندڙ بڻائي ڇڏيو هو ۽ هو ڳُوڙهو، وارِ جي ڪل لاهڻ وارو ۽ سخت سوال ڪرڻ وارو هو. هُو وسيع محل جي هڪ ڪمري ۾ اڪيلو ڪتابن تي جُهڪيو رهندو هو ۽ جڏهن فرصت ملندي هيس ته هوا خوري ڪندو ۽ اچڻ وارن ڏينهن جو سوچيندو هو ته جڏهن هو دولتمند ٿيندو، صاحبِ اختيار ٿيندو ۽ انهن وڏن خالي ڪمرن ۾ رونقون ٿينديون جهڙيون هُن پنهنجي ٻالڪپڻ ۾ ڏٺيون هيون. هن جو پاڻ سان گڏ ڪم ڪندڙن منجهان ڪنهن سان به ڪو رابطو نه هو، جڻ هو هوا منجهان اُن ڪمري ۾ داخل ٿيندو ۽ وري گُم ٿي ويندو هجي.

'خدا ڪٿي هو؟' هو گهڻو ڪري سوچيندو هو.

ڪيس نين سوچن کي ڪوليندڙ شڪلين ۽ سُونهن ڪان سخت نفرت هئي. ڪيس ٺهڪ، رونقون ۽ مدهوشيءَ جون محفلون سخت ناپسند هيون. دجله ڪناري جي انهن مخمور ڦهوي خانن ۽ تماشن سندس رت کي ڪاوڙ جو باهڻ ٿي ڏنو. ڪيس ڳالهائڻ وارن پُراعتماد ماڻهن ڪان چڙ هئي.

۽ انهيءَ ڪري جڏهن هو پنهنجي اداري ۾ ترقي ڪندو وڌندو ويو تڏهن به بخيل ئي

رهيو. هو پنهنجي منزل طرف هڪ هڪ دينار ۽ درهم کي ڏاڻن ۾ سوگهو ڪندي روان هو.

هُن پنهنجي چوڌاري جن ماڻهن کي گڏ ڪيو سي ڪانئس هر لحاظ ۾ گهٽ هئا ۽ ڪيس آقا سمجهندا هئا. هو برابر جي ساٿين سان خدمت جي حد تائين واسطن نه رکڻ جو عادي هو.

جڏهن قافلو پلاريءَ پُونءِ کان واپس آيو ته ان ۾ اغول نه هئي- هُو ڪيس سماويہ جي بيابان جي ڪناري سان هڪ ڳوٺ ۾ دفن ڪري آيا هئا. چاڪاڻ ته اُن کان وڌيڪ ويجهڙائيءَ واري جڳهه ئي ڪتي نه هئي. ڪيس اغول جي نه هئڻ جو ملال هو يا نه اُن جي خبر پئجي نه سگهي هئي، ڇاڪاڻ ته خليفو انهن ڏينهن ۾ قرمطي دست اندازين کان سخت پريشان هو ۽ ڏورانهين سرحدن طرف جنگين جا خرچ ڏاڍا وڌي ويا هئا. جنهنڪري حامد لاءِ پنهنجي اداري جي اصلاح سڀ کان وڌيڪ ضروري هئي، ۽ ڪم ڏاڍو وڌي ويو هو. وصيف بن صوارتگين شڪار لاءِ نڪتو هو، ڇو ته ڪوفي ۽ بصري وارو رستو ذري گهٽ بند ٿي چڪو هو ۽ حاجين جا قافلا ڦُريا ويندا هئا. قيامت خيز گوڙ جنهن مڪتفيءَ جهڙي امن پسند خليفي کي بہ بغداد کان ڏڪي ڪڍيو هو. محصولن ۾ حيرت انگيز طور تي گهٽتائي ٿي وئي هئي ۽ حامد کي هڪ هڪ درهم جو انتهائي جانفشانيءَ سان حساب رکڻو پوندو هو. سو ڇا ڪيس پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ ٻانهي جي ڪُتي پوڻ جي ڪا ڪوٺ محسوس ٿي هئي؟ هن جي قاسم بن حسين سان دوستي نهايت گهري هئي، پر سلطنت جي ڪمن ۾ دوستيءَ تي ڪهڙو اعتبار؟

هن وٽ مدهوشيءَ جون نهايت خاص محفلون ٿيون ٿي. وٽس نچڻ وارين ترڪي ٻانهين جو هڪ انبوهہ هو ۽ جڏهن ڪنهن کي خاص دعوت ڏيندو هو ته ترڪي سازن تي عربي ڌنون وڄايون ٿي ويون ۽ عرب شاعرن جو ڪلام ترڪي ڌنن تي ترتيب ڏنو ٿي ويو. هو سخت مزاج آقا هو تنهن ڪري ناچ ۾ ذري ذري جُز جو خيال رکيو ٿي ويو ۽ تُرڪ موسيقار سماءَ ۽ رقص جي ترتيب ۾ ڪيترائي ڏينهن اڳواٽ مشق ۾ جُنبي ٿي ويا. هو هر ڪم کي جنون جي حد تائين انجام تائين صحيح ڏسڻ جو شائق هو ۽ غلطي برداشت نه ڪري سگهندو هو. دشمنن سان بہ هن جو رويو اهڙوئي هو. هن ۾ معاف ڪرڻ جي صفت نه هئي ۽ ان جي باوجود جو هُو غلامن جو هر طرح خيال رکندو هو ۽ ڪين پٿر يا جانور نه سمجهندو هو، پر ڪوبہ منجهانئن خوش ڪونہ هو. ماڻهو انهن سهولتن بجاءِ ڪانئس آزاديءَ ۽ ڏوريءَ جا خواهشمند رهندا هئا. اغول هر طرح آزاد هئي. هڪ نڪاح ٻڌل زال جيان هُوءَ جيڪي چاهيندي هئي ڪندي هئي ۽ جيڏانهن وڻيس ٿي ويندي هئي، پر پوءِ بہ جڏهن هن جي مرڻ جي خبر محل ۾ پهتي ته ماڻهن چيو:

”خوشقسمت آزاد ٿي وئي!“

سوداگرن نَينُ ٻانهين جون قطارون سينگاري ڇڏيون. سندن گداز ملائميت ۽ حُسن جي تعريف ۾ تارون خشڪ ٿي ويا ٿي، پر حامد چيو:

”هاڻ زمانو بدلجي ويو آهي ۽ مون کي ٻانهين جي ضرورت ناهي رهي.“

”خُوشبوءِ، نماز ۽ عورت،“ ڪنهن ورجايو، ”اسان جي ڪريم النفس رسول خدا ﷺ کي به پسند هيون-“

هُن چوڻ واري ڏانهن ڏاڍيءَ بيزارگيءَ سان ڏٺو. ”ڇا اسين اڃا ان زماني ۾ آهيون- اسين ڪير آهيون؟ مونکي مذهب جون اهي شرحون هرگز پسند ناهن. جيڪي ڪجھ ٿي رهيو آهي ڇا قيامت جي ويجھڙ ۾ اهڙين ڳالهين جي گنجائش آهي؟!“

ماڻهن انکي به سندس مزاج جو هڪ نئون رُخ ڀانيو. سوداگر ٻانهيون واپس وٺي ويا ۽ حامد بن عباس پنهنجي خزاني جي حساب ڪتاب ۾ ڪاتب اعليٰ وانگيان جُنبي ويو.

وڏا وڏا قافلا حاجين کي ڪٺي پيلاريءَ پُونءِ طرف روانا ٿي رهيا هئا ۽ راتيون روشن هيون. موسم وڻندڙ ۽ سفر لاءِ نهايت مناسب هئي. جڏهن حامد بن عباس پاران اُنهيءَ ٻانهيءَ جي طلبي ٿي جيڪا اغول جي منظور نظر هئي ۽ هاڻ حسين جو خيال رکندي هئي- قهرمانه جيڪا سندس محلات جي انتظام ۽ بندوبست تي مامور ڪيل ٻانهي هئي- وَڃھ وٺندي کيس ٻڌائيندي هئي ته گل رنگ حسين جو ڏاڍو خيال رکندي آهي ائين چڻ هوءَ ڪا سندس ته ٻانهي يا خدمتگار ئي ناهي.

حامد پنهنجي اولاد جي تربيت تي ڏاڍي محنت ڪندو هو ۽ ذري ذري تي سندس نظر رهندي هئي. انهيءَ ڪري ان باوجود جو هو وقت جي ڪوٽ جو اسير هو، تڏهن به علم ۽ ادب جي استادن سان خلوت ۾ ملندو ۽ حسين جي هرهڪ حرڪت تي نگاھ رکندو هو ۽ سندس ترقيءَ ۽ ذهانت متعلق آگاھ رهڻ گهرندو هو. کيس حسين تي بجا ناز هو پر حسين پاڻ ماءُ کان پوءِ چڻ ته اُجهامي ويو هو. انهيءَ کان اڳ به هو بغداد جي پررونق زندگيءَ ۽ محفلن ۾ تمام گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو هو. سپاهگيريءَ جي فن تي مهارت رکندي به هن ڪڏهن ان تي فخر نه ڪيو هو. حامد کيس مڪمل ڏسڻ گهرندو هو- هر لحاظ کان هڪ عمدو دنيادار، هڪ هوشيار درٻاردار، وقت جي خليفي جي هم نشينيءَ جي قابل- هُو ڪڏهن ڪڏهن کيس شراب جي نجي محفلن ۾ شرڪت جي اجازت ڏيندو هو جنهن ۾ ڪجھ صلاحڪارن ۽ رازدار دوستن کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه هوندو هو، ۽ حسين ڏسندو هو ته اهڙين جڳهن تي ڪهڙيءَ طرح جُهڪڻ ۽ خوشامد وسيلي پنهنجي ڳالھ چوڻ آسان ٿي پوندو هو.

پر خود سندس طبع انهن سين ڳالهين کان پري هوندي هئي. کيس خانقاهي مزاج نه ڄاڻ ڪهڙيءَ پيڙهيءَ کان ورثي ۾ مليو هو جو کيس درٻار ۽ ان جي جوڙ توڙ کان سخت نفرت هئي- هُو شرعي مسئلن جي درسن ۾ شريڪ ٿيڻ گهرندو هو. نماز ۽ مسجد جي خدمت ۾ دل سان يقين رکندو هو. هڪ ڀيري حامد کانئس ڪلندي پڇيو ۽ سنجيدگيءَ منجهان کيس چيو هو:

"دنيا ايڏي بيڪار جڳهه به ناهي جو تون ان کان پري رهين-"

"آئون دنيا ۾ آهيان ۽ ان ۾ دلچسپي وٺندو آهيان پر منهنجون خواهشون ۽ تمنائون لامحدود آهن-" حسين نهايت بيباڪيءَ سان جواب ڏنو هو.

"توکي دربار ۾ منهنجي جڳهه وڻي آهي-" حامد ڪجهه نرميءَ سان چيو.

"ڪنهن کي اينڊڙ ساه جي به ته خبر ناهي هوندي جڳهون ته پري جي ڳالهه آهن-" حسين ادب سان جواب ڏنو هو. "۽ وري مذهبن جا ظاهر ۽ باطن. هي سمورا فتنا. فلسفو ۽ ان جا مونجهارا مون کي گهبراهٽ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندا آهن."

"ڪير تو سان اهي ڳالهيون ڪندو آهي؟" هاڻ هو بنهه ناراض ٿي رهيو هو.

"ڇا اوهين نٿا ڄاڻو ته ڪيترين دعوتون سموري عالمِ اسلام کي گهيريو بيٺيون آهن. ڇا سچ آهي ۽ ڇا ڪوڙ- ڇا سنئون سڌو آهي ۽ ڇا منڊل- ڪٿي ظلمت آهي ۽ ڪٿي روشني- ڪير اهو سڀ ڄاڻي سگهي ٿو!"

حامد ماٺ ڪري ڪمري ۾ پسار ڪندو رهيو.

"فاطمين جو مصر تي قبضو ۽ مهديءَ جو ظهور ڇا ڪو ڳجهو سانحو آهي-" هن پيءُ کان پڇيو.

پيءُ جي اضطراب کي محسوس ڪندي هن چيو: "ماڻهو حيات جي نظام جو هڪ حصو آهي ۽ سندس زندگي صرف ۽ محض انهيءَ لاءِ ناهي هوندي جو هُو پنهنجن مفادن لاءِ ئي ڪوشان رهي. آئون پنهنجي طور تي انهن سڀني دعوتن جو مطالعو ڪرڻ ۽ انهن سڀني ماڻهن سان ڳالهائڻ گهران ٿو ته جيئن مشاهدي جي روشنيءَ ۾ اُهي ڏسي سگهان."

"خاموش رهه حسين!" سندس پيءُ چيو. "تون اهو سڀ ڪنهن نهايت زهرناڪ صحبت ۾ سکي رهيو آهين ۽ آئون انهن سين ڳالهين جي اجازت هتي نٿو ڏئي سگهان. مذهب جو اصل اهوئي آهي. سڌي سادي نماز جنهن ۾ تون دل لڳائي سگهين. خدا ۽ اُن جي رسول ﷺ تي مڪمل ڀروسو ۽ بس اطاعت ڪرڻ-"

حسين مُرڪي چيو. "بابا سائين! هڪ مطلب اهو آهي جيڪو اوهان ۽ آئون ظاهري طور سمجهون ٿا ۽ ٻيو مطلب لفظن اندر ڳجهو آهي جيڪو سندس تفسير آهي. باطني معنيٰ-"

حامد ڏانهس آيو. ٻئي هٿ سندس ڪلهن تي رکيائين. ۽ دير تائين سندس اکين ۾ گهوريندو رهيو. ۽ ڪيس خبر پئجي وئي ته اهي ڳالهيون جيڪي حسين کي بيچين ڪري رهيون آهن سندس رت ۾ رچيل آهن. هو محظ سوال سمجهي. اُهي سندس سامهون ورجائي ناهي رهيو- هُو انهن تي اعتقاد رکي ٿو. مڪمل ۽ مڪمل تر. هُو ان اِينگهجنڊڙ رات ۾ ڪانئس موڪلائڻ بعد به پنهنجي خلوت ۾ بي چين رهيو. روشني سندس اکين کي ساڙي رهي هئي ۽ بخمل جو هنڌ ڪيس ڪنڊن جي سيج لڳي رهيو هو. هن هڪ عمارت تعمير

ڪرڻ گھري هئي ۽ ڪيس خبر پئجي وئي هئي ته هيسيتائين اها عمارت هُن واريءَ تي ڪڙي ڪئي هئي- هُو ڇا ڪري!

سندس پٽ، سندس حسين کي اها بي چين ۽ برباد ڪري وڃهندڙ سوچ پلئه ڪتان ڪان پئي هئي!-

رات جي پوئين پهر هوا هلڻ شروع ٿي وئي هئي دجله ۾ ٻيڙين تي نوان پهريدار هشاش بشاش آوازن سان، مضبوط هٿن سان ٻيڙيون هلائي رهيا هئا. شاهراهن تي گهوڙن جي ٽاپن جا آواز تيز ٿي ويا هئا، ۽ پري ڪنهن مناري تي لڳل ساعت نماءِ منجهان گھنڊ وڳو هو ۽ يڪدم ڪيس ياد آيو ته قهرمانه چيو هو ته گل رنگ مٽس ڏاڍو ڌيان رکندي آهي.

جڏهن بي چينيءَ ۾ قرار اچي وڃي، هُن گلرنگ کي سڏائي ساڻس ڳالهائڻ جو ارادو ڪيو ۽ پره ڦٽيءَ کان اڳ ئي هُوءَ ڏڪندي ڪنبندي سندس حضور ۾ حاضر ڪئي وئي:

"ويھ گلرنگ!" هن راتوڪي بي قراري لڪائيندي چيو: "مون وٽ فرصت جو اهوئي وقت آهي- توکي واپس آئي ذري گهٽ ڏهه مهينا ٿي ويا آهن."

"جي آقا!" هُن ان طرف ويهندي چيو جنهن ڏانهن حامد اشارو ڪيو هو.

"آئون تنهنجو نهايت ٿورائتو آهيان، جو تون حسين تي خصوصي ڌيان ڏين ٿي."

حيرت سببان هوءَ ڪرسيءَ تان ذري گهٽ ڪرندي ڪرندي بچي.

"حسين جي ماءُ توکي سندس خاطرداريءَ جو ڪم ارپيو هوندو." حامد جي شديد خواهش هئي ته هو جلد مطلب جي ڳالھ تي اچي.

"جي آقا،" هن هٻڪندي چيو، "آخري وقت ۾ ته ڪا ڳالھ نه ٿي سگھي هئي. هن ڪجھ به نه چيو هو- هُوءَ ته هن جهان منجهان ائين گذري وئي جڏهن هوا جو جهوتو ايوانن جي پردن کي لوڏيندي گذري وڃي."

"ته آخري گهڙين ۾ تون هُن سان گڏ نه هئينءَ- هوءَ بيمار هئي؟" حامد کي پنهنجي ڪوتاهيءَ تي ڪاوڙ اچي رهي هئي، ڇو ته انهن سڀِن ڳالهين جو علم ڪيس اڳ پئجي وڃڻ گهربو هو.

"نه آقا. هُوءَ، ڳالهائيندي ڳالهائيندي، هڪدم ماٺ ٿي وئي هئي، جيئن ڏيئو هڪ دم اُجهامي وڃي." گل رنگ کي هاڻ پاڻ ۾ ساھ پوندي محسوس ٿيو ته سندس آقا اغول جي فقط موت جون آخري گهڙيون ڄاڻڻ گهريون ٿي.

"تو هينئر چيو هُوءَ توسان ڳالهيون ڪري رهي هئي. اُهي ڪهڙيون ڳالهيون هيون. ڇا تون انهن ڳالهين کي ورجائي سگهين ٿي جيڪڏهن توکي ياد هجي ته، هونئن منهنجو خيال آهي تنهنجو حافظو ايترو ڪمزو ناهي-" هُن مُرڪي ڏانهس ڏٺو.

"نه - هُوءَ مون سان همر ڪلام نه هئي." گلرنگ کي لڳو جڻ هُوءَ اونهي ۽ اَجهاڳ پاڻيءَ ڏانهن آندي وڃي رهي هئي. هُوءَ ڇا ڪري-

"تہ پوءِ ڪير هو - ڪيس سڏايو وجي - ان ڪان پڇيو وجي. آئون نهايت لازم طور ڄاڻڻ گھرندس." حامد ڪمري جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين هلندي چيو - سندس پاڇو ڏيئن جي جهڪيءَ روشنيءَ ۾ ڏاڍو ڀوائتو لڳي رهيو هو. ڄڻ سڄي ڪمري ۾ هُو وسيل هجي. گلرنگ ڏڪڻ لڳي-

"ها، گلرنگ اُهو ڪير هو-" هُن وري پڇيو.

"مون کي حڪم ڏنو ويو هو تہ آئون قبہ زمزم ڏانهن وڃان ۽ جيڪو شخص سين کان الڳ ۽ سڪون سان ويٺو هجي ۽ جنهن جي گودڙي سيني کان ميري هجي اُن کي سڏي اچان."

ست سارڻ لاءِ حامد بن عباس پاڻ ئي صراحيءَ منجهان هڪ جام ڀريو ۽ پي ويو. پوءِ هُو ويهي رهيو - مسند تي ٻنهي هٿن سان ٽيڪ جهليندي هن چيو،

"ها تہ گلرنگ - تو اُن جو نالو وٺي سڏيو هوندو. ڪيس ڪجهہ تہ چيو هوندو-"

گلرنگ جي اکين منجهان ڳوڙها وهي رهيا هئا ۽ سندس ساهہ مُنجهي رهيو هو.

"ابن منصور - شايد اهوئي نالو هو." هن ياد ڪندي چيو، "مون چيو هو 'ابن منصور اوهان کي هڪ سڪرات جي حالت ۾ ورتل مريض وٽ سڏايو ويو آهي.'"

"ڇا تنهنجي آقا بيمار هئي؟"

"نہ آقا، منهنجي نظر ۾ تہ هوءَ ڇڱي ڀلي هئي- ان کان پهرئين ڏينهن هتان روانگيءَ واري وقت بہ ۽ ان کان اڳ بہ ڪين ڪا معمولي شڪايت بہ نہ هئي."

"تہ پوءِ تو اُن گودڙي پوش کي ڇو چيو تہ هُو هڪ نهايت بيمار مريض کي ڏسڻ لاءِ طلب ٿو ڪيو وڃي؟" حامد نهايت خفگيءَ مان چيو.

"مهربان آقا! خاتون آقا چيو هو تہ آئون ائين ئي چوان."

"ڪيس خبر ڪيئن هئي تہ هو قبہ زمزم وٽ ويٺو هوندو."

"آئون دلين جو حال نٿي ڄاڻان جيڪو حڪم ڏنو ويندو هو ان کي بجا آڻيندي هيس-" گلرنگ ڪنبندي جواب ڏنو.

"تو انهن وچ ۾ جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي اُها ٻڌي هئي؟ مون ڏانهن ڏس ۽ جواب ڏي!" هُن سختيءَ سان ٻانهيءَ جو منهن مٿي ڪيو.

هن سُڏڪا ڀريندي چيو: "آئون ٻئي ڪمري ۾ هيَس ۽ مون کي سندن ڳالهين ٻڌڻ جو ڪوبہ حق نہ هو."

"پر تو ڪجهہ ٻڌو ضرور هوندو." پوءِ هُن ڏند ڪُرٽيندي چيو: "گلرنگ! تنهنجي زندگي ۽ موت منهنجي هٿ ۾ آهي. آئون ترار سان تنهنجيون اکيون ڪڍي سگهان ٿو. مون کي جواب گهرجي، تون جيڪي ڄاڻين ٿي ٻڌاءِ."

"آقا!" هن ذري گهٽ بيهوش ٿيندي سڏيو، "مري ويل سان دغا ڪيئن ڪريان-"

”ڏس ڇوڪري!“ حامد وري سندس ڳوڙهن ڀنلُ منهن مٿي ڪيو - ”خدا جي نظر ۾ به هوءَ منهنجي صرف زر خريد ٻانهي ئي نه منهنجي پٽ حسين جي ماءُ آهي ۽ مون کي هر حق تو پهچي ته آئون سندس آخري لفظن کي ٻڌان جيڪي تون ڄاڻين ٿي اهو مونکي ٻڌاءِ. ٻڌائي ڇڏ ته جيئن منهنجي روح کي سڪون اچي.“

گهڙيءَ دير ٻنهي جي وچ ۾ ماٺ رهي، ڄڻ آوازن کي ننڊ اچي وئي هئي ۽ ساهه بيهي رهيا هئا. پوءِ گلرنگ ڄڻ موت ۽ حيات جي حقيقت کي، پنهنجو نصيب سمجهي ورتو هجي، ۽ پنهنجي لاءِ ڪوئي رستو منتخب ڪري ورتو هجي. هن چيو:

”آقا! آقا خاتون اغول ابنِ منصور سامهون پنهنجي لازوال محبت جو اقرار ڪيو هو. پنهنجين نگران اکين جو، جيڪي سندس محبت سبب هر جڳهه ڏسي سگهنديون هيون ۽ جيڪي موت کان پوءِ به هُن تي نگران رهنديون-“

حامد بن عباس ڳيت ڏيندي گلرنگ ڏانهن ڏٺو. ”ڇا تو جيڪي ٻڌو سو فقط اهوئي هو.“

موت لاءِ تيار ٿيڻ وارن جيان ٻانهي ويهڪ تان اُٿي زمين تي ويهي رهي ۽ آقا جي قدمن کي ڇُهي چيائين:

”مون اِهو ئي ٻڌو هو آقا! ۽ هن ڀڃاڙڪي گهڙيءَ ۾ جڏهن زندگي منهنجي لاءِ ڪجهه ساهن کان سواءِ ناهي، آئون خدا کي گواهه ڄاڻندي صاحب الزمان جو سُنهن کڻندي چوان ٿي ته اهوئي سچ هو. هڪ هڪ اکر سچ.“

حامد ڄڻ سُن ٿي ويو هجي.

پري ڪنهن گهر جي ڪنڌ منجهان ڪڪڙ ٻانگ ڏني. پوءِ باغ ۾ پکين ٻوليو ڄڻ ننڊ منجهان جاڳي پيا هجن، جاڳايا ويا هجن. حامد دريءَ منجهان ڏٺو. اونداهي ايا اهڙي ئي گهري هئي - دريءَ سان ٽڪرائي موت ڪاٽيندڙ هوا ۾ مليل نميءَ سبب گهٽ ۽ ٻوسٽ محسوس ٿي رهي هئي، ڄڻ موت جي اُونداهيءَ ۾ ٽپي پوڻ کان پهرين، پوئتي رهجي وڃڻ واريءَ راهه تي نظرون ڊوڙائي رهي هجي. هُو سوچي رهيو هو - نه، هُو محبتن کان انڪاري ٿيل انسانُ، هتين خالي اُن دُوار کي ڪوليو بيٺو هو. اغول سندس زندگيءَ جي سموري عمارت ۾ هڪدم آڳ لڳائي ڇڏي هئي، جيئن گڏ ٿيل گاهه جي سٿن ۾ ڪير چڻنگ اُڇلائي ڇڏي-

حسين جي ماءُ! جنهن کي هن پيار ڪيو هو-

سندس اندر ۾ هڪ ويرانو هو، جذبن جي شدت سبب هن چاهيو ته دريا ۾ ٽپو ڏئي ڇڏي. شايد ائين ئي اندر جي بيقراريءَ کي ڪو قرار نصيب ٿئي.

ابن منصور آخر ڪير هو؟

هُو مڙيو ۽ هُن گلرنگ کي هڪ جهٽڪي سان جهلي پنهنجي سامهون ٻيهاري ڇڏيو.

”ڇا تون ڄاڻين ٿي اهو ڪير هو ابنِ منصور؟- گودڙي پوش غليظ ماڻهو - اهو ڪير هو آخر؟ تنهنجي آقا خاتون ڪيس ڪڏهن کان سُڃاڻندي هئي.“

گلرنگ حامد بن عباس جي منهن ڏانهن ڏٺو جيڪو اُجهاڻل اُجهاڻل هو - اڪيون ڏرا ڏئي ويون هيس، ڄڻ قيامت متانئس گذري وئي هجي. سندس ٻريل وجود اندر جي تاءَ سان پڙڪو کائي ٻرڪندڙ شعلي جهڙي هوا ڏئي رهيو هو.

"آقا، مون کي مهديءَ جي ظهور ٿيڻ جو قسم! آئون ان کان سواءِ، جيڪو ٻڌائي چڪي آهيان وڌيڪ ڪجهه نٿي ڄاڻان."

"جيڪڏهن هاڻ هُو ڪڏهن توکي نظر اچي ته سڃاڻي سگهندينءَ!" حامد جو آواز نهايت مبهم، شڪ سان ڀرپور، بي يقين ۽ جهيڻو هو.

"مون کي مهديءَ جو قسم! آءٌ ڪيس سڃاڻي وٺنديس. ها، اُهي بي پناهه اکيون ڪوبه وساري هرگز نٿو سگهي- اهڙيون نگاهون بس هن جون ئي ٿي سگهن ٿيون- ڳُجهه ڄاڻندڙ نگاهون-"

حامد آهستڙي آهستڙي ڪڙين پَر گُهميو. مٿي تي هٿ رکي هُو اُتي ئي ويهي رهيو، ڄڻ ڪجهه ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي. مخملي پڙدن کي سونهاري صبح جي جهوٽن لوڏيو. مسجدن مان اذانون اڀريون، پوءِ اوچن مُنارن منجهان اُن صدا سان خلائون ۽ فضائون ڀرجي ويون. هوائن رقص جي اَڻڪُٽ دائرن ۾ جهومڻ شروع ڪيو ۽ ان کي ٻڌي عرش به سجدي ريز ٿيندا ويا.

"ڇا حسين کي خبر آهي ته سندس ماءُ هڪ گودڙي پوش سان عشق ڪندي هئي؟" گلرنگ ڪِي لڳو هو قيامت منجهان گذري هڪ ٻيءَ زندگيءَ ۾ داخل ٿي رهي هئي. سندس سچي نقطي نظر موجب سندس ڪنهن به ڳالهه سان ڪو فرق نٿي پيو. ڪيس صرف حامد جي اذيت کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سچ ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي.

"آقاءِ محترم! اهو عشق نه هو، هڪ طرح جو معاهدو هو. هڪ مذهبي عقيدو هو، هو گودڙي پوش "روح الله" هو. آقازادي اهو ئي چيو هو، "مسيح!- جنهن جي ڇُهاءَ سان مئل زندگيءَ جي رڳن ۾ گرم رت ڊوڙڻ لڳي."

حامد ڪِليو- ڪيس هميشه کان مذهب جا اهي مونجهارا نه وڻندا هئا. "ڪو روح الله آهي، ڪو روح - حيات آهي، وعدو ڪيل مهدي آهي، آخر ڇو؟"

گلرنگ پنهنجي پيشانيءَ تان پگهر جا ڦڙا صاف ڪيا. 'دنيا فتنن ۽ فسادن سان ڀرجي وئي هئي ۽ ڪيس ڪنهن مسيحاء نفس جي ضرورت هئي. قائم القيامه جي، امام مستور هاڻ ظاهر ٿيا آهن. مهديءَ جو ظهور ٿي چڪو.'

حامد تيزيءَ سان اُٿي سندس ڪلها جهلي ورتا: "تون قرمطي آهين، زنديق آهين يا اهل بيت جي داعي آهين. ڪير آهين تون؟ - تون ڪڏهن کان انهيءَ بغاوت ڀريءَ تحريڪ جي دعوت ۾ شريڪ آهين ۽ تنهنجا ساٿي ڪير آهن؟

"آلِ فاطمه جي اذيتن ۽ مصيبتن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪنهن نئينءَ دعوت ۾ شرڪت

جي ضرورت ناهي. هيءَ هر دور جو تحفو آهي جيڪو آل رسول ﷺ لاءِ، آل حسين رضي الله عنه لاءِ موڪليو ويو آهي. آل علي رضي الله عنه آل فاطمہ رضہ جا منتظر ناهن تہ هن ڪاريءَ ڪنور رات منجھان ڏينهن جي روشنيءَ ۾ اچن."

"مات ڪر!" حامد زور سان پير زمين تي هنيو.

بوءِ هُن تاڙي وڄائي - هڪ زره پوش حبشي پنهنجي مُنڍي اندر ڪئي: "حڪم آقا!"

"هن ٻانهيءَ کي وٺي وڃ ۽ هن کان اهي سمورا راز معلوم ڪريو جيڪي مهديءَ جي ظهور متعلق آهن. عمار کي چؤ، سموري تفصيل مرتب ڪري مون کي موڪلي. اها سموري تفصيل آئون صبح جو امير المؤمنين جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ گهران ٿو."

تہ خاني ۾ لهندڙ پوسريل ڏاڪڻين تي پوسل سبب انهن ٻنهي جي قدمن جا آواز ڪيس ٻڌڻ ۾ نہ آيا. پيري نقاري تي ڏڪ لڳي رهيا هئا. فوجون صبح جي مشق لاءِ تيار هيون ۽ سُتل بغداد ۾ حامد جي دل قيامت مان گذري چڪي هئي.

حسين ابن منصور سوچيو:

سچ ڇا آهي؟
ظاهر، باطن ۽ تخليق-
جيڪا هر لحظي تبديل پذير آهي، سرگردان، حرڪت ۾، بلوغت جي جوش سبب بيتاب، ورهائجندڙ، راهہ ڀٽڪائيندڙ، مُنجهيل، وڪريل ۽ هر لحظي ياگا- ياگا
۽ ٻنهنجن پنهنجن دائرن ۾ گردش ڪندڙ
حيران ۽ پريشان!
تغير پذير، بدلجندڙ، ٻنهنجي الميي کان آشنا
هڪ کان ٻيءَ ماتريءَ ڏانهن، رقص ۾ رُڌل پڙ!
اهو تخليق جو شعور آهي جيڪو ڪيس بيقرار رکي ڇڏيو آهي.
حقيقيت هر لمحي ڪيس گهيريو ويٺي آهي ۽ ان کان وانجهيل بہ آهي
۽ انساني ذهن جي نارسائي جو ثبوت آهي
سچ ڇا آهي؟

ڪيس هندي سوداگر ياد آيو جنهن ڪيس ڪاليءَ جو اوتار چيو هو- ڪيس "روح الله" ڪوٺيو ويو هو - مسيحاءِ نفس!- پر هُو پاڻ ڪير آهي؟ ڪيس پاڻ کان ڏاڍو پڇڻو ٿيو- هُو ڇا هو؟ ٻهرين ڪيس هُن جي ڳولا هئي ۽ هاڻ هو پنهنجيءَ ئي ڳولا ۾ هو. جيڪڏهن آئون هُو آهيان- ڇا- ڇا؟ سفاڪ! سوالن کان بچڻ لاءِ هُو نفلن ۾ مشغول ٿي ويو هو. 'اي راز ڪائنات! مون تي عيان ٿي - اي حقيقت! مون تي آشڪار ٿي- سچ ڇا آهي ظاهر ۽ باطن؟'

حسين پنهنجي نفس کي چيو. 'اڃا ترس. اُبهرائيءَ جي اجازت ناهي. سوال ۽ سندس جواب جي وقت جو انتظار ڪر.'

هُو منتظر رهيو ڇاڪاڻ تہ سوال ڪندو رهڻ ۽ ان کي ورجائيندي رهڻ جي لذت ڪانئس ورتي وئي هئي. عرش منور کان درِ سدرة المنتهيٰ تائين ڪيترا آهن جيڪي منتظر آهن- اتان کان اڳتي وڃڻ سان ڪنب ڪامندا هئا - وسيع ايوان ۾ جيڪي هئا اُهي سڀ ڇا سوالي هئا- منتظر هئا؟!-

نفس ڪلي چيو: "آئون بارگاهن کان ٻاهر بيهندس، پر منهنجي منزل سدرة المنتهيٰ بہ ناهي."

حسين ڏڪي چيو: "تون ڪيڏانهن وڃڻ گهرين ٿو. ايترو گستاخ ڇو آهين. تو کي عشق جي نماز جي شوق جي سجدي جي ئي توفيق ناهي-"

نفس چيو: "آئون پاڻ ئي عشق ۽ پاڻ ئي نماز آهيان."

حسين ان تڪبر کي ٻڌي خوف ۾ پرجي ويو، ۽ پيشاني زمين تي لڳائي توبَهَن ڪرڻ لڳو. سمنونَ محبَ جو بہ ڪٿي پتو نہ هو ۽ بغداد ۾ حسين جي عبادتن جي هاڪ هئي. سندس رياضتن جا افسانا نهڻ لڳا هئا. غلام سمري جيڪو سندس خدمت ۾ رهندو هو انهن قصن کي هوا ڏيندو هو. اميرن جي گهرن منجهان پانهيون دعائن لاءِ حاضريءَ جي اجازت جون طلبگار هيون. سواريون هن خانقاه جي در تي بيٺيون رهنديون هيون جتي هو رهندو هو - ابو يعقوب اقطع ڪانئس بيزار هو، هو ڇڻ عتاب هيٺ هو.

هن سوچيو هو تہ سفر ڪندو ۽ جبلن ۽ بيابانن جي ڪنهن بہ شمار سواءِ هلندو رهندو، ايستائين جو انهن سمورين وستين کان پري ٿي وڃي. خلقت جيڪا سندس چوڌاري گڏ ٿيندي هئي، سندس محويت ۾ دخل انداز ٿيندي هئي. ماڻهو سندس دعا جي قبوليت تي بہ يقين رکندا هئا ۽ حيران بہ ٿيندا هئا، ۽ سندس خاموشيءَ کان متاثر پڻ. سوال ڪرڻ کان اڳ ئي جواب حاصل ڪري وٺڻ جي حيرت ڪيئن گهٽ ٿي سگهي ٿي - هُو دلين جا راز ڄاڻڻ وارو هو - رازن تي خبر ڏيڻ وارو هو.

اوچن منارن وارن ايوانن ۽ محلن ۾، بغداد جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ سندس شهرت پکڙجي رهي هئي. هُن اڪ ڪٽي نتي ڳالهايو. نفلن جي ڪثرت مان ڪيس ڪو سڪون نہ ملندو هو. هُو همہ وقت روزي سان هوندو هو.

پوءِ ڪجھ اهڙيون خبرون پکڙجڻ لڳيون هيون-

'سندس نفس ۾ شفا آهي. هُو جيڪڏهن سُڪل تارين ڏانهن اڪ ڪٽي نهاري تہ اُهي ساوڻ ٿيو وڃن ۽ انهن ۾ گُل ٽڙيو پون-

هُو جنهن بيمار لاءِ ڇٽي ڇڏي تہ تندرست ٿي وڃ تہ اهو ڇگو ڀلو ٿي ويندو آهي.'

پوءِ ٻيون مبالغن تي مبني ڳالهيون تہ هُو پاڻيءَ تي هلندو آهي، ڪيس ڪيترائي ڀيرا دجلہ کي هلي پار ڪندي ڏٺو ويو آهي.

پتيون سندس سامهون کان هٽي ڪيس پاڻ رستو ڏينديون آهن-

سندس دعا سان اڻ - ٽيٽيون، ٽيٽيون ٽي پونديون آهن. وقت بيهي رهندو آهي - پکي هوا ۾ بيٺا رهندا آهن. ڪائنس ڪجهه لڪيل ناهي ۽ هُو مهدي آخر الزمان آهي-

حامد جي هلندڙ هڪ محبوبہ ڪنهن اڻ ڄاتي مرض ۾ مبتلا هئي ۽ طبيبن جي اڻٿڪ ڪوششن بہ ڪيس تندرستي ڏانهن مائل نہ ڪيو هو. هُوءَ خاموشيءَ سان ليٽي پئي هوندي هئي. نہ ڪا ميار، نہ ڪو آواز، نہ ئي تيمارداريءَ جي ميڙ جي طالب - بس، سامهون تڪيندي رهندي، ڪڏهن پاڻمرادو ڪلي ڏيندي ۽ وري اُهائي المناڪ ماٺ - ڏسڻ وارن چيو ٿي تہ ڪيس صورتون ڏيکائي ڏين ٿيون. مٿس هوا ۾ آباد مخلوق جو پاڇو آهي، مٿس ڪا قوت قابو پائي چڪي آهي. ڪنهن ٿي چيو تہ ڪيس عشق هو. پر اهي سڀ سرڳاهٽ دبيل زبانن سان ٿيندا هئا. اغول جي موت کان پوءِ حامد ڏاڍو بخيل ٿي پيو هو. هُو قهرمانہ سان بہ ڳالهہ ڳالهہ تي وڙهي پوندو هو، ۽ محل ۾ گهٽ ايندو هو - وري گلرنگ جي هڪدم غائب ٿي وڃڻ سان بہ هر طرف هڪ هراس پکڙيل هو. ٻانهين تي نگراني سخت ڪئي وئي هئي ۽ ڪين آزاديءَ سان بازارن ۾ گهمڻ ۽ ڪم ڪار سان نڪرڻ جي اجازت نہ هئي. پر اُن رُومي نسل ٻانهيءَ تي حامد پنهنجي هزار جانين سان فدا هو، انهيءَ ڪري جڏهن قهرمانہ دبيل زبان سان چيو تہ جيڪڏهن طبيبن جي هٿن ۾ شفا ناهي رهي تہ پوءِ ڇو نہ ڪنهن مردِ خدا کان دعا جو طالب ٿجي تہ حامد ڪنڌ جي اشاري سان اجازت ڏني. ۽ پردن پويان بيٺل ساقيءَ کان جام جو پيالو وٺي موسيقيءَ جي انهن دلنواز تانن ۾ پنهنجو پاڻ کي گُم ڪرڻ لڳو جيڪي سازن ۽ آوازن جي تاجي پيٽي سان اُٿجي رهيون هيون. رقص ڪرڻ وارن نوجوان ڇوڪرن جڏهن ڳچيءَ کي خم ڏئي، اڌ ڪليل اکين سان ڪيس ڏٺو ٿي، تہ مٿس شراب جو نشو اوتجي ٿي ويو. ڊگهن ڪارن وارن واري ساقي ٻانهيءَ جي سنهڙي چيلهہ تي نظر قربان ٿيڻ تي لڳيس ۽ سموري عمر اُن جي آغوش ۾ گذاري ڇڏڻ ئي حاصلِ حيات رڳي ٿي - ڪاش!

ڳائڻ واري طنبوري تي آڱريون ڦيريون ۽ ڳايو:

"جڏهن بہ اسان جي دل ۾ تنهنجو خيال آيو
تہ وڇوڙي جي غم کان ساهہ نڪرڻ لڳو
جي اسين ضبط نہ ڪريون تہ واقعي مري وڃون
آهہ! ڇا زمانو هو!
وصال جو-
جڏهن اسين مسرور ۽ شادمان هئاسين،
خدا سندس ياد کي دل ۾ سدا آباد رکي

اُهو زمانو، جڏهن تون اسان جي
اکين آڏو ٽڙندڙ
گل هئينءَ
خدا جو سُنهن اسان جي دل توکان سواءِ نه ڪنهن ٻئي کي جڳهه ڏني
۽ نه ئي تمنائن توکان سواءِ ڪنهن ٻئي جي تمنا ڪئي.“

هُو ڪجهه هفتا اڳ اولهه جي پاسي اُتيل هڪ نهايت سخت ترين جنگ تان موٽيو هو جتي ڪيس حالتن جو جائزو وٺڻ لاءِ مڪتفيءَ موڪليو هو. حالتون ڪنبائي وجهندڙ ۽ بنه اَبتر هيون جو ڪيس سلطنت جي ثابت قدميءَ ۾ بيهڻ تي لرزش محسوس نه ٿي هئي. هن سوچيو هاڻ ڪجهه ئي ڏينهن ۾ تباهي شروع ٿي ويندي. مهديءَ جي ظهور جي ان گهڙيءَ جڏهن نهايت جا نشان ظاهر ٿي رهيا هئا ۽ سمورا علائقا پنهنجي مال ۽ ملڪيت سميت مهديءَ جا فرمانبردار ٿي رهيا هئا. ابو عبدالله نهايت نيازمنديءَ سان مهدي جي چوڌاري دولت جا انبار لڳائي چُڪو هو ۽ هڪ ادنيٰ غلام وانگر فقط خدمت گذاريءَ ۾ خوش هو - فوجون شهادت جي اُن جوش سان آباد هيون جيڪو اسلام جي شروعات ۾ جهادن وقت ڏٺو ويندو هو ۽ انڪري بغداد جي فوجن جو ان تي فتحياب ٿيڻ ذري گهٽ ناممڪن ٿيندو ٿي ويو. خوفناڪ خونريز جنگ ۾ عبدالله شيعيءَ کي اولهه ڏانهن ڌڪاري ڇڏيو ويو جتي جاهل بربرَ، عربن کان بيزار ٿيڻ سبب سندن اطاعت ۽ هُن جي مذهب کي قبول ڪري رهيا هئا.

ابو عبدالله نهايت سادي زندگي گذاريندو هو ۽ هُن جبل ايڪجان کي مضبوط قلعو بنائي ورتو هو. ’زيادة الله‘ جي غفلت جيڪري هن ذاتي طاقت حاصل ڪري ورتي هئي ۽ پنهنجي ڀاءُ احول کي، جيڪو هڪ جنگجو ۽ باتدبير سپهه سالار هو قتل ڪرائي ڇڏيو هو، جنهن جي عيش جي محفلن ۾ جڏهن وڌندڙ خطري جو ذڪر ٿي ٿيو ته هن شراب جو جام ڪٽي پٽ تي ٿي اُڇلائي هنيو، ۽ چيو ٿي،

”ڇا جبل ايڪجان جبل الطارق آهي جو اسان کي پنهنجيون پيڙيون ساڙڻيون پونديون.“

قومن جي سردارن پنهنجي عافيت ۽ بقاءَ لاءِ ابو عبدالله جي اطاعت قبول ڪري ڇڏي هئي ۽ مهديءَ جي ظهوريت جي تيارين ۾ لڳي ويا هئا. ڀلا ٿيڻ واري واقعي کي ڪير روڪي ٿي سگهيو؟ ۽ هيءَ ته قيامت جي اچڻ جي گهڙي هئي جنهن لاءِ ماڻهو ڪڏهن کان منتظر هئا؟ قرمطي، اسماعيلي ۽ داعي جن صرف خوشخبريون ٻڪيڙيون هيون ۽ واپارين جي ويس ۾ ملڪان مُلڪ گهميا هئا. آل فاطمه رضہ جا ڏينهن ڦريا هئا.

اولهه منجهان آل عباس جي چوپڙ ويڙهجي رهي هئي.

۽ ڪير ڪجهه نٿي ڪري سگهيو- ڀلا ڪير ڇا ٿي ڪري سگهيو؟ هيءَ خدا جي مرضي هئي ته چوپڙ ويڙهي يا وڇائي وڃي. حامد بن عباس خرچ جي تفصيل پيش ڪئي ۽ پيا

وزير ڏورانهن ملڪن ۾ جنگيون ڪرڻ کي هونئن بہ خزاني جو زيان سمجندا هئا ۽ مصر ذري گهٽ پي دنيا هو- الڳ ۽ ڏورانهون - ۽ سندن مسئلو نہ هو.

حامد جي رومي نسل نئينءَ محبوبہ لاءِ جڏهن قهرمانہ ابنِ منصور وٽ پهتي تہ هُو مراقبي ۾ هو. سندس غلام سمري چيو، "جيڪڏهن اوهين انتظار ڪيو تہ بہ اجايو آهي هاڻ هُو سياڻي صبح جوئي ملي سگهندا."

"ڪين ايڏي عبادت ٿڪائي نٿي." قهرمانہ پڇيو.

"ٿڪ؟ هو عبادتن بعد تازي گل مثل هوندو آهي. نهايت پيچيده رياضتن ۾ خدا سان همڪلام هوندو آهي." سمريءَ فخر وچان چيو.

قهرمانہ اچرج وچان اڪيون کولي چيو: "ماڻهو چون ٿا تہ مٿس فرشتا لهن ٿا."

"فرشتا؟ هو تہ سڌو سنئون خدا سان راز ۽ نياز ۾ مصروف هوندو آهي." سمريءَ سُرباهت ڪئي. قهرمانہ سندس پانهن جهلي ورتي.

"اهو ڪيئن تو ٿي سگهي پيغمبر بہ وحيءَ جا منتظر رهندا هئا."

"جيڪا صورتحال آهي مون اوهان کي اُن جي خبر ڏني آهي." سمريءَ چيو.

"تو ڪڏهن ڪجهہ ٻڌو ڏٺو بہ يا فقط قصو گهڙي رهيو آهين." هُوءَ ڏاڍي مُنجهي پئي هئي.

"محترم خاتون خدا جو قسم آئون قصن گهڙڻ وارن مان ناهيان پر مون ڪيس هوا سان ڳالهيون ڪندي ۽ هٿ ڊگهيري شيون وٺندي ڏٺو آهي. هُو بک ۽ اُڃ کان ناآشنا آهي. سندس اکيون ننڊ سببان ڪڏهن بند ناهن ٿينديون. آرام ۽ ڪِهر هن لاءِ ناهن."

"اهي صفتون انسان ۾ نٿيون ٿي سگهن!" قهرمانہ ڪنڌ کي نهڪر ۾ حرڪت ڏني.

"تو مون کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي-"

"پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، اوهين پاڻ ڏسي سگهو ٿيون جڏهن هُو مراقبي ۾ هجي تہ ڪيس ڪا خبر ناهي رهندي. هُو مافوق الفطرت آهي." سمريءَ جواب ڏنو.

"عام ماڻهن کان وڌيڪ!- پيغمبرن کان وڌيڪ!- اِهي تہ خدائي صفتون آهن!" قهرمانہ پاڻ ڇڏي هيٺ ويهي رهي.

"آءٌ ڪهڙو عرض ڪيان مون غلاميءَ جي هن عرصي ۾ ايتريون عجيب ڳالهيون ڏٺيون آهن، جو انهن جي بار کان منهنجي دل ڦاٽڻ تي لڳي. دماغ بتال آهي. آءٌ دروازي تي رهندو آهيان پر منهنجيون ضرورتون بہ غيب منجهان پاڻ مراديون پوريون ٿي وينديون آهن. ضرورتمند هتي ايندا آهن ۽ سندن ضرورتون پوريون ٿي وينديون آهن. ڪجهہ چوڻ جي ضرورت ئي ناهي پوندي."

قهرمانہ آهستگيءَ سان چيو: "جيڪڏهن اهي سڀ ڳالهيون نہ ٿيون تہ ياد رک سنگين تاريڪ بنديخانو تنهنجو منتظر هوندو - هاڻ آءٌ هلنديس."

سمري ڪيس ويندي ڏسندو رهيو. اُهو خچر نهايت عمدو ۽ هيڊي رنگ جو هو ۽ اڳيان پويان اَڇين وردين ۾ راهه سنوارڻ وارا غلام هئا. هُو هٿ ملڻ لڳو. پنهنجن ڳلن تي زور زور سان چماٽون هنيائين. هُن ته اُن خاتون کي مرعوب ڪرڻ تي گهريو صرف مرعوب. نه چاڻ هاڻ ڪهڙو تاريڪ بنديخانو سندس مستقبل ٿئي؟ ڇا ٿئي؟

پر ابن منصور جي نفلن جي ڪثرت ۽ ڊگهن مراقبن جو نتيجو اهوئي ٿيڻ گهرجي. سمريءَ سوچيو - هو ڇو ٻين ماڻهن وانگر ناهي؟ ڏينهن رات جو شمار هن لاءِ ڪائي حقيقت نه ٿو رکي. ٻُک، اُڃ، ڪنهن شيءِ جي ڪيس تڪليف نٿي ٿئي ۽ پوءِ به آه زاريءَ جي ڪثرت سان سندس اندرُ ايڏو بي تاب ڇو رهندو آهي؟ سندس اکيون مشعلن وانگر ڇو آهن؟

جڏهن قهرمانه واپس پهتي ته بيمار ٻانهي دريءَ وٽ ويٺي ٻاهر ڏسي رهي هئي! ڪيس پنهنجين اکين تي اعتبار نه آيو. هُن سوچيو شايد اوچتو خواب جي ڪيفيت مٿس ڇانئجي وئي آهي ۽ ننڊ، ماندڪائيءَ ۽ گرميءَ مٿس اثر ڪيو آهي.

”ناممڪن!“ هن پنهنجو پاڻ کي چيو، اڃا صبح جي پهرئين پَهر ان بزرگ سان ملڻ وئي هيس ته هيءَ پنهنجو هٿ به نه ٿي لوڏي سگهي. اکيون کولڻ هن لاءِ ڏکيون هيون - مون کي سندس حياتيءَ کان مايوسي هئي - ۽ هُن وري ڏٺو ته هُوءَ اُٿي ۽ ساڻس چنبڙي پئي.

”اوهان ڏٺو نه - مون کي هڪدم شفا بخشي وئي آهي. آءٌ هلي سگهان ٿي. مون کي سخت ٻُک محسوس ٿي رهي آهي.“

قهرمانه اُن ئي جڳهه تي ويهي رهي.“ خدا جو قسم! اهو ناممڪن آهي، قطعي ناممڪن! اهو ڪيئن ٿي سگهيو ٿي!“

”منهنجن ڪنن تي هڪ آواز پئجي رهيو هو. بيدار ٿي! تون بنهه تندرست آهين‘ ۽ پوءِ مون پنهنجو پاڻ کي ائين ئي محسوس ڪيو جيئن اوهين هينئر مون کي ڏسي رهيون آهيون.“

”هو ’روح الله‘ آهي، مسيحاءِ نفس‘ آهي يا ان کان به عظيم - غيب جو ڄاڻو ۽ خدا وانگر بخشڻ وارو!“

قهرمانه بنهه حيران ٿي رهي هئي ”پر ماڻهو سندس پويان پئجي ويندا. خلقت هُن لاءِ هلاڪت ٿي پوندي. منهنجي نگاهن وڏن وڏن هنيلن سرن کي خاڪ ۾ ملندي ۽ خيالن سان ڀرپور ذهنن کي برباد ٿيندي ڏٺو آهي.“ هوءَ سوچي رهي هئي. پوءِ هن اٿندي چيو: ”آءٌ آقا کي تنهنجي ڇاڪائيءَ جو اطلاع ڏيان.“

رومي نسل ٻانهي پنهنجن ڊگهن سونهري وارن تي هٿ ڦيريو ۽ شرمائجي نگاهون جهڪائي ڇڏيون.

آخر هو ڪيئن ايترين طاقتن جو مالڪ ٿيو هو؟

مٿس فرشتا لهندا هئا!

ٻئي ڏينهن قهرمانہ غلامن کان نظرون بچائي پنڌ ئي پنڌ اُن خانقاہ تائين رستو طئہ ڪيو جتي هُن جي رهائش هئي. هُوءَ سراپا نياز هئي ۽ منتظر پر ڪيس حاضريءَ جي اجازت نہ ملي ان ڪري جو ابن منصور غلام سمريءَ کي چيو هو تہ هو ڪنهن خاتونءَ سان ملڻ نٿو گهري.

"ڇا تون منهنجي لاءِ ڪجهہ نٿو ڪري سگهين - آئون صرف هڪ نگاهہ ڪين ڏسڻ ٿي گهران."

"اها ڳالهہ ابنِ منصور تي آڏاري ٿي. آئون ادنيٰ غلام ڪوڙو واعدو ڪيئن ڪريان؟" سمريءَ جواب ڏنو.

قهرمانہ خاموشي ۽ نيازمنديءَ سان ڪنڌ جهڪائي هُن جون ڳالهيون ٻڌندي رهي.

"مون کي هڪ پيرو صرف هڪ پيرو ملاقات جو شرف بخش!" قهرمانہ چيو.

"نہ - جيستائين مون کي ملاقات جي اجازت نٿي ملي آئون ائين نٿو ڪري سگهان." سمري نهايت شيخيءَ منجهہ چيو.

"شاهي دربار ۾ بہ حاضري ملي ويندي آهي. وڏا وڏا شهنشاهہ بہ خلقت جا محتاج هوندا آهن."

"هتي صرف سائل کي اجازت هوندي آهي فقط شوق خاطر ملڻ وارن کي نہ." سمري اندر هليو ويو.

هُوءَ انبوهہ ۾ جيڪو ٻاهر گڏ ٿيل هو رَلجي ويهي رهي. جتي شڪليون نقابن سان اوڙهي، پنهنجو پاڻ کي چادرن ۾ ويڙهي، بيمار ۽ تندرست هر طرح جون عورتون هيون. مرد ۽ جوان، ٻار ۽ ٻڍا سڀ هئا پر ڪوبہ ڳالهائي نہ رهيو هو. ڪوبہ تڪڙ ۾ نہ هو. ڪوبہ حاضريءَ جي اجازت طلبي نہ رهيو هو. هي عجيب انبوهہ هو - قهرمانہ سدائين خلافت جي ايوانن ۾ ماڻهن جا انبوهہ ڏٺا هئا. سرٻاهٽ ڪندي، بيتاب، پريشان، منتظر، مُنتل، پيشانين تي وَر، گهرين سوچن ۾ غرق، پگهر ۾ ٻڏل، بيزار، اڪين ۾ سوال ڪٿي، ديوانن وانگر انهن جون شڪليون سوال ئي سوال هونديون هيون. پر هتي جيڪي ماڻهو هئا اُهي ڪٿان ڪان آيا هئا. ڇو اهڙا هئا؟ نرم سياءَ سان مائيٽا. ڪنهن ٻيءَ دنيا جي مخلوق ۽ هيءَ بادشاهت ڪا ٻي بادشاهت هئي -

"آئون ڇو هيستائين پيتڪندي رهي آهيان. ڪٿي پيتڪندي رهي آهيان؟

جڏهن ڏينهن لهي ويو تہ ماڻهن موٽ ڪائڻ شروع ٿي. ڪنهن کي اندر نہ سڏيو ويو. حاضريءَ جي اجازت ڪنهن کي نہ ڏني وئي. ڪنهن کي ڪجهہ نہ چيو ويو. سمري ماڻهن کي پاڻي پياري رهيو هو ۽ انهن سان ڪيڏيءَ مهل اُهڙيون ئي ڳالهيون ٿي ڪيائين جيئن هُن ساڻن ڪيون هيون. سيني ڪان آخر ۾ سندس وارو آيو.

"تون واپس وڃ ۽ منتظر رهہ." سمريءَ نقاب ڏانهن معمولي نهار بہ نہ ڪئي.

جڏهن قهرمانہ واپس آئي تہ هُن هڪ غلام کي پنهنجو منتظر پاتو پوءِ هن پنهنجي چادر لاٿي ۽ حامد بن عباس جي ان ڪمري طرف هلي وئي جتي حاضريءَ لاءِ سڏجڻ واري کي اجازت هوندي هئي. هوءَ داخل ٿي تہ حامد ٻيٺو هو. ٻنا ڏٺي هُن چيو:

”قهرمانہ! آئون قبيحہ کي ڏسي حيران آهيان. اهو ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي -“

”جي آقا. اهو معجزوئي آهي جو آئون ابنِ منصور کي ڏسي نہ سگهيس.“

”ڇا مطلب.“ حامد هُن ڏانهن ڏسندي چيو.

”اهو تہ اُتي ڪنهن کي حاضريءَ جي اجازت ناهي. سڀ ماڻهو ٻاهر منتظر رهندا آهن ۽ پوءِ واپس گهرن ڏانهن هلي پوندا آهن ۽ سندن ڏک سُور پاڻ مرادو ختم ٿي ويندا آهن.“

”دلچسپ!“ حامد چيو، ”تو پاڻ ان کي ڏٺو جنهن جي در تي سوالي منتظر ٻيٺا رهندا آهن.“

”جي نہ، آقا.“

”تہ ڪيس ڏس ۽ پوءِ مون کي اطلاع ڏي.“ هو نهايت تلخيءَ منجهان مڙيو. هُن تاڙي وڄائي، حبشي غلام کي سڏايو ۽ ڪيس ننڊ جي وقت کان گهٽو اڳ صراحي آڻڻ جو چيو، ڇاڪاڻ تہ ايڏي گهٽي خوشيءَ باوجود اندر ۾ ڏاڍو ناراض هو جڻ قهرمانہ ابنِ منصور سان نہ ملي ڪا وڏي ڪوتاهي ڪئي هجي - خبر ناهي هي ڪهڙو ابن منصور هو ۽ سندس ذهن تي گذريل واقعا جيئن پردي جي آڏو تصويرون ٿي گذرن گذرڻ لڳا.

شراب زهر جو پيالو هو.

ساقيءَ جي صورت گدلي گدلي ۽ صراحيءَ جهلڻ جو انداز نهايت اَڏنگو هو.

رقص بيڪار ۽ بي مزي هو.

موسيقي نوحو هئي.

سازن ۾ ربط نہ هو.

هن شراب جو پيالو اُتي ئي اونڌو ڪيو. پردا سڏا ڪيا ويا هئا. رقص ڪرڻ وارين ٻانهين کي واپس اُماڻيو ويو هو. رومي نسل ٻانهي ڪتي اندر ايوانن ۾ رهي ۽ حامد بن عباس جي وات ۾ چٽڪ واري پيل هئي. سندس ڏندن وچ ۾ ڪِرچ ڪرچ ٿي رهي هئي. بغداد ڪيس ڪڏهن ايڏو ويران نہ لڳو هو. زندگي نهايت بي مزي هئي، پوءِ اوچتو ڪيس ڪجهہ ياد آيو. هن تاڙي وڄائي تہ زره پوش حبشيءَ مُنڊي اندر ڪئي.

”آقا!“

”هن ٻانهيءَ کي وٺي اچو، گلرنگ کي!“ هن چيو.

حبشيءَ جي مُنڊي پردن پويان غائب ٿي وئي. هُو انتظار ۾ بيقرار ٿي رهيو هو. مٿس هڪ هڪ لمحو هزارن سالن جو بڻجي گذري رهيو هو. ڪيس لڳي رهيو هو تہ هُو ڪائنات جو آخري فرد آهي ۽ سڀ ڪجهہ تباهہ ٿي چڪو هو. سندس چوڌاري سواءِ رڪ جي ٻيو ڪجهہ

ناهي. هو هڪ ويرانيءَ ۾ آهي ۽ مري نٿو سگهي. سندس ذهن ۾ طوفان اُٿلون کائي رهيا هئا - هو اڪيلو هو ۽ جهنم جي عذاب منجهان گذري رهيو هو. چئني پاسي هڪ عجيب تپش هئي. هِن طاقت تائين هن ڪيترن اڻ ڇاتل پُرخطر رستن تان سفر ڪيو هو. پنهنجي ماضيءَ کي جيڪو هڪ ڀيرو اُجاڙ ٿي چڪو هو هُن ٻيهر آباد ڪيو هو. هُن انهن خيابانن کي ٻيهر آباد ڪيو هو. هڪ گمنام طالب علم کان هڪ وزير جي عهدي تائين هن پنهنجي محنت ۽ رياضت سان رسائي حاصل ڪئي هئي ۽ هاڻ جڏهن هو دنيا جي ڪنڊڪڙڇ کان آندل طرحدار ٻانهين ۽ بي پناهه حاجتمندن جي هجوم ۾ غلطان هو يڪدم ڪيس خبر پئي ته ڪنهن به شيءِ جي ڪابه اهميت نه هئي. سندس زندگيءَ جي گلزار کي هڪ گودڙي پوشَ ٻيهر ويران ڪري ڇڏيو هو ۽ هو ڪجهه نه ڪري سگهيو هو- هو جيڪو خليفي جي مزاج ۾ بخيل ۽ وزير باتدبير هو - هُو ڇا هو؟

گلرنگ کي وٺي، انهن هزار ڏاڪڻين جي ترڪڻ اُڪري، جڏهن غلام جهڪندي حاضر ٿيڻ جي اجازت طلبي ته سندس تلوار زره کي ڇهندي هڪ هلڪڙو آواز پيدا ڪيو. حامد مُڙيو ۽ گلرنگ کي ڏٺائين جيڪا اهڙيءَ طرح ئي هشاش بشاش ۽ نئين بهار وانگيان هئي، سندس مُنهن تي چمڪ هئي ۽ اکين ۾ هڪ سڪون هو. سيءَ جنهن جي جهوٽي مٿس ڏڪٽي طاري ڪري ڇڏي - خبر ناهي هيءُ سرد جهوٽو ڪٿان کان آيو هو - ڪنهن انکي آندو هو - هُن ائين ڇو محسوس ڪيو هو - جڏهن ته پردا ڪِريل هئا. دريون بند هيون ۽ درباءَ ڏانهن کُلڻ وارن دروازن پاسي به ماٺ هئي.

”هيڏانهن ويجهي اچ.“ هن ٻانهيءَ کي حڪم ڏنو.

گلرنگ جي منهن تي تعجب ۽ ننول ڏسڻ جهڙي هئي. سندس چوڌاري ڪوبه پَوَ نه هوءَ پر هُو هر وک ائين کڻي رهي هئي جڻ موت طرف ٻيهر موٽ کائي رهي هجي.

حامد چيو:

”گلرنگ تون ابنِ منصور وٽ وڃ ۽ ڏس ته ڇا هُو اهوئي آهي جنهن کي تنهنجي آقا زاديءَ 'روح الله' چيو هو جيڪو ڪيس جيئري ڏسڻ وارو آخري انسان هو.“

گلرنگ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. حامد جي وات ۾ لفظ پٿريون ٻڻجي ڇُپيا. سندس دل ۾ اندي بحر جهڙيون وِرون اُڀري رهيون هيون.

”آئون واعدو ٿو ڪريان ته توکي معاف ڪيو ويندو پر مون کي ابن منصور متعلق چڱيءَ طرح سموري آگاهي گهرجي. وقت ۽ ذريعا تو لاءِ لامحدود هوندا پر مون کي اصل خبر گهرجي.“

گلرنگ ادب سان چيو: ”ابن منصور جيڪڏهن اهو ساڳيو شخص نه هوندو ته پوءِ؟“

”پوءِ به تون آزاد ڪئي وينديءَ. توکي مصر جي حدن ڏانهن وڃڻ جي اجازت هوندي.“ حامد خوشدليءَ مان چيو.

حبشي غلام واپس وڃي چڪو هو ۽ گلرنگ اچا تائين اُتي هئي.

"پنهنجي قيد ۽ بند متعلق ڪنهن کي پُتڪ به نه!" حامد ائين چيو ڄڻ ڪيس ڪجهه ياد اچي ويو هو.

"بهتر آقا!" هن آهستگيءَ سان چيو.

"قهرمانه کي ڪهڙو جواب ڏنو ويندو؟" گلرنگ پڇيو.

"ڪيس مون ڏانهن موڪل. تون حرم ۾ وڃي سگهين ٿي." حامد چيو.

پوءِ هُن ڪيس وڏي دروازي منجهان اندر محل ڏانهن وٺندي ڏٺو ۽ هڪ ٿڌو ساهه ڀري انهن ڏينهن کي ياد ڪيو جڏهن اغول هئي، ۽ وري حسين جي پيدائش ۽ ننڍا ننڍا واقعا سندس چوڌرد مينهن ڪٽين جيان وسڻ لڳا. يادون ۽ خوشيون، سندس مُرڪ، مانائي ۽ سونهري وارن جو خيال ۽ سندس بي نيازي، بي پرواهي جيڪا بي رخي هرگز نه هئي - سندس عبادتون ۽ سنجيدگي، سندس ٻانهين ڪان الڳ ٿلڳ هئڻ- هُوءَ سندس زندگي ۾ رچجي وئي هئي پر نه ڄاڻ ڇو هُوءَ خوش هرگز نه هئي. ڪيس اُهو زمانو پئي ياد آيو جڏهن حسين پيدا ٿيو هو. پوءِ تربيت لاءِ ڪيس حرم ڪان ٻاهر رکڻ ۽ اغول جو اڪيلائيءَ ڏانهن موٽ کائڻ. پنهنجي خدا جي عبادت جي راهه تي پاڻ ارپي، خدمتگارن ۽ نوڪرن چاڪرن سان گڏ ڊگها سفر ڪندي رهڻ -

حامد کي دربار جي مصروفيتن ۽ ذميدارين گهيري ورتو هو. جڏهن هو آخري ڀيرو ڪانئس موڪلائي رهي هئي ته هڪ پرسڪون نور جهڙي تجلي سندس مُک تي هئي. سندس وڏي سفر واري وقت دوران حامد کي ياد ايندو هو ته هُن چيو هو:

"آقا هاڻ تي سگهي ٿو ته ملاقات ۾ ڪجهه زمانو لڳي."

هن لاءِ هُو پنهنجي دل ۾ هڪ عجيب بيچيني محسوس ڪندو هو. جملي جون تشريحون هن پنهنجي طور تي ڪيون هيون ۽ پوءِ سندس موت جي خبر ۽ ملاقات لاءِ زمانن جو فاصلو - خبر ناهي حشر جي ميدان ۾ حساب جي ڏينهن سندن ملاقات ٿئي يا نه. بهرحال ڇاتيءَ اندر دل جي جڳهه تي هڪ خال هو جيڪو پوءِ جي مصروفيتن به ڪڏهن نه ڀريو هو.

هُوءَ ته پڪ ڪيس نه ملي سگهندي انڪري جو هُوءَ ابن منصور جي محبت ۾ گرفتار هئي. سندس اڳيان ٻويان اونداهو هو. اهي سڀ ٻانهيون جن سان سندس حرم ڀرڪائندڙ هو ساڻس محبت ڪنديون هيون. سندن ادائون سندن محبت - سندن جواني ڇا مجبوري نه هئي؟ ۽ هُو رومي نسل ٻانهي جنهن جي سونهري وارن جي ڇار ۾ هو قاتل هو ڇا هُوءَ ساڻس محبت ڪندي هئي، ڪري سگهندي هئي - محبت هن لاءِ ڪٿي هئي. صرف زندگيءَ جو بنا ڇپر ڇانوَ ويرانو هو جنهن ۾ ڪيس اڪيلي سر ڊڪندي رهڻو هو ۽ جنهن جي منزل اڻ لڀ هئي. حيات جي سحر جا بند دروازا هن لاءِ بند ٿي رهندا. هُو ڪڏهن اُن جوهر تائين پهچي نه

سگهندو جنهن کي هزار وقتن ۾ جان جوکم سان حاصل ڪيو ويندو هو ۽ جيڪو بعد ۾ حيات جو سرمايو بنجي ويندو هو.

ماڻهو ڪيئن ته پين ماڻهن سان محبت ڪندا آهن؟-

محبت ڇاهي ؟؟-

هو حيات جي ڊوڙ ڊڪ ۾ ڪڏهن سمجهي ئي نه سگهيو هو ته محبت ڇاهي - هن اڄ تائين ڪنهن کي ڪجهه نه ڏنو هو، اُتلو ڪائنن ورتو هو. سندن وفا جو طالب رهيو هو. سندن نگاهه جو گهرجائو رهيو هو. پنهنجو پاڻ کي محبت جي محور جو مرڪز سمجهندو رهيو هو. هُن ڇا سمجهيو هو-

زندگيءَ جو راز ڇاهي ؟

جيڪڏهن محبت آهي ته خدا سان به محبت ڪرڻ ممڪن ئي هوندو. ڇا هو حيات جي گهرج هو. وڪامجڻ وارن غلامن وانگر جيڪي بازارين ۾ اگهامجڻ جي انتظار ۾ هوندا آهن. سندس سوال به جوابن جي انتظار ۾ هئا.

هُو دل ئي دل ۾ اها دعا پڻ گهري رهيو هو ته اهو ابن منصور اهوئي ساڳيو نه هجي پر ان ۾ ابن منصور جو ڪهڙو ڏوهه هو- هو طلب ڪئي وڃڻ تي غلط اطلاع تي ويو هو. هو اغول سان ڪڏهن مليو هو- ڇالئه مليو هو- ڪڏهن نه حل ٿيڻ وارن معمن وانگر گودڙي پوش مرد حق ۽ اغول جي تصوير سندس نگاهن ۾ گُهمي وئي. اغول نه هئي ۽ ڪير نٿي ٻڌائي سگهيو ته هو ابن منصور کي ڇو ڇاهيندي رهي هئي - ڇو؟

ظاهر ۾ ڪيس دنيا جون سموريون نعمتون حاصل هيون. هن ڪڏهن هڪ لمحي لاءِ به ڪيس ڏوڪڙ ڳنهيل ٻانهي نه سمجهيو هو. هن شادي ڪئي هئي ته جيئن صالح اولاد جو پيءُ سڏرائي سگهي. ڪيس هن سان بي پناهه پيار هو. سندس گُم سُم ۽ هراسيل انداز، لڪي لڪي ڪُنڊن ۾ روئڻ جو طريقو سندس دل کي سدائين ڏوڙي رکندو هو. آزاد فضا ۾ تربيت ڏنل هي ٻار اهڙو ڇو هو- اها ڳالهه سندس سمجهه کان مٿاهين هئي.

حسين ڪٿي هو؟ گَلرنگ کان تفصيل معلوم ڪرڻ کانپوءِ سندس زندگي هڪ پُوسي پريل رانديڪي جهڙي ٿي وئي هئي، جنهن جي حرڪت جي ڏور ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ هوندي آهي. جنهن جو انحصار تماشو ڏيکارڻ واري تي آڌاريل هوندو آهي. هُو وساري وينو هو ته هُو ڇا هو- ٻانهيون ۽ شباب ڀري زندگي ۽ دربار جون مصروفيتون، سفر، سڀ پاڇي ۾ ڏنل صورتن وانگر سندس چوڌاري ان تماشي ۾ شامل ضرور هئا پر سندس شڪست وارن احساسن ۾ شريڪ نه هئا. هو وڪريل انسان هو جيڪو نامعلوم سان ٽڪرائي پور پور ٿي ويو هو ۽ رتايل وجود کي ائين ئي گهليندي ڦرندو ٿي وتيو، جڏهن ابن منصور سندس ڪڍ ۾ هڪ پاڇي وانگيان هو. هر موڙ تي حملي ٿيڻ لاءِ تيار هو ۽ حيرت ته اها هئي جو ڪيس اها به خاطري نه هئي ته سندس دشمن ڪير آهي.

ابن منصور هڪ عام ماڻهو هو ۽ هن وٽ ڪنهن عهدي تي فائز نہ هئڻ جي ڪابہ پرواه لائق وجهہ نہ هئي. هو شاعر نہ هو، موسيقار نہ هو، ۽ حامد بن عباس انهيءَ ڪان وڌيڪ ڪجهہ سوچي بہ نہ سگهندو هو- ماڻهو عظيم هوندو هو تہ دربار ۾ ڪرسي سندس لاءِ ناقابل حاصل هوندي هئي، جنهن کي حاصل ڪري هن پنهنجو پاڻ کي نهايت قابل تسليم ڪرائي ورتو هو. هو ڪهڙي طرح ان پاڇي ڪان آجو ٿئي - ڪيس گلرنگ جي موٽي اچڻ ۽ ابن منصور متعلق، سندس شخصيت تي شاهد ٿيڻ جو شديد انتظار هو.

گلرنگ ساڻس دغا نٿي ڪري سگهي. ڪيس بغداد ۾ رهڻو هو ۽ هُوءَ ساڻس فريب نٿي ڪري سگهي. بهتر ٿئي ها جي هُو قهرمانہ کي گلرنگ سان گڏ اُماڻي ڇڏي ها.

هن تاڙي وڄائي - قهرمانہ کي سڏڻ لاءِ حرم جي حبشي ٻانهي کي حڪم ڏنو.

پر هوءَ ڪٿي هئي؟ حامد بن عباس کي لڳو پيتيون سندس ڇوڏاري ڪِري رهيون هيون. ڇت سندس مٿي تي ڊهڻ واري هئي.

"هُوءَ هڪ هفتي کان هتي ناهي شايد اجازت طلب ڪري ڪيڏانهن وئي هجي." حبشڻ ٻانهي ڪنبي رهي هئي.

"قهرمانہ! ڪٿي آهي قهرمانہ- ڪيس سڏيو وڃي." هن ويجهو لڙڪيل ريشمي ڏوريءَ کي ڇڪيو جنهن جو مطلب محافظ دستيءَ جي ٽڪڙي طلبي هئي.

گڏوگڏ قدم کڻڻ جي آوازن هڪ عجيب هراس پيدا ڪري ڇڏيو هو ۽ هاڻ هو سڀ ايوان کان ٻاهر باادب منتظر بيٺا هئا ۽ سندن مياڻن مان نڪتل تلوارن جي چمڪ اکين کي ڪيرو ڪري رهي هئي. هو دل ئي دل ۾ لڇي تي رهيو هو. ڇا هن ڪين قهرمانہ لاءِ سڏيو هو- فقط مبهم خوف جي بنياد تي ۽ خوف بہ ڇا هو؟ ڪيس ڇا جو خوف هو. هڪ بي نانءُ اڻڄاتو خوف تہ ڪٿي قهرمانہ بہ سندس ساٿ ڇڏي نہ ڏنو هجي. ڪير ڪنهن کي وفادار رهڻ تي مجبور نٿي ڪري سگهيو-

هو ٻاهر منتظر رهيا ۽ سندن سالار اندر اچي "حڪم آقا!" چئي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. اهو اهڙن جانثارن جو دستو هو جنهن کي حامد وڏي سرمايي ۽ مراعتن سان گڏ ڪيو هو. سلطنت ۾ اڳيان وڌڻ ۽ پنهنجي جڳهہ پنهنجا پير مضبوط ڪوڙڻ لاءِ اهڙيون حڪمت عمليون ضروري هيون ۽ وري حامد جي دل ۾ خواهشن جو جيڪو ڪورو ٻرندو هو ۽ گذريل وقار کي حاصل ڪرڻ جي جيڪا جدوجهد هن ڪئي هئي اُن لاءِ بہ؛ ۽ ترڪن جي مقابلي ۾ پنهنجو پاڻ مضبوط ڪرڻ خاطر بہ هو دولت جي استعمال کان ڪو ڪيٻاءُ نہ ڪندو هو.

"اوهان جي طلبي محض امتحان هو ٻيو ڪجهہ نہ." هن پنهنجي حساب جي ڪاغذن کي ويڙهيندي چيو.

"مستعد ۽ جانثار!" سالار ڳالهہ مڪمل ڪئي.

"جاڳندڙ ۽ چوڪس نگهبان!" حامد محبت منجهان ڪيس ڏسندي چيو. هو حڪم جي انتظار ۾ اتي بيٺو رهيو.

حامد چيو: "وصيف جيڪو نون ترڪ سوارن جو هڪ دستو هاڻ مقرر ڪيو آهي اهي ماڻهو ڪيئن آهن."

"لالچي ۽ مغرور- بغداد جي بازارن جي رونق سندن اکين کي ڪيرو ڪري ڇڏيندي آهي. وحشي ۽ قبيلائي ماڻهو جڏهن هتي ايندا آهن ته ڪجهه ئي ڏينهن ۾ پنهنجو ماضي وساري ڇڏيندا آهن." سالار جواب ڏنو.

"ماضي وسارڻ لاءِ نه هوندو آهي ۽ جيڪي ماڻهو ماضيءَ کي وساري سگهندا آهن اُهي حال ۾ به حيات ناهن هوندا." حامد وضاحت ڪئي، "اوهان پنهنجون اکيون کليل رکو ۽ متن نگران رهو."

سالار وري جهڪيو ۽ بيٺو رهيو.

"هاڻ اوهين وڃي سگهو ٿا." حامد کين وڃڻ جي اجازت ڏني.

قهرمانه کي ڪٿي ڳوليو وڃي- ڪنهن کي چنجي ابن منصور جي ڳولا ڪرڻ واري اهائي هئي پر سندس بنا اطلاع ڏني اهڙيءَ طرح غائب ٿي وڃڻ ڪيس ڪجهه سٺو نه لڳو هو - حرم جي رازدارن ۽ پاڻهين جي حاڪم، ان لاءِ ڪنهن عقل ۽ فهم واري نئين ٻانهي مقرري ڪجي جيڪا نگران ٿي سگهي، ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو- ڪٿي ڳوليو وڃي-

بغداد ۾ صوفين ۽ ڏاهن جو هي نهايت ڀرپور دور هو. مسجدون ۽ خانقاهون، مدرسا ۽ عبادت گهر، هر جاءِ انهن سان آباد هئي. هڪ دنيا سهيڙجي دجله جي ڪناري آباد انهن اوپر ۽ اولهه وارن حصن ۾ سمائجي وئي هئي. فلسفي جا استاد پنهنجن پنهنجن شاگردن جي انبوهن ۾ شامن جو دجله جي ڪناري براجمان ٿيندا ۽ بحث مباحثي جون مجلسون ٿينديون ۽ عتقادن ۽ مذهب جو هڪ هڪ مسئلو بحث هيٺ آندو ويندو هو - فڪري آزادي ۽ عام تبليغ جي حوالي سان يوناني ۽ هندستاني ڪوبه مڪتب خيال اهڙو نه هو جنهن تي پابندي عائد هجي - خليفي معتضد بالله جا جيڪي وسوسا ۽ خوف هئا ان بعد آهستي آهستي انهن جو ازالو ٿي رهيو هو. انسان ۽ سندس حدون، ٽيٽيون ۽ ڪائنات- خدا ۽ ان جي ذات سيني تي مدلل ۽ وڏيون بحثن جون مجلسون ٿينديون هيون جن ۾ يهودي ۽ عيسائي به حصو وٺي سگهندا هئا ۽ پنهنجن وڏن وڏن مدرسن منجهان رڳي انهن ۾ حصو وٺڻ ايندا هئا. تنقيد ۽ تقرير جي سموري اجازت هئي. هيءَ هڪ اهڙي آزاد دنيا هئي جنهن جا دروازا ڪنهن تي بند نه هئا ۽ ان ڪري حامد کي يقين هو ته سواءِ گلرنگ جي سندس انتقام جي آڳ کي سرد ڪرڻ جي ڪوبه نشاندهي نه ٿي ڪري سگهيو. ڪڏهن به نه.

حُسين پنهنجي پيءُ منصور کي ڏٺو ته ٻاهر انتظار ڪندڙ هجوم منجهان رستو ٺاهيندو اندر ڏانهن وڌي رهيو آهي. ماڻهو ڪيس حيرت منجهان ڏسي رهيا هئا. غلام سمري ڪيس نهايت گستاخيءَ مان روڪي پڇيو:

”تون ڪنهن جي اجازت سان ڪهندو پيو اچين ميان؟“

منصور نهايت ڏڪوئجندي چيو، ”پيءُ کي پٽ وٽ اچڻ لاءِ ڪنهن اجازت جي ضرورت ناهي هوندي.“

سمري اُن ٻڍڙي شخص کي هڪ نظر متي ڪان پيرن تائين ڏٺو. اَڇن وارن ۾ ڪٽي ڪٽي ڪاراڻ جون ڏارائُون هيون - پر چمڪندڙ چهري تي حسين جي شباهت واضح هئي. هن معافي گهرندي چيو: ”آئون معاف ڪيو وڃان ته بهتر آهي مون ڇاڻي ٻُجهي اِها غلطي نه ڪئي آهي.“

”هيءَ درويش جي بارگاهه آهي ڪنهن حاڪم اعليٰ جي دربار نه.“ منصور دروازو کولي پنهنجي پٽ ڏانهن وڌي ويو.

حسين ۽ هو زمانن کان پوءِ مليا هئا. منصور ڏٺو سندس پٽ جي منهن تي جلال هو. پيشانيءَ تي هڪ چمڪيلي رڳ تڙپي رهي هئي. هندي نيڪ ٿي چيو هو. ڪاٻي ساڄي ڪان نڪ، پيشاني ۽ چپن ڪان ڪاڏيءَ تائين هر حصو اُئين ئي هو. هي اهڙو روشن رُخ هو جنهن جي چمڪ تان نظرون ترڪي ٿي ويون. هو نظر ڪان امان جي دعا پڙهندي دل ئي دل ۾ متس نثار ٿيندي وڌيو، ته جيئن ڪيس گلي سان لڳائي، پر حسين سندس پيرن ۾ ائين پيو هو جيئن ڪو غلام هجي. هو حواسن ۾ هو ۽ افسانا جيڪي ابو يعقوب اقطع ڪيس ٻڌايا هئا سڀ غلط هئا.

حسين ڏٺو سندس پيءُ تي ٻڍاپي راتاهو هنيو هو. زندگي ۽ دنيا سڀ لمحي جو گذر هئا ۽ ماڻهوءَ عاقبت ڏانهن سفر ڪيئن ته تي ڪيو!- ڪيس اجا اُها گهڙي ياد هئي جڏهن هُن اقطع جي گهر منجهان پنهنجي ڏاڏي جي دوست هندي سوداگر کي نڪري وڃڻ جو چيو هو. اها عجلت پسندي ۽ تيزي جيڪا سندس طبع ۾ هئي سندس پيڙهه ۽ رت ۾ هئي. اهو پڙڪو جيڪو سندس ذات جو حصو هو- اها آڳ جيڪا سندس رڳن ۾ رت سان گڏ روان هئي- اها ڪيفيت اُن آتش پرستيءَ جي باقيات هئي جيڪا سندس پُرکن جو مذهب هو. ٻنيٺ جيان پڙڪڻ ۽ مچ وانگيان روشن ٿيڻ- هُو رت جي امانتن کي ڪوڙو ڪرڻ تي قادر نه ٿيو هو- هر هنڌ سندس عجلت پسندي سندس لاءِ فتنا کڙا ڪيا هئا.

هن جي مطالبي ۽ تمنائن تي اها شدت ۽ حدت تي غالب هئي
حيات جي سفر ۾ نفس سان جنگ ۾ ٻه هو سُرخرو نه ٿي سگهيو هو.
پنهنجي مالڪ سان وابستگيءَ جي ٻه ڪيس سُجهه نه هئي.

خواجه ڪيس جيڪي سمجهايو هو ان ڪي سمجهڻ باوجود به مطلب سندس ذهن منجهان زائل ٿي ويندا هئا ۽ هُو اهو سڀ سندس رت جي امانتن جو ڪرشمو سمجهندو هو.

"حسن توکي ڏاڍو ياد ڪندو آهي ۽ زينب جي طبيعت ٺيڪ نٿي رهي. مون هن پيري واعدو ڪيو آهي ته توکي ساڻ آڻيندس. تنهنجين دعائن جي هن سرزمين کي وڏيڪ ضرورت آهي. جنهن جي مٽيءَ منجهان تنهنجو خمير آهي. پيو ته سُوس جي بيابان ۾ نوان داعي پراسرار دعوتن سان ماڻهن ۾ عجيب بي چيني پکيڙي رهيا آهن. پاڻ ۾ اشارن ۽ رمزن ۾ ڳالهائيندا آهن ۽ دولت گڏ ڪري اولهه ڏانهن موڪليندا آهن. معبد ناهيد جا نوان پوڄاري معبدن کي درست ڪري رهيا آهن. انهي بي چينيءَ جي خاتمي لاءِ توکي واپس هلڻ گهرجي." هن آڏين نظرن سان پٽ ڏانهن ڏٺو. "تنهنجي ڏاڏي جي ڪمري ۾ تنهنجي ٻاريل آڳ اڃا به ٻري رهي آهي."

"شعلو جتي به هجي ڪيس ٻرندو ئي رهڻ گهرجي. اندر جي سوز لاءِ اهو ضروري هو." حسين جهڪندي چيو.

منصور محسوس ڪيو ته سندس پٽ هميشه جيان ڳالهين دوران ڪائنس ڏور آهي ۽ دل سان ڏانهس متوجهه ناهي.

"اقطع جن ناراض آهن." هُن ڪافي دير ماٺ رهڻ بعد چيو.

"پوءِ!" پٽ پڇيو.

"هو چوي ٿو ته تنهنجو پٽ خدا تي ويو آهي جو بنا سوال ڪئي هو سائل لاءِ دعا ٿو ڪري ۽ ان دعا کي قبوليت هوندي آهي- هو چوي ٿو اها سستي شهرت ۽ خواري آهي. بلندي ۽ سرفرازيءَ جي بار کي آدم زاد ڪٿي ٿو ڪٽي سگهي. هيءَ ديوانگي آهي. سندس خيال آهي ته تون بغداد ڪان ڪنهن ڊگهي سفر تي روانو ٿي وڃ."

حسين آه ڀري، پر چيو ڪجهه نه.

منصور ۽ هو ٻن دشمنن وانگر آمهون سامهون ويٺا هئا. هڪٻئي جي طاقت جو اندازو لڳائڻ وارن وانگر!

"آئون تستر ويو هئس. توکي سهل جن ياد ٿا ڪن." منصور چيو.

"ڇا انهن ڪڏهن منهنجي لاءِ دعا ناهي ڪئي- ناهي ڪئي!- هو مون لاءِ دعا نٿا ڪن!" هن نهايت حسرت وچان چيو.

"حسين! سندن فرمان آهي ته تون پنهنجي لاءِ پاڻ دعا ڪر." منصور نهايت نرميءَ مان چيو.

"آڳ جو ٻرڻ ئي سندس دعا جو حيلو آهي." حسين پيءُ جي پيرن جي دز صاف ڪئي.

"تون ٻرندڙ آڳ آهين-" منصور دل جي نهايت درد وچان چيو.

"پر ان جي پوڇا نہ ٿو ڪيان بابا سائين- اوهين گواه آهيو جڏهن آڳ پيدا ڪرڻ واري ڏانهن نگاه هجي تہ پرندڙ باه جي حقيقت ڇا ٿي رهجي وڃي." حسين ڪلي چيو.

"حسن ريشم جو بهترين ڄاڻو آهي. ماڻهن جي چڱي سڃاڻ رکي ٿو. فياض ۽ مهمان نواز آهي. نهايت سوچي سمجهي ڳالهائيندو آهي ۽ گهڻو ڪري دشت سُوس ۾ ڏکڻ ۽ خراسان ڪان ايندڙ گهوڙن جي سوداگرن سان بحث ۾ لڳو رهندو آهي. شطرنج جي چال هلڻ ۽ مُهرا رکڻ ۾ هن جو ڪوئي مقابلو نٿو ڪري سگهي. ڪڏهن ڪڏهن آئون حيران ٿيندو اهيان تہ تنهنجو پٽ کهڙين صفتن کي ورجائي رهيو آهي!"

"اجهاڳ سمنڊ ۾ ٻڏل زمين بہ پاڻيءَ جي سطح ڪان مٿي ڪَرُ ڪڍندي آهي. عشق تہ مُنڊل رستن وارو باغ آهي." حسين نهايت سادگيءَ وچان چيو.

حسين ورِي چيو، "هي منهنجا ڪجھ ڪتاب آهن انهن کي جيڪڏهن اوهين حفاظت سان ڪٺي وڃي سگهو تہ حسن لاءِ سنو مطالعو ٿيندو."

منصور ڏاڍي غرور سان پنهنجي پٽ ڏانهن ڏٺو جيڪو جيڪڏهن آتش پرست رهي ها تہ محمّيءَ جي مهمان سراءِ ۾ ويٺو هجي ها ۽ جيڪڏهن هن جي پيشي ۾ نالو بہ پيدا ڪري وجهي ها تہ بہ پيچاروئي رهي ها. تاجي پيٽي ۾ اُلجهيل تيز ۽ پڙڪندڙ، مڌم ۽ ڊپيل رنگن ۾ مٿو کپائيندو هجي ها. رف - رف - رفتن ۽ دي - دي ۾ مگن!- هن ڪتاب وٺي پنهنجي هنج ۾ رکيا.

"تون ڪڏهن روانو ٿي رهيو آهين؟" هن پڇيو.

"مون کي هڪ ٻانهي جو انتظار آهي جنهن جي آزاديءَ لاءِ منهنجو هِت هُجڻ ضروري آهي."

اهو ٻڌي منصور وڌيڪ ڪجھ نہ پڇيو.

هوا ۾ گلن جي سُگند هئي جيڪي خانقاه سان لاڳاپيل باغ ۾ ٽڙيل هئا ۽ موسم وڻندڙ ٿي ويئي هئي. قرآن جي درس جي محفلن ۾ ڏورانهين ڪان ماڻهو اچي شريڪ ٿيندا هئا ۽ اوپر ۽ اولھ جا طالب علم نسل ۽ وطن جي مت ڀيد ڪان سواءِ رلي ملي انهن محفلن ۽ خانقاهن ۾ ترسيل هئا جتي حڪومت سندن سمورين ضرورتن جو خيال رکندي هئي. حافظ ۽ قاري تفسير ۽ حديث جو علم حاصل ڪرڻ وارا ماڻهو، مختلف خيال رکندڙ مدرسن جي فڪر جي وضاحت طلب ڪرڻ لاءِ اُڄايل ڳولائو، فلسفي جا مونجهارا سلجهائڻ لاءِ پريشان ديني امام- انهن خانقاهن ۾ هڪ دنيا هئي. هر نئون خيال چنبڙي ڇاڻي قبول ڪيو ويندو هو انجي باوجود بغداد ايوانن سان پڻ ڀريل هو. ماڻهو تخت دار پهچڻ لاءِ تہ جيئن سندن نالو ورتو وڃي بيخوف ٿيپي پوندا هئا. ڏينهن رات هڪجهڙا هئا. سائل جي ڳولا لاءِ عالمن جي ڪليل دروازن کي جڏهن دل چوي ڪڙڪايو ٿي ويو. جيتوڻيڪ اسلام تي ٽي صديون گذري چڪيون هيون پوءِ بہ ان جي تازگي ۽ سڳند کي جنهن سڄي جهان کي ٻهڪايو هو ماڻهن جون زندگيون شدت سان ان جون خواهشمند ۽ ڳولائو هيون.

جڏهن گلرنگ داخل ٿي ته غلام سمري سندس پويان اچي رهيو هو.

”مون هن کي جهليو پر هن جو مسئلو نهايت اهم ۽ فوري حل جو طالب آهي.“ هن حسين کي چيو.

حسين ڪليو ۽ چوڪريءَ ڏانهن ڏسي چيو: ”آئون ابن منصور آهيان.“

هوءَ بيٺي، هڪدم ويهي رهي، ۽ اٿين جهڪي ڇڻ سجدو ڪري رهي هجي.

سمري چيو: ”هيءَ سجدي ريز آهي.“

”تون ائين ڇو ٿو چوين. هيءَ پاٽيهي ئي هلي آئي آهي ۽ گهبرائجي وئي آهي.“ حسين چيو پوءِ هن گلرنگ ڏانهن ڏاڍي افسوس منجهان ڏٺو. سندس شعليبار نگاهون، ملال ۽ محبت وچان اُن ٻانهيءَ کي ڏسي رهيون هيون ۽ ڪيس هن سان پنهنجي آخري ملاقات ياد اچي رهي هئي.

ڇا هُو حواسن ۾ هو؟

”ڇا تون چاهين ٿي ته آئون توسان گڏ حامد بن عباس ڏانهن هلان.“

”هرگز نه - هرگز نه.“ هن زمين تي پَئي، ڪنڌ کي ساڄي کاٻي ڏوٽيو.

”اُٿي ۽ سڌي ٿي ويهه- اکيون بند ڪري ڇڏ- ڪين ڪولڻ جي اجازت ناهي جيستائين آئون نه چوان - توکي نه سڏيان.“

”ابن منصور! ابن منصور! هي منهنجي آقا جي عزت جو سوال آهي.“ گلرنگ وري چيو.

”تون هن زندگيءَ ۽ زندگيءَ جي جاودانيءَ ۾، موت ۽ حيات ۾، فرق کي سمجهين ٿي؟“ حسين پڇيو.

”نه.“ هن سادگيءَ سان چيو.

”حيات ۽ موت جا مونجهارا-“ حسين ڇٽڪ پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو.

ڳالهه ڪنيندي گلرنگ چيو: ”اُهي نيڻ اڃا به نگران ۽ مهربان هوندا ۽ پريت جو چشمو جاري رهندو. آئون پنهنجي آقازادي کي گهٽو ڪري ڏسندي آهيان پر پوءِ سوچيندي آهيان هي منهنجو وهم آهي. برپٽ، جبل ۽ بيابان راهه جي ڌوڙ ٿي ويندا آهن ۽ سماويه جي رڻ جي هڪ ڪنڊ ۾ اهو اڻ وسرندڙ وجود هوندو آهي ڇڻ اهو سڀ مون ساڻ هجي.“

حسين مُرڪيو.

غلام سمري حاضر ٿي چيو: ”ٻاهر ڪجهه غلام منتظر آهن.“

”کين ترسڻ لاءِ چئو.“ گلرنگ چيو.

سمري واپس هليو ويو. ”ابن منصور! حامد بن عباس مون کي قتل ڪرائي ڇڏيندو. هو نٿو سمجهي سگهي.“

”نه. هو قتل نٿو ڪرائي سگهي. موت ۽ اذيت جو واعدو ڪنهن ٻئي سان ٿي چڪو آهي.“ هُن آهستگي سان چيو.

"ابن منصور! سندس ٻُڇڙيپڻي تي ڪو اعتبار نٿو ڪري سگهجي." گلرنگ ٻڌل هئي.

"تون هاڻ غلامن سان گڏ وڃ ۽ ازل جي لکئي جو اوسيئڙو ڪر."

گلرنگ پنهنجي چادر ويڙهي منهن کي اکين تائين لڪائي ٻاهر نڪتي ۽ غلامن جي حفاظت ۾ حامد بن عباس جي محل ڏانهن رواني ٿي. دجله جي پل کي پار ڪندي پڻ هو سندن وچ ۾ هئي. شفاف پاڻيءَ ۾ سندن عڪس ترندا ٿي ويا ۽ اُس انهن کي ڏکيري ڇڏيو هو، جيئن مافوق الفطرت عجيب وجود- پوءِ اک ڇنڀ ۾ انهن محسوس ڪيو ته هڪ واڇوڙي ڪين وڪوڙي ڇڏيو آهي جيڪو موت جيان سرد ۽ ڏڪائيندڙ هو- هو چوڏسان کان بي خبر ٿي ويا ڇڻ فنا ٿي ويا هجن- سندن اکيون ٻوٽجي ويون ڇڻ ننڊ ڪين نهوڙي وڌو هجي. اها ڪيفيت ڪجهه پل رهي- هُو هوشيار ٿيا آهن ته گلرنگ نه هئي. هنن حامد بن عباس کي اهوئي ٻڌايو.

حامد پنهنجي ايوان جي ورانڊي ۾ جانورن جيان تڪو تڪو هلندي، رنيي رهيو هو. ڳالهه سندس واتان اڪلجي نه رهي هئي هو ويهوڻ ڀيرا اهو واقعو ٻڌي چڪو هو پر اهو ڄاڻندي به هن انهن مان هرهڪ کان واري واري سان ان ڳالهه کي ورجائڻ لاءِ ٿي چيو.

"جڏهن واچوڙي اوهان کي وڪوڙيو ته ڇا اوهين سڀ مري ويا هئا- توهين ڏسي ۽ محسوس نه ٿي ڪري سگهيؤ؟ اوهين امانتن جي حفاظت ڪرڻ وارا ناهيو- اها هرگز سمجهه جوڳي ڳالهه ناهي ته رستي ۾ هڪ جيئري ٻانهي ساهه کڻندي هجي سا ٻُهه ۾ سُئي جيان وڃائجي وڃي- هو دريا ۾ ته نه ٽپي وئي."

"هرگز نه. بلڪل نه." منجهائن جيڪو عمر جو ٿورو پڪو هو ڏڪنديءَ چوڻ لڳو.

"ڇا پُل تي اوهان جي اوسي پاسي ڪي ٻيا ماڻهو هئا. يهودي، نصراني، ترڪ، هندي، مغل يا ڪي ٻيا پرڏيهي؟" هو پاڻ ڏاڍو مُنڌل هو.

"جڏهن اسين پل اُڪري رهيا هئاسين ته پري پري تائين ڪو به نه هو." ان غلام ٻيهر چيو.

"عقل کان مٿاهين- اها ڳالهه اهڙي آهي جنهن جي ڪو به منطق ناهي. توهين چؤ ٿا ته هوءَ اوهان جي حفاظت ۾ اوهان جي وچ ۾ هلي رهي هئي. پل تي ڪير نه هو. توهين غافل نه هئا، واچوڙي صرف ڪجهه لمحن لاءِ ئي توهان کي پنهنجي پاڻ کان بي خبر ڪيو- هي ڪهڙو راز آهي!-"

"سيدي! اسين ڇا چئي ٿا سگهون- اسين ڪوتاهي جا مرتڪب به ناهيون ٿيا واچوڙن جو مقابلو ڪير ڪري سگهي ٿو!-"

"قدرت پنهنجي جهول ۾ نه ڄاڻ ڇا ڇا ڳجهو رکندي آهي." حامد هارايل فاتح جيان هو.

قهرمانه غائب ٿي وئي هئي. گلرنگ هوا ۾ گهلي وئي هئي- اُمالڪ حسين جي ماءُ مري وئي هئي. ابن منصور کو ساحر ئي هو ۽ سندس زندگيءَ ۾ ايڏو دخل اندازي هئي. هن ڏند ڪُرٽي چيو.

"جيڪڏهن موت مون کي مهلت ڏني تہ آئون ابن منصور کي ڦاهيءَ تي لٽڪائيندس. جهڙيءَ طرح اڄ تائين منهنجي زندگيءَ جو واحد مقصد گُم ٿيل ماضيءَ جي هڪ هڪ سر تعمير ڪرڻ آهي. بلڪل اِئين انهيءَ ماڻهوءَ کي اذيتون ڏئي ٽڪر ٽڪر ڪري قتل ڪندس-" ها هُن، ابن منصور، حامد جي نهيل نُڪيل زندگيءَ کي بي مزي ڪري ڇڏيو هو. گودڙي پوش! غليظ! دنيا جي لحاظ کان نهايت پست جنهن جي تحويل ۾ هن دنيا جي ڪا ڪنڊ تائين بہ نہ هئي ۽ هُو حامد بن عباس کي شڪست مٿان شڪست ڏئي رهيو هو- ڇو- آخر ڇو؟"

گلرنگ جي اوچتي غائب ٿي وڃڻ واري ڳالھ سندس سمجھ ۾ نٿي آئي ۽ ڪيس اڃا تائين اِها پتو بہ نہ ٿي پيو تہ هي اُهو ئي ساڳيو ابن منصور هو، يا ڪو ٻيو - پوءِ هن غلامن کي چيو:

"توهين اُن مردِ خدا جي ڪنهن غلام کي مون وٽ وٺي اچو. آئون اُن کان صورتحال جي خبرچار وٺان. عمار!" هن زور سان سڏيو.

"ياشيخ! آءُ حاضر آهيان." عمار جُهڪي زمين چُمي.

"ابن منصور جي غلام کي حاضر ڪريو ۽ ڪيس مڪمل احوال لاءِ ڪيس سڀ ڪجھ اُڪلائڻ تي مجبور ڪريو." حامد سخت برهم هو.

عمار ڇاتيءَ تي ساڄو هٿ رکيو. جهڪيو ۽ پوئين پير ٻاهر نڪري ويو.

ٻاهر دجلہ تي رات جي خوابناڪ چانڊوڪي وسي رهي هئي. ان کان بينياز تہ قلبَ پريشان ٿيندا، گهبرائيندا ۽ ملول ٿيندا آهن- ماڻهو سوالن ۽ حالتن ۾ مُنجهندا ۽ ڦاسندا آهن. ابنِ آدم لاءِ دنيا ۾ سڪون ۽ قرار تمام گهٽ هو. شاهراهن تي قافلن جا گهنڊ سندن ڪوچ ۽ موت جي ساعتن موجب وڄي رهيا هئا. شتربان پنهنجا گيت ڳائيندي هلي رهيا هئا ۽ تيز گام اوٺارن کي سڏي ڪير نٿي ڇني سگهيو:

"اي اوٺار! آهستڙي هل جو منهنجي پاسراتين ۾ آڳ آهي!..."

شبليءَ چادر کي پنهنجي چوڌاري اوڍيو.

هو انهن بيپناھ ڌانڌن جهڙين ڳاڙهسرين اکين واري شخص کان خوفزده نہ هو پر سندس جرئتن تي حيران هو جيڪو پوين ڪيترن مهينن کان هتي بغداد جي گهٽين جو موضوع سخن بڻيل هو. هُن ڇا تي ڪرڻ گهريو؟ ماڻهو ايامن جي زنجيرن ۾ قيد هو. ماڻهو ٽيڻين جو غلام هو- ايڏي آزادي ڪڏهن ملي هئي جو هو جيڪي سندس اندر ۾ هجي ان جو اعلان بہ ڪري سگهي ۽ وري امان ۾ بہ رهي- امن ۽ سڪون هن بادشاهت ۾ ڪٿي هئا؟ هو پنهنجي طاقت کي ذرو ذرو ڪري استعمال ڪري رهيو هو - ڇا هُو پنهنجو پاڻ کي آزمائي

رهيو هو- ڇا هو پنهنجي ۽ پنهنجي خدا جي رشتي کي ڪلڻ هاب ڪري رهيو هو- ان کي هوا ڏئي رهيو هو- هڪ عام پٽي سبيان جيڪو سندس طبيعت اندر مخفي، هوءَ پنهنجي شهرت کي اڇالي رهيو هو. شبليءَ ڏاڍو مُنجهندي، پنهنجي پيشانيءَ تي غور ۽ فڪر مان اُڀريل لڪيرن تي آڱر ڦيري.

"فنا!" - هن پنهنجي هٿ ۾ جهليل گل جي پنکڙين کي الڳ الڳ ڪيو.

"فنا!" ڪيس پنهنجي چوڌاري هڪ خوشبو ڀريل سُڏڪي جيان هوا منجهان ٻڌڻ ۾ آيو. پوءِ آوازن جا دائرا سندس ذات منجهان نڪري وڌندا ويا، جيئن تلاءُ ۾ اُڇليل ذرڙي پٿر سان دائرا ڪناري ڏانهن وڌندا آهن. دجله جو پاڻي ۽ لاتيون لنوندڙ پکي ۽ پهاڙن تي برف مٿان برف جيڪا سالن ڪان، صدين ڪان، تهه در تهه روشنيءَ جي آزاديءَ جي منتظر هئي- وهندڙ پاڻيءَ تان روشني ۽ غارن جي ظلمت ۽ اونداهين جا ارواح- وڻن جون پاڙون ۽ زمين جي محبت ڪُپيل زندگيءَ جون لهرون ۽ خلائن ۾ پٽڪندڙ آواره آواز، ان "فنا" جي ڪڏهن نه ختم ٿيڻ واري نغمگيءَ ۾ شامل ٿي ويل هئا. ستل بغداد ۽ جاڳندڙ ابن منصور به ان ۾ خوشيءَ سان شريڪ هئا.

جڏهن آئون ناهيان ته پوءِ ڪير آهي؟

"فنا سان گڏ بقا آهي ۽ هر لحظي آئون فنا ٿيان ٿو ۽ بقا ۾ ساهه کڻان ٿو." شبليءَ ساهه جهلي، اندر ڇڪيو، ڇاڪاڻ ته حسين بن منصور شينهن جي پُٺ تان لهي سندن سامهون بيٺو مرڪي رهيو هو.

شبليءَ چادر کي وري پنهنجي چوڌاري اوڍيو ۽ اکيون جهڪائي ڇڏيون، ڄڻ ڪجهه ڏٺو ئي نه هجيس.

"اوهان مون کي ياد فرمايو هو." حسين سندس ويجهي ويهندي چيو.

شبلي مرڪيو - گل جون پنکڙيون سندس هٿ ۾ اڃا به هيون. پوءِ پاڻ انهن تي هٿ ڦيريائين ۽ نهايت تازو ترڙيل ۽ مڪمل گلاب حسين ڏانهن وڌايائين.

حسين گل سُنگهندي چيو: "سنو ڏاڍو سنو-"

شبلي صرف مرڪندو رهيو. هن ڪو به جواب نه ڏنو.

"فنا ڇا آهي؟" حسين جهڪي ڏانهس ڏٺو ۽ پڇيو.

هڪ زوردار ضرب هڻي شبليءَ چيو: "فنا، فنا، فنا!!!-"

حسين محسوس ڪيو سندس هر طرف فنا - فنا جون صدائون هيون. هر شيءِ فنا فنا ٿي سڏيو- هوا ۽ ڪائنات سڀ اٿليو ٿيندا ٿي ويا. زمين ۽ آسمان، هو پاڻ ۽ سندس ساٿي متجي رهيا هئا، ذرو ذرو ٿي رهيا هئا. نه سانت هئي نه خاموشي هئي- ڪجهه به ته نه هو. ازلي ابدي نه ختم ٿيندڙ، لڳاتار، اٽڪٽ. حسين کي لڳو صديون، زمانا ۽ وقت سڀ گذري ويا

هئا. اونداهہ ۽ روشنيءَ کان بہ وڌيڪ هڪ تجلي جنهن جو نالو کيس معلوم نہ هو ان جو متن پاڇو هو، ۽ شبليءَ جي قلندرانہ ضرب کيس لهرن وانگر دائرن ۾ لوڏي رهي هئي. فنا فنا هئي ۽ بقا پڻ ڇاڪاڻ تہ خدا اول ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن هو، هو منظر بہ هو تہ ناظر بہ.

دجلہ ڪناري ٻارڙن جو هڪ ٽولو ٺهڪڙا ڏيندي شبلي جي پويان هو ۽ هو پنهنجي ميريءَ چادر کي ٽاٻڙجندڙ پيرن وٽان سنڀاليندي، مُڙي، ٻارن کي ڏسندي پنهنجي پلئہ کي ويڙهيندي، انهن کان بچندي، ڪڏهن ڪرندي اُٿندي- راهہ هلندي- خاموش- پنهنجي پاڻ تي مرڪندي- ڳالهائيندي- ڪڏهن تيز ۽ ڪڏهن آهستي ٿيندي- گهٽو ڪري ڪنهن وڻ جي آڙ ۾ لڪي رولو ڇوڪرن کي اڳيان نڪرڻ ڏيندي، جڻ ساڻن اک ٻوٽ کيڏي رهيو هجي، ۽ حيران ٿي سندن ٻولڻ - هِتي هُتي جارين گلن ۽ لاهين چاڙهين تي ٻولا ۾ پڄندي، ڪلندي ڪُڏندي، هي سڀ هڪ تماشو بنجي ويو هو. حسين پنهنجن مريدن سان گڏ هڪ بي نيازيءَ سان ڀرپور شان سان پنهنجي حُجري جي عافيت منجهان نڪتو، جيئن جُهڙالن ڏينهن ۾ هڪدم سج ڪنهن ڪناري کي پنهنجن ڪرڻن سان جَرڪائي ڇڏيندو آهي.

هن سوال تي ڪيو پر شبلي جواب ڏيڻ بجاءِ مرڪندو تي رهيو. هن چاهيو تي تہ هو ڪا ڳالهہ ڪن- ڪين انهن سيني رازن تي آڳاهي هئي جيڪي اجا ڪانئس ڳُجها هئا. هن نفلن کي فرض سمجهي تي پڙهيو. راتين جون راتيون عبادتن ۾ پر اُهي اسرار متس عيان ڇو نہ ٿيندا هئا سندس مقدر ڇا هو؟ هر شيءِ ۾ هُو پاڻ ڇو هو؟ پاڻ موجود پتنگو ڇو نہ هو؟ سندس شوق جي شدت کيس پاڻ کان بيگانو ڇو نہ ڪري سگهي هئي؟

شبلي پنهنجي ميري جبي جي لاتعداد ٽڪرن کي هٿ سان سبندو رهيو ۽ حسين کي ياد آيو: ”درويش لاءِ ضروري آهي تہ هُو سنئون سبڻ ڄاڻندو هجي. رنگبرنگ، چوڪور، گول، آڏن سڌن، ننڍن وڏن، ڍگهن ۽ ويڪرن، ريشمي ۽ سوٽي ڪتر مان نهيل اُن لبادي کي شبليءَ پاڻ سبيو هوندو. هُو سبڻ ڄاڻندو هو. مختلف زاوين ۾ هڪٻئي سان ڳنڍيل اهي مضبوط ٽڪرا هڪ وحدت ٺاهيندا هئا. وحدت جيڪا ظاهر ۾ بي جوڙ شين سان وجود ۾ آئي هئي. وحدت جنهن کي شبليءَ پنهنجو اوڏڻو ۽ وڇاڻو ڪري رکيو هو ۽ لڳو ٿي ڪين ان کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ شيءِ جي حاجت ئي نہ هئي- سواءِ مرڪڻ ۽ مرڪندي رهڻ جي هنن ڪنهن سوال جو جواب نہ ٿي ڏنو!

حسين کي پنهنجي هوش ۽ حواس تي شديد ڪاوڙ آئي. هو ديوانو ڇو نٿي ٿي سگهيو؟ سندس وجود سندس راهہ ۾ سوالن جيڪري حائل هو-

مريدن کي اُتي ئي ڇڏي حسين شبليءَ جي پويان هلڻ لڳو ۽ دجلہ سان گڏوگڏ گهاٽين جارين ۽ وڻن جي هيٺان گاهہ تي پڄڻ لڳو، ڇاڪاڻ تہ کيس پنهنجي سامهون ڪجهہ ڏيکائي نہ ڏني. شبلي سندس اکين کان اوجهل ٿي ويو هو.

"خدايا! آئون تنهنجي هڪ بندي کي ڳولي نٿو سگهان ته توکي ڪيئن ٿو ڳولي سگهان-" حسين وڏي واڪ چيو.

"جيئن تون سندس ڳولا ۾ آهين تيئن هو به تنهنجي ڳولا ۾ سرگردان آهي." حسين جي پويان ڪان ڪنهن چيو.

جيئن رڻ تي جهڪيل آسمان منجهان ڪنوڻ جي لهر هيٺ لهي ۽ پنهجين سمورين بي پناهين سميت ڪنهن قافلي تان گذري وڃي.

"حسين ابن منصور!" ٿڪ پويان ڪيس پنهنجي نالي جي صدا ٻڌڻ ۾ آئي. پوءِ هو سندس ويجهو آيو، "صدائون غلط به ٿي سگهنديون آهن!"

"خدا جو قسم!" هن سندن لباس جي پلاند کي جهلي ورتو. "ڪائي صدا به ته هجي!-"

"حسين ڪڏهن تو سوچيو آهي ته ابليس هڪ صدا ڪان پوءِ ڪائي صدا نه ٻڌي. هڪ نظر بعد ڪنهن نظر جو محتاج نه ٿيو. هڪ آواز بعد هن ڪوبه آواز نه ڪديو. هو دل ۽ جان ڪان رولاڪ- سفر ۾ سرگرم- درگاهه خداوندي منجهان ڌڪاريل!" شبلي پهريون پيرو سندس روبرو هو.

"ياشيخ! مونکي انهيءَ اسرار تي آگاهي ڏيو-" هن شبليءَ کي چيو.

"اسرار ڪوبه ناهي فقط همت آهي- انڪار ڪرڻ جي ۽ ان تي ڪاربند رهڻ جي، مشيت کي قبول ڪرڻ جي، امتحان ۽ آزمائش مهل پير ڪُپائي بيهڻ جي- هو آسمان جي بادشاهت منجهان ڌڪاريو ويو پر سندس مستي نه وئي- جيڪڏهن اُها مستي عطا ٿي سگهي، ملي سگهي." هن وري پنهنجي اندر جي اوڏڻيءَ کي پنهنجي چوڏاري ويڙهيو ۽ مرڪندي اُتي ئي ڪٿي گاهه جي تاجي پيٽي ۾ سندس نگاهه ڪان گُم ٿي ويو.

گُم سُم ڪيفيت ۾ حسين جڏهن واپس ٿيو آهي ته حامد بن عباس جا سپاهي سندس غلام سمريءَ کي وٺي وڃي چڪا هئا ۽ خانقاه ۾ عجيب ماٺار جهڙي ڪيفيت هئي. انهيءَ جي باوجود جو ماٺهو ميڙ ٿاهيو ويٺا هئا ۽ سُرٻاهٽن ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا. بيچيني پکڙيل هئي. وزير سمريءَ کي چو سڏايو هو؟

ڪا ٻانهي گُم ٿي هئي اُن جي ڳولا هئي...

سمري ماڻهن سان ڏاڍو رلي ملي ڳالهيون ڪندو هو ۽ شايد غلط بياني ڪان ڪم وٺندو هو...

منصور حسين کي چيو: "بغداد تولاءِ مناسب ناهي. بيضا ۾ تنهنجي ضرورت آهي توکي واپس هلڻ گهرجي-"

حسين هٿ جي اشاري سان پيءُ کي جٽڪ آئت ڏنو. غلام لاءِ ايترو پريشان ٿيڻ جو ڪو سبب نه هو. حامد بن عباس ڪو حال دريافت ڪرڻ لاءِ ڪيس طلب ڪيو هوندو.

حڪومت جو ادنيٰ ملازم به، معمولي حيثيت رکڻ وارو به ڪو ماڻهو خلق خدا لاءِ

مصيبت جو باعث بنجي تي سگهيو ۽ وري هڪ وزير باتدبير جي هڪ خاڪ نشين جي غلام کي طلب ڪرڻ مان مراد! بغداد هوندن به سازشن جي آماجگاه بنجي چڪو هو. مذهب، قومون، مسلڪ ۽ فڪر جا مختلف مڪتب ۽ طبقا، ماڻهن جي انبوهه ڪري اِن جي ڪيفيت هڪ اهڙي گودڙي جهڙي هئي جنهن کي وقت جي حاڪم جون درويشائيون صفتون ئي سنئون ڪري هڪ سهڻي لباسي ۾ سهيڙي ٿي سگهيون- خلافت جو تخت پاڻ طوفانن جي زد ۾ آيل ٿي رهيو. بغاوتن ۽ بيقرارين جي نتيجي ۾ لاشا پُلين تي اونڌا لڙڪندا هئا ۽ دجله جي پاڻيءَ ۾ رت ٽيپو ٽيپو ٿي ڪرندو ٿي رهيو.

”آئون رضا تي راضي آهيان بابا سائين ڇاڪاڻ ته خاتون گلرنگ جو جسد خاڪي عمار ڳولي ورتو آهي ۽ سمريءَ جي جوابي ڪاروائي به هاڻ بي اثر آهي.“

”عجيب معمن جهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين حسين! منهنجي مج، بيضا واپس ٿا هلون.“ منصور تي جلالي ڪيفيت هئي.

حسين کلي چيو: ”مَشيَت کان بچي ڪير ڪيڏانهن ٿو وڃي سگهي.“

”جيڪڏهن تون انهيءَ کي مَشيَت ٿو سمجهين ته حڪومت جي انتظام سان ٽڪرائجي ته اها تنهنجي غلطي هوندي-“ منصور ڏاڍو بي چين هو.

”حڪومت صرف هڪ آهي ۽ آئون ان سان نٿو ٽڪرائي سگهان. منهنجي اها همت ناهي، آئون بارگاهه مان ڌڪارجڻ نٿو گهران.“

حسين پنهنجو مُسلو وڇايو ۽ نفلن ۾ غرق ٿي ويو. يعقوب اقطع جيتوڻيڪ ڪانئس ناراض هو پر سمريءَ جي گرفتاريءَ جو ٻڌي منصور وٽ آيو.

”هڪ ڪامياب، ڀرپور ۽ مناسب زندگيءَ لاءِ اِهو سڀ ضروري نه هو.“ هُن شڪايت ڪئي.

”خدا جي خلق جي محبت ۾ حسين اُڳتي نڪري ويو آهي.“ منصور چيو.

”خدا جي خلق جي محبت!“ اقطع ڪليو، ”پنهنجي محبت جي لاءِ- شديد خودپسندي ۽ پنهنجين طاقتن جي حدن جي غلط اندازي سببان!-“

منصور ڪو جواب نه ڏنو.

”زينب ۽ حسن اوهان جي نه هجڻ ۾ پريشان ٿيندا.“ اقطع هاڻ ڪجهه پنهنجائپ منجهان چيو.

”آئون حسين کي واپس وٺي وڃڻ لاءِ بغداد آيو آهيان-“ منصور ڪنڌ جهڪائي چيو.

”بغداد جو انتشار آخري حدن کي ڇُهي رهيو آهي. روحاني توڙي دنياوي طور تي به.“ اقطع آهستي چيو. ”نظاميه مدرسي ۾ عالمن جي بحثن ۾ روز تضاد اڀرندا آهن. ماٺ رهڻ ۾ عافيت آهي. فلسفي ۽ باطني علمن ۾ هڪ هنگامو برپا هوندو آهي. مون کي خبر آهي ته حسين نظاميه مدرسي وارن کان به خوش ناهي. سندس واسطا حضرت جنيد سان به

ناهن- عمر بن عثمان مڪي ته ڪيس رانده درگاه سمجهندا آهن ۽ هر طرف سندس ڪفر جا هوڪا ايري رهيا آهن، پر حسين کي ڪجهه احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي. ڇا، هو سمجهي ٿو ته ڪنهن کي به ڪائنات اڳ ۾ غيب تي آگاهي ناهي ٿي- ڪنهن تي به اهي اسرار کوليا نه ويا آهن. پر هي ڏيکاءُ- دلين جو حال ڄاڻي وٺڻ ۽ ان جي تشهير به ڪرڻ، ماڻهن کي پريشان ڪري ڇڏيندو آهي. عام ڇا خاص به انهن ڳالهين کان لنوائيندا آهن. هُو پنهنجي چوڌاري ڇو دشمن گڏ ڪري رهيو آهي. انهيءَ ڏيکاءَ سان سندس ذات کي ڪهڙو فائدو؟ ڇا صرف هڪ هيءُ ئي آهي جنهن جي ڪنيل هٿن جي خدا لڄ رکي ٿو-“

”آهستي آهستي.“ منصور اقطع کي ڏسندي چيو، ”دعا جو هڪ پنهنجو مقام آهي، دعا ايمان جو جُز آهي.“

”اوهين مون کي اهو سڀ ٻڌائي رهيا آهيو.“ اقطع وڌيڪ ڪاوڙجي پيو. ”حسين، جو حلاج الاسرار بنيو وينو آهي. جيڪڏهن ڪيس پنهنجي عافيت منظور آهي ۽ روح جي سرور لاءِ ڪوشان آهي ته ڪيس پاڻ ڏانهن نظر ڪرڻ گهرجي. ڪيس پنهنجو پاڻ سان محبت ڪرڻ گهرجي. ها، ڪيس پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ گهرجي. ڇا هُن ناهي ڏٺو ته رسولِ خدا ﷺ ڪائنات جي وجوديت جا سبب ۽ بشر ڪامل هئڻ باوصف به مشيت خداونديءَ ۾ دخل نه ڏيندا هئا- هو مجسمِ دعا هئا. ماڻهن جي دلين جي رازن تي ئي نه، ڪائنات جي اسرار تي به آگاهه هئا ۽ پوءِ به دلين جا راز ڄاڻڻ جي دعويٰ ڪڏهن نه ڪيائون-“

”حسين اهڙي دعويداري نٿو رکي. هُو ته پنهنجي پاڻ کي مديني جي خاڪ به نٿو سمجهي. ڪٿي رسول خدا ﷺ جي بي مثل ذات ۽ ڪٿي هڪ ناقص انسان گمراهه ڀٽڪيل ڳولا ۽ جُستجو جي ڏاڪڻين تي ٽاٻڙجندي روشنيءَ جي هڪ ڪرڻي لاءِ پريشان- جنهن کي منزل جي نشان تائين جي خبر ناهي.“

”اهو اوهين ڳالهائي رهيا آهيو هڪ پيءُ پٽ جي حق ۾ گواهي ڏئي رهيو آهي-“ اقطع طنز منجهان ڪليو.

”نه.“ منصور پنهنجا هٿ ڇاتي تي ٻڌندي چيو، ”ڪيس منهنجي گواهيءَ جي ضرورت ناهي-“

”ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي ته ماڻهوءَ کي گواهيءَ جي ضرورت ناهي هوندي پر پوءِ اهڙو به وقت اچي ويندو آهي-“ اقطع تنگ ٿي چيو.

”اوهين ڇو ٿا چاهيو ته هُو هتي نه رهي- اوهين ڇو سندس مخالف آهيو- زينب ۽ حسن جيڪري؟“ منصور سرباهت ۾ پڇيو.

”اهي سڀ ڳالهيون موت کي دعوت ڏيڻ برابر آهن ۽ آئون چاهيان ٿو ته هو جيئرو رهي.“ اقطع جواب ڏنو. ”ماڻهو ماريا ويندا آهن، لٽڪايا ويندا آهن ۽ سندن لاشا جهومندا رهندا آهن.“

منصور جي اندر منجهان ڪنبڻيءَ جي تيز لهر پار ٿي وئي، پر هُن ڪو جواب نہ ڏنو.

”هُو پنهنجين قوتن کي آزمائي رهيو آهي، هڪ مڪتب جي ٻار وانگيان جنهن نئون نئون لکڻ سکيو هجي ۽ هر ورق کي پنهنجي نالي سان سينگاري- پنهنجي نالي جي سحر ۾ گرفتار هجي.“ اقطع اچ ڇٽڪ پنهنجي دل جي ڳالهہ چوڻ تي اڙيل هجي.

منصور چيو: ”اوهين معاملي کي بنهہ ڪنهن ٻئي انداز سان ڏسي رهيا آهيو.“

”اندازي، پيماني يا نقطي نظر جي ڳالهہ ناهي- آئون تہ صرف اهو چاهيان ٿو تہ سرمستي جڏهن ديوانگيءَ جي حدن کي ڇهڻ لڳي تہ خطرناڪ ٿي پوندي آهي. ديوانگيءَ کي مڪمل، يڪسر، اڪر بہ اڪر، ديوانگي هئڻ گهرجي، جيئن شبلي آهن ۽ دانائيءَ کي بہ مڪمل هئڻ گهرجي جيئن حضرت جنيد آهن. حسين ڇا ٿو ڪرڻ گهري.“

منصور نهايت سڪون سان چيو: ”سندس سرمستي ۽ ديوانگي، دانائي ۽ هوشياري ڪنهن جي پيرويءَ ۾ نہ پلبي. سچ تہ هڪ ئي هوندو آهي. اُس بہ هر جڳهہ خشڪ ۽ تر، بحر ۽ بر تي هڪ ئي قوت سان وسندي آهي پر ڪي شيون تاءُ جهلي اُس بنجي وينديون آهن، اولا ڏينديون آهن آئيني وانگيان ۽ ڪي روشنيءَ کي پنهنجي اندر جذب ڪري ونديون آهن. سندس مزاج متائي ڇڏينديون آهن.“

”اوهان مون کي اِهو زرتشتي فلسفو نہ پڙهايو.“ اقطع ڏاڍو ناراض هو. ”انهيءَ ڪيفيت مان جيڪا طلسماتي ٿي لڳي، حسين کي نڪرڻ گهرجي. سندس ڪهڙو مسلڪ آهي-“

”اوهين حسن جا ڏاڏا ۽ زينب جا پيءُ آهيو ۽ آئون هن اڻنگيءَ روش کي اوهان جي مزاج جو حصو سمجهندي وساري سگهان ٿو.“ منصور اُتي ڪڙو ٿيو.

اُن گهڙيءَ هنن حامد بن عباس جي خاص خادم عمار کي ايندي ڏٺو. عمار گهوڙي جي واڳ خادم کي جهلائي- هُو پيرين اگهاڙو اندر آيو ۽ اجازت طلبي تہ حسين بن منصور سان ملاقات جو خواهشمند هو.

اقطع ۽ منصور هڪٻئي ڏانهن ڏٺو.

”ساڻن ملاقات ممڪن نہ ٿي سگهي ٿي؟“ هن پڇيو.

”چو نہ.“ منصور ڏاڍيءَ خوشدليءَ منجهان چيو. ڪيس اقطع جي بحث بازيءَ جي بند ٿيڻ جي خوشي هئي-

”هو مراقبي ۾ آهن ۽ هن وقت ملاقات شايد نہ ٿي سگهي.“ اقطع بغداد جي مزاج کان واقف ۽ اميرن جي درٻاري خاطر دارين کان چڱيءَ طرح واقف هو.

عمار جا ڪچيل قدم بيهي رهيا. هُو نهايت حيرت منجهان انهن ٻنهي بزرگن کي ڏسڻ لڳو.

”اوهين انتظار ڪريو.“ اقطع خانقاه جي جهڪي روشن حجري ڏانهن اشارو ڪيو.

پوءِ اقطع ۽ منصور ڪيس حيران ڇڏي اندر حجري ڏانهن وڌيا. حسين ڪاغذ تي جُهڪي نهايت تيزيءَ سان ڪجهہ لکي رهيو هو.

"هي ڇا لکي رهيو آهين." اقطع ڏانهس ڏسي سوال ڪيو.

"قرآن حڪيم جو جواب-" حسين ڪنڌ متي ڪرڻ سوا جواب ڏنو.

"قرآن حڪيم جو جواب!-" ٻنهي يڪ زبان ٿي چيو، "ڇا پاڳل ٿي ويو آهين-" منصور جي آواز ۾ خوف ۽ اقطع جي سوال ۾ طنز هو.

حسين ڪنڌ ڪٽي ڏنو ۽ پوءِ لکيل پنا سهيڙي هڪ طرف رکي ادب مان ويهي رهيو.

"آئون ڪلام پاڪ جي ڪجهه آيتن جي تفسير لکي رهيو آهيان ۽ هيءُ سوال جو جواب ڏيڻ، ان کي حل ڪرڻ، منڌل سٽ سُلجهائڻ ۽ پنهنجي عقل سان ان اسرار تائين پهچڻ جي ئي ڪوشش آهي." حسين چيو.

"ڇا انساني عقل جي فتني انگيزين ۾ اضافا اڃا باقي آهن." اقطع جو آواز ڏڪي رهيو هو.

"هي اضافا ناهن چاچا سائين! تفسيرون آهن. انهن ڳالهين کي اوهان ڪان وڌيڪ ڪير ٿو سمجهي سگهي-"

حسين جو جواب مختصر هو. منصور خاموشيءَ سان پٽ ڏانهن ڏسي رهيو هو ۽ وري اقطع ڏانهن به جيڪو قهر جو مجسمو نظر اچي رهيو هو.

"مون پنهنجي نهايت عزيز پونجي، پنهنجي ڌيءُ جو توسان نڪاح ڪري ڪيڏي وڏي غلطي ڪئي آهي- تون ته اڄ يا سڀاڻ پنهنجي انجام کي رسندين هُن جو ڇا ٿيندو. ڇا انساني عقل جي فتني انگيزين منجهان هڪ فتنو اهو به ناهي ته هڪ عورت جي زندگي مرثيو بنجي وڃي. تون گهٽي گهٽي شهر شهر، گهمين ٿو ۽ پنهنجي ديوانگيءَ سببان شهرت حاصل ڪري چڪو آهين پر..." جذبات جي شدت سببان سندس زبان پٿرائجي وئي.

منصور چيو، "بابا جي جان! حامد بن عباس جو غلام عمار حاضر ٿيڻ جو طالب آهي."

"بسم الله- اجازت آهي." حسين چيو.

اقطع چيو: "پنهنجين هنن لڪٽين کي لڪائي ڇڏ- درٻاري امير ڪڏهن نيڪ نيتيءَ سان ڪنهن جي در تي ناهن ايندا. سواريءَ تي نه ۽ نه ئي غلامن جي ٽولي سان. هُو تو کي وٺڻ آيا آهن ۽ سياڻي جو سج تو لاءِ نه جاڻ ڪٿي اُڀري."

حسين حيرت منجهان ڏانهس ڏسندو رهيو.

"پر مون ڪو به اهڙو ڪم هرگز ناهي ڪيو جيڪو ڪنهن امير سان منهنجي ٽڪراءُ جو باعث هجي يا منهنجي ۽ سندس راهن کي اورانگهي. آئون گوشي نشين درويش آهيان. هو مون کي ڇا چوندا-"

انهيءَ کان اڳ جو اقطع کو جواب ڏئي سگهي ها منصور عمار کي وٺي اُن حجري ۾ داخل ٿيو. "حسين، هي عمار آهن."

عمار ڪتابن جي ڍير ۽ پنن جي ذخيري ڏانهن ڏنو ۽ ويهي رهيو. پوءِ نگاهون جهڪائي وينو رهيو جڻ ان وقفي ۾ ڳالهه ڪرڻ لاءِ لفظ گڏ ڪري رهيو هجي.

"اسان جا امير حامد بن عباس اوهان سان ملڻ جا خواهشمند آهن."

"آئون صبح کان ئي سندن سڏ جو منتظر هئس. هلو!" حسين اها ڳالهه ايڏو اوچتو ۽ بي ساختگيءَ سان چئي، جو منصور، اقطع ۽ عمار سڀ گڏ حيران ٿيا.

عمار چيو، "آئون ذاتي طور تي اوهان جي ڏاڍي عزت ٿو ڪريان ۽ سمجهان ٿو ته سلطنت جي والين کي روحاني سلطنت جي ماڻهن سان اختلافي صورتحال اختيار نه ڪرڻ گهرجي. آئون اوهان جي دعائن جو طالب آهيان ۽ خواهش اٿم ته جيڪڏهن اوهان ائين پانيو ته هي ڪو حڪم ناهي."

"حامد بن عباس هتي اچي سگهيا ٿي. فقيرن جي آستانن تي امير اُمراءُ حاضر ٿيندا آهن." اقطع ڳالهه ڪئي.

سندن وڃڻ بعد اقطع ۽ منصور ماٺ وينا رهيا ۽ حُجري جي ٽڏڪار ۾ سندن دليون اندر ئي اندر ڪنبنديون رهيون.

نه ڄاڻ ڇا ٿئي؟ خدا ڄاڻي هي ڪهڙي طلبي هئي؟ حامد بن عباس ڇو حسين کي سڏايو هو؟- اقطع ڄاڻندو هو ته وزير دولت نهايت بدمزاج، سخت گير ۽ ظالم ماڻهو هو. هن وِڪريل ماضيءَ کي جوڙي پنهنجي لاءِ جيڪا عمارت تعمير ڪئي هئي ان جي ظاهري صورت کيس عزيز هئي. پر کيس حسين ڇاجي لئه مطلوب هو؟ اها ڳالهه هو نٿي سمجهي سگهيو- دولت ۽ زندگي، عهدا ۽ دنياوي وسيلا ماڻهو جن جا ڳولائو رهندا هئا، حُسين وٽ نه هئا. هو نهايت اڪيلائي پسند هو. خلافت جي دربار جي ڪنهن به امير سان سندس ملاقات نه هئي. پوءِ هُو ڇو گهرايو ويو هو؟

منصور اجا تائين حيرت ۾ گُم هو.

"هُن جو پٽ حسين نه صرف دنياوي طور تي قلاش هو پر کيس دولت جي تمنا به نه هئي هو هڪ گوشي نشين عبادت گهر ۾ رهڻ وارو بي ضرر انسان هو، جنهن جا عقيدا شديد ۽ مطالبا شديد تر هئا، جيڪو نهايت بيقرار روح رکندو هو ۽ رات ڏينهن نفلن ۾ مگن هو. سندس ذاتِ خداونديءَ سان عشق هو ۽ آتش سندس وجود کي جلائي رهي هئي. هُو موجودات کي هيچ ۽ بي معنيٰ سمجهندو هو، ۽ سندس طلب جي ڪا انتها نه هئي. کيس ڊپ هو ته ڪنهن ڏينهن سندس پٽ تي ڪفر جو الزام نه عائد ٿئي ڇاڪاڻ ته هو ايڏو مگن هو جو پنهنجو پاڻ کان به وسريل هو. سندس بيقرار شوق سندس منزل ڪهڙي هئي- سندس ڇا سوال هو- سندس آه زاري ڇا لاءِ هئي؟ سندس طبع هر شيءِ کان متاهين هئي. هڪ شفاف رَوان وهڪرو سندس اُڃ اُجهائڻ جو مسڪن هو. سندس نظر لڙاٽيل نه هئي ۽ شوق جي راهه ۾

سندس اندر جي بيتابي ڏسڻ وٽان هئي. هُو زندگيءَ جي جستجو جي صحرا ۾ اُڃايل ۽ اڌ مئل انسان جيان ڊوڙي رهيو هو. هڪ پڙڪندڙ يقينيت جنهن کي ڏسي دل وگهري پوندي هئي ۽ شهه رڳ ويجهو ڌڙڪندي هئي."

منصور کي ريشم اُٽڻ وارن جي اها وسندي ياد اچي رهي هئي، محمي ياد اچي رهيو هو. سياوش، هندي سوداگر ۽ يادون يلغارن وانگيان متس حملا ڪري رهيون هيون، ڪيس شڪست ڏيڻ لاءِ ڏانهس وڌنديون ٿي آيون. سندس دماغ ۾ طوفان اُڀري رهيا هئا. زهرناڪ هوا جي طوفان ۾ گهيريل هو اڪيلو هو ۽ اقطع سندس ڪائي مدد نه پئي ڪري سگهيو.

"سيدي! هاڻ اوهان آرام فرمايو. حسين جي لڪٽين کي بند ڪريو ۽ سندس انتظار نه ڪريو!" اقطع جو آواز ڪٿان پريان کان ايندي محسوس ٿي رهيو هو.

"ڇو! آخر ڇو-" منصور اذيت وچان پڇيو.

اقطع چيو: "اوهين زينب ۽ حسن سان تمام گهڻي محبت ڪندا آهيو. ان لاءِ آئون اوهان جو احسانمند آهيان ۽ هونئن به مونکي اوهان سان ڪابه شڪايت ناهي- اول آخر ان جو آئون ئي ذميدار آهيان ۽ رهندس- اهو اطلاع ڏيڻ به منهنجو ئي فرض آهي ته هاڻ حسين جو بغداد ۾ قيام ممڪن ناهي."

"ڇو- آخر ڇو-" منصور بيچين ٿي ويو.

"انهيءَ ڪري جو بغداد جو مُفتي حامد بن عباس جو خاص ساٿي آهي ۽ اُهو نه ماڻهو جي عزت ڪري ته ماڻهپي جي. هُو ته وقت جي خليفي کي به ڪا خاص اهميت ڪونه ڏئي- جيڪو ماڻهو هڪ ڀيرو سندن درٻار ۾ گهرايو ويندو آهي موٽي ناهي ايندو."

"ڇا اهو ممڪن آهي." منصور نهايت غم منجهان پڇيو.

"عباسي خلافت پنهنجي وقار جا پڇاڙڪا ساهه کڻي رهي آهي ۽ هيءُ هڪ نهايت بدترين شخصي طوائف الملوڪيءَ جو دؤر آهي. اوهان کي شايد خبر ناهي ته درٻار تي اهڙا امير امراءُ قابض آهن جيڪي پنهنجي هر جائز ناجائز ڳالهه ميرائڻ جا وسيلا ۽ اثر رکن ٿا. فوج جي ابتري ۽ سلطنت جي والين جي بي حسي ۽ بي وسي، پکڙيل سرحدن جي طرفن کان بي رُخي حڪومت جي زوال جون نشانيون آهن. وري اوپر ۽ اولهه ۾ نوان نوان فتنا ۽ انهن کي ختم ڪرڻ کان اک ٻوٽ واري روش عوام جي مسئلن ۽ انهن جي حالت کان چشم پوشي ان ڳالهه جي چٽي ثابتي آهي." اقطع ٿورو ساهه پٽيو ته منصور پڇيو:

"پر حسين جو ته زندگيءَ جي اهڙي ڪنهن به شعبي سان واسطو ناهي. درٻار جي زندگي هن لاءِ هڪ خراب خواب هئي جيڪا هن مڪمل طرح وساري ڇڏي هئي."

"سندس عقيدا مختلف آهن ۽ ڇا ڀلا اِهو سبب ڪافي ناهي؟" اقطع سوال ڪيو.

"آئون نٿو سمجهان جڏهن سندس طرز عمل ٻين جي عقيدن کي بگاڙي نٿو سگهي.

سندس خواهش ذاتي ۽ شديد شوق بہ هن جا پنهنجا آهن جيڪي ڪيس بيقرار رکندا آهن. نفلن ۽ عبادتن ۾ هُو بي انتها آهي پر ڇا اهو سڀ گرفت جي قابل آهي؟ ها جيتوڻيڪ عمر بن عثمان مڪي سندس مخالف آهن پر سندن سبب عالمگير تہ ناهن.“ منصور بحث ۾ ڪڏهن پوندو يا مُنجهندو نہ هو پر حسين جي لاءِ...

”خدا ڪان دعا گهرو تہ زمانو مخالف ٿئي تہ ٿئي، خدا مخالف نہ ٿئي.“ اقطع نيڪ نيتيءَ منجهان چيو.

”خدا مخالف نہ ٿئي.“ منصور بہ اُن ئي طرح چيو، ”پر ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي، جو زمانو تہ مخالف ٿي ويندو آهي ۽ خدا اُن تي ئي راضي هوندو آهي.“

”خدا کي ڪنهن ڏٺو آهي- اسين زماني کي خدا چوندا آهيون-“ اقطع آهستي چيو.

منجهند شام ۾ ۽ وري شام اونداهيءَ ۾ پوءِ رات ۾ بدلي پر حسين موٽي نہ آيو.

منصور جي دل ۽ دماغ ۾ ناموافق هوائن پنهنجين جهڪن جهولن سميت قبضو ڪري ورتو. بربٽ جي زهرناڪ طوفانَ بغداد جي هڪ ڏورانهين نيم اونداهي حُجري کي تڪيو هو.

ڇا زمانو خدا هو؟

”غلام سمريءَ چيو آهي تہ تون سحر تو ڄاڻين ۽ دلين جا ڳجهہ ٻڌائي سگهندو آهين.“ حامد بن عباس نهايت غضبناڪ انداز ۾ پاسا ورائي رهيو هو.

حسين مرڪي چيو: ”دلين جو حال سواءِ خدا جي ڪير ڄاڻي سگهي ٿو-“

”پر تنهنجي غلام سمريءَ هميشه تنهنجي متعلق اهڙي قسم جو ئي تذڪرو ڪيو آهي. هو چوي ٿو تہ ماڻهو تو آڏو سجدي ۾ جهڪندا آهن. توکي خدا چوندا آهن ۽ توکي ڪيترن ئي ڳجهن علمن تي عبور حاصل آهي.“ حامد تيزيءَ سان ٻيو سوال ڪيو.

”سمري غلام آهي ۽ هن لئہ ٿورڙي خاص ڳالهہ بہ تمام گهڻي آهي. سندس سوچ جي طريقي جو ماپو ۽ عقل سطحي آهن.“ حسين نهايت طريقي سان جواب ڏنو.

”عام ۽ خاص سڀ اهوئي چون ٿا. جيڪو بہ شخص تنهنجي ويجهو رهي ٿو تنهنجي سحر ۾ گرفتار ٿي وڃي ٿو!“ عمار حامد جي سامهون جهڪي چيو.

”جيڪڏهن اهو سحر ايڏو بااثر آهي تہ پوءِ اوهان کي هيستائين سوال ڪرڻ لاءِ ايترو سارو وقت ڪيئن مليو-“ حسين ٿورو مرڪي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي چيو.

حامد، عمار ڏانهن ۽ عمار درٻارين ڏانهن ڏٺو. مجلس ۾ ماٺ ڇانئجي وئي هئي.

جڏهن سمري کي حاضري ڪيو ويو تہ حسين پنهنجي سامهون زمين تي ليڪا ڪڍي رهيو هو ۽ لڳو ٿي هو اڪيلو هو- پاڻ ۾ گُم- ڄڻ هو زمين اندر پاتارن جي اونهائين ۾ ڏسي رهيو هو.

"تون چوين ٿو ماڻھو ھن کي سجدو ڪندا آھن." عمار سمري کي چيو.

حسين اک کڻي بہ نہ ڏٺو ڇڻ اھي ڳالھيون سندس متعلق ئي نہ ھجن.

"بليٰ يا سيدي!" سمري آھستي چيو.

"ڪڏھن تو پنھنجين اکين سان ماڻھن کي ھن جي سامھون سجدو ڪندي ڏٺو آھي." عمار وري سوال ڪيو.

"بليٰ يا سيدي!" ھُن زور سان چيو.

"ڇا تون انھيءَ ڳالھ کان انڪاري ٿي سگھين ٿو؟ جيڪڏھن تو وٽ ڪو جواب آھي تہ چئو" عمار اڳيان وڌي چيو.

"آئون سمريءَ جي ڳالھ جو ڪھڙو جواب ڏيان. جيڪڏھن اوھان ماڻھن کي ھن جي ڳالھ جو يقين آھي ۽ اھو سڀ سچ سمجھو ٿا تہ منھنجي ڳالھائڻ سان ڪو بہ فرق نٿو پوي-" حسين چيو.

حامد بن عباس چيو: "توکي انھيءَ ڳالھ جو جواب ضرور ڏيڻو آھي انڪري جو روءِ زمين تي انھيءَ کان وڏو فتنو ٻيو ڪو ناھي."

حسين ڪلي چيو: "بس ھڪ سجدو ئي تہ سڀ کان ڏکيو آھي جيڪو صدين کان پوءِ ڪنھن جبين کي عطا ڪيو ويندو آھي-"

حامد ۽ عمار وري نھايت ڳوڙھين نظرن سان ھڪ ٻئي ڏانھن ڏٺو.

"جيڪڏھن تون اعتراف ڪرين تہ آزادي ممڪن آھي." عمار چيو.

"ان سجدي جو اقرار جيڪو آئون اجا ڪري ناھيان سگھيو- ان سجدي جو اعتراف جيڪو اجا منھنجي پيشانيءَ تي خوابناڪ آھي- ان سجدي جو اقرار جنھن کان پوءِ يا سرُ رھندو آھي يا سجدو!-" حسين اُتي ٻيھي رھيو ھو.

محفل ۾ موجود ماڻھو درٻاري امير ۽ بغداد جو مفتي ۽ موسيقارن جي جماعت خوشامدڙين جي ٽولي ۽ ثنا خوان شاعر سڀ ساھ روڪي ايندڙ لمحي جو انتظار ڪرڻ لڳا.

"فلسفي جي انھن مونجھارن سان تون سواءِ پنھنجي ٻئي ڪنھن کي بہ بيوقوف ناھين بنائي رھيو." حامد نھايت بي چين ھو.

حسين وري پنھنجو پاڻ ۾ لڪي ويو جيئن ڪڪرن جي ڪاراڻ واچوڙن ڀريءَ گھاٽيءَ ھوا ۾ لڪي وڃي.

"ڇا توکي آزاديءَ جي ضرورت ناھي؟" عمار وري پڇيو.

"آئون جنھن قيد ۾ آھيان سو مون کي انتھائي عزيز آھي. ان ھڪ نگاھ لاءِ آئون ھن زندگيءَ کي ئي نہ، اھڙين سوين زندگين کي، قربان ڪري سگھان ٿو. منھنجي ھستي ڪھڙي شيءِ آھي-" حسين جو آواز غم منجھان بي پناھ ٿي رھيو ھو ڇڻ اُن ۾ گرج جلال ۽

ڏيڏبو هجي. ”جيڪڏهن مون کي پنهنجو پاڻ موتائي ڏنو وڃي ته به آئون بيهر وڏيڪ شدت ۽ محبت سان ان در تي پاڻ قربان ڪري ڇڏيان. خدا جو سُنهن مون کي آزادي نه گهرجي.“

”هي پنهنجو پاڻ ۾ ناهي ديوانو آهي. هن جي ڳالهين ۾ ڪو هوش ئي ناهي-“ مفتي سندس ڳالهين مان محفوظ ٿي رهيو هو.

”تون قرمطي آهين؟“ حامد سوال ڪيو.

حسين سندس ڳالهه جو ڪو جواب نه ڏنو.

عمار سوال ورجايو: ”حسين بن منصور حلاج - ڇا تون قرمطي آهين؟ تنهنجن عقيدن ۽ ڳالهين منجهان ڪُفر جي بُوءِ ٿي اچي.“

”ڇاٿين ٿو ڪفر جي فتويٰ ڇا آهي-“ حسين سوال ڪيو.

محفل ۾ سرباهٽ اڀريا جيئن مکيون هڪدم ڪِن ڪچري جي ڍير تي ڀُڻڪن.

”توکي خدا ۽ ان جي رسول ﷺ تي ڪامل يقين آهي-“ عمار سندس سوال کي نظر انداز ڪندي پڇيو.

”ڇا هُو ٻئي الڳ آهن-“ حسين سوال ڪيو، ”خدا جي رسول ﷺ جي پيشانيءَ تي ڪهڙو نور هو؟- ڪائنات جي وجود جو سبب ڪير هو؟-“

”تون حامد بن عباس جي بارگاهه ۾ آهين جيڪو پڇيو وڃي ان جو مختصر جواب ڏي. سوال ڪرڻ منع آهي.“ عمار جٽڪ کيس آگاهه ڪيو.

”رسولِ خدا ﷺ بشر ڪامل هئا- خدا جي ذات کان الڳ-“ عمار چيو.

مفتي نهايت مُنجهاري ۾ مبتلا ٿيندي چيو. ”عمار! اهو بحث ڊگهو ٿي ويندو ۽ حاصل ڪجهه نه ٿيندو. جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته هن کي زندان ۾ بند ڪري ڇڏ. ٿورڙن ڏينهن ۾ جڏهن سندس طبيعت بحال ٿي وڃي ته شايد هي سالم هوش ۽ حواسن سان تنهنجن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.“

۽ انهن حسين بن منصور کي زندان اُماڻي ڇڏيو. عمار پنهنجي پويان دروازو بند ڪندي چيو:

”نامحرمن ۾ اندر جو اسرار اُجاگر ڪرڻ وارن جي اهائي جڳهه هئي.“

حسين ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ حامد جي دجله ڪناري تي جڙيل محل جي تهه خاني ۾، جهيڻي هنيلي رات تارن سان سينگاريل چادر کي لهرائيندي تيزيءَ سان رقص ڪرڻ لڳي هئي. حيات جي تارن تي عشق جي مضراب سان ڇيڙيل نغما وڃي رهيا هئا.

”اڻ ڳڻت دائرن جو تصور!-
پهريون دائرو مشيت جو دائرو آهي-
ٻيو دائرو ادراڪ جو آهي-

تيون دائرو قوت جو آهي
چوٿون ان جي علم جو دائرو آهي، جاوداني ۽ جو!-
ابليس چيو جيڪڏهن آئون پهرئين دائري ۾ تو داخل ٿيان
ته پئي ۾ منهنجي لاءِ موت آهي
۽ پئي کان ٽئين ۾ به موت آهي
۽ جيڪڏهن آئون ٽئين ۾ بيهي به رهان
ته به انجام اهوئي هوندو
انهيءَ ڪري نه- نه! نه-
آئون پهرئين دائري ۾ئي رهندس
۽ پئي منجهان مون تي لعنت وسندي
آئون ٽئين ۾ ڏوڪيو ويس اڇلايو ويس
۽ مون چوٿين کي وڃائي ڇڏيو
پر چوٿون هوئي ڪٿي؟ چوٿون دائرو!-
جيڪڏهن مون کي خبر هجي ته سجدوئي منهنجي نجات آهي،
منهنجي آزادي
ته آئون آدم کي سجدو ڪيان ها-
پر مون کي دائرن اندر دائرن ۽ انهن جي اندر اننت دائرن جو علم هو!-
۽ انهيءَ ڪري مون پنهنجي دل کي چيو- 'مون کي بخشي ڇڏ. مون کي بخشي ڇڏ!'
جيڪر آئون مشيت جي پهرئين دائري منجهان ٻاهر نڪري سگهان،
پر ان بعد دئرا ٻيا دائرا!
آه! هُو، جيڪو يگانو آهي- اڪيلو آهي- جيڪو به آهي
ڪيئن- ڀلا ڪيئن!- ڪيئن!-

حسين سوچيو، هُو جيڪو عزازيل هو ۽ فرشتن ۾ صاحب عرفان هو. مشيت کي سمجهندو هو ۽ ان دائري کان ٻاهر نه نڪري سگهيو ته ڪير، ڀلا ڪير؟ ڪيئن؟ ان پهرئين دائري منجهان نڪري سگهي ٿو جڏهن ته تاهُ اَننت بيشمار دائرا ئي دائرا آهن ۽ جڏهن هڪ منجهان ٻئي ٻاهر نڪرڻ ڏکيو آهي ته آڇپو ڪيئن ٿئي؟
بهرحال آزادي ڏکي ئي نه ناممڪن آهي. ڪو مشيت کان ڪيئن ڀڄي ٿي سگهيو-
سوال ڪنهن کان ڪيو وڃي-
ڪير- ڪير!- ۽ جواب
هُو!- هُو!-
۽ هي لفظن جو گورک ڌنڌو- لفظ به تخليق آهن. ڀلا مخلوق کان خلق ڪرڻ واري

خالق ڏانهن اشارو ڪيئن نه ٿي سگهي ٿو- هو اڪيلو ۽ يڪتا آهي. ڪهڙو لفظ سندس تشريح ڪري سگهي ٿو ۽ بنا لفظن جي انسان جي مقدر ڪي به نه سمجهي نٿو سگهجي.

حسين وري زندان جي گهميل فرش تي آگر سان دائرا چڪڻ شروع ڪيا. آواز اونداهيءَ ۾ پٿين سان ٽڪرائجي لهرن جي هڪ تسلسل سان گڏ واپس آيو ۽ ٽڪر ڪائي موٽي ٿي ويو ۽ وري واپس ٿي آيو. ڪيس لاتعداد دائرا اڻ ڳڻت دائرن جيان پکڙجندا ۽ وڌندا، فنا ۽ پيدا ٿيندا محسوس ٿي رهيا هئا. ها بهتر اهوئي آهي ته پهرئين دائري منجهان ٻاهر نه نڪرجي جيڪو مشيت جو دائرو آهي، نه نه ۽ نه- صرف هڪ سجدو ۽ ان ڪان پوءِ نه. نه ۽ هڪ اننت انڪار- ڀلا جنهن آدم ڪي تخليق ڪيو هو ڇا اُن اهو راز هميشگيءَ ۾ مخفي نه رکيو هو جنهن تائين ڪنهن جي رسائي ٿي نٿي سگهي- ان راز ڪان فقط اهوئي واقف هو جنهن جي نگاهه نه ڀٽڪي ۽ جنهن هيڏانهن هوڏانهن نه ڏٺو.

"سواءِ احمد ﷺ جي ڪنهن به هن جي يڪتا هجڻ تي تصديق نه ڪئي
۽ سواءِ ان جي ڪنهن تي به ڳجهن جا در نه کُليا
ابليس پنهنجي هٺ، پنهنجي هستيءَ جي هٺ تي اڙيو رهيو
ڪيس سجدو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو
۽ احمد ﷺ کي ڏسڻ جو
احمد ﷺ (خدا جو مٿن رحمتون هجن) ساڄي کاٻي نه ڏٺو نه اُتر ڏانهن
سندن نگاهه، ڀٽڪي ۽ نه انهن غلط ڏٺو
ابليس هڪ دعويٰ ڪئي پر هو پنهنجو پاڻ ڪان آزادي حاصل نه ڪري سگهيو
نه ئي هن اُن آتش ڪان آزادي حاصل ڪئي جنهن منجهان هو ٺهيو هو
۽ نه ئي پنهنجي ذات ڪان ٻاهر اچي سگهيو
احمد ﷺ (خدا جون رحمتون مٿن هجن) دعويٰ ڪئي ۽ فنا کي پار ڪري ويا
۽ پنهنجي ذات جي دائري منجهان نڪري ويا
۽ هنن ڪو معاهدو نه ڪيو

ماڻهوءَ جي آزادي قيد ۽ بند ڪان نه، پنهنجي پاڻ ڪان ٿيڻي هئي- فنا ڪان ۽ پنهنجي هستيءَ ڪان جيڪا نيستيءَ جي راهن تان نڪرندي هئي- ۽ موت جي تمنا شديد تر هئي. ڇڻ هُو هڪ خوبصورت خواب هجي جنتن جو ۽ قربِ خالق ۽ جلوو جانان جو!- آسمان جي بادشاهتن جو!- قليل ڪان جليل جو!- ڇاڪاڻ ته سڀ ڪجهه فنا جي زد ۾ هو، سواءِ هُن جي-

هو ان زندان جي اونداهيءَ ۾ وقت جو حساب وساري ڇڪو هو. بي انتها وقت تي ڪير نگران ٿي سگهيو هو؟

جڏهن هو ٻاهر آندو ويو ته ڏاڪڻين جي ڇڪڻ جيڪري سندس پير آلا هئا ۽ حبشي

ڪيس پويان ڪان ٽيڪ ڏيندو مٿي آٽي رهيو هو. حامد بن عباس جي ملاقات جو ڪمرو خالي هو جتي شمعون روشن ۽ اڌ اُگهاڙين ٻانهين جون قطارون پيتين سان تازي گلاب جي وَلين وانگر سينگاريل هيون. هر طرح جي آرائش سان ڀرپور محفل هئي. طاقن تي ۽ بند درين جي سامهون صراحيون ۽ شيشا سجايل هئا. حسين پنهنجين ٻرندڙ اکين سان اهو سڀ ڏٺو ۽ نظرون جهڪائي ڇڏيون.

"توکي انهن سيني شين جو، هن زندگيءَ جو، شوق آهي؟" حامد حبشي جي وڃڻ بعد ڪانئس پڇيو.

حسين ڪو جواب نه ڏنو.

"تون نظر کڻي ئي نه، ويجهو وڃي ڪين ڇُهي سگهين ٿو. جيڪڏهن توکي ڪا پسند هجي ته اُها تنهنجي ملڪيت هوندي-" حامد ٻانهين ڏانهن پنهنجي ڦٽڪي سان اشارو ڪيو.

حسين وري به ماٺ رهيو ڄڻ ڪير به ساڻس مخاطب نه هجي.

"ڇا تون ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي قوت ڪان محروم ٿي ويو آهين؟" ڪانئس پڇيو ويو.

"آئون ٻُڌي ۽ ڏسي رهيو آهيان پر منهنجي نگاهه ڀٽڪي نٿي. آئون فقط سڌو ڏسڻ جو عادي آهيان." حسين جي جواب حامد کي ڇرڪائي ڇڏيو.

"سڌو ڏسڻ سان اهڙيون گهٽيون ئي شيون ڏيکائي ڏينديون آهن جيڪي نه ڏسڻ گهرجن." حامد بگڙجندي چيو.

"مقدر سان ڀلا ڪير ٽڪر کائي سگهي ٿو." جواب نهايت صاف هو.

"هاڻ تون پنهنجي ڪفر ۽ الحاد کي انهن پردن ۾ ڍڪين ٿو-" حامد مرڪي چيو.

"سڀ مقدر جي زد ۾ اچن ٿا. جيڪڏهن اهو ڪفر آهي ته ايمان ڇا آهي؟" ڪمري ۾ حسين جو سوال ٻُريو - ڇٽڪ دريون دروازا ساز و مضراب، شيشا ۽ صراحيون، ڏيئا ۽ لاٿون سڀ اهو سوال ورجائي رهيا هئا-

"آئون سوال پڇڻ جو عادي آهيان جواب ڏيڻ جو نه." حامد ٻانهين کي وڃڻ جو اشارو ڪيو. جيڪي پراسرار دروازن پويان نهايت مختصر وقت ۾ غائب ٿي ويون.

"ابن منصور - هي تماشو ختم ٿي ويو. مون نهايت بي چين، بي خواب راتين کان پوءِ آخر توکان سوال ڪرڻ مناسب سمجهيو آهي - تون اغول کي ڪڏهن کان سجاڻيندو هئين؟"

"موت ته آزادي آهي. سوالن جوابن جي تاجي پيتي کان ماوراء." حسين پڇيو، "ڇا ڪو به هڪ پيرو انهن سرحدن کي پار ڪري واپس آيو آهي جو فساد جو سبب بنجي؟"

"آئون سوال کي سخت ناپسند ڪندو آهيان." حامد چيو. ٻنهي وچ ۾ خاموشيءَ جو وقفو تڪليف ڏيندڙ اينگهه اختيار ڪري ويو هو.

"هن سان تون ڦهريون پيرو ڪڏهن مليو هئين آئون ڄاڻڻ گهرندس." هُن سندس ويجهو ويهندي چيو.

”روح پنهنجي ازلي ساڃاهه ۽ پنهنجي سُڃاڻپ ۾ نهايت ساڃاهوند هوندا آهن. ڪين اهو ادراڪ سپرد ڪيو ويندو آهي.“ حسين جو جواب نهايت مُندل ۽ ناقابل فهم هو.

”ابن منصور!“ حامد سختيءَ مان چيو. ”منهنجي صبر کي نه آزماءِ. منهنجي رقابت جي جذبي کي هوا نه ڏي.“

حسين کلي چيو: ”هڪ قيديءَ ۽ قيد ڪرڻ واري وچ ۾ رقابت نٿي ٿي سگهي. هڪ وٽ اختيار ۽ ٻئي وٽ مظلوميت.“

حامد جهڪي حسين جي پيرن منجهان پير ڪڙيون کولي ڇڏيون.

”هاڻ اسين ٻئي برابر آهيون.“

”حاڪم ۽ محڪوم ڪڏهن برابر ٿيا آهن؟“ حسين پيڙين ڏانهن ڏسندي چيو.

حامد ڏانهس نهايت گهرين نظرن سان ڏٺو.

”ويهي رهه ابن منصور!“

”درٻارن ۾ جيڪو ويٺو سو وري نه اُٿي سگهيو. آئون انهي جسارت لاءِ معاف ڪيو وڃان ته بهتر ٿيندو.“

حامد عجب ٻي وسيءَ منجهان تخت جي هڪ ڪنڊ تي ويهي رهيو.

”هاڻ نه ڪوئي حاڪم آهي نه محڪوم. تون آزاد آهين ۽ نه ئي هيءَ درٻار ملاقات جي جڳهه آهي. جيڪڏهن تون به هن تخت تي ويهي رهين ته منهنجن سوالن جا بهتر طور جواب ڏئي سگهندين. هڪ سني ماحول ۾ نهايت سوچي سمجهي گهٽو ڪجهه ياد ڪري.“ هُن ٻئي تخت ڏانهن اشارو ڪيو، جنهن ويجهو جام و مينا روشنيءَ کي جهٽي پنهنجن شعاعن سان جرڪائي رهيا هئا ۽ رنگن جي روشني انڌلٺ وانگيان پکڙيل هئي جيڪا رنگن سان هڪ ٻي شيءِ بنجي ٿي وئي.

”جيڪڏهن آئون آزاد آهيان ته مون تي ڪنهن سوال جي جواب ڏيڻ جي پابندي عائد نه هئڻ گهرجي.“ حسين چيو.

حامد هُن ڏانهس ڏسندو رهيو.

”ها ابن منصور! توکي اختيار به آهي ته آزادي به. پر انهن سوالن جا جواب بهرحال مون کي معلوم ڪرڻا ئي آهن. ڪا آزادي مڪمل ناهي هوندي- هر قيد ۽ بند کان آزاد ڪا شيءِ ناهي. نه ڪو جذبو نه ڪو خيال، نه ڪو انسان.“

حسين پنهنجي سامهون مدّ ۽ شيشن ڏانهن ڏسندو رهيو. ايستائين جو صراحي ۽ جام پاڻ ۾ ٽڪرايا ۽ شراب فرش تي وهڻ لڳو.

”تون بي شڪ جادوگر آهين ۽ بغداد ۾ تنهنجي موجودگي ٻين لاءِ پريشانيءَ جو باعث بنجندي-“ حامد تاڙي وڄائي.

حبشي حسين کي ٻانهن کان جهليو.

”هن کي وٺي وڃي عميق ترين زندان ۾ بند ڪريو جتان ڪان هوا جو به لنگهه نه هجي.“ نهايت بي مزي ٿي حامد ٽنل شيشن وٽ ويهي رهيو. پوءِ هن ٻانهين کي سڏائڻ جو اشارو ڪيو ته جيئن ملاقاتي ڪمري کي ٻيهر سينگاريو وڃي.

هو سوچي رهيو هو جيڪڏهن هي سحر به هو ته ڪنهن ماڻهوءَ کي اها ڪهڙي طاقت عطا ٿيندي هئي جيڪا عام ماڻهن کي نه ملندي هئي. ڪائنات جي ڪاروبار ۾ دخل ڪيئن ڏئي سگهبو هو- خدا ڇو ڪجهه ماڻهن کي هڪ خاص قوت سپرد ڪري ڇڏيندو هو؟

اغول، قهرمانه ۽ گلرنگ جو معمو به اهڙيءَ طرح هو-

هي شخص سِسي لاهڻ لائق هو.

حامد بن عباس جي دماغ ۾ گرم لهرون جيان اُڀري رهيون هيون ۽ ڪيس پنهنجو وجود پن ڇڻ جي گرم هوا جي لهرن تي ٽڙندڙ پکڙجندڙ ڍير وانگر لڳي رهيو هو- پرندڙ، اُڏامندڙ ۽ پوءِ به ٻاهه کان سواءِ ڀسم ٿيڻ کان اڻ واقف - هن جي سڄي زندگي بلڪ سندس ابن ڏاڏن جي زندگي برباد ٿي وئي هئي. هُو جيڪو اڄ کان اڳ پنهنجين ڪاميابين تي نازاںُ هو- ڇا هُو نازاںُ هو؟

حبشي حسين سان ترڪٽين ڏاڪٽين تان لهندي چيو: ”تون هاڻ ڏينهن جو منهن ڪڏهن نٿو ڏسي سگهين. تنهنجو ڏوهه ڪيڏو نه سنگين هو.“

”سنگين“ حسين کلي سندس فولاڏي ڪلهي تي پنهنجو ڪمزور هٿ رکيو- حبشيءَ کي لڳو ڄڻ سندس ڪلهي جي هڏي پنهنجي جڳهه تان هٽي وئي آهي. هو ”رڙ“ ڪري اُتي ئي اونداهه ۾ ويهي رهيو ۽ نه ڄاڻ ڪهڙي سوراخ منجهان گهميل هوا سان گڏ روشنيءَ جا ڪرڻا اندر داخل ٿيا اِئين جيئن رقص لاءِ ٻانهين کي سڏايو ويندو هو.

جڏهن حبشيءَ جون رڙيون بلند ٿيڻ لڳيون ته حسين چيو: ”ڀاءُ تون پنهنجي ڪلهي کي ٿوري مالش ڪر - خدا توکي شفا ڏئي.“

حبشي پويان مڙي پنهنجي قيديءَ ڏانهن ڏٺو.

”مالش ڪر!“ حسين چيو.

”آه - آه“ جي صدا ڏاڪٽين تي ٻُرڻ لڳي هئي.

حسين هٿ وڌائي سندس ڪلهي تي رکيو. حبشي بي خود ٿي سندس پيرن تي ڪِري پيو، انڪري جو سندس سُور هڪدم غائب ٿي چڪو هو-

”تون قيد ۽ بند لاءِ پيدا ناهين ڪيو ويو. تنهنجي ته پوڄا ٿيڻ گهربي هئي. خدا جو سُنهن قيدخاني کان وڌيڪ ٻوساتيل ۽ خراب ٻي ڪائي جڳهه ناهي-“ حبشي اُن اونده ۾ به

پنهنجي ڪاري رنگ ۾ اڇن ڏندن سان ڏيکائي ڏئي رهيو هو، توبهن زاري ڪندي چڻ جبل ذرا ذرا ٿي پيو هجي.

"دوست لهه، ا نڪان اڳ جو تنهنجي لاءِ وزير جو هيو سڏ اچي." حسين چيو.

"سيني چور دروازن جون چابيون مون وٽ آهن ۽ آزادي هڪ لمحي جي ڳالهه آهي." حبشيءَ پراعتماد ۽ نرم آواز ۾ چيو.

"مون کي آزاديءَ جي خواهش ناهي." حسين چيو. "هيٺ لهه - روشنيءَ کي ڪير روڪي نٿو سگهي. محبت کي قيد ڪير نٿو ڪري سگهي."

"ياشيخ، ڇا اوهين مون کي معاف ڪري ڇڏيندؤ." حبشي پڇيو.

"بي شڪ." جواب مليو، "تون پنهنجو فرض ٿو ادا ڪرين - خدايا! هي بندو پنهنجو فرض ادا ڪري رهيو آهي خدايا!" حسين صدا هنئي.

۽ بنديخاني ۾ روشني وِڪ وِڪ تي لهڻ لڳي. تهہ خانو روشن ٿيڻ لڳو. رستو ڏيکائي ڏيڻ لڳو ۽ ٻاهر دجلہ درياءُ پنهنجين لهرن ۾ شفاف پاڻيءَ سميت عجيب مستيءَ جي عالم ۾ وهڻ لڳو ڄڻ سِپ جي حفاظت لاءِ تيار ٿي رهيو هو جنهن ۾ هڪ موتي مخفي هو.

"ياشيخ! اوهين زندان ڪان نڪرڻ پسند فرمائيندؤ!" حبشيءَ نيازمنديءَ منجهان سندس پيرڇهي چيو.

"زندان ڪٿي آهي." حسين چئني پاسي ڏسي پڇيو.

حبشيءَ ڏٺو، پٿيون هٽي ويون هيون ۽ دجلہ جو پاڻي خاموش- پنهنجي حد ۾ ادب سان بيٺل هو. سندس نظر جبلن کي ڏٺو ۽ برف کي ۽ جاري ندين کي ننڍا ننڍا آبشار ٺاهيندي، چشمن جي اڇي جهڳ سان ڀريل چانديءَ جي گهاٽن نالن کي، هُن هوائن جي تک ۽ تيزيءَ ۽ تڏاڻ کي پنهنجي وجود ۾ محسوس ڪيو- وڻ جيڪي مچريل طوفانن ۾ ڦوڪاريندڙ ازدهائن وانگر جهڪندا ۽ سڌا ٿيندا ۽ ڪڙا ٿيندا هئا. گاهه، گل ۽ اڏامندڙ پن لڙهندڙ پٽر جيڪي مينهن جيان هيٺين هيٺاهين وارين ماترين تي وسي رهيا هئا. ڌنارن جي گاه جي جهوپڙين ۾ پناهه ۽ آسرو هو- هن ٻڪرين جي ٻي ٻي بہ ٻڌي. جنهن کي قافلي جهليو نہ هو، وري چراگاهن ۾ گهوڙن جا ڌڻ ڏٺا. صحرا ۽ سمنڊ هو، ڄڻ مٿاهين تي هجي، ۽ سمورو تماشو سندس سامهون ٿي رهيو هو.

هن ڊپ ۾ ورنجي، حسين ڏانهن ڏٺو.

"ياشيخ!" هن پيرن ۾ جهڪندي ڳالهايو: "اوهين هن زندان منجهان وڃي سگهو ٿا تہ هليا ڇو نٿا وڃو!"

"نہ - اسين جنهن جي قيد ۾ آهيون. اڃا انهيءَ پاران حڪم ناهي ٿيو. آزاديءَ جو بہ تہ بهانو هجي-" حسين مڙي ڏٺو.

حبشيءَ جون حيرت ۾ قاتل اکيون جهڪي ويون هيون.

”خدايا - خدايا.“ حسين هڪ ٿڏو ساهه ڀريو. ڀتين ۾ ڇت، تيز وهڪرن روشنين ۾ اونداهه، سڀن پنهنجو ڪم شروع ڪري ڇڏيو هو.

”آئون وزير حامد بن عباس کي وچي منٿ ٿو ڪريان ته اوهان کي هتي نه رکي.“ حبشي چيو.

”نه دوست - تون اهڙي ڪابه منٿ نه ڪندين - قطعي نه.“ حسين جواب ڏنو.

پوءِ هُن ڏاڪڻين جي ڇيڙي تان ڪو آواز ٻڌو جيڪو حبشي کي سڏي رهيو هو.

”عمار مون کي سڏايو آهي خدا خير ڪري-“ حبشي تيزيءَ سان مٿي چڙهڻ لڳو ۽ حسين نفلن جي لاءِ ويهڻ کان اڳ ڦوڪ ڏئي ڏيئو به وسائي ڇڏيو جيڪو زندان ۾ خدمت گذاريءَ خاطر ٻاريو ويو هو. روشني ۾ ڏيئن سان ٻاندين جو ڀلا ڪهڙو تعلق؟ زندان کي عميق ترين، تاريڪ ترين ۾ ٻوساٽيل جڳهه هئڻ گهرجي. ڪاراڻ کي ڪنهن اُجاڻ جي گهرج نه هجي- پوءِ انجي تڪميل منجهان روشني ۾ خوشبو پاڻ ئي پيدا ٿي پوندڙ هونديون آهن-

عمار حسين کي سڏايو هو. حبشي اونده ۾ هيڏانهن هوڏانهن هٿوراڙيون ڏيندي ڏيئي کي وري ٻاريو ۽ منتظر رهيو. پوءِ جڏهن نماز ڏکهي ٿي وئي ۽ ڏاڪڻين جي چوٽيءَ تي عمار لڙڪندڙ رسيءَ کي وري ڇڪيو ۽ دروازي اندر لڳل گهنڊ وڳو ته هن رڙ ڪري چيو:

”ڇا نماز جو احترام نه ڪريان-“

مٿي خاموشيءَ ۾ هڪ ڏکهي سيٽي وڳي - حبشي ٻڙٻڙ ڪندو وري ڏاڪڻين ڏانهن وڌيو ۽ گهر جي شڪايت ڪندو ڳرين وِکن سان مٿي چڙهڻ لڳو.

”محبت“، حسين سوچيو- محبت جي ڪشش ۽ شوق جو فاعل ڪير آهي؟ محبت جو سرچشمو ۽ اُن جي انتها ڇا آهي؟ اغول اهڙي طويل محبت ڇو ڪئي ۽ ڪيئن ڪئي؟

”ڪيس اندر جي اڪ عطا ڪئي وئي هئي يا محض الاهي عطا هئي يا اُن نگاهه لاءِ مشقت ڪئي وئي هئي؟“

حسين جيئن جيئن سوچيو ٿي سندس دل ٻڏندي ٿي وئي- انهي خوف کان نه ته هو حامد بن عباس آڏو جوابده هو پر ائين ئي ته هاڻ هُوءَ نه هئي ۽ ان راز کي هو پنهنجي طور تي سمجهڻ جي جيتري به ڪوشش ڪري ڪڏهن حتمي فيصلي تي پهچي نه سگهندو ته اهو ڪيئن ممڪن ٿيو- ڪيس بصره جو سفر قافلو، ۽ چاندوڪي رات سڀ ياد اچي رهيا هئا- محبت ڪرڻ وارو هڪ روح- حسين ڪانئس ڪجهه نه گهريو هو- ڪا دانهن نه ڪئي- سندس آهه به ڪڏهن هُن تائين نه پهتي- هُو خالي ذهن سان گهڙيءَ دير تائين اغول جي نالي کي پنهنجن خيالن ۾ پرواز ڪندي ڏسندو رهيو- ڇڻ سندس وجود ڪجهه پيو هجي، هو حسين نه هجي ۽ اغول جي دل جي محبت هن لاءِ سندس پنهنجي ئي خواهش هجي- اغول پنهنجو پاڻ

سان پيار ڪيو هجي- يا حسين اغول ڪان جدا ڪا هستي نہ هجي ۽ ٻنهي جي آرزو هڪ هجي- ٻنهي پنهنجي پنهنجي اندر ۾ خدا کي چاهيو هجي، ياخدا هنن ٻنهي کي چاهيو هجي- ها بيشڪ خدا پنهنجن بندن کي پيار ڪندو آهي- حقيقت ۾ سندس هيءَ خواهش هنجي پنهنجي لاءِ هوندي آهي-آئيني ۾ جيڪا دنيا آهي، هن پنهنجو پاڻُ ڏٺو ۽ پنهنجو پاڻ تي پاڻ ئي عاشق ٿيو پنهنجي ئي عشق ۽ خواهش جو اسير ٿيو!- خالق مخلوق جي خواهش ڪئي- بيقرار ٿيو- ٻيو تہ ڪير نہ هو- هر طرف هو پاڻ ئي جلوو هو- ڇا اهو ممڪن نہ هو تہ اغول وانگر ڪنهن سان محبت ڪئي وڃي-

ڪا دانهن نہ هجي- ڪا خواهش نہ هجي-

محبت جو اول بہ اهوئي هجي ۽ انتها بہ، روح بہ اهوئي ۽ روح جي آس بہ اُهائي هجي-

هن سوچيو تہ سندس جذبن ۾ فقط شدت هئي جيئن روشني تہ هجي پر رهنمائي نہ ڪري سگهي. ۽ ٻيو تہ اهو وقت گذري چڪو هو- هاڻ کيس خبر هئي تہ تخيل جي انتها جي روشنيءَ کيس جواب عطا ڪيو هو- سندس اکين ڏٺو هو، مشاهدو ڪيو هو تہ روح کي علم عطا ڪيو ويندو آهي ۽ اهو علم فقط خالق عالم عطا ڪندو آهي- محبت بہ الله جيڪري ئي ڪئي ويندي آهي- سندس نگاهہ- خدا جي نگاهہ- انهيڪري جو خدا مخلوق کي ان نگاهہ سان ئي ڏسندو آهي- هو پاڻ خداءِ محبت آهي- روح جي نگاهہ، هنجي نگاهہ آهي ۽ روح جون بيتابيون ان جو ثبوت آهن. هو پاڻ ئي محب بہ آهي ۽ محبوب بہ- محبت ڪرڻ واري ۾ بہ اهائي نگاهہ آهي ۽ معشوق ۾ بہ اهائي ڪارفرما- اغول جي محبت ۽ حسين جي محبت- ديوانگي ۽ دانائيءَ جا لڳاءَ سڀئي جلوا هئا- جلوهء جانان- هاڻ جيڪڏهن حامد ڪانئس پڇي ۽ هو سندس سوال جو جواب ڏيڻ بہ گهري تہ پلا ڇا ٿي ڏئي سگهيو؟

هو تہ رڳي بنديخانن، زندانن، جي نظر جي فريب سان پنهنجو پاڻ کي ريجهائيندا هئا؟

عمار ڪانئس پڇيو: ”حسين ابن منصور حلاج - ڇا ٻين جي دلين جي حال معلوم ڪرڻ جي شعبدي ڪان سواءِ بہ تون ڪجھ ڄاڻين ٿو-“

”بَخدا نہ، نہ ۽ نہ، ڪجھ نہ!“ حسين چيو.

”پوءِ ماڻهو اهي افسانا ڇو ٿا گهڙين؟“ هن نرميءَ سان چيو.

”افسانن گهڙڻ وارن لاءِ آئون ڪيئن ٿو جوابدار ٿي سگهان.“

”تنهنجو مسلڪ ڪهڙو آهي؟“

”جيڪو خدا جي رسول ﷺ (منهنجي جان مٿن قربان) آندو هو.“

عمار ۽ حسين وچ ۾ گهڻي دير ماٺ رهي، جڻ ڇوڻ لاءِ ڳالهہ باقي نہ رهي هئي.

پوءِ عمار چيو، ”جيڪڏهن توکي آزاد ڪيو وڃي تہ ڇا تون بغداد ڇڏي ڏيندين.“

ابن منصور ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

عمار وري چيو: ”آئون سمجهان ٿو ڪنهن کي بہ اهڙو ڪوبہ خيال رکڻ جو ڪوبہ حق ناهي جيڪو حقيقتن جي نفي ۾ هجي. شرع اسلامي ڇا ڪافي ناهي جو ماڻهو اُن ۾ واڌارا يا ترميمون ڪرڻ لڳي.“

”ماڻهوءَ جي ڪابہ حيثيت ناهي جو هُو هڪ واريءَ جي ذرڙي کي بہ تخليق ڪري سگهي- اسين سڀ خالق جا محتاج آهيون-“ حسين چيو.

”خاتون گلرنگ ۽ قهرمانہ تنهنجي ڳولا ۾ هيون. گلرنگ تہ خير پر قهرمانہ جو ايڏا تائين ڪوبہ پتو ناهي پيو.“ عمار لاءِ ڳالهہ کي جاري رکڻ ڏکيو ٿي رهيو هو.

”گم ٿيڻ وارن جو پتو؟“ حسين ڪليو.

”تون بغداد مان هليو وڃ. بغداد ئي ڪُل دنيا ناهي.“ پوءِ ترسي هن چيو. ”غلام سمري ماڻهن کي گهڻو ڪجهہ چوندو رهندو هو تہ تون مُردن کي جيئرو ڪري سگهين ٿو- دلين جا حال ڄاڻين ٿو- ماڻهو توکي سجدا ڪندا آهن-“

”دلين جو مالڪ خدا آهي. سجدو فقط هڪ آهي ۽ زندگي ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي اختيار ۾ ڪٿي آهي.“ ابن منصور آهستي چيو.

’غلام جي ڳالهہ تي بيشڪ مڪمل اعتماد نٿو ڪري سگهجي ۽ دلين جو مالڪ خدا آهي.‘ عمار دل ئي دل ۾ چيو، ”ڇا رڳو گُمان جي بنياد تي خدا جي هڪ بندي کي قيد ۾ رکڻ انصاف هو-“ هن پيري اهو ڪم حامد بن عباس سندس حوالي ڪري ڇڏيو هو. هو ابن منصور کي ڇڏي ڏيندو- هُو نہ زنديق هو نہ قرمطيٰ- نہ ئي مهديءَ جي ظهوريت جو دعويدار هو. هڪ سادو مسلمان جيڪو رڳو پنهنجين عبادتن ۾ شدت جي ڪري عتاب هيٺ هو.

”ابن منصور،“ هن پٽ تي ويٺل حسين کي چيو، ”جيڪڏهن مون سان واعدو ڪرين تہ بغداد کي ڇڏي ڏيندين تہ آئون تنهنجي آزاديءَ جي ذميواري کڻڻ لاءِ تيار آهيان. وزيراعليٰ حامد بن عباس خبر ناهي تنهنجو ايڏيءَ شدت سان مخالف ڇو آهي، جو ان جو سبب مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي هُو هاڻ ڪجهہ عرصي کان پوءِ تنهنجي باري ۾ پُڇا ڪندو تنهنڪري تون بغداد مان نڪري وڃ- جيڪڏهن تو وٽ سفر جو خرچ پکو ناهي تہ ان سلسلي ۾ پڻ آئون مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان-“ هُن پنهنجي ڊگهي ڪيسي ۾ هٿ وڌو ۽ هڪ ننڍڙي ڳوٿري ڏانهس وڌائي.

”ڪجهہ موتي ۽ ڪجهہ روڪ-“

ابن منصور ان ٿيلهيءَ ڏانهن ڏسڻ سواءِ چيو، ”نہ-“

”ڇو؟“ عمار نهايت حيرت منجهان چيو، ”ڇو؟ ڇا تون حامد بن عباس جي قيد منجهان آزادي نٿو چاهين-“

"آئون چورن جيان پڇڻ نٿو گھران، جيڪڏهن منهنجي خلاف ڪوبہ ثبوت ناهي تہ وزير مملڪت ڪي پاڻ مون کي آزاد ڪرڻ گھربو هو-" حسين جو منطق عجيب هو.

عمار ڪلھا ڏوڏيندي چيو، "وزيرن اميرن جي اها عادت هوندي آهي تہ ڪنهن کي جڏهن بيگناهہ ڏسن تہ اُن لاءِ جواز بہ ڳولي وٺندا آهن-"

"سموريون سلطنتون ۽ سمورا نظام، ڏي وري نہ ڇڏڻ جي آڌار تي، هلندا رهيا هئا- سواءِ هڪ شهنشاهہ ۽ خليفن جي،" ابن منصور جواب ۾ چيو.

"تنهنجا اهي ئي خيال جيڪي درويشيءَ ۽ بادشاهيءَ جي رسم جي نڪتہ چيني آهن توکي آڙاهہ ۾ وجھندا-" عمار مايوسيءَ مان چيو. "پر آئون توکي ائين ئي آزاديءَ جي خوشخبري نہ ٻڌائي رهيو هئس. وزير مملڪت جو فرمان آهي تہ جيڪڏهن ابن منصور واعدو ڪري تہ هو بغداد ڇڏي ڏيندو تہ اسين ڪيس وڌيڪ اختلافي نہ ڪنداسين. انهيءَ شرط تي توکي آزاد ڪري سگھجي پيو."

ابن منصور چيو، "ملڪ خدا جو آهي ۽ آزادي مون کي عزيز ناهي. بغداد منهنجو وطن ناهي پر اهڙو واعدو ڇو ڪريان جنهن جو ڪو سبب ئي نہ هجي-"

عمار حيرت منجھان پيرون تائيا- گھڙيءَ دير تائين ڏانهس ڏسندو رهيو. پوءِ چوڻ لڳو، "بهرحال هي منهنجي عزت جو سوال آهي- مون وزير حامد کي تنهنجي سفارش ڪئي هئي ۽ توکي بغداد مان گھٽ ۾ گھٽ هڪ سال لاءِ نڪري وڃڻ گھرجي تہ جيئن منهنجي ڳالهہ بہ رهجي اچي ۽ توکي نقصان پهچائڻ جو ڪيس ڪو مناسب جواز بہ نہ ملي."

حبشي نظرون جھڪائي نهايت بيتابيءَ منجھان پاسا مٽائي رهيو هو- هو ابن منصور جي قدمن ۾ جھڪي ويو ۽ التجا ڪرڻ لڳو تہ اُن گھٽيل بوساٽيل بنديخاني کان آزادي تہ بهرحال بهتر هئي. خدا جو ملڪ تنگ نہ هو. درويش لاءِ هر جڳهہ برابر هئي ۽ جيڪڏهن عمار پنهنجي شخصي ضمانت تي اها اجازت حاصل ڪئي هئي تہ ابن منصور نهايت شفقت سان سندس التجا تي نظرثاني ڪري ٿي سگھيو.

(3)

ابن منصور قافلي جي پُٺ ۾ پنهنجي پوڙهي پيءُ سان گڏ بيضا وڃي رهيو هو ۽ سرمستيءَ جي ڪيفيت جيڪا ذري گھٽ ديوانگيءَ جھڙي هئي مٿس گھيرو ڪيو هو. ڀلا سندس قبوليت ڇو نٿي ٿئي؟ اُهو سِرُ جيڪو هن لاءِ ڪلهن تي بار هو، ڇو هر پيري نهايت بيڪار بهانن جي آڌار تي سندس ڪلهن تي سالم هو. هي انتظار اينگهائيندڙ هو- سرخروئي لاءِ هي ختم نہ ٿيندڙ انتظار هو- هيءَ محبوب جي جلوي جي ديدار لاءِ شديد تڙپ هئي- خواهش، جنهن ۾ چين ۽ قرار نہ هو جو پردن جي پار ڏسي سگھجي- محبوب ڪير آهي؟

جڏهن قافلي جي داہي جي گهڙي آئي. چانڊوڪي وُئي ۽ جبلن ۾ گلن سان پريل ٻاريون ٻهڪيون، تہ قافلي داہو ڪيو. راڳيءَ گيت شروع ڪيو، ٻارن جي روئڻ جا آواز بند ٿيا. ڪين ننڊ ڪٽي وئي. گيت هن جي وجود اندر لهي رهيو هو. ڇا روح ان گيت جي جوهر کي حاصل ڪري ٿي سگهيو.

پوءِ پکي بيتاب ٿي وڻن تان اڏريا. واريءَ ۾ مٽو لڪائيندڙ زمين جي مخلوق پنهنجا منهن ٻاهر ڪديا ۽ ذرڙن ايڏي چمڪ ڪڍي ورتي جڻ سج سندن اندر لهي آيو هجي- انسان ايترو بي تاب ڇو نٿو ٿي سگهي جو چمڪ جَهٽي ڪجهہ ٻيو ٿي سگهي- هو نيٺ بہ پنهنجي بيچين وجود جو ڇا ڪري؟

ڪائنات جا راز ڪيئن مٽس کُلندا- اهي راز جيڪي وڻن ۽ ذرڙن ۽ پکين تي کُلي چڪا هئا. منصور چيو:

”حسين، ڇا تون هڪ عام ماڻهوءَ جيان زندگيءَ جي دل ۾ ٻيهر پنهنجي جڳهہ نٿو حاصل ڪري سگهين؟ تون جنهن خدا لاءِ عبادت ۽ رياضت ڪرين ٿو سو حضرت ابراهيم عليه السلام جو خدا، اصحابن ڪرامن رضہ جو خدا، سوين عظيم انسانن جو رب ۽ مالڪ آهي. هُو انسان کي معمول جي زندگي گذارڻ لاءِ چوي ٿو ۽ هو انهن ڪان پري ڪٿي هوندو آهي؟ ڪيس سڏيو تہ هُو ٻڌندو آهي. هو تہ ويجهي ڪان ويجهو آهي. ڪنهن بہ آذار جي گهرج ناهي- ڪنهن واسطي جي ضرورت ڪانهي! تون کهڙن گوندرن ۾ گم آهين.“

”گم ڪٿي آهيان، بابا سائين!“ حسين پيءُ جي اکين جي اُن زخمي نگاهہ جي مقابل نہ ٿي سگهندي چيو.

”تہ پوءِ ڪٿي آهين!“ منصور پڇيو.

”ڪٿي نہ- ڪٿي بہ نہ. ها نہ نہ ۽ نہ - ۽ هو انڪار ڪرڻ وارو هو تہ هن پنهنجي انڪار کي قبول ڪيو. ان تي اڙيو رهيو ۽ ثابت قدم رهيو.“ حسين مٽو ٻنهي هٿن سان جهلي رکيو هو.

”ڇا تون مشيت سان ٿو وڙهين. مقدر کي بدلائڻ گهرين ٿو. جيڪي آهي اُن ڪان نڪري ڪيڏانهن ويندين-“

حسين پيءُ ڏانهن ڏٺو جيڪو نہ رياضتن ۾ گم هو نہ تقدير بدلائڻ گهرندو هو. جيڪو ريشم جو هڪ معمولي سوداگر هو پر جنهن کي زندگيءَ جا رستا معلوم هئا- هو اونداهين ۽ روشنين وچ ۾ ڀٽڪي نہ رهيو هو. جنهن جو سوال ڪو وڏو سوال نہ هو ۽ اصل ڳالهہ تہ اِها هئي جو هن جو ڪو سوال هوئي ڪو نہ. منصور ڄاڻندو هو تہ مشيت جي دائري مان نڪرڻ ڏکيو بلڪ ناممڪن هو- ۽ هُن حسين پنهنجين رياضتن منجهان حاصل ڇا ڪيو هو.

زندگيءَ جي دل ۾ وري آباد ٿيڻ ڏکيو نہ هو. ڇو تہ هيءَ مشيت هئي جنهن ڪان فرار ممڪن نہ هو.

زينب ۽ حسن تي جڻ ڪنهن ويران ٻاريءَ جيان سالن کان پوءِ بهار آئي هئي. سراءِ ۾ جيڪا هاڻ مهمان خانو نہ هئي. مهمان تي رهيا ۽ ريشم جي انهن ڏورانهين کان آيل سوداگر اُن مانيٽي ۽ ڏيان سان ڳالهيون ٻڌڻ واري منصور جي پٽ کي حيرت منجهان ڏسڻ لڳا جيڪو ڪپڙي متعلق هر گفتگو ٻڌي بہ ٻڌندي نہ لڳندو هو- جنهن جو وجود هڪ وساٽل پنيت جيان هو. رڪ ٽيڻ جهڙي ڪيفيت- بي ڪيف رنگ- ڊنل ڊنل پر مضبوط چڻ ترڪٽين ماترين تان لهي رهيو هجي- پر اعتماد بہ ۽ بي يقين بہ- بيچين- ۽ بي قرار اڪيون- بي خواب نگاهون ۽ منصور سندس خاطرداريون ڪندو هو- چڻ ڪو نهايت ئي معزز مهمان هجي- هيءَ ڳجهارت هئي- جنهن جي پيڇٽي ڪين نہ ايندي هئي. حسين ڪڏهن پيءَ سان ڪلي ڳالهايو تي، ساڻس عام معمول جون، روزمره جون ڳالهيون تي ڪيون، چٽڪ هو اجا ڪيس وِڪ وِڪ تي، هن زندگيءَ جي پُرپيچ راهن تي، هلائي رهيو هو.

هو سراءِ جي پراڻن ڪمرن کي نيڪ ڪري رهيا هئا. ڪجهہ وڏن ڪمرن کي سهٽن حجرن ۾ تبديل ڪري رهيا هئا. حسين کي هيءَ جڳهہ ڏاڍي وڻندي هئي ۽ هو هتي ئي آباد ٿيڻ گهرندو هو. وڏن اڳٽن ۾ جتي گهوڙن ٻڌڻ لاءِ چانوَ هئي تنهن کي ختم ڪيو ويو هو. اُها جڳهہ باغيچي ۾ تبديل ٿي وئي هئي، ۽ نظر لاءِ چڱي موهيندڙ ٿي پئي هئي ۽ ڪشادي ٿي لڳي. جاري پاڻيءَ جي چشمن جو هڪ وهڪرو جيڪو هن باغيچي جي وچ منجهان گذرندو هو ۽ حسن ان کي هڪ آبشار ۾ تبديل ڪرڻ ٿي گهريو جيڪو پڪرجي پٿرن جي ڏاڪٽين تان وهي هڪ حوض ۾ گڏ ٿئي ۽ وري ننڍين ننڍين نالين منجهان ٿيندي واپس آبشار طرف موٽي اچي.

”هيءُ هڪ سنو معمار آهي جيڪو ڪنهن بہ عظيم الشان عبادت گهر جي تعمير ۾ پنهنجي خيال وسيلي جدت پيدا ڪري سگهي ٿو-“ سياوش چيو جيڪو اجا هاڻ تستر کان واپس آيو هو. ”تستر، سُوس جي بيابان کان وڏيڪ سهٽو هو. ندين ۽ چانو ڏيندڙ جهڳٽن سان ڀريل-“ سياوش اعلان ڪيو.

حسين سندس مطمئن منهن ڏانهن نظر ڪٽي ڏٺو تہ سندس پنهنجي وجود ۾ اذيت جي هڪ لهر اُڀري- ڇا هو ايترو پرسڪون ٿي سگهيو ٿي- آخرڪار هو بہ سازشن ڀريل زمانن بعد سياوش بنجي ويندو. هوائن ۽ ندين جي ٿڌن پاڻين جي محبت ۾ گرفتار. پوءِ هن پنهنجو پاڻ وندرائڻ ۽ اُن خيال کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ حسن کي چيو تہ هن بيابان جو پسار ڪرڻ ٿي گهريو.

”ضرور وچ ۾ ڏس تہ تنهنجي پنيان هِتي جي دنيا ڪيتري بدلجي وئي آهي-“ سياوش چيو.

ڪاپائتن جا ڳوٺ سوس جي بيابان جي واريءَ کي پري دِڪڻ لاءِ وڏا وڏا بند تعمير ڪري هاڻ اُن ڪناري سان وَسجي ويا هئا. جن کي نون داعين ۽ نين تشريحن ڪرڻ وارن

پنهنجو پنهنجو مرڪز ٺاهي ڇڏيو هو. ڪجهه قبيلن رڻ اُڪري، جبلن تان لهي، پنهنجن ڏٿن کي وٺي اوسي پاسي مستقل رهائش اختيار ڪري ورتي هئي ۽ پنهنجن جانورن لاءِ سيءَ جي سخت ڏينهن ۾ هو گاهه پٺي جي ڳوڙا ڪندا هئا. نون نسلن جا گهوڙا، رڍون، ٻڪريون ۽ ڪير ڏيڻ وارن جانورن جون پڙيون لڳنديون هيون ۽ ماحول مٿيل مَٿيل هو. سرءُ جي ڏينهن ۾ جهولا اچا به اُٿيا ٿي ۽ ڳاڙهيءَ ۽ ڪاريءَ واريءَ هوا ۾ اڏامي پنهنجيون جڳهيون بدلايون ٿي، پر اُن جي سگنڌ ۽ انداز بدلجي ويو هو- لهرن ۾ اها زهرناڪي نه هئي جيڪا جسم کي ڇهي وڃي ته ڪل جا ٽڪر لاهي ڇڏيندي هئي. رڻ ۾ ڪندرن جي ٻيج ڏاهه سان گڏ جيڪو هلڪو ڳاڙهسرو ٻُتيلَ هوا جهڙو غبار هوندو هو، هاڻ به هو پر اُهو هاڻ راهه ۾ رنڊڪن سبب سراءِ تائين پهچي نه سگهندو هو- رستا موڪرا ۽ محفوظ هئا پر ڪاروانن لاءِ وڏي شاهراهه هاڻ پري هتي وئي هئي ۽ اُٺن جي ڳچيءَ ۾ پيل ٽلين جا آواز خواب ۾ ٻڌڻ ۾ ايندڙ آوازن وانگيان پري کان ايندڙ لڳندا هئا ۽ اُن بدليل ماحول ۾ حسن خوش هو.

حسين ڪيس ٻڌايو ته پل جي هن پار ريشم اُٺڻ وارن جي وسندي هئي ۽ هن جو بالڪپڻ اُتي گذريو هو، ته ڪيس ڪائي حيرت نه ٿي. رڻ جي رَڄ جي پاٽيءَ جيان چمڪ- ۽ شاهراه جي ماٺ ۾ پوئين پهر قافلن جي روانگي ٿيندي هئي-

اڙٺارن جا پراسرار گيت- اهي سڀ ڳالهيون جيڪي حسين کي نهايت حيران ڪنديون هيون هاڻ پنهنجي اهميت وڃائي ويٺيون هيون. سندس پٽ کي اچڻ وارن سوداگرن ۽ ريشم جي مٿجندڙ اَگهن جي لاهه چاڙهه جا سمورا طريقا معلوم هئا. هُو پنهنجي ڏاڏي ۽ پيءُ کان بهتر دنيادار هو. هو محميءَ جو پڙ پوٽو هو ۽ سياوشَ جي چوڻ مطابق نهايت عمدو ۽ مڪمل دنيادار هو. انڪري ساٽس وڏيڪ محبت ڪئي ويندي هئي، يا ٿي سگهيو ٿي ته دنيا کان سندس مطالبا گهٽ ٿي هئا. حسين سياوش کي چيو، ”دنيا کان مون ڪجهه گهريو به ته نه هو-“

”برخوردار! نه گهرڻ هڪ ٻي ناداني هئي. هر ماڻهو پنهنجي ماحول کان ڪجهه وٺندو ۽ اُن ۾ ڪجهه گڏ ڪري موٽائيندو آهي. سٺا معاشرا فردن سبب ئي بهتر بنجندا آهن. جيڪڏهن تنهنجو ڪو مطالبو ئي نه هو- تون ڪجهه وٺڻ ئي نه گهرندين ته واپس ڇا ڪندين؟ زندگيءَ جو نظام ائين درهم برهم نه ٿي وڃي!“ سياوش جو مٿو برف جو ڳنڍو لڳندو هو. هو پراڻن داستانن ۾ رهڻ وارو هڪ ديو هو، جنهن کي سندس قوم وساري پوئتي ڇڏي، اڳتي وڌي وئي هئي.

سندس خدا سان رشتو به بنان ڪجهه ڏني مطالبو ئي ته هو، ۽ اِن راهه ۾ هُن ڪا وڏي قرباني به ته نه ڏني هئي. اڄ تائين سندس ٻيج ڏک جهنگ ۾ اڪيلائي- هن ڪنهن سان ڪو به ته رشتو قائم نه رکيو هو. سموريون محبتون پنهنجو پاڻ سان محبتون- ۽ سموريون چاهتون خود پنهنجون چاهتون هيون!

نه- هن اهو به ڪٿي ڪيو هو؟

هيءُ وچايل وقت هو جنهن ۾ نڪي هن پنهنجي خدمت ڪئي هئي نه دنيا جي- عمر جو گهڻو حصو وڃائي به هاڻ هو پاڻ سان حساب ڪتاب ڪري رهيو هو ۽ پري تائين سواءِ خساري جي وٽس ٻيو ڪجهه نه هو-

سياوش چيو:

”برخوردار - تون جنهن دين جي پيروي ڪرين ٿو ان ۾ مجاهدن جي فوج هئي. حوصلي مند، بي ڏڙڪ زندگين کان بي نياز ماڻهن ئي ته دنيا جو نقشو بدلائي وڌو هو.“

هُن ته پنهنجو وقت گذاريو هو ۽ حيات جو انعام حاصل ڪيو هو. جنهن دين جي راهه تي هن هلڻ گهريو هو هن ان لاءِ ڇا ڪيو هو؟

منصور ۽ حسن نهايت مصروف ٿي ويا هئا ڇاڪاڻ ته سوداگرن جي اچڻ جو زمانو ويجهو هو. حسن همت ۽ خوشدليءَ ۾ به پنهنجي ڏاڏي کان اڳتي هو. باغيچي جا گل، مهمانن جي خاطرداري، اچڻ وڃڻ وارن جي ضرورتن جو خيال ۽ پکڙيل ڪاروبار جي نگراني سندس ذمي هئي- هن گهر ۾ رهي جيڪي ڪجهه حاصل ڪيو هو، حسين مدرسن، خانقاهن، دربار ۽ فوجي ڇانوڻين جي وچ مان به نه سکيو هو. اها سُوجهه ٻُوجهه جا ڪيس ملي هئي رت جي امانت هئي، يا هو ڪانئس بهتر هو؟ - ”يقينن-“ هو نهايت حيرت ۽ خوشيءَ وچان پٽ کي ڏسندو ٿي رهيو، جيڪو هر ڪم ڪانئس بهتر طور تي ڪندو ٿي رهيو.

سياري جي شروعات ۾ ريشم جا خريدار پاڙيسري ملڪن کان اچڻ شروع ٿي ويا هئا. هُو ۽ حسن ملي تهخاني جي صفائيءَ ۾ لڳل هئا ۽ پراڻيون يادداشتون، نسخا، عبادتن جي سوين سنهين ٿلهين ضرورتن جي شين کي ڏسي رهيا هئا. جڏهن حسن ڪانئس پڇيو:

”جي هن تهخاني کي ٿورڙي روشني پهچائڻ لاءِ ٻاهرئين طرف کان هڪ ڊگهي دري لڳائي وڃي ته جيئن ان ۾ هوا جو گذر به ٿي سگهي!“

حسين گهڻي دير سوچيندو رهيو. کهڙي رُخ کان هن ۾ روشني داخل ڪئي وڃي ۽ هوا لاءِ کهڙو اهتمام هئڻ گهرجي- ايستائين جو ڪيس حسن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

”هيءَ رَک، هي ڇٽنگون ۽ هيءَ ٻرندڙ ڪاني- جيڪڏهن اها جڳهه خالي ڪئي وڃي ته هن آتشدان کي نهايت عمدي سامان سان سينگاري سگهجي ٿو-“

”هي منهنجو ماضي آهي پٽ ۽ گهڻو پراڻهون تنهنجو به- هي اسان جي سفر جي شروعات هئي. انهي نشان کي رهڻ ڏي. نه ته اسين ڀٽڪي وينداسين. ڪڏهن ڪڏهن آغاز وسيلي ماڻهو بهتر ريت پنهنجي انجام ڏانهن سفر ڪري سگهندو آهي.“ حسين کي پنهنجو ڏاڏو محمي ياد اچي رهيو هو.

حسن کِلي چيو:

”تورڙي رک ۽ ذرڙي چٽنگ کي سنڀالي رکڻ ئي جيڪڏهن ماضيءَ جي ياد آهي ته عجيب ياد هئي-“

”ها پٽ! ماڻهوءَ جي سمجهه ۾ اها ڳالهه ڪڏهن ڪڏهن ئي ايندي آهي ۽ ڪڏهن ناهي ايندي ته ماضي اڳتي وڌڻ لاءِ ڪيترو ضروري هوندو آهي.“ حسن شيون هيڏانهن هوڏانهن ڪندي، حسين جي ڳالهه کي ڌيان سان نه ٻڌو هو-

”هاڻ پُرکن جي امانتن کي سنڀالي رکندي رهڻ سان ته سواءِ ڪاٺ ڪباڙ ۽ بيڪار پڳل تتل شين جي ڪنهن ٻيءَ شيءِ رکڻ لاءِ ته جڳهه ئي نه رهي-“ حسن ڪلندي اها ڳالهه چئي. هو ڏاڍو پراعتماد ۽ تورو ارڏو هو. ڪيس پنهنجي عقل تي ناز هو ۽ هو سمورا ڪم پنهنجي طور تي نبيري وٺڻ جي صلاحيت کان به آگاهه هو- ٻيءَ جو هن رڳو ذڪر ئي ته ٻڌو هو- ۽ سندس زندگيءَ ۾ هن جو گهٽو دخل به نه رهيو هو- حسين کي پنهنجي ويجهو ڏسي جتي هو خوش هو اتي ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙجي به پوندو هو- منصور ۾ جيڪا سمجهه ۽ جيڪو برداشت جو حوصلو، دنياداري ۽ ٻارن جي ڳالهه ٻڌڻ ۽ سوچڻ ۽ سَهڻ جي همت، دل جي اندر نهارڻ جي صلاحيت هئي سا حسين ۾ ڪٿي هئي؟ ۽ گهٽو ڪري ائين ٿيندو هو جو ٻئي وڙهي پوندا هئا ۽ منصور کي محسوس ٿيندو هو ته سندس پوٽو سندس پٽ کي هڪ نهايت عزيز اجنبي مهمان سمجهي ٿو... جنهن کي آخر موڪلائڻو هو ۽ جنهن کي ڪجهه وقت ئي برداشت ڪري سگهبو هو-

سياري جي برفبار هوا هندي سوداگر لاءِ ڪجهه گهٽي سهپ جوڳي نه هئي. هو چادر مٿي جي چوڌاري ويڙهي حسين ۽ سندس پٽ کي غلامن سان گڏ پيت ٺاهيندي ڏسي رهيو هو. سيءَ ۾ سندن هٿ ڳاڙهسرا ٿي رهيا هئا، سندن مُنهن تي رت جي رواني تيز ٿيندي ٿي وئي ۽ چپ نيرا لڳي رهيا هئا- توپيون نه هئڻ سبب سندن وار ڪِندريل هئا.

”اوهين ماڻهو ڇو ٿا ايڏي محنت مشقت ڪريو؟“ هن حسين کان پڇيو.

”هيءَ ته راحت آهي.“ حسن چيو. ”هيترن زمانن کان پوءِ منهنجو ماناٽتو ٻيءَ زندگيءَ جي ڪمن ۾ حصو وٺي رهيو آهي. جيتوڻيڪ مون کي خبر آهي ته هو انهيءَ زندگيءَ جا عادي ناهن، فقط نهايت مضبوط سِرُئي تَهَ سياري ۾ ڪلهن تي قائم رهي سگهي ٿو.“

حسين محبت ۽ تعجب گاڏڙ جذبن سان پٽ ڏانهن ڏٺو.

”هوا کان مٿي بچائڻ لاءِ ههڙي نرم ۽ گرم هلڪي چادر نيڪ آهي- تو کي خبر آهي اسان جي جبلن تي هڪ پکي شاه طوس هوندو آهي - اُن جي ڇاتيءَ جي ڪنين اندر ٻُج هوندا آهن جيڪي هوا جيان بنهه هلڪا ۽ ڏاڍا گرم هوندا آهن. اُن اڻ ليپ پکيءَ کي ڪنهن طرح قيد ڪري سندس ڇاتيءَ جي ٻُجن کي پٽيو ويندو آهي ۽ تڏيءَ مُند جي ڊگهين راتين ۾ جوان

چوکريون انهن ريشن جو سُت ناهيئنديون آهن-“

”واه - واه واه!“ حسن چيو. ”نهايت حسين خواب ٻه ته ان ئي تاجي پيتي ۾ اُٽيا ويندا هوندا-“

هنديءَ چيو:

”ماڻهوءَ پنهنجي آرام لاءِ دلچسپ ۽ عجيب شين جو پتو لڳايو آهي. خدا دنيا ناهي هئي ۽ انسان ان جي ٽيڙين کي پنهنجي همت پٽاندر فتح ڪري ٿو. ڳوليندو رهڻ- غور ڪرڻ- نون تجربن ۾ مگن ٿيڻ- رستن جي ڳولا- جبلن جي اٿانگين اوچاين ۽ عميق ترين کاهين ۾ لهڻ، پاڻيءَ اندر جي مخلوق کي زير ڪرڻ، هوائن جي حرڪتن، آسمانن جي پولارن، روشنين ۽ اونداهين، پاڇن، تارن ۽ انهن جي ناقابل شڪست دنيائن ۽ پراسرار ڪائنات اندر پري تائين پهچ رکڻ، اِن سڀ ۾ فقط هڪ نقطو آهي- عشق جي محور جو نقطو-“

حسين جو ليپو پڪيڙيندڙ هٿ بيهي رهيو. گهبرائجي هندي چيو، ”تون ڪڏهن هندستان اچ نه. اُتي اهڙي برفبار هوا ته ناهي هلندي پر سياري ۾ وڻ ۽ تلاءَ، ڍنڍيون ۽ حوض سيني جي مٿاڇري تي برف جو هڪ سنهو تهه ڄمي ويندو آهي ۽ گاهه جي پنن تي ماڪ جا ڦڙا ٽيندا آهن ۽ سج انهن ڦڙن کي ستن رنگن ۾ رنگي ڇڏيندو آهي. منجهن اندلٽ ريڪائون پکڙيل رهنديون آهن پوءِ ڪجهه ئي پلن ۾ اهي رنگ هوا ۾ گُهلي ويندا آهن-“

هُو ساه پٽڻ لاءِ چُپ ٿيو ته ڪڪرن جو گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو ڇٽوبون هلي رهيون هجن. اڱڻ ۾ گڏهن ۽ گهوڙن پنهنجا پويان پير زور زور سان زمين تي هنيا.

”جيڪڏهن اسان جي ديس جهڙيون برساتون هِتي پون ته خدا ڄاڻي ڪهڙو حشر ڪن-“ هنديءَ دريءَ بند ڪندي چيو.

حسين اندر اچي تلهي تي ويهي رهيو. غلام جانورن کي پناهگاهن ۽ محفوظ جڳهين ۾ وٺي ويا. ڦڙا وسڻ لڳا هئا.

”اوهان ڏانهن برساتن جو مزاج ڪيئن هوندو آهي؟“ حسين پڇيو.

ڪڪر ميڙاڪا ڪري ايندا آهن. باغن، دريائن، وسندين تي جهڪندا آهن ۽ گهرن ۾ اونده گهڙي ايندي آهي- ڪين ڍڪي ڇڏيندي آهي. چوڌس اونداهيءَ جو طوفان پکڙجي ويندو آهي- هوا پنهنجا پراسرار گيت ڳائيندي هلندي آهي، سندس هندورن ۾ جهنگلن جا ڳجها نغما ۽ ميدانن، جبلن ۽ ماٿرين جا گيت ملبل هوندا آهن، سندس باجي جون ڌنون سمجهه ۾ نه اچڻ واريون ۽ نهايت ڳُوڙهيون هونديون آهن- اُن لمحي ماڻهوءَ جي حيثيت هڪ ڪک کان ٻه گهٽ هوندي آهي- چو ته ڳفائن ۽ چوٽين جون اونداهيون ۽ روشنيون، سرٻاهٽ ۽ فتنا، نرمي ۽ تيزي سڀ ڳڏ ٿي ويندا آهي، ۽ دل ايڏي وڏي ساز تي ڳايل سُر ۽ ڌُن سان مڪمل راڳ کي ان جي آواز کي پنهنجو رت ۾ محسوس ڪندي آهي. طوفان جو سمورو راڳ!-“

هنديءَ ڳالهه ختم ڪئي.

"پنهنجي اصل ۾ سمورا طوفان هڪ هوندا آهن." حسين پنهنجن ميرن هٿن ڏانهن ڏسي سوچيو. هو ٻاهر وڃي انهن کي صاف ڪري وٺي-

"طوفان دنيا کي حسين ۽ رهڻ جي قابل بنائيندا آهن. اهي شعلن ۾ آڳ اندر موجود چڪتاڻ منجهان تخليق ٿيندا آهن-" هنديءَ چڻ انڪشاف ڪيو. هن دري کولي وري ٻاهر ڏٺو. ٻاهر اڃ مسلسل وڌي رهي هئي. اگڻ ۾ وٺن هيٺان پنن جي ڍير تي تاريون ڪِري رهيون هيون. ٽِڙڪي رهيون هيون-

"طوفان تہ ڪک جي دل ۾ بہ اوچن جبلن جي بي پناهہ شوق مان پيدا ٿيندو آهي." حسين آهستڙي چيو.

هنديءَ مُڙي ڪيس گهريءَ نظر سان ڏٺو. واه! زبردست ۽ ناقابل يقين-"

حسين مرڪندو رهيو.

اذانن جي آوازن سان وسندي ٻُرندي رهي.

"گاهہ جي پن جي بہ خواهش! اهو ڇاهي؟" هنديءَ ڪلي چيو.

"بيشڪ!" حسين بہ دريءَ وٽ اچي بيٺو.

"جڏهن ڪا صدا بارگاهن کي پار ڪري، پردا ڦاڙي، عرش الاهيءَ کي ڇُهي داخل ٿيندي آهي تہ ائين ئي ٿيندو آهي، ٿيندو رهندو آهي- ۽ جنهن جي صدا ناهي ٻڌي ويندي اُهو ههڙو هوندو آهي-" هن پاڻ ڏانهن اشارو ڪيو. "تڪل، پنڪيل، بارگاهن مان ڌڪاريل ۽ فقط ديوانو- نگاهہ جي هر پاسي کان وساريل-"

"اهڙيون نراسائيءَ جون ڳالهيون ڇو ٿو ڪرين؟ جيڪڏهن در ڪڙڪايو وڃي تہ کوليو ويندو آهي!" هنديءَ جو آواز افسوس سان ڀريل ڏاڍو نرم ۽ پري کان ايندي لڳو هو.

'جواب ئي ڪافي ناهي- در کُلندا ڇو ناهن؟' حسين پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو.

"سڏ جو سوز تيز ڪر- سوز ۾ پاڻ مگن ڪري ڇڏ- پاڻ فنا ڪري ڇڏ." هنديءَ چيو، "اسان تہ مٽيءَ ۽ پٿر جي بتن کي سڏي وٺندا آهيون- پنهنجن هٿن سان پنهنجا خدا ناهي، پنهنجا رب تيار ڪري، ڪين سينگاري تخت تي ويهاريندا آهيون."

حسين هاڻ شايد ٻڌي بہ نہ رهيو هو. دريين جي اندر ڳڙن جي ڪِرڻ جا آواز جاري هئا. گاڏڙ سڳنڌن هر ڏس کان کيس گهيريو هو.

"حسين مون کي هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي. ڇا تون سمجهائي سگهندين." هنديءَ سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيو.

"چئو." هن مسلسل ٻاهر ڏسندي چيو.

"جمنا اسان وٽ پاڪ ڪرڻ واري هڪ ندي آهي. سؤرڳ يعني جنت جي ندي، پڳوان

ڪرشن جي جسم جي روشني پاڻ ۾ سمائيندي وڏا ماڻهو ان جي ڪناري تي دنيا کي تياڳ ڪري ويهي رهندا آهن. خدا يا پرماتما جيڪو بہ تون سمجهين، گيان يا فهم جيڪي بہ اُن کي سڏين، ڪين اُتي ملندو آهي. هو مينهن ۾ اُس، رات ۾ ڏينهن، سياري ۾ اونهاري جي پرواهہ ڪئي بنان اُتي ويٺا رهندا آهن. جهنگ ۾ آباديون انهن لاءِ هڪجهڙيون هونديون آهن. سندن عبادتن ۾ وڏا راز ڳجها هوندا آهن ۽ وري ڀڳوان پنهنجي مهربان نگاهہ ڏانهنِ ڪندو آهي. سندن مَن ۾ وسندو آهي، انهن اڪين کي عام ماڻهن کان وڌيڪ روشني ملندي آهي. ڪين گذريل وقت، ۽ اچڻ واري، ۽ جيڪي آهي تنهن جي سچي خبر رهندي آهي!“

”اهو سڀ تہ تي سگهندو آهي - تي ويندو آهي، پر انهيءَ کان وڌيڪ! انهيءَ کان منفرد!“ حسين بي صبريءَ وچان چيو.

”برندابن ۾ منهنجي هڪ مهاتما سان ملاقات تي هئي. آئون اجا ان سفر لاءِ پنهنجي پاڻ کي تيار ڪري رهيو هوس. جڏهن مون ڪانئس دعا جي درخواست ڪئي تہ انهن پڇيو، ”ڪيسين ڪيسين تائين ويندو آهين؟“

مون فارس ۽ بغداد جو نالو ورتو. ٿورڙي دير ماٺ رهي انهن چيو. ”رسول ﷺ جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪئي اٿئي. عرب جي سرزمين ڏٺي اٿئي؟“

مون حيرت مان چيو: ”اهي سڀ مقام منهنجي رستي ۾ ناهن ۽ ٻيو تہ آئون ان مذهب ۾ عقيدو نٿو رکان-“

”اهو مذهب ڪو ٻيو ناهي پٽ! اهو سموري جهان جو مذهب آهي. ڇاڪاڻ تہ رسول ﷺ خدا رحمة العالمينْ آهي.“ مهاتما سڌو تي ويهي رهيو هو. ”اها سندن ﷺ نالي جي برڪت آهي جو آئون هتي جمنا جي ڪناري ويٺو آهيان. هي سندن ﷺ فيض آهي. هي ڪائنات سندس ﷺ لاءِ ناهي وئي هئي-“

”مون کي لڳو منهنجو ساهہ بيهي رهندو. اهو منهنجي فهم ۽ خيال کان تمام گهڻو هو!“ هندي تيز تيز ساهہ کڻي رهيو هو.

پوءِ حسين کي پنهنجي دل ائين ڌڙڪندي محسوس ٿيڻ لڳي ڄڻ پاسرائيون ٽوڙي ٻاهر نڪري ويندي-

مهاتما پنهنجو هٿ سامهون ڏانهن پکيڙيو، ۽ چيائين ”منهنجي حال تي جيڪو ڪرم آهي، جيڪا نظر آهي، اُها آئون توکي نٿو ٻڌائي سگهان، انڪري جو آئون تہ روز سندن ﷺ زيارت ڪندو آهيان. هو دنيا لاءِ خدا جي محبت ۽ شوق جا مظهر آهن-“

حسين کي لڳو تہ سندس بت ڪانڊارجي رهيو هو ۽ پيلو پئجي رهيو هو- ڪِڪ جي خواهش! ۽ ان جا شديد تر خواب ۽ سندس لاحاصل شوق! حسين پنهنجي نارسائيءَ تي مٿو زمين سان هنيو. هيءَ جان ڪيستائين سندس راهہ جي رنڊڪ بڻبي. گاهہ جو سڪل پن طوفان

جي تِک تي سوار ٿيڻ گهرندو هو. هو اُنهيءَ وڏي راڳ جو حصو بنجڻ گهرندو هو جيڪو ڪيس فنا ڪري ڇڏي- طوفان بنجي وڃي- شعلو بنجي وڃي، جيڪو شوق جي اظهار ۾ سڄيءَ دنيا کي گهيري سگهي- اُن جي عشق جي شدت ڪيس اُن سان ملائي هڪ ڪري ڇڏي!

پوءِ حسن، منصور ۽ غلام پڇندا آيا.

ها، گهٽا ڏينهن باهوش ۽ ڏاهو بنجي نٿو رهي سگهجي. ڪجهه سرمستي ضروري آهي ته جيئن آسمان جي اونهائين، وسعتن ۽ پولارن ۾ اڏام ڪري سگهجي- اندر جو جنون نغمئہ سرمديءَ جو حصو بنجي پوي. ناس ڪندڙ وچ جو نظارو ان ۾ فنا ٿي ڪري ئي ڪري سگهبو، ته جيئن فنا جي جوت سان جوت ٿي سگهجي-

(4)

اي اوتار آهستي هل، جو منهنجين پاسراتين ۾ آڳ آهي.

قافلي ۾ اهو ديوانو به هو جنهن کي ماڻهو ابن منصور سڏيندا هئا ۽ جنهن کان پري رهندا هئا. هو خاموش ۽ هڪ ئي طرف تِک ٻڌي ڏسندو هو. وري ڪڏهن ڪڏهن گوڏن ۾ منهن هٽي ويهي ٿي رهيو، ايستائين جو روانگيءَ جو وقت اچي ٿي ويو. منصور ڪيس حاجين جي قافلي سان گڏ ارضِ حرم ڏانهن وٺي ٿي ويو. سندس اندر جي بي تابي ۽ جنونيت جيڪا هنديءَ سان ڳالهائڻ بعد شروع ٿي هئي ڪنهن ريت ختم ئي نه پئي ٿي- هن پنهنجو مٿو پيتين سان ٿي هنيو ۽ رت ڏسي خوش ٿي ٿيو. سندس وڏيل ڏاڙهي ۽ وڏا وار هوا جي جهوٽن سان گڏ سندس منهن جي چوڌاري پهرا ڏيندڙ ٿي لڳا. ڪڏهن غم جي جوش منجهان سندس منهن ڳوڙهن سان ڏوپجي ٿي ويو-

"خدايا!" منصور دعا ٿي ڪئي، "آئون هن کي تنهنجي حضور حاضر ڪرڻ لاءِ وٺيو ٿو اچان، هن کي پر ڪجهه هوش نه ڏي!"

سندس وڳوڙ ڪندڙ نگاهون ۽ پٽڪيل اکيون-

هو ڏسي چو نه سگهندو هو- مهاتما وانگر پنهنجي سامهون هٿ پکيڙي چو نه ٿي چئي سگهيو: "آئون ته ڪين روزانو ڏسندو آهيان."

مهاتما غلط بيانيءَ کان ڪم ورتو هو-

پر هو جيڪي رحمة اللعالمين هئا- نيڪ ئي ته هو هو ٻنهي جهانن لاءِ رحمت هئا. پلا ڪائي برتري ڪائي ته سڪرائي ڪيئن ته ٿي سگهندي هئي-

جيئن ته هو اٺ تي سِڌو ويهي نه ٿي سگهيو انڪري ڪيس پاڪڙي ۾ ٻڌي ويهاريو ٿي ويو. ڪيس ڪائڻ پيئڻ جو هوش نه هو. ڪڏهن هن پنهنجي مٿي جا وار ٿي پٽيا ۽ ڇاتي ٿي ڪُٽي، سندس ضعيف جان طوفانن جي زد ۾ ڪک وانگيان پرواز ۾ نه ڄاڻ ڪٿي مگن

هئي- جڏهن سندس هٿ کوليا ٿي ويا ته هن ٻين کان اک بچائي پنهنجي وات، اکين ۽ وارن ۾ واري ٿي وڌي.

منصور جي حالت ڏسڻ جهڙي هئي. ڪيس دعا لاءِ لفظ نه ملندا هئا. هو هٿ کڻي ويهي ٿي رهيو ۽ آسمان ڏانهن ٿي ڏسڻ لڳو- زماني سندس مٿي ۾ کهڙي خاڪ اونڌي هئي- پيءُ پٽ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي چپ چاپ خلا ۾ ٿي تڪيو ڄاڪاڻ ته ساڻس ڳالهائڻ، جواب وٺڻ ۽ هوش ۾ آڻڻ جون سڀ ڪوششون بيڪار هيون- قبض ٿيل حسين ۽ الاهي بارگاهه ۾ بي لفظ دعائون ڪندڙ منصور! ڪرب منجهان ڦڪو ماندو پيل منهن ۽ ڀڙندڙ دل- هن زندگيءَ کان جيڪي حاصل ڪيو هو ان کي وڃائي نه وڃڻ جو خوف- نه ڄاڻ اُها ڪهڙي منزل هئي جڏهن ماڻهوءَ کي نه خوف هوندو نه آسرو-

يا ٿي سگهي ٿو ته هاڻ حسين انهيءَ منزل تي هجي- دل ۽ نظر، عقل ۽ هوش، سڀن کان اڳيان نڪتل-

۽ قافلو روان هو. وهندڙ پاڻين ۽ ڪنان تار ذخيرن ۽ چانڊوڪيءَ رات ۾ زرد ڏيکائي ڏيندڙ حوضن تان گذرندي جڏهن ڪنهن وستيءَ ۾ هنن ساهه پٽڻ لاءِ داهو ٿي ڪيو ته ڪنهن ڳائڻ واري پنهنجو طنبور ٿي ڪڍيو ۽ موت جي ثنا ۾ شعر ٿي ڳايائين:

"موت لاءِ اولاد پيدا ڪريو
۽ ويرانا ناهڻ لاءِ عمارتون تعمير ڪندا رهو
۽ ياد رکو اوهين سڀ فنا سان ملڻ وارا آهيو
اي موت! توکان ڪائي ڀاڄ ناهي - تون هر حال ۾ ايندين
تون منهنجي ڀڏاپي تي اهڙيءَ طرح حملي آوار ٿي رهيو آهين
جهڙيءَ طرح ڀڏاپو منهنجي جوانيءَ تي حملي آور ٿيو هو-
آدم جو اولاد منتظر آهي- منتظر
ته جيئن موت جي آندي مٽس چانئجي وڃي."

منصور هاڻ خوشيءَ ۽ زندگيءَ جي انتظار ۾ نه هو- مايوسي ڪفر آهي، هو ڪيڏانهن وڃي؟!

"مسلم جي وڻ صدقي، ڪاظم جي رڻ جي ريشمي واريءَ جي ذرڙن صدقي، صبح جي هِير ۽ مشڪ ڪٿوريءَ صدقي منهنجي حال تي رحم ڪر."

منصور کي جيڪي دعائون ياد هيون سي پٽ تي پڙهي ڦوڪيائين ٿي.

هو رسول ﷺ خدا جي حضور وڃي رهيو هو- ان در تي حاضر ٿيڻ لاءِ توبهن زاري ڪرڻ لاءِ- تُستر ۾ حضرت شيخ جي آڱر جي سِڌ ۾ ڏسڻ سان هُن جيڪو نظارو ڪيو هو سو سندس سَهپ ۽ خوشبختيءَ کان گهٽو هو- سندس ڄمار جي خواهش پوري ٿيڻ ڏانهن وڃي رهي هئي پر ڪهڙيءَ طرح؟ هن هميشه چاهيو هو هو مري به اُتي پهچي!

ڪاظمہ ڪان هوا هلي رهي هئي.

يا اونداهي رات ۾ ڪوهِ اضم تان وڄ چمڪي رهي هئي.

هيءَ هوا شوق جي مچ کي ڀڙڪائي رهي هئي. وڄ جو چمڪاٽ ديوانيءَ دل کي خاڪبسر ڪري رهيو هو.

قافلي وارا ڪائنن پري ٿي ٿي رهيا.

هو پيغمبرن جي لشڪر جي اڳواڻ ۽ سردار ﷺ جي حضور ۾ حاضريءَ لاءِ تيار هو.

منارة القرون جي بيابان ۾ ٿنڀ جي شڪل جهڙو هڪ منارو هو جنهن جي عمارت تي اُنن هنڌن تي هرڻ جا سِنگ جابجا لڳل هئا ۽ پري کان هي شينهن جي پُٺ وانگر نظر ايندو هو. چوني جي پختي اَيوان تي ٻہ برج لڳل هئا. افسانوي فضا هئي. مسافر طرح طرح جون ڪهاڻيون چئي رهيا هئا. منصور چاهيو تہ حسين بہ حيران ٿئي پر هو اڳي وانگيان ئي بي پرواهہ ۽ زمين طرف ڏسندو ٿي رهيو. پاڻيءَ جي ڪنان تار حوضن طرف ڏسي سندس بدن ۾ ڪنبڻي جيئن پيدا پئي ٿي پر وري اُهائي اُداسي هئي.

هو زبالہ کان بہ لنگهي ويا. بدوين جي گهرن ۾ انهن آرام ڪيو.

برڪتة المرقوم جي مٿاهين پهاڙيءَ تي حوض مان ڏول ۾ پاڻي وهي رهيو هو. هي راهون جيڪي پاڻيءَ جي ڪثرت سان نهايت آباد هيون زبيده بنت صفا (منصور، پهرئين عباسي خليفي جي ڏيءُ ۽ هارون جي زال) نهرايون هيون. شفاخانا ۽ پريل سريل آباديون ۽ حُجرا هن وڏيءَ لاڳت سان ٺهرايا هئا ۽ مسجدون بہ تہ جيئن حاجين ۽ سوداگرن جي قافلن کي ڪڏهن ڪنهن زحمت سان مهاڏو اٽڪائڻو نہ پوي. پوءِ عباسي حڪومت ڪمزور ٿي وئي. راهون پرخطر ٿي ويون پر اهي نيڪيءَ جا ڪم پنهنجين سمورين شفاعتن سميت قائم رهيا. هاڻ هتي مڪتفي باللہ جي دور ۾ حسني، حسيني، علوي ۽ جعفري آباد هئا ۽ بهشتي ٿي ماڻهن جا ڪم ڪري قافلي وارن جي خدمت حيلي پنهنجو روزگار حاصل ڪندا هئا. دنيا سواءِ عبرت جي ٻيو ڪجهہ ناهي.

”ها - اي نجد جون هوائون!

اوهان جي سِرور ۽ سُرهاڻ مون کي آرام بخشيو!“

مقام يسيره ۾ کوهہ کوٽي پاڻي ڪڍيو ويو پر پاڻي ڪارو هو. ماڻهن صرف کير، مکڻ ۽ گوشت آندو هو. منصور بہ ڪجهہ خريداري ڪئي. اگهہ درهم ذريعي يا صرف ڪپڙي جي بدلي - ريشم جا ٿان ڪٽي ماڻهو حيرت سان ڏسندا هئا. انڪري جو ان آباديءَ ۾ سادو سوٽي ڪپڙو بہ نهايت پيار سان پاتو ويندو هو.

سندن اڳين منزل دشت نجد جو وچ هئي.

خوشي ڏيندڙ آبهوا، هلڪي فضا، پاڪيزگيءَ سان ڀرپور موسم، نفس جي صحت ۽

بدن جي قوت لاءِ مفيد هيون. قافلي وارن سرشاريءَ جي ڪيفيت محسوس ڪئي. منصور سوچيو شايد هن فضا جي برڪت سان حسين جي اندر جي جنون ۾ به گهٽتائي اچي ۽ ديوانگيءَ کان ٻاهر نڪري اچي. قافلي وارن وهنجڻ ۽ ڌوئڻ پوئڻ سان پنهنجو پاڻ ۾ سڪون ۽ سانت محسوس ڪئي. پاڻيءَ جا چشما زمين دوز هئا ۽ استعمال باوجود انهن ۾ گهٽتائي نه آئي هئي.

عروس جي ماڙيءَ وٽ هڪ ويڪرو ميدان هو ۽ نگاه ان جي ٻيءَ حد تائين رسي نٿي سگهي. اُن دشت جي آخر ۾ اها مبارڪ وسندي هئي جتي جي آسمان کي وڏو شرف هو- جتي شرافت جي واڳ ۽ مهارن جا مالڪ، ازل جي رازن کان واقف علم ۽ حڪمت جا سرچشما، سردارن جا سردار، الله جا دلدار رسول ڪريم ﷺ مقيم هئا-

منصور حسين کي روضه رسول ﷺ جي زيارت لاءِ وٺي وڃڻ گهريو، ۽ سندس پٺ ائين لڪڻ شروع ڪيو ڄڻ هو انهن سڀ ڪجهه ڏسندڙ ۽ ڄاڻندڙ نگاهن کان پنهنجو پاڻ کي لڪجهو رکڻ گهرندو هجي. ڪجيءَ جي باغن ۾ ڏاڍي رونق هئي ۽ آسمان سج جي تپش کي جهليو ويٺو هو. هوا ۾ گرمي ته هئي پر هتي دشت جي جسم ۽ جان کي ساڙي رکڻ وارين لهرن کان امان هئي. صبح ساڻ فرحت بخش جهوٽن سان جسم ۽ جان کي راحت ملي ٿي ۽ حسين جي اندر جي جنون ۽ هيجان ۾ سڪون اچي ويو پر منصور جي عاجزيءَ سان چوڻ باوجود هن دشت کان وسنديءَ ۾ هُن قدم نه رکيو. قافلي وارن به پنهنجي طور ڪوشش ڪئي، ۽ پوءِ هو سڀ شام جي نيراڻ پريل فضا مان هيٺ لهندڙ اونده ۽ دير تائين افق تي رهڻ واريءَ لالائيءَ ۾ اڳتي هليا ويا هئا.

"ڇا هتان کان اڳيان وڃڻ جو حڪم ناهي؟" منصور حسين کان پڇيو.

هُن نفيءَ ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. اکيون جهڪايون. پنهنجن وکريل اٽين وارن تي هٿ ڦيريو ۽ مير سبيان نيرن ٽيل نهن کي پنهنجي جسم تي رهڙڻ لڳو.

منصور سندس ننهن لاٿا. گهٽن ڏينهن جي مير کي ڌوتو ۽ پوءِ هو ڪيس دشت جي ڪناري ڇڏي، اڳتي وڌي ويو. سفر جاري رهڻ گهرجي. هلندو رهڻ ئي زندگيءَ جو شرط آهي.

دعائن سان آباد فضائون، امن جو شهر جنهن جي گهٽين ۾ حرمِ نبوي ﷺ جي سڳند هئي. منصور آخرڪار ان لهسائيندڙ تاءَ سان اُن اُڃ سان ان انتظار سان زندگيءَ جي سڀ کان وڏيءَ تمنا جي تڪميل تائين پهتو، پر ڪهڙيءَ طرح!

هن سوچيو: جڏهن هو شهر ۾ داخل ٿئي ته سندس وجود ڪپهه جي ڳل جيان وِکري وڃي، هو نه رهي- سندس هستي هيبت ۽ جلال جي هن مقام تي فنا ٿي وڃي- هو نه رهي ته جيءَ جو زيان ئي نه رهي- هو ساقيءِ ڪوثر جي سخاوت سان نوازيو وڃي، ته ڳُٽيون ۽ پريشانيون، سڀ حيران ڪرڻ وارا معاملا پاڻهي سُلجهي ويندا- شهنشاهه جي درٻار ۾ داخل ٿيو ته تيز هوا ۾ هيبت کان هو گاهه جي پن وانگر ڪنبڻ لڳو-

هن شوق جي بيپناهہ اُتل منجهان اُن سرزمين کي چُميو. سندس دل چيو هر ذري تي نيازمند پيشاني جهڪائي. شهنشاهہ جي دربار ۾ پهچي تہ سڀ جو سڀ هڪ شوق جو سجدو هجي- ڪيس زندگيءَ ڪان ڪائي شڪايت نہ هئي ۽ نہ ئي ڪيس تمام گهڻي جي طلب هئي. هو تہ بس حاضر ٿيو هو ۽ دعا جي قبوليت لاءِ عرضدار هو. سندس لاءِ اها سعادت گهڻي هئي تہ اُجايل جان کي ساقي ڪوثر ﷺ جي حضور حاضريءَ جي اجازت ملي وئي هئي. هو سيراب ٿيو هو. ڀِرن جا پَهر هو روضي مبارڪ جي جاري سامهون سوالي هٿ ٻڌيو ٻانهون ڪنيو، پر مطمئن ويٺو رهندو هو. هو ڪجهہ نہ چوندو هو آه زاري بہ نہ- ڪا خواهش نہ- هڪ لفظ بہ نہ داناءِ سُبل ختم الرسول ﷺ سڀ ڄاڻن ٿا.

ڪيس پنهنجي مقدر سان ريس ٿيندي هئي. هو هڪ زردشت جو پيروڪار، آتش پرست، قدرت جي نظارن جي پرستش ڪرڻ وارو! يڪدم انهن شعلن کان اُڏاري ورتل روشنيءَ منجهان نڪري نور مبين سان ڪيڏيل ڪيتي بنجي ويو هو. ڪڙيل گلاب جي هڪ ٻاري وانگر-

نجد جي اوسي پاسي کان نهايت انديشن ڀريون خبرون اچي رهيون هيون. قرمطي جيڪي ڀهرين خليفن جي عهد ۾ خاموش هئا سي هاڻ ٻيهر وري مڪتفيءَ جي دور ۾ لتمار مچائي رهيا هئا. هو حوضن کي پيٽ قاتل اُنن جي لاشن سان ڍڪي ڇڏيندا هئا ۽ چشمن جي جاري پاڻين کي بند ڪري ڇڏيندا هئا. حاجين جي قافلي جو سامان انهن لاءِ تمام گهڻي ڪشش رکندڙ هو، ڇو تہ هو منزلن لاءِ واپار جو سامان بہ گڏ رکندا هئا. جن نندين حڪومتن ۽ صوبن کي رائر• جي رقم مرڪز طرف موڪلڻي هوندي هئي اُها بہ اهڙن قافلن کي محفوظ سمجهي انهن جي همراهہ ڪري ويندي رِهي ٿي. سوداگر ۽ عام ماڻهو وڏا وڏا قافلا ٺاهي هلندا هئا ۽ مسلح ٿي تحفظ ۽ ان لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪندا هئا، پر گهڻو ڪري ائين ٿيندو هو جو قرمطين جا رولاڪ ٽولا گڏ ٿي اهڙن وڏن قافلن تي هڪ لشڪر جي صورت ۾ راتاها هڻندا هئا. انهن ۾ معزول ٿيل حاڪم، مفرور ملزم، قرمطي ۽ انهن جا مجڻ وارا شامل هوندا هئا.

ذڪرويہ باغيءَ جي خبر ملي تہ مڪي طرف وڌي رهيو هو.

حاڪمن ان قافلي کي، جنهن ۾ منصور وجي رهيو هو حڪم اماڻيو هو تہ اهو پنهنجن رئيسن ۽ ڪاتبن، سردارن ۽ قاصدن سميت سڌي رستي کان هٽي فيد يا مديني طرف موٽي وڃي تہ جيئن خلافت جو لشڪر پهچي تہ پوءِ قافلو اڳيان وڌي، پر قافلي سالارن جن سان گڏ مبارڪ القمي ۽ احمد بن نصر بہ هئا انهن حڪم جي ڪا پرواه نہ ڪئي ۽ وڌندا رهيا.

• رائر: ڏن.

ايسيتائين جو بدڪارن سان سندن ٽڪراءُ ٿي پيو. سخت لڙائي ٿي ۽ ممڪن هو ته قافلي وارا فتح ياب ٿين پر قافلي جي وچين حصي ۾ جتي عورتون ۽ ٻار گڏ هئا غفلت واقع ٿي، ۽ قرمطين پنهنجا نيزا انن جي ڇاتين ۽ پيٽن ۾ هنيا- انن، ٻتال ٻنجي، سامهون بدحواسيءَ ۾ حاجين کي چيپاٽي وڌو- حملي آورن سمورن ماڻهن تي تلوارون هلايون ۽ سيني کي قتل ڪري ڇڏيو. مقتولن کي هڪٻئي مٿان سٽي، هڪ وڏو ڊڙو تعمير ڪيائون. جن مردن مزاحمت ڪئي هئي ۽ کين شڪست ڏيڻ گهري ٿي انهن کي هڪ قطار ۾ بيهاري پهرين سندن هٿ پير وڍيائون، پوءِ کين قتل ڪيو ويو. قاتلن جون عورتون ۽ ٻار، پاڻي کڻي مقتولن وچ ۾ گهمندا هئا ۽ جيڪي پاڻي گهرندا هئا يا جن ۾ زندگيءَ جو ڪو ذرو ساهه به باقي هوندو هو، ان تي آگاه ٿي کين قتل ڪيو ويو.

هن قتلام ۾ هو سلامت هو- هن زندگيءَ جي سڀ کان وڏي خواهش مطابق روضه رسول ﷺ جي زيارت ڪري ورتي هئي. هو حسين لاءِ فڪرمند نه هو ۽ کيس بارگاهن کان جيسيتائين اجازت نه ملي انتظار ۾ رهڻو هو- حسين آقاءِ نامدار ﷺ جي در ويجهو ته هو. کيس پنهنجي قسمت تي نازان ٿيڻ گهربو هو جو هو اُن کان ٻاهر هو پر حاضر ته هو-

هوش ۽ دانائيءَ جو معاملو ٻنهه ٻيو معاملو هو.

آگهي ۽ عشق!

ڇا ماڻهو اِن ڪيفيت ۾ ڪڏهن آگاه ٿي سگهندو آهي؟

هيءُ ڪامل ترين ۽ حسين ترين عشق هو جيڪو آخرڪار ايسيتائين پهتو هو- کيس ريشم اُڻڻ وارن جي وسنديءَ ۾ جيڪو فيض جو لمحو نصيب ٿيو هو سو سندس سموري زندگيءَ جي ڊگهي وارتا هو جنهن انهن انن جي وچ ۾ جڻ عرش جي اکين ۾ تڪڻ جي لاءِ انهن هن کي ڪڙو ڪيو هجي. پوءِ آسمان ڏنڏلا تجڻ لڳو. فيض جو لمحو هن وٽ هڪ آتش نفس راڳي وانگر اچي بيهي رهيو ۽ صدائون ڏيڻ لڳو ۽ چئني پاسي کان سُريلا گيت ڏانهس وڌڻ لڳا ۽ شمعون روشن ٿيون، چراغن جي روشني تيز ٿي وئي ۽ پروانو ست ڏيئي شعلي جي اونهائين ۾ گهڙي ويو ته جيئن ان جو راز معلوم ڪري وٺي ۽ اننت نند سندس مٿان چوڌاري کان گذرڻ لڳي، جڻ بارگاهن ۽ ايوانن مٿان فرشتا تيز ۽ تکا گذرن ۽ انهن جي پرن جي هوا کي منصور پنهنجي اندر ۽ ٻاهر محسوس ڪيو-

۽ پوءِ هو سمهي رهيو-

بيابان تي سج جا آخري شعاع کجين جي باغن ۾ پاڇن کي ڊيگهه ۽ فاصلو عطا ڪري رهيا هئا. تيز هوا کين جهلائيندي ۽ پرهيبت بڻائيندي هئي- متجندڙ سُرخيءَ ۾ اونداهه ملي رهي هئي ۽ خيمن منجهان دونهون آسمان طرف مائل پرواز، نيراڻ ۾ گهرو ۽ شام جي

اولهائين اڪيلي تاري کي وڏيڪ روشن ڪري رهيو هو جڏهن حسين "اناالحق" چيو، وستيءَ جا جوان وٽائنس ڪلندي لنگهي ويا.

هڪ چيو: "يا سيدي! هي ذرڙو چا ٿو چوي-" هو حيرت منجهان ڪيس ڏسڻ لڳو.

ٻي چٽي ويجهو اچي سندس اکين ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪي چنجهيل ۽ ميريون هيون. پوءِ هڪدم پري هٽي ويو ۽ زور زور سان ٽهڪ ڏيڻ لڳو:

"خدا ايڏو ڪمزور هيٺو ۽ جهيٺو به ٿي سگهي ٿو- اهو هاڻ پتو پيو آهي-"

حسين جو گجندڙ آواز- ضرب هٽي هن چيو: "اناالحق".

ٻارن سندس چوڌاري گهيرو ٺاهي ورتو. چادر کي ڇڪڻ لڳا ۽ اناالحق، اناالحق جو هُل ڪرڻ لڳا.

"اناالحق" حسين کين ڏسندي چيو.

ٽهڪن ۽ هُل جي صدائن سان ائين محسوس ٿي رهيو هو جڻ ٻارن جي هٿ هڪ نئين راند آئي آهي ۽ هو ان کي پوري جوش ولولي ۽ همت سان سکي رهيا آهن.

جيڪي ٻار گهٽا حرڪتي هئا انهن سندس وڏيل ڏاڙهيءَ کي ٿورو ڇڪيو:

"وري چؤ اناالحق!"

هو ماٺ ٿي ٿيو ته ڪيس ديوانو سمجهي هنن ساڻس وري چرچو ٿي ڪيو. لهندڙ شام ۾ جڏهن بيابان جي طرف کان هوا ٿي هلي ۽ تڏ ٿي وڏي ته سج جي تپش ۾ واريءَ منجهان گهٽ پئي ٿي ۽ جهوتا شفق جي لائيءَ کي وڏائي ڪٽي ٿي آيا. ذرڙا چمڪ جهلي نندڙا نندڙا سج بنجي ٿي ويا ۽ اهي جيڪي ٿورا جوان هئا ۽ بيابان ۾ گهمڻ ڦرڻ لاءِ آزاد هئا، ڪجهه سمجهه رکندا هئا تن ڪيس چيو ٿي: "تون رسول ﷺ جي روضي مبارڪ ويجهو حرم نبوي ﷺ وٽ اهو ڪيئن ٿو چئي سگهين-"

"اناالحق" هن هيسيل ٻنل ۽ ڏکيائيءَ سان ڪلندڙ اکيون جهڪائيندي ٿي چيو.

مسجدن ۾ اذانون ٿي اُڀريون جڻ ماترين مان واڇوڙو واريءَ تائين پهچڻ لاءِ اُٿي ۽ پنهنجي بيپناهيءَ جو ثبوت ڏئي-

"اها تنهنجي پاڪائي ٿي رهي آهي." هنن سندس گودڙيءَ کي ڇڪيندي چيو ٿي.

"بي شڪ- بي شڪ-" هن ڪنڌ جي اشاري سان ٿي چيو: "هي آئون آهيان-"

"جڏهن اسان توکي ڇُهي رهيا آهيون ته خدا کي ڇُهي رهيا آهيون-" هنن نهايت ابهرائيءَ مان ٿي چيو.

"بيشڪ - بيشڪ جڏهن هوا مون کي ڇهندي آهي ته ڪيس ڇهندي آهي." هن وار ڪنهندي چيو ٿي.

"واه واه سبحان الله! سيدي مولائي! اوهين خدا آهيو؟" هو چڙي ٿي پيا ۽ سندن دل

ٿي چيو تہ مٿس چٽرون ڪن. ڪيس ڇڪي دائري ۾ آٽي سندس چوڌاري بي پناهہ گوڙ ۽ رقص ڪن.

”بيشڪ جهڙيءَ طرح شراب ۽ پاڻي ملي ويندا آهن، اهڙيءَ طرح سان آئون ۽ هو ملي هڪ ٿي ويا آهيون.“

سندس پيشانيءَ تي ڪو گهنج نہ هو. آواز صاف ۽ گرجدار ڄڻ مٿس ڪنهن عظيم طاقت جو غلبو هجي.

هو ٿورا ڏنا ۽ پوئتي هٽيا تہ هو ڪليو: ”اناالحق!“

هو خندق جي ڪناري بيٺو هو. جنهن کي دين جي دشمنن جي حملي وقت خدا جي رسول ﷺ نهرايو هو، ڪڏهن ڪڏهن هن جهڪي ان جي اونهائين ۾ ڏٺو ٿي تہ اُتي گڏ ٽيل ماڻهن سوچيو ٿي تہ هو هاڻ ان ۾ ٽپي پوندو، ڄڻ مٿس الهام هجي- هن سندن خيال پڙهي ورتا ۽ زور زور سان ٻانهون مٿي ڪان مٿيريون ڪٽي لوڏڻ لڳو.

”هرگز نہ - هرگز نہ - آئون سڄي زندگي تہ خندق ۾ رهيو آهيان- انهيءَ منجهان ٻڌي نڪتو آهيان- ڪليل فضا ۾ ساه ڪٽي رهيو آهيان. هر قيد ۽ بند ڪان آزاد ٿيو آهيان. ڀلا هاڻ آئون ڇو انهيءَ خندق ۾ ٽپندس-“

ماڻهو حيرت زده ٿي هڪٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا.

ٿوري دير ماٺ رهي وري هن چيو: ”اناالحق! اناالحق!“ ڄڻ ڪيس ضد هجي ۽ اڻ ڏٺين قوتن کي يقين ڏياري رهيو هجي. شوق منجهان سندس ٽپندڙ جسم، بي پناهہ روشنين سان بند ٿيندڙ اکين ۽ احساس جي شدت مان ڪنبندڙ هٿن، محبت جي راهہ ۾ هيڏانهن هوڏانهن پٽڪندڙ قدمن جي ٿڙڪڻ کي ڏسي، ماڻهن چيو:

”خبر ناهي هن جو ڇا انجام ٿئي هن جي ماليخوليا ڪيس ڪيڏانهن وٺي وڃي؟“

”اناالحق!“ حسين خندق جي ڪناري تان واپس ايندي چيو.

”هي ڪفر جو ڪلمو آهي ديوانا!“ هڪ ڪتاب الله جي حافظ ڪنبندي چيو.

”هي نور جيڪو تنهنجي سيني ۾ آهي. ڇا ان جي روشنيءَ ۾ بہ تون نٿو ڏسي سگهين تہ اهو ڪفر جو ڪلمو ناهي.“ حسين چيو.

گهڻيءَ دير غور ڪرڻ ۽ بيٺي رهڻ بعد حافظ قرآن انهي ڳالهہ کي رڳو اتفاق سمجهيو ۽ پنهنجي راهہ رميو. آهستي آهستي انبوهہ ڪانئس ڪان هٽي ويو ۽ هو چشمن جي پاڻين، خندق ۽ آسمان جي نظر سامهون اڪيلو رهجي ويو-

”نہ - اهو ڪفر هرگز نہ ٿو ٿي سگهي - اها الأهي حقيقت آهي-
تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ سواءِ ان جي ڪوئي فرق ناهي
تہ تون خدا آهين ۽ مالڪ الملڪ (ال الهيہ وربو بربيہ)

أهو تون جيڪو آئون آهيان
۽ آئون جيڪو تون آهين
ڪوبہ فرق ناهي تنهنجي هُو ۽ منهنجي عين ۾-
سواءِ ظاهر ۽ باطن جي-"

۽ ائين مديني منور جي باب الحديد جي سامهون هن نهايت عاجزيءَ منجهان اُن راز کي جيڪو مٿس آشڪار ٿيو هو پنهنجي لاءِ قبول ڪيو. ذرڙو پنهنجي پَر ۾ سج ئي نہ سجن جو خالق بنجي ويو هو-

"هو منهنجي ثنا ڪري ٿو ۽ آئون هن جي ثنا ڪيان ٿو
هو منهنجي حمد ڪري ٿو ۽ آئون هن جي حمد ڪيان ٿو
هڪ حالت ۾ آئون ڪيس قبول ڪيان ٿو
۽ ظاهر ۾ آئون هن کي انڪار ڪيان ٿو
هو مون کي ڄاڻي ٿو پر آئون هن کي نٿو ڄاڻان
آئون هن کي ڄاڻان ٿو ۽ هن کي ڏسان ٿو
هو مون کان دستبردار ڪيئن ٿي سگهي ٿو جڏهن
آئون هن جي مدد ڪيان ٿو- هن جي حمايت ڪيان ٿو
پنهنجي علم سان آءٌ هن جي تخليق ڪيان ٿو
۽ اسين روايت تي آگاهي ماڻيون ٿا
آئون هن جي تخليقي منتها آهيان

واديءَ فاطمه جي پٿرن کي ڪٽي وڏين ۽ ننڍين سرن جي استعمال لاءِ تيار ڪيو پئي ويو ۽ نوي ميلن جي فاصلي کي طئہ ڪرڻ لاءِ مسجد نبوي ﷺ تائين جيڪي اٺ چونديا ويا هئا سي نهايت سهڻا هئا ۽ ڪين بار ڍوئڻ يا ڪنهن بئي ڪم ۾ لڳايو نہ ويندو هو. سندن خدمت اهڙن اوٺارن جي حوالي هئي جن جو حسب نسب اعليٰ هو، جيڪي حافظ قرآن هئا ۽ ظالم ۽ بدڪار نہ هوندا هئا- انهن قبيلن جا فرد معمار هئا جن کي شريف النفس مائرن ڪڏهن وضوءَ سواءِ ٿڃ بہ نہ پياري هئي- جن جي بزرگن نہ وسارڻ جوڳيون خدمتون ادا ڪيون هيون-

ترڪن کي رسول پاڪ ﷺ جي ذات سان جيڪا انتهائي محبت هئي، اسلام جي دائري ۾شامل ٿيڻ کان پوءِ سندن اجتماعي زندگيءَ ۾ انهي اسم مبارڪ سان جيڪا تبديلي آئي هئي، ان جو ڪين اعتراف هو- هي عجز ۽ انڪساري بہ ان جو حصو هئي، جو هو قبول ڪيا ويا هئا- خلافت جا مڙئي اعليٰ منصب سندن لاءِ مخصوص هوندا هئا ۽ ان سرزمين تي اوپري هئڻ باوجود هو دربار ۾ رڪن ۽ بادشاهہ گر هئا. هو سمجهندا هئا تہ خاڪ جي ذرڙن

کي حسن جاوداني بخشڻ وارو پيو ڪو نہ هو. انهن پنهنجي اصل کي نہ وساريو هو ۽ انکري خاص اجازت حاصل ڪري هو مسجد نبوي ﷺ جي تعمير نئين سر ڪري رهيا هئا.

مدينو منور امن جي بستي هئي ۽ ان تعمير جي باوجود اها پُرامن هئي- پٿرن کي ڌوئي پاڪ ڪيو ويندو هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن پٿر کي ڪٽڻ لاءِ گهٽ وڌ ڪرڻ لاءِ ڪٽڻو ٿي پيو تہ ان جي ڪٽائي واديءَ فاطمه ۾ ٿيندي هئي تہ جيئن حرم نبوي ﷺ جي اوسي پاسي ۾ ڪو گوڙ نہ ٿئي- معمار هر ذري تي دل ہڌي ڪم ڪري رهيا هئا-

حسين هاڻ وادي فاطمه کان پري رڻ ۾ نڪري ويو هو. ڪيس اها جرئت ڪٿان ٿي ٿي سگهي تہ سواءِ فيض الاهيءَ جي هو رسالت جي آستان تي حاضري ڏئي- هو تہ بس دروازن کان ٻاهر بيٺو ٿي رهيو تہ ڪنهن محل ڪيس حاضري جي اجازت ٿئي، ڪو اشارو، ڪو حڪم هن لاءِ ضروري هو- هن بارگاهه رسالت مآب ﷺ ۾ گهڙي پوڻ جو حوصلو نہ هو- ماڻهو چاهيندا هئا تہ ڪيس ريجهائي چو نہ سندس جنون جي گهٽائڻ لاءِ ڪيس روضي رسول ﷺ جي قرب ۾ وٺي وڃن ۽ انهن کوهن جي پاڻيءَ سان سندس متي کي پاڪ ڪن تہ جيئن هيءَ شورش سندس اندر منجهان ٻاهر نڪري، هو شفاياب ٿئي ۽ پنهنجي عبديت جو مقام سڃاڻي ۽ ”اناالحق“ چوڻ کان باز رهي- هي ڪلمو جنهن کي ادا ڪرڻ جي سرور ۽ مدهوشيءَ ڪائنس عقل ۽ هوش ڦري ورتا هئا. هو ڪلندو هليو ٿي ويو ۽ ڊوڙندو بيابيان جي لهريلي واريءَ تي ڪِري ٿي پيو جيڪي هوا جي پلاندن سان نهيون هيون-

جڏهن اڪيلو ٿي ٿيو تہ ماٺ ٿي رهيو. خلق جي هجوم ۾ ڪيس پنهنجو پاڻ ميرائڻ لاءِ هستيءَ کي نيستيءَ مان ڪڍڻ جي لاءِ. ظاهر ۽ باطن جو جهيڙو مٽائڻ لاءِ ڪجهہ چوڻو پوندو هو- هو شمع هو جنهن جي وجود ۾ روشني هئي- هو پتنگو هو، جو ان شمع تي ڦرندي قربان ٿي ٿيو- هِتي هُتي هر جڳهہ هُو هو ۽ داخلي توڙي خارجي دنيا ساڻس آباد هئي- هو عاقبت هو- قيامت هو- طوفان هو- جيڪو پنهنجي هستيءَ تي نهايت شدت سان محيط هو- هو ڪناري تي بہ هو ۽ ٻڏي بہ رهيو هو- ڪائنات ۽ تخليق سڀ هُو هو-

اناالحق!

حيات ۽ ممات جو اصل.

وادي فاطمه جي پٿرن چيو: ”اسان نبي ﷺ جو حرم آهيون- تون ڪيڏانهن بہ ڀڄي وڃ پر امان توکي هتي ئي ملندي- اسان ان پاڪ ۽ عظمت ڏنل جاءِ جي جنهن ڪُنڊ ۾ بہ هونداسين اسان تي امان هوندي. تون امان نٿو گهرين ۽ صرف ”اناالحق“ چوين ٿو. حق تہ ان ذڪر کي پاڻ بلند ڪندو آهي- رات ۽ ڏينهن جون گذريل ۽ اچڻ واريون سڀ ساعتون ۽ ٽيپو ٽيپو ٿي وهندڙ ۽ گذرڻ وارو وقت ۽ تخليق آدم سان جميل سموريون محبتون ان هڪ نالي لاءِ آهن- سموريون بينايون ۽ سموري سماعت ان جي هڪ اسم جي پاڪيزگيءَ کي

ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ تخليق ڪيون ويون آهن.

اهي ڪُل الاهي مقربين محو ۽ اهل شهود تي مقدم آهن اهي منزلت جي اعتبار کان مقدم آهن ۽ توانا ترين آهن ۽ انڪري بشر ڪامل آهن-

وادي فاطمه ۾ هر طرف پٿر پٿرن سان گفتگو ۾ محو هئا ۽ اڪيلو حسين پنهنجو پاڻ سان گفتگو ۾ محو هو-

"آئون اُهو آهيان جنهن کي آئون چاهيان ٿو، ۽ جنهن کي آءٌ چاهيان ٿو اُهو آئون ئي ته آهيان.

اسين ٻه روح هڪ ئي جسم ۾ قيد آهيون.

جڏهن توهين مون کي ڏسو ٿا ته ڄڻڪ هن کي ڏسو ٿا-

۽ جيڪڏهن توهين هن کي ڏسو ته اسان ٻنهي کي ڏسي وٺندؤ-"

پوءِ هوائن، قدرت جي مظهرن چنڊ، تارن، آسمان، زمين، فضائن مان آواز اچڻ لڳو-

خدا آدم کي پنهنجي صورت تي تخليق ڪيو آهي؟

حسين مُرڪي چوڏاري ڏٺو. هر شيءِ ۾ سندس دل ڌڙڪي رهي هئي. هي هن جو آواز هو جنهن هر طرف کان ڪيس گهيريو هو- ها خدا آدم کي پنهنجي شبيهه تي پيدا ڪيو هو بي شڪ-

حمد ۽ ثنا ۾ گم ٿيل پنهنجو پاڻ کان آشنا ۽ پنهنجو پاڻ کان گُم به! عڪس به ۽ اصل به- اناالحق

معمارن ۽ پٿر ڪٽڻ وارن ڪيس واديءَ فاطمه کان پري پڄائي ڇڏيو. ڀلا هي ڪلمو ڪو چوڻ جهڙو هو؟ انسان ۽ دعويٰ ربوبيت ۽ الوهيت جي! هيءُ ديوانگيءَ جو مذهب هو ۽ جيڪا ڪيفيت مٿس طاري هئي ان منجهان ٻاهر اچڻ جو ڪيس ڪوبه شوق نه هو- نه ئي ڪيس ڪي رستي ڏيکائي ٿي ڏني- هيءَ ماٿري ڪنڊن سان پُر هئي، جنهن جي طرف سڀ راهون وينديون ته آهن پر هتان کان اڳتي ڪو وڃي ناهي سگهندو، ويندو ئي ناهي، انجي اڏو گابرو روشن رستن تان آسمان ڏيکائي ڏيندو آهي ۽ انسان جي دل چوندي آهي ته هو پَرَ کولي فضا ۾ ٽپيون لڳائي ۽ تارن کي ڇهي وٺي- پر پوءِ تارا هيٺ لهي ايندا آهن ۽ انساني دل عرش معليٰ بنجي ويندي آهي-

رجب جو چنڊ ڏسڻ مر آيو ته سنگ تراشن رڻ جي واريءَ کي اُن وسڻ ڏٺو ۽ طوفاني يلغارن ۾ هو پٿرن ۾ خام مال کي ائين ئي ڇڏي حرم ڪعبه ڏانهن روانا ٿيڻ لڳا-

۽ حسين ته نبيءَ جي حرم جو پٿر به نه هو جنهن کي وادي فاطمه جي واري ۽ اُن جي وسڪار جا طوفان ئي ڍڪي سگهن-

بنو اسد جي مال چاريندڙن مال کي ڪنڊي وار ٻوٽن ۽ واريءَ منجهان منهن ڪڍي تڪڻ

وارن ننڍيءَ ساوڪ ڏانهن ڇڏي ڏنو ۽ ڏينهن تي ويهي سج جي تپش جي باوجود ڪيڏڻ لڳا. هو سڀ ننڍا ڇوڪرا هئا جيڪي ائن ۽ رڍن جا رکوالا هئا ۽ جانورن جي رمزن کي سڃاڻندا ۽ مُندن جا مزاج شناس هئا- انهن ريگستان ۾ ان ديوانيءَ کي ڏٺو جيڪو 'اناالحق' چوندو ۽ وري نظرن کان اوجهل ٿي ويندو هو. جيڪو سندن ويجهو اچي ويهندو ۽ کلي 'اناالحق' جو نعرو لڳائيندو هو- جيڪو اُس کان بچڻ لاءِ ڪنهن پناه يا ڇانو ۾ نه ويندو هو- جيڪو هوا کي حڪم ڏيندو هو ته لڳي- جنهن اس ۽ روشنيءَ کي روڪي ٿي ڇڏيو پر وري کلي غائب ٿي ويو ٿي-

اوچتو انهن مان هڪ چيو: ”آئون اُهو ديوانو ٿو ٿيان-“

تاڙيون وڄائي ٻين سمورن چيو: ”سنو، ڏاڍو سنو! پر توکي مڪمل ديوانو ٿيڻ لاءِ اُهڙيءَ طرح ئي اناالحق به چوڻو پوندو.“

”آئون اناالحق چوان ته اوهين مون کي خدا مڃي وٺندؤ- پوءِ ڏاڍو مزو ايندو- آئون اوهان کي حڪم ڏيندس ۽ اوهان کي واريءَ جي پٽن تي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙائيندس اوهان منهنجا ٻندا هوندؤ ته اوهان منهنجي نظر جي ڪرم جا محتاج هوندؤ- آئون اوهان تي ڏاڍيون سختيون ڪندس ۽ توهين ڪجهه نه ڪري سگهندؤ-“

”تون سمجهين ٿو خدا فقط قهار آهي ۽ هو محبت نٿو ڪري. هاڻ ڏس اسين هن کان مينهن ۽ پاڻيءَ جي دعا ڪندا آهيون ۽ هو ٻڌندو آهي يا نه.“ هنن سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيو.

”پر آئون ٻئي قسم جو خدا ٿيندس- آئون صرف سزائون ڏيندس-“ هن کلي چيو، ”جيڪڏهن توهان کي اهو قبول هجي ته راند شروع ڪريون ٿا.“

”بيهو ۽ ٻڌو!“ ٻئي ننڍڙي ڇوڪر چيو، ”تون خدا ناهين- تون ته فقط ٻهانو ڪندين. ڪوڙ ڳالهائيندين ته تون ماٺو ناهين- پوءِ اسين سڀ انهيءَ ڪوڙ جي توکي سزا ڏينداسين ۽ جيڪو فيصلو ڪريون توکي اُهو مڃڻو پوندو.“

اناالحق چوڻ واري مٺو ڪنهندي چيو: ”ڏسو ڪا سخت سزا نه ڏجؤ. منهنجي خدا هئڻ جو خيال رکجؤ. جڏهن هڪ پيرو ديوانو خدا بڻجي ويو ته ان ۾ ٻين کان طاقت به وڌيڪ هوندي- نيڪ آهي نه. ته هاڻ آئون ديوانو آهيان: اناالحق! اناالحق!“ هن هڪ مستانو نعرو لڳايو ۽ واريءَ جي پٽ تان ٻانهون پکيڙي لٿو جيئن ڪو پکي پَرن کي ڦڙڪائي آسمان ۾ اُڏام ڪري، نيري عرش ۽ دونهاٽيل ري ٿوٽين آسمان هيٺ اُڏام ۾ لڳي ويو-

سندس پويان هو به پٽ تان لٿا ۽ ٻيچ ڊڪ شروع ٿي- ننڍڙين ننڍڙين چارين ۽ خشڪ گاهه منجهان آواز ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. ننڍڙو چمڪندڙ مهاندو ڪنهن ٽڙ جي اوٽ منجهان ڏسڻ ۾ آيو ٿي. پوءِ ڪنهن پٺ پويان کان ڪمزور پر گرجدار بڻجڻ جي ڪوشش ڪندڙ صدا

اناالحق ٻڌڻ ۾ ٿي آئي- ڪلندڙ ڏنار سندن جبا گرم هوا سان پريل ڇڻ حلاج انهن ۾ ڪپهہ پيجي پيري چڏي هجي- ۽ رف رف بہ ٻڌڻ ۾ اچي- هُو سڀ ٻانهون ڊگهيري رڻ جي اُن وسعت ۾ جيڪا بي انت بحر جيان پکڙيل هئي ان هڪ "اناالحق" کي ڳولي رهيا هئا- هو سڀ سيٽيون وڄائي رهيا هئا. رڍون ۽ ڪُتا هوشيار رکوالن وانگيان آواز ڪڍي رهيا هئا ۽ نجد جي ريگستان جون لطيف هوائون سندن اک ٻوٽ ۾ شريڪ هيون- پٿون ۽ خاڪ جا ذرڙا نندي گاهہ تي اُڏامندڙ اڇن پرن وارا پکي ۽ آسمان جي پولارن ۾ ٽپيون لڳائيندي، ٻڌندي ۽ ترندي، نظر نہ اچڻ وارا سوين جاندار- اناالحق!

جڏهن آخرڪار هو پکڙيو ويو ۽ چئني پاسن کان سندس ساٿين ڪيس پنهنجي گهيري ۾ آڻي ورتو تہ هن وحشي جانور جيان رَنڀيندي تيز ساهہ کڻندي پٽرايل اکين سان پنهنجي چوڌاري ٿي ڏٺو. جڏهن انهن ڪيس ڇُهيو ٿي تہ نهايت زخمي ۽ اداس نگاهہ سان ڏانهن ڏيان ٿي ڏٺائين، پر پنهنجو پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش نہ ٿي ڪيائين. شايد سندس دل نندين وڏين پٿن جي چاڙهين ۽ لاهين تي ڊوڙي ڊوڙي پرجي ويئي هئي- ۽ سندس ديوانگيءَ جي تقاضا اهائي هئي تہ هاڻ هو پکڙيو وڃي ۽ پنهنجن دوستن جي عدالت ۾ هڪ گنهگار وانگر حاضر ڪيو وڃي. آخر اناالحق چوڻ واري کي سزا تہ ملڻ گهرجي-

سيني کان نندي ڏنار جڏهن انصاف جي جڳهہ سنڀالي تہ هوا ڳري ۽ گهم جهڙي ٿي وئي هئي ۽ پولارن ۾ جهوٽن جي اڳيان اڳيان نجد جي دشت جا پکي نقيبن جيان اُڏامي رهيا هئا. ان جي تِک تي سوار بہ ۽ ان کان بي پرواهہ بہ-

پيش ڪرڻ واري چيو:

"ياشيخ، هي ديوانو چوي ٿو تہ "هي خدا آهي-" هو ڪيس اڳتي ڌِڪي رهيو هو.

ٻڌڻ واري ڪجهہ دير ماٺ ڪئي ۽ پوءِ چيو:

"ڇا هي سچ پچ ديوانو آهي يا فقط شهرت لاءِ هن پاڻ کي ديوانو بنايو آهي-"

ديواني اکين جي پُتلين کي ائين ڦيرايو جو باقي ساٿين کي شڪ ٿيو جڻ هو اصل ۾ ديوانو هجي.

"ياسيدي! هيءُ اصل ۾ ديوانو ناهي. پاڻ کي خدا ٿو چوي ۽ اسين ڪيس ديوانو چئون ٿا-"

"جواب ڏي." منصف ٿورو کُهري آواز ۾ چيو.

"هر شيءِ کي خدا ٺاهيو آهي."

"بيشڪ-"

"مون کي بہ خدا ٺاهيو آهي."

"بيشڪ."

"سندس نور ۽ جلوو هر شيءِ ۾ آهي. هو زمينن آسمانن جو مالڪ آهي."

”بيشڪ.“

”هو بندن جي اندر رهندو آهي.“

”بيشڪ.“

”منهنجي ان حصي اناالحق چيو آهي جنهن ۾ هو رهندو آهي. ماڻهو انهيءَ ڪري حق آهي جو هُو حق آهي-“

”بڪواس - ڪوڙ - ديوانگي-“ پر ۾ بيٺل دوستن تاڙي وڄائي چيو، ”ماڻهوءَ کي الله جي مخلوق بنايو ويو آهي-“

”توهين سڀ ماٺ رهو.“ نِنڍڙي ڏنار چيو، ”اسان کي سوچڻ ڏيو-“

”ضرور، ضرور، پر هن ديواني کي سزا ڏيو ته جيئن اسان جي دل خوش ٿئي- اسين هن هنگامي ۾ هاڻ تڪجي پيا آهيون-“

”ڳالهه ته اها به صحيح آهي ته هر ماڻهوءَ اندر هو پاڻ موجود آهي ۽ ماڻهو جيڪڏهن بندو ٿي ڪري اهو به چئي ڇڏي ته...“ هو ماٺ ٿي ويو، ”اهو اسرار منهنجي سمجهه ۾ منجهي پيو آهي. بندو ته هن ناهيو آهي جيئن اسين مٽيءَ جا رانديڪڙا ناهيندا آهيون ۽ پوءِ رانديڪو ”اسان“ ته ناهي ٿي ويندو. ڪيڏو ٺهو اهو ڪيئن ٿو چئي سگهي ته ناهڻ واري جي ڪم ۾ هو به شريڪ آهي. ماڻهو سچ ضرور آهي حق پر حق بنجي نٿو سگهي. اها تمام وڏي ڳالهه آهي-“

باقي بار پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ ديوانو ڪلي ڪلي ڪيرو ٿي ويو ٿي. هو ڪين ٻڌائي رهيو هو ته پيٽن تان لهندي ۽ اُڏامر ڪندي ڪيس ڪيڏو مزو ٿي آيو- لڳو ٿي پيرن ۾ پر لڳي ويا آهن- جڻ هو هڪ تاريءَ تان اُڏامي ٻيءَ تاريءَ تي ويهڻ وارو پکي آهي- هو پوءِ ويجهڙ وارين ڏهن طرف پڳو ۽ هن زور سان اناالحق چئي پنهنجي پويان اچڻ وارن کي چٽڪ للڪاريو، ڊوڙيو ۽ لڪي ويو- پوءِ هن آڳريون زبان ۾ ڏئي سيٽي وڄائي، جيڪا سُڏڪا پريندي هوا جي لهرن تي سوار ٿي آسمان ۾ پيري پيري تائين ٻڌي وئي- ڪارا ڪکرا جهڪندا هليا ٿي آيا جڻ اصحابِ فيل حملو ڪري ڇڏيو هجي- سپاهي ڪار ڪپڙا پهريل، ڪنوڻ جا چمڪاٽ ۽ آسمان تي گهيريل گهٽائون ۽ پاڻيءَ جي بارڪان جهڪيل تهه در تهه ڪارا ڪکر جيڪي ڳُتيل پهلوانن وانگر هڪٻئي کي دسيندي، گهليندا، خلا ۾ جهڪندا، اُٿندا، ڏونداڙي رهيا هئا- بار پناهون ڳولڻ لڳا چو ته انن ۽ ڏِڻ رڙڻ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو-

”ٻڌو - واپس اچو!“ منصف ڏنار چيو، ”جيڪڏهن ديوانو اناالحق چوي ٿو ته ڪا ڳالهه ناهي. سندس مجبوري آهي سندس دماغ تاءَ ۾ آهي.“

”هي هٽ - نوڪيو ديوانو آهي. سڀ سمجهي ٿو-“ هڪ ٻئي ساٿيءَ کيس ياد ڏياريو.

”جيڪڏهن ڪو ماڻهو بنجي ڪا ڳالهه چوي ته ان کي سچ ئي سمجهي ونڻ گهرجي. جيڪڏهن هو نقصان نٿو ڪري ته کيس ڇڏي ڏيو.“

پوءِ جڻ ڪنهن ڪليءَ کي اونڌو ڪري، هڪ گهڙيءَ ۾ ۾ جل ٿل ڪري ڇڏيو:

"هن کي ڇڏي ڏيو. اناالحق چوڻ ڪو جرم ناهي. ان جي ڪابہ سزا ناهي-" سڀ پڇي ويا.

ديواني چيو: "مزو وري ڪهڙو- ڪجھ بہ ناهي!"

"توکي اها راند چو نہ وڻي." نَنڍڙي منصف پڇيو.

آلن ڪيڙن کي چنبڪا ڏيندي هن چيو: "ديواني ٿيڻ ۾ ڏاڍو مزو آهي پر ماڻهو ڪيس بس بيڪار سمجهي ڇڏيندا آهن ۽ سزا بہ ناهن ڏيندا- سزا پوڳڻ ۾ ئي تہ سڀڪجھ آهي. لوڏجي وڃڻ ۾ تہ سچي ڳالھ آهي. نہ تہ ماڻهو ديوانا چو ٿين-"

"تون ڇا ڦاهيءَ تي لڙڪڻ پسند ڪندين؟ تنهنجي تسلي اهڙيءَ طرح ٿئي ها! عجيب خواهش آهي تنهنجي-"

دشت نجد تي وِچن وَراڪا ڪيا. بلندين ۽ پستين تان پاڻي وهيو ۽ پري ڪنهن پٽ تي ويٺل ديواني پنهنجي بدن ۾ بي قراري محسوس ڪئي. جڻڪ طوفان سندس رت ۾ هو ۽ هو گذرگاھ هو- نہ، هو طوفانن جو تخليقڪار هو- شعلو بہ ۽ شمع بہ- پتنگو بہ ۽ لاٽ بہ- خلائن ۾ بہ هوئي هو ۽ هوائن ۾ بہ- سندس ڪو طرف نہ هو ۽ سيني طرفن ۾ هُو هو- حرم نبوي ﷺ کان حرم ڪعبي تائين- عرش معليٰ کان وٺي زمين جي پاتار جي، اٿاھ پاڻيءَ ۾- هوا ۽ آسمان ۾، ظاهر ۽ باطن ۾، زمان ۽ مڪان ۾- فاصلا متجي ويا هئا- هو يعني حسين بن منصور حلاج هر طرف هو - اناالحق - اناالحق!-

حسين هندستان جي سفر تي نڪتو. هي اهو زمانو هو جڏهن سندس پٽ حسن وچائجي ويل ڏاڏي ۽ پيءُ تي صبر ڪري چڪو هو- هو پنهنجن ٻارن کي ديني علم سان گڏ دنياوي علم بہ سيکاريندو هو- هو ريشم جو سوداگر هئڻ سان گڏوگڏ عمدو مسلمان بہ هو جيڪو زندگيءَ جي پرخار ميدان ۾ لهندي ڊڄندو نہ هو. جن کي ننڍين ننڍين حڪومتن ۾ پيير ڪوڙڻ لاءِ تيار ڪيو پئي ويو- جيڪي دنيا جي سياست کي بهتر سُوجھ ٻُوجھ سان نباهڻ جي قابل هئا ۽ جن کي پنهنجي عقل تي بجا ناز هو- سندن خواهشون جاھ جي حُب لاءِ شديد نہ هيون ۽ سندن اميدون زندگيءَ ۾ قليل هئڻ سان گڏوگڏ جليل بہ هيون- جڏهن حسين چين، هندستان ۽ ترڪستان جي سير ۽ سفر کان بيضا واپس پهتو تہ سراءِ ۾ اجنبي ماڻهن جو انبوھ هو. انهيءَ جي باوجود جو سوداگرن جي موسم گذري چڪي هئي ۽ عيد جون تياريون ٿي رهيون هيون- سڄو ملڪ گلن سان سُرهو ٿي رهيو هو، وڻن جي ساواڻ ۾ هڪ عجيب دلربائيءَ جو شان هو- پاڻيءَ جي چمڪ وڌيل ۽ رواني تيز هئي ۽ سوس جي بيابان ۾ قافلن جي ڪوچ ڪرڻ جا طبل وڄايا وڃي رهيا هئا- نقارن تي ڏڪ لڳي رهيا هئا- آبادي ڪيڏي وڌي رهي هئي- رونق وڌيڪ ٿي وئي هئي- انهي گهماگهمي ۾ سڪون ئي ڪٿي هو-

حسين ڏٺو تہ سندس پوٽن کي ريشمي جبا پاتل هئا ۽ انهن جي گفتگو جي انداز ۾

نرمي ۽ ملائميت سان گڏ فخر هو، جنهن ۾ مردانگي گهٽ هئي- هو ننڍين حڪومتن جي موڪليل سوداگرن کي ريشمي چيني ڪپڙو ۽ بخمل ۽ ريشم هڪ بي نيازيءَ سان ڏئي رهيا هئا ۽ نون حاڪمن جي ذرڙين ذرڙين ڪنجوسين تي به بحث ڪري رهيا هئا- انهن مان جيڪو وڏو هو سو لاپرواهه ۽ شاهاڻا پار رکندڙ هو ۽ ننڍو نهايت چالاڪ، ذهين ۽ دانا ۽ ڳالهه جي تهه تائين يڪدم پهچڻ وارو هو- هو سياست جون رمزون سمجهندو هو.

جڏهن رَش گهٽ ٿي ته حسن جي وڏي پٽ پڇيو:

"چاچا سائين! اوهين رات جي قيام جو ارادو رکو ٿا؟"

حسين کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته هو ڇا چوي-

ڪڏهن ڪو پنهنجي گهر ۾ به اجنبي ٿي ويندو هو- ماڻهوءَ جي سڃاڻپ ڇا هوندي آهي پنهنجائپ ۽ اوپرائپ ڇا هوندي آهي ڇا رت جي سڃاڻپ به ڪا شيءِ آهي-

سندس سامهون سوال ڪي ورجايو ويو. شايد هو ٻڌي نه سگهندو هجي.

پوءِ هڪ غلام ويجهو اچي چيو: "اوهين رات جو قيام هتي ڪندؤ؟"

"حسن ڪٿي آهي؟"

"حضور وقت جي خليفي جي بيعت لاءِ بغداد تشريف ڪٽي ويا آهن. اوهان کي خبر ناهي اميرالمؤمنين مڪتفي بالله جو انتقال ٿي ويو آهي ۽ حواري نون نون ماڻهن جي بيعت جي دعوت ڏئي رهيا آهن. سلطنت جي مرڪز ۾ حالتون خوفائتيون آهن. خلافت جا ڪيئي داعي آهن ۽ مقتدر بالله اڃا ننڍو آهي جيڪو پنهنجي ترڪي ماءُ ۽ ترڪي سردار مونس جي نظر ڪرم جو محتاج آهي-"

"ڇا تون حسن جي ماءُ تائين منهنجي رهنمائي ڪندين؟ اُها مون کي سڃاڻندي آهي."

غلام غور سان جهڪي حسين ڏانهن ڏٺو. دير تائين ڏسندو رهيو ۽ پوءِ "آقا حسين!" چئي ساڻس ڇهتي ويو.

پوءِ ڊوڙندو، رڙيون ڪندو، 'آقا حسين! آقا حسين!' چوندو، اڱڻن ۽ ورانڊن ۾ ٻڌل اٺن ۽ گهوڙن وٽان گذرندو، اندروني گهر ڏانهن هليو ويو. سندس ساهه سيني ۾ سمائجي نه رهيو هو. هو اڌڙوٽ عمر جو نهايت مضبوط حبشي هو پر هاڻ ڪک وانگيان ڪنبي رهيو هو ۽ سندس وات مان ڳالهه نڪري نه رهي هئي، ڇڻ هُن ڪو جنّ ڏسي ورتو هجي-

زينب هن زندگيءَ ۾ پنهنجين اميدن کي حسين سان ٻيهر ملڻ جي خواهش کان خالي رکيو هو- هن ابو يعقوب اقطع جي بيماريءَ کان هيسيتائين جيڪي ڪجهه سَنو هو، سو سَٺ هو. حسن ڪيس نازڪ شيشي وانگر حفاظت ۽ محبت سان سنڀالي رکيو هو. هُوءَ هن لاءِ ننڍپڻ، جواني ۽ محبت هئي، ۽ ڏاڏي جي گُم ٿي وڃڻ کانپوءِ هنن ٻنهي هڪ ڊگهو سفر ڪيو هو- جڏهن شام متي، گهري ٿي ۽ ڏينهن جا قافلا رات جي سفر تي اُسهيا پئي ۽ تارن

وانگر مست انداز تي تيا. تڏهن زينب اميد ڀريل خيالن سان دعائن ۾ کين ياد ڪندي، جيڪي بنان ڪنهن ڏس ڏني ڪو نشان نہ ڇڏي ٽٽڻ وارن تارن جيان غائب ٿي ويا هئا. خبر ناهي هي رشتن، رت ۽ محبتن، وطنن ۽ انسانن جي محبت خدا ڇو پيدا ڪئي هئي! ڪيس اهو سنو ٿي لڳو تہ دليون هجر جي تاءَ سان تپيل رهن پر ڪير شعلن جي شدت محسوس نہ ڪري سگهي- خدا ڇو سندس مقدر اهڙو ٺاهيو هو! ڪيس اهو خيال ئي نہ هو تہ ڪو لمحو ايترو فيصلي ڪُن بہ ٿيندو آهي-

غلام کي ائين سهڪندي ۽ ڳالهہ ڪرڻ کان عاجز ڏسي هن هڪ ٻانهيءَ کي چيو تہ اُها ڪانئس معلوم ڪري.

"آقا حسين! آقا حسين! بس اِهو ئي چئي رهيو آهي."

زينب کي لڳو سندس سمورو وجود سُن ٿي رهيو هو: رت هڪدم دل ڏانهن وڌيو، ڇڻ طوفان جي تِک ڪنهن پراڻي بند سان ٽڪرائي ۽ ڪُوئن جي ٺُڪيل سوراخن منجهان اندران ئي اندران بنيادن ۾ داخل ٿي، ڪيس ڏوڙي، بس بيحال ڪرڻ واري ئي هئي.

چمڙي تي نهايت عمدي خط تي هڪ عبارت هئي جنهن کي حامد بن عباس بار بار پڙهي رهيو هو ۽ فارس کان آيل هڪ ماڻهو ان ملاقات جي ڪمري ۾ هڪ ڪنڊ ۾ پلٿي ماريو ويٺو هو ۽ ڏاڍو دلگير ٿي لڳو. حامد، ٻڏندڙ سج جي روشنيءَ ۾ جڏهن ٻانهين اجا شمعون نہ ٻاريون هيون، ان ٽڪري کي ڪئي ڀيرا پڙهيو-

"درود ۽ سلام!

"ابليس ۽ محمد ﷺ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو خاص مقام ناهي.

عزازيل پنهنجي مقام تان ڪري پيو جڏهن تہ محمدﷺ (متن درود و سلام)

انهن معنيٰ جي معنيٰ کي پروڙي ورتو

ابليس کي چيو ويو هو: 'سجدو ڪر'

۽ محمد ﷺ کي چيو ويو هو: 'ڏس'

سندن اکين ساڄي کاٻي نہ ڏٺو ۽ ڏوکو نہ کاڌو ۽ نہ ئي گمراهہ ٿيون

ابليس پنهنجي انڪار تي اقرار ڪيو

۽ پنهنجي حالت تي واپس نہ ٿيو

محمد ﷺ ڏسڻ کان پوءِ پنهنجي حالت تي موٽيا

آئون تو ۾ پنهنجي حيات ڀَسان ٿو ۽ توتي آڌاريان ٿو. تون دليون ڦيرڻ وارو آهين

تنهنجي حمد ڪيئن ڪيان جڏهن تہ تنهنجي ثنا ٿيڻ گهرجي

عرش واسين ۾ ابليس کان وڌيڪ ڪير عابد هو

هو اڪ ڇنڀ جي مهلت جي آگاهيءَ کان آگاه نہ ٿيو
هو شديد شوقن سان ڀرپور تنهائيءَ ۾ سندس حمد ڪندو رهيو
مٿس تهمت هڻي وئي جڏهن هو ٻيءَ تنهائيءَ تائين پهتو ۽ کانئس سوال ڪيو ويو جڏهن هن انئت اڪيلائي طلبي
خدا چيو: سجدو ڪر ابليس چيو: تو کان سواءِ ڪنهن کي بہ نہ!-
خدا چيو: پل توتي منهجو عذاب پوي؟
ابليس چيو: تنهنجي ڏنل عذاب سان مون کي تڪليف نہ ٿيندي
منهنجو انڪار تنهنجي پاڪيزگيءَ سبب آهي ۽ منهنجو عقل تو ۾ سرگردان آهي
آدم تنهنجي مقابلي ۾ڇا آهي ۽ آئون ڇا چوان اهوئي تہ توکي ڇڏي ٻي ڏانهن ڏسان
هُو غرور ۽ جلالت جي بحر ۾ ڪريو ۽ انڌو ٿي ويو.
هن چيو: منهنجي لاءِ سواءِ تنهنجي ٻيو ڪوبہ رستو ناهي آئون هڪ مصيبت زده عاشق آهيان
'تون مغرور ٿي ويو آهين.'
جواب مليو.
لامحدود وقت کان اڳ آئون صرف توسان آشنا هئس ۽ اهو آدم کان گهڻو اڳ هو
هاڻ جيڪڏهن تون مون کي ڇڏي ڏين تہ جدائي ۽ عشق هڪ ئي آهن
فاصلو ۽ قرب بہ هڪ ئي تہ آهن
آئون توسان ياد ڪيو ويندس ۽ اسين ٻئي لامحدود وقت جا ساٿي
اسان هڪ ئي تہ آهيون-"

ڇمڙي جي ٽڪري تي چڳا پکڙيل هلڪا ڪارا لفظ روشني پوڻ سبب خاڪي ۽ سونهري ٿي رهيا هئا. تهن پويان تهہ. قطارن پويان قطار وانگر جيڪي دشمن سان حملي لاءِ تيار هجن. وڪون گڏ ملائي. شام جي لالاڻ ۾ فاصلا ۽ رستا طئہ ڪن-
هن تاڙي وڄائي. پردن پويان کان حبشي مُندي ڪڍي ۽ آقا جي حڪم لاءِ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.
حامد بن عباس هن ڏانهن ڏسندو رهيو. هي ڪم حبشيءَ جو نہ هو.
"تون واپس وڃ!"
ٻانهيون، جيڪي شمعون روشن ڪنديون پئي ڦريون، هن تن کي چيو: "ڪنهن محافظ کي چئو عمار کي مون ڏانهن موڪلي."
بغداد جون حالتون ڏاڍيون خطرن واريون هيون. خلافت جي ٻيڙي ترندي ٻڏندي، مڪتفي بالله جي وفات کان پوءِ ڏاڏوڙا کائي رهي هئي. مقتدر بالله کي خلافت جي تخت تي رونق افروز ڪرڻ جي بيعت جو صلو عباس بن حسن هڪ وڏي رقم خزاني مان ڪڍرائي

حاصل ڪيو هو. انهي ڪان پهرين ڪڏهن به اهو فتنو ظاهر نه ٿيو هو، ۽ جيڪو شغب (مقتدر جي ماءُ) جو حڪم هو اُهوئي ٿيندو هو- هو پٽ جي الهڙ عمريءَ مان فائدو ڪڻندي، جيڪو گهرندي سو ڪندي هئي- دربار جي معاملن ۾ سندس عمل دخل تمام گهڻو هو. ۽ وري سندس منظور نظر ٻانهين ۽ خادمائن ۽ منڌل وارن وانگر معاملا هئا- ترڪ اندر ۽ بغداد ڪان پري تائين قرمطي پکڙيل هئا. زندگي درهم برهم هئي ۽ اهڙي وقت ۾ جڏهن هر وزير پنهنجي سسيءَ جي فڪر ۾ هو ابن منصور جي اُن ڏکهي مڪالمي ڪي پڙهيو وڃي رهيو هو. جيڪو هن ابليس جي شان ۾ لکيو هو. واڳونءَ واري غمخواري ڪير ٿي سمجهيو- پر حامد بن عباس ڪي ابن منصور جو فڪر لاحق هو-

اولهه ۾ بغداد جي حڪومت جي مقابلي ۾ مضبوط واسطن سان فاطمي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي. جيتوڻيڪ مڪتفي بالله عيسيٰ نوشري ۽ عبيدالله المهديءَ جي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. هيڏانهن حضرت جعفر صادق جا پٽ امام اسماعيل جي امامت جا قائل هئا ۽ هيءَ دعوت ڪا نئين نه هئي. انڪري اولهه ۾ ان جي قيام سان گڏ ئي يمن، بحرين، عراق ۽ خراسان ۾ عرصن ڪان مصروف مبلغن به پنهنجي قفس جا بند دروازا کوليا ۽ آسمان ۾ ڦند اُڇلڻ شروع ڪري ڇڏيا.

مونس ڏاڍو طاقتور هو. ان ترڪي غلام عروج ماڻيو هو ۽ دربار جي اڇي ڪاري جو مالڪ ٿي ويو هو. ڪانئس حامد بن عباس ڪي ڏاڍي چڙ هئي پر فتني سان منهن مقابل ٿيڻ ۽ اُن ڪي شڪست ڏيڻ جو حوصلو منجهس نه هو. هو سمجهندو هو ته سياست هڪ اهڙي ڏيڻ هئي جنهن ۾ هو گهڙندو هليو ويو هو ۽ انهيءَ وچ ۾ نَون عقيدن ۽ پراڻين رغبتن ڪي برباد ڪندڙ دعوائن پنهنجي جڳهه ناهي ورتي هئي. مذهبن ۽ فرقن جو ڪوئي شمار نه هو. ابن منصور جي انهن لکڻين ۽ رسالن سان ڪهڙو نقصان پهچي سگهيو ٿي.

عمار جڏهن اندر آيو ته حامد بن عباس اُن لکت طرف ڏسيندي چيو.

”هي ابليس جي شان متعلق هڪ دستاويز آهي.“ هن ڪلي متي ڏنو.

”آقا سيدي - ڪلهه جلابيا پاڙي منجهان هڪ عورت وٽان به اهڙا دستاويز مليا آهن. ماڻهو جڏهن گهبرائجي ويندو آهي ۽ انتشاري وقتن ۾ ڪيس ڪجهه ناهي سجهندو ته هو پنهنجي آٿت لاءِ اهڙن سهارن جي ڳولا ۾ نڪرندو آهي. جيڪڏهن ڪو انسان خدا هجڻ جي دعويٰ به ڪري ۽ اهو به واعدو ڪري ته هو نجات ڏياري سگهندو ته ڪير آهي جيڪو مٿس يقين نه ڪندو-“

هو چپ ٿيو ته وزير چيو:

”پر خدا جو قسم هي شخص نه- هي نه - نه نه ۽ هرگز نه.“ هن جوش منجهان چيو ۽ اٿي بيهي رهيو.

”آقا - اولھہ ۾ ھڪ پوري سلطنت اھڙن فتنن سان عالم وجود ۾ آئي آھي، ھي ابن منصور تہ ڪائي حقيقت نٿو رکي. سندس خط ۽ رسالا اوھان کي ڇو بيچين ٿا ڪن!“ عمار ويجھڙائپ ھئڻ سبب ذاتي سوال ڪري رھيو ھو.

حامد بن عباس پويان ھٿ ٻڌي ڪمري ۾ ھلي رھيو ھو ۽ پھرينءَ رات جو چنڊ دري جي اوٽ منجھان لھريلي واريءَ ۾ دٻيل سڪي جي ڪناري وانگيان ڏيکائي رھيو ھو.

”تون پڇين ٿو اھا ڳالھہ مون کي پريشان ڇو ٿي ڪري- خدا جو قسم انھيءَ جو جواب مون وٽ بہ ناھي پر ھنن فسادن ۽ فتنگين ۾ بہ ان ديواني جو خيال مون کي تڪليف ڏئي ٿو- عمار - تون ڪڏھن پنھنجي ساھہ جي خواب ڪان بہ حسين شيءِ متعلق ٻڌين تہ اُن تي تنھنجو نہ ڪنھن ٻئي جو قبضو ھو تہ تون ڇا ڪندين-“

عمار انھيءَ اوچتي سوال ڪان ھڪدم گھٻرائجي ويو. ھي عجيب پراسرار سوال ھو- ڪيس ساھہ ڪان عزيز سندس اھا عزت ھئي جيڪا ھن حامد جي ملازمت ۽ رفاقت مان حاصل ڪئي ھئي. ھُو ڪنھن طور بہ ان کي برباد ڪرڻ پسند نہ ڪندو. خبر ناھي تہ سندس آقا پنھنجي اندر ۾ ڪھڙو ڏک پاليو ھو؟ سندس سوز ۽ انتشار سندس سوچ جو اندازو ھو ڪيئن ٿي لڳائي سگھيو ۽ ھي ڳالھيون نھايت بي ربط ھيون- ھو تہ ھينئر ابن منصور جي ڳالھہ ڪري رھيا ھئا، ۽ ھن ٻيڙي وٽان جيڪو اذنُ مليو ھو سو ابن منصور کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ ڪافي ھو-

پوڙھي وٽ ٿيلھي ۾ ڪجھہ خط ھئا جيڪي ڪيس ترڪستان ڪان ابن منصور لکيا ھئا. انھن لکتن اھو ثابت ڪيو ھو تہ ھو پنھنجو پاڻ کي خدا ٿو سمجھي. ديوانو، خبط الحواس! پر اھا ڪيئن ڪيس اھا رات ياد اچي رھي ھئي جڏھن ھن کي زندان منجھان زبردستي ڪڍيو ويو ھو ۽ وري ھُو بغداد ۾ مرڳوئي ڏسڻ ۾ نہ آيو ھو!

۽ ھاڻ!

خبر ناھي ھو ڪھڙي فرقي جو مبلغ ۽ ڪھڙي امام جو داعي ھو-

عمار کي پنھنجي چوڏاري وري اُھائي فضا محسوس ٿي جنھن جي بار ڪان سندس دل ويھڻ لڳي. جيئن جبل ڏوڪيا وجي رھيا ھجن. چوڏاري ڪان آواز ۽ خوشبوئون ۽ نظارا ڪانئس اوجھل ٿيڻ لڳا. ھو ڄڻ زندان ۾ بيٺو ھجي-

ھن ڪنڌ کي ڏوٽيو تہ وزيراعليٰ پڇيو:

”گم ڇو ٿي وئين عمار! آئون چاھيان ٿو تہ ڪن نھايت ھوشمند جوانن کي موڪلي سندس خبر وٺ. ڪيس گرفتار ڪري بغداد جي بنديخانن کي زينت بخشي وڃي. جيڪي اسان جي پھچ ڪان پري آھن انھن کي وساري ڇڏ پر جيڪي اسان جي پھچ ۾ آھن انھن کي ڇو آزاد ڇڏيو وڃي.“ ھن نظر ڪٽي عمار ڏانھن ڏٺو، ”تون نيڪ تہ آھين.“

عمار ويهي رهيو ڇڻ ڪيس ساهه کڻڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي رهي هجي. روشنيون ۽ اونداهه ۽ هر شيءِ جيڪا سندس ڇوڏاري هئي مٿس حملي آور ٿيندي مٿس مسلط ٿيندي ٿي وئي، ۽ هن ساه کڻڻ لاءِ وات کوليو ته هن تي هوا به بند هئي-

هو پنهنجي آقا جي قدمن ۾ بيهوش ٿي ويو.

”موت به عجيب شيءِ آهي.“ حامد بن عباس چيو، ”عرش جي اتاهين کان زمين جي اونهائين تي جاري ۽ ساري آهي. ڪٿان کان ايندو آهي پير پير ۾ پائي- ڪيس ڪير موڪليندو آهي-“ هن عمار کي سڏيو: ”عمار- عمار!“

ٻاهر ٽتيهر رڙيون ڪندو دجلہ جي پاڻين تان پڙڪو ڪائي اڏامي ويو- هن پردي کي هٽائي ڏٺو. بغداد ۾ دريا جي ٻئي ڪناري تي محلات جون ڳڙڪيون روشن هيون ۽ موسيقيءَ جون دلنواز تانون رقص جي ڏنن ۾ سمائجي رهيون هيون، ڇڻ برف وڳهري شفاف پاڻيءَ ۾ بدلجي رهي هجي. جيئن زندگي ڳهلي موت جي ڏارا تي وهندي وڃي.

ريشم اُٺڻ وارن جي وسندين جي پڇاڙڪي چيڙي تي اُن هنڌان جتان نظر جي حد تائين سوس جي بيابان جي ڳاڙهاڻ مائل پوري ڪاراٽيل واري پکڙيل هئي، انهن حسين بن منصور کي ڳولي لڌو. انهن هر شيءِ کي ٽيڙي پکيڙي ڇڏيو هو ته جيئن ڪاغذ جو هڪ ذرو به جيڪو اتان ملي سو قبضي ۾ ڪيو وڃي؟ هنن لاءِ اهوئي حڪم هو-

حسين پنهنجيون بيپناهه اکيون ڪٽي نه ڏٺو. ذڪر جي محفل درهم برهم ٿيڻ بعد انهن مريدن درويشن پيروڪارن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ شريڪ ٿيڻ وارن کي گرفتار ڪري ورتو ۽ گهر گهر تلاشيون شروع ٿيون. حسين جا سپ رسالا، هندستان کان هن جي نالي آيل خط دعا لاءِ درخواستون جيڪي ترڪستان ۽ چين کان ڪڏهن ڪو آتش پرست ۽ ڪڏهن ڪوئي سوداگر ڪٽي ايندو هو- دنيا جي ڪنارن تائين ڪاروانن سان گڏ ڦرڻ وارا درويش ۽ راڳي ۽ زماني جا ستايل دربارن جي لاءِ وڃڻ وارا طالع آزما ماڻهو به اهي پيغام آڻيندا هئا-

هندستان وارن ڪيس مغيث، ترڪستان وارن مقيت، خراسان وارن مميز، خراسان وارن ابو عبدالله زاهد خوزستان وارن شيخ حلاج الاسرار ۽ بغداد کان آيل خطن ۾ مصطلم لکيو هو.

گهر جي پڙتال لاءِ اچڻ وارن منجهان هڪ حسين کي گهيريو هو ۽ ٻيا گهر کي ۽ حجري کي درهم برهم ڪري رهيا هئا. ڪلام پاڪ جا حاشيا ۽ تفسير ۽ اڻواقف زبانن ۾ لکيل لفظ- انهن جي تلاش هئي- هنن سندس گودڙي به لهرائي ان جي پڙتال ڪئي. پر ان منجهان ڪجهه نه مليو.

”حيرت آهي هن تباه حال شخص لاءِ اسان کي هيڏي فاصلي تي موڪليو ويو. جنهن جي گهر ۾ ڪا شيءِ سلامت ناهي. مهمانن لاءِ ڪو به بندوست ناهي ۽ اچڻ وارن جو سلسلو اَٽڪُت هجي ته ڪهڙو بندوبست ممڪن هوندو-“

پوءِ سوس جي بيابان جا اڻ مندائتا طوفان بي وقت اپريا ۽ فنا جي هوا بنجي تيز ڪڙڪن سان هر طرف پکڙجڻ لڳي. حسين پنهنجن مهمانن ڏانهن ڏٺو. خوف منجهان سندن رنگ پيلا پئجي چڪا هئا ۽ ڪنبي رهيا هئا. اهڙيون خوفناڪ صحرائي صدائون هنن پهرين ڪڏهن نہ ٻڌيون هيون.

حسين آڳ اُپي ڪئي ۽ دنيا جو ساهہ بيهي رهيو. ڪيس گرفتار ڪرڻ وارن ٻيو ڪجهہ نہ ڏٺو صرف اِهو محسوس ڪيو تہ واچوڙن ۽ طوفانن هڪدم پنهنجا دامن ويڙهي ڇڏيا هئا.

وري اُهوئي بغداد هو ۽ ان جون رونقون جيئن فنا جي هوا جا هيراڪ ماڻهو ان ۾ ساهہ کڻندي ئي پنهنجي بقا ماڻيندا آهن اهڙيءَ طرح فتنن ۽ بغاوتن، جوڙ - توڙ ۽ سازشن جي ماحول ۾ بہ دجلہ نهايت سڪون سان پنهنجن پنهي ڪنارن وچ ۾ محلاتن، باغن ۽ پنهنجي سُندرتا سان وهي رهيو هو. ان آئيني ۾ جيڪي بہ هو ان جو عڪس ڏيکاريندڙ ڪنبائيندڙ ۽ ناپائدار هو.

معتضد جي زماني وارا گيڙو رنگ عماما اوڍيل ماڻهو هاڻ ڪڏهن ڪڏهن نظر آيا ٿي، ائين ناهي تہ ڪو شهر هاڻ ذمين، نصرانين، مجوسين، يهودين کان خالي ٿي ويو هو بلڪ سندن جانشينن انهن سمورين پابندين کي غير ضروري سمجهي انهن جي طرف کان چشم پوشي شروع ڪري ڇڏي هئي- چئني طرفن کان هڪ تَري پڳل پيالي جي پاڻيءَ وانگر خلقت جو سمنڊ مسلسل شهر ۾ گهڙي ايندو ٿي رهيو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طور پنهنجي جڳهہ ناهڻ ۾ جُنبِي ٿي ويو. سوداگرن ۽ قافلن جي ڏوم ۽ اچ وڃ سان هڪ اهڙي ميلي جهڙو سماءُ هو جنهن ۾ ماڻهو آخري تماشو ڏسڻ لاءِ هڪٻئي تي ڪِري ٿي پيا پر هڪٻئي کي برداشت بہ ڪندا ٿي رهيا.

نظاميہ مدرسي ۾ جُنيد درس ڏيندي ماٺ ٿي ويو هو- هن هٿ جي اشاري سان سيني شاگردن کي ٻاهر وڃڻ جو حڪم ڏنو- هو خالي درسگاهہ ۾ خالي الذهن ويٺا هئا ۽ سندن دل هڪ نئين وحشت کي ڏسي ڏڪي رهي هئي.

هو حسين ابن منصور کي پير ڪڙن ۾ وني آيا هئا ۽ ڪيس بنديخاني ۾ وجهي ڇڏيو هئائون. جڏهن هو مجنون هو ۽ وادي فاطمہ جي صحرا ۾ سفر ڪندو هو تہ هڪ قافلي وارن جي زباني انهن ٻڌو هو تہ ”اناالحق“ چوندو هو - پوءِ زمانا ٿيا تہ سندس ڪابہ خبر نہ آئي ۽ اوچتو ڪيس بغداد ۾ آندو ويو. ديوانگيءَ ۽ هوش جون وچٽريون ڪڙيون سندن نظر کان حجابن ۾ هيون. انهي دوران ڇا ٿيو هو- هو ديوانگيءَ مان هوش ۾ آيو هو. هو پاڻ کان ورتو ويو هو ۽ وري موٽايو ويو هو. هو پاڻ کان گم هو ۽ ان ۾ قائم هو. پوءِ هو پاڻ ۾ قائم ڪيو ويو هو ۽ بندهءِ خدا هو. دنيا ۾ رهڻ جي قابل. اهي منزلون هيون جن تان گذرڻ، پنهنجا درس

پنهنجي لاءِ پاڻ پسند ڪري، ۽ پنهنجي تعليم پنهنجي تربيت شامل هئي. اهڙين راهن ۾ مرشد شفقت جو هٿ سندس مٿي تي رکندا هئا ۽ سندس اونداهيون راهون روشن ٿينديون هيون پر ان نورمبين جي روشني تہ ماڻهوءَ کي اندر ۽ ٻاهر کان روشن وجود بنائي ڇڏيندي هئي. حسين کي ڪهڙو واقعو پيش آيو هو!

جڏهن شام جون اذانون، ٻڏندڙ سج جي سرخيءَ ۾ ڳاڙهاڻ مائل پاڻيءَ تي تيز لهرن جيان پکڙيون. جبلن ۽ بيابانن ۾ هوا پنهنجا ڊگها پلئہ کڻي اُڏامي تہ جنيد اٿيو ۽ نماز لئہ مسجد ۾ داخل ٿي ويو هو.

حسين زمين تي لِيڪا ڇڪي رهيو هو جڏهن شبليءَ ڪيس جهروڪن پار کان آواز ڏنو:
"ابن منصور!"

ابن منصور ڪنڌ کڻي نہ ڏٺو تہ هن ڪن پويان هنيل گلاب آگرن سان کڻي، هن ڏانهن اڇلايو:

"جيڪو تنهنجو حال آهي اهوئي منهنجو آهي، پر تو ان کي ماڻهن تي ظاهر ڪري ڇڏيو، "تنهنجي عقل توکي هن حال تائين پهچايو."

حسين اهو گل شبليءَ کي ڏيندي چيو:

"ياءُ، وقت جو انتظار ڪر!"

"خدا جو سُنهن، ابن منصور! آئون ان لمحي کان خائف ناهيان پر مون کي رِيس ٿي ٿئي." شبليءَ گل وري ڪن پويان هٽي ڇڏيو.

"شبلي! منهنجي هڪ سوال جو جواب ڏي - جڏهن موليٰ هڪ شخص کي سندس نفس جي قبضي مان آجو ڪري پنهنجي رغبت جي بساط تائين پهچائي ڇڏيو، تون انهيءَ کي ڇا سمجهين ٿو." حسين جون نگاهون شبليءَ جي منهن تي اُڀرندڙ تاثرن جون ڳولائو هيون.

هڪ نوراني مرڪ شبليءَ جي ويران منهن تي پکڙي، جيڪا سندس وجود منجهان ائين ظاهر ٿي رهي هئي جيئن لهرون چمي رهيون هجن. هو وبهي رهيو. پوءِ هن پنهنجي آگر سان سامهون زمين تي لڪيرون ڪڍيون.

الله ڏانهن چاهہ ڪان وڏيڪ ڪهڙي جنت هوندي! جنت بہ تہ ان چاهتنا سبب جنت بڻي آهي، ۽ اهڙي نفس لاءِ اُها خوشحالي آهي ۽ پلاري آهي جيڪو موليٰ جو اطاعت گذار هجي ۽ سندس قلب ۾ حقيقت جا آفتاب چمڪي رهيا هجن."

حسين چيو: "شيخ ڪامل کي چئجو تہ منهنجي لاءِ دعا ڪن چو تہ ماڻهن ڪندن سان راهون پيري ڇڏيون آهن منهنجي چوڌاري افسانا ناهي ڇڏيا آهن."

"نہ - ماڻهو افسانا ناهن ناهيندا صرف پنهنجن خيالن کي نَوان جاما پهرائيندا آهن، جيڪي انهن پاڻ تيار ڪيا هوندا آهن،" شبلي وري ڪليو.

”شايد،“ حسين نهايت عاجزيءَ منجهان ٻيهر چيو، ”شايد.“

”تو وجد کان عاجز ٿي جيڪي چيو، جيڪي ڪيو، انهيءَ کي انهن وجد کان بحث تائين اڪر بہ اڪر تسليم ڪري ورتو هو. ان ۾ ڪجهہ سندن ديوانگي بہ شامل هئي ۽ عام ماڻهو بہ تہ ڪنهن خيال جي پاڇي کي پَرَ ۽ پُرزا پاڻ ئي لڳائي ڇڏيندا آهن.“ شبلي حسين جي ٿاهيل ِليڪن کي غور سان ڏسي رهيو هو.

”شايد،“ حسين وري چيو، ”شايد.“

”حامد بن عباس نهايت سخت گير ماڻهو آهي. آزادي ۽ ڇوٽڪارو ڪجهہ دير سان ٿيندو.“ شبليءَ دالانن کان پريان انهن آوازن ڏانهن ڏيان ڏنو جيڪي جيئن پوءِ تيئن وڌندا، ڏانهن ويجهو اچي رهيا هئا.“ ”هيننر هي ليڪا ڊاهي ڇڏ. اهو سوال وقت کان اڳ ۽ تمام وڏو آهي - تون ڇو اهڙي سرخروئي گهرين ٿو!- ڏس، دشت بي دُوار آهي، ڪير هجي، جو اهڙيءَ حالت جي حاجت روائيءَ لاءِ اچي.“

حسين بي پناهہ اکين سان شبليءَ ڏانهن ڏٺو جن ۾ نہ زندگيءَ سان محبت هئي نہ جيئڻ جي خواهش، ۽ نڪي دعا لاءِ بيقراري هئي. فقط بي انجام تپش هئي ۽ عشق ۽ هجر جي مسلسل داستان جو هڪ باب درج ٿي رهيو هو.

شبليءَ منهن ڦيري ڇڏيو ۽ موٽي آيو. ”ديوانو هميشه ديوانو ئي رهندو.“

بغداد ۾ هيءُ سال وبائن ۽ آسماني آفتن جو سال هو.

ان ڏينهن صبح کان برفباري ٿي رهي هئي. گهر اچي چار سان ڍڪجي رهيا هئا، ڇڻ انهن تي ڪفن پوندو رهيو هجي. وڻ پنهنجين ٽارين سميت جهڪي سجدي ۾ وڃڻ جي ڪوشش ۾ اهڙن ماڻهن وانگر لڳي رهيا هئا جن پهريون ڀيرو نماز لاءِ جهڪڻ گهريو هو، پر مٿن رڪوع جي حالت ۾ سڪتو طاري ٿي ويو هو.

گذريل شام عجيب هيبت پري هئي، هوا ۽ سخت سِيءَ ۾ بيچين پکي آکيرن ۾ آرامي ٿيڻ بجاءِ رڙيون ڪندي اُڏامي رهيا هئا ۽ شام جي لالائي ڪوهيڙي جيان مٿي چڙهندي، پکڙجندي، ويهندي ۽ اڏندي لڳندي هئي.

پاڻيءَ جا پکي دريا ۾ هينئ تائين ۽ پوءِ فضا ۾ گهتون هڻڻ، دائرا ٺاهڻ ۽ چڪر ڪاٽڻ لڳا. ڪانگ سَوَن جي تعداد ۾ ڪان ڪان ڪري رهيا هئا ۽ سرٽيون ڪنڪين ڪيڏيون، ڪرنديون، اٽنديون ۽ منحوس آوازن سان آبادين تي لامارا ڏئي رهيون هيون.

جڏهن اذانن جا آواز رعب ۽ جلال سان گڏ آسمان ۾ اُڀريا، هَوا ڇڻ هڪ قرار وڃڻ واري بيچين بيمار وانگر ٿوري جهڪي ٿي، بيٺي ۽ پنهنجو دم ساهيائين- پوءِ ڪارين گهٽائن جي پيچدار وَرن شهرن جي روشن ۽ زندگيءَ جي رونق سان ڀرپور خالي جڳهين ۽ ويرانن کي ائين ڍڪي ڇڏيائين ڇڻ ننڊ ڇنيرن کي ڳوُرو ڪري، اکين تي ڇانئجي وڃي.

حامد بن عباس سياست جي شطرنج تي هڪ مرندڙ مهري مثل هو. سندس پٽ حسين ڪيس ڇڏي اولهہ ڏانهن عبيدالله المهدي وٽ وڃي چڪو هو. سندس تربيت لاءِ حامد جون سموريون ڪُٽيون نيٽ شڪست کائي چڪيون هيون. محبت جي راهہ ۾ سندس مايوسيون المناڪ هيون - ڪيس خبر هئي تہ هڪ لمحي لاءِ بہ انهن ساڻس پيار نہ ڪيو هو. محبت ڪهڙي شيءِ آهي - قهرمانہ، گلرنگ ۽ سوين ترڪي ٻانهين جن سان سندس حرم ڀريل هو، يهودي، نصراني ۽ نسطوري عورتون جن سان سندس محل انڊلٽ ريڪائن جو گمان ڏيندو هو، هو انهن جي بيش بها لباسن ۾ لڪل سراپن کان بہ آشنا هو، پر سندن دليون! دلين تائين ڪڏهن بہ ڪو پهچي ناهي سگهيو. دل جي دنيا ڪهڙن نالن سان آباد هوندي آهي ڪنهن کي خبر پئجي تي سگهي؟

ساڻس ڪنهن ڪڏهن محبت نہ ڪئي هئي-

ناهڻ ۽ ڊاهڻ، دربار جي سياست ۾ دوستن ۽ دشمنن جي تعداد جو حساب رکڻ، اڳتي وڌندو رهڻ ۽ پنهنجي جڳهہ تي برقرار رهڻ ۾ هڪ زمانو گذري ويو هوس. سندس وارن جي ڪاراڻ ۾ رک پنهنجا جهول ڇنڊيا هئا ۽ دجلہ جي ڪناري اُن محل ۾ جتي بيشمار داروغا ۽ محافظ هئا هو ذري گهٽ اڪيلو هو. تنها - هو ڇو تنها هو؟

عذاب جي هڪ وجود رجائي وجهندڙ خيال سان مٿس ڪنبٽي طاري ٿي وئي. هن هي سمورو دنياوي دولت، جاهہ ۽ جلالُ ڇا جي ڪري پنهنجي چوڌاري سهيڙيو هو، جڏهن تہ سدا ان ڍير ۾ هو پاڻ دفن ٿيندو رهيو هو، سندس سمورين ناڪامين ۽ نامرادين جو ذميوار فقط هڪ شخص ئي هو. هڪ گدڙي پوش- هو پنهنجو انتقام اُن جي ذلت سان ئي پورو ڪري ٿي سگهيو.

هن تاڙي وڄائي.

”جيڪي قيدي سوس منجهان آندا ويا آهن. انهن منجهان ابن منصور کي حاضر ڪريو پر سندس زنجير کولي ڇڏيو. آئون هن سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ گهران ٿو.“

جڏهن ڪيس پيچدار راهدارين، اڻ ڳڻت سُرنگن ۽ اڏو ڳابرين اونداهين راهن تان آندو ويو، تہ هو نڪي هيسيل هو نہ هارايل- نڪي اُجهاٽل نہ ئي شرمسار هو - سندس مُک تي هڪ عجيب بينيازي هئي جيڪا پنهنجي انجام کان بي پرواهہ هجڻ واري ماڻهوءَ ۾ اُپرندي آهي.

”توکي هن طلبيءَ جو مطلب معلوم آهي.“ حامد نهايت گهمنڊ مان چيو.

حسين ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

”ڇا تون ابليس جو پرستار ۽ ڪنهن پراسرار مذهب جو داعي آهين.“

اُهائي ماٺ هئي.

”خدا تنهنجو منهن ڪارو ڪري، ڇا تون منهنجي ڳالهہ ٻڌي نٿو سگهين يا ٻوڙو آهين-“

حامد جي منهن جي چمڙي برف جي نوڪدار ڳنڍي وانگر ڏڪوئيندڙ ۽ ٿريل هئي.

”شيطان پرست ۽ جادوگر! خدا جي خلق کي خراب ڪرڻ وارا- خدا کان گمراه!“ حامد ڏند ڪرٽيندي چيو. هو ڪمري ۾ هلي رهيو هو ۽ ڏاڍيءَ بيقراريءَ منجهان ڪوڙي کي هر هر هڪ کان ٻئي هٿ ۾ جهلي رهيو هو.

”وزيراعليٰ حامد بن عباس! ڇا هن پريشان حال زماني ۾ منهنجو مسلڪ ايترو اهم مسئلو آهي جو آئون اڌ رات جو سڏايو وڃان.“ خالي ڪمري ۾ حسين جو آواز اُڀريو-

”تنهنجي جڳهه صرف ۽ صرف جهنم آهي.“ حامد زور سان چيو.

”آئون ته هتي سڏايو ويو آهيان.“ حسين نهايت آهستگيءَ سان چيو.

حامد نڙيءَ منجهان عجيب آواز ڪڍيا، پر چيائين ڪجهه ڪو نه.

”توکي خبر آهي ابليس جي پرستش جي ڪهڙي سزا آهي.“ ڪافي دير بعد وزيراعليٰ چيو.

”آئون ابليس جو پرستار نه، سندس همت جو قائل آهيان پر سزا جيڪڏهن منهنجي مقدر ۾ آهي ته ان لاءِ به تيار آهيان.“

”سزا جو مفهوم جيڪڏهن تون ڄاڻين ها ته ان کان پناهه گهرڻ جي درخواست گهرين ها. عميق ترين جهنم کان به وڌيڪ تڪليفده - خدا جو قسم تنهنجو هڪ هڪ سَنڌُ وڍيو ويندو. گوشت ٽڪرا ٽڪرا ڪري الڳ ڪيو ويندو. تند تند منجهان ساهه الڳ الڳ ڪڍيو ويندو- ڇا انهيءَ اذيت جي سهپ هوندئِي ؟“

حسين جو منهن ٿڙي پيو پر هن ڪنڌ ڪٺي نه ڏنو.

”ڇا تون ديوانو آهين.“

حسين جو ٿهڪ سَوين پڙاڏن سان پٿين ۽ پردن، ڇت ۽ ڳڙکين ۾ سُري ويو. ساز، جام و مينا ڇڻڪ سيني ان ٿهڪ کي جهلي ورتو هو. ٻاهر دجله جون لهرون به مستيءَ منجهان اٿلون ڪائڻ لڳيون ڄڻ ان بيپناهه ٿهڪ جي سيلاب ۾ شريڪ ٿيڻ گهرنديون هجن.

حامد بن عباس کي پهرين ملاقات به ياد هئي، انهيءَ ڪري هن حسين کي ان دروازي منجهان جيڪو صرف سندس لاءِ مخصوص ۽ ڳجهو هو ڪولي برفبار رات ۾ ٻاهر ڌڪي ڇڏيو.

”وڃ، خدا تنهنجو منهن ڪارو ڪري. آئون ٻيهر توکي بغداد ۾ نه ڏسان نه ته انهن شعبدن جي باوجود توکي قتل ضرور ڪري ڇڏيندس. تنهنجو انجام سٺو نه ٿيندو.“

”تنهنجو مسئلو منهنجي سمجهه ۾ اچي به ٿو ۽ نه به.“ خراساني نانوائيءَ تندور تي جهڪي، نانن کي اٿلائيندي پٿلائيندي چيو: ”تون چوين ٿو تو لاءِ بغداد ۾ رهڻ ضروري آهي.“ هن ٽپش منجهان ڳاڙهي ٿيل منهن تان پگهر اُگهيو.

”جڏهن تون وزيراعليٰ کان ڳجهو رهندين ته شهر ۾ ڪهڙيءَ طرح رهندين- قاضي

عمرو جيڪو مفتي آهي سندس ڏاڍو عزيز دوست آهي. هو تو کي ڳولي وٺندا. ڇا اهو ممڪن ناهي تہ تون يمن هليو وڃين يا فارس يا عراق. خدا جي زمين ڏاڍي وسيع آهي. هر ملڪ اسان جو ملڪ آهي، جو اسان جي خدا جو ملڪ آهي.“ هن ڪلنديءَ نان هڪ ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهيا.

”نہ مون کي حڪم هتي جوئي آهي.“ حسين چنٽي طرف نگاهہ وڌي.

”ڪير تو لاءِ اهي حڪم ڏيندو آهي؟“ نانوائيءَ حيرت منجهان پڇيو. هو ڏاڍو سوچيندي دير تائين گهرين نظرن سان حسين ڏانهن ڏسندو رهيو، ايستائين جو تندور منجهان نيرو دونهون نڪرڻ لڳو ۽ فضا سڙڻ جي بوءِ سان ڀرجي وئي.

هي دارالحربيہ ۽ شهر کان ٻاهر گهرن کان پري جهنگ وچهو هڪ قلعي نما گهر هو، جيڪو هاڻ سراءِ بنايو ويو هو. انهيءَ طرف کان ڪاروانن جو گذر تمام گهٽ ٿيندو هو ڇاڪاڻ تہ آباد شاهراهہ ٻئي طرف ۽ صاف هئي. اها جاءِ ڀهريون پيرو جنهن خريد ڪئي هئي ان کي بگهڙ ڪاڌو ۽ هو مري ويو. سندس پٽ ان جڳهہ کي منحوس سمجهندي ڪڏهن ان ۾ رهڻ پسند نہ ڪيو. هونئن بہ هو دربار ۾ ڪاتب هو ۽ شهر جي زندگيءَ جو عادي هو.

تہ خانن ۾ اونداهن چڪردار ڏاڪڻين وسيلي داخل ٿبو هو ۽ پرپيچ سوڙها رستا جهنگ ۽ غارن ۾ کُلندا هئا. هيءَ اهڙي جڳهہ هئي، جتان سازشون ۽ بغاوتون اُسرنديون نِسرنديون آهن. ڪاروان سراءِ بنجڻ بعد ان ويرانيءَ ۾ زندگي ۽ رونق موٽي آئي. خراسانيءَ جو مزاج عمدو ۽ چاڻ بي انتها هئي. هو هڪ داستان طراز ۽ راڳي ئي نہ، شاعر بہ هو. انهيءَ ڪري بغداد جي ناڪام راڳين، دربار جي اميد ۾ عمر گذارڻ وارن شاعرن، بي گهر رولاڪ سپاهين، خوابن ۽ ياڇن ۾ پناهہ وٺڻ وارن نيم ديوانن، سياست کان بيزار ۽ ناڪام ٿي گوشي نشين ٿيڻ وارن طالع آزمائن جون شامون گهڻو ڪري هتي ٿي گذريون. هيءَ محفل جانان ائين آباد هئي.

تہ خانو حسين لاءِ عمدي پناهہ گاهہ هو. ياٽيءَ جي ذميواري علي بن احمد نانوائيءَ ڪنئي هئي ۽ هن ڪجهہ سرون ڪڍي هوا لاءِ هڪ ڳڙکي ٺاهي هئي. ۽ قلاش درويش جي وجود کي هن پنهنجي سراءِ لئہ بابرڪت سمجهندي، سندس سموريون خدمتون پنهنجي ذمي ڪنيون هيون. خدا سان محبت ڪرڻ سندس بندن سان محبت ڪرڻ آهي ۽ ڪيس خدا کان ڪا شڪايت بہ نہ هئي. حسين جي اچڻ کان پوءِ ڪاروبار ۾ گهڻو اضافو ٿيو هو. بغداد ۾ سراءِ جي نانن جي گهرج يڪدم وڌي وئي هئي. ڪاروان وڏي شاهراهہ ڇڏي اتان کان گذرڻ ۽ قيام ڪرڻ لڳا هئا ۽ راتين جي ڇَهل ڇَڪور سبب هڪ نهايت آباد ميلي جيان گمان ٿيندو هو. ماٺهن ويجهڙائيءَ وارن ڳوٺن کان ڪاروان وارن لاءِ ماني ۽ مکڻ ۽ ضرورت جون ٻيون شيون آنديون ٿي. ڳالهين، ٿهڪن جو گوڙ ڪڏهن دالانن منجهان ٿيندو، پٽيون پار ڪري هوا لاءِ ٺهيل ننڍڙي ڳڙکيءَ منجهان پار ٿيندي، حسين تائين پهچندو هو، تہ ڪيس بيضا ياد اچڻ

لڳندو هو. جتي سندن ڏاڏي جي زماني ۾ اهڙيون رونقون رهنديون هيون. منصور جي زندگيءَ جي ڪمان جنهن جا ٻئي ڇيڙا اٽڃاٽائيءَ جي رُخن تي آڌاربل هئا ۽ اڌ دائرو سندس سامهون هوءَ سندس پيءُ اوچتو وجائجي ويو هو.

زمانا ٿيا هئا، جو ڪيس پنهنجي خبر به ته نه ملي هئي-

۽ هاڻي به ڪيس پنهنجي خبر ڪٿي هئي. جيئن وِچ جي روشني ڪڪرن جي ڪاراڻ ڪي ڪجهه ساعتن لاءِ وڌيڪ نمايان ڪري ڇڏيندي آهي، سندس وجد، حجاب، هوش ۽ مدهوشي، هڪ ڦٽڪي وانگر لهرايو ويندو هو پر لهرائڻ واري هٿ جي آگاهي سندس حيات جو حاصل هو-

هُو هڪ عاشق هو جنهن کي محبت جي شراب مدهوش ڪري ڇڏيو هو.

هُن ظاهري لباس کي تار تار ۽ خوديءَ جو لبادو چاڪ ڪري ڇڏيو هو.

اُن هڪ نالي جو پڙاڏو

محبت جو نغمو هئي-

بغداد هن لاءِ پنهنجين جُولانين ۽ رنگنين، پنهنجين غلاظتن ۽ دل آويزين سميت هڪ حڪم هو ۽ ڪيس هتي ئي منتظر رهڻو هو. هو سُوس جي دشت ڪان هتي آندو ويو هو ته آه و زاري ڪندي هو محبت جي راهه ۾ رفيقن کي ڳولي، ڪين پنهنجي نغمي ۾ همنوا بنائي ۽ محبت جي درس کي عام ڪري. پر سمنون محبُ ڪيس ڪٿي ڏسڻ ۾ نه آيو. سندس دل جي پردي تي هن جي تصوير جو عڪس نه پيو. شبلي سندس محبت جي بساط ڪان پري هو. جُنيد ڇاڻندو هوندو جئين بايزيد ڇاڻندو هو - ابن عطا جي دل به ان عشق جي نغمي کي سندس همنوائيءَ ۾ ڳائيندي اهڙي ئي هئي جيئن ريشمي ڪپڙي کي باهه چنبڙي پوي ۽ ان کي شعلو بنائي ڇڏي. محبت جي راهه ۾ پيلا ڪير ڪنهن جو رفيق ٿي سگهيو ٿي-

فضا ۾ ايتري بيقراري هئي ۽ ايتري خاموشي ڄڻ طوفان ڪان پهرينءَ جي مانار هجي.

خراساني سراءِ ۾ ماڻهن جي انبوهه (ڪاروانن جي اچ وڃ ۽ ميلي جهڙي ڪيفيت ۾ گهٽتائي اچي وئي هئي جيئن ته هي پويون تاريخون هيون ۽ چند گهٽجي رهيو هو. سمنڊ ڪناري ڪان پري هتي ويو ۽ ان جي گوڙ ۾ ڪمي اچي وئي هئي، ڇاڪاڻ ته حسين تي هڪ گمشدگيءَ جهڙي ڪيفيت طاري هئي ۽ خراساني پنهنجن ساٿين سان گڏ گهڻو وقت تهه خاني ۾ گذاريندو هو.

حسين جو اناالحق هاڻ هڪ الهامي ڪيفيت بنجي انهن جي وچ ۾ ٻرندو هو- هي لفظ سندن امانت هو جنهن لفظ جي حفاظت هو پنهنجي جان ڪان وڌيڪ ڪري رهيا هئا. ائين لڳندو هو ڄڻ عرش انهن جي وچ ۾ لهي آيو هو ۽ ان جي عڪس کي دل آئيني وانگر پاڻ ۾ ڏسي رهي هئي جيئن مڪي جي پهاڙين وچ ۾ خليل الله پنهنجي زال حاجره ۽ ننڍي ٻار

اسماعيل عہ سان گڏ عرشُ لٿو ۽ صفا ۽ مروه وچ ۾ قبہ زم زم ۾ آباد ٿيو هو. حسين جي دل ۾ بہ عرش معليٰ لهي آيو هو! پنهنجن مڪينن سان سينگاريل تارن سميت آفتابن ۽ ماهتابن کان روشن تر!

نصر قشوريءَ جڏهن اجازت گهري تہ هو هن سال امير حج بنجي حرمِ ڪعبي وٽ رهيو آهي تہ حسين کلي چيو:

”تون منهنجو طواف ڪري چڏ - منهنجي چوڌاري ست ڦيرا چڪر لڳائي ڇڏ.“

نصر جي اکين ۾ جذبن جي شدت کان لُڙڪ هئا. هن جهڪي زمين تي سجدو ڪيو. ان مصيبت ۾ ورتل حالت ۾ جڏهن هر لمحي ٻاهر وارن جي گهڙي اچڻ جو خطرو هو، ڀلا حسين کي هو ڇڏي وڃي سگهيو ٿي؟ ذڪر جي محفل ۾ هو سڀ پنهنجو پاڻ وساري مگن ٿي ويا هئا ۽ سراءِ جي دروازي کي بند ڪري ڇڏيو هئائون. خراسانيءَ وٽ وقت ڪٿي هو؟

اُهي بي پناهہ اکيون بيدار ۽ هوشيار هوريان هوريان ”اناالحق“ چئي رهيون هيون. جسم جي وار وار منجهان اناالحق جي صدا اچڻ لڳي هئي ۽ پوءِ خراساني سراءِ ۽ سڀ ڪجهہ جيڪي ان ۾ هو، چڻ سڄي ڪائنات اُن صدا ۾ سمائجي وئي- عقل ۽ هوش، قلب ۽ نظر سڀ-

”جيڪڏهن آئون خلقيل تي ڪري ”آئون“ چوان
۽ هو بہ ”آئون“ چوي
تہ اها منهنجي توحيد تي
هو منهنجي توحيد ۽ مون کان پاڪ آهي
جيڪڏهن توحيد ڏانهس موٽي وڃي ٿي، آئون چوان ٿو ان کي واحد ڏانهن موٽڻو آهي.
تہ آئون توحيد کي بہ خلق ٿيل چوان
۽ وري خلق ڪرڻ واري جو تخليق سان رشتو؟
توحيد تہ الله کان الڳ آهي.“
هڪ ذرو قطرو پنهنجي شديد شوق ۾ وڌي ڪري بحر بنجي ويو هو-

سُڪل مُنهنِ وارا ماڻهو حيرت زده، چپ چاپ، بت بنيا ويٺا رهيا تہ جيئن حسين اُن محويت مان ٻاهر اچي.

سندس اهڙو مستانو نعرو!

شبلي تهہ خاني جي دروازي وٽ ويٺو هو ۽ گل سُنگهي رهيو هو.

”حسين! تون تہ جرئتمند ۽ بهادر آهين. جيڪي ڪجهہ تنهنجي سپرد ڪيو ويو آهي ان کي راز ۾ رک. تنهنجي فهم ۽ فراست کان اهو سڀ مٿي آهي انهي کي لفظ نہ ڏي. ها، لفظ لامحدود کي محدود ڪري ڇڏيندا آهن. لفظ! - ۽ اهو راز عيان ڪرڻ مُٺ اُپٽڻ آهي. انهيءَ جي سزا سخت آهي حسين- گمراهيءَ کان بچ.“

ته خانو سنسان بريت جيان هو. ماڻهو سڪتي ۾ هئا ۽ اُهي اونڌا گوڏا ڪيو وينا هئا: ۽ حسين جي گهرين رت رڱيل اکين منجهان ڳوڙها وهي رهيا هئا. سندس بت تي ڪنبڻي طاري هئي ڄڻ زورائتو سيءُ تپ چڙهي رهيو هجيس. سندس جان اينتري بيتاب هئي، جو تپش جون لهرون بين دلين تائين ائين وڃي رهيون هيون ڄڻ سج جو سازيندڙ تاءُ هجي. توري تورىءَ دير کان پوءِ سندس وجود ائين ڏڏي تي ويو جيئن ٻار ميوي لاءِ وڻ کي لامُن کان جهلي ڏوڙين ۽ جڏهن انهي لام کي ڇڏين ته اُها پوري زور سان بين تارين سان وڃي لڳي.

شبلي تڙپ جي اها ڪيفيت ڏسي اڳتي وڌيو.

"حسين!" هن سڏيو.

وڄ جي چمڪات سندس وجود ڇهي ورتو. ڪيس بيقراريءَ ۾ موت جي ساهه جي سردي چئوڌاري محسوس ٿي.

"اناالحق!" هن اکيون جهڪائي چيو. هو نهايت سيتجي سڌو تي ويهي رهيو ۽ شبليءَ جي موجودگيءَ کي نظر انداز ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هُو پنهنجي پاڻ کي سهيڙڻ لڳو.

"هيءَ تڙپ ته ڏسڻ وٽان آهي پر عرش جا راز چو ٿو پنهنجي واتان اُکيلين." شبلي هر هر ڳُل کي هڪ کان ٻئي هٿ ۾ پڪڙي رهيو هو.

"اناالحق" خراساني سراءِ جون پٿيون در سڀ چئي رهيا هئا. هيٺين چتنين جي راهن ۽ ڏکهين سُرنگن منجهان جيڪي جهنگ مان وڃي نڪرنديون هيون، اهائي صدا اچي رهي هئي- عرش، فرش ۽ وڻ اهوئي چئي رهيا هئا- ڄڻ ته دنيا اُها هئي ۽ بغداد جي وستي پنهنجين رونقن ۾ گم. دجله جي تِک ۽ واريءَ جو هر ذرو صدائون هٽي چئي رهيو هو "اناالحق".

جنيد پنهنجي مدرسي ۾ درس ڏيندي ڪجهه سوچڻ لڳو هو: درس ۾ شامل طالب علم، صوفي، گودڙي پوش فقير ۽ امير سڀ دلين کي سنڀاليندي پنهنجو پاڻ سان ڇڪتاڻ ۽ جنگ جي حالت ۾ هئا.

سمورين مانائين ۽ بنپهرن جي اينگهجندڙ لمحن ۾ وقت بيهي رهيو هو ۽ صدائون جمي ويون هيون. صرف "اناالحق" ٻڌجي رهيو هو. اذان جيان سماعت ۾ گُهليل، صحرا ۾ ڪاروانن جي ڪُوچ جي آواز سان رَلجي ويل.

نظاميه مدرسي جا عالم ۽ فقيهه وحشت ۽ حيرانگيءَ ۾ هڪٻئي کي ڏسي رهيا هئا، جيئن ختن جو هرڻ پنهنجي مشڪ ڪتوريءَ جي خوشبو پيريل لهريلين واريءَ جي لهرن تي پنهنجي اردگرد ڦري، ۽ ان فرحت بخش خوشبو جي اصل جي ڳولا ڪري، تيز ديوانيءَ ڊوڙ ۾ هو ان جي تعاقب ۾ شڪاري بنجي ڊوڙي ۽ سندس ڪچيل پيچ سندس نهايت حيران ۽ پوائتي هٽڻ جو پتو ڏئي ۽ ڏکهي اڏام جهڙي هڪ ڇلانگ لڳائي هو وڌين وڌين اکين سان پوئتي نگاهه پڻ رکي.

جنيد ڪنهن منجهيل مسئلي تي بحث ڪندي يڪدم ماٺ ٿي ويو هو ۽ سندس وجود جي هنگامي ڪي ٻڏي رهيو هو، جنهن جي بي حوصلائي، بي ترتيبي جلد ئي درويشن جي هن سموري فرقي کي عذاب ۾ مبتلا ڪرڻ واري هئي. بغداد جا صوفي جيڪي جرئت ۽ بي باڪي ڪيءَ پردن پويان رکندا هئا ۽ جن جي علم جي ڪا انتها نه هئي- جيڪي پنهنجي ڪل بچائڻ کي نه، پر توحيد جي حرمت جي چوڏاري قربان ٿيڻ کي حاصل حيات سمجهندا هئا.

هيءَ مبتدين جي توحيد هئي، جو پنهنجي ذات جا وسوسا ۽ پَوَ به قائم رهن ۽ ماڻهو ان کي پنهنجو واحدُون واحد خدا ئي سمجهي پنهنجي يقين جي ڏور ان سان ٻڌي رکن، پنهنجين اُميدن ۽ ارادن کي سمجهي ۽ وري خوف ۾ به مبتلا هجن. پوءِ سندس وحدانيت جو اقرار ڪري هن سان محبت ڪن ۽ هن جي محبت ۾ غرق ٿي وڃڻ گهرن ته ٿي وڃن، ۽ ان بحر جي تيراڪي ڪرڻ جي قابل بنجي وڃن ۽ جانان جي جلوي سان شاد ٿي ازلي اقرار ياد ڪن ته ڪين پنهنجي خدا سان پنهنجو ڪيل اقرار به ياد اچي. پر هي ڪلمهء حق: ”اناالحق“ - منصور جي پٽ حسين کي ڇا ٿي ويو هو!-

ان شام نظاميہ مدرسي ۾ حضرت جنيد وٽ مشاورتي مجلس ٿي- ابن عطا، روئم، شبلي ۽ ٻيا سڀ ماڻهو مجلس ۾ هئا پر انهن تنهي مان ڪنهن ڪائي ڳالهه نه ڪئي. جنيد ان پهرئين مقدمي جو ذڪر ڪري رهيو هو، جنهن ۾ غلام الخليل خليفي جي عدالت ۾ صوفين تي الزام عائد ڪيا هئا ۽ سندن تعليم کي نوجوانن ۽ خود اسلام لاءِ زهر قرار ڏنو هو. جيڪڏهن خدا جو فضل شاملِ حال نه هجي ها ته ڇوتڪارو ڏکيو ٿي پوي ها- انهيءَ ڪري ”ماڻهن سان گفتگو ڪرڻ ۾ احتياط ڪرڻ گهرجي“-

”اي طائف جا سردار!“ سمنون محب چيو: ”حسين ديوانو ناهي صرف ڪڏهن ڪڏهن خدا هن کي پاڻ کان ڪسي ڇڏيندو آهي-“

”شدت هن کي ٻوڙيندي. ائين عوام جي وچ ۾ رلي ملي ويهڻ ۽ خدا سان پنهنجي بي حجاب رشتي جو اعلان ڪرڻ نه گهرجي، خدا وڏو متڪبر آهي- پردن ۾ رهندو آهي ۽ رازن کي سرعام چوڻ جي سزا ڏيندو آهي-“ ابو حمزه چيو.

فاطمه نيشا پوري هڪ تيز ڌار تلوار وانگر ڪاوڙ ۽ جلالت ۾ هئي. ”خدا ۽ ماڻهوءَ جو عشق ماڻهن کي اِئين ڇرڪائي ڇو ڇڏيندو آهي-“

”ماڻهن جي غيرت، جو هو خدا جي نالي سان اُهو سڀ منسوب ڪرڻ ڪين ناهي وٽندو جيڪو ڪجهه صوفي چوندا آهن. انهن جو عقل انهن حدن کان ٻاهر ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڪٿي ٿو ڏسي سگهي! ماڻهو انهن مناجاتن، عبادتن، رياضتن کي نتا سمجهي سگهن جن سان وجود تيز وهڪرن ۾ گرفتار ٿيندو آهي!“ جريريءَ، نيشاپوريءَ ڏانهن منهن ڪري چيو.

”حسين ابن منصور سيني کي ڪنهن نه ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ڪندو-“ شبليءَ ڇٽني طرف مرڪي ڏٺو.

”ڇا ڪيس جھلي نٿو سگھجي. ڪيس باز رکيو وڃي تہ ھُو عقل ۽ ھوش ڏانھن موٽي اچي-“ حلقي مان ڪنھن پڇيو.

شبلي مرڪيو ۽ گل کي ان جي ڏانڊيءَ کان جھلي ڦيرائيندو رھيو.

ھي نھايت نرم سياءَ جا ماڻھو ھوريان ھوريان بحث ۾ وچڙي پيا ۽ مجلس ڊگھي ٿيندي وئي. ايستائين جو حضرت جنيد جي خادما زيتونا اعلان ڪيو تہ پاڙيسرين ۾ ڪو وفات ڪري ويو ھو ۽ ماڻھو منتظر ھئا تہ جنارو کڄي ۽ ھو ان ۾ سندن شرڪت لاءِ ترسيل ھئا.

جنيد اٿندي چوڻ لڳو: ”آئون تہ مدرسي جو استاد ۽ عالم آھيان، مون کي صرف حسين جي ديوانگي ۽ سندس حق جو اعلان نھايت خراب لڳا آھن... آئون چاھيندس تہ جيڪڏھن معاملو ان کان بہ اڳتي وڌي وڃي تہ مون کي دربار جي حاضريءَ کان معاف قرار ڏنو وڃي-“

دُوم، عطا ۽ شبليءَ کان پڇيو: ”جيڪڏھن طلبي ٿي تہ جواب ڇا ھوندو؟“

”طلبي!“ جنيد ويندي چوڻ لڳو، ”حسين جو اعلان ديوانگي ئي ناھي، شريعت ۾ رخني اندازي بہ آھي، ۽ خلق انھيءَ سان فساد ۾ مبتلا ٿي سگھي ٿي، خلق جي خاطر، اسلام لاءِ اسان کي اُھوئي ڪجھ چوڻو ھو جيڪو شرع جو حڪم ھو-“

خلق حسين سببان فتني ۾ مبتلا ٿيندي ٿي وئي. ذرن جي ممڪنات! ھر ذرو ھڪ مڪمل جھان ”اناالحق!-“

سندس عقيدتمندن جو حلقو ۽ رغبت رکڻ وارا ماڻھو خراساني سراءِ ٻاھر گڏ ٿي ڪانئس دعا جا طالب ٿيندا ھئا. ذڪر جي محفلن ۾ شرڪت ڪرڻ وارن جو تعداد وڌندو رھيوُ ھو ۽ ھڪ انبوھ سندس ذات مان شفاياب ٿيڻ لاءِ منتظر رھندو ھو-

بغداد ۾ افواھن جو ھڪ سيلاب اٿلي پيو ھو-

ماڻھو سندس اناالحق کي شڪ جي نظر سان ڏسندا ۽ پوءِ سندس معتقد ٿي ويندا ھئا- ھو تماشو بڻجي ويو ھو- جھان جي اسرار ۽ حال جي اسرار جي خبر نہ رکڻ وارا مرد ۽ عورتون اٿلي پوندا ھئا. ھو انھيءَ صورتحال کان بي خبر، بي نياز- پنھنجي حياتيءَ جي تار تي بي خوديءَ جي مضراب سان 'الست' جو نغمو ٻڌندا ٿي رھيا- ھنن جو ڏوڏيل وجود الوھيت جي ھوائن جي جھولن تي سوار نہ ڄاڻ ڪھڙن جھانن، ڪھڙين دنيائن جي پرواز ۾ محو ھو- خراساني نانوائي ھڪ وڏي راز جيان اُن جي حفاظت ڪندو ھو. پر سيلاب ڪي پِلا بند ٻڌي سگھبو ھو! پھاڙي نديءَ جي پرشور آواز وانگر ھن جي آواز ھر بند کي اورانگھيندي صُور اسرافيل بڻجي ويو ھو-

بغداد جي مفتيءَ جي حڪم سان ھو ڪيس خراساني سراءِ کان بنديخاني ۾ وٺي آيا.

نوري خفا ھو تہ حسين انھن سيني کي فتني ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو ھو.

سمنون مرڪيو.

"پلا محبت جي راهہ ۾ ڪير ڪنهن جو رفيق ٿيندو آهي- حسين ان پنهنجي مستانہ نعري اناالحق سان ڪنهن کي پنهنجي پويان اچڻ جو اشارو ٿو ڪري!

ابو حمزه نهايت ڏکيري حالت ۾ حضرت جنيد وٽ آيو. گهڻي دير خاموش ويٺو رهيو.

"هيءَ شوق جي شدت جيڪا بي پناهہ طغياني بنجي بغداد جي مٿان وهي رهي آهي، حسين جي ذات جي پڙڪي تائين ئي محدود نٿي ٿي سگهي-"

نظاميہ مدرسي جا عالم ۽ فقو انهي راز اڳيان ڪوبہ بند نٿي ٻڌي سگهيا، تہ جيئن اهو راز عيان نہ ٿئي-

جنيد سوچ ۾ ۽ نهايت ملولُ ويٺو هو، جڏهن زيتونا کين ياد ڏياريو تہ پاڙي جا ماڻهو جنازو کڻڻ لاءِ سندن منتظر هئا. ايتري ۾ هو مراقبي منجهان ٻاهر آيا، ابو حمزه کي چيائون:

"ڪنان تار پيالي جي لاءِ ڪڏهن هڪ قطرو بہ ڪافي هوندو آهي، تمام گهڻو ٿي پوي! ۽ اهو ڪير ٻڌائي سگهي ٿو تہ حدون ڪٿي آهن- مون اصول واضح ڪرڻ ۽ اسرار کي پنهنجي طور تي سمجهڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي. اها توفيق تہ ڪير اُن حيوانگيءَ جي چشمي منجهان آبِ حيات جي دريافت کان پوءِ واپس اچي سگهي، آئون چاٽي نہ سگهيس- ابو حمزه، حسين لاءِ حال چو سندس سهپ کان ٻاهر ٿي ويو آهي؟"

ويجهيءَ مسجد مان اذان خشڪ زمين تي مينهن ڦڙن وانگر ٻڌڻ وارن جي دلين تي ڦڙڦڙ جي احساس جي لَي پيدا ڪندي روح ۾ من، دل ۽ جگر کي رحمتن جا پيغام ڏيندي، وَسڻ لڳي هئي. وضوخانن ۾ جاري پاڻين تي ماڻهن جو انبوهہ ۽ فضا درود ۽ سلام جي تڪرار سان آباد هئي - حق، حق، اناالحق!

حسين جو ڏوه ڪهڙو هو-

هيءَ سندس نعري اناالحق جي آزمائش جي گهڙي هئي-

ابويعقوب اقطع ۽ عثمان مڪيءَ ۾ اها تلخي زينب کان پوءِ آهستي آهستي گهٽ ٿي وئي هئي. پوءِ اُن ڏار کي وقت بہ پري ڇڏيو هو، هو ٻئي ڪنهن نہ ڪنهن طرح حسين سان وابستہ هئا ۽ لفظ اناالحق کي ڪانئس ٻڌي نهايت پريشان ٿيا هئا- عثمان سوچيندو هو تہ هيءَ تربيت ۽ تهذيبِ نفس جي کوٽ هئي، حسين پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن ڪنهن مرشد جي سامهون پيش نہ ڪيو هو: جيئن وڻ جي اجاين وڌيل ٽارين کي ڪٽڻ ۽ سنوارڻ ضروري هوندو هو اهڙيءَ طرح هدايت جي راهہ تي هلڻ واري کي وِڪ وِڪ تي دعائن ۽ رغبت جي نظر جي ضرورت هوندي هئي. رهنما کان سواءِ هن دشت بي در ۾ ماڻهو ڀٽڪي ويندو هو ۽ حسين ڀٽڪي ويو هو. جن تجلين تي رسائي ماڻي هو پنهنجا حواس وڃائي ويٺو هو ڪيس ان

جي برداشت جي قابل بنائي سگهبو هو، جيڪڏهن هو ڪنهن همراز ڪان خير ۽ برڪت حاصل ڪري ها. پر هو گنج نامي ڪي پنهنجي طور تي سمجهڻ ۾ راه تان ٿڙي ويو هو ۽ طوفان جي زد ۾ هڪ ناچيز ذري وانگر ڪنيبو، ڪيرايو ۽ اڇلايو وڃي رهيو هو - ڪيس پاڻ تي ڪائي دسترس نه هئي. سڀ ڪان وڏي سعادت ته حق جي راهه ۾ حالتن ڪي سچاڻڻ هئي - ابليس ''اناخير'' چيو هو ۽ بارگاهن، جنت جي گلزارن ۽ قربِ الاهيءَ درگاهه خداونديءَ مان ڌِڪارجي چڪو هو. اناالحق! چوڻ واري جو حشر معلوم!

اقطع ڪي سندس آزاد روي پسند هئي - پنهنجي طور تي فيصلن ڪرڻ جي صلاحيت- پنهنجين ٽيڻين جي نهايتن ڪي سمجهڻ جي تڙپ ۽ بي قراري انهيءَ راه ۾ مشقتن ڪٽڻ جو حوصلو، هي سڀ ڳالهيون ڪنهن پئي ۾ نه هيون. انهن حسين ڪي جن مقامن تان گذرندي ڏٺو هو تن جا هو به چاڻو هئا. ڪين زينب جي گذاري وڃڻ جي خبر زمانن ڪان پوءِ ملي هئي. منصور جا پوٽا دنيا جي دولت جاه جي طلب جي عام رستي تي هلي پيا هئا ته اها ڳالهه فخر جو باعث هئي - بهرحال دنيا ايڏي ناڪاره شيءِ ته نه هئي جو ان ڪي بيڪار سمجهي ڌڪاري ڇڏجي، خراسان جي ڏينهون ڏينهن بدلجندڙ حڪومتن جي لاءِ حسين جا پٽ معتبر صلاحڪار هئا. هو نهايت معزز مسلمان، جن جي رت جي آبياريءَ ۾ آتشپرستن پنهنجين سمورين صلاحيتن ڪي لڳائي ڇڏيو هو ۽ بيضا جي خوشبو سان پريل هوائن انهن جا باغ اپاري ڇڏيا هئا. اقطع ڏهٽن پاران مطمئن هو پر حسين هر هنڌ هڪ اجنبي صورت ئي رهيو، جنهن جي دل جي وارتا ڪيس ملامتن جي طرف وني وئي هئي. خبر ناهي ڪيس حوصلي ۽ برداشت جي نعمتن ڪان محروم چو رکيو ويو هو، خدا ڪانئس ڇا چاهيندو هو- ڪجهه زندگيونۡ ٻين جي لاءِ عبرت بنايون ويندبون آهن، نهايت ڏکين راهن تان پراسرار قوتن جي اوٽ ۾ هو درد ڪٽڻ جي لذت ڪان آشنا ته ڪيون ويندبون آهن پر درد ڪي عام نه ڪرڻ سبب ڪين ماڻهن ڪان بيگانو بنايو ويندو آهي - عقل ۽ هوش ڪان ۽ پنهنجي پاڻ ڪان-

حسين ته هميشه ڪان بنديخاني ۾ هو. پنهنجي ذات جي زندان ڪان نڪري هو جنهن جي قيد ۾ هو اُن منجهان سندس نڪرڻ جو خيال صرف هو، محض جنون!

اقطع پنهنجي ڪنڌ ڪي ڌوڻيو ۽ نماز لاءِ خانقاه جي ڊگهن دالانن ڏانهن وڏي ويو. جتي فضا تسبيح ۽ مراقبن سان معطر هئي.

بغداد ڪي موسم جي سرد هوائن خوفزده ڪري ڇڏيو هو. ڪوه البرز ڪان هلڻ وارن برفبار طوفانن زندگيءَ ڪي مفلوج ڪري تي ڇڏيو. دجله ۾ لهرون هوريان هوريان انداز سان هلندڙ ڏاچين وانگر ناز منجهان لڏندڙ ٻيڙين ڪي پاڪڙن وانگي (جن ۾ نازڪ شيشي جي صُراحين جهڙيون ناريون ويٺل هجن) پنهنجي پٺ تي اپاريو تي، جڏهن ته پاري ۾ ڇميل

وڻ، وهندڙ پاڻيءَ ۾ پنهنجن اونداهن پاڇن جو ڪنبڻ بہ نٿي برداشت ڪري سگهيا. راتين جو اولهائين ڪناري جي محلات کان ٻاهر محافظ ڪرونڊڙا ٽيل نندا ڪڙيون نگاهون پاڻيءَ جي سطح تي ڇمائي، ريگستان جي گرم هوا جا خواب ڏسندا ۽ جهوٽا کائيندا هئا. شاهراهون ويران، رستا ۽ آباديون خاموش هونديون هيون. ماڻهن جو رَوان وهڪرو جيڪو بازارين، خانقاهن، مدرسن، مسجدن، نصراني عبادتگاهن ڏانهن ويندو هو سو نہ هئڻ جي برابر هو، ۽ مٽي ري ٽوٽئين دونهاٽيل آسمان جي نيراڻ ۾ تارا تيزيءَ سان پئي چمڪندا ٿي رهيا.

حسين دربان نصر جي زندان ۾ اَسير هو.

مقتدر جي ماءُ جي نازڪ رفتار ٻيڙي ڪناري سان لڳي، ۽ پوين رستن تان ٿيندي جيڪي وڏين راهن تي کُلندا هئا، هُوءَ پنهنجين ٻانهين سان گڏ (جن پنهنجا روشن رُخ نقابن پويان لڪائي رکيا هئا) اُن طرف رواني ٿي هئي، سندن نصراني غلام رستو ڏيکاريندو اڳيان وڃي رهيو هو ۽ سياپجي پوڻ جي ڀَوَ کان هو ڪارين چادرين ۾ ويڙهيل هيون ۽ تستر اونداهيءَ رات جو حصو بنيل هو-

شغب جي دل اَچاتي خوف کان ڏڪي رهي هئي. ڪيس حسين جي ان اختيار جو ٻڌايو ويو هو تہ مستقبل ۾ جيڪي ڳجهو آهي سو هو ٻڌائي سگهندو هو- مستقبل ۾ هُن لاءِ، هن جي پٽ لاءِ ۽ عباسي خلافت لاءِ ڇا هو؟ ڄاڻڻ جي خواهش ڪيس زندان ڏانهن وٺي پئي وئي. ترڪ بادشاهگرن جي رغبت جي نظر ڪٿي هئي، ڪيڏانهن هئي! غلام مونس جنهن ڪجھ سالن ۾ نهايت اهم عهدن تي ترقي ماڻي ورتي هئي سو وقتي مخالفت بعد هاڻ ڇا ڪرڻ گهرندو هو؟ پاڻ مقتدر جيڪو ماءُ جي اثر کان آزاد ٿيڻ لاءِ پاسا مٽائي رهيو هو، ڇا هڪ پرخلوص اولاد ثابت ٿيندو؟ خليفي جي مزاج ۾ گهڻو دخل رکندڙ حامد بن عباس ڪٿي وزارت اعظميٰ جو خواب تہ ناهي ڏسي رهيو؟ اچڻ وارو زمانو ڪهڙيون آفتون ۽ آزمائشون آڻڻ وارو هو؟ هو آڙاهہ جي منهن تي هئي ۽ وسوسن، وهمن ۽ خوف کان پريشان رهندي هئي- هر ڪُڙڪي تي ڏيان ڏيندي صحرائن ۾ گهمڻ واري ڇرڪيل هرڻيءَ جيان هُوءَ پاڇن کان بہ بدگمان ٿي ويندي هئي. شاهي زندگيءَ ۾ سڪون کان سواءِ سڀ ڪجھ هو. شايد ان قيمتي پونجيءَ جو پتو حسين کان پڇجي سگهي- هوءَ جاڳ اَجاڳ ۾ جيڪي خواب ڏسندي هئي انهن جي حقيقت ڇا هئي ؟ هن لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري هو-

ڪيس برف اوڍيل پهاڙين، چراگاهن ۽ شفاف چشمن سان گڏ گذاريل پنهنجو ٻالڪپڻ ياد ايندو هو. جتي سندس خاندان سرد موسمن کان بچڻ لاءِ رڍن سان غارن ۾ بند ٿي هڪ ئي ڇت هيٺيان گذارو ڪندو هو- رڍن جي جسمن مان نڪرندڙ سندن پيشاب ۽ ڇيٽي جي بوءِ جيڪا سندن ساهن ۾ بہ لهي ٿي آئي، ۽ ڇيڻن جي ٻاريل ٻاهہ تي رڌل شوروو اُن دونهين جي بوءِ ۽ ڇرٻيءَ جي مزي ۾ مليل ٿي رهيو. هو ۽ سندس ماءُ جهڪيءَ روشنيءَ ۾ رنگين ڏاڳن

سان لباس ۽ ٽوپين تي موتي ٽاڪيندا ۽ مٽن گل ڦل ناهيندا هئا- شوخ ۽ جيئرا رنگ جن جي ترتيب ۽ سنڌن تصور سان انهن تي گلن جي تصوير نهي ويندي هئي.

آزاديءَ جي ڏينهن جو انجام آخر اچي پهتو. پاڻهين جا سوداگر جڏهن انهن ڏورانهين پهاڙين ۾ آيا ته انهن سنڌس پيٽڻ منجهان ڪيس چونڊي ورتو هو. چشما ۽ باغ، پهاڙن جون نيريون هوائون ۽ ماترين ۾ پُرندڙ صدائون سڀ ڪنهن ٻيءَ زندگيءَ وانگر اوجهل ٿي ويا- جڏهن هو تربيتگاهن منجهان نڪري بغداد آندي وئي ۽ مقتدر جي ماءُ ٿي، تيسيتائين هن پنهنجين حالتن سان صلح ڪري ورتو هو- دربار ۽ ان جي جوڙ توڙ، سازشون، طاقت ۽ سياست سڀ هڪ رنگين چادر وانگر سنڌس سامهون پکڙيل هيون، تان جو وقت ڪيس ڏسي ورتو ۽ حالتون مٽس مهربان ٿيون- مڪتفي پنهنجي ننڍي ڀاءُ (جيڪو اجا ٻار هو) جي حق ۾ وصيت ڪئي ۽ ڪيس خلافت جي تخت تي آندو ويو- ڪيس عهدن ۽ حڪومت جي هَوس ته نه هئي پر جڏهن قسمت مٽس مهربان ٿي ته هن ڪي ڪنڌ جهڪائڻ ۽ ماڻهن جي فرش ٿيل نگاهن تي قدم ڌرڻ ڏاڍو سٺو لڳو.

زندان ۾ اونداهه هئي ۽ فقط ڏيئي جي ڪمزور وٽ ڪنبي رهي هئي. هوءَ سيخُن ڪان پري روشنيءَ جي دائري ڪان ٻاهر ٻيهي رهي.

اونداهيءَ ڏانهن اشارو ڪندي حسين چيو:

"اڳيان اچو."

شغب رڙ ڪي روڪڻ لاءِ هٿ وات تي ڀچائي رکيو.

هوءَ نهايت عاجزيءَ منجهان جهڪي وئي. ڪيس سيني وقتن ڪان وڏيڪ هن گهڙيءَ خدا ۽ اُن جي رغبتن جي نظر جي ڪرم جي ضرورت هئي. سنڌس دل ائين ڌڙڪي رهي هئي، ڄڻ ڇاتيءَ جي حدن کي ٽوڙي ٻاهر نڪري ايندي-

"غيب جي پردي ۾ جيڪي آهي سواءِ خدا جي سو ڪير نٿو ڄاڻي سگهي، امر المؤمنين!"

"آئون صرف دعا جي طالب آهيان!" هن سيخن کي جهلي ورتو.

"امر مقتدر! ڇا ماڻهو مقدر سان وڙهي سگهي ٿو؟" حسين ڇت ڏانهن ڏٺو.

"خدا جو قسم نه ابن منصور. آئون انهيءَ ڪري دعا جي طالب آهيان جو مون کي مستقبل جي اونداهي ڪان ڀَوُ ٿو ٿئي." شغب جو ڳوڙهن سبب آواز ڳُورو هو.

پوءِ هن ڏٺو ته حسين جو وجود طوفان جي وهڪ تي سوار ڳاهه جي ڪک وانگيان ڪنبي رهيو هو. ڀيڙڪي وانگيان ڀڙڪندڙ ۽ ڏيئي جي لاٽ وانگيان ڪنبندڙ- مقتدر جي ماءُ هڪ لَهسائي وجهندڙ تپش ۾ پاڻ کي وڪوڙجندي محسوس ڪيو. گرم هوا جا تيز جهوٽا جيڪي سيخن کي ناقابل برداشت گرميءَ سان لَهسائي رهيا هئا. پوءِ هوءَ هلڪي ٿيندي وئي ۽ بي وزنيءَ جي ڪيفيت ۾ مٽي ڪنئي وئي- سڄو بغداد سنڌس قدمن هيٺان هو ۽

سندس نگاهون گهرن، رستن، عبادتگاهن، محلاتن ۽ بارگاهن کي ڏسي سگهيون ٿي- سندس سمورا خوف ڪيس اڏنگا ۽ خوف اجايا لڳي رهيا هئا، ۽ ماڻهو ايڏا ننڍڙا ننڍڙا ۽ نهايت ئي ڪمزور زميني مخلوق هئا. پو هوءَ وڌيڪ بلند ٿي ته بغداد دونهين ۾ لڪي ويو- شفاف فضا منجهان هن هيٺ نظر ڪئي. سڀ ڊوڙ هو - بي معنيٰ، بي مقصد - لاحاصل!-

اغول جي پٽ حسين جي گمشدگيءَ کي هڪ زمانو ٿي ويو هو. انهيءَ عرصي ۾ عبيدالله المهديءَ جي سلطنت جون سرحدون پکڙجي ويون هيون. هُن پنهنجي رفيق ۽ جانثار کي جنهن بغداد جي خلافت جي مقابل هڪ وڏيءَ خلافت جي بشارت ڏني، هئي، ۽ اُن لاءِ ڪوشش به ڪئي، ۽ پنهنجيون محنتون ۽ محبتون مٿس قربان ڪيون هيون، ۽ پوءِ اڻ ڄاتي سبب جي بنا تي ڪيس قتل ڪرائي ڇڏيو هو- حسين کي عبدالله جي ساٿين ۾ شامل ٿيڻ سببان موت جو مَڏُ چکڻو پيو، امام پاران جيڪو هُن لاءِ آيل هو.

انهيءَ خبر جو سفر حامد بن عباس ڏانهن نهايت هوريان ٿيو. جنهن ماڻهوءَ اها خبر آندي سو ان گروه ۾ شامل هو ۽ ڪنهن نه ڪنهن طرح ساهه بچائي ڀڳو هو ۽ ڪيئي سال هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندي رهڻ کان پوءِ، لڪندي ڇپندي، هتي پهتو هو. هو مهديءَ جي پيءُ الحبيب جي ويجهن منجهان هو ۽ انهن جي حڪم سان هن عبدالله سان گڏ اولهه ڏانهن موٽ ڪئي هئي. هن وٽ عبدالله جي بيقراري، ديوانگي، خلوص ۽ عاجزيءَ جو ڏاڍو احترام هو. هو اگهاڙي پيرين عبدالله المهديءَ جي استقبال لاءِ نڪتو هو ۽ سلجماسا ۾ قيد ڪئي وڃڻ دوران آزاديءَ لئه ڪوشان رهيو هو. مختلف علائقن کان داعي جيڪا رقم گڏ ڪري کڻي آيا هئا اُها هن مهديءَ جي نذر ڪئي هئي ۽ آبياريءَ جي ڪم ۾ پنهنجي رت تائين استعمال ۾ آيو هو. ديوانن جو انجام دارئي ئي هجي ٿي!

اُن هنگامي جي گهڙيءَ جڏهن هُن حسين کي پڇڻ لاءِ چيو ته هُن نهايت خوشدليءَ سان چيو:

”موت کي آخر اچڻو ئي هو. ڪنهن ريت، ڪنهن ڍنگ! - ڇا تون زندگيءَ جو ايڏو شيدائي آهين؟“

”ياسيدي! ان وقت ته مون کي فرار ۾ نهايت ندامت محسوس ٿي، پر جيئرو رهڻ ۽ هڪ ڪليل فضا ۾ ساهه کڻڻ، بهرحال خدا جي رحمت آهي- آئون هڪ سوڙهي ڳڙکي منجهان نڪتو هوس ۽ تارن کي ڏسي منهنجي دل زندگيءَ جي محبت ۾ گرفتار ٿي وئي هئي. جڏهن ڇڻني پاسن کان موت جي يلغار هجي ته جيئرو رهڻ بهر طور هڪ عظيم فتح آهي-

حامد جي وات ۾ رڳ جو ذائقو هو ۽ پڙڪندڙ شعلا ڇوڏار نچڻ واري جنون وانگر رقص ۾ محو هئا.

ته سڀ لايعني، بي معنيٰ بي مقصد، لاحاصل هو-

هو اڪيلائيءَ جي رڻ ۾ بيٺو هو ۽ روان واريءَ جي ڪُن ۾ نهايت آهستگيءَ سان گهڙي رهيو هو. هو ٻانهه جي بحر تي هڪ ڪک وانگيان پنهنجي وجود جي تپش ۾ سڙي رهيو هو. هن جي عمر عزيز لاحاصل نمنائن ۾ گذري- سڙيل وجود، دل گرفته ۽ ڏکويل. عهدن ۽ طاقت ۽ خلافتي دربار ۾ سندس پُهچ منجهان ڪيس فائدي جي حاصلات نه ٿي- آخر ڇو؟ ايوان سندس سامهون ڍهي پيا هئا- هاڻ هو ڇا ڪري. شڪست کائڻ جو احساس ئي باقي رهيو هو. وقت هن جي هٿن منجهان ڪرڪ واريءَ جي ڏارا ٻنجي ترڪي ويو هو. سمورو جاه ۽ جلال محل جي هر ڪنڊ ٻانهين سان آباد- حڪم ڏيڻ ۽ حڪم مڃرائڻ جون قوتون سڀ لاحاصل ۽ بي مقصد هيون-

هو باغيچي ۾ پَسار ڪندو رهيو. اونداهين راتين ۾ محافظن جا آوا هر ڪنڊ ۽ پاسي ۾ آباد هئا. هو وحشت زده ديوانو بڻيو پنهنجي ئي چوڌاري طواف ڪرڻ وارو پروانو هو- هن ابتدا ۾ پنهنجي لاءِ هڪ حڪمت عملي تيار ڪئي هئي. سمورا رُخ پلائيءَ ڏانهن اشارا ڪندي، سڀ ڪندون باترتيب پرواز ڏانهن مائل نقطن سان جيڪو نقشو نهندو هو ان ۾ ڪٿي جهول نه هو. پوءِ ڇو اوچتو قطب نما جي سُئي ڪري پئي هئي- بي مقصد، لاحاصل!

حُسين جي تربيت ڪرڻ ۽ منجهس شهزادن جي صفتن منتقل ڪرڻ ۾ هُن ڪا ڪسر نه ڇڏي هئي- ڪلام پاڪ جون رمزون ۽ اسرار، تفسير، فقه، حديث، فلسفو، هڪ عمدي سپاهيءَ جهڙي سَهپ، منجهس سڀ شخصي خوبيون موجود هيون- جنگي فن ۽ ايستائين جو علم الڪلام، مذهبن جو تقابلي مطالعو، ڪيترين ئي زبانون، جن ۾ سوا هن جي ڪنهن کي عبور حاصل نه هو. هو هڪ مضبوط عقيدي وارو مسلمان هو، پوءِ به ڪٿي نه ڪائي غلطي رهجي وئي هئي، جنهن رَخني سببان موت ۽ وڇوڙي جي هوائن سندس گهيرو ڪري ورتو هو- هُو ماٺ ميٺ ۾ عبيدالله مهديءَ جي فرقي ۾ شامل ٿيو ۽ آخر اولهه ڏانهن هليو ويو، ايستائين جو موت ڪيس ڳولي ڪڍيو. موت کان ڪنهن کي فرار ناهي. پر موت، سندس گهر کي ڇو تڪيو هو؟ حامد بن عباس ئي سندس نظر ۾ ڇو هو!

اغول جي منهن تي هڪ هلڪي هيداڻ سان گڏ صبر جي هڪ جهلڪ هوندي هئي. ايتري زماني جي وڇوڙي کان پوءِ هاڻ ڪيس سمجهه ۾ اچي رهيو هو ته اُهو حال تي راضي ٿيڻ ۽ خدا جي مرضيءَ کي الاهي تقدير سمجهي وٺڻ کان پوءِ وارو سڪون هو جنهن ۾ ڪائي گلا يا شڪايت نه هئي، پنهنجو پاڻ سان ڪائي همدردي يا مقدر تي غم نه هو. ڪيس ياد اچي رهيو هو ته اغول پنهنجين نهايت خلوتن ۾ به پنهنجي پاڻ کي سهيڙيندي رهندي هئي. ڪيس ڪڏهن محل ۽ روشنيون لِپائي نه سگهيون. سندس زندگيءَ ۾ به انسان داخل ٿيا ۽ ٻئي هاڻ موت جي هنج ۾ پناهگزين هئا، عالم جاودان ۾! هو سندس سوالن ۽ طوفانن کان ناآشنا اجنبين جيان سندس دروازي جي سامهون کان ئي رخصت ٿي ويا هئا،

ڇاڪاڻ تہ هن جي دل هر ڏس کان بند هئي جنهن جي ڪائي ڳڙڪي بہ انهن تي نہ کلي هئي. ها، ان گهڙيءَ جڏهن هو پنهنجو پاڻ سان حساب ڪري رهيو هو، ڪيس خبر هئي تہ سيلاب ۾ ڪک جي اُن ڪيفيت ۾ ڪائي ذي روح اُتي قائم رهي نہ سگهندي هئي - نہ ڪو خيال ۽ نہ ئي ڪا محبت!

حسين ۽ حسين جي ماءُ ٻئي سندس پهچ کان ٻاهر رهيا هميشهءَ سيڪل جو نيٽ بہ ڇا هو ۽ اختيار ڪنهن تي هو؟

اغول عجيب پاڇن ۽ روشنين جهڙي زندگي گذاري دشت سماويہ ۾ سمهي پئي هئي. هوءَ ابن منصور کي روح الله سمجهندي هئي، مثل مسيح، مهدي آخرالزمان، واعدو ڪيل نبي جيڪو مُردن کي ٻيهر جيئرو ڪندو ۽ هاڻ اهوئي ڪئين سالن کان نصر دربار جي زندان ۾ قيد هو. اغول جو روح الله قيد ۾ هو- غم جي باوجود مٿس ڪِلَ جي دوروئي واقع هو. ڇڻ دالان اندر دالان، مراقبن ۽ اُتاهين ڇتين وارا وسيع ايوان، مهارتن ۽ ڪاريگرين جا نمونا، بارگاهون ۽ غلاميءَ جون ڊگهيون ۽ ويڪريون گردشون، سڀ گڏجي سندس ان روح الله جو مذاق اڏائي رهيا هئا. پوءِ هن جي دل هڪ خال سان ڀرجي وئي ۽ خال ڪيس وڪوڙي مٿس طاري ٿيڻ شروع ڪري ڇڏيو- ڪوئي ان طلسم کان پري ڇئي رهيو هو:

”حامد بن عباس ڪٿي آهي؟“

اها ندا هڪ تيز رڙ وانگر اُن وڪوڙ جي ويل اندر منجهان اُڀري- ڪيس پنهنجي چؤگرد نَنوليون ڪندڙ آواز ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. خالي ايوانن ۽ ڪليل ڳڙڪين ۽ بند ڪمرن ۽ نيري آسمان ۾ شور مچائيندڙ پکي، فضا ۾ ٽپيون هڻندڙ ڪانگ ۽ ڪبوتر- سڀ ڇئي رهيا هئا: ڪٿي؟ ڪٿي؟ ڪٿي؟!

مهمان اچي رهيا هئا، محل جي رستن تي روشنيون وڻن جي گهاٽين شاخن ۽ پنن اندر ڳجهيون هيون جيئن تارا روشن تہ هجن پر ظاهر نہ هجن- ڊگهيون ڳليون ۽ ايوان پراسرار سرنگن سان سينگاريل هئا ۽ ٽنين تي وڪوڙيل گلن ۽ اوچين ڇتين منجهان آبشار وانگي ڪرندڙ نور جي ڪري هيءُ مجلس گاهہ جتي حامد بن عباس ماڻهن جو استقبال ڪري رهيو هو نهايت پرڪشش هو- ٻانهيون ساقي هيون ۽ مٿن جنت جي حورن جو گمان ٿيو ٿي. هو هلندي نہ پر اڏامندي محسوس ٿي ٿيون- وارن ۾ ننڍڙا ننڍڙا گل ڦل سينگاري ڪنهن ٻي گرهہ جي مخلوق ٿي لڳيون- شوخ ۽ دلير، ماٺ ۾، ۽ هراسيل دلرٻائُون- نظر باز، ناز ۽ انداز سان ڀرپور ۽ شرميليون. ماڻهن ڳالهيون ڪندي ۽ اڙجندڙ انداز سان ڪين ڏسي ٿي ورتو- قدآور، عقل ۽ دانش جو شڪار ڪرڻ واريون- حرم جي هيءَ سموري آبادي خدا خبر ڪٿان کان آئي هئي- ڏورانهن ملڪن جون نهايت حسين عورتون آسمان جون نگاهون بہ جن کي

ڏسڻ گهرن. پر حامد جي دل اُن کي ئي ياد ڪندي هئي جيڪا هاڻ ڪٿي نه هئي- جيڪا ان انبوهه ۾ ڪا نه هئي پر پوءِ به هوءَ روشنيءَ وانگر هر شڪل جي پاڇي ۾ شامل هئي ۽ رهڻ واري هئي- انهيءَ ڪري هو ڪيس ڪڏهن به وساري نٿي سگهيو. پرسڪون، مڪمل مائيٽي باوقار شخصيت رکندڙ- هوءَ هڪ مڪمل خاتون هئي ۽ انهيءَ ڪري سندس دل هڪ عجيب هيجان ۽ اذيت جي ڪيفيت مان گذرندي رهي هئي.

نصر دربان کي نهايت خاص جڳهه تي ويهاريو ويو ۽ مٿس خاص ڌيان ڏنو ويو هو- ماڻهن محسوس ڪيو هو ته خليفو مٿس گهڻو مهربان هو. سڀ کان عمدي غلام نهايت باادب طريقي سان ڪيس جام پيش ڪيو هو ۽ جرڪندڙ جام جن تي قيمتي پٿرن سان ميناڪاري ڪئي وئي هئي ڪيس سي پيش ڪيا ويا- نصر جي دل گهٻرائي رهي هئي. هي خصوصي سلوڪ آخر ساڻس ڇو؟ جڏهن ته محفل ۾ ذري گهٽ سيئي عهدي دار ۽ اڪثر وزير جيڪي بغداد ۾ حاضر هئا، موجود هئا-

موسيقي، خوشبوءِ وانگيان هر طرف پکڙيل هئي جڻ پتين، فرش ۽ ڇتين منجهان نڪري رهي هجي. فضا ان سان آباد هئي ۽ گفتگو کي روڪي ان کي ٻڌڻ جي زحمت ڪٿي نه ٿي پئي. کائڻ پيئڻ جو انتظام نهايت عمدو هو- شاهي دعوت وانگيان مڪمل ۽ هر نقص کان بالاتر - ماڻهو ٽولن ۾ ورهائجي فراغت بعد ڳالهيون ڪري رهيا هئا. جڏهن حامد نصر جو هٿ جهلي، چيو:

"سيدي! اوهان جو باغيچو ته ڏاڍو سهڻو آهي پر آئون چاهيان ٿو ته اوهان انهن ٻوٽن جو ملاحظو ڪريو جيڪي مون هاڻ پنهنجي باغيچي ۾ ترتيب ڏنا آهن."

دجله جو پاڻي ننڍن ننڍن واهن ۾ روان هو ۽ آبشار جي صورت ۾ هيٺ گلستان طرف ڪِريو ٿي. حامد ۽ نصر روان پاڻين جي وچ ۾ گهمڻ لڳا- عرش تارن سان سينگاريل هو ۽ پولارن ۾ نيراڻ پرجي رهي هئي- خيمي طرف ٽڙيل آسمان زمين کي ڍڪڻ ۽ بي پهچائي جي حد کان پري نه هو-

هُو پسار ڪندي هڪ گلن سان ڍڪيل پهاڙيءَ جي ڏاڪڻ تي ويهي رهيا.

نصر چيو: "هن حسن جو ته آئون تصور به نه ڪري سگهيس سيدي!"

حامد ڪجهه سوچ ۽ فڪر ۾ ورتل ۽ ماٺ ۾ هو ۽ نهايت اُداس هو جڻ هڪدم هڪ عجيب ٿڪاوٽ ڪيس گهيري ورتو هو.

نصر ڏانهس ڏٺو ۽ چُپ هو.

حامد گهڻيءَ دير کان پوءِ چيو: "پر سڀ لاحاصل! بي مقصد ۽ بيڪار!"

"ڇو؟" نصر اٽي بيهندي چيو: "هي سموري بينظير سونهن بيڪار ڇو آه! جيڪڏهن ان سان هڪ دل به خوشي محسوس ڪري ٿي ته هيءَ بيڪار ناهي."

"آئون ان هڪ دل جي ڳالهه ڪري رهيو هوس جيڪا هاڻ انهيءَ خوشيءَ ڪي محسوس نٿي ڪري سگهي-" حامد نصر ڏانهن منهن ڪري چيو.

"سيدي. اوهان وٽ ڇا ناهي؟ جاهه، دولت، صحت ۽ خوشي، ذري گهٽ هڪ مڪمل زندگي!"

"ذري گهٽ هڪ مڪمل زندگي!" حامد نصر جا لفظ ورجايا - "ڇا هي مڪمل زندگي آهي، جو جنهن شيءِ ڪي ڇُهجي اُها رک ٿي وڃي، تنهنجو وجود اهڙو زهرناڪ هجي. جو تنهنجي ذات سان لاڳاپيل سڀ ڪجهه اونداهو ٿي وڃي!-"

نصر لاءِ اهي انڪشاف ڪافي هئا- ڪيس ساهه گهٽجندي محسوس ٿيو. سندس دل حامد جي محبت سان پرجي وئي ۽ ايڏي وڏي جهانديده سپه سالار، وزير، عهديدار ۽ عمدي دنيادار جي زندگيءَ جو اهو پهلو ڪيس نهايت عجيب لڳو. ڪيس خبر هئي ته حامد جي هڪ خوبرو ٻانهي ڏکهي مسافت دوران غائب ٿي وئي هئي، پر هي محل ته روشين جهڙي رنگارنگ صورتن ۽ غير ملڪي ٻانهين سان ڀريل سڄي هڪ حرم ٿي مشتمل هو ۽ اُهي سمورا داستان جيڪي هِتان هُتان ڪان هُن تائين پهتا هئا غلط ته نه هئا-

"ڇا ڪو اهڙو ناهي جو پنهنجي دعا سان هي مقدر ڦيري سگهي. ڪو صاحب نظر ڪو مردِ خدا! جنهن جي نگاهه سان تقدير بدلجي وڃي-"

حامد جي آواز ۾ عاجزي، اذيت، مفلسي ۽ ويچارگي هئي: ڪنهن فريب جو گمان نه هو جنهن جي حوالي سان هو نهايت مشهور هو.

نصر سوچڻ لڳو: "ڇا هو هن سان حسين جي ڳالهه ٿو ڪري. حسين، جيڪو صاحبِ نظر هو ۽ جنهن جون دُعائون مقدر ڦيري ڇڏينديون هيون." ڪيس اُهي بيپناهه اکيون ياد آيون، اهو ڪمزور بيحال قيدي، جيڪو سندس حوالي ڪيو ويو هو، جيڪو اناالحق چوندو ۽ نهايت جنون ۽ ڇڪتاڻ جي حالت ۾ سخت لرزي ۾ هوندو هو ۽ جڏهن ان ڪيفيت کان ٻاهر نڪرندو هو ته لفظن ۾ ٻاڏائيندو ۽ آهه ۽ زاريءَ جي ايذاءَ ۾ نهايت خاموشيءَ ۾ رُڏو رهندو هو. ڪيس ياد آيو ته هن باقي ٻاندين کي ڪيئن آزاد ڪري ڇڏيو هو. بس هڪ نظر ڪنهن طرف ڏسي ڇڏڻ سان ئي سڀ ڪجهه بدلجي ويو هو پر صبر ۽ سڪون سان هُو پنهنجين عبادتن، مجاهدن ۽ رياضتن ۾ مگن ٿي رهيو. پوءِ هن کي حامد جي اها صفت ياد آئي، جو هو هر حسين ۽ سنيءَ شيءِ تي پنهنجو حق سمجهندو هو ۽ جيڪڏهن حسين جي صفتن ۽ اختيارن جو ڪيس پتو پئجي وڃي ته هو ڪيس هميشه پنهنجي قيدخاني ۾ قيد رکندو ته جيئن هُو سندس دعا تي به بااختيار رهي- حامد صرف بااختيار ٿيڻ ئي گهرندو هو. ۽ يڪدم هن تي انڪشاف ٿيو ته سدائين سفر ۾ ٿي ويل سندس ٻانهي هن کان فاصلي تي ڇو هئي ۽ سندس پٽ حسين ڪيئن سندس زندگيءَ کان پري زندگيءَ جي بار کان آزاد ٿيو هو.

حامد جو ساهہ موت جو ساهہ هو- ۽ سندس ايترو بااختيار هئڻ ئي هُن لاءِ قهر هو! نہ هجي ۽ بهتر هو سندس پهچ هرگز حسين بن منصور حلاج تائين کيس اها خبر بہ نہ هئڻ گهرجي تہ هو ڪٿي هو.

”ٻڌو آهي ڪنيارن جي پاڙي ڏانهن ڪوئي صاحب نظر آهي.“ حامد پاڻ ئي نصر کي چيو. ڪيس خبر هئي تہ نصر جو گهر اتان کان ويجهو هو.

”نہ سيدي مون اهڙي ڪنهن تذڪري جو ذڪر ناهي ٻڌو. خدا انسان کان ايڏو آڳاهون ڪٿي آهي جو واسطا ڳوليا وڃن- ماڻهو دعا ڪري ۽ سچيءَ دل سان دعا گهري. آه تہ عرش کان بہ پري ويندي آهي.“

حامد عجيب نظرن سان نصر کي گهوريو سندس اکين ۾ چمڪ ۽ هڪ فيصلو هو- نہ ڄاڻ هو ڇا سوچي رهيو هو-

پوءِ هُن آه ڀري پنهنجي ساٿيءَ کي چيو: ”اهڙي مقدر کان انتقام وٺڻ گهرجي- اِئين ان کان بي نياز ٿي وڃڻ گهرجي- اسان دنيادارن کي ايتري فرصت ڪٿي آهي، جو خدا سان سڌو تعلق پيدا ڪريون. مجاهدن ۽ رياضتن لاءِ تہ هڪ زندگي ٻي گهرجي- سڀ ڪجهہ ڇڏي ڏيڻ جي، بي نياز ٿي پوڻ جي، زبردست خواهش، موت جي تمنا تہ جيئڻ ابدي حيات ملي سگهي. آئون مستقبل ۾ ڀري تائين ڏسي ڪري ڪوبہ معاملو نٿو ڪرڻ گهران. ڀلي اُهو مالڪ الملڪ ئي ڇو نہ هجي-“ هو ڪليو ۽ سندس ٿهڪ نهايت سڪٺو. نلهو ۽ بروقت پريشان ڪرڻ وارو لڳو ٿي.

جڏهن ايوان ۾ هو ٻئي واپس آيا تہ هر اک ڏانهن ئي متوجهہ هئي ۽ سُرٻاهٽن جي ڀڻ ڀڻ سيني ڪنڊن مان پئي اُڀري.

ماڻهن نصر کان مختلف سوال ڪيا ڇو تہ دربار جي سياست ۾ مونس کان پوءِ حامد ئي هو ۽ نصر سان هي خاص الخاص ورتاءُ تعجب خيز هو. نصر دربان هو، بغداد جي دربار جي هر لحظي بدلجندڙ مُندن تي هن جي نظر رهندي هئي ۽ خليفي وٽ سندس درجو جيڪو ڪجهہ بہ هجي پر مقتدر جي هوشيار ماءُ هُن تي ڪرم جي خاص نگاهہ رکندي هئي- گهٽو ڪري هو حرم جي دربار کان ٻاهر شاهي پردن کي جهلي بيٺو رهندو هو ۽ حڪم حاصل ڪري انهن تي مهر ثبت ڪرائيندو هو. اهڙا حڪم جن جو تعلق سڌو سنئون حرم سان هجي سي نصر دربان وسيلي تڪميل کي پهچندا هئا ۽ ائين هو دربار جي خبرن کي حرم تائين پهچائڻ جو بہ سڌو سنئون ذريعو هو. نصر پاڻ پنهنجي وجود کي ڏاڍيءَ ڏکيائيءَ سان سنڀالي هلي رهيو هو ۽ دل ئي دل ۾ حيران ٿي رهيو هو تہ حامد پنهنجو اندر سندس سامهون اوچتو ۽ يڪدم ڇو کولي رکي ڇڏيو هو-

وزير جيڪو مڪمل دنيادار ۽ دنياوي جاه ۽ جلال ۾ انتهايت کي پهتل هو جنهن جو

حڪم عدالتن، دربار ۽ ايسيتائين جو تُرڪ سردارن کان بہ ڳوَرو هوندو هو- ان مڪمل شام ۾ روشنين سان سينگاريل ايوانن کان ٻاهر هو-ڪيس جواب ۾ڇا چوڻ جي.. هو سوچي رهيو هو-

سازندن ساز ڇُهيا ۽ درٻاري شاعرن ڪين پنهنجو ڪلام عنايت ڪيو تہ جيئن ڀنل چانڊوڪي رات جي نيراڻ ۾ روشن تارن جون خوابناڪ ڳالهيون ٻڌايون وڃن- ڳائڻ واري ڳايو:

"موگ جو مڌ پياري منهنجا غم فڪر نابود ڪري ڇڏيو
۽ زماني کي ڇڏي ڏيو: ڇاڪاڻ تہ جيڪي ٽيڙو هوندو سو ٽي ئي رهندو
اي ملامت ڪرڻ وارا! آئون هر چيز موجود هوندي پوڙهو ٿي ويو آهيان،
۽ هاڻ جواني تي ٻڍاپو چڙهت ۾ آهي!
مون پنهنجي نفس کي خدا پرستيءَ ڏانهن مائل ڪري ورتو آهي.
۽ ان کي ائين قرار اچي ويو آهي جيئن تلوار کي مياڻ ۾ سڪون ملندو آهي
حاسد مون کي ڏسي نِرچائي منجهان ڪلندا آهن
جيئن ٻتي هڪ ئي وقت اُجهامندي بہ ۽ ٻرندي بہ آهي

هوريان هوريان جڏهن شمعن کي ننڊ ايندي وئي. ٻانهين جي لباس جي چمڪ ۾ تارن جي روشني ملندي وئي ۽ چنڊ آسمان جي اونڌي ٿيل پيالي جي تري جي ڀچاڙڪي مدهوشيءَ جي ڇُڪي جي ڳولا ۾ ٻڏڻ لڳو تہ حامد بن عباس هڪ خاص مهمان کي رخصت ڪندي نصر کي پنهنجي روبرو منتظر رکيو. صبح جي هِير، خوشبوئون، دجلہ جي گهمر ۽ باغن جي سڳند، وسريل يادن کي ٽڪل روشنين جي چوڏاري پکيڙي رهي هئي، ڇٽڪ ڪائي نازنين نہ اچڻ واري محبوب جي انتظار ۾ بي قرار ٿي روئندي، ڌڙڪندڙ دل سان پنهنجي جهول جهلي دعاگو هجي ۽ سندس بي تاب وجود ڪنبي رهيو هجي-

ڪيترائي ڏينهن نصر ذري گهٽ گوشي نشين ٿي ويو هو. ڪيس سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ هو حامد بن عباس جي درخواست جو ڪهڙو جواب ڏئي. هن خليفي مقتدر جي اجازت نامي سان گڏ ڪيس چواريو هو تہ پنهنجي ذاتي زندان منجهان حسين بن منصور حلاج کي سندس زندان ۾ منتقل ڪري ڇڏي. ها، حسين هڪ املهہ ۽ اڻلڀ هيرو هو، جو حامد بن عباس وٽ ڪيس هڪ تحفي جي صورت ۾ موڪليو وڃي-

هو خاص دربان هو پر هي حڪم ڪانئس ڪيئن ڳجهو حاصل ڪيو ويو هو-

حامد ان اناالحق چوڻ واري جي ذات ۾ چو ايڏي دلچسپي وٺي رهيو هو-

نصر ڄاڻندو هو تہ جڏهن حسين تي هڪ خاص ڪيفيت طاري ٿيندي آهي تہ ڪيس پنهنجي پاڻ جو هوش نہ رهندو هو. عام زندگيءَ ۾ نهايت شريف النفس، متقي، پرهيزگار، عبادتگذار، صابر، گهٽ ڳالهائو، سجاڳيل وجود، راتيون جاڳندڙ عابد، انهن خاص لمحن ۾

جڏهن پنهنجن حواسن جي اختيار ۾ نه هوندو هو، پر اهڙين حالتن ۾ هو جنهن امر جو حڪم ڏيندو اهو ئي پوندو هو. ٻانهن جي گهيري ۾ منهن لڪائي، پنهنجين بي پناهه اکين کي بند ڪئي، مجال نه هو عرشِ معليٰ تي هوندو هو يا تحت الثريٰ ۾- گاهه جي سڪل پن جهڙو جسم بيپناه طاقت جو سرچشمو ٿي لڳو، ڄڻ سموري ڪائنات سهيڙجي هڪ ذرڙي ۾ سمائجي ويئي ٿي. اُهو آواز ان مرڪز تان ائين پکڙبو ٿي جيئن سج جا ڪِرڻا، لاتعداد ذرڙن کي انڊلٺ جي رنگن ۾ تبديل ڪري ڇڏين-

هُو، نصر دربان، ڇا ڪري؟

مايوسيءَ ۾ ڪيس شغب جو خيال آيو. اِنهيءَ خبر هوندي به ته حامد بن عباس گهٽو ڪري اُم المؤمنين جي حڪم کان انحرافي ڪندو هو، حرم جي دربار کان جيڪي حڪم صادر ٿيندا هئا سي به ڪڏهن بيپرواهيءَ ۾ وتس اڻ پڙهيا ئي ويندا هئا، ۽ ڪڏهن اُهي فرمان عمل جي سطحي مرحلن مان ايتري بگڙيل شڪل ۾ عمل ۾ ايندا هئا جو اُنهن جون معنائون ئي بدلجي ويندڙيون هيون- خليفه جي ماءُ جي مقابلي کان ئي فقط حامد ونئن ويندو هو. نه هو- نه ڇاڻ ڇو؟

حسين وٽ گهٽو ڪري شغب جا پيغام ۽ تحفا پهچندا هئا، شغب اڄ تائين سندس آزاديءَ جي ڪابه ڪوشش ڇو نه ڪئي هئي؟ هو گهڻيءَ دير تائين سوچيندو رهيو- خليفو مقتدر پنهنجي ماءُ جي اثر کان آزاد ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيو هو. تُرڪ ٻارن سان کيڏندي کيس هڪ سلطنت ملي هئي ۽ هو پنهنجي ماءُ جي مڪمل اثر هيٺ هو جيڪا نهايت پاڻ پڏاءَ تي مبني خود سر بلڪ پاڻ پرست عورت هئي. هُن خطرن ۾ وڪوڙيل پنهنجي ننڍڙي پٽ کي تخت تي هڪ قابل ۽ فاتح حاڪم، مضبوط ۽ ناقابل شڪست بادشاهه بنائڻ لاءِ جانفشانيءَ سان ئي نه پر نهايت خبرداريءَ سان حڪمت عملي تيار ڪئي هئي ۽ اُن رستي هر اٽانگائيءَ تي هُن پنهنجي تدبير سان هميشه غلبو حاصل ڪيو هو ۽ اهڙي خطري کان نجات حاصل ڪري ورتي هئي-

اصل ته شروعات ۾ مقتدر به هڪ نهايت فرمانبردار پٽ وانگر ماءُ جو احترام ڪيو، هُن جي انتهائي حڪمن کي خوش مزاجيءَ سان ڪنڌ جهڪائي مڃيندو رهيو هو، پر هاڻ شعور سان گڏوگڏ وقت جي تقاضائن ۽ خود سندس دربار ۾ مختلف خيالن جي ماڻهن جو مجموعو هو: ۽ مونس اُمِ خليفه کان بيزار ٿي چڪو هو ڇو ته هوءَ هر ڳالهه ۾ دخل انداز هئي ايستائين جو سندس نظر درباري اميرن جي ذاتي زندگين تي به رهندي هئي- ان معلومات لاءِ سندس ذريعا ناقابل فهم هئا- ماڻهن جي خلوتن ۾ به سندس جاسوس گهڙيا آيا هئا ۽ ترڪي سردار پنهنجي اختيار باوجود هراسيل رهڻ لڳا هئا ۽ جڏهن سندس سامهون حاضر ٿيندا هئا ته گهٽو ڪري نظرون جهڪائي رکندا هئا ته متان سندن دلين تي لڳل نگاهون ان احتساب

خلاف شڪايت ڪي پڙهي نہ وٺن، ڇو تہ هن سان بحث مباحثو بيڪار هو ۽ وٽس ڪنهن ڳالھہ ٻڌڻ جي برداشت نہ هئي. هوءَ ڪڏهن تڏيءَ دل سان ڪنهن ڳالھہ تي غور ڪرڻ ۽ ان کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪندي هئي. سندس ڪنوڻ جي ڪجڪي جهڙو آواز لهرائيندو تہ جُهڪڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ هو. پر ماڻهو جهڪڻ پسند ناهن ڪندا ۽ اندر ئي اندر امير وزير دربار جي اُن ٻنّي حاضريءَ ڪان آزاد ٿيڻ گهرندا هئا. ڪنهن نهايت نجي محفل ۾ جڏهن خليفي سان انهيءَ موضوع تي گفتگو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي، تہ هو چوندو هو، ”جيڪي اُم محترمہ مناسب سمجهن-“

حامد بن عباس جڏهن حڪم عدولي ڪرڻ ۾ ابتدائي پيش قدمي ڪئي، تہ ڪيس ڪنهن خاص مخالفت سان مهاڏو اٽڪائڻو نہ پيو هو، ڇڻ هُن لاءِ ”ڪڏهن ڪڏهن دنياداريءَ جي ڪاروبار ۾ جيڪي بهتر هجي اُهو ڪرڻ جي اجازت هئي!“

خليفي جا اهي حڪم ڪافي هئا ۽ حامد گهٽو ڪري هر عمل، حساب ۽ خرچ ۾ پنهنجي هلائيندو هو. پوءِ اهي شڪايتون عام ٿينديون ويون- شغب جي دربار مان خليفي جي مهر سان جيڪي حڪم ڏنا ويندا هئا سي وٽس اڪثر ڌيان لائق نہ سمجهيا ويندا هئا. ڊبيل ڊبيل سُرٻاهٽ ۽ وڏ واڪ احتجاج، سختي، بدخلقي - مقتدر جي حرم ۾ اڪثر طلبيءَ وسيلي شغب جي هٿن منجهان معاملن کي ذري گهٽ ڪڍيو ويو. ڪاوڙ ۾ اچي، نيٺ هوءَ انهن ترڪ اميرن کي پنهنجي چؤڌاري گڏ ڪرڻ لڳي جيڪي سندس دربار ڪان ٻاهر شاهي پردن کي جهليو اڪثر منتظر رهندا هئا. پر اُهي بہ هاڻ وزير بااختيار جي چؤڌاري ميڙاڪا لڳايو وينا رهندا هئا ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سازشن ۽ تحريڪن ۾ شريڪ رهندا هئا ۽ مقتدر جون نظرون ٿيڙڻ لاءِ بہ ڪوشان هئا. شغب بہ شينهڻ وانگيان گهات ۾ ۽ وقت جي منتظر پنهنجن زخمن کي چَٽي رهي هئي ۽ هاڻ هُن حسين ڏانهن رُجوع ڪيو هو. دُعا، ڪنهن بنده خدا جي دُعا جيڪا هُن جي طوفانن جي زد ۾ آيل ٻيڙيءَ کي ڪُنن مان ڪڍي سگهي. اونداهين راتين ۾ هوءَ پنهنجين رازدار ٻانهين سان ڪنيارن جي پاڙي مان گذرندي، نصر جي بنديخاني ۾ حاضر ٿيندي هئي - جهڪندي، هوءَ خاموشيءَ سان دعا جي طالب رهندي هئي. هوءَ حسين جي مرتبن ڪان آگاھہ تہ نہ هئي پر اهو سمجهندي هئي تہ جيڪڏهن هو پنهنجي خاص حالت ۾ نہ هجي ۽ چاهي تہ هٿ کڻي دعا گهري تہ اُها ضرور ٻڌي ويندي. بارگاهِ خداونديءَ منجهان حڪم صادر ٿي سگهندو هو، مقدر بدلجي سگهندو هو-! شغب کي جڏهن انهيءَ حڪم جي خبر پئي تہ هوءَ ڏاڍي ڪاوڙي ۽ هن پنهنجي پٽ سان ڳالهائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو.

مقتدر جي خاص محل ۾ سندس ماءُ جي اچڻ جو اطلاع ڪو معمولي سانحو نہ هو. غلام ۽ ٻانهيون سڀ بدحواس ٿي، انتظامن ۾ لڳل هئا. مستعد، چاڪ ۽ چوبند، هوشيار ۽

باخبر سردارن انتظام پنهنجي ذمي ڪري ورتا هئا، ۽ هر طرف رونق ئي رونق هئي. باغ باغيچا ۽ گلستان سينگارجي ويا هئا. گلن جا ٻوٽا عمدي ڪنائيءَ سان باغيچي جي رونق ۾ وڪريل رنگبرنگ لهرن جيان ڏيکائي ڏئي رهيا هئا. ڇڻ مٿي تي رنگين ڪلاه پائي، پري کان استقبال لاءِ بيٺل جنگجو سپاهي هجن. ۽ ٻاڇا تصويرن وانگر ساوڪ تي وڪريل هجن ۽ ڦوهارا ترِ تر پاڻيءَ جا موتي فرش جي سطح تي وکيري رهيا هئا- پاڻي ڪٿي اُڇي جهڪ ڪندي ديوانو ٿي پنهنجي سيڪجهه هئڻ جو، ذات جي ظهوريت جو، پاڻ ذات جي ٻاڇي هئڻ جو ٻڌائيندو هو ۽ پرپيچ اونداهن وهڪرن ۾ ڪڏهن چمڪندو، ڪڏهن لڪندو، نانگ وانگيان مستيءَ ۾ چُپ هنيو ستل لڳي رهيو هو. پاڻيءَ جو ڦڙو ڦڙو جيڪو پنهنجي اندر ڪائنات کي سهيڙيندي آسمان جي ڪڪرن جا ڇپر ڪنيو روان هو ۽ آوارگيءَ ۾ پُرڪشش خوشبوئون فضا ۾ واسجي رهيون هيون ۽ زندگيءَ جي ڪمان کي ڇهي نڪرڻ واريون هوائون پنهنجي ابد جي دائرن ۾ پريشان هيون، ۽ زماني جون حڪايتون ڪندي دروازا ۽ ڀتيون سڀ همه تن گوش هئا-

شغب جي پيشانيءَ تي ور مٿان وَر ڇڻ موج پويان موج خيالن جي يلغارن کان پاڻ بچائيندڙ، دنيا جهان مان گڏ ٿيل ٻانهيون پنهنجي حسن ۽ جمال ۾ لاجواب- سندس پويان حبشي غلام رنگين لبادن ۾ عصا جهليو پري کان ڇڻ قطارن ۾ گل اندر ٻيجي جي حفاظت لاءِ شيشي جون شاخون هجن.

”اُم عزيز! اوهان جو اچڻ منهنجي لاءِ خوشيءَ جو باعث آهي.“

شغب خاموش پر دلچسپيءَ سان ان محل ۾ ساڄي ڪاٻي نظرون ڊوڙائيندي پٽ سان گڏ ايوان اندر آئي. خوشيءَ منجهان سندس دل ڌڙڪي رهي هئي- سندس خواب، جن جا ٻاڄا به ڪنهن نه ڏنا هئا آخرڪار پورا ٿي رهيا هئا- هو پڪڙيل ۽ عظيم عباسي سلطنت جي خليفي جي ماءُ هئي جيڪا نهايت مُنجهيل ۽ وچڙيل رستن تان پنهنجي مقدر تائين پهتي هئي ۽ خوش هئي، جو هڪ فرمانبردار پٽ جيڪو سندس اشارن تي عمل پيرا ٿي رهيو هو ۽ جنهن جي منهن تي هاڻ به ٻالڪپڻ هو، ۽ جيڪو ڊنل ۽ هيسيل، سندس حڪم جو منتظر ته نه پر سندس هر ڳالهه تي ڪنڌ جهڪائي حاضر چوڻ کي سعادت سمجهندو رهيو هو-

خيال جيئن نازڪ ۽ حسين ٻانهيون نظرون جهڪائي بي حس ۽ بي حرڪت بيٺيون هيون ۽ پري ڪٿي جهٽڪ فضا منجهان موسيقي وَسي رهي هئي جيڪا انهن ٻنهي جي گفتگو ۾ حائل ٿيڻ کان حذر ڪري رهي هئي. هي اُن خواب جي نهايت معتبر تعبير هئي جيڪو اُن ترڪ ٻانهيءَ ڏٺو هو- ورنه هوءَ به خلافت جي ايوانن ۾ شطرنج جي مهرن وانگر هئي ۽ ڪنهن کيڏڻ واري کيس ڪٽي فتح جي تخت تي ويهاري ڇڏيو هو، پر انهيءَ وچ ۾ سوين دل آزاريندڙ ڳالهيون به ٿيون جن کي وسارڻ لاءِ هوءَ تيار هئي. شرط هيءُ هو ته مقتدر اُهڙيءَ ئي

طرح سندس حڪم تي پاڙيندو رهي ۽ سندس پنهنجي دربار، حرم جي دربار اوتري ئي فعال رهي- ڇا ائين ٿيڻ ممڪن هو؟ گهڻن ڏينهن کان هوءَ محسوس ڪري رهي هئي ته سندس هٿن منجهان مقتدر جي واڳ ڇڏائجي ڍري ٿي ۽ ڇڏائجي رهي هئي.

هن ڪلي پٽ ڏانهن ڏٺو.

"جانِ اُمر! ڇا تون خير سان آهين."

"بيشڪ - بيشڪ، اُمِ عزيز!" هُن حيرت ۽ خوشيءَ جي مليل گاڏڙ جذبن سان اکيون کڻي ڏٺو.

شغب محسوس ڪيو ته اُن حيرت ۾ اهو خليفو به ڪٿي موجود آهي جيڪو مغرور ۽ برسر اقتدار آهي ۽ ڪيترن ڏينهن تائين سندس مداخلت برداشت نٿو ڪري سگهي جنهن کي حڪم ڏيڻ ۽ پنهنجي ڳالهه مڃرائڻ جي عادت هئي ۽ جيڪو سندس پٽ ئي نه، مقتدر بالله، بغداد جي سلطنت جو وارث ۽ خلافت جي تخت تي قائم هو ۽ ترڪ ۽ عرب سردار سندس اشارن جا منتظر هئا ۽ سندس آواز اوپر کان اولهه تائين ٻڌجي سگهبو هو- هن سوچيو، ڇا هو حسين بابت ڳالهه ڪري- ڇا اها ڳالهه اقتدار جي ايوان ۾ انهيءَ لائق آهي جو ورجائڻ گهرجي-

ڇَو ديواريءَ اندر ڇَو ديواري- هي محل هئا ۽ ٻاهر وسيع ۽ پکڙيل دنيا هن جڳهه جي هڪ هڪ لفظ ۽ اشاري لاءِ بيٺي رهندي هئي- ڇا ڪيس اها ڳالهه ڪرڻ گهرجي، چوڻ کپي- ڇا ڪيس دخل انداز ٿيڻ گهرجي- هوءَ حالتن جي وهڪري کي ڪهڙيءَ طرح وَهڻ نه ڏي-

"اوهين ڪنهن گهري سوچ ۾ آهيو،" مقتدر پڇيو.

"عزيز پٽ - سوچون مون کي پيرن هيٺان تاءَ جيان بيتاب رکنديون هيون پر هاڻ نه - آئون گذريل پريشان ڏينهن کي وسارڻ گهران ٿي." هن پٽ ڏانهن جهڪيل نظرن سان ڏسندي چيو.

مقتدر ڏاڍيءَ بي چينيءَ مان پاسو ورايو.

"ڏکين ڏينهن جي ياد اسان کي مستقبل کان محتاط بنائيندي آهي ته جيئن اُهي سموريون غلطيون ورجايون نه وڃن." هن آهستگيءَ سان چيو.

"بيشڪ بيشڪ!" شغب ڏاڍين گهرين نظرن سان پٽ ڏانهن ڏٺو ۽ گذريل سمورا زمانا منصور سفاح کان وٺي هن گهڙيءَ تائين سندس نگاهن جي سامهون گذري ويا ڄڻ متحرڪ تصويرون هجن- عظيم سلطنت جنهن کي معتضد هڪ مضبوط قلعو ٺاهيو هو پيهر طوفانن جي زد تي هئي- امير ۽ وزير پنهنجي پنهنجي مستقبل خاطر سندس ۽ مقتدر جو ساٿ ڏيندا رهيا هئا. بغداد جي پکڙيل آبادي، پاڙا ۽ دريا جا ٻئي ڪنارا ۽ مختلف قسم جي خيالن لاءِ مختلف نسلن جا ماڻهو، عربي ۽ عجمي، اولهائين دنيا جا مسافر، چيني ۽ وچ

ايشيائي ماڻهو، تاتاري ۽ ترڪ ۽ انهن سيني کان مٿاهون سندس پٽ مقتدر - پلا ان جو حڪم قابل قبول ڇو نہ هجي- جيڪڏهن هو حسين بن منصور کي حامد بن عباس جي تحويل ۾ ڏيڻ تي راضي آهي تہ هوءَ ڪيس ڇا ڇوي. خدا هر طرح اُن مرد عجيب جي حفاظت ڪندو - ها ضرور - پلا ڇو نہ!-

هن سنجيدگيءَ منجهان مٿي کي ڏوڻي ڇيو:

"آئون تنهنجي ڪاميابيءَ ۽ ڊگهيءَ ڄمار لئہ دعاگو آهيان."

ٻانهيون ايوان مان هوا تي نهيل تصويرن جيان غائب ٿي ويون ۽ هو ٻئي اڪيلا رهجي ويا. مقتدر شغب جي هنج ۾ مٿو رکي ڇڏيو.

"اُمِ عزيز! هيءَ نهايت ٿڪائيندڙ عقل ۽ هوش کان بيگانو ڪري وجهندڙ ڪم آهي."

"جيڪو سِرُ سلطنت جي ذميواري کڻڻ لاءِ ٺاهيو ويندو آهي ان کي اهو بار برداشت ڪرڻ جي عظيم قوت بہ عطا ڪئي ويندي آهي." شغب پٽ جي وارن ۾ هٿ ڦيريو.

"زندگي هڪ پيروئي ڏني ويندي آهي. ڇا ماڻهو بار بار پيدا ٿي سگهي ٿو- بادشاهہ هجي يا درويش سڀ هوا جي راهہ ۾ آهي-" هن ماءُ جي منهن کي ڇُهيو. اُن سانوري منهن کي جيڪو هن تي جهڪي ڪيس لوليون ڏيندو هو- هن جي ماءُ جي آواز ۾ رَسُ هو ۽ گيت جيڪو سمهارڻ لاءِ هو پر منجهس هڪ ڳالهہ ٻي بہ هئي. بي رحم سنجيدگي ۽ بي پناهہ عزم- جيڪو سندس رڳن ۾ توانائي بنجي ڊوڙڻ واري رت ۾ ڳڏيل هو. شغب جي حڪم ۾ قطعيت هوندي هئي جهول بنهہ نہ هو. سندس تربيت ۾ هن پنهنجي طبع جي سموري سختيءَ کي استعمال ڪيو هو تہ جيئن سندس ڪردار جي عمارت جن بنيادن تي تعمير ٿئي انهن تي ڪير ڏارا تائين هڪ مضبوط قلعو قائم ٿي سگهي. شغب هڪ پرعظم ماءُ هئي جنهن هن لاءِ هڪ سلطنت حاصل ڪئي هئي- اول ۽ آخر هو سندس احسانمند هو-

اڏ راتين ۾ هو پنهنجي پٽ لاءِ هميشه پنهنجن خوابن جي تعبير گهرندي هئي. زندگي تہ گذري ويندي آهي پر جيئڻ ۽ جيئرو رهڻ ۾ بہ وڏو فرق آهي-"

ڪيس هميشه اهوئي پڙهايو ويندو هو تہ لومڙ واري حرفت بہ هڪ صفت آهي جيڪا بادشاهہ لاءِ ضروري آهي. سندس نظر ماڻهن تي نہ انهن حاصلاتن تي هجڻ گهرجي جيڪي سندس نظر جي حاصلات آهن. ان ۾ بنان ڪنهن ريا جي سفاڪيءَ جي صفت هئڻ گهرجي تہ جيئن فيصلا ڪندي شخصي پسند ناپسند ۾ نہ مُنجهي پئجي. پنهنجي حاصلات جي محل جي تعمير ۾ ماڻهن کي سِرُن ۽ ڳاري وانگر استعمال ڪرڻ گهرجي، پوءِ پيل تہ اهو ڳارو انهن جون هڏيون پيهين ئيَ ڇو نہ تيار ڪيو وڃي. نرم مزاجي، خوشدلي ۽ رحم بيشڪ سٺيون صفتون آهن، پر سٺي گلستان جي پرورش لاءِ نهايت وڌيل شاخن کي ڪٽڻ بہ انتهائي ضروري آهي- رياضِ جنت خدا ڪجهہ ماڻهن کي پيدا ڪيو تہ هو حاڪمن لاءِ ڏاڪڻين

جيان هجن جن تي وِک وِک رکي، اُتاهينءَ تي پهچي سگهجي. خليفو قوت جو سرچشمو آهي. پنهنجي سلطنت جي جهنگ جو شينهن- ماڻهو جنهن کان ڪنبندا رهن- خوف کائيندا رهن ۽ جنهن جي اطاعت ۾ به عافيت سمجهندا رهن. هو ڪَر موڙيندي ڏيکائي ڏئي ته اؤسان خطا ڪري ڇڏي. ماڻهو پنهنجن ڪلهن تي بيٺل ڪنڌ کي سندس مهرباني سمجهن. سندس امانت جو خيال رکن ۽ ڪوشش ۾ رهن ته ڪيس خوش رکي سگهن- قوت جو سرچشمو!- ها، خليفي کي اهڙو هجڻ گهرجي.

مقتدر کي پنهنجي تعليم ۾ اهو سڀ ياد هو. هو هِي سُڻن ۽ خراب ڏينهن جون ڳالهيون ڪندا رهيا. تخت جي حاصلات جون ڳالهيون، مونس جي همدردي ۽ دليريءَ جون ڳالهيون ۽ ڪنهن نه ڪنهن طور حامد بن عباس جو به ذڪر اچي ويو.

”پٽ حامد کان محتاط رهندو ڪر - جاه پسند ۽ سخت مغرور شخص آهي.“

”اُمِ عزيز! سلطنت کي مضبوط ۽ اهڙا ماڻهو ته بنائي سگهندا آهن، جيڪي پنهنجي زور ۾ ڪنهن سان به ٽڪرائجي پون-“

”ڪنهن سان به؟“ شغب ڏکي ڇيو، ”خدا جو قسم! هرگز نه- اهڙن ماڻهن جي سزا ته دار آهي.“

”دار تي لڙڪيل سِر ڪوئي نفع بخش ڪم ڪنهن به ريت نتا ڪري سگهن نه ئي خدمت - نه ئي نيڪ نامي ماڻيندا آهن. حامد جي مغروريت ۽ گهٽ ملنساري، سندس تلخي ۽ پاڻ پسندي ڪيس ٻين کان اوپرو رکندي آهي. هُو ڪنهن سازش ۾ ملوث نٿو ٿي سگهي.“

مقتدر جي ڳالهه غور سان ٻڌي شغب نهايت گهرين نظرن سان ڏانهس ڏٺو. سندس پٽ عقل ۽ هوش جي راهن تي سفر ڪري رهيو هو. پنهنجي تجربي کي پنهنجن نبضن تي جانچي سگهيو ٿي. بيان ڪري سگهيو ٿي. هُو هڪ عمدي حاڪم وانگي ماڻهن جي قيمت ڪَٿڻ ڄاڻندو هو ۽ انهن سان مهرن وانگر ڪيڏ کي ڪامياب بنائڻ جا گُر ڄاڻي ويو هو.

”حامد بن عباس سان آئون همدردي ٿورڙي ۽ محبت وڌيڪ رکان ٿو. ڪڏهن ڪڏهن هن جون جاءِ بي جا درخواستون به ٻڌي وٺندو آهيان. اهو به ڏاڍو ضروري آهي. هُو منهنجي لاءِ هڪ ڪارآمد شخص آهي ۽ هنن حالتن ۾ جڏهن اولهه ۾ هڪ وسيع سلطنت پکڙجي رهي آهي. مهديءَ پنهنجا پير ڊگهيرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. مون کي دربار پاڻ ڏي وڌيڪ سهيڙي پنهنجي ويجهو رکڻ گهرجي.“

”بيشڪ بيشڪ.“ شغب دل ئي دل ۾ حامد جي گستاخين کي ياد ڪندي رهي پر هُو مقتدر کي ڇا چوي- اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن هُو نَون عزمن ۽ نون ساٿين سان گڏ خوش هو، هُوءَ ڪيس ڪجهه نه چوندي، نه ڪوئي حڪم نه ڪائي سفارش ته جيئن هُو اِهو نه سمجهي ته دخل انداز ٿي رهي آهي- هوءَ سندس رستي جي رنڊڪ نه بڻجندي. سندس دل ڪيئن به رت

ٿي رهي هجي پر هوءَ پنهنجا ٽورا نہ ٽاپيندي. هُن جيڪي ڪجهہ ڪيو اولاد لاءِ ڪيو ۽ مٿس يڪدم ٿڪاوت طاري ٿي وئي، جڻ زندگيءَ ۾ سوچڻ، ٻُڌڻ، چوڻ ۽ خواهش ڪرڻ لئہ باقي ڪجهہ نہ رهيو هجي. جيڪڏهن ان لمحي ڪيس موت اچي گهيري تہ بہ سندس دل ۾ ڪائي حسرت نہ اڀرندي - اهڙيءَ حالت ۾ حسين لاءِ هوءَ ڇا چوي- هو عام حالتن ۾ هڪ قيدي هو ۽ هڪ زندان کان ٻئي زندان ۾ منتقل ٿيڻ ڪو ايڏو وڏو سانحو بہ نہ هو، جو ان لاءِ گنڀير ٿجي. حسين جي پنهنجي هستي ۽ طاقتون بہ تہ هيون. هُو جنهن جڳهہ هوندو پنهنجي لئہ سهولتون پيدا ڪري وٺندو- ماڻهو سندس چوڌاري نثار ٿيندا. دُعا جا طالب پنهنجين تمنائن جي تڪميل لاءِ بيتاب ٿيندا. ڪوبہ هجي پر سندس مقناطيسي اثر ۽ شخصيت جي سحر کان بچي نٿو سگهي- آخر هوءَ ڇو ايتري پريشان هئي- خدا پنهنجين رحمتن جي محبت ڀري چادر هميشہ هميشہ کان مٿس ڦهلائي ڇڏي هئي- نہ تہ بغداد تہ هڪ عرش منور هو ۽ صوفين سان آباد هو.

”اُم مهربان! اوهين منهنجي لاءِ فڪرمند نہ ٿينديون ڪريو. وقت بي وقت جي زلزلن مون کي طوفان سان مقابل ٿيڻ جو حوصلو عطا ڪري ڇڏيو آهي-“

هوءَ پنهنجي پٽ ڏانهن هڪ ٽِڪ ڏسندي رهي.

ڇا هي اهوئي مقتدر هو جيڪو دريءَ منجهان ٻاهر ڏسندي بہ پوائجي ويندو هو. ڪيس رات جو ڪچندڙ وِکُن جا آواز بيقرار ڪري وجهندا هئا. هيسيل بي يقين نوجوان جيڪو هن جي سامهون هاڻ بي پرواهيءَ جي انداز سان ويٺو هو ۽ ڪيس فڪرمند نہ ٿيڻ جي تلقين ڪري رهيو هو. ڇا آخرڪار پيدائي مٿس راتاهو هنيو هو- سندس وارن ۾ هر عام عورت وانگر اڇاڻ گهر ڪري ورتو هو؟ سندس مٿي تي رک هاري وئي هئي- هن جون اکيون جن ۾ سدائين پرندڙ بحر جهڙيون لهرون ۽ طوفان لڪل هوندا هئا ڏُڙاتجي ويون هيون. هن خيالن جي جهڪي ٿيندڙ روشنيءَ ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي- اِهي انڪشاف هئا جيڪي مٿس ٿيا هئا- مٿس رازن جا بند دروازا کليا هئا. ڪيس سلطنت جي ڪاروبار کان الڳ ٿي وڃڻ گهرجي. ڪيس مقتدر لاءِ صرف دُعاگو ٿيڻ گهرجي. حسين ابن منصور جيڪڏهن ڪنهن ٻئي زندان ۾ هوندو تڏهن بہ ڪائنس دُعا جو طالب ٿي سگهبو هو-

هو عجيب مرد هو جيڪو عاجزيءَ ۽ خاڪساريءَ ۾ ٻنهہ ناچيز ذرڙو اوسي پاسي کان بيخبر يا نهايت باخبر پر خاموش اکيون بند ڪئي مناجاتن ۾ مَگن- ڄڻ تہ هُو ڪٿي هوئي ڪونہ، فنا- ۽ اوچتو سندس تيز اُلن ۾ وڪوڙيل ۽ وگهرجندڙ وجود طاقتن کي جلا عطا ڪندي- هي عالم فنا ۽ بقا هو جنهن جي مسافتن جي هن کي، شغب کي خبر نہ هئي- هي باطني سلطنت جنهن جو ظاهر سان ربط هو بہ ۽ نہ بہ، پر حڪمران ڪير هو؟ دنياوي جاهہ ۽ جلال جي هميشگيءَ لاءِ هُن جي ضرورت پوندي هئي. آخر ڇو؟

ڇا خدا دنيا کي نه ناهيو هو؟ ان کي ثبات ڇو نه هئي؟ انجام سدائين هڪ ئي ڇو آهي- فنا ۽ فنا؟- ۽ واچوڙن وانگر خيالن جو تيز طوفان سندس دماغ ۾ اڀرڻ لڳو- ڇڻ دشتِ سُوس کان هيڏو، ڪارسرو ۽ ڳاڙهسرو طوفان اچي رهيو هجي-

"اوهان جو مزاج ته ٺيڪ آهي؟" مقتدر ماءُ ڏانهن گهبرائجي ڏٺو جنهن جي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا جَرڪي رهيا هئا جيئن گُل تي باک ڦٽي جو ماڪ هجي. بدلجندڙ شڪل جو ڦڪو پوندڙ رنگ جيئن آهستي آهستي اَڇاڻ ۾ بدلجندي، شفق جي سُرخي رات جي جهول ۾ پناهه وٺندي آهستي آهستي اَڇاڻ ۾ بدلجندي، چانڊوڪيءَ جي چادر هيٺ لڪندڙ وِڄ جي چمڪاٽ سان ڪڪرن ۾ گم ٿيندي وڃي ۽ گهٽائون تيز رفتاريءَ سان نيراڻ هيٺ مِڙي اچن- پوءِ اُها شڪل ميسارجڻ لڳي. شغب جون اکيون بند ٿيڻ لڳيون. ڪيس ڇٽڪ ننڊ جي جهوتن ۾ اڏايو وڃي رهيو هجي ۽ سندس ڇنيرن کي وقت جي ڏوڙ ڳُوڙو ڪري رهي هجي. هُوءَ اُتي ئي بي هوش ٿي، مسند تي ڍرڪي پئي- مقتدر تاڙي وڄائي. ٻانهين امير المؤمنين جي ماءُ کي اندر جي وسيع ۽ عريض ايوان ۾ پهچائي ڇڏيو. ٻانهيون طبيبن لاءِ ڊوڙڻ لڳيون اُن ترڪ ٻانهيءَ لاءِ ڳيڙو رنگ جبا پاتل نصراني ۽ يهودي طبيبن جو هڪ انبوهه سرٻاهتن ۾ صلاح مشورا ڪرڻ لڳو، جيڪا مقدر جي مدد سان عباسي سلطنت لاءِ مهربان ماءُ بنجي وئي هئي.

حامد بن عباس جڏهن اولهه کان موٽيو ته حسين بن منصور کي سندس زندان ۾ منتقل ٿئي ستون سال هو. اولهه ۾ عبيدالله المهديءَ سان مقابلي ۾ شڪستن ۽ ذلت آميز پسپائيءَ سندس ذهني توازن ذري گهٽ بگاڙي ڇڏيو هو. هو پنهنجين ناڪامين ڪري سخت اُداس ۽ پريشان هو. شڪست سندس زندگيءَ ۾ زمانا اڳ اغول جي صورت ۾ داخل ٿي هئي ۽ بغداد جي سوق العامه مان اُن نهايت تيز منجهند ۾ سندس ڇوڏاري نحوست جو پاڇو بنجي پکڙي هئي. خوابن جهڙي صورت جيڪا اصل نه پر عڪس هئي- ان صورت کي هو ڪڏهن زير نه ڪري سگهيو هو، جهلي نه سگهيو هو، ڇاڪاڻ ته هن جي پويان حسين بن منصور جو خيال رهيو هو، رهيو هوندو- خلوتن، جلوتن، اڪيلائين ۽ مجلسن ۾ جيئن ته ٻانهي ڪيس ٻڌايو هو هو هميشه اُن جي خيالن ۾ غلطان رهي هئي. لهرائنن خيالن جي وَرن وَڪڙن ۾ مُنجهيل رهي هئي-

جيڪڏهن اغول ساڻس محبت ڪئي هجي ها، هوءَ ذهني طور تي آزاد هجي ها، ته دنياوي جاهه ۽ جلال جون سموريون برڪتون جيڪي هن لاءِ مهيا ڪيون ويندي هيون ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ ڪافي هجن ها، هوءَ ته عجيب راهه وچايل روح وا' ڳيان رُڃن ۾ ڀٽڪندي ٿي ڦري-

ڇا حسين بن منصور جو عشق ايڏو فتني انگيز ۽ جنوني هو-

هن زور زور سان ٺهڪ ڏنا- پنهنجو پاڻ تي کليو- پنهنجي نامراديءَ تي پشيمان ٿي ٿيو.

ايستائين جو کيس سندس پٽ حسين جي موت جي خبر ملي. هو نہ چاڻ ڪهڙي ميدان ۾، ڪهڙن ماڻهن وچ ۾، ڪهڙن پاڇن ۾ ماريو ويو- پوءِ کيس هر لمحو ياد ٿي آيو، هر لمحو ۽ هڪ هڪ گذريل پل، ۽ پنهنجي نامراديءَ تي، پنهنجي متجي وڃڻ تي کيس بيحد ڪرپ ٿي ٿي. سندس وات ۾ چڻ رک هئي. دنيا جو هر عيش ۽ دنياوي طاقتون سڀ خاڪ هئا. هو متجي چڪو هو- ناڪام- ۽ هاڻ شڪست زده ۽ نامراد ٿي ڪري هو خليفي کي ڪهڙو جواب ڏئي-

خواهش جي هڪ شهر جو ماتم سندس مقدر هو-

حسين بن منصور وانگر عبيدالله مهدي بہ ناقابل شڪست هو- هو نهايت درويش صفت حاڪم، جبلن جيڏو حوصلو رکڻ وارو، پنهنجي فوجن لاءِ هڪ آتشي ديوار ثابت ٿيو، جنهن سان ٽڪرائي سڄي فوج خاڪ ٿي وئي- پاڻ حامد نهايت ڏکيائيءَ سان جان بچائي بغداد ڏانهن وريو هو. هو ان جو بدلو ڪنهن کان وٺي؟ ملامتن جو نشانو ڪنهن کي بنائي؟ رُسوائيءَ جو ذميدار ڪير هو- نامرادين جو ازالو ڪنهن کان ڪري؟

هو ڏند ڪرٽيندي، سُنسان نشست گاهہ ۾ پهرن جا پهر پَسارُ ڪندو رهندو هو، اُن ڏينهن رات جي اوجاڳي کيس نهايت بخيل ۽ بدمزاج بنائي ڇڏيو هو.

آخر هو ڪنهن کان ڪاوڙيل هو؟

سندس رت ۾ تاءُ وڌيو ٿي، ايستائين جو ڪنن جون پاپڙيون تپڻ ٿي لڳيس. هُن نهايت بي وسيءَ منجهان هڪ هٿ کي ٻئي هٿ تي ٿي هنيو. هو آخر ايترو بي وس ڇو هو؟!

”جعفر مقتدر جي ماءُ شغب-“

۽ کيس نئين سِر ڪاوڙ آئي. اها هڪ عورت هئي جيڪا سندس بغداد منجهان غير حاضريءَ جي ڏينهن ۾ حسين بن منصور وٽ لڳاتار حاضر ٿيندي رهي هئي-

هر طرف هو ئي هو- کيس چئني پاسي کان گهيرو ڪيل- سندس ناڪامين جي عمارت جي بنيادن ۾ اول ۽ آخر هُوئي هو-

هڪ بي سرو سامان وجود جيڪو پاڻ متائڻ ۾ مصروف هو، متيءَ جي اونداهين ۾ متس ڪِلي رهيو هو. هو ڄاڻندو هو تہ سندس بي وسي ڇا هئي ۽ ان جو باعث هو ئي هو. زندان اندر بند، لوهي سيخن پويان، ٻيڙيون پاتل، عبادتن ۾ مگن، پنهنجي نعري اناالحق کي پنهنجي آهُن ۾ دٻائي، پنهنجي خاڪ نشينيءَ ۾ پنهنجي برتريءَ کي سمجهندي، پنهنجي هئڻ تي فخر ڪندي، هو جنهن جون اکيون بي پناهہ هيون پر جن کي روشنيءَ کان حجاب ٿيندو هو!-

خرقي پوش جنهن کي پنهنجي ميري گودڙيءَ ۾ پليل جُوئُن جي بہ خبر نہ هئي-

ديوانو جنهن کي عقل ۽ هوش جي ڪائي خبر نہ هئي-

خدا شناس، جيڪو عبادتن ۾ ڪُپو ٿي ويو هو. جنهن جي مَثيل هلت خودنمائيءَ کي ڇُهندي محسوس ٿيندي هئي.

جڏهن پنهنجي اولهائين سفر بعد هو زندانين کي ڏسڻ ويو تہ کيس ائين محسوس ٿيو هو ڇڻ حسين بن منصور تہ آزاد هو. قيدي تہ دراصل هُو هو، حامد بن عباس!

ڪلام الله پڙهندي جنهن تي ڪنبڻيءَ جي ڪيفيت ائين طاري ٿي ويندي هئي ڇڻ تُند ۽ تيز هوائن جي لهرن تي اُڏامندڙ گاه جو هڪ سڪل هو، جنهن جو پاڻ تي ڪوبہ اختيار نہ هجي ۽ هوا کيس آسمانن جي اوُچ ڏانهن کڻي ويندي هجي.

سختين جي باوجود سندس تجلي ڏيندڙ پيشاني ائين ٿي لڳي ڇڻ اُن منجهان شعاءَ نڪري رهيا هجن- اوپر ڪان سج رنگبرنگ ۽ شفيق روشنيءَ سان جهان کي منور ڪري رهيون هو ۽ ائين محسوس ٿيندو هو يا شايد اهو نظر جو فريب هو تہ زندان هن سان آباد هو جيئن موڪ جي مڏ سان ڪنان تار پيمانو-

هو موٽي آيو هو، ۽ دريون در ڏسندڙ اکين جيان سندس ضمير بي ضمير کي تڪي رهيون هيون، ڇڻ تہ ملامت ڪري رهيون هجنس- هو گهبراهٽ ۾ مبتلا رهيو هو، سندس جسم جي هر سوراخ منجهان پگهر وهي رهيو هو ڇڻ تہ اغول ۽ سندس پٽ حسين ڪِلي رهيا هجنس- متن ٽنول ڪري رهيا هجن. کيس رت جي رواني پنهنجي متي ڏانهن ويندي محسوس ٿي. دماغ سُن ۽ ڪنن ۾ سيٽيون وڄي رهيون هيس ۽ ڪائي ڏيمي وهڪ سندس دماغ ۾ روان هئي جيئن هوا خالي ايوانن ۾ درن ۽ درين کي تنگ ڪندي هلي رهي هئي- سندس اکين سامهون مدم مدم پاڇن جهڙا باهہ سان لبريز عڪس تري رهيا هئا. اهي پاڇاوان ڪڏهن شعلن وانگي نچندا، ڪنبدا ۽ ڪڏهن نمرود جي ٽريل باهہ وانگر کيس پنهنجي سيءَ ڪان ڏڪائي رهيا هئا.

دشمن جيڪڏهن برابريءَ جو هجي تہ مقابلو ڪندي ماڻهو پنهنجي اندر ۾ فخر محسوس ڪندو آهي. جيڪڏهن نيچ هجي تہ اُن تي رحم ڪري سگهبو آهي. جيڪڏهن ان کي معاف ڪيو وڃي تہ انسان جي نرم مزاجيءَ واريءَ حِس کي تسڪين ملندي آهي پر هتي دشمن تہ سراپا لاتعلق هو ۽ نهايت دانا بہ- هُو تہ ڪنهن بہ ساهميءَ جي پلڙي ۾ نہ رکي سگهبو هو- ڪمتر بہ نہ جو هتي بہ ڪونہ ڪو مقابلو ٿيڻ گهرجي. بدتر بہ نہ ۽ برابريءَ جو سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو. رحم جي قابل بہ نہ، جو هن تہ ڪڏهن ڪائي درخواست ئي نہ ڪئي هئي!

هو ڇا ڪري، هُو جو هر پيماني ڪان ماوراء هو ۽ ان جي پيٽ ۾ڪوئي لفظ نہ هو- لفظ حامد جي انهيءَ ڪيفيت کي بيان ڪرڻ ڪان عاجز هئا، بي پهچ هئا، لفظ ڇا هئا؟

نظاميہ مدرسي جا اُستاد، فقهاء، شيخ ڪامل ۽ فلسفي، اهي سمورا ”ارباب توحيد“

جيڪي لفظن جي اندر لهي هڪ پُرمعنيٰ جهان جو نئون بنياد وجهي رهيا هئا. اهي ڇا ڪري رهيا هئا- ڪيس ڪو هڪ حرف جيڪو سندس ڪيفيت جو ترجمان ٿئي نه ملي رهيو هو-

هُو سخت مُنجهي پيو ۽ هن تاڙي وڄائي.

ڊگهن بخملي پردن جي پويان ڪان ٻانهين ڪيس وحشت زده نظرن سان ڏٺو.

ڪهڙو حڪم ڪيو ويو هو؟

هو شڪلين، آوازن ۽ وجودن سان گهيرجي ويو هو ڄڻ هو هڪ ئي وقت هڪ وڏيءَ فوج سان گڏ زندان ۾ اسيريءَ جي حالت ۾ هجي. هو گهمي گهمي پنهنجي چوڌاري ڏسي رهيو هو. ڇا هُو ديوانو هو؟

هو بيهي وري ويهي رهيو ۽ هن پنهنجو مٿو جهلي ورتو. ڇا هو ڪِري رهيو هو- نشست گاه جي هر شيءِ رقص ۾ محو هئي- ٻانهين جون شڪليون ڇت ۾ لڳل هيون ۽ قنديلن وانگر جن جا مچ طوفان ۾ ڪاٻي ساڄي حرڪت ڪن، تيزيءَ سان ويجهي ايندي پري ٿي ٿي ويا. ڪُن ۾ مبتلا ٻيڙي ٻُڏڻ ڪان پهرين دائرن ۾ گرفتار هئي ۽ پوءِ ٻڏي وئي- هن مٿان لهرون ۽ ويرون وري ويون.

وتس نظاميه مدرسي جا ''ارباب توحيد'' مدعو هئا ۽ محفل جو رنگ اڄ ٻيو هو. شيخ نشستن تي جاڳزين هئا ۽ نهايت محتاط نموني سان گفتگو ٿي رهي هئي. حامد بن عباس ڪڏهن هڪ مسند آڏو گوڏا ڪوڙيا ۽ ڪڏهن ٻيءَ وٽ وڃي نياز منجهان ڪنڌ ٿي جهڪايو، ڪڏهن ٽئين طرف نهايت باادب خادم وانگر منتظر ٿي رهيو ته ڪڏهن ڪنهن ٻئي جي سامهون زبان گُنگ ڪئي بيٺو ٿي رهيو.

سندس هيءَ نهايت سعادت ۽ خوشبختي هئي، جو حضرت جنيد سندس دعوت قبول ڪري ورتي هئي ۽ جيئن ته هو نظاميه مدرسي جا شيخ ڪامل هئا. ان ڪري سندن پيرويءَ ۾ سيني ماٿهن هتي اچڻ تي آمادگي ظاهر ڪئي هئي. ٻانهيون ۽ خادم نهايت احترام سان- جيڪا ڳالهه مهمانن بلڪ خاصن جي لاءِ به مخصوص نه هئي، ۽ پيو هر هزت ۽ احترام جو سامان هتي آڻي رکيو ويو هو- ڄڻ پتيون به همه تن گوش هجن ۽ ساه روڪي بيٺيون هجن!

جڏهن حامد حضرت جنيد وٽ حاضر ٿيو هو ته پاڻ فرمايو هئائون:

''آئون گوشي نشين آهيان. شاهي بارگاهن ۾ منهنجو اچڻ وڃڻ ناهي هوندو. اوهين ڇا جي ڪري اسان کي سڏائڻ لاءِ، ۽ ڇو ايڏا بيچين آهيو.''

''منهنجي گهر جي ٻي بسيءَ ۾ اوهان جي پيلارن قدمن سان بهار اچي ويندي.'' هن ادب وچان بيٺو ٿيندي چيو.

حضرت جن سوچڻ لڳا. سوچيندا رهيا هئا. دنيا جي سمورين رونقن ۽ خوشين تائين هت موجود هجڻ باوجود هن ڇو ائين چيو هو!

"حضور! دل ڪنهن شيءِ سان نٿي پرچي. سيدي! آئون بي سرو سامان آهيان. منهنجي اندر ۾ سواءِ پُرشور طوفانن جي ٻيو ڪجهه ناهي-"

حضرت ڏانهس ڏسندا رهيا ۽ سوچيندا رهيا-

'سلطنت جو هي سردار جيڪو اولهه جي مهم ڪان ناڪام موٽيو هو ادب ۾ ڪنڌ جهڪائي خاموش ويٺو هو پر جنهن دعا لاءِ نه چيو هو- خبر ناهي سوالن جا سوال ڪهڙا هوندا آهن؟ جڏهن دل جي انديارن منجهان ڏيئا اُجهامي وڃن ته پوءِ سواءِ عظيم ايماني قوت جي ڪنهن طرح به ڪين روشن نٿو ڪري سگهجي. هن جو سوال صرف سندن قدمن جي برڪت حاصل ڪرڻ هو. هو ايڏو شڪست سان لاچار، وڪريل ۽ ڏڪويل هو جو ڪين مٿس ترس کائڻ ڪان سواءِ ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهيو!'

"حامد بن عباس - جيتوڻيڪ اهو اسان جو دستور ناهي ته اسان شاهن جي ايوانن ۾ حاضر ٿيون. پر تو وٽ اينداسين- سموري مدرسي جي استادن سان گڏ-"

حضرت ڪنهن نئين ڪتاب جي نسخي جي درستي ڪرڻ ۾ لڳي ويا هئا.

۽ هاڻ هو پنهنجي قسمت تي نازان گودڙي پوش ماڻهن جي وچ ۾ غلامن وانگر خدمت ۾ مَحو هو. عقيدت ۽ محبت جي جذبن سان سرشار سندس نهايت خاص دوست به فرش تي ويٺا هئا- ڪنهن کي ڪجهه ڪُڇڻ جي مجال نه هئي. هي دعوت عام نه هئي- هي مهمان عام نه هئا- جام و مينا کان بي نياز سرشار ۽ سرمست ماڻهو جيڪي سموريءَ دنيا کي پنهنجن پيرن ۾ سمجهندا هئا ۽ جن جي لاءِ عيش عشرت، جاه جلال ڪا حيثيت نه رکندا هئا- خداوند عالم کي ويجها-

جڏهن موڪلائڻ جي مهل ويجهي آئي ته حامد بن عباس گوڏن ڀر ويهي، ڪنڌ جهڪائي، چوڻ لڳو:

"منهنجو هڪ سوال آهي، ڇا اجازت ملي سگهندي ته آئون اهو پيش ڪريان!"

حضرت جنيد حيرت مان ڪيس ڏٺو سندن پيشانيءَ تي، ٻنهي ڀرونئن وچ ۾ هڪ لڪير جيان اُڀري-

هو جڏهن حيران يا محظوظ ٿيندا هئا ته اهو گهرو گهنج سندن پيشانيءَ تي روشني جي لڪير بنجي ڪين نوراني بنائي ڇڏيندو هو.

استاد ۽ فقها، فقرا ۽ فلسفي سڀ حضرت جنيد جي مسند جي ويجهو ويٺا هئا ۽ حامد سيني جي توجهه جو مرڪز هو. ميزبان جو سوال ڪهڙو ٿي سگهي ٿو- هو دعا جوئي طالب هوندو ۽ هن جي حسن سلوڪ کان متاثر ٿي سندس عاجزيءَ کي ڏسندي سڀ هن لاءِ دعاگو هئا-

"شيخ ڪامل هڪ دستاويز آهي جنهنجي ڳُڻن ۽ اَوڳڻن تي اوهان جي رهنمائي گهران ٿو."

نظاميه مدرسي جي ئي نه، بغداد جي ئي نه، سموري عالمِ اسلام جي مهتابن ۽ آفتابن

نهايت غور سان حامد ڏانهن ڏٺو- هو ڪنهن دستاويز تي راءِ وٺڻ گهرندو هو ۽ سندس عاجزي بي مطلب نه هئي- سڀ شڪليون اُن سوال لاءِ منتظر هيون- ۽ پيشانين تي وَرن پويان وَر هئا-

حامد تاڙي وڄائي ته غلام سون جي طشت ۾ هڪ ٿُهو ڪاغذن جو پيش ڪيو، شمعون ويجهو آنديون ويون ته جيئن پڙهڻ ۾ سولائي ٿئي.

حضرت جنيد اُهي ڪاغذ الجريريءَ ڏانهن وڌائي ڇڏيا. سندن شڪل ڪنهن به جذبي کان خالي هئي.

سيني عالمن اُهي ڪاغذ هڪ نظر ڏسي طشت ۾ رکي ڇڏيا. ڪنهن ڪجهه به نه چيو. سندن منهن به شيخ ڪامل وانگر هئا-

”شيخ مڪرمين! آئون اوهان جي راءِ معلوم ڪرڻ گهران ٿو-“ حامد بن عباس تمام گهٽو جهڪي چيو.

”ڪنهن ديوانگيءَ تي سَند جي ڪهڙي ضرورت آهي وزير مملڪت!“ حضرت جنيد جن اُٺي بيهي رهيا هئا.

”جيڪڏهن ديوانگي ڪُفر جي حدن کي ڇهڻ لڳي ته ان تي پڇاڻو ضرور لاڳو آهي.“ هن نهايت نرميءَ سان چيو.

”جيڪو ديوانو آهي سو ڪفر ۽ ايمان کي نٿو ڄاڻي ۽ جيڪو ديوانو ناهي اُهو دانا به نٿو ٿي سگهي-“ جريري ڇانٽ اُڪري ويو.

حامد ڪانئن موڪلائي واپس آيو. خالي نشست گاهه ۾ چُپ چاپ بيٺو رهيو ۽ دجلهٰ جي هوا طشت ۾ رکيل ڪاغذن کي وکيريندي رهي، جيئن زرد پتن کي پن ڇڻ جي هوا مزارن جي چوڌاري ڦيراتيون پارائيندي آهي.

ڦهوي خاني جي دونهاتيل ۽ ذري گهٽ اونداهيءَ ڪنڊ ۾ ويٺل هڪ شاعر چيو:

”اڄڪلهه ابوبڪر صولي ۽ حامد بن عباس وچ ۾ ڏاڍي ويڇڙائي آهي.“

”اها ذري گهٽ دنيا جي سڀ کان اهم خبر آهي انهيءَ ڪري جو خليفي جي دوستن ۽ درٻارين مان وزير مملڪت جي سڀ کان وڌيڪ اٽڪٽ ته صوليءَ سان هئي- مون ڪنهن کي پاڻ صوليءَ واتان چوندي ٻڌو آهي ته حامد ۽ خليفي جي تعلقاتن ۾ سرد مهري آهي. هاڻ اولهه کان موٽڻ بعد شايد حامد کي اهڙن دوستن جي ضرورت محسوس ٿي هوندي جيڪي ڪنهن وقت به خليفي وٽ هُن لاءِ سفارش ڪري سگهن-“

”جيڪڏهن ڪيس سچن ساٿين ۽ خير خواهن جي ضرورت آهي ته خاتون شغب جي درٻار ۾ حاضري ڀرڻ ۾ ڪهڙي خرابي آهي-“ هن پنهنجين ميرين آڱرن سان وارن کي ڦٽي ڪڍندي چيو.

"اهو واسطو ڪجھ ڏکو آهي ۽ انهيءَ رشتي ۾ ٻه چار ڳنڍيون ٻيون ٻه آهن ۽ وري ٽي سگهي ٿو ته مادرِ مقتدر ڪنهن سبب حامد ڪي ڏسڻ ٻه گوارا نه ڪنديون هجن، ڇو ته ويجهڙ ۾ عبيدالله مهديءَ جي واقعي ڪان ٿورو اڳ هن مٿن درٻاري معاملن ۾ بيجا دخل اندازيءَ جو الزام هڻي ڪين سخت ناراض ڪيو هو-"

ٻئي ڇٽي پيشانيءَ ڪي آڱرين سان ٺڪرائيندي چيو: "جيڪڏهن اها ڳالھ آهي ته ابوبڪر صوليءَ سان گهاٽائيءَ لاءِ ٻه وڏيڪ ڏکو سفر درڪار آهي-"

"سواءِ ان امتياز جي سياست جي شطرنج تي مهرا صرف استعمال ڪيا ويندا آهن."

هنن قهري خاني جا ترڪي پيالا خالي ڪري پنهنجي سامهون رکي ڇڏيا.

"ڇا صولي خليفي جي مزاج ۾ ان حد تائين دخل انداز آهي؟" واصف وري پڇيو.

"ذري گهٽ - نه ته حامد ڪي ڪهڙي مصيبت ڪنيو، جو هر شام ڪيس پاڻ وٽ مدعو ڪري- بهترين شراب، قيمتي ۽ اعليٰ نشت خانن ۾ سندس تواضع ڪري-"

"مقتدر ڪيس طلب نه ڪيو-"

"ڪيو هو پر ٻئي مات رهيا، پرڏيهي معاملن جي وزير ته اهوئي چيو هو."

"شاهن جي مزاجن تي ٻه شايد مُندن جو اثر هوندو آهي- شايد اُن ڏينهن آسمان جهڙالو هجي يا هوا تيز هجي يا خوفناڪ طوفان هجي يا خليفو پنهنجي مهربان ماءُ سان ڪنهن اصولي ڳالھ تي اڙيو هجي يا ٻيون سوين ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون!"

هن غلام ڪي اشارو ڪيو جيڪو گرم قهوو پيالن ۾ پيري رهيو هو.

"پر حامد ڪجھ ڏينهن پهرين نظاميہ مدرسي جي مشائخن ۽ عالمن ڪي مدعو ڪيو هو، تو ڪي اها خبر پئي؟"

"ڪيس گوشي نشين عالمن مان ڪهڙو فائدو ٿيندو- جيتوڻيڪ حامد جي طبيعت ۾ پراسراريت ته آهي جيڪا ڪيس ماڻهن لاءِ ڪجھ توجھ جي قابل ۽ خوف انگيز بنائيندي آهي. پر ماڻهو نڪي سندس محبت تي اعتبار ڪندا آهن ۽ نه ئي ڪيس توجھ جي قابل سمجهندا آهن. هو ڪن پل ۾ عجيب مَتجڻ وارو ۽ زهريلو ماڻهو آهي. البت دشمن سخت آهي ۽ سندس طبيعت ۾ ضد جيڪا پائداري پيدا ڪئي آهي اها ماڻهن ڪي خائف ڪري وجهندي آهي. امير اُمراءَ سندس رستا ناهن ڪٽيندا. ڪيترائي ماڻهو درٻار ۾ ڪانئس ڪن هٽندا آهن. هو ماڻهن ڪي پنهنجين ضرورتن پٽاندر استعمال ڪري وٺندو آهي جيئن ماناري مان ماڪي لاهي ڪيس بيڪار ڪري ڦٽو ڪيو ويندو آهي-"

"انهيءَ ڪان سهڻي تشريح ٻي ڪا نٿي ٿي سگهي!" هُن پيالي مان قهوي جون چسڪيون ڀريندي سوچيو.

قاضي ابو عمر چيو: "سيدي حامد! اوهان نظاميه مدرسي جي صوفين ۽ استادن منجهان ڪائي اُميد نه رکو، جو هو پاڻ شڪن شبهن جو شڪار آهن. سندن مذهب رمزن ۽ اسرارن جو هڪ اونداهو ۽ نهايت گهاٽو جهنگ آهي. جنهن ڪي هُنن پنهنجي چوڌاري پاڻ آباد ڪيو آهي ۽ پاڻ ئي اُن منجهان راهون ڳوليندا آهن. آئون پوري اعتماد سان ته نٿو چئي سگهان پر اصل معاملو اُتي به ڪجهه بيو آهي- وتن فلسفي ۽ بين ڪيترن علمن جي ايڏي ڏوڙ اُڏامندي آهي- توحيد جي موضوع تي اهڙا اهڙا بحث ٿيندا آهن جو انهن بحثن ڪي ٻڌي ئي ماڻهو گمراهه ٿي وڃي-"

"ڇا مٿن روڪ ٽوڪ نٿي ڪري سگهجي." حامد حيران ٿي پڇيو.

"هن عظيم سلطنت جي وسعتن ۾ اهڙا ڳجها عقيدا رکڻ وارا ماڻهو هر جڳهه موجود آهن. اوهين ڪنهن ڪنهن جي خبر وٺندؤ. ڪٿي ڪٿي بندشون وجهندؤ. انهيءَ ۾ ڪير ڪير ملوث آهي، ڪهڙي خبر ۽ وري اها وَبا جيڪا عقيدن ۾ طوفان برپا ڪندي آهي-" قاضي ابو عمر ڪافي سنجيدو نظر اچي رهيو هو.

"اهي ماڻهو ابليس کي الأهي راز جو محرم سمجهن ٿا، خدا کي واحد ميڄڻ ۽ ساڻس ازلي محبت ڪرڻ وارو! ڇا اِهو ڪفر ناهي؟" حامد ڪجهه جوش منجهان چيو.

"بلاشڪ ڪفر!" ابو عمر نشست تي پاسو ورايو.

"پوءِ به انهن ماڻهن مٿان ڪا گرفت ناهي، ڪا حد لاڳو ناهي. اُنهن جو ڪو احتساب ناهي!" حامد اُتي ڪمري ۾ هلڻ لڳو.

"آئون وري به عرض ڪندس وزيراعليٰ ته احتساب ممڪن ناهي. بغداد هونئن به نَون خيالن ۽ مختلف قسم جي ماڻهن سان ڀريل هڪ گهاٽو جهنگ آهي، جتي هر وڻ جي اوٽ ۾ هڪ نئين صورت آهي. هر اجنبي گهات ۾ ويٺو آهي- اُتي ئي ته سڀ ڪان وڌيڪ آزاد ٿِئي هلي- هتان جا سمورا ذاتي ۽ حڪومت جا بنديخانا به پورا نه پون جيڪڏهن اهڙن ماڻهن تي گرفت مضبوط ڪئي وڃي ۽ وري خليفي جي ماءُ اُمِ اميرالمؤمنين شغب جو غير ملڪي رت ڪين ڪنيو ويٺو آهي- هوءَ پنهنجي پٽ جي ڊگهيءَ عمر لئه دعا جي طالب رهي ٿي جنهن شخص متعلق ڪين معمولي خبر به پوي ٿي ته هُو خدا رسيده آهي ته ان تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ دير نه ڪندي آهي. بغداد جي گهٽي گهٽي اهڙن ضعيف الاعتقاد ماڻهن سان جيڪي خوفزده ۽ هراسيل آهن آباد آهي." هن ساهه کڻڻ لاءِ رُڪيو.

"ظاهر ۾ ته ڪو به چارو ناهي. خليفة المسلمين جي مهربان ماءُ جيڪا دربار تي پنهنجين ٻانهين، غلامن ۽ ترڪي سردارن سبب قابض آهي، عقيدن جي انهيءَ ڏوڙ ۾ نه ايمان لاءِ پريشان آهي ۽ نه ئي ڪفر تي بيچين-"

ٻَئي تاڙيءَ پيئندا رهيا.

شيشي جا جام روشنيءَ تي سونهري لڳي رهيا هئا ۽ درين منجهان بهار جي هوا دجله جي لهرن جي آوازن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻئي ڪناري ڪان رولو راڳين جا آواز به اندر آڻيندي ٿي رهي، راهدارين جي ٻئي منڊ تي غلام چپ چاپ سڏ جا منتظر هئا ۽ ٻانهين جي اچڻ وڃڻ جو دروازو بند هو.

"آئون سمجهان ٿو ته هاڻ وقت اچي ويو آهي ته خاتون شغب جي انهيءَ بي راه رويءَ ۽ ڪفر جي حوصلي شڪني ڪئي وڃي!" حامد پيماني کي زور سان طشت ۾ رکيو.

قاضي ابو عمر ڪو به جواب نه ڏنو. شايد هو گهريءَ سوچ ۾ ٻڏل هو ۽ جام سندس هٿ ۾ مضبوطيءَ سان جهليل هو.

حامد نشست گاهه جي هڪ چيڙي ڪان ٻئي چيڙي طرف قدم وڌائيندي سوچڻ شروع ڪيو.

"راتاهو لڳڻ گهرجي، مڪمل يلغار ٿيڻ گهرجي، فتح جي يقين سان گڏ. جنگ جي طبل وڄائڻ جي ضرورت ناهي. حملو ايڏو مخفي هجي جو ان اسرار تائين ڪو به پهچي نه سگهي. دشمن کي پاڻ سنڀالڻ جو موقعو ئي نه ڏنو وڃي ته جيئن هو پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجهه چئي سگهي، اولهه ۾ جنگ ۽ شڪست هر جڳهه ته منهنجو مقدر نٿي ٿي سگهي- خدا جو قسم ائين نه ٿيندو- جهڙيءَ طرح عبيدالله مهدي هڪ نئين مذهب جو داعي ٿي، بغداد جهڙيءَ ئي هڪ جدا سلطنت جو مالڪ ٿيو وينو آهي-"

قاضي ابو عمر ۽ هو دسترخوان تي اڪيلا هئا.

"اوهان کي منهنجي مدد ڪرڻي پوندي-"

حامد گوشت جو هڪ وڏو ڳاڙهو ٽڪر سندن سامهون رکندي چيو-

"آئون ڪفر لاءِ ڦهرناڪ آفت آهيان. جتي ڪفر کي ڏسان ٿو ۽ سمجهان ٿو ته آئون اُن تي حاوي ٿي سگهان ٿو، اتي پنهنجا سمورا وسيلا آزمائيندو آهيان. اوهين مون کي ڪنهن جاءِ تي به خوفزده نه ڏسندؤ." هن هڪ وڏو گرنهن وات ۾ وجهندي چيو.

"مون کي اڪثر اوهان جي مدد جي ضرورت پوندي رهندي-" حامد جام ڀريو.

"آئون دوست آهيان، مون تي اعتبار ڪري سگهجي ٿو پر..." قاضي ڏاڍيءَ محويت سان ڪانٽڻ ۾ لڳل هو، "خاتون شغب جا جاسوس ڏاڍا خبردار آهن!" هن ڳالهه ختم ڪئي.

"انهن سان اسان جو واسطو! اسين ته ڪفر خلاف وڙهنداسين ته جيئن ايمان سلامت رهي، ان تي ڪو حرف نه اچي! ۽ اوهان ڏٺو ته انهي معاملي ڪان اکيوٽ ۽ لاپرواهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو اولهه ۾ هڪ مقابل پيدا ٿيو- واعدو ٿيل مهدي: جنهن جي سلطنت ڏينهون ڏينهن پڪڙجي رهي آهي. اسان سيني جي زندگي ۽ چوٽڪارو انهي ۾ آهي ته اسين بغداد ۾ ڪنهن آواره خيال کي رهڻ نه ڏيون. اوهين منهنجو مطلب سمجهي رهيا آهيو نه!"

"بلڪل بلڪل." قاضيءَ جام ڪٽندي چيو.

"اسان جو ڪم نهايت ڌيمي رفتار سان ٿيڻ گهرجي. هڪ هڪ الڳ الڳ، ته جيئن ماڻهن کي اها خبر پئجي ئي نه سگهي ته اصل ارادو ڇا آهي، ۽ اسان جي منزل ڪهڙي هوندي. هن ڪم ۾ سوا اوهان جي ٻيو ڪو شريڪ نه هوندو. شرڪت سان راز ڪُلي پوندا آهن!"

هُو ماٺ ٿي ويو.

يوسف بن الحسين چيو:

"اڄ حامد بن عباس وٽ منهنجي طلبي ٿي هئي، جيتوڻيڪ سڌ جو طريقو دوستاڻو هو پر ان سرتابي قطعيت طور حڪم عدولي ۾ به ممڪن ناهي. مون کان هڪ تحرير تي راءِ گهري وئي هئي."

جنيد سونهريءَ مَس ۾ ٻڏل قلم رکي ڇڏيو ۽ سندن ٻنهي ڀروئن وچ ۾ هڪ گهري ڪاهيءَ جهڙي لڪير هئي جيئن ٻن فوجي جٿن جي وچ ۾ فاصلي جي حد-

"اهڙيون تحريرون انهيءَ کان پهرين به لکيون ويون هيون- ماڻهن ائين به سوچيو هو!" پاڻ ڪجهه سوچيندي چيائون.

"پر مون کان قطعي راءِ گهري وئي هئي ۽ مون چيو عزرائيل جي شان ۾ اهو قصيدو ڪنهن ابليس پرست کان سواءِ ٻيو ڪو لکي نٿو سگهي." يوسف ڪجهه گهٻرائجي چيو.

"اوهان جو تبليغي علم اهو ئي چوندو-" پيشانيءَ تي لڪيرون گهريون ٿي ويون پر آواز نهايت نرم هو.

يوسف ويجهو آيو. ذري گهٽ نِميو ۽ معذرت گهرڻ وارن جهڙي انداز ۾ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين.

"جيڪو ٿي چڪو ۽ چئجي چڪو ان کي اوهين موٽائي نٿا سگهو. حامد فتنن جي ڳولا ۾ آهي. هو اولهه ۾ پنهنجي شڪست جي ذلت کي اهڙيءَ طرح مٽائڻ گهري ٿو. عبيدالله مهديءَ ۽ هن ڳالهه ۾ ڪائي پيت ناهي." جنيد قلم کڻي ويڪري حاشيي ۾ ڪجهه لکڻ لڳو.

"هن جي نظر ۾ نظاميه مدرسو مشرڪن ۽ زنديقن آواگون ۾ يقين رکڻ وارن جو آستان آهي. سندس اک اڄڪلهه هر طرف ڪفر ڏسي رهي آهي ۽ سندس هٿ پهچ جي ڳولا ۾ آهي. هو مقتدر بالله جي نظرن ۾ سرخروئيت چاهي ٿو ۽ سندس عزم خطرناڪ آهن-" يوسف ڪجهه تيزيءَ ۾ ڳالهه ختم ڪئي.

"اک، جيڪي ڏسي ٿي سو ڏسي ٿي!" جنيد حاشيي ۾ باريڪبينيءَ سان ڪجهه نهايت سنهون لکي، قلم رکي ڇڏيو - "۽ پوءِ آئون سمجهان ٿو ته سرخروئي حاصل ڪرڻ جا ٻيا به هزارين طريقا آهن. مقتدر کي خوش ڪرڻ يا ڪيس اشارن تي هلائڻ حامد لاءِ ڪا ناممڪن ڳالهه ناهي-"

پوءِ هن ٿڏو ساهه پريو ۽ گهڻي دير ماٺ رهيو.

"صرف ڪنهن بي گناهه جو زيان نه ٿئي- هيءُ نهايت نازڪ وقت آهي!" هن لکيل صفحن کي وري ورايو ۽ ڪٿي ڪٿي ڦيرڦار درستي ڪئي.

"هيءُ ئي وقت نازڪ ڇو؟" يوسف بن الحسين پڇيو.

"تصوف جي چوپڙ، اڄ کان ويهه سال اڳ ويڙهجي چڪي آهي ۽ اهڙي ڪا به طرزِ تحرير ماڻهوءَ کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ ڪافي آهي. جيڪڏهن حامد ڪنهن تحرير تي اوهان جي راءِ گهري ٿو ته سندس نظر ۾ اها ڪفر جي فتويٰ هئڻ کپي، ۽ ڪفر لاءِ ڪا به سزا تجويز ڪري سگهجي ٿي-"

"پر ڇو؟" يوسف خوفزده ٿي هڪدم پنهنجي جڳهه کان اڳتي جهڪيو.

"اشارن جي زبان ۽ رازداري، گهٽ ڇوڙ ۽ خاموشي، اهي ئي هن زماني ۾ عمدا هٿيار آهن-" جنيد ڪتاب ۾ ڪجهه ٻين لفظن کي قلم جي زد ۾ آندو.

"ڪنهن ويچاري ابليس جي اعليٰ همت کي قابل تعريف نه ڄاڻ ڇو ٿي سمجهيو، جو مون ان کي ڪفر ڇنڍي ڇڏڪ ان تي ڪفر جي مهر لڳائي ڇڏي- هاڻ اهي سڀ تعريفون ڪفر ۾ شمار ٿينديون ۽ آئون ڪجهه ڪري نه سگهندس-"

"راءِ يا فتويٰ ڏاڍيون عظيم ذميواريون آهن،" جنيد ڪتاب ڪنهن ٻئي وقت لاءِ بند ڪري ڇڏيو - هُو اطمينان سان ويٺو ۽ يوسف سان ڳالهائڻ لڳو:

"ابليس سان موسيٰ سينا ۾ مليو
۽ پڇيائينس ته توکي ڪهڙيءَ شيءِ آدم کي سجدي ڪرڻ کان جهليو؟
ابليس جواب ڏنو. جيڪڏهن آئون سجدو ڪريان ها ته پنهنجي فطرت جي خلاف ڪيان ها،
توکي ڪوهِ طور ڏانهن نظر ڪرڻ جو حڪم مليو ۽ تو ڏٺو
۽ آئون بار بار سجدي لاءِ سڏيو ويس؛
۽ مون تسليم نه ڪيو!"

يوسف بن الحسين چيو - "ڪيس بار بار سجدي لاءِ سڏيو ويو هو؟"

"ها ڪيس بار بار سجدي لاءِ سڏيو ويو هو!"

"پر هُن کي سجدي لاءِ بار بار ڇو سڏيو ويو هو؟"

"سندس فطرت اطاعت ڪرڻ هئي!"

"پوءِ هو بارگاهه خدا جو ڏڪاريل ڇو؟"

"شيخ ڪامل، فطرت جي خلاف ته ڪوبه نٿو وڃي سگهي- ازل کان ابد تائين اهو قدرت جو قانون آهي." هو نهايت بيچين هو.

جنيد نشست تي پاسو ورايو ۽ صرف مُرڪيو - يوسف بن الحسين جي بيچينيءَ کي سمجهي ڏانهس هو نهايت دلچسپيءَ سان ڏسندو رهيو.

"اوهين ڇا ٿا فرمايو؟ انهيءَ مسئلي جو ڪو ته حل هئڻ گهرجي." يوسف ڏاڍي غير يقينيءَ جي انداز ۾ پڇيو.

"جيستائين عقل مهربان جو ساٿ رهندو اهي مسئلا سمجهه ۾ اچي نٿا سگهن ۽ توفيق ته هن جي عطا آهي- هن جي رضا سان ۽ رضا تي هو پاڻ قادر آهي ۽ انسان جي فهم جون قوتون آهن ئي ڇا!"

يوسف بن الحسين کي ماورا جي ماورا کان به ماورا جا لفظ ياد اچي رهيا هئا. ماڻهوءَ جو اختيار ئي ڇا هو- ڪڏهن ڪڏهن رياضتن، عبادتن، مناجاتن منجهان روشنيءَ جو هڪ ڪرڻو ذهن جو اجالو ٻٽبو آهي. اهو خواب ۾ ڏٺل خواب هوندو آهي. جيئن تازي وڍيل ڪاٺ جي سڳنڌ سان واسيل جهنگ هجي ۽ ان ۾ رستو ڳولڻ خواب جي پاڇي سان گڏ هلڻ جيان هوندو آهي."

هڪ ڊگهيءَ ماٺ کان پوءِ يوسف پڇيو: "حامد خبر ناهي ڪنهن جي پويان پيل آهي ۽ ڇو اُن تحرير تي گواهي حاصل ڪرڻ گهري ٿو!"

"هيءَ به حڪومت جو اندروني راز آهي - ٿي سگهي ٿو ان تحرير جو اصل ڪجهه به نه هجي ۽ عتاب هيٺ آيل تي محض گواهي حاصل ڪري اُن کي مصيبت ۾ گرفتار ڪرڻ مقصود هجي. هن خطرناڪ دور ۾ ڪير سالم هوش ۽ حواس ماڻهو هو، جيڪو پنهنجن اسرارن ۽ ڳجهن جي انڪشافن کي ضبط تحرير ۾ آڻڻ جي جرئت ڪري ٿي سگهيو!"

اذان جو آواز خوشبو وانگر درن، پٽين، ڇتين جي پولارن منجهان هر ڪنڊ ۽ هر هنڌ کي آباد ڪندي، دالانن ۽ نشست گاهن، درسگاهن، مراقبن ۽ حجرن ۾ پکڙجي ويو هو.

جنيدنماز لاءِ اٿندي چيو:

"تون وري طلب ڪيو ويندين-"

"آئون انهيءَ طلبيءَ کان بچڻ لاءِ خراسان وڃي رهيو آهيان ۽ حامد جي ڇوڏاري مون کان وڌيڪ مستعد ماڻهو آهن جيڪي سندس ڳالهه کي پنهنجي لاءِ مشعل راهه بڻائيندا."

ٽنين ٽوڻين جي پويان اڏو گابري اونداهي قبي ۾، عورتون به جماعت ۾ شامل ٿيڻ جي غرض سان موجود هيون. خليفي جي خاندان جون عورتون ۽ مقتدر جي ماءُ شغب جڏهن ڪڏهن بيچين ٿيندي يا ڪيس خصوصي دعائن جي حاجت هوندي هئي يا وري ڪيس ڪا سخت مهم درپيش هوندي هئي، دربار جا امير سندس حڪمن کان بيزار هوندا هئا ۽ هو پنهنجن معاملن ۾ ناڪام ٿيڻ لڳندي هئي، ته ماڻهو سرباهتن ۾ ان دولت جو ذڪر ڪندا هئا جيڪا وتس هئي ۽ اها انتهائي ڪوشش جيڪا سلطنت جي هر ڪم ۾ ڪيس ڪرڻي ٿي

پئي. اُها خطري ۾ پوڻ لڳندي هئي، تہ هوءَ مشائخن وٽ دُعا جي طالب ٿيندي هئي. ”جعفر جي زندگي ۽ سندس طاقت!“ هن جا بس ہ ئي سوال هئا.

ڪئين ٻيا اجنبي مهاندا ہ هئا جيڪي ڪڏهن ڪڏهن هڪ نظر ۾ ڏٺل لڳندا هئا پر سندن سڃاڻپ ڏکي هئي- ابن صوليءَ مدرسي جو رُخ ڪڏهن نہ ڪيو هو. دربار سان وابستگي هُن کي ايتري فرصت ئي ڪڏهن ڏيندي هئي، جو هو دجلہ جي پُلين کي پار ڪري ۽ گهٽين مان گذري اوستائين پهچي؟ هو انهن شاعرن منجهان هوجيڪي پنهنجي علم جو زور بادشاهن جي مدح ۽ ثنا کي سمجهندا آهن ۽ امير اُنهن جي دلداري ہ ڪندا رهندا آهن. مبادا ڪنهن کي ڪنهن ڏکئي وقت ۾ مدد لاءِ ڪٿي هٿ ڊگهيرڻا پون. هو تہ صاحب طرز افسانہ طراز داستان گو هو ۽ هن کي ڪنهن دعا جي ہ ضرورت نہ هئي. دنياوي نعمتن مان هن جيڪي گهريو سو حاصل ڪيو ۽ جنهن شيءِ جي خواهش ڪندو هو حاصل ڪري وٺندو هو. نظاميہ مدرسي جي مشائخن ۽ استادن سان سندس رشتو فخريہ هو. ۽ صرف وات جي مزي بدلائڻ يا ڪڏهن ڪنهن خاص اطلاع تي رسائي ماڻڻ لاءِ هو مغرب جي نماز ۾ شامل ويندو هو.

ابوذر طبري، عريب بن سعد قرطبي ۽ خطيب هئا ۽ ساڻن گڏ ٽولن پويان ٽولا ۽ ٻيا ماڻهو ہ شامل هئا- هاشمين جي هڪ جماعت هئي ۽ عراقين جو هڪ انبوهہ هو جيڪي شهر ۾ نوان وارد ٿيل معلوم ٿيندا هئا، ڇو تہ سندن ٽوپيون ڌوڙ ٿيل ۽ ڪپڙا ميرا هئا. شايد سندن ڪو قافلو ڪٿي ويجهو ئي قيام ۾ هو ۽ سوق الثلاثہ جي طرف کان آيو هو. وضو خانن ۾ هجوم هو ۽ طالب العلم جاري پاڻيءَ جي چشمن ڏانهن جيڪي اقامت گاهن ۾ هئا، ڊوڙندا ويندا هئا.

”منهنجي هڪ عزيز لاءِ دعا ڪيو تہ خدا ڪيس فتنن ۽ دشمنن کان محفوظ رکي!“

شعب جو پرچو پڙهي جنيد ٻيهر دعا لاءِ هٿ کنيا ۽ دير تائين پنهنجو مخصوص ڌيان اُن شخص ڏانهن ڪري آه زاريءَ سان سوالي رهيو، پر هو ڪائي تسڪين محسوس نہ ڪري سگهيو جيڪا دعا جي قبوليت سببان دل ۾ محسوس ٿيندي آهي، جيڪا قلب ۽ نظر کي هڪ ڪيفيت سان دوچار ڪندي آهي، جيڪا خدا جي طرف کان پيغام بنجي روح ۾ لهندي آهي تہ تنهنجي التجا ٻڌي وئي ۽ پوءِ رحمتن جي تاڻيل چادر جو احساس، ڪرم جي فضل جي نُور جي بارش جي وسڪار محسوس ٿيندي هئي. پر اڄ هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ پٽيون حائل آهن جيڪي لفظن سان گڏوگڏ بلند ٿي رهيون هيون ۽ ڪين گهيري ۾ وٺي پلائيءَ جي قبوليت جي هر اڏام کي ناڪام بنائي رهيون هيون.

هُو نشست گاه ڏانهن موٽيو ئي هو تہ هن صوليءَ کي دروازي جي ٻاهر منتظر ڏٺو. آسمان تي تارا نيراڻ ۾ نهايت مدهم ٽمڪي رهيا هئا ڄڻ نوان ٻاريل ڏيئا هجن.

”ياشيخ منهنجو هڪ سوال آهي،“ صوليءَ ڪنڌ جهڪائي چيو.

انهيءَ باوجود جو شيخ ڪامل جي طبيعت بي قرار، بي مزي ۽ ٻوجهل هئي، هن ڪنڌ جي اشاري سان اجازت ڏئي ڇڏي.

”حضور، ڇا حڪم آهي ان شخص لاءِ جيڪو جاهل هجي ۽ عاقل بڻجي، گفتگو کان عاجز هجي پر فصاحت اختيار ڪري سگهندو هجي- جنهن جي رنگ ۾ ماڻهو رنگجي وڃي- اڪيلائي ڏسي ته دنيادار به گوشي نشين ٿي وڃي- اماميه ماڻهن ۾ اماميه هجي ۽ جي ڪو اهل سنت جي طريقت تي هجي ته سُني ٿي وڃي- جيڪو وڏيون وڏيون دعوائون ڪري ۽ ڪيمياگر به هجي ته خبيث به!“

جنيد مرڪيو: ”ابوبڪر صولي - ڇا هڪ ئي ماڻهوءَ ۾ اهڙا تضاد آهن-“

”ياشيخ! هو اهڙوئي آهي بلڪل.“ صوليءَ هٿ ٻويان ہڏي رکيا هئا ۽ ڪنڌ جهڪيل هئس.

”ڇا، ڪنهن فتني جي ڪڙي ٿيڻ جو امڪان آهي؟“ هن پڇيو.

”جيڪڏهن سندس دعوائن تي ماڻهن جو يقين وڌي وڃي ۽ عوام سندس راهه اختيار ڪن ته ڪفر جو فتنو پيدا به ٿي پئي!“

”مفروضن جي بنياد تي ته ڪنهن شخص تي عتاب نازل ڪري نٿو سگهجي. جيڪڏهن اهو شخص ديوانو هجي جيئن ته اُهو هوندو ته معافيءَ جي قابل آهي. دنيا ديوانن ۽ دانائن سان ملي ڪري ئي ته ٺهي آهي.“

جنيد ماٺ ٿيو ته رات ٻولڙيو پکي زور زور سان ٻولڻ لڳو. پوءِ اُهو ويڪرن ڪارن پرن وارو پکي هڪ وڏيءَ رڙ ڪان پوءِ ٻاهر وڻن جي جهڳٽن ۾ غائب ٿي ويو. شاهراهه تي قافلي جي ٽَلين جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. اقامتگاهن ۾ ڏيئن جون روشنيون ظاهر ٿيون ۽ نسطوري عيسائين جي عبادتگاهن ۾ سهماٽيءَ جي عبادت جو گهنڊ مسلسل وڄڻ لڳو.

ابوبڪر صولي جيڪو خليفن جو همنشين ۽ دربار ۾ هڪ مقام رکندو هو خاموشيءَ سان جهڪيو ۽ آداب بجا آڻي وڏي دروازي ڏانهن هلڻ لڳو.

جنيد اهو سوچيندي ته حاڪمن فتنن جي فقط خيال کان گهبرائي کهڙيون کهڙيون مضحڪ خيز حرڪتون ٿي ڪيون ۽ سندن رفيق ڪيڏي تفصيل سان پنهنجين ڪارڪردگين ۽ مستعدين جا مظاهرا ڪندا ٿي رهيا. هو پنهنجي نشست گاهه ۾ داخل ٿيو. غلام ڪاٺ جي شمعدان کي ويجهو آڻي رکيو ۽ سونهري مَس سان پاڻ حاشيي ۾ نهايت باريڪ ڪتابت ڪرڻ لڳا.

”انفراديت جو مڪمل طور مٽجي وڃڻ ۽ انسان جي رضا جو خدا جي رضا ۾ ملي وڃڻ جو نالو آهي فنا- انسان جو مشاهدو ۽ بصيرت هُن کان الڳ ٿي ويندا آهن، ۽ الله تعاليٰ پنهنجي شان شوڪت سان قائم رهندو آهي.“

غلام ٻيهر اندر داخل ٿي چيو: ”حضرت شبلي تشريف کڻي آيا آهن.“

۽ انهيءَ کان اڳ جو هو حجري مان ٻاهر نڪري ها شبلي دروازي منجهان اندر داخل ٿي رهيو هو.

شبليءَ هُل ڪيو، ”هُو - هُو - هُو.“

آسمان ڏانهن آڱر کڻي بيقراريءَ منجهان پيتين ڏانهن ڏنائين ٿي. جنيد چاهيو ڪيس جهلي ۽ ڪرب ۽ درد جي اُن ڪيفيت جو سبب معلوم ڪري پر هُو مدرسي جي ٽنين ۽ دالانن ۾ ڊوڙڻ لڳو ڄڻ ڪوئي جهنم جي آڳ کڻي سندس پيڇو ڪري رهيو هجي. پوءِ ٿڪجي هڪ ٿوڻيءَ کي ٽيڪ لڳائي روئڻ لڳو. ڪيس هوش اچي رهيو هو.

جنيد ڪيس ڪلهن کان جهلي، ڇڪيندي گهليندي، حجري ۾ وٺي آيو.

”شهادت منهنجو مقدر ڇو ناهي؟“ هن ضدي ٻار وانگر سوال ڪيو، ”مون کي شهادت گهرجي!“

”مَشيت!“ جنيد سندس ويجهو ويهندي چيو.

”شهادت- شهادت - شهادت- سعادت ۽ رفعت مقدر- مَشيت-“ هو پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو.

”ازل کان جيڪي لکيو ويو.“ جنيد زمين ڏانهن ڏسي رهيو هو.

شبليءَ آسمان ڏانهن منهن ڪيو ۽ چيو: ”محبت ۽ مقدر-“

هو اٿيو ۽ ٻاهر نڪري ويو.

ان حوض طرف ويو جتي ڍڪيل چشمن منجهان پاڻي ڦٽي نڪرندي، مسجد، وضوخانن ۽ وڪڙن وارين نالن ۾ داخل ٿي موتي ويندو هو. گنبذن جو عڪس اُن ۾ لهرن سان گڏ ائين بيقرار هو جيئن توحيد جي موضوع تي عارفن جي دلين جا آئينا پنهنجي ئي عڪس کان ڪنبدا هئا. آئيني سازيءَ جو ڪم مشڪل ۽ آئيني جو مقام تمام ڏکيو هو! ڪير انهيءَ جو تعين ڪري؟

جنيد آه ڀري ۽ چيو:

”آئينو، صورت گري، پر جنهن آئيني جو مقدر ٺڪر ٺڪر ۾ ورهائجڻ هجي ان لاءِ افسوس ڇو- آخر ڇو؟“

ڪٿان ڪان هوا جو جهوٽو آيو ۽ ڪليل دريءَ مان اُڪري، ڏيئو وسائي هليو ويو. جنيد غلام کي سڏڻ جي لاءِ ٻاهر آيو ته هن ڏٺو ته آسمان پنهنجين بلندين ۾ تارن سان سينگاريل نهايت پُرسڪون هو.

نيري ڪاري رات پنهنجي ِ مُتماهتن سميت ڏاڍي حسين ۽ سينگاريل هئي، ڪيس وسريل شعر ياد آيا:

"سندس دم سان صحرا آباد آهن ۽ رُج پاڻيءَ ۾ متجيو وڃي
چراگاهن جي ساوڪ جون لهرون هوا ۾ چمڪنديون آهن
اهي نگاهون مذ ڪي خوش رنگ بنائي ڇڏينديون آهن
رات سندس مُک جي روشنيءَ سان منور آهي
پر منهنجو مقدر هن جي ڪارن زلفن وانگر اونداهو آهي
نگاهن جا مشاقيءَ سان هلايل تير منهنجي دل جي پار ٿي ويا آهن
۽ منهنجين پاسراتين ۾ آڳ آهي!"

حسين بن منصور ۽ اغول! وري هڪ گدريل وقت ۽ هڪ بيٺل وقت هڪ ماورا وقتُ، جيئن ڪنوڻ جو چمڪاٽ جاري پاڻين کي روشن ڪندي، ان جي بي پناهيءَ ۽ اسرار تي آگاهي ڏيندي، گرجندڙ ڏارائن کي پري تائين نُور جي ٿڏاڻ بنائي ڇڏيندو آهي.

حامد خراسان ڪان ايندڙ دستاويزن جو منتظر هو ۽ بيقراريءَ سبب باغيچي ۾ جيڪو وٽندڙ هوا جي زنگ آلود جهوتن سان معطر هو، هيڏانهن هوڏانهن هلي رهيو هو. ٻڌندڙ سج جي لالائيءَ ۾ وڻن جا سڱند واسيل پاڇا ميِنديءَ رتل هٿا جيئن ڪنهن نئين نويلي ڪنوار جي عڪس سان محل جون پيتيون آباد هجن.

بدحواس غلام ڀڄي اچي سندس قدمن ۾ ڪنڌ رکي ڇڏيو. هو سخت هراسيل ۽ پريشان هو، ڄڻ هُن کو خوفناڪ منظر ڏٺو هجي. وحشت منجهان سندس اکيون ڦاٽل هيون. زبان منجهان اکر نٽي اُڪليا ۽ ساه تيز تيز هلي رهيو هو.

"ڇا ڳالھ آهي ؟" حامد ٿورو ٻري ٿيندي پڇيو.

"هُو- هُو- هُو-" غلام جي وات مان ڳالھ نڪري نہ رهي هئي.

حامد ٿورو گهبرائجي هيڏانهن هوڏانهن نهار ڪئي. رات شام جي ڪُلهن تي لهي رهي هئي. پنن ۽ تارين ۾ لڪل تِڏن پنهنجي لاڳيتي چرچر هڪدم بند ڪري ڇڏي هئي. خاموشي دل تي بوجھ بڻجي ڇانيل هئي.

"ڇا ڳالھ آهي، ٻڌاءِ؟" حامد ڪجھ ڪاوڙ مان چيو.

"هُو- هُو- زندان - هُو." هُن ڳالھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ڪنبندي ڪريو ۽ سجدي ريز ٿي ويو.

وري هُن ٻين غلامن ڏانهن ڏٺو تہ ڀڄندا اچي رهيا آهن. سپاهي ۽ پهريدارن جو هڪ انبوھ ڏانهس وڌندو ٿي آيو ڄڻ آسمان ڪِري پيو هجي!

"هي ڪهڙو فساد آهي ؟" هن زور سان پڇيو.

"اسان هنجي پويان آيا آهيون هي زندان ۾ ڪاڌو ڏيڻ ويو تہ رڙ ڪري موتيو طباق اُڇلائي ڇڏيائين ۽ سڏو اوهان جي ڳولا ۾ هيڏانهن ڀڳو آهي." هو ڪنڌ جهڪائي ادب مان بيهي رهيا.

”زندان ۾ ڪير آهي، ڪهڙي زندان جي ڳالهہ پيا ڪريو؟“ حامد بينيازيءَ مان پڇيو.

”جنهن جا دروازا ڪرخ پاڙي ڏانهن کُلندا آهن. زنداني اُهوئي آهي جنهن جي دعا ۾ وڏو اثر آهي. جيڪو هٿ کڻي ڪنهن لاءِ ڪجهہ گهري تہ ملي ويندو آهي.“

”بس بس - هي اُهوئي شخص تہ ناهي جيڪو خبيث ڪيمياگر ۽ ڀهروپيو عبادتگذار ابليس جو شيدائي آهي-“

حبشي پهريدارن کي لڳو چڻ غش ٿي ويندا-

”هن غريب کي هن جي ڪنهن شعبدي ڪنهن مصيبت ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو هوندو، هن کي ڪڍي وجو ۽ مون کي جلد صورتحال کان آگاهہ ڪريو، جلد-“

رات هاڻ تارن پريل چادر جي پلاندن کي کھلينديِ هوريان هوريان دريائن ۽ جبلن، ماڙين ۽ برڇتن، روشنيءَ ۽ اونداهين تي محو پرواز ٿيڻ بعد هيٺ لهي آئي هئي، ۽ حامد ان تلخيءَ کان سواءِ ڪجهہ محسوس نہ ڪري رهيو هو جيڪا سندس روح ۾ شڪست بنجي چڪي هئي. اهو احساس تہ هو ناڪام ۽ نامراد ماڻهو آهي- محبت ۽ زندگيءَ ۾ هارائي وڃڻ وارو. هر محاذ تي مار کاڌل شهسوار- بدقسمت فقط ۽ فقط بدنصيب. ۽ هن جي سموريءَ شڪست خوردگيءَ جو باعث هڪ ماڻهو جيڪو بي سرو سامان هو- دنياوي لحاظ کان هڪ نفي- پر متس ٿَنول ڪندڙ- ماڻهو سمجهندا هئا تہ هو پهتل آهي، ۽ هن جا غلام سمجهندا هئا تہ هُو جنهن جي لاءِ هٿ کڻي دعا ڪري قبول ٿي ويندي آهي.

”ها سندس دعائون صرف ٻين لاءِ قبول ٿينديون هونديون جڏهن سندس پنهنجو وارو ايندو تہ دعا جا سڀ دروازا بند ٿي چڪا هوندا!“ سندس ٿهڪ دير تائين ڪمري ۾ پُرندو رهيو - هو سچي صورتحال بابت آگاهي عمار کان ئي حاصل ڪري ٿي سگهيو.

ٻانهيون اندروني ڳلين منجهان وسيع ڪمري ۾ داخل ٿيون. هي هڪ عجيب رقص هو. اڌ ترڪي، اڌ هندي، ڪجهہ ايراني ۽ جهالت جي زمانن جي عربي موسيقيءَ جي دلنواز ڌنن تي ترتيب ڏنو ويل، هر در جڏهن کليو ٿي ۽ پردو ڪڇيو ٿي تہ هڪ ٻيو جهان سامهون ٿي آيو. رقص ڪندڙ عورتون اڄ ڪيس اغول جي ياد ڏياري رهيون هيون، چڻ هو سڀ اغول جا مختلف مهاندا هجن، اُن جا وجود هجن. چڻ هو آئيني گهر جو نظارو ڪري رهيو هجي ۽ آئينن سان گهيريل هجي ۽ حقيقت ۾ هي رقص ڪندڙ پاڇا اُن هڪ جو عڪس هجن. سچو ڪرشمو نظارگيءَ جو هو. ويجهو اچي ڪنبندڙ پاڇا پري ٿي هٽيا، پوائتا پاڇا! - اهو سڀ هُوءَ ئي هئي. رنگن ۾ ويڙهيل سدائين حجابن ۾، ۽ هوءَ پاڻ تہ دشت سماويہ ۾ هئي، جتي طوفان ماڻهن کي ديوانو بنائي ڇڏيندا آهن، رستو وڃائجي ويندو هون. سفر ۾ ڊبون هيون. وري ڪيس اُموي شاعر جا شعر ياد آيا:

"اسان جي وچ ۾ اهڙا سنسان ۽ ويران رڻ آهن جن ۾ هلندي هلندي قافلا ٿڪجي پون
اي عزّه! تو اسان سان بدتر سلوڪ ڪري ئي ڇڏيو پلا.
اسان پارن توتي ملامت نه ڪئي ويندي
۽ جيڪڏهن تون دشمني ڪرين تڏهن به اسين توسان دشمني نه ڪنداسين
اسان وچ ۾ اهڙا سنسان ۽ ويران رڻ آهن
اسان وچ ۾ سنسان رڻ آهن
ها، فقط سنسان رڻ
آئون اُن تائين ڪڏهن پهچي ئي نه سگهيس
هيءَ هڪ خواب هو يا هوءَ هئي
۽ جڏهن اڪ ڪلي ته اسان وچ ۾ سنسان ويران رڻ هئا-"

"خدا جو سُنهن هوءَ دشت سماويا جي هڪ ڪنڊ ۾ ستل آهي ۽ آئون هتي آهيان- حسين بن منصور هتي آهي - ڪيڏو نه ظلم آهي، جو حسين رهي ۽ اغول نه رهي- روح نه رهي ۽ روح الله رهي-"

هن ٻانهن لوڏي اشارو ڪيو.

موسيقي بيهي رهي. ٻانهيون ڪنڌ نوائي بيهي رهيون ۽ پوءِ انهن ئي پيرن تي پردن پويان غائب ٿي ويون-

هو ديوانن وانگي خالي نشستگاهه ۾ ڦرندو رهيو - ڇو، آخر ڇو- حسين رهي ۽ اغول نه رهي- هو شعبدي باز ڀهروپيو رهي ۽ هوءَ جيڪا سچائي هئي منجهي وڃي- هو هر ان شخص کي مٿائي ڇڏيندو جيڪو اغول ۽ سندس وچ ۾ هوندو. هن جي، حامد بن عباس جي، نصيب ۾ محبت نه ته نفرت ته هئي- شديد عميق ترين نفرت. سڀ حَربا ناڪام ٿي چڪا هئا. زهريلي نيزي جي نوڪ دل ۾ چُڀي رهي هئي - هو آخري ڪوشش ڪندو- سمورين شڪست جو انتقام وٺندو- جيڪڏهن محبت سندس حق ناهي ته نه ئي سهي. نفرت ڪرڻ، مٽائڻ، فنا ڪرڻ ته سندس اختيار ۾ هو- ها- هو سدائين انهن سنسان ۽ ويران رڻن ۾ رولو هوائن وانگيان سرگردان نه رهندو - هو سڪون ماڻيندو-

"عمار! عمار!" هن زور سان سڏيو. "ڪو آهي!"

سندس نڙيءَ ۾ ڪنڊا چُڀي رهيا هئا. مٿس شديد اُڃ حملي آور ٿي هئي. هاڻ گهڙو ڪري ائين ٿيندو رهندو هو. هو جڏهن به سوچيندو، پريشان ٿيندو ته مٿس اُساٽ حملي آور ٿيندي هئي. ڪوبه مڌ، ڪوبه وٽندڙ شربت ڪيس تسڪين نٿي ڏئي سگهيو. اها آڳ ٿڌي پاڻيءَ ۽ شراب سان وڌيڪ ٿي ڀڙڪي- يهودي ۽ نصراني طبيب دربار جا نهايت معزز معالج، خود خليفي مقتدر جا ذاتي طبيب، ناڪام ٿي چڪا هئا. اولهه ڪان موٽڻ ڪان پوءِ

گھٽو ڪري اهي حملا هُن تي ٿيندا ٿي رهيا ۽ دوائون سندس ڪا مدد نٿي ڪري سگھيون. هيءَ ڪهڙي قسم جي اُڃ هئي!

"عمار، عمار!" حامد وري سڏيو. سندس نڙيءَ ۾ ڪنڊا چُڀي رهيا هئا ۽ اندر جي سنسان رڻ جا لُهسائيندڙ واچوڙا ڇڻ طوفانن جي صورت اختيار ڪري رهيا هئا- ٻانهيون ساڪت، هيسيل، پردن پويان بيٺيون هيون-

حبشي غلام چيو: "سيدي! عمار هڪ خراساني مهمان کي وٺي بس هينئر محل جي هيٺئن حصي طرف ويو آهي."

"پڇو ۽ هن کي چئو تہ حڪيم بختيشوع کي سڏي!" حامد کي اڌ مئو ڪري وجھندڙ اساٽ جيڪا زبان کي وڪوڙي رهي هئي، ڪيس پنهنجي اندر ۾ اوٻر وانگر وڌندي محسوس ٿي.

پردن پويان، پيتين ڪان پري، دالانن ۽ سنهين ڳلهين ۾ ڀيج ڊڪ شروع ٿي وئي هئي، ڄڻ دفاع جون تياريون ٿي رهيون هجن. حڪيم بختيشوع ذري گھٽ گوشي نشين ٿي ويو هو- نهايت ضعيف ۽ هلڻ ڪان هلاڪ - پلا ان کي ڪهڙي طريقي سان آڻي سگھبو هو. هي عجيب مرض هو جو سڀ چاره گر عاجز هئا. اي چاره گرو! ڪو تہ چارو ٿئي-

هو بي حال ٿي چڪو هو، سوچ ۽ ذهن، دل ۽ جسم سڀ سلامت هئا. صرف وات ۾ رک جو سواد هو ۽ زبان ڪاٺ جي خشڪ ٽڪر وانگر هئي ڄڻ ٽوٽ ۽ ٽڪر ٽڪر ٿي پُري رهي هئي-

"دوائون تہ آزمائجي چڪيون آهن." ڪو چئي رهيو هو: "هاڻ دعا جي ضرورت آهي، دعا جي!"

خاموشيءَ مان ٻي سرٻاهٽ اُڀري، "زنداني حسين بن منصور جيڪڏهن دعا ڪري تہ مشڪل آسان ٿي سگھي ٿي."

خود سندس محل ۾ سندس ڇوڏاري حسين بن منصور هو!- زندان ۾ اَسير هُو نہ ڪيس لڳو ڇٽڪ هو پاڻ اَسير هو- ۽ هو جيڪو اسير هو آزاد هو-

ڇا هي ستم نہ هو؟

قدرت ساڻس ڪهڙي ڪيڏ ڪيڏي رهي هئي؟

هن جي دل چيو هو رڙيون ڪري ڪري چوي تہ آئون هن ڪيڏ ۾ سيڪجھ داءُ تي لڳائي ڪٽڻ گھران ٿو. ايستائين جو پنهنجو پاڻ بہ. اغول ڪان پوءِ، حسين ڪان پوءِ، هاڻ هو پاڻ حامد بن عباس وزير مملڪت ۽ خليفي جو نهايت قابلِ اعتماد خاص وزير جيڪو پنهنجو پاڻ کي اُن باهہ ۾ ڏوڪڻ گھرندو هو- هن جي برداشت هاڻ آخري حدن کي ڇُهي چڪي هئي، سندس برداشت جي قوت!- هُو هڪ ڪنگال ماڻهوءَ ڪان جيڪو ديوانو هو شڪست ڇو کائي؟ ڪيس دوا جي ضرورت هئي يا دعا جي، پل سندس جسم ٽڪر ٽڪر ٿي، سندس هڏين تان ڇڻي پئي، پر هُو حسين بن منصور کي مِنٿائي ساهہ پٽيندو- ها، هُو ڪيس مِنٿائيندو- پلي مِنٿائنس ڪجھہ بہ ڇو نہ گذري وڃي-

قاضي ابو عمر خراسان کان آيل ڪتابن ۽ دستاويزن جو معائنو ڪيو، خراساني سراءِ مان مليل ڪتابن جي مسودن ۽ رسالن کي پنهنجي ماتحت قاضي يحيٰ ڏانهن موڪلي ڇڏيو. حامد جي خاص هدايت هئي تہ ڳوڙهو جائزو ورتو وڃي- ذاتي خطن، عقيتمندن جون دعائن لاءِ درخواستون، جنوني حڪايتون، لقبن سان سينگاريل عبارتن جي لحاظ کان سمجهہ ۾ نہ اچڻ وارا چِٽ، توبهن زاري، دردمندي، غم ۽ سوز جي اونداهي رُوداد، حيران ڪن ۽ چرڪائي وجهندڙ انڪشاف، انهن خطن ۾ ماڻهو ڪيڏو بي وس، هيسيل، پريشان ۽ خوفزده هو!-

انسان کي خوف کان نجات ڪوبہ ڏياري نٿو سگهي . جيستائين زندگي آهي ۽ ان جا فتنا آهن، تماشا آهن، بازيگري آهي اهو خوف رهندو. ماڻهو گناهہ جي عذاب کان ڊڄندو آهي. توبهن استغفار ڪندو آهي پر پوءِ بہ ڏڪندي ڪنبندي، اُٿندي ڪرندي، اُميد ۽ دولت جي رستن تي هلندو رهندو آهي-

قاضي ابو عمر کي ائين محسوس ٿيو، جڻ هُن پاڻ اُهي خط لکيا هجن. ائين تہ هن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو پر هاڻ جڏهن تہ هن ترتيبوار اُهي اجنبي ۽ اڻڄاڻ معروضا ڏٺا تہ لڳو هيءُ سندن پنهنجو آواز آهي- خدشا ۽ وسوسا سڀ اُن دل ۾ بہ هئا- ڇا اُهي هر دل ۾ هئا؟ ڇا سڀ انسان ازلي، بنيادي سطح تي هڪ ئي آهن؟

ڇا هُو هڪ ئي ڪُل جا جُز ناهن؟

”توبهن توبهن!“ هن ڪنڌ ڌوڻيو، ”ڪيس ڪهڙن ڪفر جي خيالن جي هجوم گهيريو هو. ڪُل جو جُز!“ انسان تہ ايڏو بدحال ۽ دردمند هو-

آرام ۾ محفوظ، گهيريل شڪن ۽ شبهن جو شڪار.

ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو لڳاتار حادثا ۽ واقعا ماڻهوءَ جي حواسن تي راتاها هڻندا آهن ۽ هو ان کان منڪر ٿيندو آهي- سوال ڪرڻ لڳندو آهي ۽ باغي تي ويندو آهي، ڇو آخر ڇو؟-

هو پنهنجي مرضيءَ کان سواءِ پيدا ڪيو ويو هو. دنيا ۾ موڪليو ويو هو، جڻ اونهائين ۾ اڇلايو ويو هو- وقت جون ويرون ۽ لهرون هن مٿان گذرنديون هيون. حالتون ۽ واقعا- زمانو مٿس پنهنجن سمورن طوفانن سميت هڪ وڏي آبشار وانگر وارد ٿيو ٿي.

ڇا ماڻهو بي وس نہ هو؟

قاضي ابو عمر پنهنجي باغيچي ۾ پَسار ڪندو ٿي رهيو ۽ سندس ٻانهي زهره جهوٽَون هڻندي رهي. شايد هُو وضوءَ لاءِ تازي پاڻيءَ جي طلب ڪن. شايد ڪو حڪم ڪن. گهڻو ڪري ائين بہ ٿيندو هو جو هُو اتي ويهي رهندو ۽ ڪنهن ڪتاب جي اصل جڳهہ ٻڌائي ڪيس ڪتاب ڪڍي آڻڻ جو حڪم ڏيندو هو. هي ڪتابن جي دنيا هئي جنهن ۾ هُن ڪيس هڪ

ڪتاب جي ئي حيثيت ڏني هئي ۽ جنهن جي ورقن کي هن ڪڏهن کولڻ ۽ اُن ۾ لکيل عبارتن کي پڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي هئي- هو نهايت عمدو درٻاري هجڻ سان گڏوگڏ متقي ۽ پرهيزگار بہ هو. سواءِ تاڙيءَ جي مدَ ڪان هن ڪڏهن ٻيءَ ڪنهن شيءِ کي هٿ نہ لاتو هو. راتين جو بيدار رهڻ وارو - سوچ ۾ غرق رهڻ وارو غور ۽ فڪر ڪرڻ وارو- هن صبر ۽ شڪر سان پنهنجو پاڻ کي انهن حالتن جو عادي بنائي ڇڏيو هو. زهره سندن عادتن کان ائين واقف هئي جيئن پنهنجي هٿ جي لڪيرن کان- پر ان ڪتاب جا ورق اٿلائيندي هن جي بيچيني ڏسڻ وٽان چو هئي-

هو ڇا هو- آخر ڇا هو؟ هوءَ اهو ڄاڻڻ لاءِ بيچين هئي-

قاضي ڪڏهن اندر تي آيو، وري گهبرائجي ٻاهر تي نڪري ويو. هوا گُلن سان ڀريل وَلين کي هوريان هوريان لوڏي رهي هئي. پٽين تي ڳاڙها ۽ اڇا گلاب سڳند ڏئي رهيا هئا ۽ فضا چانڊوڪي ۽ تارن جي روشني ۽ رات جي ہولينڊڙ پکيءَ جي دانهن سان لبريز محسوس ٿي رهي هئي.

”زهره!“ هُن آخرڪار ڪيس سڏيو.

هُوءَ پردو مٿي ڪري اندر آئي.

”هي سمورا دفتر ڪٺي ڪنهن خالي صندوق ۾ بند ڪري ڇڏ. ٿي سگهي ٿو آئون ڪجھ عرصي بعد اهي طلب ڪريان پر انهن جي حفاظت ضروري آهي ۽ انهن کي ٻين دستاويزن سان ملائي نہ ڇڏجان.“

اُها رات قاضي عمر باغيچي ۾ پسار ڪندي گذاري.

حامد ڇا چاهيندو هو؟

هُو اُن شخص جي پويان ڇو هو؟

دعا طلب ڪرڻ ڪفر نہ هو. ڪفر ڇا هو؟

وچ فاصلي جي حد تلوار جي سنهيءَ ڌار وانگر تيز هڪ پلصراط هئي ۽ ان جي ڌار تي هلڻ ئي تہ زندگي هو اُهوئي خوف اُهو ڀَوُ. گهات ۾ لڳل گناھ کان خائف رهڻ. هر ذي روح انهيءَ قيد ۾ آهي- بنا امتياز هرذي روح. پڇا ڳاڇا بس اها هئي تہ جيڪو آزاد ٿي ويو اُهو ڪهڙيءَ طرح ۽ ڪيئن ٿيو!

قيد ۾ جهل يا روڪ نہ هئي - ڪير چالاڪ، گستاخ ۽ بي پرواھ هوش جي حد کان پري وڃڻ جي جرئت ڪير ڪري سگهندو هو- ڪير ايترو آزاد هو؟

اهڙيءَ آزاديءَ جي سزا هئي. اهڙي آزاديءَ جي قيمت هئي - اُها آزادي جنهن وٽ هجي جيتري هجي- بي بها اثاثو هئي!-

قاضي ابو عمر نهايت بي چين هو. ڪيس ڇيو ويو هو تہ هو ابن منصور خلاف

شاهدين ۽ دليل گڏ ڪري پيش ڪري - انهيءَ باوجود جو هر لفظ جي مطلب ڪي بگاڙي پيش ڪري سگهبو هو. هُو انهن منجهان هُن جي خلاف ڪو ثبوت به حاصل نه ڪري سگهيو هو. ۽ هُو اهو به نه ڄاڻندو هو ته حامد ان قيديءَ سان ڪرڻ ڇا ٿي گهريو؟

هنن سوين ماڻهن کي انهيءَ معاملي ۾ بي ڏوها سمجهي ڇڏي به ڏنو هو. جيڪڏهن هيڏيءَ وڏيءَ خدائيءَ ۾ هڪ ماڻهو آزاد آهي! اُهو ته بي بها ماڻڪ هو، اُن جي ته حفاظت ڪرڻ گهرجي.

هُن اهو سڀ حامد کي ٻڌائڻ ٿي گهريو!

وَدِيعَة وَهَلْوِثِيءُ!

حسين بن منصور لوهي سيخن مان چنبجي ڇٽجندڙ روشنيءَ ۾ زندان جي گهميل زمين تي سجدي ۾ محو هو ۽ ٻئي طرف عمار هن کي ڏسي سوچيو، ”نه ڄاڻ سجدو ايڏو طويل ڇو تي ويو آهي.“ وري خوف کيس گهيري ڇڏيو، ”جيڪڏهن زندانيءَ کي انهيءَ حالت ۾ موت اچي وڃي ته هُو حامد لاءِ، پنهنجي آقا لاءِ، ڪنهن کان دعا جو طالب ٿيندو؟- اُج ۽ اُساٽ ۾ رڙهن ڪرڻ واري لاءِ حوضِ ڪوثر جو پاڻي ڪپي پر انهيءَ لاءِ ته هِن کي جيئڻ گهرجي. اُهو چشمہ حيات- زندگيءَ جي ميدان جي ٻئي ڪناري تي ويٺو آهي- ڪيس ڇو ٻخ مزاج جو ٿڌو پاڻي تسڪين نٿو ڏئي؟“

وري حامد، هنن جو آقا نامدار، هن جي هٿڻ سان سندن سڄاڻ هئي- هر ٻانھہ پنهنجي مالڪ سان سُڄاتو ويندو هو- ۽ هو مهربان ماڻهو هو. ڪيني پروري ۽ ڪاوڙ هُن جي خاص صفت هئي. هاڻ هيڏي ڊگهي عرصي ۾ عمار کي ڪانئس بچاءَ وٽڻ جو ڍنگ اچي ويو هو ۽ وزير جي مزاج ۾ هو گهڻو داخل انداز هو- انهيءَ جي باوجود ڪجھ اسرار هئا جن تي ڪيس آگاهي نہ ٿي سگهندي هئي- ماڻهوءَ کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي- ڏاڍو ئي ڏکيو!-

عمار کي يقين هو ته جيڪڏهن حسين بن منصور دُعا ڪري ته حامد جو مرض ختم ٿي ويندو پلي ڪٽي مرض الموت ئي ڇو نہ هجي. هن هتي زندان ۾ ماڻهن کي نهايت مشڪل رستن سان رسائي حاصل ڪندي ۽ فقط دعا سان ڇوٽڪارو حاصل ڪندي ڏٺو هو.

عمار ٿڌو ساھ پريو. حسين سجدي منجهان ڳاٽ کڻي چيو:

”جيڪا اُج رت سان اُجهامي سگهندي ان کي آب زم زم نٿو اُجهائي سگهي.“

”ڪنهن پکيءَ جو رت؟“ عمار نهايت ادب مان پڇيو.

ٻاهر ويجهو ئي زندان وٽ ڪنهن پکيءَ آکيري مان ٻي چيني منجهان رڙ ڪئي ۽ خاموشيءَ ۾ اُها دير تائين ٻُرندڙ رڙ تيز سيٽيءَ جي سنساهٽ لڳي.

”ياشيخ ڪهڙي پکيءَ جو رت؟“ هن لوهي سيخن سان پنهنجو منهن هٽي ڇڏيو ائين جو لوهي سيخون سندس منهن کي ٽن حصن ۾ ورهائي رهيون هيون، بنھ چنبڙيل.

”ڪنهن اُجايل جي اُج ڪنهن پکيءَ جي رت سان اُجهامي نٿي سگهي!“ حسين مرڪي چيو ۽ مراقبي ۾ هليو ويو.

گهٽيءَ ۾ ٻئي طرف قدمن جا آواز پٿريلي فرش تي ٻُريا. ڪوئي جهونگاريندي وڃي رهيو هو-

"هو جيڪو مسلسل سفر ڪرڻ وارو
"زمين جون مسافتون طئہ ڪرڻ وارو آهي
"جهرجهنگ جي رولاڪين سببان هن جا وار
"وڪريل ۽ ڌوڙ ڀريل آهن"

عمار جهونگاريندڙ جي گذري وڃڻ جو انتظار ڪيو. جڏهن جُهونگار خاموشيءَ ۾ گم ٿي وئي ۽ پٿر پيرن جي آواز کي ڳهي چڪا تہ هُو واپس وريو. اهو سوچيندي تہ عجيب علاج آهي؟ رت سان اُجهامڻ واريءَ هن اُڃ جي لاءِ آخر ڇاجو رت هجي؟ قيدي شيخ جو اشارو آخر ڪهڙي طرف هو؟ هي ايڏو پارسا ۽ بي ضرر انسان هو، جو سمورا افسانا جيڪي ماڻهن هن جي چوڌاري اُٿي ڇڏيا هئا، ڪوڙ ۽ افترا کان وڌيڪ نہ هئا- اهو ئي تہ هو پنهنجو پاڻ کي خدا تو سمجهي. خدا تو چوي، "اناالحق!" تي چيائين. هو ديوانو بہ نٿو لڳي پر ديوانو بہ آهي. ڀلا رت سان ڪنهن بيماريءَ جو علاج ٿي سگهي ٿو! هن هلندي هلندي حامد بن عباس لاءِ ذهن تي زور ڏئي سوچڻ شروع ڪيو. سندس آقا جون عادتون نهايت نفيس هيون، بهترين جو بہ معراج- هو شاهي خاني جو نگهبان هو ۽ ڄاڻندو هو تہ هر عامي شيءِ سان ڪيس رغبت ئي نہ هوندي هئي. آرائش زيبائش ۾ هي گهر بغداد جي بهترين گهرن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. باغيچا، ٻوٽا ۽ نظارا سندن ترتيب سڀ انوکوءَ حيران ڪندڙ هو-

ٻانهيون ۽ سندن لباس ۽ سينگار سڀ بيمثال هئا- ۽ خاتون اغول تہ سڀ کان لاجواب هئي. اغول کي جهان منجهان گذري زمانا ٿي ويا هئا، پر حامد جي دل ڪنهن کي ايڏيءَ قربت سان قبول نہ ڪيو هو، دل مان گذرڻ ئي نہ ڏنو هو. ٻيءَ ڪنهن ۾ اها طاقت ئي نہ هئي. اغول کان پوءِ هن جي زندگي ڇٽڪ ماندي تي ٽڪي ماندي گهلبي گذرندي هئي بلڪ گذرندي ئي نہ هئي. عمار کي هن جي خريد ڪرڻ ۽ نڪاح لاءِ منتخب ڪيو وڃڻ هاڻ بہ ياد هو.

موسم جو سڀ کان بهترين ڏينهن هو، جڏهن خاتون اغول کي تيار ٿيڻ جو چورايو ويو هو. هوا عشابيه پاڙي کان ماتم جا آواز آڻي رهي هئي، ماڻهو نہ ڄاڻ ڇو روئي رهيا هئا! ڪو نصراني فوت ٿي ويو هو. باجا بہ وڃي رهيا هئا ۽ روح راڙو بہ ٿي رهيو هو. اغول ڏڪي رهي هئي ۽ پنهنجن پُورن پيرن تائين ڊگهي لبادي ۾ ويتر قدآوار لڳي رهي هئي. سندس سُنهري وارن ۾ سينڌ وٽ هڪ وڏو هيرو چمڪ جهلي چنڊ جهڙيءَ پيشاني تي نُور جيان روشن هو. هو اڪيون ڇنيڻ سواءِ نہ ڄاڻ ڪتي ڏسڻ لڳندي هئي، ڪنهن ٻيءَ سر زمين ڏانهن- ۽ هو صحرائن ۽ پهاڙن کان آندي ويل مخلوق هئي جيڪا بغداد جي سرزمين تي ڇڻ هوا منجهان

لهي اچي وارد ٿي هئي. منهن تي پيل سنهي نقاب منجهان اهو شفاف مُک جَرڪندو هو جنهن تي نه غم هو ۽ نه خوشي- سندس خوشبختيءَ تي باقي ٻانهيون حيران هيون پر هوءَ سدائين اهڙي ئي نئين نويلي ڪنوار هئي.

عمار کي اها دعوت ياد آئي جنهن ۾ حلوي، گوشت، بهترين تازيءَ ۽ عُمدين مانين جي ڪثرت هئي ۽ هر مهمان جي خاطر تواضع ائين ڪيو ويو هو، ڄڻ اُهو اڪيلو ئي مدعو ڪيل هو. رقص جي محفل حامد جي وڃڻ کان پوءِ دير تائين ڇميل رهي ۽ صبح تائين جاري رهي. هيءَ سلطنت جي شاهي محفلن منجهان ڪڏهن وسارڻي نه وڃڻ واري محفل هئي جنهن کي ماڻهن زمانا ياد رکيو هو ڇاڪاڻ ته ان کان پوءِ درٻاري اميرن لاءِ اهو حڪم جاري ڪيو ويو هو ته هو زردشتي ۽ يهودي عورتن سان شاديون نه ڪن- ۽ ٻانهين سان به نه، ڇو ته اهي نه وڪري جون شيون هيون پر رڳن ۾ گاڏڙ ساڏڙ رت منجهان ڪيترائي ٻيا فتنا اُٿندا هئا- خليفن جي ڳالهه ٻي هئي، جو هو پنهنجي ڳوڙهي طاقتور رت سببان حاڪم بنجي سگهندا هئا ۽ خلافت جي محل ۾ ترڪي ٻانهين هميشه حڪم هلايو هو. ڇوڪرات عباسي خليفا پنهنجين مائرن جي پاڇي ۾ تخت تي جلوه افروز ٿيندا هئا ۽ انهيءَ کان اڳ هو ترڪ سردارن جي ٻارن سان گڏ کيڏندا، ٽيلهبا ۽ ڪُٽبا رهندا هئا-

هن اُن انبوهه بيپناهه کي جيڪو يلغارون ڪري سندس ڇوڏاري گڏ ٿي رهيو هو، پيشانيءَ تي هٿ ڦيري ڏوٽيو ۽ سوچيو. 'آقا لاءِ ان زندانيءَ جيڪا دوا ڇني آهي سا پڪ ته ڳاڙهو شراب ئي هئڻ گهرجي. رت سان به ڪڏهن ڪنهنجو علاج ڪَيو ويو آهي.

پر اها شديد اُڃ ۽ قهر جي اُسات آخر ڇو؟

شڪست ۽ ناڪاميءَ جو علاج رت ڇو؟

هو ڪنبي ويو. هن پنهنجي پاڻ کي آٿت ڏنو. ها، ارغواني شراب کي جيڪڏهن نهايت ٿڌو ڪيو وڃي ته اُهو رت جي رنگ وانگيان ئي موڳ جي مَڏ جي تسڪين ڏئي سگهندو. سندس من جي اندر ڪو ڇئي رهيو هو: ”زندانيءَ جو اهو مطلب هرگز نه هو. اها غلط تشريح آهي. اهو مطلب فضول آهي. اها ڪوڙي ڳالهه آهي.“ شايد هو خود ڪلاميءَ ۾ انهي حد تائين محوَ ۽ پاڻ سان مباحثي ۾ منجهيل هو جو ڪيس پنهنجي ڳالهه جو جواب پنهنجي پويان ايندڙ اونداهي پاڇي جهڙيءَ هڪ صورت ڏنو-

”رت ۽ شراب ٻه الڳ شيون آهن ۽ جيڪا اُڃ رت سان اُجهامندي اها رت سان ئي مٽجندي، بشرطيڪ اُهو رت ناحق هجي، جو ناحق خون ۾ صدين تائينءَ جي صدا رکڻ جي صلاحيت هوندي آهي-“

عمار جا پير اُتي ئي ڄمي ويا.

پوءِ اهو پاڇو ويجهو آيو - وڌيڪ ويجهو - عمار کي پنهنجو ساهه گهٽجندي محسوس ٿيو. سندس نڙيءَ ۾ ڪندا ڇُبڻ لڳا.

”ٻڇڻ جي ڳالهه ناهي دوست. ناحق رت ۾ موت جو ترانو هوندو آهي- فنا جو نشو هوندو آهي! زندگيءَ جي جاوِدانيءَ ڏانهن هڪ ئي چال ۾ پهچي وڃڻ جي صلاحيت هوندي آهي، ۽ انهيءَ ڪري اُهوئي رت وَر وَر ڪري اُٿلي اچڻ واريءَ اُڃ کي، اُساٽ کي، تسڪين ڏئي سگهندو آهي.“

”ڪير آهين تون؟ جيڪو اهڙيون غير شرعي ڳالهيون پيو ڪَتين!“ عمار جي آواز ۾ ڏڪڻي هئي.

”ڪير بہ - ڪير بہ - پر تنهنجي پريشاني انهي تفصيل جي منتظر هئي. وڃ! ۽ حامد بن عباس کي چئي ڇڏ تہ اُڃ ڪنهن پکيءَ جي رت سان نہ، خونِ ناحق سان اُجهامندي. هن تي انهيءَ شدت جي اُساٽ جا دورا پوندا رهندا جيستائين هو ڪنهن بيگناهہ جي خون کي مباح سمجهي-“

”هي بادشاهن ۽ شهنشاهن جي ڪيڏ آهي.“ عمار هاڻ ڪجهہ پاڻ سنڀالي ويو.

”حامد بن عباس انهيءَ ڪيڏ ۾ پاڻ مار ڪاڏل مُهرو آهي، هو موت جي بازيءَ کي ڇا سمجهندو!“ پاڇي وري چيو.

”ڇا اولهہ جي محاذ تي ناڪام ٿيڻ جو مطلب مارجي وڃڻ آهي- جنگ ۾ فتح يا شڪست ڪنهن نہ ڪنهن جو مقدر هوندي آهي.“ عمار پٽ سان چميو بيٺو هو ۽ پٽ کان تحفظ جو احساس ڪندي دشمن جا وار موٽائي رهيو هو.

”هُو ناڪاميءَ جو مطلب نٿو سمجهي. هو شڪست مان ڇا ڄاڻي- شڪست- شڪست هر ڪنهن جي مقدر ۾ ڪٿي-“ چوڻ واري جڻ نهايت مسرت منجهان پنهنجا هٿي هٿ مهٽيندي شڪست جي ذائقي کي محسوس ڪندي چيو.

عمار هاڻ عجيب طلسم هيٺ هو. ٻڏندو رهيو.

”مَشيت کي سمجهين ٿو؟“ سوال ڪيو ويو.

”نہ. تون مشيت کي ڇا سمجهندين- ائين سمجهہ ڄڻ لکڻ واري لکي ڇڏيو. پنهنجي قلم سان لوح تي درج ڪري ڇڏيو- هاڻ انهيءَ کي ڪوبہ مٽائي نٿو سگهي. ڪو مٽائي سگهي ٿو ڀَلا- اُهو جيڪو قولِ ازل سبحان مقرر ٿيو- اُن تي خوش هئڻ، انهيءَ کي برداشت ڪرڻ، ان لاءِ تيار رهڻ - پر نہ. آئون توتي پنهنجو مطلب واضح نٿو ڪري سگهان. انهيءَ ڪري وڃ ۽ پنهنجي آقا کي چئي ڇڏ تہ سندس اُڃ جو علاج خون ناحق ۾ آهي.“

”انهيءَ لاءِ منهنجي آقا جوئي انتخاب ڇو ڪيو ويو آهي؟“ عمار يڪدم پڇيو.

”اِهوئي تہ اسرار آهي - جيڪو جنهن شيءِ جي قابل هجي-“

”جيڪو جنهن شيءِ جي قابل هجي-“ عمار نهايت بيوسيءَ مان چيو، ”جڏهن مشيت آهي ۽ ازل کان طئہ آهي ۽ ماڻهوءَ جو اختيار ناهي تہ پوءِ؟“ گهڙي دير ماٺ رهي، ”تہ پوءِ سڀ اُهوئي آهي، جيڪو چاهيو ويو- ۽ انسان انهيءَ سموري ڳُجهہ ۾ ڪيئن ٽپي پيو؟“

ڏکھي ماڻ جو ھڪ وقفو ھو-

"پر تون ڪير آھين؟" عمار سوال ڪيو.

"ڪوئي بہ! ڪوئي بہ!" نھايت آھستگيءَ سان جواب ڏنو ويو.

گھنٽيءَ ۾ جھڪيل ذرڙي گھٽ رستي تائين پکڙيل وٽن جي تارين ۾ ڦڙڪي جو آواز ٿيو. ڪنھن پکيءَ پوائتي خواب ڪان ڏڇي ڪيڪڻ ڪرڻ شروع ڪيو- ۽ سيٽيءَ جھڙي ھيءَ صدا فضا جي وسعتن ۾ ھڪ نقاري وانگر ٻري اُٿي- پوءِ اھا رَڙ پکڙي ۽ ان جي وسعت تراني جيان ھر شيءِ تي جاري ۽ ساري ٿي وئي، ڇڻ فنا جو طبل وڄي رھيو ھجي ۽ ھر ذرو ان جي سماعت ۾ شامل ٿي ويو، ٿيندو ھليو ويو- ڳھريل مدھوشي ڏيندڙ موت جو ترانو - فنا- فنا- فنا!-

قاضي ابو عمر وضوءَ لاءِ پاڻي گھريو ۽ تھجد جي نماز لاءِ اجا بيٺو ئي مس، جو ھڪ عجيب آواز محسوس ٿيس ڇڻڪ پرشور لھرون طوفان جي رفتار سان ڊوڙنديون اينديون ھجن. ھڪ اھڙو آواز، ڇڻ صُور ڦوڪي وڄي رھي ھجي- ھر شيءِ فنا ٿي رھي ھجي- سمنڊ ۽ آسمان، زمين ۽ ڪائنات، ھر سَيارو ۽ تارو ٽٽي سڙي رک ۾ تبديل ٿي رھيو ھجي - ھي ڪھڙو ترانو ھو، جيڪو ڪين پنھنجي اندر توڙي ٻاھر ٻڌڻ ۾ اچي رھيو ھو؟!

ھڪ ئي صدا ڏکھيءَ تانَ وانگر وڄندي ھر شيءَ کي ويڙھي رھي ھئي-

ھن ٻانھي کي سڏڻ گھريو - کيس نماز جو ھڪ لفظ بہ ياد نہ اچي رھيو ھو-

ھڪ جھونگار جيان ڇڻ پاتارن منجھان ڪو ھوري ھوري ڪجھ چئي رھيو ھجي. نھايت ڏور، ھيٺ زمين جي تھن جي اندر جي عميق اونھائين منجھان-

ھي ڪھڙو ترانو ھو- موت جو ترانو!

فنا- فنا- فنا-

ھڪ اڻکٽ سُر ھو جيڪو پکڙبو ٿي ويو- پوءِ چوڏس سڪون پريل ڪِل ڦھلجي وئي.

نہ ڄاڻ ڪير نيستي ۽ ھستيءَ جو مذاق اُڏائي رھيو ھو.

نہ ڄاڻ ڪير!

رات جو پوين پھر موت جي تراني سان ٽمٽار ھو-

موت زندگيءَ جي ڳولا ۾ رھندو آھي جيئن کيس جاودان بنائي سگھي.

زندگي موت جي ڪڏ ۾ ھوندي آھي تہ کيس فنا جو مزو چکائي سگھي- کيس نابود ڪري ڇڏي، ۽ ماڻھو زندگيءَ ۽ موت ٻنھي لاءِ سرگردان رھندو آھي تہ انھن کان آزادي حاصل ڪري ان کي حاصل ڪري سگھي جيڪو مقصود باالذات آھي - جيڪو آئينن ۾ جوھر آھي ۽ جوھر جو جوھر آھي- جيڪو ماورا آھي ۽ ماورا کان ماورا آھي- نہ ڄاڻ ماڻھوءَ ڇو عارضي ڳولائن ۾ ديوانو ٿيندو ويندو آھي ۽ پنھنجي بي سرو سامانيءَ تي نازان بہ رھندو آھي.

حسين بن منصور زندان ۾ شڪراني جو سجدو ادا ڪيو. مشيت وٽان ڏڪاريل قرار ڏنو ويو هو ۽ هو پنهنجي انجام جي لاءِ اُن جي مدد ڪري رهيو هو- پردن پويان اسرارن ڪان پري تائين عميق رازن تائين جيڪا نگاهه رسائي رکندي هئي- هو ڏڪاريو ويو هو!-

زمين، آسمانن ۽ ڪائنات ۾ رولاڪ قرار ڏنو ويو هو، هُو ڪڍيو ويو هو، ڏڪاريو ويو، هو جيڪو پنهنجي عشق ۾ بيباڪ ۽ پنهنجي مسلڪ تي قائم هو-

ساٿس گڏ هُو به ته ياد ڪيو ويندو هو- سندس ناز وٽندڙ نه هو پر هو پنهنجي ناز تي نازان هو- ٻيو ڪير ڪٿي هو؟

هي عالم ته وهم ۽ طلسم جو مجاز هو.

شوق جي آتش سببان وگهرندڙ سندس هيءَ سراپا- ماڻهن ۾ آتشي لاوي جهڙو وجود- جيڪڏهن هُو 'آه' ڪري ته ان جي گرمي هر طرف آتش فشان بنجي وڃي- پر پنهنجي سوال سان گڏ هو پنهنجي شوق جي منزل جيئن هُو نظرون جهڪائي منتظر هو-

فاني به ۽ باقي به!-

زندان کان ٻاهر ڪيس پکين جي پَرَ ڦڙڪائڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، چڻ رات جو پکي ويرانن جي ڳولا ۾ هجن. پوءِ گهٽيءَ تي جهڪيل وڻ جي تارين منجهان ڪنهن جهرڪيءَ نهايت بيقرار ٿي ڪري نند منجهان چرڪ پري ڪِيڪيو-

قيامت قائم ٿي وئي- ابد اچي پڳو آهي-

فنا- فنا- فنا

حسين ڏنو زندان جي سيخن منجهان جيڪو آسمان ڏيکائي ڏيندو هو سو هيڏو ۽ اُچو هو جڻ ري توڻتين دونهاتيل دونهاتيل ڪنهن اٿچاتيءَ هوا ڪيس اُڏايو هجي-

هو ڪليو - هاڻ ٻيلا عرش آستاني ڪيڏانهن ويندا. ست ئي آسمان نظر جي سامهون هوندا ۽ هُو هميشه ڪان پنهنجين بارگاهن ڪان ٻاهر منتظر رهائڻ وارو- هاڻ ته هُو سندس سامهون هوندو. هُو ايڏين بيتاب نگاهن ۽ شوق جي جوش سان ڏنو ويندو ته ڪيس ڪيئن لڳندو!- ٻرندڙ نگاهون بيحجاب ڏسڻ جون سودائي!- پردن در پردن ڪان پري جي خواهش ڪٿي آخرڪار هو محبت جي نغمي، موت جي تراني ۽ زندگيءَ جي شوق جو اسير ٿيندو-

اناالحق- اناالحق-

قاضي ابو عمر حامد بن عباس لاءِ بار بار دعاءِ ڪرب پڙهي پاڻي دم ڪري هڪ چينيءَ جي پيالي ۾ رکيو. هن انهن سمورن مسودن ۽ دستاويزن جو مطالعو ڪري ورتو هو ۽ بهتانن ۽ الزامن جي ڊگهي فهرست تيار ڪري ڇڏي هئائين. ماڻهو شيءِ ڪهڙي آهي جو هو خدائيءَ جي دعويٰ ڪري- غيب جو ڄاڻو هجي- مهدي موعود هجي. مندن تي دخل انداز هجي- دلين جا حال ڄاڻي وٺندو هجي. تقديرون بدلائي وجهڻ تي قادر هجي- سندس پرستش

ڪئي ويندي هجي- اصل ۾ عام ماڻهو اونداهه ۾ پٽڪندڙ، التجا ڪندڙ، حقيقت ۾ مايوسين ۾ ٿي تہ وچڙيل آهن. اهو جيڪو پنهنجي اندر جي سمورين اوستائن تي قادر ٿي ويو. جيڪو رضا الاهيءَ تي راضي ٿي ويو. اهو انهن سمورن قيدن ۽ بندن کان آزاد ٿي ويو- اهو زندگيءَ جي دل ۾ کهڙيءَ طرح ٻڏجي ٿي سگهيو!-

حسين بن منصور ڪي هو، يعني قاضي ابو عمر سمجهي نہ سگهيو هو.

فردِ جرم تيار ڪري وٺڻ باوجود هو شريعت ۽ طريقت ٻنهي کان آزاد سُرخروئي حاصل ڪرڻ گهرندو هو. هُو تہ انهن سمورن حاشين جي روشنيءَ ۾ جيڪي هن ترتيب ڏنا هئا ان زندانيءَ کي عتاب ۾ آڻڻ گهرندو هو. هُو چاهيندو هو تہ حامد بن عباس سان بہ بحمدالله اڪيون ملائي ڳالهائي سگهي ۽ دين ۾ جيڪي رخني اندازيون سندن سامهون آيون آهن انهن جي پچاڳاڇا ٿئي تہ مٿس زيادتي يا طرفداريءَ جو ڪوبہ الزام نہ اچي- ۽ هن ان لاءِ مباحثي ۽ مناظري جي هڪ مجلس برپا ڪرڻ جو اهتمام ڪيو، جنهن ۾ مدمقابل جيڪو بہ هجي سو هجي، پر جواب لاءِ بهرحال هڪ جوابده ئي هوندو- حسين بن منصور حلاج.

از پئي جانان جان هم رفت

اين هم رفت و آن هم رفت

رف - رف - رفتن دي

ڏنوڻ جو اهو گيت عشابيہ پاڙي جي هڪ گهٽيءَ ۾ سندن ڪنن تي ائين پئجي رهيو هو جڻ تہ سمورا گيت ۽ نغما گڏ ٿي رف - رف - رفتن ڪري رهيا هجن.

حامد بن عباس چيو هو تہ هو ان مناظري جي مجلس ۾ شريڪ نہ ٿيندو ۽ قاضي ابو عمر کي پنهنجي طور تي اهو فيصلو ڪرڻو پوندو تہ ڪير ڇا ٿو چئي- ڇو ٿو چوي- ۽ رونقن سان ڀريل بغداد جي گهٽين ۾ ان ڪُفر جي ڪلمي جنهن جو رواج پئجي ويو هو تہ اُن جو ذميدار جيڪو بہ هجي اهو بنا امتياز جي سِسي لاهڻ لائق هوندو تہ جيئن اسلام ۾ رُخني اندازيون نہ ٿين. انهن ڏينهن ۾ "اناالحق" جو مستانو نعرو جيڪو دانا ۽ ديوانا پنهنجي پنهنجي طور تي پنهنجن مسئلن لاءِ يا مذاق طور استعمال ڪندا هئا- بغداد جي گهٽين ۾ فقيرن ۽ بيواهن وچ ۾ هر ماڻهو اهو لفظ خاص طور چوندا هئا. بازارن ۾ ڦرڻ وارا رولو نوجوان، راڳي ۽ فقير سيني جي وات تي اِهو ئي نعرو اچي ويو: اناالحق! اناالحق!

قاضي ابو عمر نظاميہ مدرسي جي عالمن ۽ استادن کي انهي مباحثي ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت نہ ڏني. هو ڄاڻندو هو تہ عقيدن ۽ ڳُجهين مجلسن ۽ نهايت اسرار جي ڳالهين ۾ اهي ماڻهو ايترو پري نڪري ويا هئا جو انهن تي ڪابہ گرفت نہ ٿي سگهندي هئي، پر ڪين عام مجلسن ۾ اچڻ جي زحمت ڏيڻ مان بہ ڪو فائدو نہ ٿيندو. مدرسي جي دنيا هڪ الڳ دنيا هئي، جو سختيءَ سان شريعت جا پابند هئڻ جي باوجود هو آزاد هئا ۽ مٿن ڪابہ گرفت

نہ هئي. اِهو تعليمي نظام ان رابي جي آزاديءَ جو دليل هو جيڪو هر زماني ۾ سوچڻ وارن ۽ تصنيف ۽ تاليف ڪرڻ وارن جي حصي ۾ آيو هو. هي ماڻهو مؤرخ نہ هئا، اديب نہ هئا، تاريخدان نہ هئا، فلسفي نہ هئا ۽ ان جي باوجود يهودي ۽ نصراني، مدرسن وانگر انهن تي بہ ڪو قيد نہ هو. منصور جي پٽ محميءَ جي پوٽي جي ايمان جو حساب سندس جنون جو جائزو هي ماڻهو ڪٿي نہ سگهندا هئا. جڏهن دليل ۽ شاهد سڀ گڏ هئا تہ ڪوبہ ماڻهو جيڪو اسلامي روح کان آشنا هجي ان مجلس ۾ ويهي تي سگهيو ۽ شريڪ ٿي سگهيو ٿي. ها حڪم ڏيڻ جو اختيار تہ سواءِ خليفي مقتدر بالله جي ڪنهن کي نہ هو جيڪو انهن ڏينهن ۾ روم کان آيل هڪ سفارت سببان سخت مصروف هو، ڇاڪاڻ تہ سفير ذري گهٽ ڇهن مهينن کان حاضريءَ جا منتظر هئا، دجلہ واري محل تي ختم ٿيڻ وارين شاهراهن ۽ مختلف دفترن کي درست ڪيو پئي ويو، جو بغداد جنهن شوڪت ۽ جلالت جي ڪري دنيا ۾ هڪ خاص شهرت رکندو هو ان جو ڪو تہ مظاهرو ٿي سگهي.

اُم جعفر (مقتدر جي ماءُ) جي پريشاني ڏسڻ وٽان هئي جيڪا پنهنجي سموري جلالت ۽ عزت جي باوجود چاهيندي هئي تہ حسين ابن منصور ڪنهن نہ ڪنهن طور حامد بن عباس جي زندان مان ڪڍيو وڃي ۽ درباري نصر وٽ واپس منتقل ڪيو وڃي. ان نهايت معمولي ڳالھ لاءِ هوءَ وزير مملڪت سان ٽڪرائڻ ۽ ان جي احسان هيٺ ٿيڻ نہ گهرندي هئي- هو جيڪي چاهيندي هئي سو عام طور تي ٿي ويندو هو-

پر هاڻ خدا ڄاڻي ڪهڙي ڳالھ هئي، جو هُوءَ حامد کي ڪو ڪم چوڻ نہ چاهيندي هئي.

قاضي ابو عمر اهو سڀ ڄاڻندو هو ۽ صرف شغب کي شڪست ڏيڻ ۽ بيوس ڪرڻ لاءِ هن سندس معاملن ۾ وڌيڪ سختي وَرتڻ شروع ڪري ڇڏي هئي. هو گهٽ ڪري حسين کي پنهنجي سامهون سڏائيندو ۽ هُن سان گفتگو ڪندو هو. هُو پيير ڪڙولن سان زندان کان آندو ويندو ۽ گهڻو ڪري بنا ڪنهن پڇا ڳاڇا جي موٽايو ويندو رهيو هو. ماڻهو لڪي ڇپي بہ ان عدالت ۾ ڪانئس دعا جا طالب ٿيندا هئا- سندن ڪاتب ۽ سپاهي سڀ سندس اسير لڳندا هئا. صرف هو اڪيلو، تنها الڳ ٿلڳ هر قيد کان آزاد ڏيکائي ڏيندو هو- هو ايڏو بينياز چو هو- هُن قيد ۽ بند جي شڪايت چو ڪڏهن نہ ڪئي هئي!

جڏهن زندان مان ٽي سؤ قيدي فرار ٿي ويا هئا تہ هنن ڪيس سڏايو هو:

”هي قيدي تو آزاد ڪيا آهن. انهن منجهان جيڪي جهليا ويا آهن سي چون ٿا تہ تو اشارو ڪيو ۽ پٽيون پنهنجين جڳهين تان هٽي ويون هيون.“

”قاضي قضا! ڀلا آئون انهي تي ڪيئن قادر ٿي سگهان ٿو؟“

”تہ پوءِ هو جيڪي چون ٿا ان جو ڪهڙو جواب آهي؟“ پڇيو ويو.

”آئون جيڪو پاڻ اسير آهيان ڀلا ڪنهن ٻئي کي آزاد ڪرڻ جو ڪهڙو اختيار رکي سگهان ٿو-“ حسين چيو.

وري پڇيو ويو: ”تون شعبدي باز آهين؟“
”آئون ڇا آهيان! ڇا ڇئي تو سگهان؟ آئون ته ناچيز ذرڙو به ناهيان!-“
”پر جيڪو زندانين چيو آهي، تو تي جيڪي الزام آهن؟“
”الزام انهيءَ ڪري لڳايا ويندا آهن جو انهن جا جواب نٿا ڏئي سگهجن.“ نهايت نرميءَ سان چيو ويو.
”تو حڪومت جو قانون پنهنجي هٿ ڪري انهن کي آزاد ڪري ڇڏيو؟“ سختيءَ سان پڇيو ويو.
”جنهن حڪومت ۾ منهنجو يقين آهي ان کي ڪير هٿ ۾ وٺي سگهي ٿو!“
”تون گستاخ- ۽ بي ادب آهين- ڪوڙو ۽ غلط ماڻهو آهين- شعبدي باز آهين- جادوگر آهين.“ هڪ هڪ لفظ الڳ الڳ ڪري چيو ويو هو.
حسين ابن منصور ڪو به جواب نه ڏنو.
گهڻيءَ دير کان پوءِ جڏهن قاضي ابو عمر پنهنجي عدالت برخواست ڪري رهيو هو ته هن ڪيس واپس بندي خاني وٺي وڃڻ ۽ قيد تنهائيءَ ۾ وجهڻ جي هدايت ڪئي. هو دل ئي دل ۾ مونجهاري ۾ مبتلا ٿي رهيو هو- هي عجيب قيدي آهي جيڪو قيدي نٿو لڳي- منجهس بيپناهه قوتون هيون پر پوءِ به ذري گهٽ اٺن سالن کان هو نهايت صبر ۽ سڪون سان اسير هو ۽ پنهنجي آزاديءَ لاءِ به ڪوشان نه هو- هُن ڪنهن کي ڪڏهن درخواست نه ڪئي ته سندس معاملو خليفي تائين پهچايو وڃي- نبين جهڙي حوصلي سان، بيپناهه سَهپ سان، اهو سڀ سهي رهيو هو- هو ڪهڙي اشاري جو منتظر هو-
ڪيس سورة يوسف جا ڪجهه مطلب ياد آيا. عجيب ڳالهه هئي-
هو عتاب ۾ هو ته سهي پر ڇا جي پاداش ۾ پڪڙيو ويو هو-
قاضي ابو عمر فقهه جو ڪو نهايت پراڻو ڪتاب کولي پنهنجي سامهون رکيو ۽ خيالن جي ڌارا ۾ وهڻ لڳو، ڇاڪاڻ ته جيڪا فهرست هن مرتب ڪئي هئي اُن ۾ فقط مفروضا هئا جيڪي ٻنهي پاسي ثابت ٿي سگهندا هئا. قاضي حامد کي ڪنهن قسم جي اطلاع ڏيڻ کان پهرين زندان ۾ پاڻ هن سان ملڻ جو فيصلو ڪيائين.
اونداهيءَ رات ۾ گهٽيون ۽ پاڙا روشن هئا. بازاريون رونقن سان آباد هيون. آوازن جي طلسم کي آٽيندڙ فضا هڪ ريشمي چادر هئي جيڪا مختلف پشمن سان تيار ڪيل انڌلٽ وانگر لڳندي هئي- دجله تي ٻيڙين جي پُل- پاڻيءَ ۾ وَنجهن جي هلڻ سان پيدا ٿيندڙ آواز- سوارين جو گوڙ- اُنن جي ڳچين ۾ پيل ٽَلين جو وڄڻ- مغنين جي آتش نوائي- پري ڪنهن نصراني عبادت گهر ۾ ڪنهن هنگامي صورت لاءِ وڄي گهنڊ جي سڏيندڙ صدا- اوپاري ۽ لهواري ڪناري تي جڙيل محل- روشنين جي ڌارا تي مسجدن ۾ درود ۽ سلام جي نغمگيءَ

جي اُڏام عرش ڏي مائل پرواز، چڻ خوابناڪ ٿڪن ۽ مدُہوشيءَ جي رنگين ساعتن جو عڪس اُٿيل هجي، ۽ شهر جا سمورا دروازا جيڪي دجلہ جي پُلين تي کلندا هئا ۽ آرائش ڪندڙ ان تي ڪلندڙ ڳالهائيندڙ ماڻهو- رقص جي محفلن ۾ ڇَن ڇَن جا آواز- پرسوز ڏُنن ۾ شهادتِ حسين جو واقعو بيان ڪندڙ ذاڪر- آه و بقا روح ۽ راڙي سان ڀرپور وستي- هي ڪيڏو نہ دلربا شهر هو جنهن جا مهمانخانا قافلن جي رونقن جا مرڪز هئا ۽ هتي دنيا جهان ڪان ماڻهو ڇڪيا هليا ايندا هئا. ترڪ سردارن جي گهيري ۾ ڪو شاندار جلوس ڪنهن طرف روان ڪنيارن جي پاڙي منجهان گذري رهيو هو، جتي ڪتي ڪتي پڙڪندڙ آوين جا اُلا نَون ٿانون جي پچي راس ٿيڻ جو پتو ڏيندا هئا. انهيءَ باوجود جو هر نڪر جي مقدر ۾ پچڻ پرڻ ۽ شڪست آهي ۽ اُن کي ڪنهن مقصد جي قابل ٿيڻ جي لاءِ اڻ ڳڻت مرحلن منجهان گذرڻو پوندو آهي ۽ ڪنهن هڪ مرحلي منجهان نہ گذرڻ سواءِ ڪجهہ بہ نہ بنجي ناهي سگهندو- مقدر هر شيءِ تي نهايت عجيب پهرا لڳائي ڇڏيا هئا- ناپختگيءَ کان پختگيءَ تائين مرحلا ئي مرحلا هئا- قدرت جو عجيب قانون هو-

زندان جي لوهي سيخن ڪان ٻاهر بيٺل قاضي ابو عمر سڏيو:

"ابن منصور!"

ڪيس حسين جي هستي محسوس ٿي پوءِ سندس ڏند چمڪيا جيئن ڪنوڻ ڪو چَمڪو ڏئي- هن ڏٺو تہ سندس بي پناهہ اکيون نگاهہ سامهون اچڻ واري سان ٽڪرايون- "قاضي ابو عمر! هيءُ عمل جو ازالو آهي-"

هو حيرت ۾ ٻڌل هو، تورو پوائنتو بہ- لوهي سيخن ڪان پري هٽي ويو. ديوانن ڪان پرهيز ئي مناسب آهي - فاصلو ضروري آهي.

قاضي ابو عمر وري چيو: "ابن منصور!"

"انهيءَ ڊگهي فهرست جو هڪ هڪ اکر درست آهي ۽ منهنجو خون مباح آهي، اوهان شريعت مطابق ڪم ڪريو." حسين سيخن جي ويجهو اچي چيو.

"توکي پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجهہ بہ ناهي چوڻو؟" پڇيو ويو.

"نہ ڪجهہ بہ نہ. آئون فقط منتظر آهيان!-"

"منتظر؟ آزاديءَ جو منتظر- زندان منجهان ٻاهر کليل فضا ۾ اچڻ جو منتظر- پنهنجن مُريدن ۽ پويان هلڻ وارن، پوڄڻ وارن، خدا ۽ مهدي مڃڻ وارن وٽ وڃڻ جو منتظر؟" ساهہ ڪڍڻ سواءِ سوال ڪيو ويو.

حسين لوهي سيخن جي ويجهو آيو. هو گهڻيءَ دير تائين قاضي ابو عمر ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ پوءِ نهايت آهستگيءَ سان چيائين:

"نہ آئون فقط ۽ بس منتظر آهيان."

”ڪهڙيءَ شيءِ جو- ڪنهن واقعي جو- ڪنهن روشنيءَ جو-“ قاضيءَ گهٻرائي پڇيو.

”حامد جي اُڄ اُجهائڻ جو!-“ حسين بن منصور سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو.

”نه خدا جو قسم نه. انهيءَ باوجود جو انصاف جي تقاضائن لاءِ سوين بيگناهن جو رت وهايو ويندو آهي پر تنهنجي رت جي حفاظت هاڻ مون تي فرض ٿي وئي آهي. ڇا تون بغداد جي قاضين ۽ عالمن مان ايڏو نااُميد آهين.“

”نه - آئون نهايت پُراميد آهيان. آخر ”اناالحق“ جي سزا ڪجهه نه هجي.“

”اهو سڀ تون ديوانگيءَ جي عالم ۾ چوين ٿو ۽ اهو مستانو نعرو تنهنجي رت کي مون تي مباح نٿو قرار ڏئي-“ قاضي ابو عمر زندان جون سيخون ڇڏيون ۽ مقدمي ۾ شهادت ڏيڻ، سچ چوڻ ۽ سچ کان سواءِ ڪجهه نه چوڻ واري وانگيان بيٺو هو روشنيءَ جي ڪرڻن وانگر سندس ڪاريءَ ڏاڙهيءَ ۾ اڇا وار گهٽيءَ پوريان کان ايندڙ روشنيءَ سببان چمڪي رهيا هئا.

هو جڏهن سندس تشهير ڪري چڪا، ته انهن خچرن کي ڇانوَ ۾ ٻڌو ۽ حامد بن عباس کي احوال ڏيڻ لاءِ بارگاهه ڏانهن روانا ٿي ويا.

”هو جيڪو پنهنجو پاڻ کي عالم رباني ۽ صوفي چوندو هو، هاڻ سندس ڪهڙا حال آهن؟“

انهن ڪلي جواب ڏنو: ”بغداد جي گهٽين ۽ پاڙن ۾ ننڍن ٻارن ۽ نوجوانن، مَڪين، ڪُتن ۽ فقيرن جو هڪ لشڪر هو جن مٿس پٿراءُ ڪيو ٿي ۽ مٿس ڇٽرُون ٿي ڪيون ۽ هو پنهنجو پاڻ کي نبي، مهدي ۽ خدا سمجهڻ وارو ائين سيتجيو ويٺو هو ۽ ايترو خوش هو ڄڻ ٻنهي جهانن جي دولت کيس ملي وئي هئي.“

”تعجب آهي!“ پوءِ ڍگهي وقفي بعد حامد چيو: ”ديوانو لڳي ته نٿو پر ديوانو آهي - زنديق!“

”مدرسن مان ڪڏيل ڪجهه ڇوڪرا وٽس ڪجهه مُئل جانور ڪٽي آيا ته هُو کين جيئرو ڪري - انهن اُهي ذري گهٽ کيس منهن ۾ اڇلائي هنيا سندس جهوليءَ ۾ وڌا-“

”پوءِ!“ حامد نهايت خوش ٿيندي پڇيو. هو پنهنجن هٿن کي مهٽي رهيو هو ڄڻ ڏاڍي مزي ۾ هجي.

”هُن انهن کي پنهنجي سامهون رکي ڇڏيو ۽ ايئن ڏسندو رهيو ڄڻ هينئر ڦوڪارو هٽندو ته اُهي جيئرا ٿي پوندا. پر گهڻيءَ دير تائين هُو کين ائين ئي ڏسندو رهيو، پوءِ ڪٽي کين موٽائي ڏنائين-“

”پوءِ؟“ پڇيو ويو.

”انبوهه مايوس ٿيو ته انهن گاريون ڏنيون، کيس ڪوڙو چيو ۽ سندس ڇوڏاري گڏ ٿي نچندا ۽ گوڙ ڪندا رهيا. هُو پنهنجيون اکيون ڇپيندو رهيو ۽ کين ڏسي کلندو رهيو ڄڻ ڏاڍي مزي ۾ هجي!“

”پوءِ!“ حامد نهايت مايوسيءَ مان چيو، ”جڏهن هن تي سنگباري ڪئي وئي ته هن احتجاج نه ڪيو؟“

”بنهه نه - هُن پٿرن کي ائين جَهٽي تي ورتو جڻ ٻارن جي راند ۾ شريڪ هجي. وري هو ٿهڪ ڏئي کِليو تي ۽ تاڙيون وڄائڻ تي لڳو. ياسيدي! اسان انهيءَ کان عمدو ۽ مڪمل ديوانو ڪڏهن ناهي ڏٺو. بغداد جون رونقون وڏي ويون آهن. زمانن بعد اهڙو تماشو هٿ آيو آهي. سندس پيشانيءَ تي هڪ گهنج تائين نه هو. ڪيس ڪجهه محسوس ئي نٿو ٿئي. وار وڪريل، هو بس مگن هو، ايسيتائين جو مسجدن منجهان اذانن جا آواز اُڀريا ۽ پکڙيا. هن نيت ڪئي ۽ نماز پڙهي.“

حامد پنهنجي محل جي سيني کان شاندار ڪمري ۾ هڪ زخمي جانور وانگر سهڪي رهيو هو.

”ڇا ڪيس اذيت نه ٿي. هو تنگ نه ٿيو.“ هن دريافت ڪيو.

”ياسيدي! جيڪي ماڻهو اهڙيءَ ديوانگي ۾ مبتلا ٿيندا آهن ته هو خدا جي راهه ۾ تڪليفون ڪٽي رهيا آهن انهن تي ڪو اثر ناهي ٿيندو. هو بس رضا تي راضي ٿي ويندا آهن ۽ هي ديوانو ته ڪجهه وڌيڪ ئي راضي آهي.“ هڪ خادم چيو.

”خاموش رهه، ۽ جيتري ڳالهه پڇي وڃي ان جو جواب ڏي!-“ عمار حامد جي طبيعت کي بگڙجندي محسوس ڪري ورتو هو.

گُماشتو جيڪو فخر منجهان ڳاٽ اوچو ڪيو ۽ ڇاتي تاڻيو بيٺو هو تنهن پنهنجو ڪنڌ اندر ڇڪي ورتو ۽ باادب هٿ ٻڌي جهڪي بيهي رهيو.

حامد بن عباس چيو:

”قاضي ابو الحسين کي چؤ صبح انهن سيني الزامن جي فهرست مرتب ڪري ۽ عدالت ۾ حسين بن منصور جو مقدمو پيش ٿئي!“

عمار ڪنڌ جهڪائي ٻاهر نڪري ويو. حامد جي طبيعت ڏاڍي بي مزي هئي. هن جو هم سبق ۽ ساٿي ۽ زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ هن کان گهڻو پوئتي رهجي وڃڻ وارو ڪتي کان ڪتي وڃي پهتو هو ۽ پوءِ به هو پنهنجن طوفانن جو اسير پنهنجن جذبن جو قيدي پنهنجي نصيب جو منتظر پنهنجي شڪست تي هراسان، پنهنجي ڪجهه هجڻ تي نازان، پر يڳل پُريل، جنهن جي اندر نوحن جو پڙاڏو هو، جيڪو سنسان ويرانن سان ٽڪرائجي وَر وَر ڪري موٽي آيو.

اغول ۽ حسين!

ها، اغول ۽ وري سندس پٽ حسين!- زندگيءَ ساڻس مذاق ڪيو هو. ڀلا ڪنهن ٻيءَ ٻانهيءَ ۾ سندس دل ڇو نٿي لڳي- ڪيس ڇو اندر ۾ هڪ پولار جو احساس ٿي رهيو هو ۽

هو "روح الله" چوڻ واري ان ديواني کي، زنديق کي، جاهل ۽ ڪوڙي کي، ناڪام ۽ نامراد کي ڇا سمجهندي رهي هئي-

ڪيس ڪو نجومي، ڪو جوتشي، ڪوئي پيشنگوئي ڪرڻ وارو ڪڏهن نٿي ٻڌائي سگهيو تہ ائين ڇو ٿيو- ڇا لاءِ ٿيو- ان جو نشانو هو ئي ڇو ٿيو- راحت ۽ آسودگي هُن جي لاءِ ڇو نہ هئي- ڪڏهن ڪڏهن سندس روح اندر ۾ مُنجهي، اُباتجي، اڄ ئي اُڄ بنجي ويندو هو!

پوءِ مٿس شديد اُسات جو دؤرو پيو ۽ سندس اندر مان ڪنهن چيو- "جيستائين حسين بن منصور جيئرو آهي تنهنجي اُڄ اُجهامي نٿي سگهي. تون زندگيءَ جي رڻ ۾ نامُراد ۽ اُڃايل ڀٽڪندو رهندين تان جو موت تو کي پنهنجي آغوش ۾ آٽي ڇڏي- تون فنا ٿي وڃين- نہ رهين- حامد بن عباس، سلطنت جا وزير، عباسي جاه ۽ جلال ۽ شان ۽ شوڪت لازوال آهي پر تون تہ لازوال ناهين ۽ انهيءَ ڪان پهرين جو وقت تنهنجي گرفت منجهان وَهي وڃي تون پنهنجي اُڄ اُجهائي وٺ!"

آواز بلند ٿيو:

"حسين بن منصور عدالت ۾ حاضر ٿئي!"

ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد هو، جيڪو جڳهہ جي سوڙهہ سبب شاهراه تي پاڻيءَ جي وير وانگر اُٿلي آيو هو، ڄڻ ڪنان تار ڀريل جام ڇُلڪندو هجي-

ٻنهي طرف گُماشتا هئا ۽ بغداد جو شعنو قاضيءَ جي نشست جي پاسي ۾ هڪ مٿاهينءَ مِسند تي جلوه افروز هو. وري ٻين اوسي پاسي جي عدالتن جا قاضي هئا جيڪي هن خاص الخاص سماعت ۾ شريڪ ٿيڻ جي غرض سان آيا هئا. ڪجهہ عالم ۽ مُلا، اوسي پاسي جي پاڙن جي مدرسن جا اُستاد، روز عدالتن جا چڪر لڳائڻ وارا دلال، ڪاتب- وري هر تماشي ۾ سيني ڪان اڳ ۾ پهچڻ وارا ۽ زنده هئڻ جو ثبوت ڏيڻ وارا ٻتاڪي ۽ رولو ماڻهو- قافلن جا سالار جيڪي پنهنجي سامان سان گڏ محض پاسي جي مهمان سرائن ۾ رهيل هئا ۽ رڳو تماشو ڏسڻ گهرندا هئا- وڪيل ۽ طالب العلم- هڪ رنگبرنگ انبوهہ هو، جيڪو جلوس جي صورت ۾ هتي گڏ ٿيل هو. انبوهہ هاڻ قاضيءَ جي آواز جو منتظر هو جنهن کي هڪ ڊگهو پرچو هٿ ۾ هو ۽ بار بار اُن کي پڙهي رهيو هو- خلقت جي ان گهڻ سببان شعنو بہ ڪجهہ بيچين هو-

"توتي الزام آهي تہ تون پنهنجو پاڻ کي خدا چوين ٿو، 'اناالحق'، ۽ هڪ ماڻهوءَ لاءِ ائين چوڻ ڪفر جو ڪلمو آهي... ڇو نہ تو کي ڪافر قرار ڏنو وڃي- ڇا تون پنهنجي ڳالهہ جي وضاحت ڪندين؟ انهيءَ الزام جو جواب ڏي!"

حسين اٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٻيڙين جي بار ڪري هو اُٿي نہ سگهيو. تيرنهن وزني ڪڙول سندس پيرن ۾ هئا.

”نہ مون سالم هوش ۽ حواسن ۾ ڪڏهن ائين نہ سمجهيو، نڪي چيو، ۽ ڪيفيتن يا حالتن جي ٻي ڳالهہ آهي. ماٺهو پنهنجي پاڻ ڪان پري ورتو ويندو آهي پوءِ هو جوابدار ناهي- بندو پاڻ ڪي خدا چوچئي ٿو سگهي-“

عدالت ۾ ساه ڪٽڻ جو بہ آواز نہ هو-

”تون سوال نہ ٿو ڪري سگهين صرف جواب ڏئي سگهين ٿو!“

هُن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. پنهنجيون بيپناهہ ۽ آه و زاريءَ سبب چُنجهيل اکيون بند ڪري ڇڏيون ڄڻ اڳئين سوال لاءِ تيار ٿي رهيو هجي.

”توتي الزام ثابت ٿي چڪو آهي تہ تون مُردن ڪي جيئرو ڪرين ٿو. انهيءَ متعلق توڪي ڇا چوڻو آهي؟“

”زندگيءَ ۽ موت تي قادر تہ هو ئي آهي. زندگيءَ مان موت ۽ موت منجهان زندگي ٺاهڻ وارو- رات منجهان ڏينهن ۽ ڏينهن منجهان رات ڪڍڻ وارو- آئون ڪير جو ڪنهن ڪي جيئرو ڪريان“

”ڪلام پاڪ جو آيتون برحق پر اها ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي. محمود علي قنائيءَ ڪي پيش ڪيو وڃي!“

ٻن گماشتن جنهن شخص ڪي ٻانهن ڪان جهلي ذري گهٽ گهليندي سامهون آندو سو روئي رهيو هو، ڄڻ دورن جي ڪيفيت ڪري هُن جو وجود لڏي رهيو هجي-

عدالت جي فضا ڳوري هئي.

”هي تنهنجو مريد آهي ۽ چوي ٿو تہ تون مُردن ڪي جيئرو ڪرين ٿو- تو هڪ گڏهہ ڪي تڏو هنيو تہ اُهو اُٿي ڪڙو ٿي ويو.“

پويان ڪان دٻيل دٻيل ڪِل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڪنهن زور سان چيو:

”گڏهن ڪي جيئرو ڪرڻ وارو خدا!-“

ماٺهو ڪِلياٰ ۽ هڪدم فضا جي ڳوراڻ گهٽجي وئي- بدلجي وئي- حسين بہ ڳات ڪٽي مٿي ڏٺو ۽ چيو: ”مريد، مون سان جيڪڏهن حدن ڪان تجاوز ڪندڙ خوشفهم لڳاءُ رکندو هجي تہ اُن ۾ منهنجُو ڪهڙو اختيار آهي؟“

”سوال ڪرڻ ڪان پرهيز ڪر!“

”تون شعبدي بّاز، ڀروپيو ۽ سحر ڄاڻڻ وارو آهين. تو سرد موسم ۾ جبل تي هڪ هنڌ ڏڪ هنيو ۽ سائي ڀاڄي ڪڍي پنهنجن ساٿين ڪي ڏني. اُن جو سواد ڏاڍو عُمدو هو- تو سفر دوران ساٿين جي خواهش تي هٿ وڏائي ڪين هوا منجهان ڀڳل مُنڊي ۽ مانيون فراهم ڪيون. تو تي سؤ قيدين ڪي بندي خاني منجهان آزاد ڪري ڇڏيو- ڇا اهو صحيح آهي؟“

”اهو سڀ مون ڪان بہ وڌيڪ تفصيل سان تہ اوهان ٿا ڄاڻو- آئون بخدا انهن سين

الزامن کان لاتعلق آهيان. ڪو انسان اهڙين ڳالهين تي قدرت نٿو رکي جيستائين خدا جي مدد اُن سان شامل حال نہ هجي ڇو تہ اهوئي مالڪ المُلڪ آهي.“ حسين ڪنڌ جهڪائي چيو.

”تو هڪ خط خراسان ۾ رهندڙ پنهنجي هڪ مريد کي لکيو جنهن ۾ تو پنهنجي پاڻ کي رحمان ۽ رحيم چيو-“

”توبهن! توبهن!“ پويان کان وري آواز آيو.

ابن منصور سڄو شعني جي اکين ۾ ڏسندي چيو.

”انسان کهڙي حقيقت ٿو رکي جو ڪجھ چوي. هي هر طرف جلوه جانان آهي، جاري ۽ ساري، اصل ۽ عڪس اُها هڪ ذات ئي تہ آهي- ماڻهو تہ محض وسيلو آهي ۽ جڏهن هو رب آهي تہ سڀ ڪجھ اهوئي آهي هر رنگ ۾، هر ڍنگ ۾، هر جڳھ. نظارو بہ ۽ تجلي بہ ۽ صرف اُهوئي آهي، هُو! هُو!“

قاضيءَ، شعني ۽ ٻين قاضين ۽ ڪاتبن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا هئا. ڇڙڪ سندس ڳالھ تي هاڪار ڪري رهيا هجن، سمجهي رهيا هجن. ٻاهر گوڙ ۾ هاڻ اضافو ٿيندو پئي ويو ڇڙڪ تماشو هو ۽ تماشائي هڪٻئي مٿان ڪري رهيا هئا. ڇترن بعد ماڻهن ڄاتي ورتو هو تہ اناالحق چوڻ وارو ديوانو آهي پر ديوانن کي دانائن جيان عدالت ۾ ڪڏهن پيش نہ ڪيو ويو هو ۽ حيرت جا ماريا هو سڀ عدالت ڏانهن ڀڳا هئا، جو مقدمي جا تفصيل عمدا!- هڪ طرف حڪومتُ ۽ عدالت ۽ وڏن عالمن فاضلن جي جماعت ۽ ٻئي طرف هڪ ديوانو! جيڪو هميشہ خاموش ٿي رهيو پر جوش ۾ هوندو هو تہ اندر جي بيتابيءَ سان دل جي پيڙڪي.سان پُرسوز لئي ۾ وٺي ڪري پڙڪيدار ”اناالحق“ چوندو ۽ ديوانو بہ نہ لڳندو هو-

”تو تي الزام آهي تہ تو سميري جي ڏيءُ کي سجدي ريز ٿيڻ جو چيو هو- سميري جي ڏيءُ کي حاضر ڪيو وڃي!“

هوءَ مُنهن نقاب ۾ لڪائي هڪ بند دروازي پويان کان آئي. غلام سميريءَ جي ڏيءُ- ڏڪندي گهبرايل ڪائيءَ جي چبوتري کي جهلي بيهي رهي.

غلام سميري بہ هن سان گڏ هو.

”تون هن شخص کي سڃاڻين ٿي؟ هي جيڪو زنجيرن ۾ ٻَڌو بيٺو آهي.“

”بيشڪ.“ جواب آيو، ”هي حسين ابن منصور حلاج آهي. منهنجي پيءُ جو مولي آهي!“

”ڇا تو هن کي سجدو ڪيو هو؟“ پڇيو ويو.

”آئون شعبان جو چنڊ ڏسي ڏاڪڻيون لهي رهي هيس ۽ ابن منصور اڳڻ ۾ هو. پوءِ سندن پوٽي مون کي چيو: ”جڏهن تون هيٺ لهين تہ منهنجي ڏاڏي جي سامهون جهڪجانءِ ۽ کين سجدو ڪجانءِ، ڇو تہ انهن ۾ خدا جهڙيون طاقتون آهن، هو تمام عظيم آهن!“ پوءِ ساهي ڪٽي هُن چيو: ”مون سندن سامهون زمين چُمي ۽ پنهنجي پيشاني جهڪائي ۽ سجده ريز ٿيس، پر هنن موڏانهن ڏٺو بہ ڪونہ ۽ ڪتاب لکندا رهيا-“

قاضيءَ ڪيس واپس وٺڻ جو اشارو ڪيو. هوءَ بند در ڏانهن هلي وئي.
مجمعي منجهان ڪنهن چيو: "اهڙيون جسارتون ڪرڻ لاءِ تمام وڏو حوصلو گهرجي."
"جڏهن سجده ريز ڏانهن ڏنو ئي نه ويو ته سجدو قبول ئي نه ٿيو. اهو سراسر الزام آهي، ڪوڙ ۽ بُهتان!" ڪنهن سُرٻاهٽ ۾ چيو.
"خاموش رهو!" هجوم ۾ انبوهه ۾ رلي ملي بيٺل هڪ گماشتي رڙ ڪري چيو.
عجيب طرح جي گهٽ ۽ گرمي هئي ۽ وقت ڪَرِيلُ ٿي لڳو- جيڪي ماڻهو گهڙي آيا هئا تن واپس وڃڻ جي نيت ڪئي ٿي پر بيٺا ٿي رهيا- ماڻهو پنهنجن جُبن جي پلاندن سان پنهنجن مُنهن تان پگهر اُگهي رهيا هئا ۽ انهن سان پنهنجو پاڻ کي هوا به ڏئي رهيا هئا. شعنو ۽ قاضي سپ پگهر ۾ ٻڏي رهيا هئا. جڏهن ته سياري جا هي سخت ترين ڏينهن هئا ۽ عدالت ڪان اڳ ئي اُتر جي برفبار هوا ماڻهن کي ڪنبائي ڇڏيو هو-
"تون ابليس پرست آهين جو ابليس جي شان ۾ تو هڪ قصيدو تحرير ڪيو آهي!" قاضي ڪجهه شعر پڙهي ٻڌايا.
"هو بارگاهه منجهان ڌڪارجڻ ڪان اڳ، هر وقت ڪان پهرين، خدا جو ويجهي ڪان ويجهو فرشتو هو!" جواب ڏنو ويو.
"تون ان جو پرستار آهين؟ ان جي مذهب کي رواج تو ڏين؟" قاضي دڙڪو ڏئي چيو.
"خدا جو قسم! اهو مذهب ڪڏهن رواج ماڻي نٿو سگهي- اهو ته پيرويءَ جي قابل به ناهي پرستش جي قابل ڪيئن ٿي ويو-"
"عدالت تو ڪان جواب گهري ٿي - ها يا نه - وڌيڪ ڪجهه نه."
قاضي ٻانهون مٿي ڪٽي هوا ۾ هڪ ڪتاب لهرايو.
"هي ڏسين ٿو - اهو سڃاڻين ٿو."
نگاه مٿي ڪڻڻ سواءِ حسين چيو: "سڃاڻان ٿو-"
قاضيءَ پنا اُٿلايا ۽ پڙهيو:
"جيڪڏهن ڪو شخص حج جو ارادو رکندو هجي ۽ طاقت نه رکندو هجي ته هو پنهنجي گهر ۾ هڪ ڪمري ۾ زمين جو چوُرس ٽڪرو مخصوص ڪري ڇڏي. ان کي پاڪ صاف رکي. ڪنهن قسم جي نجاست اُتي نه پهچي ۽ نه ئي اُن ڪان سواءِ ڪوئي ٻيو اُتي وڃي. ان کي سيني کي ان ڪان پري رکي- پوءِ حج جي ڏينهن ۾ ان جو طواف ڪري جيئن خانه ڪعبه جو ڪندا آهن ۽ جيڪي ارڪان اُتي ادا ڪيا ويندا آهن سي سڀ بجا آڻي- جڏهن ڪري چڪي ته ٽيهن يتيمن کي گڏ ڪري پنهنجي همت ۽ قدرت پٽاندر ڪاڌو ڪارائي ۽ خود پاڻ انهن جي خدمت ڪري. جڏهن هو ڪاڌي ڪان فارغ ٿي هٿ ڌوئي وٺن ته پوءِ هر هڪ کي ست درهم يا ٽي درهم ڏئي. اهو عمل هن لاءِ حج برابر هوندو."

حامد بن عباس پوئين دروازي کان شعني جي ويجهو اچي ويهي رهيو. قاضي ابو عمر ۽ ابو جعفر بن بهلول به ساڻس گڏ هو. عالمن ۽ وحدت الشهود جي هڪ جماعت به دروازي کان اچي سامهون ويهي رهي هئي.

قاضي ابو عمر چيو: "توکي اهو مضمون ڪٿان کان مليو؟"

"حسن بصريءَ جي ڪتاب الاخلاص منجهان-" حسين نرميءَ سان جواب ڏنو.

"اي واجب القتل!" قاضي ابو عمر زور سان چيو: "تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين. اسان مڪي ۾ ڪتاب الاخلاص ٻڌو آهي اُن ۾ ته اهو مضمون نه هو- اي ڪوڙا ۽ بدڪار! تون غلط ٿو چوين." هو سخت ڪاوڙيل هو.

حامد اڳتي جهڪي قاضي ابو عمر کي چيو: "اهو لکي ڇڏيو!"

هٿ جي اشاري سان هن ڪيس ترسڻ جو چيو ۽ ملزم سان مخاطب ٿي چوڻ لڳو:

"ڇا تو پاڻ ڪتاب الاخلاص پڙهيو آهي يا محض ٻڌو آهي؟"

"نه - مون صرف ٻڌو هو ۽ هي مضمون ان ۾ اندر هو مرنڪي ڪنهن معتبر ماڻهوءَ ٻڌايو هو."

"تون صرف ٻڌين سُڌين ۽ مفروضن تي ايڏي وڏي ڳالهه لکي وئين جيڪا جيڪڏهن عام ٿي پوي ته اسلام جي ته سموري عمارت ئي پٽ پئجي وڃي! تو مذهب ۾ رخني اندازي ڪئي آهي."

حامد قاضي ابو عمر جي هٿ ۾ قلم جهلائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي هُن جهلي ته ورتو پر وري رکي ڇڏيو-

"حسن بصري جيڪڏهن مذهب اسلام ۾ رخني اندازي ڪرڻ وارا هئا ته پوءِ انهن خالن کي ڪير پري سگهي ٿو؟!" هُن سوال ڪيو.

"خاموش! سوالن کان پرهيز ڪر. صرف اِهو ٻڌاءَ ته تو اِهو ڪنهن ڪتاب تان نقل ڪيو آهي يا محض قياس آرائي؟"

"خدا جو قسم، قياس آرائيءَ سان هرگز نه! مون کي انهن معنائن تي سڀ کان پهرين هڪ هاشميءَ خبر ڏني هئي."

قاضي بهلول هاشميءَ جو ذڪر ٻڌي مُرڪيا: "اهو ئي هاشمي جيڪو پنهنجو پاڻ کي تنهنجو نبي ٿو چوي ۽ تون جيڪو پنهنجو پاڻ کي سندس خدا چوين ٿو!"

قاضي ابو عمر چيو: "۽ تنهنجن مريدن منجهان امام رضا جا داعي آهن ۽ هي سڀ فهرستون جيڪي جمع آهن تون انهن جي ترديد ڪيئن ڪري سگهين ٿو؟"

حامد چيو: "قاضي ابو عمر! انهيءَ سوال جواب مان هاڻ ڇا ورندو؟ اوهان هن ڪاغذ تي فتويٰ لکي ڇڏيو ته هن جو خون مباح آهي!"

قاضي ابو عمر پُڇا روڪي پھريون پيرو حامد ڏانھن گھرين نظرن سان ڏٺو.

”اهائي فقط تہ حسين بن منصور حلاج واجب القتل آهي.“ حامد ڪاغذ سندس سامھون ڪيو.

حسين نگاھہ ڪنئي تہ انبوھہ جي آخر ۾ آقارازيءَ کي ڏٺو ۽ نھايت محبت منجھان مُرڪيو. آقارازيءَ جو ڦڪو پيل رنگ ۽ گھبرايل مُنھن ڏسي ھُن ڪنڌ لوڏيو ۽ اشارو ڪيو.

قاضيءَ بھلول چيو: ”ھي معتزلي آھي ۽ ماڻھن ۾ ڪفر ڦھلائي ٿو انھيءَ ڪري سِسي لاھڻ جي لائق آھي!“

”منھنجي پٺ شرعي طور محفوظ آھي ۽ منھنجو خون حرام آھي. منھنجو مذھب سنت مطابق آھي ۽ منھنجو اعتقاد اسلام آھي. منھنجي ڪتابن ۾ جيڪي بہ ڪجھہ آھي شرع جي موافق آھي انھيءَ ڪري منھنجو رت وھائڻ ۾ الله کان ڊڄو - الله کان!“

حامد وري قلم قاضي ابو عمر جي ھٿ ۾ ڏئي ڪاغذ اڳيان ڪري ڇڏيو:

”اوھان ھن تي لکي ئي ڇڏيو.“

”مون کي سوچڻ ۽ غور ڪرڻ جو موقعو ڏيو، وزير سلطنت!“ قاضي ابو عمر جَڪ ڪائي چيو.

قاضي ابو الحسين الاشنائي چيو: ”جڏھن اوھين ھڪ ڳالھہ چٽي چڪا آھيو تہ اُن کي لکي ڇڏڻ ۾ ڪھڙو حرج آھي؟“

شعني ڪجھہ سختيءَ مان چيو: ”قاضي ابو عمر! جيڪا ڳالھہ ھڪ ڀيرو اوھان جي زبان مان نڪري وئي سا نڪري وئي. ڇا اوھين بحيثيت قاضيءَ جي ڪا ڳالھہ غلط چئي سگھو ٿا!-

حسين چوندو رھيو:

”منھنجي معاملي ۾ الله کان ڊڄو! منھنجي پٺ محفوظ آھي. منھنجو رت وھائڻ حرام آھي!“

مُنھن پيلو پئجي ويل آقارازي پنھنجو رستو ٺاھيندو، انبوھہ کي ساڄي کاٻي ھٽائيندو، ھڪ ھڪ گرانٽ اڳيان وڌندو، سندس ويجھو اچي رھيو ھو- ماڻھو ائين ئي گوڙ ڪري رھيا ھئا: ”واجب القتل - واجب القتل!“ ھڪ طرف کان آواز آيو پئي: ”ناجائز! ناجائز! محض ٻڌل ڳالھين ۽ مفروضن تي ڪوئي بہ موت جي سزا لائق ناھي ٿيندو.“

”خاموش!“ بغداد جو شعنو رنڀيو: ”سواءِ قاضي ابو عمر جي ڪنھن کي بہ ڪا ڳالھہ چوڻ جو اختيار ناھي ۽ نہ ئي ڪا ٻي ڳالھہ ڏيان طلب آھي!“

حامد اڳتي وڌي ڪاغذ قاضي ابو عمر جي نڪ سامھون رکي ڇڏيو:

”جيڪي اوھان چيو آھي جيڪو اوھان سوچيو ھو، جيڪا فتويٰ اوھان ڏني ھئي، اُن

ڪي لکي ڏيڻ ۾ ڪهڙو عيب آهي. هي روز روز جو فتنو ناس ٿئي. هي ڪفر و الحاد جو داعي، هي معتزلي، زنديق، فاجر، گمراهه ڪرڻ وارو شخص ڏرتيءَ تي بار آهي قاضي ابو عمر! "اناالحق" چوڻ وارو پيل ته اهو ديوانگيءَ ۾ ٻي ڇو نه چئي، سزاوار آهي- اوهين ڪنهن ڪان خوفزده ۽ ڇو؟ لکو!" هُن قلم سندس هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو ۽ مس ڪپڙي، پاڻ جهلي بيٺو. "اچي وٺو - قلم مس ۾ ٻوڙي لکو!"

قاضي ابوالحسين چيو: "قاضي ابو عمر! جيڪڏهن وزير سلطنت مون کي اهو چون ته آئون لکي چُڪو هجان هان. جڏهن اوهين هڪ فتويٰ ڏئي چڪا آهيو ته لکڻ ڪان ڪيہائڻ ڪهڙو؟"

"اِهو ڪلمو خفگيءَ جي حالت ۾ چيو وٌيو هو. آئون هن جي خون جي حفاظت ڪندس انهيءَ ڪري جو هي ديوانو آهي."

نهايت مڪروه مغروريءَ منجهان ڪلي حامد بن عباس چيو: "بغداد کي گمراهه ڪرڻ وارو ۽ نبوت جو دعويدار، ديوانو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اوهان ڪهڙن مونجهارن ۾ مبتلا ٿي ويا آهيو قاضي ابو عمر!"

شعني وري چيو: "هڪ ذميوار شخص هوندي پيريل مجموعي ۾ جيڪا ڳالهه اوهان چئي ڇڏي، ڇا اُها سواءِ سوچڻ سمجهڻ جي چئي وڌي هئي قاضي ابو عمر!- هاڻ فرار جي راهه ناهي رهي!"

پوءِ آواز اچڻ لڳا:

"فتويٰ ته اوهان ڏئي چڪا - هاڻ لکي به ڇڏيو."

حامد قلم کي مس ۾ ٻوڙي قاضي ابو عمر کي ڏنو ۽ ڪاغذ اڳيان وڌائي ڇڏيا ته جيئن هو پنهنجي صحيح اُنهن تي ڪري سگهي.

سڀ ماڻهو خاموشيءَ سان اها ڪاروائي ڏسڻ لڳا.

مٿو ڌوڻي، فرار جي ڪائي راهه نه ڏسي قاضي ابو عمر اُن ڪاغذ تي مهر هڻي ڇڏي ۽ فتويٰ لکي ڇڏي. پوءِ ٻين ماڻهن قضاۃ ۽ شعني ۽ پاڻ ابوالحسين الاشنائي پنهنجيون پنهنجيون مُهرون هنيون الا لکيا ۽ حسين ابن منصور جي موت جي پرواني تي تصديق جي مُهر هڻي ڇڏي-

حامد بن عباس اٿندي ڏاڍين گهرين نظرن سان اُن ديواني ڏانهن ڏٺو - "اغول جو روح الله!-"

گماشتا حسين کي ساڳئي زندان ڏانهن وٺي ويا جنهن ۾ هو اسير هو، ۽ شام جو جڏهن رستن جا رولاڪ گلستانن ۽ باغن ۾ دجله ڪناري شاهراهن تي، پيڙين ۾ ۽ راڳين جي محفلن ۾ مليا ٿي، ته اهوئي تذڪرو هو ته ديوانو جيڪو "اناالحق" چوندو هو. پنهنجي سزا کي پهچندو، ڇو ته قاضي ابو عمر سندس موت جي فتويٰ تي سزا جي مُهر لڳائي ڇڏي هئي-

ها، حسين بن منصور پجاري جي مقدر تي مُهر لڳائي ڇڏي وئي هئي. هاڻ ڪا به دعا ڪم نہ ٿي اچي سگهي. سڀ بيڪار- بيڪار!

جيڪڏهن هن ديواني جو اهوئي مقدر هو تہ ڇا مقدر هو
ڇا جنون انهي حد تائين ڪڙيءَ سزا جو مستحق هوندو آهي-

شغب، پنهنجي باغخاني ۾ جيڪو خلافت جي محل جي ڀئي پاسي هو گلن جي بارين ۾ پسار ڪندي ٻڌو تہ قاضي ابو عمر اناالحق چوڻ واري ديواني کي موت جي سزا ڏني آهي تہ هوءَ ڪنبي وئي- پلا هاڻ مقتدر لاءِ، سندس ڊگهيءَ ڄمار لاءِ، هُن جي صحت ۽ طاقت لاءِ، سندس بخت ۽ بلند اقباليءَ جي لاءِ، ڪير دعا ڪندو؟

هوءَ ڀيچا ۾ برابر ۾ لڳي رهي هئي ۽ جڏهن دربان نصر کيس ٻڌايو تہ حامد بن عباس کيس پنهنجي قيدخاني ۾ منتقل ڪري ورتو آهي تہ هوءَ خوفزده ضرور ٿي هئي، پر پوءِ وقت گذرندو رهيو- گهٽبو رهيو- پل پل، ساعت ساعت، ڏينهن ۽ مهينا ۽ سال گذري ويا هئا- هوءَ غافل تہ نہ ٿي هئي پر ڪجهہ مطمئن ٿي وئي هئي تہ اسير زندان منجهان هڪ ڏينهن ڇٽي ويندو ۽ انهيءَ انتهائي خيال ۾ خوش بہ هئي تہ هو سير ۽ سياحت جو شوقين جيڪڏهن زندان ۾ نہ هجي ها. تہ بغداد ۾ بہ نہ هجي ها. زندان ۾ ڪانئس دعا جي طلبي سندس لاءِ سَولي هئي. هن پنهنجي خود غرضيءَ سببان هن جي آزاديءَ جي لاءِ گهٽي ڪوشش بہ نہ ڪئي هئي-هن پنهنجو متو پٽيو. هاڻ هوءَ ڇا ڪري؟

مقتدر کي سلطنت جا وزير، قومن جا سردار ۽ تُرڪ امير پنهنجي گهيري ۾ ڪيو ويٺا هئا. هو ام جعفر ڪان، پنهنجي ماءُ شغب ڪان، بہ پري ٿي ويو هو- شروع ۾ جڏهن هو خلافت جي تخت تي جلوي افروز ٿيو تہ ڊنل ۽ هيسيل ڇوڪرو هو. هاڻ زمانو بدلجي ويو هو- هُن زور ۽ قوت سان، دانش ۽ هوشياريءَ جون سموريون واڳون جهليون هيون- هڪ طاقتور حڪمران جنهن کي سفارتن ۽ بادشاهن جا سلام ماڻڻ ۽ موٽائڻ ۽ عباسي سلطنت جي جاه ۽ جلال جي حفاظت جو اختيار هو. پر هو هاڻ شغب جو الهڙ پُٽ تہ نہ هو- ۽ هوءَ پنهنجي سموري طاقت ۽ الڳ دربار ۽ اميرن وزيرن جي هڪ گروه جي باوصف هُن ڪان هڪ ذرڙي ڳالهہ ميڙائڻ جو حوصلو نہ رکندي هئي- هوءَ هُن کي ناڪام ۽ نامراد ڏسڻ نہ گهرندي هئي- هڪ ماءُ جي دل جي درد سبب هوءَ سندس سلطنت جي استحڪام لاءِ دعاگو هئي. حامد بن عباس نہ ڄاڻ اوچتو ئي اوچتو ڪهڙيءَ ريت اهو سمورو اهتمام ڪريورتو هو ۽ کيس خبر بہ نہ پئي هئي. حسين جو ماريو وڃڻ پاڻ عباسي حڪمرانن لاءِ بہ نيڪ فال نہ هو. هوءَ ڇا ڪري؟ ڪيڏانهن وڃي؟ هوءَ پنهنجي بي وسيءَ تي بيچين ٿي.

قاضي ابو عمر سان تہ هوءَ اڳ ئي ڪيترن ئي معاملن ۾ تڪرار ڪري چُڪي هئي، ۽

هاڻ ته هُو سندس ڪنهن به حڪم جي پيروي هرگز نه ڪندو. ڀلا ڪندو به ته ڇو ڪندو!

نظاميہ مدرسي جي ڪجھ صوفي عالمن ۽ حضرت جنيد مان ڪجھ اميد هئي پر نهايت مبهم. حامد ايڏو طاقتور، ڪيني پَروَر ۽ سازشن جو ماهر هو جو ڪو به هن سان دشمنيءَ جو بار نٿي کڻي سگهيو. مونس به انهيءَ سلسلي ۾ ڪابہ مدد نه ڪري سگهيو- آه، هُو ڇا ڪري- ڪيڏانهن وڃي؟ ماڻهو چوندا هئا خليفي جي ماءُ وڏو اثر رسوخ رکي ٿي ۽ درٻار جي ڪمن ۾ دخل انداز آهي، پر ڇا هوءَ دخل انداز هئي؟ هوءَ هڪ ماڻهوءَ جي موت جي حڪم کي بدلرائڻ جي طاقت نه رکندي هئي-

حالتون، وقت ۽ زمانو سڀ سندس خلاف هئا-

خود خدا ۽ ان جا فرشتا بہ شغب سان ڪو واسطو نہ رکندا هئا- هن نهايت مايوسيءَ ۾ اتي ئي گاھ تي پنهنجو متو ٽيڪي ڇڏيو - او خدا! او خدا!!"

(2)

آقارازيءَ لوهي سيخن سان پنهنجي پيشاني ٽيڪي ڇڏي. هُن انڌاريءَ، ميڻهن ۽ واچ واءُ سان بيقرار اماوس رات جو هوريان سڏيو:

"ابن منصور!"

"آقارازي!

عشق گلاب جي پوکائي آهي!

عشق زندگيءَ جي پوکائي آهي!"

"حسين ديوانو نہ ٿي. آئون توکي وٺڻ آيو آهيان. گهوڙا ٻاهر بيٺا آهن. مضبوط ۽ توانا- اسين صبح ٿيڻ کان اڳ ئي بغداد منجهان نڪري ويندا سين- خراسان ۾ تنهنجي پنهنجي سرزمين تي تنهنجا ماڻهو تنهنجا منتظر هوندا!"

"نہ نہ. خدا جي واسطي نہ!" هن مضبوط آواز ۾ جواب ڏنو.

"آخر ڇو ابنِ منصور؟!"

حسين سيخن ڏانهن ڏٺو، جيڪي رستي کان هٽي ويون ۽ هو ٻئي گڏ بيٺا هئا.

"آئون جنهن جي قيد ۾ آهيان اُهو مون کي آزاد ڪري ته؟" هُن چيو.

"حامد بن عباس کي توسان اجايو ضد آهي." رازيءَ چيو.

"نہ آقارازي، اجايو نہ - بي سبب نہ. ضد جو ڪو سبب آهي. سندس دل بہ ٿوري خوشي گهري ٿي. جيتوڻيڪ آئون ڪڏهن ڪنهن بہ واسطي سان سندس ناخوشيءَ جو سبب ناهيان - هُن کي شديد اُسات کان، ناڪاميءَ ۽ نامراديءَ جي خيال کان بچڻ جو هڪ هيءُ ئي تہ موقعو آهي!" حسين ڳالھ پوري ڪئي.

"تون سچ پچ ديوانو آهين. ڪو ائين اڳيان وڌي موت کي ڳلي لڳائيندو آهي- حسين! تون خراسان ڏانهن نڪري هل- تنهنجا مريد آهن- توکي چاهڻ وارا داعي ۽ مبلغ- تنهنجن مسلڪن کان آشنا ماڻهو ۽ توتي جان نثار ڪرڻ وارا- تون بس نڪري هل! باقي سڀ ٺيڪ ٿي ويندو." رازي چُپ ٿي ويو.

"مَشيت اِهائي آهي آقارازي ته آئون عشق جو فصل لُٽان!- محبت لاءِ ساهه ڏيان ۽ ٻڌ آقارازي! جنهن جي نصيب ۾ شهادت هجي، جنهن کي اهو رُتبو ملي اُهو ان کان ڇو ڀڄي!- ڪيڏانهن وڃي جاودان موت کان جاودان زندگيءَ ڏانهن؟- جڏهن ته موت سِين جو مقدر آهي. آئون ڇو نه زندگيءَ کي پسند ڪريان- از پئي جانان...!"

"منهنجو خيال هو تون منهنجي شناس رکين ٿو. منصور جو پٽ منهنجي عزت ڪري ٿو ۽ تون سمجهين ۾ چاهين ٿو ته آئون نه جذباتي آهيان ۽ نه ئي خود پرست جوان- منهنجن وارن ۾ ڪُتيل هن سفيديءَ تي ترس کاءَ - هل!"

"آقارازي! چا شهادت سيني جي مقدر ۾ آهي. تي سگهي ٿو فرار سان حالتون بگڙجي وڃن. اٽل رهڻ، منتظر رهڻ ۽ حالتن سان مقابلي ڪرڻ ۾ ئي سموري لذت آهي. مون کي افسوس آهي آئون اوهان جي ڳالهه تي عمل نٿو ڪري سگهان!" حسين زندان ۾ پنهنجي جڳهه تي موٽي آيو.

"تون ڇو موت جي ڳولا ۾ آهين. ڇو ٿو موت سان عشق ڪرين؟" رازي پڇيو.

"اوهين نه سمجهندا! ريشم ۽ هيرن جواهرن جا سوداگر اها ڳالهه نٿا سمجهي سگهن- هڪ ٻئي فهم هڪ جُدا طرز جي خيال جي ضرورت هوندي آهي- اوهين پنهنجي جڳهه تي نهايت همدرد ۽ تمام عمدا دوست آهيو پر آئون مجبور آهيان. منهنجا حڪم ٻين جڳهين جا ناهن- مون کي بغداد ۾ پنهنجي مقدر جي فيصلي جو انتظار ڪرڻو آهي-" حسين نهايت ڏولتا سان چيو.

آقارازي ٻاهر، سيخن کان ٻاهر، هُن جي خيال جي دنيا کان ٻاهر- هُن جي عملن جي دنيا کان ٻاهر بيٺو رهيو، پر هُن وري ڪجهه نه چيو - "حسين ٺيڪ ئي ته چوي ٿو. هي ابنِ منصور مقدر جو منتظر آهي!" پوءِ هُن پاڇن کي زندان طرف وڌندي ڏٺو ۽ اوٽ ۾ اوجهل ٿي ويو.

شعب چيو:

"ياشيخ! مون اوهان جي هتان کان فرار جو منصوبو رٿيو آهي. جيڪڏهن اوهان ها ڪيو ته اڄ ئي رات نڪري وڃو-"

"جعفر جي ماءُ منهنجا حڪم هتي جا ئي آهن. بس هتي ئي منتظر آهيان. ڇا هو قدرت نٿو رکي جو دلين کي قيري ڇڏي!- حالتون بدلائي ڇڏي!- اونداه ۾ روشني ڪري ڇڏي!- آئون نااُميد ناهيان-"

"ياشيخ اوهين حامد کي نتا سڃاڻو." نه، آءٌ حامد کي نٿو سڃاڻان. پر سڃاڻڻ سان به ڇا ٿو ٿئي- هو مقدر کي ته ڦيري نٿو سگهي."

شغب زندان جي سيخن سان لڳي آه و زاري ڪرڻ لڳي. پوءِ رات جي ماٺار ۾ هڪ عجيب آواز نوبت وانگيان وڄڻ لڳو. هڪ جهونگار- ڄڻ ڪائي صدا موت جي تراني سان آباد هجي- مدهوش ڪرڻ واري- سيڪجهه وسارڻ واري!-

قاضي ابو عمر جي فتويٰ تي سواءِ شبليءَ ۽ ابن عطار جي سڀني جون صحيحون هيون- مقتدر اُهي ڏٺيون، فتوا پڙهي ۽ هڪ پاسي رکي ڇڏي. هو رومي سفارت جي نهايت ضروري تفصيلن ۽ گفتگو جي نڪتن تي غور ڪري رهيو هو- عباسي دور کي هڪ پيرو وري سينگاريو ۽ شان ۽ شوڪت جو مڪمل فن پارو بنايو پئي ويو- هو يعني مقتدر بالله پنهنجن ابن ڏاڏن جي بارگاهن، ايوانن ۽ هڪ ڪان پوءِ ب؟ي محل ڪان ڏورانهين جي طويل مسافت جي آخر ۾، جڏهن ته زماني جي عجوبن کيس اڏ مئو ڪري ئي ڇڏيو هو،سفيرن سان مليو. هن رعب ۽ شان ڪان مرعوب ٿيل اڌو گابرين ڳالهين ڪرڻ جو حوصلو نٿي رکيو. ٿڪل نظارن مان ڍَوَ ڪري، هو جڏهن هنن تائين پهتو ته هو هيبت ۽ دبدبي ڪان ذري گهٽ بيهوش هئا-

اها سفارت هڪ سال ڪان به وڌيڪ عرصي ڪان ملاقات جي تمنائي هئي ۽ انتظار ۾ بغداد جي دعوتن ۽ رونقن ۾ مگن هئي. ٻيا ڪيئي عربي نسل، ترڪي، هندستاني، تاتاري، خراساني ننڍين وڏين رياستن ۽ سلطنت جا نمائندا، سوداگر ۽ طالب علم. مختلف مذهبن ۽ نسلن جا گڏ وچڙ ماڻهو ڄڻ رنگبرنگي صورتون هجن- رومي اُتي اچي حيران ٿيا هئا. رانديون، تماشا ۽ نظارا کين محو رکندا تي رهيا، پر ايڏي ڊگهي انتظار ڪان هو تنگ اچي ويا هئا- انهن عام زندگيءَ کي نهايت ويجهڙائي ڪان ڏٺو هو. فوج ۽ منتظم، وزير ۽ عالم، مسجدون ۽ عبادتگاهون سڀن جو مطالعو ڪيو هو. ريگستاني رهواسين ڇا ته دنيا تخليق ڪئي هئي، جو ان جي دبدبي ۽ شان شوڪت ڪان ٻاهران ايندڙ دهلجي ويندا هئا ۽ هر امير تي خليفي هئڻ جو کين گمان ٿيندو هو- هنن سوارين تي اگهاڙين ترارن جي پهرن ۾ سردارن کي نڪرندي ڏٺو هو. پالڪين ۾ عورتون ۽ پاڪڙن ۾ امير نڪرندا هئا. علم ۽ فن جي شهرت رکندڙ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ منجهان بهترين شين جي بازارين جا ڍير ڇٽڪ سموري دنيا، سمورو حسن، سمورو فن، سموري وجاهت ۽ سموري رونق جهان مان سهيڙجي بغداد گڏ ٿي وئي هجي. مختلف مذهبن جا داعي، پوئلڳ، درويش ۽ امير هتي جمع هئا. هڪ خواب جهڙي دنيا هئي ڄڻ، جنهن تي جڏهن اک ٿي کُلي ته سڀ ڄڻ هڪ طلسم هو ڪو نظر جو فريب!!- اهو سڀ اصل نه لڳندو هو جيئن پاڻيءَ جي آرسي تي ڪوئي عڪس

وهندو وڃي. سلطنت جا جيترا افسانا ٻڌبا هئا اهي ڏنل حقيقت کان ڪمتر هئا ۽ حقيقت اصل ۾ ويتر وڌيل چڙهيل هئي-

مقتدر هن سڄي حيران ۽ پريشان ڪندڙ ماحول ۾ پنهنجي ماءُ اُمِ جعفر جو خط نيٺ پڙهيو، وري پڙهيو. هيءَ درخواست هئي ته حسين بن منصور کي معاف ڪري ڇڏيو وڃي- ڪيس درگذر ڪرڻ جي درخواست. هو صرف ديوانو هو دعاگو ۽ عالم رباني هو. سندس درجو تمام وڏو هو- هو جيڪڏهن ڪيفيتن سبحان اناالحق چوندو هو ته انهيءَ ۾ هن جو ڪوبه ڏوهه نه هو. اها سندس دعائن جي برڪت هئي، جو جعفر (مقتدر) خلافت جي تخت تي جلووي افروز هو ۽ فرانس جون سفارتون به هن جون منتظر هيون- جيڪڏهن حسين بن منصور کي معاف ڪري ڇڏيو وڃي ته اُمِ جعفر مطمئن ۽ خوش ٿيندي ۽ سندس ڏگهي ڄمار ۽ بادشاهتن جي قائميت لاءِ دعائون ڪندي-

جڏهن کان هو خليفو بڻيو هو ماءُ جي سحر کان آزاد نه ٿيو هو. هوءَ جيڪي چاهيندي هئي اُهوئي ٿيندو هو ايسيتائن جو امير ۽ وزير ۽ هن جا هم وطن تُرڪي، خود مونس هن جي خلاف ٿي ويو ۽ روز هُن جي خلاف ڪونه ڪو هڪ نئون فتنو ڪا نڪا نئين شڪايت اٿاريندا ۽ خليفي کي ڀڙائيندا هئا. تان جو ڀڙائيندو ۽ مقتدر ماءُ کي جهلي ڇڏيو هو ته سلطنت ۽ سياست ۾ دخل نه ڏيندي ڪري ۽ جيئن هارون رشيد جي زال زبيده فقط عقل فهم ۽ فراست سان ماڻهن جا دل ڪٺيا هئا هوءَ به تيئن ڪري!-

پنهنجن هٿن منجهان عباسي سلطنت کي نڪرندي ڏسي. شغب پاڻ ئي ڪناره ڪشي اختيار ڪري ڇڏي هئي. هوءَ ڪڏهن ڪنهن شيءَ جي طالبُ نه ٿي ۽ ڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ دخل اندازي نه ڪندي هئي، پر درباري امير ۽ وزير هر معاملو جيڪو هو پنهنجي طور تي ڪندا ۽ اهو ئي سمجهندا ته اُمِ جعفر سبڀان ٿيو آهي- ڪين بس شغب جي ذات کان خفگي چڙهي ويندي هئي- هو اهو به نه چاهيندا هئا ته مقتدر ڪنهن به طرح خودمختيار ٿي وڃي- هو ڪيس محل جي ديوارن جي ٻاهر جي دنيا کان اڻڄاڻ رکڻ گهرندا هئا ڇڻ خواب جي دنيا جو شهزادو هجي- حامد، مونس، ابن فرات ۽ نصر درباري سندس چوڌاري لڪير وانگر قائم هئا. جنهن جي اندر ڇا آهي ڪوبه ڄاڻي نه سگهندو هو- هر حاڪم هڪ مضبوط ۽ حَسين قلعي اندر رهندو هو، ٻاهر جي ڳالهين کان بيخبر- هڪ نهايت ئي معزز قيديءَ وانگر-

شغب جو خط پڙهي هو سوچيندو رهيو. ضرور ڪائي اهم ڳالهه آهي نه ته سمورن جاسوسن ۽ خاٻرن هوندي، هوءَ ڪڏهن به سفارش نه ڪندي، نه حڪم ڏيندي، نه ئي عاجزيءَ منجهان ڪانئس هڪ زندگيءَ جي خيرات گهرندي-

نه چاهڻ باوجود هن جي دل چيو ته هو اُمِ جعفر جي ڳالهه مڃي ڇڏي ۽ قاضي ابو عمر ۽ ٻين جي صحيحن جي ڊگهي فهرست رکڻ وارا اُهي فتويٰ جا ٽڪرا اُڏائي ڇڏي. سمورين

خامين باوجود هن کي پنهنجي ماءُ ڏاڍي عزيز هئي- هو سندس حڪم عدولي ڪرڻ جي مجال نہ رکندو هو، اختلاف جيتوڻيڪ هئا پر هن جو خيال هو تہ اهو موت ٽاري سگهبو هو-

حامد بن عباس ڪاغذن تي خليفي جون صحيحون ڪرائي وٺڻ بعد بہ بيٺو رهيو.

"امير المؤمنين! رومي سفارت جي آرام جو مناسب خيال رکيو پيو وڃي. محل سينگاريا ويا آهن." ۽ هن هڪ نقشو ڪڍي سامهون رکي ڇڏيو. انهي رستي جا تفصيل جنهن منجهان هو داخل ٿيندا ۽ اُهي سمورا محل جن منجهان هو گذرندا."

مقتدر جي ملول منهن تي روشنيءَ جي هڪ لهر جيان اُڀري.

حامد پوءِ بہ بيٺو رهيو. خليفي جا دوست. امير وزير ۽ ٻيا ڪنڌ جهڪائي منتظر هئا. هٿ ۾ جهليل هڪ ٿَهي منجهان هُن هڪ ڪاغذ ڪڍيو:

"امير المؤمنين! هن تي بہ پنهنجي مهر ثبت ڪرڻ فرمايو!"

مقتدر سندس منهن ڏانهن ڏٺو جنهن مان ڪوبہ راز نہ کُلندو هو- ڪوه جي گهرائي جيئن اُهي اندر ڏانهن کُتل اکيون- هو اهڙو انسان هو جنهن جي ظاهر ۽ باطن ۾ وڏو فرق هو. جيڪو ادنيٰ غلامن جهڙي ڪيفيت رکڻ باوجود پنهنجي اداري کي نهايت جانفشانيءَ سان هلائيندو هو- جيڪو بيمار هجي تہ بہ ڪاتبن کي طلب ڪري ڪم جي تفصيل طلب ڪندو هو- ها، مقتدر هن کان خوش هو، گهڻو خوش نہ جيئن هو نصر درباري کان هو، مونس سان- مونس تہ هونئن بہ رعب ۽ دٻدٻي سان پنهنجي تُرڪ هجڻ جو فائدو ڪڻندو هو!

مقتدر مَسُ جيٰ لئہ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. حامد پنهنجي ڊگهي ڪوٽ جي ڪيسي منجهان مَسُ ڪيڙي حاضر ڪئي ان کي ڪولي ٻنهي هٿن ۾ جهلي ۽ ادب سان پيش ڪئي. هو اُن وقت ڪيڏو بي وس لڳي رهيو هو! خليفي کي مٿس ڪاوڙ آئي تہ هو ايڏي عاجزي ڇو ڪري رهيو هو- ڇو؟-

ڪيس بيجا عاجز ماڻهو پسند نہ هئا. هو انسانن کي بي وس ۽ مجبور ڏسڻ نہ گهرندو هو ۽ انهيءَ ڪري هن جي عهد ۾ بغداد جون رونقون پنهنجي عروج تي هيون- هو شخصي آزاديءَ جو گهڻو قائل هو ۽ ماڻهن جا خيال جيڪڏهن بغاوتن تي مبني نہ هجن تہ ڪيس پسند هئا. هو منفرد سوچ ۽ منفرد عمل کي ڏاڍي قدر جي نگاهہ سان ڏسندو هو. ماڻهوءَ ۾ جيڪو هڪ ازلي شان آهي ۽ آدم جي پيشانيءَ ۾ جيڪو نور آهي جنهن لاءِ هو ملڪن ۽ فلڪن جي سجدي گاهہ قرار ڏنو ويو، ڪيس اُهو شان پسند هو- ڪجهہ بي فڪري، ٿوري لاپرواهي ۽ بي نيازي جيڪا انسان ۾ ربوبيت جو شان پيدا ڪري ڇڏي، جيڪا ڪيس سموريءَ ڪائنات جي نظر جو مرڪز، ازلي مقصد جو پيارو بنائي ڇڏي- جڏهن ماڻهو هُن جي سامهون خوشامد منجهان جهڪندا هئا تہ هو جَڪُ ڪائيندو هو، ڇو تہ هو امير المؤمنين هو ۽

ماڻهو هُن جي سامهون زمين کي چُمي هُن سان ڳالهه ڪندا هئا- اهو زماني جو دستور هو ۽ ڪيڏو نه بُرو دستور هو-

جڏهن اُن فتويٰ تي خليفي جي مُهر لڳي چڪي ته حامد سڏو ڪرڻ تي پنهنجي چوڌاري ڏٺو، نصر دربان پردن در پردن پويان ڪان ظاهر ٿي رهيو هو ۽ مونس ان سان گڏ هو.

امير المؤمنين انهن ٻنهي سان سلطنت جي معاملن تي گفتگو ڪئي. حامد اجازت گهري هو پوئين پير بارگاهه مان ٻاهر آيو ۽ ٻاهر هڪ گهگهه اونداهه ۽ انڌوڪار بغداد کي پنهنجي گهيري ۾ وٺڻ شروع ڪيو. آسمان جا پريل ڪڪر طوفانن، وڄ جي چمڪاٽن ۽ گوڙ ۽ ويران اُداسيءَ کي ڪنيو وڏندا رهيا- وڄ، واچ ۽ مينهن، بغداد کي دشمن فوج وانگر پنهنجي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو-

مقدر ڇا هئا، تقدير جا نويسا ڇا هئا؟

۽ هيءَ گهوڙ ۽ گهمسانُ جيئن ڏور ڪٿي زمين جي پاتارن ۾ موت جو دنگل هجي-

کهڙي اهڙي شاندار زندگي هئي جنهن جي استقبال لاءِ موت بيقراريءَ منجهان پنهنجي چوپڙ وڇائي سراپا انتظار بنيو بيٺو هو- ۽ خواب آور سرود افشان راڳي پنهنجن الميائي نغمن سان فنا- فنا- فنا- جو ترانو ٻڌائي رهيو هو.

(3)

جنيد آرسين جو دڪان بند ڪري ڇڏيو هو، شبليءَ پڇيو:

”آخر اوهان يڪدم پنهنجي ابائي ڪاروبار کي ڇو ڇڏيو آهي.“

”انهي ڪاروبار ۾ اهائي خرابي آهي ته جِلا ڏيڻ ۾ ٿورو به هٽ جنبش ڪري ته آرسي ڏنڌلجي ۽ پوءِ ڪاراٽجي ويندي آهي. منهنجي ڪاروبار جي شهرت جنهن خوبيءَ سببان هئي هاڻ ان کي قائم رکڻ، آرسي سازيءَ ئي معيار تي ٺاهڻ ڏکيو ٿي رهيو آهي!“ هو چپ ٿي ويو، شبليءَ ڪنڌ لوڏيو ڄڻ گهڻو ڪجهه سمجهي رهيو هجي- پوءِ دڪان جي پوئين حصي ڏانهن ويو ۽ هڪ هڪ آئيني کي جيڪو زمانن کان اُتي جمع هئا ڏسندو رهيو، سمورا آئينا انڌا هئا ڪنهن ۾ ڪيس ڪائي به صورت نظر نه آئي- هر طرف ڪاراڻ هئي، انڌارو هو. زندگيءَ جي لهر نه هئي ۽ سرد تهخاني مان هڪ صدا برابر ٻُرندي ٿي آئي ۽ سمورا آئينا ان هڪ صدا کي جهلي ۽ ٻڌي رهيا هئا. پر هو جانچي نه ٿي سگهيا ته اها جهونگار ڪٿان ڪان اچي رهي آهي؟! تمام هوريان هوريان شبلي ان خام مال کي جيڪو آئينن کي ٺاهڻ ۾ استعمال ٿيندو هو، ضايع ڪرڻ لڳو. هن رنگ ۽ سفيديءَ کي ڳاڙهاڻ ۾ اڏنگيءَ ريت ملائڻ شروع ڪيو. پوءِ هُن ان کي سڄي فرش تي هاري ڇڏيو ۽ پوءِ ان تي پاڻ هلڻ لڳو ۽ ڪرندي ڪرندي اٿڻ ۽ اُٿي اُٿي ڪرندو رهيو ۽ پوءِ هُن هُل ڪيو ته هو پاڻ آئينو بنجي ويو

آهي- هو ڳاڙهاڻ ڪي پنهنجين ٻانهن، هٿن ۽ منهن تي مَلي رهيو هو. جيئن ڪو تلاءُ ۾ ٽٻيون لڳائڻ وارو اُپري ۽ ٻڏي ۽ پاڻيءَ جي سطح تي نهڻ وارا ٻوڙيا ڪڍهن هُن تي چغلخوري ڪن، ڪڏهن پاڻ منجهي ڪيس لڪائي ڇڏين!

جنيد ڏاڪڻين جي مُنڍ تي روشنيءَ ۾ بيٺو هو. هن جهڪي روشنيءَ ۾ ڏٺو ته شبلي آئينو ٻٽيل هو. هن نهايت افسوس مان ڪنڌ ڌوڻيو ۽ چوڻ لڳو:

"آئيني جي مقدر ۾ ٽٽڻ هوندو آهي!"

ته خاني مان ڪنهن سڏي چيو: "هر ذرو هڪ الڳ آئينو بڻجي ويندو آهي هڪ طرح سان اها آئيني جي ڪاميابي آهي."

شبلي نچندي آئينن ڪي هڪٻئي تي هٽڻ لڳو. اُن شڪست جي صدا زمين جي پاتارن مان ايندڙ نغمتي تي پڙجي ويئي- آئينن جو ڍير وڌندو ويو، جيڪو چمڪندڙ ڪِرڻن، اجالن، روشنين ۽ آفتابن ڪي منعرڪس ڪرڻ لڳو. اُهو شيشه گرن جو دڪان ڪائنات بڻجي ويئي- ڪائنات جيڪا سرخيءَ ۽ سفيديءَ پريل دنيائن،ل آفتابن ۽ ماهتابن سان ڪَنان تار پرجي ويئي.

جنيد پنهنجي ڪتب خاني ۾ ويٺو هو، اڄ قلم رڪجي رڪجي هلي رهيو هوس. خيال يڪجا نه ٿي رهيس ۽ شبلي ڳاڙهاڻ ۾ ٻڏل هٿن ڪي مُنهن تي ملي رهيو هو. ها، هو سُرخرو ٿي رهيو هو ڇڻ هو سموري ڪاروبار حيات ڪي ختم ڪري چُڪو هجي-

پوءِ هو رستن، گهٽين ۽ پاڙن ۾ ڊوڙڻ لڳو. رولو ڇوڪرا سندس پويان هئا. هُن زندان ڏانهن ڊوڙڻ شروع ڪيو ۽ ٻارن جون ٽوليون سندن پويان ڊوڙڻ لڳيون. هوڪنهن وڏي ديوانخاني جي آڏ ۾ لڪي ٿي ويٺو ۽ اچڻ وارن جو انبوهه سندس پويان ڊوڙي زور سان اڳتي نڪري ٿي ويو. سَرهي هوا ۽ گُلن جي سُڳنڌ ۾ اها لِڪ لڪوٽي جاري هئي. شبلي ڏاڍي مزي ۾ هو- ڪيس سدائين ڊوڙڻ ۽ لڪڻ، ماڻهن جي انبوهه ڪان بچڻ ۽ ان ڪي پنهنجي پويان لڳائڻ ۾ مزو ايندو هو-

زندان جي لوهي سيخن سان لڳي، شبلي اندر ليئو پاتو.

حسين ڏاڍو خوش هو. هُن رنگيل منهن ڪي ويجهو ڏٺو ته ڪليو ۽ پوءِ دير تائين کِلندو رهيو!

"اها سرخي ماڻهوءَ ڪي آئينو ته بنائي ڇڏيندي آهي، آئيني ساز ناهي بنائيندي!" هن چيو.

"نيڪ آهي. اصل نه سهي، عڪس سهي!" شبليءَ هٿ ڪي ٻيهر منهن تي مليو.

"ڇا وضو ڪري رهيا آهيو شبلي؟" حسين پڇيو.

"نه." پوءِ پنهنجي پاڻ ڏانهن ڏسي چيائين: "آئون دريا ۾ ٻڏل آهيان. منهنجو وضو ئي وضو آهي!"

"اِهو به سچ آهي - ها اهو به سچ آهي دريا ۾ پيل ڪي وضوءَ جي ضرورت ناهي پر مون

ڪي تہ هُن هٿ پير ٻڌي ٻار ۾ ٻوڙي وڌو ۽ وري هوشيار رهڻ ۽ پاند نہ پُسائڻ جو تاڪيد بہ ڪيو!" حسين نهايت اطمينان سان چيو.

"وضو جي ضرورت تہ پوءِ بہ رهي!" شبلي سرخروئيءَ سان ٻاهر بيٺو رهيو ۽ سندس پويان انبوهہ نعرا لڳائي رهيو هو:

"ديوانو! ديوانو!"

"وضو هجي تہ نماز بہ ادا ٿئي!"

"بيشڪ - وضو ڪبو تہ نماز بہ ادا ٿيندي!" حسين چيو "اهو واعدو آهي."

"جنيد هاڻ ديني مفتي ٿي ويو آهي - هوءَ آئيني گهر ڪي بند ڪري ويهي رهيو آهي!" شبليءَ چيو.

"ڪيس اهو ئي ڪرڻو هو- مقدر اهو ئي هو- مشيعت ڪان بچي ڪير ڪيڏانهن وڃي سگهندو آهي." حسين ڪليو، "پر حيات جي ڪاروبار ڪي ويڙهي رکي تہ نٿو سگهجي- دروازا بند ڪرڻ سان ڪير بچي تہ نٿو سگهي. جيڪو جنهن گواهيءَ لاءِ سڏيو ويندو آهي ان ڪي گواهہ رهڻو ئي هوندو آهي!"

"ياشيخ - سڀاڻي صبح سج ٽٽڻ وارو آهي!" شبليءَ سيخن ڪي ڇڏي ڏنو ۽ سڏڪا ڏيئي روئڻ لڳو.

"هر ذرو آفتاب هوندو، ترار جي ڌار هاڻ ترار ڪان ٻاهر آهي-" حسين وري نماز جي جاءِ تي وڃي ويٺو ۽ زندان جي جهڪيءَ اونداهي ڪوٺيءَ ۾ سندس بي پناهہ اکيون جَرڪڻ لڳيون-

حامد بن عباس چيو:

"قاضي ابو عمر! آئون اوهان جو نهايت شڪر گذار آهيان. جيڪڏهن اوهين "واجب القتل" نہ چؤ ها تہ آئون ڪجهہ نٿي ڪري سگهيس!" هُن تازيءَ جو جام هڪ ئي ڍڪ ۾ خالي ڪري، صُراحيءَ جي ويجهو رکي ڇڏيو.

قاضي ابو عمر جو منهن لٿل هو ۽ بي سُڪون بہ!

"حامد - خدا ڪان ڊڄ ۽ هُن ڪي وڃڻ ڏي- تو ڄاڻي ورتو تہ تنهنجي طاقت بي پناهہ آهي- تون هڪ انسان جي زندگيءَ ۽ موت تي ذري گهٽ قادر آهين، پر اِهو ناحق خون ٿيندو!"

حامد ڪليو ۽ دير تائين ڪلندو رهيو.

"ناحق خون نہ - هيءَ هڪ زندگيءَ جي بدلي زندگي آهي! اها منهنجي بي خواب، بيچين ۽ نامراد زندگيءَ جي جواب ۾ زندگي آهي- قاضي ابو عمر! ڪڏهن اوهان اذيت ۽ محبت ڪي يڪجا محسوس ڪيو آهي."

"جيڪڏهن محبت، محبت آهي تہ اذيت ڪٿان ٿي؟ تنهنجا مفروضا غلط آهن- آئون

توکان هُن جي زندگيءَ جي خيرات گھرڻ آيو آهيان! منهنجي زبان منجهان اهو لفظ غلطيءَ مان نڪري ويو هو - منهنجو مطلب صرف ڪاوڙ مان گهٽ وڌ ڳالهائڻ هو- پنهنجي ڪاوڙ تي قابو نہ پائڻ، ائين ئي پنهنجي وڏائي آزمائڻ، پنهنجي منصف جي عهدي جو لطف وٺڻ. مون ڪي حسين بن منصور جي منهن جو اعتماد ڏوڏي ڇڏيندو آهي! ہيا داعي ۽ ڪوڙا نبي، مهديءَ جي دعويٰ ڪرڻ وارا ماڻهو، آلِ علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ لاءِ ماڻهو، اهلِ بيت جي محبت ۾ گرفتار ماڻهو سڀ روبرو ايندا آهن تہ گهبرائجي ويندا آهن، پر هي زنداني ہين کان مختلف آهي!" هُو ساه کڻڻ لاءِ رڪيو.

حامد خوش ٿيندي چيو: "تہ هن جو انجام بہ ہين کان مختلف هوندو. دار تي لٽڪائڻ کان پهرين اسين ڪيس ذبح ڪنداسين- مون کي سندس اکين جا ڳوڙها ۽ اذيت منجهان پيلو پوندڙ مُنهن بي پناهہ خوشي ڏيندا. قاضي ابو عمر! زندگيءَ ۾ هڪ پيرو خوش ٿيڻ جو تہ مون کي بہ حق آهي- آهي نہ!"

قاضي ابو عمر ويٺي هڪدم اُٿي بيٺو: "نہ هرگز نہ! خدارا هرگز نہ!"

حامد چيو: "هي ڏسو." هن ڪاغذ ڪيڏي سامهون رکي ڇڏيو. سنگسار ڪرڻ، ذبح ڪرڻ، ان کان پهرين هڪ هزار ڪوڙا هنيا وڃڻ ۽ آخر ۾ دار تي لٽڪايو وڃڻ جا حڪم آهن- اوهين خليفي جي مُهر تہ سڃاڻو ٿا نہ؟" هن ڪاغذن کي سندس اکين آڏو لهرايو.

"هڪ ئي ماڻهوءَ لاءِ ايترين گهڻيون سزائون!" قاضي ابو عمر ڏکي چيو.

"ها، ڍُڪ ڍُڪ شراب وانگر موت هڪ هڪ وک ڏانهس وڌندو تہ ڪيڏو اذيت ناڪ هوندو!" حامد ڪليو ۽ هن صراحيءَ مان تازي پيماني ۾ اوتيءَ چاڪاڻ تہ رات جيٰ اُن ساعت ۾ هو ہئي اڪيلا هئا ۽ دجلہ جي طرف کلڻ وارين وڏين درين کان ٻاهر پوري دنيا هئي، جيڪا اُن اذيتناڪ لمحي تي گواهہ ۽ عيني شاهد ٿيڻ واري هئي-

"تون انهيءَ موت منجهان ايتري قدر ۽ اهڙيءَ طرح لذت محسوس ڪري رهيو آهين جڻ تو سڄي عمر انهيءَ جو انتظار ڪيو هجي!" قاضي ابو عمر ڏاڍو بي مزي ٿي رهيو هو.

"ائين ئي سمجهي ڇڏيو." حامد اُٿي وسيع نشستگاهہ ۾ هلڻ شروع ڪيو.

"پر ڇو؟ آخر ڇو؟ تون زندگيءَ ۾ نهايت بامراد، ڪامياب، بااختيار ماڻهو آهين ۽ هو هڪ ڪنگال فقير!"

"هن جي ڪنگالي منهنجين ڪيترين ئي ڪامياب زندگين تي حاوي آهي. منهنجو بااختيار هئڻ ڪڏهن هن جو مسئلو ناهي رهيو، انهيءَ ڪري جو هُن جيڪو اختيار مون تي حاصل ڪيو جيتوڻيڪ محض اتفاق هوندو پر منهنجي زندگيءَ کي پيچي ہور پور ڪري ويو- منهنجي زندگي نامراد ۽ ناڪام رهي ۽ هو بانصيب ۽ بامُراد رهيو!" حامد هاڻ تيز تيز ڳالهائي رهيو هو.

"آئون هُن سان مليو آهيان. مون کي نہ ڄاڻ يا دنيا جي چاهنا پنهي منجهان هڪ خواهش بہ هن ۾ نظر نہ آئي. هُو تہ موت جو طلبگار ۽ ان سان محبت ڪرڻ وارو آهي. هو تہ آزاد ماڻهو آهي. آزاد، اوهين سمجهو ٿا نہ!" پوءِ ڪجهہ دير ماٺ رهي قاضي ابو عمر چيو:

"هُن جو هڪ قدم عقبيٰ تي آهي تہ ٻيو دنيا تي، حامد! هن کي ڪنهن ڳالهہ جي پرواهہ ناهي، انهيءَ ڪري آئون سمجهان ٿو تہ تون هن جي موت کي ويجهو آڻي سندس خواهش پوري ڪندين ۽ سندس ناحق خون جو بار تنهنجي ڳچيءَ ۾ هوندو." هو چپ ٿي ويو.

"اوهين پاڻ 'واجب القتل' چيو هو ۽ هاڻ اوهان پنهنجا لفظ واپس نٿا وٺي سگهو- هن جي زندگي نٿا موٽائي سگهو- هرگز نہ، بخدا مرگز نہ!" حامد تمام هوريان هوريان چپن ئي چپن ۾ ڳالهائي رهيو هو- سندس منهن پيلو هو ۽ هن جون اکيون ۽ مٿو ڪاراڻ هاريل لڳي رهيو هو، جڻ سندس اندر ڪٿي انڌ راتري پاسا مٽائي رهي هجي ۽ موت جي تراني جي جهونگار هُن جي رت ۾ هجي-

قاضي ابو عمر سحر زده ٿيو ڏانهس ڏسندو رهيو!

"سياڻي جو سج ڪيس دار تي ڏسندو ۽ اوهين گواهہ طور اُتي موجود هوندؤ جيئن هر ڪم اهڙيءَ طرح انجام تائين پهچي جيئن مون چاهيو آهي. ها، آئون چاهيان ٿو تہ سندس هڏين ۾ ايترا سوراخ ٿين، جهڙيءَ طرح بانسريءَ ۾ هوندا آهن، سندس گوشت تَندُ تَندُ ڪري ڪپيو وڃي ۽ هُن کي ايڏي بي پناهہ اذيت ٿئي، جو سندس آواز دشت سماوي تائين پهچي. قبرن ۾ سمهڻ وارا جاڳي اٿن ۽ ماتم ڪن ۽ سندن ماتمي آواز اوپر ڪان اولهہ تائين هر جڳهہ ٻڌڻ ۾ اچن. ڪڏهن وساري نہ سگهيا وڃن. دنيا سندس ڪربناڪ رڙين سان گونجندي رهي. گونجندي ئي رهي. ڪوبہ زمانو ڪوبہ وقت ڪڏهن ان اذيت کي وساري نہ سگهي. ٽيپو ٽيپو سندس رت جنهن جڳهہ تي ڪري اُتي ئي ڄمي وڃي. سندس ساهہ لمحي لمحي اُکڙي ۽ هوائون ڪيس دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائين ۽ هو هڪ هميشگيءَ سان هم آغوش رڙ بنجي، جيئرو رهي. ها، قاضي ابو عمر! اهو اوهان جو نبي ۽ مهدي ۽ پارسا! اهو اغول جو روح الله!"

"خدا جو قسم تون پنهنجن حَواسن ۾ ناهين وزير سلطنت! آئون بغداد جو قاضي القضاة هرگز انهيءَ حڪم جي تعميل نہ ڪندس. چو تہ دار تي لٽڪايو وڃڻ جو مطلب اهي سموريون اذيتون هرگز ناهن- اِهو ان حڪم ۾، انهيءَ فتويٰ ۾ بعد ۾ لکيو ويو آهي، واڌارو آهي!"

"تہ انهيءَ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي، قاضي ابو عمر! دار تہ پاڻ هڪ اذيت آهي. هڪدم مرڻ جي جڳهہ- هو هوريان هوريان مِتجندو، عذاب کان ڇوٽڪاري لاءِ دعا ڪندو تہ رحمت خداوندي جوش ۾ ايندي- اهو اوهان جو مرد صالح، عالم رباني، اناالحق چوڻ وارو ديوانو!"

”مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته تون اجا تائين سندس موت جو انهيءَ شدت سان طلبگار ڇو رهيو آهين؟“

”اهو راز اوهان تي ڪڏهن نه کُلي سگهندو!“ حامد هٿ گوڏن تي رکي ويهندي چيو.

”ڇگو هاڻ اجازت طلب ڪندس.“ قاضي ابو عمر يڪدم اُٿندي چيو.

حامد جي اُساتيل پيلي منهن تي اطمينان هو. هن ڪنڌ جي اشاري سان اجازت ڏئي ڇڏي. پوءِ پردن پويان پردا دروازن پٺيان دروازا ڪلندا ويا ۽ ٻاهر نڪري قاضي ابو عمر چيو: ”۽ مون کي هتان کان ڀڄي وڃڻ گهرجي. هن محل ۾ زندگي ناهي موت مڪين آهي- منصف اعليٰ جو عهدو جيڪو حامد جو احسان آهي آئون ڪيس موٽائي ڏيندس- زندگيءَ تي موت جو اهو اختيار مون کي هرگز پسند ناهي. زندگيءَ تي موت جي بادشاهت- ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ تي ايڏو اختيار!“

سندس وڃڻ بعد حامد دريءَ منجهان ليٽو پائي ٻاهر لهندڙ رات کي ڏٺو، جيڪا اُجالن مان اونداهيءَ جي چادر پکڙيندي، پرواز ۾ محو هئي ۽ اڪيلا تارا هيسيل ٻارن وانگيان پولارن مان ڪٿان ڪٿان جهاتيون پائي رهيا هئا- هوا ٽڪل ٽڪل ۽ پريشان هئي ۽ ڪنڊن ۽ جهڳٽن ۾ ويهي دل جو غبار ڪڍڻ لاءِ روئڻ گهرندي هئي ۽ زمين جي پاتارن منجهان ڏور ڪٿان تراني جهڙو آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو - جهونگار!- جڻ عنصر ڪنهن نئينءَ ترتيب ۾ مصروف هجن ۽ ڪنهن دلفريب محل جي تعمير تي رهي هجي. استقبال جي تيارين باعث دجله جا ڪنارا روغن ۽ روشنين سان سينگاريا ويا هئا ۽ پاڻيءَ ۾ وهندڙ آسمان عڪس تي لڳو، جيڪو ڪڪرن اُڏايو هجي ۽ ڦرين وانگر لهرايو ويو هجي، سينگاريو ۽ هيٺ لاٿو ويو هجي-

بغداد جي هي عام معمولي رات هئي-
ڇا اها ٻين راتين جهڙي رات هئي؟

(4)

”اهو عزازيل هو منهنجا پياءُ، جو بارگاهه خداونديءَ مان ڌڪاريل هو
هو پنهنجي ازلي پاڪيزگيءَ کان ڌڪاريو ويو
هو پنهنجي آغاز کان پنهنجي انجام ڏانهن موٽايو نه ويو
ڇو ته هو پنهنجي انجام کان آزاد نه ٿيو
هن تي سندس آغاز کان لعنت ڪئي وئي
۽ هو اُج جي شدت ۾ اُن جاءِ تڙپايو ويو جتي هر پاسي ڍنڍون شفاف ۽ پاڻيءَ سان ڪنان تار هيون
هو عذاب ۾ رڙندو رهيو ڇو ته ٻاهه ڪيس ساڙيو
سندس خوف محض بهانو هو

هو پنهنجي غرور ۾ انڌو هو
۽ انهيءَ ڪري هو جتي آهي اُتي آهي.“

حسين کي ان زندان ۾ پنهنجي انجام جو انتظار هو جو هُن هڪ وڏي پاڇي کي لوهي سيخن تي پکڙجندي محسوس ڪيو جيئن سج جي سامهون ڪڪر اچي وڃي، پوءِ اُهو ازلي قديم پر گُهٽيل گُهٽيل آواز آيو:

”تون اناالحق چوين ٿو ۽ تنهنجو انجام دار هوندو!“

”ڇا تون پنهنجي انجام کان باخبر نه هئين؟“ حسين پڇيو.

”عرش واسين ۾ فقط آئون ئي باخبر هئس ۽ آئون ئي بارگاهه مان ڌڪاريل قرار ڏنو ويس- تون به ذات جي غرور مان اناالحق چوندو هئين ۽ تون شهيد قرار ڏنو ويندين. هي ڪٿي جو انصاف آهي؟“

پاڇو سُسي ويو ايستائين جو هڪ ڏارڪي به ڏکي نه ٿي سگهيو.

”تون به شهيدِ ازل آهين پر تو پنهنجو پاڻ کي هر حڪم کان بالاتر سمجهي ڇڏيو هو. منهنجي محبت ۾ نياز هو ۽ تنهنجي محبت ۾ ناز- ۽ هو جيڪو ڪنهن لفظ سان ڪنهن پاڪيزگيءَ جي بيان ڪئي وڃڻ جو محتاج ناهي اُهو نه نياز چاهيندو آهي نه ناز- ڪيس جيڪي وڻي وڃي- ڇا تون پنهنجو پاڻ کي اُن وچ منجهان ڪڍي نه سگهندو هئين-“

”نه حسين ابن منصور! اها مشيت هئي- جيڪڏهن هو چاهي ها ته سڀ ممڪن هو- هُن مون کي پنهنجي بادشاهت مان ڪڍي ڇڏيو ته ڇا آهي- مون کان وڌيڪ سندس چاهڻ وارو ڪير آهي-“ هُن جي آواز جي طنز کي حسين محسوس ڪيو ۽ چيو:

”نه - مون کي چاهت جي دعويٰ ناهي. مون کي ته ڪابه دعويٰ ئي ناهي. ها، تنهنجي ۽ منهنجي شوق ۾ فرق آهي. منهنجو شوق گاهه جي سڪل پن جي تمنا آهي. تڙپندڙ، لرزندڙ ۽ بس!“

هو افسوسزده ڪوبه جواب ڏيڻ سواءِ اُتي بيٺو رهيو. روشنيءَ ۽ اونداهه جي وصال تي هڪ ذري وانگي جنهن جي ڪُل ڪائنات پنهنجو پاڻ ئي هئي. هُن جي بدصورتيءَ ۾ ازلي حسن جهڙي جهلڪ هئي- مدم گمان، جهڪيل، ٿڪل، آواره دل آواره جان، پرواز جي مقام جي گهايل يادن کي پاڻ سان نيندي-“

”هو حق لاءِ ’اناالحق‘ کي دار تي سينگاريندا- بغداد جي جسر اعليٰ تي تنهنجو لاش جهولندو رهندو.“ هُن هڪ ٻيو وار ڪيو.

”نه، تون انا جي ڪري ڌڪاريو ويو هئين. آئون نه ڪٿي ناهيان. سڀ طرف هو ئي هو آهي - جانانَ جو جلوو- پاڻ جانان- هي ظاهر جي اک آهي جيڪا ڏسي ٿي- هي ظاهر جا ڪن جيڪي ٻُڌن ٿا- هيءَ شريعت آهي جنهن کان انڪار ڪرڻ واري کي دار تي ڇڪيو ويندو آهي ۽ ڏاڍو خوب ڇڪيو ويندو آهي- ڇا تون شوق جي منزل ۾ ناهين؟“

”مون کي انهيءَ کان اڳتي وڃڻ جي اجازت ناهي.“ هُن ائين ئي چيو.

”پاڻ سان گڏ نه. انا سان گڏ نه. انا کان سواءِ، تون نه رازدار آهين.“ حسين کي گهٽيءَ ۾ قدمن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

”الوداع! هاڻ پاڻ ڪڏهن ملي نه سگهنداسين.“

”الوداع!“ حسين لوهي شيخن جي پار ڏٺو. هو نهايت افسرده ۽ اُجهاڻل واپس وڃي رهيو هو.

در کُليا- سلاخون کليون- آخرڪار آزاديءَ جو وقت اچي ويو هو!

خلقت جو انبوهه هو ۽ جلاد ڪوڙو ڪنيو بيٺو هو. حسين جي پٺي جيڪا محض هڏائين هئي اُگهاڙي ڪئي وئي. آه ۽ زاريءَ جون صدائون برابر اچي رهيون هيون. سندس پوٽيون، سندس پٽ، سندس دوست ۽ نه ڄاڻ ڪير ڪير روئي رهيا ها- ديواني کي ڪفر جو ڪلمو چوڻ جي سزا ڏني وڃي رهي هئي-

حبشيءَ چمڙي جو لباس پهري رکيو هو ۽ اندوڪار جي گوڙ ۾ جيڪو طوفان جي صورت اختيار ڪندو پئي ويو نهايت استقلال سان بيٺو هو ۽ ڏاڍو خوفناڪ نظر پئي آيو. هي شاهي جلاد هو جنهن کي صرف بغاوت ڪرڻ وارن کي سزا ڏيڻ جي لئه مقرر ڪيو ويو هو. وقت جي حڪومت ۽ وقت جي خليفي خلاف بغاوت جي جرم ۾ جيڪي جهليا وڃن انهن تي هو مجسم قهر بڻجي ڪرندو هو- هُن جون اکيون پيدائشي ڳاڙهيون هيون. رت هاڻيون لڳنديون هيون- هو ظالم هو ۽ هر وقت شراب جي نشي ۾ ڌُت رهندو هو. هو پاڻيءَ جي جاءِ تي ارغواني شراب پيئندو هو ڇاڪاڻ ته سندس وات ۾ رت جو ذائقو ڄمي ويو هو جيئن اُن جي تلخي ڪجهه گهٽ ٿئي. نِرڙيءَ کان وٺي معدي تائين هڪ خراب ذائقو ڄمي ويو هوس انڪري هو گهڙيءَ گهڙيءَ انهيءَ ڪري ٿُوڪاريندو هو- هڪ ڪرِيناڪ آواز جيڪو ڪيس نهايت خوفناڪ بنائي ڇڏيندو هو-

سياوش جا پِرون سندس چنيرن کي ڍڪيو ويٺا هئا ۽ ٻه ماٺهو ڪيس ڪُلهن تي ڪنيو بيٺا هئا. ڪيس ڏيکائي نه ڏيندو هو پر ڪوڙن جا آواز ڇڻ ڪنهن پيت تي ٺڪائي هنيا وڃي رهيا هجن، ڪيس برابر ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا- پوءِ هن فرياد ڪئي ۽ چيو:

”آه، پوٽا! اسلام تو کي اهو ڏنو- ڪيڏو بُرو انجام آهي-“

حسين اُن گوڙ گهمسان ۾ نه ڄاڻ ڪيئن سندس آواز ٻڌي ورتو، جو ڪليو ۽ زور سان چيائين:

”ڏاڏا! تون متان ڏکوئجين. مون عظيم تر صلو ماڻيو آهي! آئون ڏاڍي مزي ۾ آهيان.“

ڪوڙي وسڻ جو آواز ڇڻ نانگ جي ڦوڪار هجي ۽ حبشيءَ جا سهڪندڙ ساه ڇڻ ساز هو جو وڄائجي رهيو هجي- خبر ناهي ديوانو رڙيون ڇو نه ڪري رهيو هو- آه و زاري ڇو نٿو ڪري- ڪوڙي کي اچا لهراءِ!- شديد اچا ٻه شديد!!- پنهنجي پوري قوت لڳاءِ!!!- حبشيءَ

جي اندر ۾ عجيب آنڌ مانڌ متل هئي- سندس دل تيز ڌڙڪي رهي هئي ۽ انڌڪار جو گوڙ وڌي رهيو هو. انبوهه وڌندو وڃي رهيو هو. تماشو ڏسڻ وارا حيران هئا جو ديوانو خاموش هو- ڇا ضربن هُن جي اندر جي هُل هلاچي کي زخمي ڪري ڇڏيو هو؟

"اناالحق تو چوين!" حبشيءَ پنهنجن ڪنن ۾ پيپل والن کي پَتي اڇلائي ڇڏيو. متي تي پاتل چمڙيءَ جي ٽوپي لاهي ڇڏي. سندس گهنڊيدار ڪارا وار لهرايا ۽ متس ديوانگي سوار ٿي وئي- ضربن جي شدت ڪيس پنهنجي جسم تي محسوس ٿي رهي هئي. پر زخمن منجهان رِسندڙ رت جي باوجود هو آه چو نٿو ڪري- ها، آئون انهيءَ شدت کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيندس- آهُن جو نغمو ٻڌڻ ۾ چو نٿو اچي!- ائين محسوس پئي ٿيو ڄڻ ڪوڙن سان گڏ هو پاڻ به اُن ضعيف جسم سان ٽڪرائجي رهيو هو ۽ هانءُ ڏاري وجهندڙ آهُن سان گڏ هو پاڻ ڪان بيگانو ٿي ڪوڙا لهرائي رهيو هو- ان نغمگيءَ کي جيڪا هوا جي ڪينري تي ڪوڙي جي مضراب سان وڄائي وڃي رهي هئي، هو ٻڌي رهيو هو. اچا تيز!- اچا تيز!!- هن جو بدن هڪ دائري وانگر هو جنهن جي اندر هو قيد هو ۽ جنهن مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪيس حُسين جي آواز جو سهارو گهربو هو جيڪو ڪيس نه ملي رهيو هو-

حسن جون ڏيئرون بي هوش ٿي ويون. روح راڙي جا آواز انڌڪار سان ملي سموري بغداد تي، اُن جي پاڙن تي، اُن جي گهٽين ۽ بازارين ۾، شاهراهن تي گُهميا- انهن سير ڪندڙن کي هراسائي ڇڏيو، سراءِ ۾ قيام پذير سوداگرن کي پريشان ڪيو- دشت سُوس جي ڳاڙهسري، پيلي ۽ ڪاري واري، فوج وانگر، پنهنجن ذرڙن سان گڏ بغداد جي حسين شهر تي حملي آوار ٿي- حسين بن منصور کي ڪيهه پڄڻ جو گيت تُستر جي هوا ٻڌايو - 'از پئي جانان جان هم رفت...!'

مقتدر پنهنجي ايوانن سان ڀرپور محل ۾ رومي سفارت کي بازيابيءَ جو شرف بخشي رهيو هو جڏهن سندس ڪنن هڪ آواز ٻڌو- اوچين ڀتين ۽ فاصلي جي ڏوريءَ باوجود خبر ناهي ڪيئن نه ڀتين، پردن ۽ بارگاهن منجهان گذري جتي هوا جو گذر به نٿي ٿيو اها صدا هُن تائين پهتي هئي- شغب پنهنجي محل ۾ ماتمي حال ۾ پنهنجي بي وسيءَ تي بيقرار ۽ ڇاتي ڪُٽي رهي هئي-

حامد هن کان بدلو وٺي ڇڏيو هو پر هو ايترو طاقتور ڪڏهن کان ٿي ويو هو؟

ماڻهو ڪيئن نه ماڻهو جو مالڪ ٿي ويندو هو- ان جي زندگي ڦري وٺڻ تي قادر!- آخر ڇو- آخر ڇو؟

ٻانهيون ۽ خادمائون روئي رهيون هيون، ڪوڙن جي نغمگي ڄڻ ڪين رُئاڙي رهي هجي- حسين بن منصور ديوانو هو ته سهي، پر ڪهڙو ديوانو هو جو ڪوڙن جي باوجود ڪلندو

هو ۽ جڏهن هُل هُلاچي منجهان سندس اندر آرامي ٿي ٿيو ته ”اناالحق“ ٿي چيائين-

نصر درٻان جي منهن جو رنگ اُڏاميل هو. خليفي محسوس ڪيو ته چڻ هُو غير حاضر ۽ ڍرڪيل هو- هو هڪ نرم سياءَ، رحمدل، دوست نواز حاڪم هو انهيءَ ڪري نصر جي طبيعت جي خرابيءَ ڪي محسوس ڪندي هن ڪيس وڃڻ جي اجازت ڏني-

مقتدر جي ڇوڏاري دنياوي دولت ۽ پنهنجي بزرگ مامونَ وانگر دوستن جو مجموعو هو- رومي سفير درٻار جي شان ۽ شوڪت ڪان ذري گهٽ بيهوش ٿي ويا هئا. هن شهرِ جي خوبيءَ و محبوبيءَ کي ڏسي، ان جي رونقن ۽ نظارن مان لُطف اندوز ٿي هُنن هيبت ۽ رعب کي محسوس ڪيو هو، پر هي سينگاريا ويل محل جيڪي محض گذرگاهه هئا ڇا ته حسين هئا!

عباسي خليفن جا داستان جيڪي انهن تائين پهتا هئا! هيءَ هڪ دنيا ئي ٻي هئي جنهن ڪان يورپ اڻڄاڻ هو-

ها، آه زاريءَ جي صدا ڪٿان ڪان اچي رهي هئي؟ هُنن گهرائيجي پردن ڏانهن ڏٺو جيڪي خليفي جي تخت ڪان پري ٽڱيل هئا. انهن پردن ڪان پري ڪجهه هو-

اِهي سمورا آواز هوائون پنهنجي جهول ۾ سهيڙي آٽي رهيون هيون. لهريلن لبادن کي سهيڙي وري اوڏانهن جو رُخ ٿي ڪيائون جيئن هوا ڪنهن جبل جي راهه ۾ حائل ٿيڻ سان پاڻ ان ڏانهن وڌڻ لڳي-

پُل ڏانهن انبوهه وڌي رهيو هو. چڻ دجله ڪان وڏو هڪ دريا هو جيڪو لهرون ڪڍندو، سهيڙيندو، پڪڙجندو ۽ وڌندو ٿي رهيو- ميڙ ۾ گهڻا ماڻهو اناالحق چوندي گوڙ ڪري رهيا هئا. هڪٻئي کي ٿيلهي رهيا هئا. چيپاڻجي رهيا هئا. ڪرندا ۽ اُٿندا ٿي رهيا-

بغداد جي شاهراهن تي رونق وڌي وئي هئي. چاڪاڻ ته ديوانو سخت جان هو. ڪوڙن جي ضربن جي شدت به ڪيس آه ڪرڻ تي مجبور نه ڪري سگهي هئي. هو جيئرو هو ۽ ”اناالحق“ چئي رهيو هو. پوءِ ماڻهن محسوس ڪيو ته ڪوڙي جي هر ضرب ”اناالحق“ چئي رهي هئي، ۽ هوا، فضا سڀ ان ڪفر جي ڪلمي سان معمور ٿيڻ لڳا هئا- پاڻ حبشي آه ڪرڻ بجاءِ ”اناالحق“ چئي رهيو هو- چوڏسا ڏورانهن علائقن جي اوسي پاسي جي واهڻن مان سِرائن ۾ ترسيل مسافر پڻ اهو تماشو ڏسڻ لاءِ ڊوڙندا ٿي آيا. جڏهن ڪوڙو فضا ۾ لهرايو ٿي ته ”اناالحق“ جو پڙلاءُ هوا چيريندي ٻڌڻ ۾ آيو ٿي.

حامد بن عباس کي خبر ڪئي وئي.

ماڻهو هوريان هوريان چئي رهيا هئا: ”اِهو معجزو ناهي ته چوڏسا 'اناالحق' ٻُري رهيو آهي!“

ڪنهن چيو ٿي، ”ڪيئن اهو ڪفر جو ڪلمو جاري ۽ ساري ٿي ويو آهي؟ اهو شيطان

جو ڪم آهي- هن ديواني کي ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي!“ ڪجهه ماڻهو ائين ئي پٿر هڻڻ لڳا پوءِ ٻيا به ساڻن ملي ويا ۽ پٿرن جو وسڪارو تيز ٿي ويو- پوءِ بغداد جي رولو ڇوڪرن پُل جي هِتان هُتان پري ۽ ويجهي ڪان پٿر ميڙي سيڙي ڍير ڪرڻ شروع ڪيا. هو هڪ هو ۽ اُهي مست لشڪر جيان سندس چوڌاري هئا- هُو جبل جيان اڏول هو ۽ عوام پاڻيءَ جي تيز وهڪري جيان ساڻس ٽڪرائي موٽي ٿي ويو. سنگباري پڻ هڪ ساز جي آواز جيان پنهنجو سُر مٽائڻ لڳي- پوءِ هرهڪ پٿر جيڪو ديواني کي ڇُهندو ٿي ويو ”اناالحق“ ٿي چوڻ لڳو!-

قاضي بهلول ۽ حامد پڻ اهو نظارو ڪيو. شبلي ۽ ابن عطار پڻ ان انبوهه ۾ بيٺل هئا: ”ڇا اها سنگبازي ڪفر خلاف ناهي جو اوهين ان ۾ حصو نٿا وٺو؟“ قاضي ننڍو پٿر شبليءَ جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو. ”ياشيخ اهو ڪفر جي خلاف آهي. ”اناالحق“ جو ڪلمو ۽ ان جو چوڻ وارو سمورن فقهن جي فتوائن موجب واجب القتل قرار ڏنو ويو آهي- اوهين به ديواني تي پٿر اُڇليو.“ شبليءَ گل ڪنيو، ان کي پنهنجي هٿ ۾ توريندي، ڏاڍيءَ آهستگيءَ سان ٻانهن کي لهرايو ۽ حسين بن منصور حلاج ڏانهن اُن جي اُڏام کي ڏسڻ لڳو، سمورن پٿرن ۽ پهڻن جي ڍڳ ۾ اها واحد ضرب هئي، جنهن جي ڇيڪار کيس نهايت بيقرار ڪيو- گهايل نگاهون ۽ نيڻ جن مان رت ٿي وهيو شبليءَ تي اٽڪي بيهي رهيون- پوءِ اها رڙ ائين ٻُري جو زمان ۽ مڪان کيس ٻڌو ۽ ماٺار ۾ اچي ويا-

ڏسندي ئي شام رات ٿي وئي ۽ چوڌسان اونداهي پکڙجي وئي. ماڻهو ديواني ۽ پٿرن جي ڍڳ کي ڇڏي گهرن ڏانهن موٽيا. زخمن سان چُور چُور محافظن جي گهيري ۾ هو سخت جان ديوانو- اها ”اناالحق“ جي صدا ٻڌندو رهيو جيڪا سندس جسم جي هر پور مان ۽ هر اُن شيءِ منجهان جيڪا سندس چوڌاري ايري رهي هئي- اهو مستانو نعرو ”اناالحق!“

”جيڪا شيءِ مون کي ڇُهي ٿي سا هُن کي به ڇُهي ٿي!“

اها ڪاري رات هُن دار هيٺيان نفل ادا ڪرڻ ۾ گذاري.

حسن پنهنجن ڏيئرن ۽ پٽن کي وٺي بيضا ڏانهن موٽي ويو ڇاڪاڻ ته هن لاءِ ڪابه جاءِ اَمان واري نه هئي- ڪائي پناهگاه نه هئي- حسن ايڏيءَ پريءَ دنيا ۾ جنهن ۾ هو نهايت ڪامياب هو پنهنجو پاڻ کي نهايت بي آسري ۽ اڪيلو محسوس ڪيو هو- جن درٻارن ۾ هُو سمجهندو هو ته سندس عزت آهي اُهي سڀ اندازا غلط ثابت ٿي ويا هئا ۽ هُن حڪومت لئه پنهنجي اندر ۾ شديد نفرت محسوس ڪئي- هڪ ديواني ڇا ٿي ڪيو جيڪڏهن هُو ”اناالحق“ چوندو هو- هُو سندس پيءُ هو ۽ کيس بچائڻ لاءِ هُن جون سموريون ڪوششون ناڪام ٿي ويون هيون- ڪنهن ڪابه سفارش نه ٻڌي، ڪا شنوائي نه ٿي- دولت ۽ دٻدٻو ڪهڙي ڪم آيو هو ۽ جڏهن اُهي وقت تي ڪم نٿي اچي سگهيا ته پوءِ آخر اُهي ڪهڙي ڪم جا هئا-

جڏهن هر شيءِ فنا جي ذات ۾ هئي ته پوءِ هستيءَ ۽ نيستيءَ ۾ ڪهڙو فرق هو-

ماڻهو بيڪار تمنائون، خواهشون ۽ اُميدون کڻي رلندو وتندو آهي ۽ آخرڪار ماريو ويندو آهي!

نظاميه مدرسي جا سمورا عالمِ دين پنهنجي کَلَ بچائڻ جي فڪر ۾ وزير سلطنت جي زور ڪان مرعوب ٿي ويا هئا ۽ انهن انهيءَ فتويٰ تي مُهرون ثبت ڪري ڇڏيون هيون جن جي نه هجڻ سان حسين بن منصور حلاج شايد بچي سگهي ها-

ڪيس خبر هئي ته اهو جسم دار تي لٽڪندو رهندو ته جيئڻ عبرت جو باعث ٿئي ۽ حسن اهو اندر ڏاري وجهندڙ نظارو ڪيئن تي ڏسي سگهيو!

سياوش انهن ئي ہن ماڻهن جي ڪلهن تي ويٺي ساه ڏنو هو، ڇاڪاڻ ته محميءَ جو دوست حسين تي ظلم ۽ ستم ۽ موت ۾ سندس برداشت سبيان ٽٽي پيو هو- هن جو مقدس روح باه ۾ واپس ملي ويو هو، جنهن جو هو حصو هو- ابو يعقوب اقطع پنهنجا ڪَن ٻُتي ڇڏيا هئا، پلا ان قتلام ۽ هُل هنگامي ۽ هجوم ۾ سندن ڪهڙو ڪم هو- عمرو بن عثمان مڪيءَ چيو تي: "افسوس منهنجو پاراتو پورو ٿيو، ڪاش مون اُهي لفظ نه چيا هجن ها پر گنج نامي تي خبر حاصل ڪرڻ جو انجام بنا رازِ شاهگان جي اَمين ٿئي، اهوئي تي سگهندو هو جيڪو ٿي ويو- ائين ئي ٿيڻ مقدر هو!"

فاطمه نيشاپوريءَ دار هيٺان عبادت ۾ محو حسين کان پڇيو:

"ياشيخ! تصوف ڇا آهي؟"

حسين جو آواز ڏاڍيءَ ڏکيائيءَ سان هُن تائين پهچي سگهيو. هن ڪَن ڏئي ٻڌو- چپ چُرپر ڪري رهيا هئا ۽ چئي رهيا هئا:

"جيڪي اڄ ڏِٺوَ ۽ جيڪو سڀاڻي ڏِسندؤ!"

"اوهين ماڻهن جي حق ۾ پاراتو ڇو نٽا ڏيو؟"

پر جواب، فاطمه نيشاپوريءَ تائين پهچي نه سگهيو، ڇو ته عنصر گڏجي 'اناالحق' چئي رهيا هئا ۽ ڪائنات ۾ اهوئي هڪ آواز ٻُري رهيو هو - "اناالحق، اناالحق!"

ٻيو ڏينهن اُپريو ئي ڪونه ڇاڪاڻ ته بغداد کي اندارو وڪوڙي ويو هو- هڪ اونداهه انڌڪار جنهن ۾ اولهه ۽ اوپر جي ماترين ۽ ڪوهسارن جو پاڻي ۽ وسيع بحر جون هوائون گڏ هيون- هوائون مسلسل هلي رهيون هيون ۽ ذرا ذرا ڌُوڙ ائين هئي ڄڻ آسمان پور پور ٿي ڪري رهيو هجي. صبح ۾ نه پکين جون لاتيون هيون ۽ نه ئي گُلن جي سڳنڌ- اهڙيءَ ماٺار ۽ اُداسي هئي جو دجله پنهنجن ڪنارن ۾ ڏنڊلي آئيني وانگر هو- ۽ هر پاسي رت جي بو پکڙيل هئي - گرم، تازي، جاندار ۽ نهايت جوشيلي رت جي بوءِ جنهن سان گڏ سڙڻ جي بانس به هئي ڄڻ ڪيس باهه تي پچايو وڃي رهيو هجي-

اها ذبح ڪئي وڃڻ جي مهل هئي. ”اناالحق“ جي صدا چڻ نوبت وانگر ڪنهن سڪرات ۾ ورتل مريض جي آخري ساهه سان گڏ ٻُڏڻ ۾ اچي رهي هئي-

حامد چيو: ”عمار! جيڪڏهن ڪوڙا کائڻ ۽ پٿر کائڻ کان پوءِ به هُو جيئرو رهيو آهي ته ذبح ڪئي وڃڻ تي به شايد سندس ساهه نه وڃي. تنهنجو ڪهڙو خيال آهي-“

عمار چيو: ”ياسيدي! هُو سڪرات منجهان ته ڪڏهوڪو گذري چڪو. صرف سندس ”انا“ جيئري آهي ۽ اها حق کي سڏي ٿي!“

”واه!“ حامد چيو ”واه! انا جيئري آهي ۽ هُو مئل آهي! ڪهڙين ڳجهارتن ۾ تو ڳالهيون ڪرين؟“

”آقا سيدي! نه ته ايتري تڪليف ڪٽڻ بعد ڪو به ذي روح جيئرو رهي سگهي ٿو!“ عمار چيو.

”آئون سندس انا کي قتل ڪري ڇڏيندس ته جيئن هو حق کي سڏي نه سگهي-“ هُن منيون پڪوڙي، ڏند ڪرٽي، چيو: ”تون ڏسجان ته جڏهن انا ناهي رهندي ته ڪجهه به ناهي رهندو. ڪجهه نه رهندو، ۽ هيءَ صدا جيڪا درين دروازن مان، آسمانن ۽ پَستين منجهان، سُونهن ۽ اَسونهن مان اچي رهي آهي، ختم ٿي ويندي!“

حبشيءَ سندس پير وڍيا، ڇُري مُڏي هئي ۽ تند تند ٿي نهايت آهستگيءَ سان ڪپجي رهي هئي-

حسين جو منهن پيلو هو. هو پنهنجين اُنهن بيپناهه اکين سان جيڪي هاڻ خشڪ هيون جو آه زاريءَ کان وٺي هيستائينءَ جي انجام تائين پنهنجي منزل کي سامهون ڏسي رهيون هيون-

”منهنجي همت جا پير وڍي سگهو ته مڃانوَ!“ حسين مرڪي چيو، ”جن راهن تان منهنجو گذر ٿيندو اوهان کي انهن راهن جي ڏورڇ جو به اندازو ناهي- ها، وڍيو ۽ آهستگيءَ سان ته جيئن نسُ نسُ ڪپجي؟“ هن آقارازي کي سامهون ڏٺو ته چيو:

”آقارازي! منهن ڇو لٿل اٿئي! ڇا توکي دشت سوس جي خوشبو چوڌسان پکڙيل محسوس نٿي ٿئي؟ اج دشت نازان آهي ۽ ذرڙا رقص ۾ آهن- اج ته ڪارگر ۽ بامُراد ڏينهن آهي- تڙپندڙ عشق اج پنهنجي منزل کي رَسندو- آقارازي! ٻُڌ، هوا واڏاين جي گيتن سان ائين ڀريل آهي جيئن آوازن سان ساز!“

آقارازيءَ، آه زاري ڪئي ۽ رِيهون ڪري روئڻ لڳو. ڳوڙها سندس اڇيءَ سونهاريءَ تان سفر جي ڏورڇ ڏوئندا رهيا هئا. هو هٽ مَهتي رهيو هو-

”آه! منصور جو پٽ ڪهڙو نه ديوانو ٿي ويو هو! آه- آه- ۽ آه-“

ڪپيل پيرن مان "اناالحق" جو آواز تي آيو- ماڻهو پؤ منجهان پڇي رهيا هئا.

حامد جو پيغام آيو: "جيڪڏهن هو اجا بہ جيئرو آهي تہ سندس ٻانهيون ڪپي ڇڏيو!"

حبشيءَ چيو: "هاڻ آئون سَنڌ سَنڌ هڏ هڏ وڍيندس!" هو بہ جوش ۾ آيل هو ۽ ڪن سمورن آوازن جي طرفن ڪان ٻوتي ڇڏيا هئائين-

هن ڪپيل هٿن مان رت وهندي ڏسي ڪاراين کي پنهنجي منهن تي مليو.

آقارازيءَ چيو: "خدارا آئون ديوانو ٿي پوندس. هي ڇا ڪري رهيو آهين؟!"

"وضو ڪري رهيو آهيان تہ جيئن نماز عشق ادا ڪري سگهان. آقارازي! ڇا عشق زندگيءَ جي پوڪي ناهي؟"

"حسين! ڇا تون ايترو ديوانو آهين، جو توکي زندگيءَ کان گذري وڃڻ جو بہ خيال ناهي!" رازيءَ چيو.

"ڇو نہ. ڇو نہ. هيءَ زندگي ئي تہ هئي جيڪا راه ۾ حائل هئي- هاڻ آئون آزاد آهيان. آئون ۽ هو ائين ملي ويا آهيون جيئن شراب پاڻيءَ ۾ ملي ويندو آهي-"

"حسين - حسين!" فاطمه نيشاپوريءَ دل جهلي چيو: "هي ڇا آهي؟"

"اهو تصوف آهي- رضا تي راضي- خوش- تيار- اُن کي حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ جي ديوانگي!"

"توکي تڪليف محسوس نٿي ٿئي؟!" آقارازيءَ پڇيو.

"نہ، بخدا نہ. مون کي تڪليف ڇو ٿئي، هو منهنجو دوست آهي، مان هن جو دوست آهيان- اسان ۾ صرف لاهوت ۽ ناسوت جوْ فرق آهي- هاڻ هو بہ ناهي رهيو- "اناالحق" هن ايڏي زور سان نعرو هنيو هو جو آسمانن، زمينن، دجلہ جي لهرن ۽ هوائن گڏجي چيو: "اناالحق! اناالحق!!" ۽ پوءِ اها صدا بغداد ۾ چؤطرف ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي-

"هاڻ وقت ۽ سوال برابر آهن- جيئن خواجہ حسن بصريءَ حطيم ۾ چيو هو-" سمنون محب جي دل چيو:

"بيشڪ، بيشڪ! ٻئي برابر آهن! سوال بہ ۽ وقت بہ!- خواجہ حسن بصريءَ جيڪي ڪجهہ فرمايو هو اُهو پورو ٿيو!- آئون سڄي ڄمار منتظر رهان ها ۽ منهنجي سوال کي برابر وقت نہ ملي ها تہ ڀلا پورو ٿي سگهي ها؟ ها، اي منهنجا دوست! هاڻ سڀ برابر آهي ۽ منهنجو سوال پورو ٿيو- مون توکي توکان گهريو هو ۽ ڇا تہ سگهارو سوال هو- آئون بارگاهن کان ٻاهر منتظر رهيس ۽ منهنجي نگاهہ نہ ڀٽڪي. منهنجي نگاهہ جي انتها تون هئين - "اناالحق!-"

جنيد چيو: "هن کي پنهنجو پاڻ تي اختيار نہ هو، جو سندس اختيار ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ هو-"

قاضي ابو عمر چيو: "اي منهنجا خدا! آئون ان جو ذميوار ناهيان. انهي ناحق خون جو بار حامد جي ڪلهن تي آهي-"

"هي شعبدي باز جادوگر ڪٿي موت کي به نه شڪست ڏئي ڇڏي!" حامد زخمي جانور جيان پنهنجي باغيچي ۾ رنبي رهيو هو. "اناالحق" جي صدائن ۾ گهيريل- غلام ڪيس پل پل جون خبرون پهچائي رهيا هئا. جڏهن حسين رت سان وضو ڪيو ته حامد چيو:

"بيمثال عاشق آهي! ڇا وقت جذبي جي شدت کي گهٽ ناهي ڪري سگهندو؟"

قاضي ابوالحسين ڏڪندي چيو: "ڪٿي اسان کان غلطي ته ناهي ٿي- ائين به ممڪن آهي ته هو خدا سان تعلق ۾ گهڻو آڳاهون نڪري ويو هجي-"

حامد ڏاڍيءَ تلخيءَ مان ڪليو: "خدا جو عشق! هتي انهي جو ڪهڙو ذڪر آهي؟"

قاضيءَ پڇندي چيو: "اوهين محسوس نٿا ڪريو وزير سلطنت، ته ڪوبه فاني جذبو ايڏو شديد ناهي ٿيندو، جو محب ۽ محبوب هڪ ٿي وڃن!" پوءِ ٿوري دير ماٺ رهي هن چيو: "اوهين اها اناالحق جي صدا ٻڌي رهيا آهيو؟"

"شعبدبيازي! جادوگري!- سندس ختم ٿيندي ئي اهو سڀ ختم ٿي ويندو!" هن تاڙي وڄائي.

حبشيءَ چانئٺ تي قدم رکيو.

"عمار کي سڏيو، جلدي!"

"عمار! اِهو شورِ قيامت ائين بيهندو، جو هاڻ سندس سِسي لاهي ڇڏيو!" هو تيزيءَ سان اُن باغيچي ڏانهن وڌڻ لڳو جتي ڦوارن جي هڪ ڊگهي قطار هئي ۽ وسڪاري رستي کي آلو ٿي ڪيو- وڻن جي ڇانورن ۾ هي عجيب سماءُ هو- پر هاڻ حامد کي لڳو ڦوارن مان پاڻيءَ سان گڏ رت وَسي رهيو هو- پيچرو رت هاڻو ٿي رهيو آهي- پاڇا سوس ڪائي ويا هئا ۽ هر صدا آه پڪار جي صدا هئي!-

هو موٽيو ۽ هُن قاضي ابوالحسين کي چيو: "هاڻ سمورا انساني ۽ آفاقي جذبا منجي ويندا!"

قاضيءَ مٿي کي ڪابي ساڄي ڏوڏيو، ڇڻ افسوسزده هجي، پر هُن ڪوبه جواب نه ڏنو.

"آخر هي سڀ ڇا آهي؟" حامد ويجهو اچي پڇيو.

"ڇا؟" قاضيءَ پڇيو.

"اهي صدائون ۽ آهَ پڪارَ- آخر ڇو؟ ڇا عنصر ايڏا بيقرار ٿي ويندا آهن- ڇا هر ذرو هڪ اک بنجي ويندو آهي جو ان هڪ نظاري لاءِ ڪُلي-"

"شايد." ابوالحسين ڇپن ۾ پٽڪيو.

"اوهين 'شايد' ڇو ٿا چئو؟ ڇا اوهان کي ڏيکائي نٿو ڏئي ته هرهڪ ڪُنڊ حسين جي قتل جي تصوير بڻيل آهي- ڏسو هاڻ هو سندس سِسي لاهي رهيا آهن. خدا جو قسم! انهيءَ کان بهتر نظارو مون زندگيءَ ۾ ناهي ڏٺو-"

هن هڪ مستانگيءَ سان ڀرپور نعرو لڳايو ۽ رقص ڪرڻ لڳو.

قاضي ابوالحسين نهايت هيڊو ۽ وياڪل مُنهن آسمان طرف مٿي ڪيو ۽ دشت سُوس جي فضا ۾ مليل هيڊي، ڪاري ۽ ڳاڙهي واري، مينهن ڪڻين وانگر ڦُڙ ڦُڙ ٿي سندس ڪاپي ساڄي ڪرڻ لڳي. ڇڻ اُن نظارگيءَ سان سندس تعلق ختم ٿي ويو هجي ۽ هاڻ هتي بغداد جي اوسي پاسي ۾ اُن کي وڌيڪ رهڻ جي اجازت نه هجي- ڇڻ فوج محاصرو ڪٽي ورتو هجي ۽ ممنوع شهر مان واپس موٽي رهي هجي- هڪ قرباني ڪافي هجي- معبد ناهيد جي باهه جي سامهون هڪ ڪُتلُ ئي سيني جو ڪفارو هجي- فضا "اناالحق" جي صدائن سان ائين ڀريل هئي ڇڻ هر ذري کي دار تي چڪيو ويو هجي ۽ ان جي نڙيءَ منجهان "اناالحق" جو آواز گهٽيل گهٽيل اچي رهيو هجي- اهو هڪ لفظ جنگ جي طبل وانگي، نوبت وانگي، نقاري وانگي وڄايو وڄي رهيو هجي- اعلان ٿي رهيو هجي ته هر طرف هُو ئي آهي، هُو ئي آهي! "اناالحق! اناالحق!!"

جهانُ ان ناحق خون ۾ ٻڏل هو. سنگباريءَ جا پٿر ۽ حبشيءَ جي مُڏي ترار ۽ حسين جي جسم جو هر پُور "اناالحق" چئي رهيو هو- آه زاري ڪندڙ ماڻهن جو انبوهه وڌي رهيو هو- هو جيڪي ٿوري دير اڳ شوق سان ان ازل جي شهيد جي قتل جو نظارو شوق سان ڪري رهيا هئا، هاڻ ڇاتيون ڪُٽي رهيا هئا!- بغداد جون گهٽيون ۽ بازار هڪ عجيب اُداسيءَ سان ڀرجي ويا هئا- سمورا ڪاروبار بند ٿي ويا هئا. فضا ڳري ۽ هوا دم گُهٽڻ واري هئي-

"ڪير آهي، هن بي گناهه قتل جو اصل محرڪ ڪير آهي؟" ماڻهن هڪٻئي کان پڇيو.

ماڻهو گهرن مان نڪري پُلَ ڏانهن ڊوڙي رهيا هئا، دجله جا ٻئي ڪنارا خلق جي انبوه سان بيتاب لڳي رهيا هئا. پوڙها ڪنڌ لوڏي چوندا ٿي رهيا:

"هن ناحق خون سببان هاڻ بغداد مٿان آفت نازل ٿيندي!"

هراسيل عورتون ٻنان پردي پنهنجن ٻارن کي ڇاتين سان لڳائي نڪري آيون.

"ڇا قيامت قائم ٿي وئي هئي!-"

"ان ناحق خون جي ذميوار کي دار تي چڪيو." هر طرف کان آواز آيا.

عمار نهايت بدحواسيءَ منجهان بنا اجازت طلب ڪئي اندر گهڙي آيو:

"مولائي سيدي! هو حسين بن منصور جي قاتل جي ڳولا ۾ ڦري رهيا آهن. لڳي ٿو ڇامت قائم ٿي وئي آهي. ماڻهو فساد تي آماده آهن!"

حامد رڙ ڪري چيو: "وڃ ۽ سندس خاڪي جسم کي ساڙي ڇڏيو- سندس خاڪ اُڏائي سندس انا کي مون قتل ڪري ڇڏيو آهي- هاڻ هوءَ حق کي ڪيئن سڏيندي؟" پوءِ ڪرڻ لڳو.

سوچيو، وزير سلطنت حامد بن عباس ديوانو ٿي ويو هو-

پوءِ هو ڊوڙيو ۽ هُن خلقت جي هجوم کي چيري رستو ناهيو. پُل جي هڪ حصي جا تختا پيچي ڪانيون گڏ ڪيون ۽ سندس ڪپيل عضون ۽ ڪنڌ ڏڙ کان ڌار ڪيل، اُن ذبح ڪيل لاشي کي، انهن ڪُنل هٿن ۽ پيرن کي- ان ڍير تي رکي باه لڳائي ڇڏي. انبوهه برابر نعرا لڳائي رهيو هو ۽ واويلا ڪري رهيو هو- ۽ هوا ۾ شعلا ۽ چڻنگون ۽ ذرا اناالحق اُچاري رهيا هئا! مٿس ايتريون گهڙيون اکيون نگران هيون ۽ محميءَ جو پوٽو حسين پاڻ آتشڪدو بنجي ويو هو ته جيئن اُن آڳ کي روشن رکي جيڪا ڪيس رت جي امانتن جي طور تي ملي هئي- هُو هڪ شعلي ۾ تبديل ٿي رهيو هو، جو هو پاڻ شعلو هو- ”اناالحق“ چئي رهيو هو جو هو حق هو- ”اناالحق - اناالحق - اناالحق-“

(5)

ڪربلا ۾ فرات جي ڪناري قتل حسين کان پوءِ-

بغداد ۾ دجله جي ڪناري قتل حسين کان پوءِ-

آقارازي قافلي سان گڏ دشت سُوس ڏانهن وڃي رهيو هو- خراساني سراءِ کان ٻاهر اُهوئي شور و هُل هو جيڪو الوداع چوڻ وارن جي ڪوڙهن، دعائن ۽ موڪلائڻ وارن جي جلد موٽي اچڻ جي مناجاتن سان ترتيب ماٽيندو هو. اُٺن تي بار ڍوئجي رهيو هو. خچرن تي واپار جو سامان، پاڻيءَ جون ڪَليون ۽ هٿيار هئا- اوسي پاسي جي ڳوٺن کان عورتون گيهه مکڻ ۽ تلها سوتي ڪپڙا کڻي گهمي رهيون هيون. سندن منهن نقابن ۾ جَرڪي رهيا هئا ۽ جيئريون جاندار، گهڻو ڪجهه ڏسندڙ، اکيون نظر ايندڙيون هيون ۽ مٿن تارن جو گمان ٿيندو هو. چنڊ ڪنهن مسافر جي اڌ ڇڪيل ڪمان وانگر آسمان جي پٺيءَ تي سينگاريل هو. پاڪڙن ۽ ڪجاون ۾ سفر ڪرڻ وارن جي اچ وڃ، ٻارن جو گوڙ ۽ ڇِهڪار ڪنهن وڏي ميلي جي ياد ٿي ڏياري- ۽ شاهراهن تي ڪيترا ئي ننڍا قافلا مختصر فاصلن لاءِ رَوان هئا. اُٺن جي ڳلي ۾ پيل ٽَلين جي ٽَڻ ٽَڻ هڪ وڏيءَ نغمگيءَ ۾ شريڪ ٿي ساز جهڙيءَ دلنشينيءَ سان وڄي پئي، ۽ اوٺارن جا گيت آبشار وانگر هوا منجهان ڪري رهيا هئا-

دشت سماويه ۾ اغول سنل هئي-

دشت سُوس ۾ انڌڪارن جي بيقرارين هيڊن، ڳاڙهن ۽ ڪارن واريءَ جي ذرڙن کي ڦها اچي ويو هو- ان وقت تائين جيسيتائين شعلو دل ۽ جان تان گذرڻ جو انتظام ۽ جهان مه گذرڻ جو اهتمام نه ڪري- جنهن جي صدا عرش جي ڪُنگرن کي ڇهي نه وڃي ۽ بارگاهن شاهي پردن کان پري تائين پهچي نه وڃي.

آبِ دز جي ڪناري ريشم اُڻڻ وارن جي وستيءَ جي ويجهو هڪ مسجد آهي.

سوچيو، شايد اچ به درويشن جي ڪائي ٽولي خانقاه مان نڪري نماز جي صف

هجي ۽ وري پنهنجن اُوني لبادن کي سهيڙي، ڪلاهَ جَهلي ۽ منجهائن هڪ آڳر ڪڍي چوي:
"عشق گلاب جي پوکي آهي،
عشق زندگيءَ جي پوکي آهي!"
محمّيءَ جي پوٽي ۽ منصور جي پُٽ لاءِ عشق گلابن جي پوکي ڇو نہ بڻيو؟ زندگيءَ جي پوکي نہ هو؟ هُن کي ڇو سموري جهان ۾ فقط ڏنوڻ جوئي گيت ٻڌڻ ۾ آيو:
'از پئي جانان جان هم رفت
جان هم رفت و جان هم رفت'...!
"بيشڪ اهو پنهنجو پنهنجو مقدر آهي، جو عشق ڪٿي زندگيءَ جي پوکي آهي ۽ ڪٿي جان کان گذري وڃڻ جو نالو! "

— * پوروٽيو * —

’دشتِ سُوس‘ حسين بن منصور حلاج تي لکيل هيءُ غِنائيو (سرود) اردو ادب جي حوالي سان جميلا هاشمي جي تخليقي سگهہ جو فني ۽ فکري معراج آهي. نثر ۾ هيءَ نغمگي تخليق جي آسمان جي تارن تائين رسَڻ ۽ ساڻن بَرمُيچي بيهڻ برابر آهي. اعليٰ تخليقڪار جي اِهائي اُها تخليقي نشاني آهي، جا هڪ ڇُهاءَ سان اندر جي هر تار کي ترڀائي تي وجهي. هي غِنائيو ترجمي جي صورت ۾ سنڌي ادب ۾ فکري اظهار ۽ فني حاصلات جو هڪ اُهو واڌارو آهي، جيڪو بجا طور فخر جو باعث ٿي سگهي ٿو ۽ ڪافي اهم ۽ لاڀائتي بحث جو موضوع بڻجي ٿو سگهي.

حسن بن منصور حلاجُ اِن ظاهري سفر ۽ باطني اڏام جون مٽيئي رُجون اُڪرندي (جيئن لطيف بہ چيو - ”لُڇان لاحد ۾، هادي لهان مَ حد...“) حياتيءَ ۾ تہ دنيا جي دل ۾ آباد نہ ٿي سگهيو، پر پنهنجيءَ انوکيءَ قربانيءَ پڄاڻان زمان ۽ مڪان جي ماورا ڪان بہ ماورا ٿي ويو. زماني جي عاقلن ۽ ڪاملن جي جَهلن، اَلَرن، ڏڪارُن ۽ معرفت جي بي ڪنار ۽ بيقرار بحر جي اجهل موجن حسين بن منصور کي اُتي پهچايو جو نيٺ شيخ الوقت جنيد بغدادي (سندس قتلنامي تي صحيح ڪرڻ سان) کان حڪمت ۽ ڪاملتا جو لبادو ڇڏائجي ويو. سنڌ جي انسان دوست ۽ محب وطن شاعر لطيف، سو وڏي واڪ چئي ڏنو - ”هم منصور هزار، ڪُهي ڪُهندا ڪيترا!“ ۽ ائين چئي حسن ۽ عشق جي هن فاني روح کي انساني دنيا لاءِ ازلي بقا جو جامو پهرائي ڇڏيائين.

- محمد ابراهيم جويو